
# سنڌي نثر جي تاريخ

منگھارام ملڪاڻي



روشني

# سنڌي نثر جي تاريخ

(شروعات کان وٺي ورهاڱي تائين، حوالن سميت)

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي

FARIDI BOOK CENTRE
36-Urdu Bazar, Karachi,
Phone: 2628273

روشني پبليڪيشن
حيدرآباد/ ڪنڊيارو
1993ع

Roshni Book No. 77

"سنڌي نثر جي تاريخ"

ليکڪ: منگهارام ملڪاڻي

[حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ]

ٽيون ايڊيشن: © اپريل 1993ع

ڪمپوزنگ: (حسين سومرو، راڻو مينگهواڙ) سنڌ ٽيڪ ڪمپيوٽرز، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ: اسحاقيه آرٽ پريس، ڪراچي.

ڇاپيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ.

قيمت: 80.00 رپيا

ٽائيٽل ڊزائين

عبدالرسول عباسي

SINDHI NASURA JI TAREEKHA

(The History of Sindhi Prose)

By Mangha Ram Malkani

Composed by Sindh Tech Computers, Hyderabad.

Printed by Ishaqia Art Press, Karachi.

Published by Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.

Third Edition © April 1993.

Rs: 80.00

اربيان ٿو

سڪ ۽ شردا سان

سرڳواسي

اُستاد لعلچند امرڏنيمل جڳتياڻيءَ کي

جنهن پنهنجن سڳورن هٿن سان

هن ڪتاب جو بنياد وڌو هو.

م.ا.م

# فهرست


مهاڳ — ديوان ڏيارام وسڻمل — 7
هن ڪتاب جي بنياد بابت — منگهارام ملڪاڻي — 14

## فصل پهريون:

• اوائلي دؤر — 19
سنڌي ٻولي ۽ آئيوينا — 19
اوائلي نثر- سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ — 22
سنڌي نثر جو پهريون ڪتاب — 29
اوائلي نثر - نئين عربي آئيوينا ۾ — 34

## فصل ٻيون:

• ڪهاڻي نويسيءَ جي اؤسر — 37
وندر ۽ سڪيا وارين آکاڻين جو دؤر — 38
تاريخي ۽ سماجي آکاڻين جو دؤر — 46
ديسي آکاڻين جا ترجما - ماهوار رسالن جو دؤر — 51
اصلوڪين سماجڪ ڪهاڻين جو دؤر — 58
جديد حقيقت نگاريءَ وارين ڪهاڻين جو دؤر — 59

## فصل ٽيون:

• ناول نويسيءَ جي اؤسر — 68
اوائلي ترجمو ڪيل ناول — 69
اوائلي خود - ساڃتا ناول — 71
ازغيبي ۽ ڪرامتي قصا — 75
سترين اصلوڪا پنڪتي ۽ تاريخي ناول — 80
مغربي شاهڪارن جا ترجما — 84
هندستاني شاهڪارن جا ترجما — 89
ماهوار رسالن جو دؤر - ترجمو ڪيل ناول — 91
سنڌ ۾ آخرين خود - ساڃتا ناول — 101

## فصل چوٿون:

• نانڪ نويسيءَ جي اؤسر — 108
اوائلي سنڌي نانڪ — 109
پهرين "سنڌ ڪاليج" منڊلي — 110

سنسڪرت تان ترمي نانڪ - تقدير جو فلسفو 111
شيڪسپيئر تان رومانوي نانڪ - سيرت جو فلسفو 115
ٻيون جهونيون نانڪ منڊليون 124
سنسني خيز نانڪن جو دؤر 129
حقيقت نگاريءَ جو دؤر - سماجي ڪشمڪش جو فلسفو 136
لوڪ ڪهاڻي تي ٻڌل نانڪ 157

فصل پنجون:

• نندي نانڪ جي اؤسر 167
خود - ساختا مذاقي نقل 168
ننڍن نانڪن جا مجموعا ۽ ڪتاب 173
حقيقت نگاريءَ وارو دؤر 176

فصل ڇهون:

• مضمون نويسيءَ جي اؤسر 183
ترمي، اخلاقي ۽ پنڪتي مضمونن جا ڪتاب 184
جيون چرتر ۽ وڏيڪ ترمي ڪتاب 194
داخلي مضمون نگاري - ادبي مخزنون 201
داخلي يا شخصي مضمونن جا انتخاب 243
داخلي مضمونن جا مجموعا 253
خارجي يا غير شخصي مضمونن جا ڪتاب 271

فصل ستون:

• تنقيد جي اؤسر 286
تنقيد جا اوائلي ڪتاب 287
باقاعدي تنقيد جا ڪتاب 289
سنڌي تنقيد جي ڪماليت 293
گربخشائيءَ واري رسالي تي مباحثو 297
دائودپوٽي جي شاهه ڪريم جي رسالي تي مباحثو 301
دائود پوٽي جي "ابيات سندي" تي مباحثو 302
مخزنن ۾ تنقيدي مضمون 311
تنقيدي ڪتاب - سنڌي نظم تي 326
تنقيدي ڪتاب - سنڌي نثر تي 341
ادبي تاريخ تي مضمون ۽ ڪتاب 343
تذڪرو (Index) 350

# مهاڳ

تنهن ڏينهن منهنجو جهونو شاگرد ۽ هاڻي محبتي دوست، پروفيسر منگهارام اُڌارام ملڪاڻي مون وٽ لنگهي آيو. ڪيس هٽ ۾ هڪ ٿلهو نوٽبڪ هو. چيائين ته مون هي ڪتاب "سنڌي نثر جي تاريخ" تيار ڪيو آهي، مهرباني ڪري نظر مان ڪڍي مون کي ان جو مهاڳ لکي ڏيو. پنهنجون اوڻايون محسوس ڪري معافي گهريم. چيومانس ته هي نيڪ ڪم ٻئي ڪنهن برڪ سنڌي ساهتڪار جي هٿان ٿيڻ گهرجي. پر هو پنهنجي ارادي تي محڪم رهيو. سندس قربائتي زور پرڻ تي ڪنڌ ڪڍائڻ ڏکيو لڳو ۽ 'ها' ڪرڻي پئي. چيم: "چڱو، حال پريان نال."

ڪتاب تي تبصري ڪرڻ کان اڳ مصنف جي باري ۾ ٻه اکر لکڻ نامناسب نه ٿيندو. منگهارام جو جنم 1896ع ۾ هڪ ياڄگئي، نيڪ رهڻي ڪرڻي واري ۽ سماجڪ سڌاري ڏي مائل خيالن واري ڪٽنب ۾ ٿيو. سندس ڏاڏو ديوان شيوڪرام ۽ پتا ديوان اُڌارام، ٻئي فراخ دل ۽ آزاد ٻيچارن وارا هٿا. ديوان شيوڪرام جون ٻه نياڻيون پهريون سنڌي چوڪرين ٻيون، جن انگريزي ٻولي جو اڀياس ڪيو. وڏي چوڪري ته ويچاري اڪين سڃي هئي. انجي لاءِ ساڏو هيرانند جي صلاح ۽ مدد سان بريل (انڌن جي لفابيٽ) جا ڪتاب گهرائي ان جي سکيا جو بندوبست ڪيو ويو. اهڙي چڱي ماحول ۾ نپجڻ ڪري، منگهارام ۾ ڪچي کان سڌا سنسڪار پيا.

هن حيدرآباد جي سرڪاري هاءِ اسڪول ۽ ڪراچي سنڌ ڪالج ۾ تعليم پرائي. ننڍي هوندي کان هن کي ڪتابن جو شوق پئي رهيو آهي. هو عمدا ۽ دلپسند ڪتاب انگريزي توڙي سنڌي پڙهي پاڻ وٽ ساڻيڊي رکندو آهي. جڏهن آڇا مالڪ هو تڏهن سڃي اسڪول ۾ انگريزي لفظن جا اُچار تمام صحيح نموني ۾ ڪندو هو. شعر کي تحت اللفظ ۾ پڙهڻ ( Recitation) ۾ جهڙس ٻيو ڪونہ هو. قدرت هن کي انوکي ناٽڪي ڪلا جي ذات ۾ بخشي آهي. اسڪولي توڙي ڪاليجي جلسن ۽ ٻين خاص موقعن تي پنهنجو پارٽ ادا ڪندي، ملاڻين ۽ ٻڌندڙن جو عقل چرخ ڪري ڇڏيندو هو ۽ محفل ۾ واهڙا واهڙا ڇاڪاڻ ويندي هئي.

سنڌي ادب جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ هن گهٽو پاڻ پتوڙيو آهي. منهنجي ڄاڻ موجب نندي يا ايڪانڪي ناٽڪ جو سرشتو سنڌيءَ ۾ پهريائين هن جاري ڪيو. اِهي سندس ناٽڪ پنگتي، سماجڪ گهرو موضوعن تي لکيل آهن ۽ ڏاڍا اثرائتا ۽ سکيا دائڪ ثابت ٿيا آهن. سندس لکڻي ۽ عبارت وٽندڙ، سليس، سپڪ ۽ نندي وڏي کي سمجهه ۾ اچڻ جهڙي ٿئي ٿي. ڇا آکاڻي، ڇا مضمون، ڇا ناٽڪ، ڇا سفر جو بيان. ڇا قدرتي نظارو، ڇا تنقيد! تنقيد جي ڏکين موضوعن ۾ هي پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سندس ڪتابي تبصرا، جي اڪثر سنڌي اخبارن ۽ مخزن ۾ پڙهبا آهن، سي هر طرح واکاڻ جوڳا هوندا آهن. نقاد ۾ علميت ۽ قابليت کان سواءِ ٻيا اخلاقي گڻ به هڻڻ گهرجن جهڙوڪ سچائي، بي رياڻي، انصاف پسندي، تعصب ۽ دشمنيءَ جي جذبي کان خاليَ، ۽ قدرشناسي. اهي خاصيتون منجهس پليءَ پت موجود آهن.

هن ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ پروفيسر ملڪاڻيءَ سنڌي نثر جي شروعات گهٽو آڳاٽو ڏيکاري آهي، تنهن هوندي به انگريزن جي راج ۾ ئي سنڌي نثر پورو زور پڪڙيو هو. اهو احوال به هن تاريخ ۾ ڏنو اٿس؛ پر اُن زماني جي ڪن تفصيلن جي مونکي ذاتي سُڌ يا سانير آهي، جي هيٺ ڏيان ٿو.

## يورپي عملدارن جا بنيادي ڪارگر ڪتاب

انگريزي حڪومت جي شروعات ۾، سنڌ جي پهرئين چيف ڪمشنر سر بارٽل فريئر، يورپي عملدارن لاءِ سنڌي هولي سکڻ لازمي ٺهرايو هو، انهيءَ مراد سان ته اُهي ڏيهي هولي جو اڀياس ڪري رعيت سان لهه وچڑ ۾ اچن ۽ پرڳڻي جو انتظام بخوبيءَ هلائين. هن ڪم ۾ ڪيترن صاحبلوڪن گهٽي دلچسپي، ڏيکاري، سنڌي هوليءَ جو ڳوڙهو اڀياس ڪيائون ۽ محنت ڪري هوليءَ جي بنياد بنسبت ڪوجنائون ڪيائون. ڪن ته بلڪل ڪمائتا، عالماڻا ۽ بنيادي ڪتاب جهڙوڪ ويا ڪرڻ، لغتون ۽ عام لوڪن جي واتان هڏل نظم ۽ نثر ۾ قصا ڪهاڻيون قلم بند ڪري، باترتيب ڪتابي صورت ۾ آڻي شايع ڪيا. ان وقت اسان جا سنڌي لوڪ ته گهٽو پڙهيل هئا؛ انهن کي نڪا ايتري علميت هئي نڪو هن علم ۾ چاهه ورتائون. يورپي لوڪن جو ڪم سنڌي هوليءَ ۽ ساهت جي ڪوجنا ڪرڻ ۾ آفرين جوڳو ۽ ذڪر قابل آهي ۽ اُنهن جون خدمتون وساريون نه گهرجن. اُهي بنيادي ڪتاب اڄ تائين موجود آهن.

۽ اُنهن جي آڌار تي ۽ اُنهن جي مواد سان ٽي سنڌي ساهت جي ترقي ۽ واڌارو ٿيو آهي.

اُنهن عالمن مان پهريون هو 'ڪئپٽن جارج اسٽڪ'، حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر، جنهن ٽي ڪتاب لکيا:- "سنڌي وياڪرڻ"(1849ع)، "انگريزي سنڌي ڊڪشنري" (1849ع) ۽ "سنڌي-انگريزي ڊڪشنري" (1855ع)جو پڇاڙيءَ وارو ڪتاب لکڻ ۾ هن صاحب پنهنجي جان قربان ڪئي. ڪيس سرڪاري ڪم ۾ ڳاڻي پگو هو، تہ ۾ فرصت جو جيڪو ۾ وقت هٿ آيس ٽي سو صرف ڪري راتيون جاڳي، پنهنجي پيار ۽ خفت جي ڪم کي لڳي ويو. صحت ٽٽي پيس.موڪل وٺي ڪجهہ وقت ولائت ۾ ويو. موڪل تان موٽڻ تي، سرڪار قياس ڪري ڪيس سٺيءَ آب هوا واري ملڪ ۾، اضافي سان وڏي عهدي جي آڇ ڪئي. پر هن نہ مڃيو. چيائين پهريائين هٽ ۾ ڪنيل ڪم کي پورو ڪندس. نتيجو اهو ٿيو جو ڊسمبر 1853ع ۾ گذاري ويو. اهڙيءَ ادبي خدمت ۽ قرباني جا مثال ٿورا لبندا . اسٽڪ صاحب پنهنجن ٽن ڪتابن ۾ سنڌي هولي لاءِ ديوناگري لپي واپرائي آهي.

پنهنجي وياڪرڻ جي مهاڳ ۾ اسٽڪ صاحب چوي ٿو تہ "مونکي هڪڙو ۾ اهڙو سنڌي ڪونہ گڏيو جنهن کي سنڌي وياڪرڻ جي سڃي ٻوجهہ هجي اُن جي سکڻ لاءِ چاهہ هجي. جن کي سيکارڻ ٽي چاهيم تن ۾ سکڻ لاءِ نفرت ڏيکاري!"

"سنڌي - انگريزي ڊڪشنري" بنسبت هن جو چوڻ آهي تہ "مون کي هن ڪتاب جي تيار ڪرڻ ۾ حيدرآباد جي ٻن برهمڻن، پنڊت سچانند (سچدانند) ۽ پنڊت جينارام چگي مدد ڪئي."

هن جي مرڻ وقت هن ڊڪشنري جا فقط 160 صفحا ڇپجي چڪا هٿا. پوءِ سرڪار انهيءَ ڪم کي پوري ۽ مناسب ريت پورو ڪرڻ جو ڪم اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس (پوءِ سر برو ايلس) تي رکيو، جنهن اُن کي خاطر خواه نموني ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ اُن جو مهاڳ ۾ پاڻ لکيائين.

ٻئي يورپي عالم ڊاڪٽر ٽرمپ جا سنڌي هوليءَ ۽ ساهت لاءِ ڪيل ڪشالا ۽ خدمتون ڪماليت جي درجي جون هيون. هن ۾ ٽي ڪتاب لکيا جن مان ۾ آملهہ آهن جي ايستائين ياد رهندا، جيستائين سنڌي هولي زنده ۽ قائم

هوندي. اُهي آهن:

(1) "سنڌي پاٺاولي" يا Sindhi Reading Book in Sanskrit (Devnagri & Arabic), London, 1858. انهيءَ ڪتاب ۾ سنڌي سبق پنهنجي لپين عربي توڙي ديوناگريءَ ۾ لکيل آهن.

(2) ٻيو ڪتاب جو ٽرمپ صاحب جو لکيل آهي سو هڪ عاليشان تخليق آهي، جنهن لاءِ هن جو نالو سنڌي لوڪن ڪي هميشہ ياد رهندو. اهو آهي ڪتابي صورت ۾ پهريون ڇپيل "شاهہ جو رسالو." هيءَ ڪتاب 1866ع ۾ جرمني جي ليپزگ شهر ۾ ڇپيو، ۽ اردو لپيءَ ۾ نج سنڌي اکرن لاءِ ڪجهہ نشانيون ٺهرائي ڇپايو هٿائين. اُن ڪتاب جي مهاڳ ۾ هي صاحب لکي ٿو:-

"مان قصا، ڪهاڻيون، ڪافيون، راڳ، ڏوهيڙا ويس ڪٺا ڪندو، انهيءَ مراد سان تہ اُنهن مان سنڌي هوليءَ جي پوري ڪوجنا ڪريان ۽ هولي جي ڪافي ڄاڻ حاصل ڪريان. مان اهي بيت، ڪافيون وغيره فقيرن، ٻڌن، چارڻن، سرندائين، مڳٺهارن کان ٻڌندو هوس، جي ميلن، مجلسن ۽ محفلن تي ڳائي ماڻهن کي وندرائيندا هٿا. منهنجو ويچار هو تہ اهو سڀ ڪنو ڪيل مواد ترتيب وار ناهي سنڌي لوڪن لاءِ هڪ قسم جو ادب موجود ڪريان، ۽ پوءِ سنڌيءَ بنسبت ياشا وگيان (علم اللسان) جو اڀياس ڪريان."

(3) ڊاڪٽر ٽرمپ جو ٽيون ڪامياب ڪتاب آهي "سنڌي وياڪرڻ" (1872ع)، جنهن ۾ سنڌي هولي جي شبدن يا لفظن جي ياشا وگيان (Philology) جي ذريعي ڪوج ڪري، اُنهن جي پيٽ پراکرت ۽ اُن مان ڦُٽل ٻين آرين هولين ۽ سنسڪرتي نسل وارين هولين جهڙوڪ مرهٽي، بنگالي، هندي وغيره سان ڪئي اٿس. اهو ياشا وگيان (علم اللسان) جو پاڳو ڪتاب جي شروع ۾ ڏنل آهي. انهن لفظن لاءِ ديوناگري لپي ڪم آندل آهي؛ ۽ ٻين وياڪرڻي حرفن ۽ پدن لاءِ چٽي طرح سمجهڻ لاءِ مثال طور گهٽي پاڳي شاهہ جي رسالي مان بيتن جون مناسب سٽون انگريزي معنيٰ سان ڏنيون ويون آهن. ٻيا ڪتاب جن مان مثال ڏنا اٿس سي آهن: سنڌي ۾ ڪرستانن جي انجيل (Bible) مان سٽون ۽ اسٽڪ صاحب جي گرامر واري ضميمي ۾ ڏنل سبقن مان سٽون. ڇو تہ اُن وقت سنڌي ڪتابن جي اٽاٽ هئي. ڊاڪٽر گربخشائيءَ پنهنجي شاهہ جي رسالي جي مقدمه ۾، نحوي بناوتن واري باب ۾ ٽرمپ صاحب جي وياڪرڻ جي مدد ورتي آهي. گربخشائي صاحب ٽرمپ جي

عالمائي گرامر جي واکاڻ مان ڏاپندو ٿي ڪين هو. چوندو هو ته منهنجي اها چاهنا آهي ته پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪجهه مناسب قيرقار ڪري، مان اُهو ضرور نٽين سر چپائيندس. شري جٹرامداس دولترام، جو ڪيترن سالن کان سنڌي هوليءَ جي بنياد جي باري ۾ اونهو اڀياس ۽ کوجنا ڪري رهيو آهي، تنهنجو به اهڙوئي ويچار ۽ تمنا آهي.

ٽيون انگريزي عالم هو 'پادري جارج شرٽ'، چرچ مشن سوسائٽيءَ وارو. سرڪاري عملدار نه هوندي به هن صاحب جي سنڌي هوليءَ ۾ گهڻي دلچسپي هئي. هن هڪ ڪارائتي "سنڌي - انگريزي ڊڪشنري"، ديوان اڌارام ٽانورداس ميرچنداڻيءَ ۽ مستر صادق علي بيگ مرزا جي مدد سان تيار ڪئي جا سال 1879ع ۾ عربي - سنڌي لپيءَ ۾ ڇپجي پڌري ٿي. 1911ع تائين سنڌيءَ لاءِ اها هڪڙي ئي ڪارگر ڊڪشنري هئي - جنهن سال ۾ 'شري پرمانند ميوارام' جي "سنڌي - انگريزي ڊڪشنري" ظاهر ٿي، جنهن کان بهتر ۽ وڌيڪ ڪارائتي ڊڪشنري آڄا ته پيدا ڪانه ٿي آهي.

شرٽ صاحب ٻيو به هڪڙو ننڍڙو ڪمائتو ڪتاب "اڪر ڏاتو" (1866ع) نالي لکيو هو جنهن ۾ سنسڪرت بنياد وارن سنڌي لفظن جي اشتقاق يا وٹٹپتي يا ڏاتو (Roots) ڏنل آهن. هي صاحب نيڪ ۽ خداترس انسان هو ۽ 1886ع ۾ ڪوئٹا ۾ گذاري ويو.

## سنڌي عالمن جا بنيادي ڪارائتا ڪتاب

يورپي عالمن کان پوءِ، پهرين سنڌي عالم جنهن سنڌي ادب ۽ هولي جي ڪافي خدمت ڪئي سو هو 'ديوان روچيرام گجومل ڪرپالائي'. هي صاحب سرڪاري عملدار هو ۽ 1896-1895ع ڌاري موڪل جي وقت ۾ عمدا، ڪارائتا ۽ ساراهه جوڳا ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيائين.

(1) "عجيب نقطا" نهايت دل وندرائيندڙ ڪهاڻين جو ڳُنڍو هو، جو ڪيترا سال حيدرآباد جي نؤوديالي * ۾ نيتي سکيا (اخلاقي تعليم) جي موضوع طور پاڙهڻ ۾ ايندو هو، پر هاڻي آڻ لٻ آهي.

(2) Sindhi Proverbs with English Equivalents - هيءَ هڪ عالماڻو ۽ واکاڻ جوڳو پهاڪن جو ڳُنڍو آهي. منجهس هر هڪ پهاڪي لاءِ تر ۽ ساڳئي معنيٰ وارا انگريزي پهاڪا پڻ ڏنل آهن. جن پهاڪن لاءِ سمان

* موجوده ماڊل اسڪول، سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس جي عمارت.

انگريزي پهاڪا نہ ملي سگهيا آٿس تن جو فقط لفظي ترجمو ڏنل آهي. هن ڪتاب جي خوبي اها آهي پهاڪن جو انگريزيءَ ترجمو ڏاڍيءَ چيديءَ، سياويڪ ۽ هول چال واري انگريزيءَ ۾ ڪيل آهي. ائين پيو ڏسجي تہ ڪنهن قابل انگريزي کان پنهنجو لفظي ترجمو نظر مان ڪڍايو آٿس. ڪتاب Sir Charles Olliver سنڌ جي ڪمشنر کي، جنهن جي زيردستيءَ ۾ ديوان نوڪري ڪئي، تنهن کي ارپڻ ڪيو آٿس. ڪتاب جو پهريون ڇاپو ڪمشنر جي پريس ۾ ڇپايل هو.

ٻيو وڏو سنڌي ودوان 'جهمٹمل نارومل وسنائي' ٿي گذريو آهي. هو سنسڪرت توڙي پارسيءَ جو چگو ڄاڻو هو. پهريائين سرڪاري هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ فرسٹ اسسٹنٹ ماستر هو ۽ نوڪريءَ جي پڇاڙي ۾ سرڪاري سنڌ بوڪ ڊپوءَ جو Curator ٿيو، جنهن عهدي تان 1902ع ۾ پينشن تي ويو. هن صاحب ٽي عالماڻا ۽ ڪارائتا ڪتاب لکيا:-

(1) "سنڌي وياڪرڻ" جو سرڪار 1892ع ۾ ڇپائي حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج جي شاگردن ۽ هاءِ اسڪولن جي مٹين درجن لاءِ منظور ڪيو هو. هن ڪتاب جي تيار ڪرڻ ۾ هن صاحب سنسڪرت وياڪرڻ جي ابياس مان حاصل ڪيل ڄاڻ ۽ ڊاڪٹر ٽرمپ جي گرامر جون خوبيون قبول ڪيون آهن. عربي نالن سان گڏوگڏ سنسڪرت نالا بہ ڏنا آٿس. هن جو چوڻ آهي تہ سنڌي هولي جنهن جو مول سنسڪرت آهي، تنهن جي وياڪرڻي حرفن لاءِ عربي نالا ڪم آڻڻ آهي گويا "ڏڙ ريڍو، سسي ڀاڪري." افسوس جو هن ڪتاب جو هڪڙوئي ڇاپو نڪتو. اڄ بہ جيڪڏهن اهو ڪتاب ڇپايو وڃي تہ جيڪر سنڌي وياڪرڻن ۾ صدر جاءِ حاصل ڪري.

(2) جهمٹمل صاحب جو ٻيو ملهائتو ڪتاب هو، "وٹپتي ڪوش" يعني اشتقاقي لغت (Etymological Dictionary). سنڌيءَ ۾ جيڪي لفظ سنسڪرت مان نڪتل آهن تن جا منجهس بنياد ڏنل آهن. هي ڪتاب ليٹو ۾ ڇپيل هو، ۽ سنڌ مان ٿماهي "مهراڻ" مخزن ۾ نٹين سر ڇپيو آهي.

(3) سندس ٽيون ڪتاب "هتو پديش" سنسڪرت تان ترجمو ڪيل اخلاقي آکاڻين جو پستڪ هو. هيءَ ڪتاب اُن کان بہ آڳاٽي سنسڪرت "پنچ تنتر" جي نموني جو هو، جنهن جو سراسر ترجمو پروفيسر نارائڻداس بٹيجا "هندستان ڪتاب گهر" بمبئي مان ڇپايو آهي.

ماستر جهمڻمل جي سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ڪيل خدمتن جو سنڌي جنتا ڪجھ قدر ڪونہ ڪيو آهي ۽ هن جي قابليت ۽ محنتن کي وساري ڇڏيو آهي.

پروفيسر ملڪاڻي جو هيءَ ڀهريون ٽي ڪتاب آهي، جنهن ۾ فقط سنڌي نثر جي تاريخ جو ڇڻو تفصيل ۽ احوال ڏنل آهي، ۽ سندس ڪيترن سالن جي ڪٺي ڪيل ڪتابي مواد جي اياس، ڪشالي ۽ اورچائيءَ جو نتيجو آهي. هر قسم جي تصنيفن، مضمونن، ليکڪن ۽ اداڪارن - وڏن، وچولن ٻلڪ ننڍن جو منجهس ذڪر ڪيل آهي. ڪي ذڪر ڪيل ليکڪ تہ اهڙا ٻہ آهن جن حياتيءَ ۾ هڪ آڏ پيرو مس ڪنهن مضمون تي قلم هلايو هجي. مطلب تہ وس پڄندي ڪنهن ٻہ سنڌي ليکڪ کي ڪين وساريو اٿس. ڪتاب سنڌي نثر جي حقيقتن جوخزانو آهي. سهسين ڪتابن جو احوال ڏيڻ سان گڏوگڏ لکندڙ تي تنقيد ٻہ ڪندو اچي، جنهن مان سندس تنقيد شناس ظاهر ٿي ٿئي. تنهن کان سواءِ، مکيہ ڪتابن مان جي سنڌي نثر جا مثالي فقرا چونڊي ڏنا اٿس، سي ٻہ هن ڪتاب جو ادبي ملهہ وڌائين ٿا.

ڪتب ستن پاڳن ۾ وراهيل آهي: (1) اوائلي دؤر (2) ڪهاڻي (3) ناول يا اُپنياس (4) ناٽڪ (5) نندو ناٽڪ يا ايڪانڪي ناٽڪ (One-act Play). (6) مضمون نويسي يا نبنڌ (7) تنقيد يا سمالوچنا. هر هڪ موضوع تي سلسليوار جيڪو ٻہ احوال هٿ لڳو اٿس سو ڪتاب ۾ درج ٿيل آهي. اُميد تہ هيءُ ڪتاب نہ رڳو سنڌيءَ جي اوچي اياس ڪندڙن کي ڪارائتو ٿيندو، پر هر ڪنهن پڙهيل سنڌيءَ کي لطف ڏيندو ۽ دلچسپ لڳندو.

بمبئي، 18 مئي، 1961ع ڏيارام وسٹمل

# هن ڪتاب جي بنياد بابت

شمار ويهن ورهين جي ڳالهه آهي. تازو آرٽس خواهه سائنس ڪاليجن ۾ سنڌي پڙهائڻ لازمي ڪيو ويو هو. ڪراچي ڪاليج ۾ اُستاد پيرومل اڳيئي سنڌي ۾ ليڪچرار هو، جنهن کي وٺائڻ لاءِ اُستاد لعلچند کي مقرر ڪيائون، پر تڏهين به هيترن ڪلاسن کي سنڌي پڙهائڻ جو ڪم وڌي ڏيو. آءٌ تن ڏينهن انگريزيءَ ۾ ليڪچرار هوس؛ پر به چار سنڌي ڪتاب لکيا هئم، جن جي آڌار تي پرنسپال ٻڌائيءَ مونکي انگريزي ۽ سنڌي جو نائب پرفيسر بنائي، انهن ڏن عالمن جو همراهه ڪري رکيو. شوق وچان سنڌي ادب سان واقفيت ته چگيرڙي هيم، پر شاگردن کي پڙهائڻ ۽ امتحانن لاءِ تياري ڪرائڻ واسطي اونهي اڀياس جي ضرورت هئي، جنهن ۾ ٻنهي مربي اُستادن مونکي وڏي مدد ڪئي. ٽيون اُستاد جينمل، حيدرآباد ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار هوندي هو، تنهن سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪراچي ۾ هڪ شاهي ميڙ ڪوٺايو هو، جنهن ۾ ٻين هندو مسلم عالمن سان گڏ، اُستاد لعلچند پڻ تقرير ڪئي هئي. اُن تقرير جي اُتساهه ۽ دليلن کان آءٌ ايترو متاثر ٿيو هوس جو گهر پهچڻ سان ويهي پنهنجو پهريون ادبي مضمون "سنڌي ٻوليءَ جو واڌارو" لکي ڪڍيم، جو "سنڌ" مخزن جي جنوري 1941ع واري پرچي ۾ ڇپيو هو. پوءِ ته ٻيا به ٻه چار ادبي ليک لکي ويس، جي به ساڻئي مخزن ۾ شايع ٿيا هئا، ۽ پوءِ سنواري وڌائي 1950ع ۾ ٻمبئي ۾ "ادبي اصول" نالي ڪتاب ۾ درج ڪيا هئم.

اَدبي اُصولن کان پوءِ اَدبي تاريخ ڏانهن ڏوڙيو. مرحوم محمد صديق ميمڻ جي "سنڌ جي اَدبي تاريخ" (پاڻو پهريون) 1937ع ۾ شايع ٿي چڪي هئي، جنهن ۾ گهٽي ياڳي سنڌي شاعريءَ جو احوال ڏنل هو. محترم لطف الله بدويءَ جو "تذڪره لطفي" (جلد پهريون) 1943ع ۾ نڪري چڪو هو، جنهن ۾ ته ڏنل ٿي سنڌي شاعريءَ جي تاريخ هئي. تنهنڪري مونکي ويچار آيو ته نظم جي تاريخ ۾ مٽين عالمن جي سند پرين محنتن کانپوءِ وڌيڪ ڪوشش ڪرڻ غير ضروري آهي؛ سو چو نه آءٌ سنڌي نثر جي تاريخ جوڙڻ تي محنت ڪريان، جنهن ڏانهن ڪنهن ڏيان ٿي ڪو نه ڏنو آهي. سنڌي ناٽڪ ته جڏهن کان شروع ٿيا تڏهن کان پٽي ڏنا آئم؛ سنڌي ناول به جڏهن کان

چيڇڻ شروع ٿيا تڏهن کان پئي پڙهيا آئم. سو پهرين هن ڪتاب جو بنيادي مضمون "سنڌي ناٽڪ جي ترقي" لکيم، جو "سنڌو" جي جنوري 1942ع واري پرچي ۾ ڇپيو هو،۽ ٻيو نمبر ليک "سنڌي ناول جي ترقي"، "هندوسنسار" اخبار جي 1942ع واري سالياني پرچي ۾ ڇپيو هو. اهي مضمون پڙهندڙن کي ڇگا پسند پيا هئا. أنهن پسند ڪندڙن مان هڪڙو هو منهنجو جهونو أدبي دوست آسانند مامتورا جو أن وقت ٽياسافي سوسائٽيءَ جو صلاحڪار هو. ڇيائنم: "سوسائٽي جي هال ۾ ماهوار تقريرن جو سلسلو نه شروع ڪرين، جن ۾ ناٽڪ ۽ ناول سان گڏ سنڌي ساهت جي ٻين شاخن جا احوال ٻه ناظرين کي ٻڌائين، ته ڪو مادري ٻوليءَ لاءِ شوق ۽ فخر جاڳين!" پڇيومانس: "صدارت ڪير ڪندو؟" ڇيائين: شروعات ناٽڪ واري تقرير سان ڪر، جنهن جي صدارت لاءِ مون لعلچند صاحب کي مڃايو آهي: پوءِ ڏنو ويندو. 6 سيپٽمبر 1943ع تي ناٽڪ جي ترقي واري تقرير أستان کي اهڙي وٽي جو ڇيائين ته "باقي رهيل تقريرن جي صدارت ٻه مان پاڻ ڪندس." أن ناٽڪ واري مضمون جا ڪاغذ ٻه مونکان وٺي رکيائين ۽ پوءِ أهو سنواري پنهنجي ايڊيٽريءَ هيٺ "مهراڻ" مخزن ۾ شايع ڪيو هئائين. اها سنڌي ناٽڪ تي تقرير ڪراچي جي سرناگتي هال ۾، اعرابن واري ساهت سميلن (ادبي ڪانفرنس) تي 1941ع ۾ مون پهريون دفعو ڪئي هئي، جنهن موقعي جو صدر جينمل پرسرام هو ۽ ڪاڪو پيرومل سامهون ويٺو هو: ٻنهي عالمن ڪافي داد ڏنو هو ۽ پنهنجي آزمودي مان ڪجهه وڌيڪ مواد ٻه ڏنو هئائون.

پوءِ ته مهيني سر مهيني مان اهي مضمون تيار ڪندو ويس ۽ ڇهن مهينن ۾ اهو تقريرن جو سلسلو ختم ٿيو، جن مڙني جي صدارت أستاد لعلچند ڪئي ۽ ڪيتريون مفيد صلاحون مصلحتون ڏنائين. اهي ڇهه مضمون ۽ تقريرون هن ڪتاب جا بنيادي پٿر آهن، ۽ أهو بنياد أستاد لعلچند گويا پنهنجن هٿن سان وڌو هو ۽ أتس دعا ڪئي هئي. مضمون نويسيءَ ۽ تنقيد جي اوسر وارا ليک مون وري ٻه "سنڌو" مخزن ۾ شايع ڪرايا هئا: تان جو سنڌي ڪهاڻي ۽ نندي ناٽڪ جي ترقيءَ وارا مضمون ٻه هتي بمبئيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ پورا ڪري بولچند راجپال کي آگري ۾ موڪليا هئم جتان 1954ع ۾ "سنڌو" ۾ شايع ڪيا هئائين.

ٻه ٻه الڳ الڳ مضمون تيار ڪرڻ ۽ تقريرون ڏيڻ هڪڙي قسم جو ٿ

هو ۽ اُنهن کي ملائي منجهائن مڪمل ادبي تاريخ جوڙڻ بنهه نرالو مٽاڪُٽ وارو ڪم هو. جيسين سنڌ ۾ هوس تيسين ته وڌيڪ ۽ وڌيڪ جهونا توڙي نوان ڪتاب هٿ ڪري مواد ڪٺو ڪندو ويس ۽ اُنهن مضمونن جي رٿا ۽ داڙو وڌائيندو ڪين تاريخي سلسلي ۾ وجهندو ويس. پر بمبئيءَ ۾ اچڻ ڪانپوءِ الاهي ڪم آڇا رهيو پيو هو. سنڌ جي ڪتب فروشن ۽ ڪتب خانن جا دروازا بند ٿي ويا. پنهنجي خانگي لائبريري مان انگريزي ڪتاب گهٽائي پٽيان چڏي آيس. پر سنڌي ڪتابن ۽ مخزنن جو هڪ ڏاڍل ورق به ڪونه چڏيم. اهائي املهه ملڪيت جنم پومي مان ڏوئي هت پهتس ۽ ڪجهه وقت ان مان پٽي ڪم ڪڍيم. پوءِ ته ڏمر لڳائي ڏنيم. ڪراچيءَ، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور ۾ پٽيان رهيل دوستن ڏانهن خطن ڏوڙائڻ جي، ته فلاڻا ڪي فلاڻا ڪتاب پٺسن ٿي نه، ته زوريءَ تحفي طور روانا ڪريو. ڪن سڃڻن تحفا موڪليا، ڪن گهربل احوال موڪليا، ڪن ته سڪٽو جواب به ڪو نه ڏنو. هندستان ۾ داڙو داڙو ٽيل سنڌي ليڪڪن ۽ ادب دوستن ڏانهن به خط موڪليم، جن وٽان به ڪي ڪارائتا ڪتاب ۽ ضروري تفصيل مليا. پر مڙني کان وڌيڪ شڪر گذاري ياءُ هريسندر جي ٽو ميان جنهن ڪراچي توڙي اجمير مان، پنهنجي قارون جي خزاني مان ڪيترن بي بها ڪتابن جا پارسل مون ڏانهن سوڪڙي ڪري موڪليا، جن کان سواءِ هيءُ ادبي تاريخ جو ڪتاب ختم ٿي ڪونه ٿئي ها. هاڻي به هيءُ ڪتاب سربستو ختم نه، پر اڃ پورو سمجهڻ ڪپي، ڇو جو مان ڄاڻان ٿو ته منجهس ڪيترا خال هوندا جي اڃ پريل رهجي ويا آهن، ڪيترا ڪتاب هوندا جي منهنجي نظر کان گسي ويا آهن. آخر هڪڙي ماڻهوءَ لاءِ ههڙي اٽاهه موضوع سان پورو انصاف ڪرڻ ناممڪن آهي. وري به شڪر جو ايترو ذخيرو ڪٺو ٿي پيو آهي جو فخر پيو ٿئي ته سنڌي نثر هروپرو اهڙو مسڪين ڪونهي جهڙو سمجهندا هٿاسون!

پر ائين نه سمجهڻ ڪپي ته جيڪي به ڪتاب يا چوپڙيون يا مضمون مونکي هٿ چڙهيا سي سڀ هن تاريخ ۾ درج ڪري اُن جو مقدار وڌايو آئم. پنهنجي ہڏيءَ آهر، مواد ۽ عبارت جي لحاظ کان جيڪي به لکڻيون مونکي ادبي معيار کان گهٽ لڳيون آهن، تن جو ذڪر ڪونه ڪيو آئم. ٻئي پاسي، اُهي لکيتون جن ۾ ڪي خاص خوبيون يا خاميون نظر آيون آهن، تن جي مختصر چندڇاڻ به ڪئي آئم، جنهن ڪري هن ادبي تاريخ کي ڪي قدر

"تنقيدي تاريخ" ۾ ڪوئي سگهجي ٿو، پڙهندڙن جي دلچسپي وڌائڻ لاءِ، ڪيترين لکيتن مان مثالي فقرا چونڊي هوبهو ڏنا آهن ته پتو پوي ته سنڌي نثر زماني جي رفتار سان ڪيئن رنگ روپ مٽائيندو رهيو آهي. رڳا تاريخي احوال ۽ آنگ اکر متان پڙهڻ ۾ خشڪ بنجي پون، اهو انديشو دور ڪرڻ لاءِ مون داخلي يا شخصي نوع ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي - خاص طور ناٽڪ واري فصل ۾ پنهنجا ۽ پين ناٽڪي سائين جا شخصي آزمودا ڏيئي هن تاريخ کي ڪهاڻي جي رنگت ڏيڻ چاهي آهي.

آخر ۾ مان پنهنجي جهوني اُستاد ديوان ڏيارام وسٹمل ميرچنداڻيءَ جو نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن وڏي همار ۽ ڪمزور نظر جي باوجود، جهوني شاگرد جي حجت اونائي، پيار جو پورهيو سمجهي، هيڏي ساري ڪتاب تي نور نچوڙ ۽ پنهنجي آٽاهه جاڻ مان ڪيترين حقيقتن جون درستون ڏسيون، ڪيترين عالمانيون صلاحون ڏنيون، ۽ وڏي ڳالهه ته پنهنجي مبارڪ قلم مان مهاڳ لکي ڏيڻ جو شرف ڏنائين. ديوان ڏيارام سنڌي عالمن مان جهوني ۾ جهونو سنڌي نثر جو جاڻو آهي. سنسڪرت ۽ فارسيءَ جو علم رکندي به هو صاحب ليٽ سياويڪ سنڌي ڪتب آڻيندو آهي ۽ جيڪي به ٿورو لکندو آهي، موزون لکندو آهي. اُن زماني ۾ جڏهن سيڪو شعر جون سُرڪيون پيو پريندو هو ۽ سنڌي نثر ڏانهن ڪنهن ڌيان ئي نه ڪونه ڏنو هو، تڏهن ديوان صاحب ئي هو جنهن 1907ع ۾ ديوان ليلارام پريمچند سان شرڪت ۾ "گلدستو" نالي انتخاب پڌرو ڪيو هو، جنهن ۾ ٿورن مشهور شعرن سان گڏ گهٽي پاڳي سنڌي نثر جا ٽڪرا ۽ مضمون جهونن ڪتابن ۽ مخزن مان سهيڙي پهرين دفعو ڇپايا هٽائين. ڪيترا سال پوءِ 1935ع ۾، نِجو نثر جو انتخاب "چونڊ سنڌي نثر" نالي شايع ڪيائين، جنهن ۾ نثر جي اوسر بابت هڪ مختصر تاريخي مهاڳ "سنڌي نثر ٻي نظر" لکيو هٽائين. اُن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو سهيڙي ۽ وڌائي 1951ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ڪيو هٽائين، جو آڳاٽا ڪيترن اسڪولن ۽ ڪالیجن ۾ درسي ڪتاب طور رکيل آهي، تنهنڪري منهنجي نثر جي تاريخ تي نظر ثاني ڪرڻ ۽ اُن جو عالمانو مهاڳ لکڻ لاءِ ديوان ڏيارام پارو سند وارو صاحب ڪونه سُجهي، جنهن لاءِ وري به سندس شڪرگذاري ٿو ڪريان.

مان "ساهتيه اڪاڊميءَ" جي سنڌي صلاحڪار بورڊ جو به ٿورائتو

آهيان، جنهن هي ڪتاب پسند ڪيو آهي ۽ اڪاڊميءَ کي شايع ڪرڻ لاءِ سفارش ڪئي آهي ۽ اُنهن ۾ منظور ڪيو آهي. هاڻي جڏهن پڑهندڙن کي پسند پوي تڏهن لايا سڃايا ٿين.

بمبئي 28، مئي، 1961ع — منگهارام ملڪاڻي

## قلم تازو

هيءُ ڪتاب "ساهتيہ اڪاڊميءَ" وارا، چينائي حملي ۽ پاڪستاني لڙائيءَ سببان پئسي جي ڪوتاهيءَ ڪري، ڇهه سال ڇپائي نہ سگهيا. هن سال مون کنهن شخصي ڪارڻ ڪري دستخط ڪائٽن موڪلائي ورتو، ۽ اُن کي سنواري سڌاري، هاڻ "ڪونج پبليڪيشن" دوران پڌرو ڪري رهيو آهيان.

اُن عرصي ۾ اُستاد ڏيارام ميرچنداڻي، جنهن کي هيءُ ڪتاب ڇاپي ۾ ڏسڻ جي ڏاڍي تمنا هوندي هئي، سو وڏي ڄمار ۾ راهہ رباني وئي ويو. آءٌ به ته ستر سالن کان مٿي چڑهي چڪو آهيان، سو سُڌ ناهي ته خود آءٌ پنهنجو آخرين ڪتاب ڇاپي ۾ ڏسي سگهان يا نہ!

ڪلڪتو، 8 نومبر، 1968ع — منگهارام ملڪاڻي

فصل پهريون

# اوائلي دؤر

سنڌي نظم جي شروعات 14 عيسوي صديءَ ڌاري ٿي هئي، يعني اُهو ساڍيون ڇهه صديون جهونو آهي، پر سنڌي نثر 18 صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو، يعني اڄا ٻه صديون کن پوريون ڪيون ائٽس. تحقيق، هر ٻوليءَ جو ساهت شعر سان ئي شروع ٿيندو آهي، پر ٻين ٻولين ۾، نظم ۽ نثر جي ڄمار ۾ ايڏي وٿي ڪانه هوندي آهي جيڏي سنڌي ٻولي ۾. سنڌي نثر ايترو دير سان پيدا ٿيڻ جو مکيه ڪارڻ اهو آهي جو سنڌي ٻوليءَ کي هاڻوڪي مقرر آئيوينٽا ۽ لپي (alphabet & sceipt) ملڻي صرف هڪ صدي کن ٿي آهي، جنهن کان اڳ مسلم راج ۾ اوءَ علحدين ۽ آڻ پورين آئيوينٽائن ۾ لکي ويندي هئي. نظم، جنهن ۾ موسيقي (راگ) جا جزا سمايل آهن، سو ته پيڙهيءَ ٻه پيڙهيءَ، ڳائڻ وڄائڻ سان، حافظي جي معرفت، برزبان بچائي سگهجي ٿو، توڙي اُهو لکيو نه ٻه وڃي. پر نثر جوڙڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ مناسب آئيوينٽا جي سخت ضرورت آهي، ڇو جو نثر ياد ڪرڻ نهايت ڪٺن آهي.

## سنڌي ٻولي ۽ آئيوينٽا

آڳاٽن هندو راجائن جي سمي ۾، سنڌ جي اصلوڪي ٻولي قديم سنسڪرت (يعني سڌريل ٻولي) سمجهي وڃي ٿي، جا براهمي آئيوينٽا ۾ لکبي هئي. پوءِ چيو وڃي ٿو ته اُن مان ٻه صورتون؛ پالي (جنهن ۾ ٻڌ ڌرم جا متا پاليل هٿا) ۽ پراڪرت (يعني رواجي ٻولي) ٺهيون. هندستان تي راج ڪندڙ ٻوڌي راجائن جي زماني ۾ سنڌ ۾ ڪجهه قدر پالي ڪم ايندي هئي، ۽ براهمڻ راجائن جي ڏينهن ۾ پراڪرت ڪتب ايندي هئي. پراڪرت، سنسڪرت جي سولي صورت هئي ۽ ديوناگري يا شاستري اکرن ۾ لکڻ ۾ ايندي هئي. بلڪ 711 عيسوي ۾ محمد بن قاسم جي اڳواڻيءَ هيٺ عربن سنڌ فتح ڪئي، تن جي حڪمرانيءَ کان 4 صديون پوءِ، سنڌي هندن، توڙي هندن مان مسلمان ڪيلن جي ٻولي ساڳي پراڪرت هوندي هئي، ۽ پوءِ

اُپيرنش (يعني پراکرت جي بگڙيل صورت) ٿي رهي، جا ٻه ديوناگري آئيوٽا ۽ لپي ۾ لکي ويندي هئي. تان جو، پيرومل مهر چند جي "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" (1941ع) جي اختياريءَ موجب، 11-12 عيسوي صدي ڌاري هاڻوڪي سنڌي ٻولي، پنهنجين هندستاني پينرن؛ هندي، پنجابي، بنگالي، مرهاٽي، گجراتي وغيره سان گڏوگڏ، اُپيرنش پراکرت مان نڪتي ۽ رفتي رفتي صورت بدلائي، پنهنجي نجي ۽ خود مختيار ڏيهي هستي قائم ڪيائين. (1)

سر رچرڊ برٽن، پنهنجي مستند ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌوندي‌ءَ جي ماڻريءَ ۾ رهندڙ قومون" (1851ع) ۾ لکيو هو: "ٻين هندستاني ٻولين وانگر سنڌي ٻه سنسڪرت مان نڪتل آهي، پر اُها پوري نروار ٻولي آهي، ۽ هندستاني‌ءَ مان ڪاڙ نه آهي، جيئن سمجهو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ ڪيترين ٿي نزاڪتون ۽ نُڪتا آهن جن ۾ هوءَ اولهاين هندستاني ٻولين کان سرس آهي... ازانسواءِ سنڌي ٻولي لفظن جي گهڻائيءَ ۽ گوناگونيءَ ڪري نهايت برجستي آهي. ڪا اهڙي شيءَ نه آهي جنهن لاءِ ٻيا نالا مترادف نه هجن، مثلاً اُٺ لاءِ درجن نالن جو آهي... معنوي يا ذاتي لفظ وڌيڪ سڌريل ٻولين جهڙوڪ سنسڪرت، عربيءَ ۽ فارسيءَ مان آزادي سان ورتا ويندا آهن، جنهنڪري سنڌي لغت بلڪل وسيع ٿي پيئي آهي." (2)

'ڊاڪٽر آرنسٽ ٽرمپ' پڻ پنهنجي "سنڌي ٻوليءَ جو گرامر" (1872ع) ۾ لکيو هو: 'سنڌي سنسڪرت بنياد واري هڪ نبار ٻولي آهي، ۽ اُتر هندستان جي ٻين پاشائن جي پيٽ ۾ ڌارين عناصرن کان وڌيڪ آجي آهي ...اڄ جيڪڏهن سنڌيءَ جي پيٽ سندس ٻين پينرن سان ڪنداسون ته وياڪرڻ جي مدنظر کان اُن کي پهرين جڳهه ڏينداسون. هن وقت مرهاٽي، هندي، پنجابي، بنگاليءَ کان، سنڌيءَ جو پراڇين پراکرت سان وڌيڪ لاڳاپو آهي، ۽ پنهنجي نحوي بناوٽ جي جهجهائي اهڙي قائم رکي اٿس جنهن لاءِ ٻين مڙني پينرن کي اُنس رشڪ اچڻ کپي."

پر انهن مڙني خاصيتن جي باوجود، 1100ع ڌاري هاڻوڪي سنڌي ٻولي ڏهن کان ٻيو آٺ صديون پوءِ ٻه، حڪمرانن جي جلد جلد بدل سدل سبب، اُن کي باقادي آئيوٽا ناهي ڪانه ڏني ويئي. جيتوڻيڪ 17 عيسوي صديءَ

(1) مشهور بنگالي پاشا وگياني (علم اللسان جي ماهر) ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي سنڌي ٻولي ڏهن جو واڌو 1000ع ڌاري ڄاڻايو آهي، پر استاد پيرومل 1100ع ڌاري.
(2) ڊاڪٽر داؤد پوٽي جو ترجمو.

جي آخر ۾ ٿي واري مولوي ابوالحسن، خانگي طور، عربي فارسي حرفن جي ملاوت سان هڪ عارضي الف- بي ٺاهي هئي، جنهن کي عام طور "ابوالحسن جي سنڌي" سڏيندا هئا، پر اُها ڪارگر ڪانه ٿي. اهو سمورو عرصو، توڻي سنڌي هوليءَ جو ذخيرو دنيا جي ٽن مشهور قديم هولين؛ سنسڪرت، عربي ۽ فارسيءَ جي ملاوت مان، مالامال ٻڌبو ويو هوندو، تنهن هوندي به صورتخطي جنهن شخص کي جيڪا ايندي هئي تنهن ۾ پيو لکندو هو. سرڪاري ڪاروبار فارسيءَ ۾ هلندو هو، مسلمان ٻاشندا سنڌي هولي عربي اکرن ۾ لکندا هئا، ۽ هندو عوام ديوناگري. گرمکي، يا هندو- سنڌي (اعرابن يا ماترائن بنا واڪن) اکرن ۾. عام فهم جي ڳالهه آهي ته جنهن هوليءَ ۾ خيال قلم بند ڪرڻ لاءِ ڪو مقرر واهڻ نه هوندو، تنهن جو ساهت يا ادب، سو به خاص ڪري نثر ۾، ڪيئن نهندو، ڪيئن وڌندو؟

آخر 1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي ته اُن جي ڏهن سالن اندر، سر بارٽل فريئر، جو سنڌ جو پهريون چيف ڪمشنر هو، تنهن جي سرجوشيءَ سان، سر رچرڊ برٽن، جو عربيءَ ۽ فارسيءَ جو عالم هو، تنهن جي سفارش سان ۽ ٻين ڪن سنڌي عالمن؛ منشي آڌارام ٽانورداس، مرزا صادق علي بيگ (مرزا قليچ بيگ جي وڏي پاءُ) وغيره جي مدد سان، هاڻوڪي 52- حرفي عربي- سنڌي آئيوينا ٺهي. اُن ۾ چار نجا سنڌي اکر؛ ٻ، ڏ، ڄ، ڳ، چار نجا عربي اکر؛ ڦ، ڀ، غ، ز، ۽ ٻيا فارسي، ترڪي وغيره اکر به گڏيائون؛ جنهن ڪري شايد دنيا ۾ ۾ ايترن يا وڌيڪ حرفن واري آئيوينا کا مشڪل ملندي، ۽ سنڌي ڳلن مان ايترا ڳالهائڻ جا اُچار نڪري سگهندا هوندا! جيتوڻيڪ سنڌي هوليءَ جي سنسڪرت بنياد سبب ديوناگري لپي اُن لاءِ زيادهه ڪارگر ٿئي ها، جيئن حيدرآباد جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪٽپٽن استڪ جو عذر هو، جو سنسڪرت توڙي عربيءَ ٻنهي ۾ ماهر هو؛ تنهن هوندي به سنڌ جو صوبو، جتي آدمشماريءَ جي اڪثريت مسلمانن جي هئي، ۽ جنهن جي هولي عربي، فارسي، ترڪي وغيره اکرن ۽ محاورن سان اڳي ئي پرپور ٿي چڪي هئي، تنهن لاءِ 1853ع ۾، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ڪلڪتي مان فيصلو جاري ڪيو ته عربي آئيوينا ئي اُن لاءِ مناسب ٿيندي. 1862ع ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس صاحب، منشي نندرام ميراثيءَ جي مدد سان ڪي ڦيريون ڦاريون ڪري اها آئيوينا راس ڪرائي.

## اوائلي نثر - سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾

هندو راجائن جي وقت ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ لکيل سنڌ ۾ قديم ادب ته صديون آڳاٽو هوندو ۽ تعداد ۾ به بيشمار هوندو. اُن مان هيل تائين جاتل پراڻي ۾ پراڻو گرنٿ "راجائن لاءِ سکيا" ڏسڻ ۾ ٿو اچي، جو عيسوي سن کان شمار 3 صديون آڳاٽو، راجا روال جي وزير 'سپر' اُن زماني جي سنڌي ڪتاب جي پهرئين پاڳي ۾ 'مهايارت' جي لڙائي جو اختصار ڪجهه علحدي نموني ۾ ڏنل هو، ۽ ٻئي حصي ۾ راجا جڏرٿ جي پوين، سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب جي راجائن جون ڪهاڻيون ڏنل هيون. پر اُهي سڀ ڪهاڻيون ۽ سکيائون، جهوني زماني جي دستور موجب، جانورن ۽ پکين جي واتان چوايل هيون. هن آهر ڪوجنا جو ذڪر، "هندواسي" مخزن جي 28 سيپٽمبر 1958ع واري پرچي ۾، ' شري جٹرامداس دولترام' هن ريت ڪيو هو:

"سو سِپر جو 'هنداواني' هوليءَ ۾ لکيل ڪتاب 'راجائن لاءِ سکيا' به انهيءَ صدي (عيسوي سن کان اڳ ٽين صدي) جو هوندو. آبو صالح اُن ڪتاب جو عربي ترجمو شايد عيسوي سن جي 8-9 صديءَ ۾ ترجمو ڪيو هجي... جو ابوالحسن عليءَ 1026ع ۾ پارسي هولي ۾ ترجمو ڪيو. اُن ترجمي جو اختصار 1127ع ۾ پارسي ڪتاب 'مجمل التواريخ والقصص' ۾ هڪ باب "هنداواني بادشاهه ۽ سندن نسل" جي صورت ۾ وڌو ويو. هن پوئين ڪتاب ۾، جنهن نموني هندو راجائن ۽ راڻين جا نالا (عربي ترجمي تان اُتاريل) لکيا ويا آهن، تنهن مان 'ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٹرجي'، هندستان جي مشهور پاشا-وگياني (علم اللسان جي ماهر) آنومان ڪيو آهي ته 'هنداواني' ڪتاب - 'راجائن لاءِ سکيا' -سنسڪرت ۾ لکيل نه هو... ڊاڪٽر چٹرجي انهي راءِ جو آهي ته جنهن هوليءَ کي 'هنداواني' (هند يا هندن جي هولي) ڪوئيو ويو آهي سا اُلهندي هندستان، يعني پنجاب يا سنڌ پاسي جي مڪاني هولي آهي. پکيڙو آنومان جيڪي سو سنڌ جي هوليءَ جي فائدي ۾ ڪيو اٿس، چو جو انهيءَ ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخ ڏانهن اشارا آهن ۽ کي نالا سنڌي هولي جي نيمن پٽاندڙ بدليل آهن. سِپر جي زماني جي هوليءَ کي ڊاڪٽر چٹرجيءَ 'پراڻي سنڌي' ڪري ڪوئيو آهي... سِپر جو ڪتاب 8-9 عيسوي صدي تائين ته سنڌ ۾ موجود ٿي ڏٺو، چو جو اُن تان 'آبو صلاح' عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو. 8-9 صديءَ ۾ (عربن جي فتح کان پوءِ)،

جڏهن سنڌ جي هندن جي راجستان، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات پاسي پاڻ ٿي، تڏهن سائن گڏ ڪي ڪتاب بہ ضرور اوڏي ڪڍي ويا هوندا. سنڌي ٻولي۽ لاءِ جڏ نڪون تارو اُپرندو جي راجستان يا گجرات جي ڪنهن قديم ڪتبخاني مان، 2200 ورهين جي پراڻي سنڌي۽ ۾ لکيل، سِپر جو ڪتاب 'راجائن لاءِ لاءِ سکيا' هٿ لڳي وڃي!"

هن پراڻي ڪتاب بابت شري جتَرامداس دولترام مونڪي تازو هيئين ريت لکيو آهي:

"'مجمل التواريخ والقصص' ۾ جنهن 'برقماريص' راجا جي ڳالهه ڪيل آهي، اُهو جي پهريون راجا وڪرماجيت نہ آهي، ۽ ٻيون وڪرماجيت آهي جنهن جو نالو هو چندرگپت ٻيون، تہ پوءِ هي۽ ڪتاب 'راجائن لاءِ سکيا' چٽَبو تہ 4 يا 5 عيسوي صدي۽ جو آهي. چندرگپت ٻيون عيسوي سن 376 ڌاري تخت تي ويٺو ۽ 414 ڌاري مئو. اهو ممڪن لڳي ٿو تہ 4 يا 5 عيسوي صدي۽ جو ڪتاب اُنهن عربي ساهتڪارن ڪي هٿ لڳي سگهيو هجي جي سنڌ ۾ رهندا هٿا، پر اُن کان بہ5-6 سؤ سال پراڻو ڪتاب ڪو هو، سو هٿ نہ لڳو هجي. ايترو پراڻو ڪتاب آڃا بہ تن ڏينهن موجود هوندو، اها ڳالهه ڪجهہ شڪي لڳي ٿي. ان ڪري ايئن چوڻ ٺي حال ڪافي آهي تہ پراڻي ۾ پراڻو سنڌي۽ ۾ لکيل ڪتاب 'راجائن لاءِ سکيا' 4 يا 5 عيسوي صدي۽ جو آهي."

عيسوي سن کان پوءِ، ٻيون جهوني ۾ جهونو سنڌ ۾ لکيل ڪتاب "ديول سمرتي" چيو ٿو وڃي ، جو 9-10 عيسوي صدي۽ ڌاري سنسڪرت شعر ۾ لکيو ويو هو، ۽ جنهن جو ذڪر مشهور تاريخدان 'گنگارام سمرات' "هندواسي" 3 جون 1956ع واري پرچي ۾ ڪيو هو. هن ڪتاب ۾، مسلمانن جي راڄ ۾ زوري۽ قرم بدلايل هندن کي وري "شُدّي" ڪرڻ لاءِ نيم ۽ قاعدا ڏنل آهن ۽ 'ديول رشي۽' جو لکيل آهي، جو مهاپرش هاڻوڪي سنڌ ۾ ٿي پيدا ٿيو هو. ٻيو جهونو سنڌ ۾ لکيل ڪتاب، جو بہ سمرات صاحب هٿ ڪيو آهي، سو آهي ماروارَ جي هڪ جٽني سيلاني۽ 'سميہ سندر سوري۽' جو لکيل "ڪرم چتيسي"، جنهن جو ذڪر "تصوير" مخزن جي 1958ع واري بمبئي سميلن پرچي ۾ ڪيل هو. اهو شاعر 17 صدي۽ ڌاري اُتر سنڌ ۾ 2-3 سال رهيو هو ۽ اُن زماني جي اُتر سنڌ ۾ چالو ٻولي سکيو هو، جنهن ۾ ٿي اهو ڪتاب شعر ۾ لکيو هٿائين. سنڌي جي اها صورت

سرائڪي طرز واري هئي، نوٽي ليکڪ اُن کي "سنڌ پاشا" (سنڌي ٻولي) سڏيو هو.

شري جٹرامداس دولترام پڻ 17 صديءَ جو هڪ ڪوي ٻولي لڏو آهي، جنهن جو نالو هو سوامي پرائنات، جو ڪانياواڑي هوندي به پارسي، عربي گجراتي، هندي ۽ سنڌي ٻوليون ڄاڻندو هو، ۽ ڪي سال ڏٽي ۾ به رهيو هو. سندس 600 سلوڪ سنڌي ۾ لکيل آهن ۽ 89-1688ع ۾ سهڙيل آهن، يعني شاهه لطيف جي جنم کان هڪ سال اڳ ۾. اهو ديوناگري هٽ - اکرن ۾ لکيل ڪتاب، جام نگر جي هڪ مندر ۾ جٹرامداس صاحب اکٹين ڏنو آهي ۽ ڪي سلوڪ ڪنين ٻڌا اٿس، ۽ اُهو هٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اهو احوال "سنڌو" مخزن جي اپريل 1967ع واري پرچي ۾ ڏنو اٿس. اهڙي طرح ٻيا به گهٽائي سنڌي- سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپيرنش ۾ لکيل پستڪ پيدا ٿيا هوندا، پر افسوس آهي جو مٽين چٹن کان سواءِ، اُن جهوني خزاني مان ڪوبه اصلوڪو جواهر هيلتائين نظر ۾ نه آيو.

'ڈاڪٽر داؤد پوٽي' پنهنجي جهوني مضمون "سنڌي جي ادبي تاريخ" (1924ع) ۾ لکيو هو:

"سنڌ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت جو واهپو هو، ۽ پهرين گهراٽن جو نثر ۽ نظم ضرور اُنهن قديم ٻولين ۾ هوندو ... انهيءَ عرصي ۾ هندستان ۾ وڏا وڏا بادشاهه جهڙوڪ وڪرماجيت ۽ اشوڪ، ۽ وڏا وڏا فيلسوف جهڙوڪ ڪالياس تي گذريا آهن. ڇا، اُنهن جي بزرگيءَ جو پرتوو سنڌ تي نه پيو هوندو؟ ڇا، اُنهن جي اثر هيٺ سنڌ ۾ نثر ۽ نظم جي لهر نه وهي هوندي؟ ضرور بالضرور... افسوس! اياڻي هزار ورهيه گذري ويا آهن، ته سنڌ جي تاريخ ۽ علم ادب تي ڪوبه توجهه نه ڏنو ويو آهي... سنڌ ملڪ کي هڪ عاليشان تاريخ ۽ علمي خزانو آهي، جو اسان جي اڻاڻائيءَ ۽ وڏن جي لاغرضائيءَ کان ناس ٿي ويو آهي... سنڌ جي تاريخ ۽ علمي خزانو هڪ پوريل دفتر ٿي رهندا، جيڪڏهن هرڪو فرد اُن جي کوجنا ڪرڻ ۾ ڪوشش نه ڪندو."

'اُستاد ٻيرومل مهرچند' پنهنجي "سنڌي ٻولي جي تاريخ" (1941ع) ۾، هڪ جهوني انگريز عالم 'جان بيمس' جو حوالو ڏنو آهي، جنهن جو مختصر مطلب آهي ته راءِ گهراٽي جي راجائن کان وٺي عربن جي فتح تائين، سنڌ ۾ لڳاتار لڙايون لڳي رهيون هيون. اُنهن گهمساني حالتن ڪري ملڪ ۾

اُهو امن امان جو ماحول نہ هو جو ماڻهو علم ادب ڏانهن ڌيان ڏئي سگهن. ان سبب ڪري، اُن زماني جي سنڌي هوليءَ (ورجد اُپيرنش) ۾ ڪوبہ ڪتاب لکڻ ۾ ڪونہ آيو. هاڻي، هيءَ عجيب دليل تہ دل سان ٿي نہ پيو لڳي تہ ملڪ ۾ لڙائين لڳڻ ڪري، ايڏي ڊگهي عرصي لاءِ ڪجهہ ادب پيدا نہ ٿيو! مشهور انگريز اديب 'جان رسڪن' جو گفتو آهي: "War is the foundation of all great arts." يعني جنگ، مڙني اعلي فن خلقن جو جذبو جاڳائي ٿي. هلندڙ صديءَ جي بن مهاياري لڙاين جي مثالن مان ٿي ڏسبو تہ اُنهن، ليڪن ۾ ڪيترو اُتساهہ ڏوڪيو ۽ ڪيترو ذخيرو ادب ۾ لطيف فن جو پيدا ڪيو. خود سنڌ جو جهوني ۾ جهونو شعر "دودي چنيسر جو قصو" 14 صديءَ ۾ جنگ جي جذبي مان پيدا ٿيو هو. هن ناممڪن دليل جي برعڪس ۽ ڊاڪٽر داؤدپوٽي جو عذر سورنهن آنا صحيح ٿو لڳي تہ جهونن راجائن جي زماني ۾، سنڌ ۾ نثر ۽ نظم جي لهر ضرور بالضرور وهي هوندي، پر اُهو علمي خزانو اسان جي لاءِ رضائي ڪان ناس ٿي ويو.

ڪن تاريخي ڪوجنا ڪندڙن جو رايو آهي تہ اهو سمورو جهونو ادبي خزانو، محمد بن قاسم ۽ ۾ مسلم فاتحن ناس ڪرائي ڇڏيو. 'پڳوان تولائي' "سنڌ هتيا ڪانڊ" (1943ع) ۾ لکيو هو:

"محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، ان وقت ڪان وٺي سنڌ جي تاريخ ۽ ادب ۾اهہ ۾ پسمہ ٿيڻ لڳو... عربن هندستان تي حملو ڪندي هندن جي مقدس هنڌن ۽ لائبريرين کي جلايو، ۽ اها جلائڻ جي نيتي ٿي هئي جنهن سنڌ جي تاريخ کي بري طرح هميشہ لاءِ دفن ڪرڻ جو جتن ڪيو."

پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ، هڪ بيباڪ ليکڪ 'غلام حيدر گبول' پنهنجي چوپڙي "ادب سنڌ" (جنهن ۾ درحقيقت سنڌي ادب جو بلڪل مختصر ذڪر ڪيل هو، پر سنڌ جي پراڻي تاريخ تي نئين روشني وڌل هئي) ۾ ٻہ ساڳئي متضاد نتيجي تي پهتو هو:

"سنڌي زبان جا دفتر ، شاعري، نظم، نثر، سڀ ناپيد آهن. راءِ گهرائي ۽ برهمڻ جو اُرٽ ڪٽي پر ڪري اُڏامي وڃي آرامي ٿيو؟ اهي ڳالهيون موجود وقت جي عالمن لاءِ هڪ مشڪل مسئلو ٻڌيل آهن. پهريون، عرب فاتحن پنهنجي دستور موجب، شايد انهيءَ علمي خزاني کي نذر آتش ڪري،

سنڌ جي آزادي سان گڏ، ادب جو چراغ بہ گل ڪيو ٿو ڏسجي. ابتدائي اسلامي جوش شايد أنهن کي ايئن ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هجي. شايد اهوئي سبب هجي جنهن لاءِ محمد بن قاسم کي آزاد اميہ خليفن پنهنجي دربار ۾ جواب طلبي لاءِ گهرايو. هوڏانهن زود اعتقاد مسلم علماء انهيءَ شڪ کي هرگز قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪين آهن. مسلم عالمن جو خيال آهي تہ اهو محض الزام آهي."

ٽماهي "مهراڻ" مخزن (1959ع، نمبر 4) ۾، هڪ مستند تنقيدي جائزي "سنڌي ٻولي جي مختصرتاريخ" ۾، 'جناب سراج الحق' ٻڌ اهڙوئي رايو ڏنو هو:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر چوڻ جي صلاحيت عربن جي ڪري نہ، پر جيئن دنيا جي ٻيءَ هر ڪنهن ٻولي ۾ ٿيو آهي تيئن، پنهنجي ملڪ جي ماحول ۽ سادن سڀاجهن انسانن... ۽ سنڌي تمدن جي موسيقي ۽ فن جي طفيل پيدا ٿي هئي، ۽ عربن کان صديون اڳ پيدا ٿي چڪي هئي. افسوس صرف اهو آهي تہ أن جو تاريخي رڪارڊ ڪونہ ٿو ملي. آءٌ تہ ايئن بہ چوندس تہ أن جو سبب بہ عرب ٿي هئا. سنڌ جي تمدن ۽ فنون لطيف کي ڪا ترقي ڏيڻ بدران يا أنهن جي ڪا همت افزائي ڪرڻ بدران، أنهن جو بنهہ خاتمو ڪري ڇڏيائون."

اهو آڳاٽو ادبي ذخيرو ناس ڪيو ويو يا ناس ٿي ويو، بهر حال أن بابت کوجنا ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ ڪوشش هلي رهي آهي، پر اسان هندستان ۾ آيل سنڌين لاءِ تہ ديس جا دروازا پوريل آهن، جو جو سنڌ ٿي کوجنا جو مڪيہ مرڪز ٿي سگهي ٿي. تنهنڪري تازو چوهڙمل هندوجا ۽ پروفيسر جهمٽمل پاوناڻي، جهوني سنڌي ساهت ۽ ٻوليءَ جي کوجنا، آڳاٽيءَ مها- سنڌ (جنهن ۾ سنڌي راجستان، پنجاب، ڪچ ۽ ڪائياوار بہ اچي ٿي ويا) مان ڪري رهيا آهن؛ ۽ گنگارام سمرات، جئرامداس دولترام ۽ ٻيا، پراچين سنسڪرت، پراڪرت ۽ فارسي، عربي رسالن مان ڪري رهيا آهن.

"هندواسي" (سيپٽمبر 1955ع) ۾ 'چوهڙمل هندوجا' لکيو هو:

"پارت جي تاريخ جي شروعات سنڌ کان ٿي ٿئي ٿي. ائين چيو وڃي تہ پارت ۾ سيپتا (تهذيب) جو وهڪرو اولهہ کان اوپر ڏي وهيو آهي، يعني سنڌ کان بنگال ڏي. دنيا ۾ جهوني ۾ جهوني ڪتاب 'رگ وید' (عيسوي

سن کان 2 صديون اڳ) لاءِ مشهور آهي ته اهو لکيو ٿي ويو سنڌ جي ماڻري ۾"- يعني 'سپت سنڌو' (ست ندين واري ديس) ۾. جنهن ۾ هاڻوڪو پنجاب ۽ قنڌار به اچي ٿي ويا. انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪراچي جي مشهور ڊرٽي- وگياني (geologist) ڊاڪٽر ماٽڪ پٽاوالا پنهنجي ڪتاب "هيٺين سنڌوندي‌ءَ جي ماڻري" ۾ ڏني آهي:

"ويدڪ ڪوي، جي سنڌو ماڻري جي مٿين پاڳي ۾ رهندا هٿا، سي پنهنجا پوتر پجن (مقدس گيت) پڻ سنڌوندي‌ءَ جي پاڻي‌ءَ کي آرپڻ ڪندا هٿا." مشهور پارت وگياني (Indologist) 'پادري هيراس' جي سمجهاڻي‌ءَ موجب، آريہ لوڪ جڏهن عيسوي سن کان 25 صديون ڪن اڳ"، وچ ايشيا جي پوٽن مان لهي هندستان آيا، تڏهن سڄي ملڪ کي سنڌوندي‌ءَ پٽيان "سنڌ" نالو ڏنائون، جنهن کي ايراني فاتح دارا جي حڪومت ۾ (عيسوي سن کان 6 صديون اڳ) ڦيرائي "هند" ڪيو ويو، ۽ آخر رُومي واپارين بدلائي "انڊ" ڪيو جنهن مان هاڻوڪو نالو "انڊيا" نڪتو آهي - جو ڪو مغربي اکر نہ آهي جيئن غلط سمجهو ويندو آهي، پر ڏيهي اکر آهي. هندستان تي پارت نالو ته گهٽو پوءِ پيو، جڏهن راجا دشينت ۽ شڪنتلا جو پٽ "پرت" راڄ ڪندو هو. چوهڙمل مٿين ذڪر ڪيل مضمون ۾ وڌيڪ لکيو هو ته ديول رشي، رشي پاتنجلي، آچاريہ پاڻني ۽ ٻيا ڪيترا سنسڪرت جا ماهر "ڄاوا سنڌ ۾. لکيائون به سنڌ جي اُن وقت هلندڙ ٻوليءَ (سنسڪرت يا جهوني سنڌي‌ءَ) ۾. پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو ڪنهن سنڌي علمي ڪتاب ۾ هن مها ليکڪن جو ذڪر نٿو ڏسجي؟" چوهڙمل آخر هن نتيجي تي پهتو هو: "اها حقيقت آهي ته سنڌين، سنڌ مان جهونين لکيتن هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي. مسلمان ادب توڙي تاريخ کي پوري‌ءَ خبرداري‌ءَ سان پنهنجي ٻارن جي آڏو آندو، پر هندو ان ڏس ۾ بلڪل بي پرواهہ رهيا آهن... هاڻي ته اهڙي اُميد رکي نٿي سگهجي جو سنڌ مان يا سنڌين وٽان کي جهونيون لکيتون هٿ اچن. جن وٽ هونديون به، سي شايد ردي ڪاغذ سمجهي اُتي ٿي ڇڏي آيا هوندا."

"جيون ڪلا" مخزن (1945ع) ۾ هيرالعل گجراتي‌ءَ (جو سنڌ جو رهاڪو هو ۽ چگي سنڌي ڄاڻندو هو) اڳي ٿي لکيو هو: "نٿين آئيوينا جي جڙڻ ڪري ديوناگري لپيءَ کي سخت ڏڪ لڳو. عام ماڻهو ان ۾ دلچسپي

وڻڻ لڳا. چاڪاڻ ته فارسي- سنڌي جي جاڙو کي وڌيڪ فائدو ٿيڻ لڳو ۽ سئيون نوڪريون ملڻ لڳيون... فارسي - سنڌيءَ جي زور وڌڻ ڪري اسين ديوناگري- سنڌي ڏانهن لاغرض ٿي پياسين ۽ هن لاغرضائيءَ جي ڪري اسان پنهنجو اُتر ادب دڪاندارن، دال وارن ۽ بين کي تمام سستي اڳهه تي وڪڻي ڇڏيو."

## اوائلي لکيل ڪتاب ـ جهونن عربي اکرن ۾

آڳاٽي سنڌي ادب بچائڻ ۾ جي هندن الغرضائي ڏيکاري، ته منهنجي خيال ۾ مسلمانن به کا گهٽ غفلت کانه ڪئي. 8 عيسوي صديءَ کان 19 صديءَ جي وچ تائين.. قرندڙ گهرندڙ هندو ۽ مسلمان حڪمرانن جا پريا هزار سال، گهڻوئي سنڌي نثر پيدا ٿيو هوندو. پر اُهو به جاکوڙ ڪري ڪنو ڪونه ڪيو ويو ۽ قلمي نسخن ۾ ئي رهجي ويو. 'سر رچرڊ برٽن' مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ چيو هو: "جڏهن انگريزن هندستان ۾ پير پاتو، تڏهن ڪنهن به ڏيهي ٻوليءَ ۾ ايترو علم ادب ڪو نه هو جيترو سنڌي ۾ موجود هو، پر اُن جي مالامالي اڪثر ڪري عربيءَ مان ترجمن ۽ مذهبي ڪتابن تي منحصر هئي... ايترو يقين آهي ته به ٽي سؤ قلمي نسخا ڪٿا ڪري سگهبا. نثر جا ڪتاب به اڪثر اسلامي، تاريخ ۽ مذهبي ڪتابن جا ترجما آهن، هن ۾ قصا ۽ ڪهاڻيون به آهن، پر اُهي به گهڻو ڪري ولين ۽ نبين بابت آهن." مٿي چيل آهي ته 11-12 عيسوي صديءَ ڌاري هاڻوڪي سنڌي بولي ٺهي؛ پر محمد صديق ميمڻ جي "سنڌ جي ادبي تاريخ" (جلد1، 1937ع) جي اختياريءَ موجب، سنڌيءَ ۾ پهريون لکيل ڪتاب 1700ع عيسوي ڌاري نڪتو، جو هو مخدوم ابوالحسن نٽويءَ جو نظم ۾ لکيل اسلامي رسالو "مقدمه الصلواه". جو سندس ٽي ٽاهيل الف - بي ۾ هو. اِهي سڄيون ساريون 6 صديون سنڌي لوڪن عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ ايتري ته ماهريت حاصل ڪئي هئي جو اُنهن هولين ۾ نظم توڙي نثر ٻئي لکندا هٿا. پر ايٽن ٽي سگهي ٿو چا، ته پنهنجي مادري سنڌي زبان ۾ ڪجهه نه لکيائون ۽ ايڏي ساري عرصي ۾ ڪوبه سنڌي ڪتاب نه نڪتو؟ تنهن کان پوءِ 18 صديءَ جا 50 ڪن ٿِلو ۾ ڇپيل سنڌي نثر جا ڪتاب، عربيءَ ۽ فارسيءَ تان ترجمو ڪيل هٿ لڳا آهن،

پر اُهي به ابوالحسن جي جوڙيل 28 حرفن واري عربي آئيوٽيا ۾ لکيل آهن، جنهن مان سنڌي هوليءَ جا مڙيئي اچار پورا نٿا نڪري سگهن ۽ تنهنڪري اُهي پڙهڻ ۾ دقت ٿي ٿئي. اهي رسالا گهڻو ڪري اسلامي مذهب ۽ تواريخ بابت جوڙيل هٿا ۽ ڪن معروف سنڌي مخدومن جا ترجمو ڪيل هٿا، جن مان هيٺين جا نالا ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| "بنا ال اسلام" | – مترجم محمد هاشم |
| "جنگ نامو" | – مترجم محمد حنيف |
| "کنزالعبرت" | – مترجم مخدوم عبدالله |
| "نور نامون" | – مترجم مولوي عبدالرحمان |
| "ستّر بوستان" | – مترجم محمد حسين |
| "سنڌي ڪلام" | – مترجم عبدالرحيم گرهوڙي |
| "قصو جم جما جو" ۽ هفت قصو" | – مترجم نامعلوم |

پر مٿين ڪتابن بابت وڏو اختلاف ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته ڇا اهي ڪتاب نثر جا آهن يا نظم جا؟ 'ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ' 14 نومبر1921ع تي جيڪا رپورٽ "سنڌي هوليءَ ۾ هيلتائين شايع ٿيل ادب" جي سري سان بمبئيءَ يونيورسٽيءَ ڪي پيش ڪئي هئي (جنهن جي ٿي آڏار تي سنڌي هوليءَ کي بي.اي. امتحان لاءِ پاڙهڻ جي جاءِ ڏني وئي هئي)، تنهن ۾ هو عالم مٿين ڪتابن کي قافيه دار نثر جا ڪتاب شمار ڪري ٿو، يعني جن جا نثري جملا قافين تي ٻڌل آهن. پر ٻئي پاسي 'محمد صديق ميمڻ' پنهنجي ادبي تاريخ ۾ اُنهن کي نظم جا ڪتاب ڪري ٿو سمجهي، جن جا ڪي حصا مؤزون نظم جا آهن ته ڪي "نظم – نما نثر" وارا آهن. منهنجي سمجهه موجب اهي ڪتاب گهڻي پاڻي هڪ جهوني ۽ اڻ سڌريل نظمي نموني ۾ لکيل آهن، جنهن ڪري بحر وزن جي ڪسوٽيءَ تي لڳڻ سان ڪِري ٿا پون. تنهنڪري اُهن کي نثر ۽ نظم جو ميل جوڙ شمار ڪرڻ ڪپي.

## سنڌي نثر جو پهريون ڪتاب

18 صديءَ جي وچ ڌاري پهريون نِجو نثر جو ڪتاب، جهوني عربي آئيوٽا ۾ لکيل جو ميمڻ صاحب جاڻايو هو، سو هو 'آخوند عزيز الله' جو "قران شريف جو ترجمو" (1746ع). انهيءَ ڪتاب کي سنڌي ۾ آڻيندڙ، جيتوڻيڪ عربيءَ تان لفظي ترجمو ڪيو هو، تنهن هوندي به جملن ۾ اڪرن جي ملاوٽ، هيٺ مٿي ڪري اهڙي ته ڪاريگري سان بيهاري هٿائين جو

سندس نثر مان نظم جو ساءُ پيو اچي - گويا جديد زماني جو نظمائو نثر (Poetic Prose) لکي ويو آهي:

"اي مومنا، همراهي وٺو منجهه مشڪلين، ساڻ صبر ۽ نماز. تحقيق، خدا ساڻ صبر ڪندڙ آ، ۽ هڪ ڇوڙ واسطي تن جي، جي ڪسن تا وات خدا جي، اوءِ مثل آهين، بلڪ جيئرا آهين... اوُ صابر سي آهين، جڏهن رسي اُن کي سختي، چوُن اسين خدا جا آهيون ۽ خدا ڏانهن موٽون تا."

18صدي جي آخر ۾ 'مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي' جا نثر ۾ لکيل ست گفتا هٿ آيا آهن، جي مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي مقالي "قديم سنڌي نثر" (1934ع) ۾ ڏنا هٿا. اهي حڪمت پريا نڪتا، ٽيٽ سنڌي ۾ لکيل، سنڌي نثر جو اوائلي نمونو آهن ۽ قافيه دار نثر ۾ آهن:

(1) ٽڪ ڏنگڙي هلي، ڪڙا پاسٽي جهلي.
(2) راڻي راوُ سان رُچي، آبو پائڻ ري اچي.
(3) ڪافر ڪفر کان اُڪار، ڪارو گڏهه ڏوئي اُجار.
(4) مُلون بهشت ڏي هلاءِ، چتون پاڙهي پروجاءِ.
(5) مُلون ڪيئن بهشت ۾ اچي، ڪوئي سير سون سين نچي.
(6) ۽ پَهياجون پرچاءِ، ٽلهو مهرلو گهڙاءِ، وڏو کوهڙو کٽاءِ.
(7) رزق ڪنهن پر اچي، جتَن مينهڙو وسي.

## بنيادي نثر - انگريزي عالمن جو لکيل

متي ڄاڻايل آهي ته جهوني ۾ جهونو ديوناگريءَ ۾ لکيل سنڌي ادب برباد ٿي ويو ٿو ڏسجي، پر ڪي ڪتاب، گهٽي پاڳي انگريزن جي راڄ ۾ نڪتل ۽ انگريز عالمن جا لکيل هٿ لڳا آهن، جن مان هيٺيان مکيه آهن، ۽ گهٽو ڪري ڏکشنريون ۽ گرامر آهن جن تي هوليءَ جو بنياد ٻڌل آهي:

(1) "متي" (انجيل (Bible) مان St. Matthews جو ترجمو ) - ڪلڪتي پرسان سيرامپور جي پادرين جو ڪيل - 1825ع (19 صدي جي نثر ۾ هيءُ پهريون ڪتاب، ديوناگريءَ ۾ لکيل، ڏسڻ ۾ ٿو اچي.)
(2) Grammer of Scindee Language مسٽر پرنسيپ- مبئي- 1835ع
(3) A Grammer & Vocabulary of Sindhi Language
مسٽر واٽن - ڪلڪتو - 1836ع

(4) Vocabulary of Sindhi Language

مسٽر ايسٽ وِڪ - ڪلڪتو - 1843ع

(5) Vocabularies of Seven Languages spoken in Countries West of Indus

مسٽر ليچ - بمبئي - 1843ع

(6) A Dictionary-English and Sindhi

ڪئپٽن اسٽڪ - بمبئي 1849ع

(7) A Grammer and Sindhi Dictionary

ڪئپٽن اسٽڪ - بمبئي 1849ع

(هن ڪتاب جي پٺيان، ضميمي طور، منشي آڌار ٽانورداس جي لکيل "آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي" ديوناگريءَ ۾ ڇپيل هئي، جا سنڌي نثر ۾ پهرين آکاڻي ٿي ڏسجي. ساڳئي ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ "دودو چنيسر" جو اصلي قصو، ڪن نامعلوم پٽن ۽ پانن جو بيٺن ۾ ڇپل، سو به ديوناگريءَ ۾ ڇپيل هو، جو سنڌي ۾ جهوني ۾ جهونو شعر ڇيو ٿو وڃي ۽ 14 صديءَ ڌاري ٺاهيو ويو هو.)

## ڊڪشنريون، گرامر ۽ پهاڪا - ديوناگري ۽ عربي لپين ۾

1853ع ۾ عربي لپي جڙڻ کان پوءِ هيٺيون ڊڪشنريون ۽ گرامر وغيره نڪتا، جن مان ڪي پهريان ديوناگريءَ ۾ڇپيل هٿ ۽ ڪي ته انگريزيءَ ۾" لکيل هٿا،

(1) "نئيو سنڌي وياڪرڻ" - منشي آڌارام ٽانورداس - 1854ع

(2) A Dictionary-Sindhi and English ڪئپٽن اسٽڪ- بمبئي - 1855ع

(اسٽڪ صاحب ٻئي ڊڪشنريون حيدرآباد جي پنڊتن برهمانند ۽ ستچت آنند جي مدد سان ناگريءَ ۾ لکيون هيون.)

(3) Herbs and Drugs Voccabulary of sindhi Agricultural Terms,

مسٽر ايٽرنگٽن - ليپزگ - 1855ع

(4) "سنڌي پاناولي"- ڊاڪٽر آرنسٽ ٽرمپ - لنڊن - 1858ع

(ديوناگريءَ توڙي عربي لپين ۾، سنڌي ايياس جو ڪتاب)

(5) "سنڌي صرف و نحو"-

ميان محمد حيدرآبادي ۽ منشي پرياس انندرام- ڪراچي- 1860ع

(هن ڪتاب جو مهاڳ سر گولڊ سمڊ لکيو هو، جنهن "سسئي پنهون" جو قصو انگريزي شعر ۾ ترجمو ڪيو هو.)

(6) "اکر ڏاتو" (سنڌي لفظن جا سنسڪرت بنياد) ريورنڊ جارج شرٽ- 1866ع

(7) English and Sindhi Dictionary ل- و- پرانچپي- مبئي- 1868ع

(پرانچپي صاحب هڪ مهاراشٽري عملدار هو، جو سنڌ ۾ رهي سنڌيءَ جو عالم بڻجي ويو هو.)

(8) "جواهر لغات" (نج سنڌي اکرن جون فارسيءَ ۾ معنائون)- آخوند عبدالرحيم - 1871ع

(9) "انجيل" (Bible جو ترجمو، پهرين ديوناگريءَ ۾، پوءِ عربي لپيءَ ۾) - باڪٽر ٽرمپ - 1871ع

(10) Grammer of Sindhi Language باڪٽر ٽرمپ - لنڊن ۽ ليپزگ - 1872ع

(11) Comparative Grammer of Modern Aryan Languages in India مسٽر بيمس -لنڊن - 1872ع - 1879ع

(12) "ڪاشف الغموض" (سنڌي لفظن جا عربي اشتقاق ۽ معنائون) - آخوند فتح محمد - 1875ع

(13) Sindhi - English Dictionary اُڌارام ٽانورداس ۽ ص - ن - مرزا - ڪراچي- 1879ع

(14) A Grammer of the Sindhi Language مسٽر سيمور - ڪراچي - 1884ع

(15) "وٽ پٽي ڪوش" (سنڌي لفظن جا سنسڪرت بنياد) جهٽمل نارومل - ڪراچي 1886ع

(16) "نئون سنڌي وياڪرڻ" (عربي توڙي سنسڪرت لفظ ڪم آندل) - جهٽمل نارومل - ڪراچي - 1892ع

(17) "سنڌي پهاڪا" (1400 پهاڪن جي ياداشت)-ڪوڙومل چندنمل 1888ع

(18) "انگريزي - سنڌي ڊڪشنري" - ... - 1904ع

(19) Handbook of Sindhi Proverbs with English Equivalents روچيرام گجومل - 1895ع ڌاري

(20) "گل شڪر" (570 پهاڪا ۽ سمجهاڻيون)-ڪيولرام سلامتراءِ- 1905ع

(21) Sindhi Instructor آنندرام شهاڻي - 1905ع
(22) "غريب اللغات" پاڳو 1 (شاهه جي رسالي جي ٽن سرن جي لغت پيرومل مهرچند - 1907ع
(23) English Sindhi Dictionary - ٻيون چاپو- منگهر سنگ مولچند-1909ع
(24) "سنڌي ٻوليءَ جي سونهن" (2200 ورجيسون معنائن ۽ مثالن سان) گهنشامداس رامنداس - 1910ع
(25) A Sindhi-English Dictionary - پرمانند ميوارام - 1910ع
(26) Philolgical Curiosities (زبان دانيءَ جا عجيب مثال) - مرزا قليچ بيگ - 1911ع
(27) Vrachada and Sindhi سر جارج گريئرسن بمبئي - 1902ع
(28) Linguistic and India (سنڌي بابت احول، جلد 8، پاڳو 1)
(29) "سليس سنڌي وياڪرڻ" نفسياتي متن موجب جوڙيل گرامر) ڏيارام وسڻمل ۽ ڪشنچند گلابسنگهه - 1914ع
(30) "سنڌي گرامر" پاڳوٻيو - ... - 1916ع
(31) "لغات لطيفي" (شاهه جي رسالي جي لغت)-مرزا قليچ بيگ- 1917ع
(32) Premier Concise Sindhi-English Dictionary ڪنولسنگهه پوهومل - 1917ع
(33) Premier Concise Sindhi-English Dictionary ڪنولسنگهه پوهومل - 1917ع
(34) "سنڌي گرامر وڏو" - مرزا قليچ بيگ - 1921ع
(35) "سنڌي لغات قديمي" (Classical Dictionary) -مرزا قليچ بيگ-1921ع
(36) "پاڪن جي حڪمت" (دنيا پر جي ملڪن جون ڪهاوتون) - مرزا قليچ بيگ - 1925ع
(37) "وڏو سنڌي وياڪرڻ" - پيرومل مهر چند - 1925ع
(38) "گلقند پهاڪا ۽ اصطلاح) - ... - 1925ع
(39) Standard English-Sindhi Dictionary -نانڪرام ڏرمداس - 1928ع
(40) Pocket English Sindhi Dictionary - خانچند ايڇ - 1928ع
(41) "سليس سنڌي وياڪرڻ"- نرملداس لکائي ۽ رنگوائي - 1929ع

(42) Einglish-Sindhi Dictionary – آنندرام شهاڻي – 1930ع

(43) Einglish-Sindhi Dictionary – ... – ... – 1933ع

(44) An Einglish-Sindhi Dictionary – پرمانند ميوارام – 1933ع

(45) Nepali Eytmological & Comparative Dictionary
(نيپالي ۽ جي سنڌي ۽ سان مشابهت) – سر ٽرنر– لنڊن – 1937ع

(46) Handbook of Sindhi Idioms – م . ج. شهاڻي – 1937ع

دستخط ۾ ڊڪشنريون جن مان پرمانند پنهنجين ڊڪشنرين لاءِ مدد ورتي

(1) English-Sindhi Dictionary - روچيرام گجومل

(2) سهج ڪوش (سنڌي ۽ مان سنڌي) – سهجرام ٺهلرام

(3) Vertebrate Zoology of Sindh & Plants and Drugs of Sindh - مري صاحب

(4) سنڌي اصطلاحن جو ڪتاب – شامداس رامنداس

(5) Concise English-Sindhi Dictionary - ريورند جارج شرٽ

(6) Collection of Words not found in Shirt - ڪوڙومل چندنمل

(7) Concise English-Sindhi Dictionary - سويراج هاسانند

(8) Nomenclature of Sindhi Crops - ڪوتو مل آڏواڻي

(9) Glossory of Shah-jo-Rissalo - ليلارام وٽمل

(سندس انگريزي ڪتاب Life, Religion & Poetry of Shah Latif (1890ع) ۾ ڏنل)

(10) شاھ جي رسالي ۾ ڏکيا لفظ – پيرومل مهرچند (جو "غريب اللغات" نالي سان 1907ع ۾ ڇپيو هو.)

## اوائلي نثر – نئين عربي آئيوٽيا ۾

1853ع ۾ عربي آئيوٽا ٺهڻ شرط، ساڳئي سال ۾ سنڌي نثر جا ڪتاب نڪرڻ شروع ٿي ويا، جن مان پهريان هي هئا:

(1) "يوحن "(انجيل (Bible) مان St. John جو ترجمو)مسٽر برنس– 1853ع

(2) "پنجي زميندار جي ڳالهه" – غلام حسين قريشي - 1854ع

(3) "سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه" ميران محمد شاھ (اول) - 1855ع
(مٿيون ٻئي ڳالهيون بنسي ڌر چرنجي لال جي هندي قصن تان ورتل هيون ۽ سنڌي۽ ۾ اوائلي آکاڻين مان هيون.)

(4) "مفيد الصبيان" - ميران محمد شاهه (اول) - 1861ع
(هي؛ ڪتاب ٻارن لاءِ آکاٿين جو پهريون مجموعو هو، جنهن ۾ وندراٿيندڙ ۽ فائديمند آکاٿيون ڏنل هيون ۽ هندي؛ تان ورتل هو.)

عربي آئيوينٽا ڪاليج سان ڪيترا سرڪاري سنڌي اسڪول به نڪري ويا، جن ۾ پاڙهڻ لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنرن ايلس ۽ گولڊ سمٿ (جي تن ڏينهن ايجوڪيشنل انسپيڪٽر پڻ هوندا هٿا) جي همٿائڻ تي، اُردو ۽ انگريزي؛ تان درسي ڪتاب ٺهرايا ويا جن جا مڪيه لکندڙ نندرام ميراثي، اُڌارام ٽانورداس، پريداس آنندرام ۽ ڪوڙومل چندنمل سنڌي نثر جا آڳاڻا استاد هوندا هٿا. 1890ع ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جيڪب صاحب جي مدد سان ديوان ڪوڙيمل حيدرآباد جي ڪن اسڪولن ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ پاڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جنهن لاءِ ڪي درسي ڪتاب به ناگري ۾ لکيا ويا هٿا. پر اُها ناڪامياب ٿي هئي ۽ 1910ع کان پوءِ چڏي ڏنائون.(1)

## تعليمي ڪتاب - عربي آئيوينٽا ۾

تنهن کان سواءِ تاريخ، جاگرافي، حسابن، سائنس وغيره جي تعليمي شاخن ۾ به هيٺيان مڪيه ڪتاب نڪتا، جن مان ڪيترن جي قديم هڳاءِ پري ۽ ٽيٻ سنڌي عبارت کين ادب جو مرتبو ڏئي ٿي؛

(1) "بابنامو" (پارائو درسي ڪتاب) - نندرام ميراثي - 1853ع
(2) پهريون ۽ ٻيون سنڌي ڪتاب - اُڌارام ٽانورداس - 1853ع
(3) ٽيون ۽ چوٿون درسي ڪتاب- پريداس آنندرام - 1853ع
(4) "تاريخ سنڌ" (فارسي "تاريخ معصومي" تان ترجمو)- نندرام ميراثي - 1854ع
(5) "ڇٽ جي پاڙ" (برائٽنگ سيڪارڊ) نندرام ۽ ڪانداس - 1854ع
(6) "هندستان جي تاريخ" (اُردوء تان) - قاضي غلام علي - 1854ع
(7) "ڏرتي نروار" (دنيا جي جاگرافي انگريزي تان) - نندرام ۽ مهادبو شاستري - 1855ع
(8) "ليکي جي پيڙهه" (انگي حساب) - نندرام ميراثي - 1855ع
(9) "دنيا جي تاريخ" (اُردوء تان) - نندرام ميراثي - 1855ع

(1) تازو ڪن پارٽي مخزنن ۾ لکيو ويو آهي ته وٽن 1928ع تائين تعليم ڪاتي جا ڇپايل ديوناگريءَ ۾ درسي ڪتاب اڃان تائين موجود آهن. تنهن مان انومان ٿو نڪري ته سنڌ جي ڪن اسڪولن ۾ اُن سال تائين اهي ڪتاب پڙهائڻ ۾ ايندا هٿا ۽ تعليم ڪاتو ٻنهي لپين ۾ ڪتاب ڇپائيندو هو، پر پوءِ بند ڪري ڇڏيائون.

(10) "سيڪائتو نروار" (سنڌي سيکارڻ) - نندیرام ميراڻي - 1856ع
(11) "جبر و مقابلہ" (الجبرا)- نندیرام ۽ وشونات - 1856ع
(12) "آڪاسي نروار" (علم هيئت-Astronomy)-ميران محمد شاهہ - 1856ع
(13) "سنساري نروار" (سرشٽي ڀياس - پنڊت بنسي ڌر جي اُردو تان) - نندیرام - 1869ع
(14) "ڪولمبس جي تاريخ" (انگريزي تان) - ڪوڙومل ڪلناڻي - 1862ع
(15) "منتخب تاريخ انگلستان" (انگريزي تان)- واڌومل چندیرام- 1862ع
(16) "سنڌ جي تاريخ" - سيٺ آلومل پوجواڻي - 1862ع
(17) "تاريخ هندستان" - پريداس آنندرام - 1863ع
(18) "انڊين پينل ڪوڊ" (انگريزي تان) هاسارام - 1863ع
(19) "سنڌ جو ڏرتي نروار " (جاگرافي) - نارائڻ جگنناٿ - 1865ع
(هي مهاراشٽري عالم سنڌ ۾ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هو، جنهن جي يادگيري ۾ ايس. جي. هاءِ اسڪول ڪراچي واري تي اهو نالو پيو.)
(20) "اصول علم طبي" (يوناني طب) - ڪوڙومل ڪلناڻي - 1868ع
(21) "تحرير اقليدس" (يوڪلڊ جي جاميٽري)-ڪوڙومل ڪلناڻي - 1868ع
(22) "انگلنڊ جي تاريخ" (انگريزي تان) پريداس آنندرام - 1868ع
(23) "علم منطق" (Logic) - مرزا غلام رضا بيگ - 1871ع
(24) "علم معاشري" (Political Economy) مرزا صادق علي بيگ - 1871ع
(25) "تاريخ انگلنڊ" - بولچند ڪوڊومل - 1892ع
(26) "هندستان جي تاريخ" - پرٻتداس تولاڻي - 1892ع
(27) "ميرن جي صاحبي جو احوال" --آتارام چانڊومل - 1896ع
(28) "سنڌ جي تاريخ" (تصويرن سان ) - مرزا قليچ بيگ - 1904ع
(29) "ادب ۽ مروت" (اخلاقي درسي ڪتاب، انگريزي تان)-
جگتراءِ ايسرداس ۽ اڌنمل سترامداس 1908ع ڌاري
(30) "هندستان جي تاريخ" - پيرومل مهر چند - 1908ع ڌاري
(31) "هندستان جي تاريخ" - لعلچند امرڏنومل - 1925ع

## فصل پيون

# ڪهاڻي نوبسيءَ جي اؤسر

دنيا ۾ جي ٻوليءَ جو ادب نظم سان شروع ٿيو آهي، تہ اُنهن جو نثر اڪثر ڪهاڻي سان شروع ٿيو آهي. هر ٻوليءَ ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات ڏند-ڪٿائن سان ٿيندي آهي، جي ڏاڏيون ۽ نانيون، مائر ۽ ماسيون، ٻالڪن کي رات جي ماني کارائي سمهارڻ کان اڳ، برزبان ٻڌائيندیون آهن ۽ جي اڪثر ڪتابن ۾ ڇپيل نہ ملندیون آهن. هن لکندڙ کي ٻڌ اهڙين ڏاڏيءَ جي ڏند-ڪٿائن جي چڻي سانير آهي، مثلاً "اُلڙ بلڙ"، "هيتلي کيتلي"، "جهرڪ ۽ جهرڪي" ۽ "وندر ۽ ريجهہ" جون ڪهاڻيون، جي نهايت دلڪش يا نهايت ڪلائيندڙ هوندیون هيون، ۽ جن جو اثر وڏي ڄمار تائين ٻہ دل تي ڇانيو پيو آهي. ويچاري وندر، جنهن کي ڪاسائڻ سس ڪهي گهر ڪري ڇڏيو هو، تنهنجي آڪاڻيءَ مان، وندر- گهوٽ جو هيءُ ورلاپي بيت آڃا ڪن ۾ پيو ٻُڌي:-

"آمان ڙي آمان، جان وڃان ماڙيءَ تي،
جيجان ڙي جيجان، جان وڃان ماڙيءَ تي،
تہ وندر جو نُورو پيو آهہ، پر وندر نٿيئي ڪاڻ!

"اُلڙ بلڙ" جي مذاقي ڪهاڻي مان ٻہ هيئيون بيت چڻو ياد آئم:

"او مائي ڪو اُلڙ ڏنئہ، اومائي ڪو بلڙ ڏنئہ؟
اومائي ڪا جنگ ڪيئہ، اومائي ڪا ٻنگ ڪيئہ؟..
نہ مائي ڪو اُلڙ ڏنم، نہ مائي ڪو بلڙ ڏنم،
نہ مائي ڪا جنگ ڪيم، نہ مائي ڪا ٻنگ ڪيم."

تنهن کان سواءِ اوطاقن ۽ اوتارن ۾ ٻہ قصا ۽ ڪٿائون ڪندڙ ايندا هٿا جي جن يوتن، ديون پرين ۽ راجائن سورمن جون دل اُپارينڊڙ ڪهاڻيون ٻڌائيندا هٿا، پر اُنهن مان ٻہ ڪي جزوي ڇاپي هيٺ آيون آهن. (1)

---

(1) ويجهڑائي ۾ "سندي ادبي بورڊ" حيدرآباد سنڌ ياران، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي نگراني ۾ هيٺ، پراڻن قصن ۽ ڪهاڻين جا 7-8 مجموعا شايع ٿيا آهن.

## وندر ۾ سکيا وارين آکاڻين جو دؤر

سنڌيءَ ۾ پهرين نثري آکاڻي جا ڇاپي ۾ آئي، سا هئي مشهور لوڪ-کهاڻي تي ٻڌل "آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي"، جنهن جو لکندڙ ڳچ عرصو گمنام هو، پر پوءِ جناب محمد صديق ميمڻ جي "سنڌ جي ادب جي تاريخ" (1937ع) مان معلوم ٿيو تہ اُهو سنڌي نثر جي پايو وجهندڙن مان هڪڙو، 'منشي اُتارام ٽانورداس' هو. اها آکاڻي ڪٽپٽن استڪ جي "سنڌي گرامر" (1849ع) ۾ ضميمي طور ڏنل هئي، جو ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپيو هو، جو جو عربي لپي تيار ٿي 1853ع ۾ ٿي. هيءَ آکاڻي ٽيٽ ۽ نبار سنڌيءَ ۾ لکيل هئي جنهن مان جهوني زماني جو هڪاءُ پيو اچي. 1861ع ۾ اها آکاڻي، ٻين ڏهن فارسيءَ ۽ اُردو تان ترجمو ڪيل مزيدار نقلن سان شامل ڪري، منشي اُتارام نئين صورتخطي ۾ هڪ مجموعو ڇپايو هو. اها دل ڇاٽيندڙ پهرين سنڌي آکاڻي هڪ جهوني درسي ڪتاب ۾ ڇپيل، ننڍي هوندي اسڪول ۾ ڏاڍي چاهه سان پڙهندا هٿاسون. آخر 1935ع ۾ ديوان ڏيارام ميرچنداڻيءَ "چوند سنڌي نثر" مجموعي ۾ اها آکاڻي ڇپائي پڌري ڪئي هئي، پر لکندڙ جو نالو هٿ ڪونہ لڳو هوس توڻي اُهو سندس سڳو چاچو لڳندو هو! اُن آکاڻي جي نج ڏيهي عبارت جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"تنهن کان اڳاهون ڪنهن الله لوڪ هڙ ماريو هو، سو ڪُهي اُنهي جا عضوا سيخ ڪري پچائي کائي، آندا اُن جا وڻ تي اُجلي ڪٽي ڇڏيا هٿائين ۽ پاڻ ويندو رهيو. ڏکڻ جو واءُ جو لڳو سو اهي تندون آواز اهڙو پيون ڪن جو مِرون پکي سيٽي ڪنڊ نائي ٻيهو ٻڏن. جڏهين واءُ بس ٿيو تڏهين تندن بہ بس ڪئي ۽ پکي پکڙ بہ ويندو رهيو. اُتي ٻيجل جو آيو سو (هن) اُهي آندا اچي ڪنيا ۽ چنگ ٽاهي تنهن تي ڪٽي چاڙهيا ۽ پوءِ تير جو سنهت ڪُنڊروءَ تي گسي جان ڪٽي وڃائي تہ چوٽا هڙ مرون پکي هليا اچن. هيءُ هيٺن ڪري جو جيڪي ٻہ ٽي اُنهن منجهان ڪپنس اُهي وٺيو اچي، ٻيا ڪٽيو ڇڏي."

ڪٽپٽن استڪ جي گرامر واري ضميمي ۾ ٻيون ٻہ ڪي لاپتي ليکڪن جون سندر اکاڻيون ۽ بيت ديوناگري ۾ ڇپيل هٽا، جن مان هڪ ڪرامتي کهاڻي "شهزادي املهہ مائڪ ۽ شهزادي حسن پريءَ جي آکاڻي"، ديوان ڏيارام عربي- سنڌي لپي ۾ اُتاري "سنڌو" مخزن ۾ 1934ع ڌاري ڇپائي هئي، باقي رهيل ٽي آکاڻيون بہ جيڪڏهن چالو لپيءَ ۾ آئي شايع ڪجن

تہ اُن زماني جي سنڌي زبان جو سٹو ساءُ ملي پوي.

1853ع ۾ عربي آئيوينا ٿئي سان سنڌي نثر لکڻ توڙي ڇپائڻ کي وڏي هٿي ملي، ۽ اوائلي ڪتاب، جي نئين لپي ۾ نڪتا سي آکاڻين جا هٿا، تن ڏينهن آکاڻين کي قصا يا ڀالهيون چوندا هٿا، جن ۾ سادين سوديون ڳوٺاڻيون يا گهرُو ڪهاڻيون بيان ڪيل هوندیون هيون ۽ منجهائن اخلاقي نصيحتن ڪڍڻ تي زور ڏنو ويندو هو. آهرِي پهرين ڪهاڻي هٿي 'غلام حسين قريشيءَ' جي لکيل "پنهيي زميندار جي ڀالهہ" (1854ع) جا پنڌت بنسي ڌر جي هندي قصي تان ورتل هٿي ۽ سنڌي ڳوٺاڻي زندگي ۾ بيهاريل هٿي. قريشي صاحب جي نبار، سليس سنڌي هن ريت هٿي:

"هيڪڙي مند پنهيي زميندار پنجن جريبن ڌرتي جو پٹو اوپائي کي لکي ڏنو. اوپائي آکاڙ جي مهيني ۾ هڪڙي ڏينهن هر ۽ ڊيگا ڳنهي وجي ٻني کيڙي. تا ماٹيلي جي ماٹهن، جي ويري ۽ جهگڑائي هٿا، ڏنو تہ اوپاوڙي جو زميندار اسان جي دنگ جي پاسي ۾ ڦٹل ڌرتي ٹو کيڙي. اُهي کاٹا ۽ ڏنا تہ متان اوپاوڙي جو زميندار کيڙيندي کيڙيندي اسان جي ڌرتي پڻ کيڙي وجي. نيٹ سيني مڑي سڑي ٻنيءَ تي وجي اوپائي کي ماري ڪڍي پجايو ۽ اُن کي هيڪلو ڏسي ڊيجاريائون تہ جي وري تون ڪڍهن هيءَ ٻني کيڙيندين، تہ توکي لٹيون هٿي هٹ پير پيچي ڇڏينداسون. هاڻ اُتان اوپايو گهوڙا گهوڙا ڪندو پگو ويو."

تنهن کان پوءِ 'سيد ميران محمد شاهہ' (اول) "سڏاتوري ۽ ڪڏاتوري جي ڀالهہ" (1855ع ساڳئي پنڌت بنسي ڌر جي هندي قصي "کيڏي سيڏي" تان سنڌي ۾ ٹو ڪئي، جا "مهراڻ" مخزن (1959ع-1) ۾ ڇپي هٿي. هن اطلاقي آکاڻي مان اُن زماني جي سلوٹي سنڌي ۽ پراڻي صورتخطي جو مثال ڏجي ٹو:

"منشيءَ دفتر جي ڪلڪٹر صاحب کي ونجي چيو تہ ساءِ جلالپور جي ڪاغذن ڏسڻ منجهان ٹو پروڙجي تہ جيڪي مختيارڪار (سڏاتوري) لکٹو آهي سو سچ آهي ۽ دفتر جي ڀال کوڙي اُن کوڙ ۾ ڪڏاتوري جو کوٹ ٹو پروڙجي تڏهہ صاحب ڪڏاتوري کي ڪوٹائي پڇٹو تہ هن ڀال جي وچور ڪيٹن آهي صاحب سمجهيو تہ هيءَ کوٹ ۽ ٻوه ڪڏاتوري ڪٹو آهي ۽ منشيءَ دفتر جو پڻ ڏوهہ آهي جو پهجي ڪم ۾ پاڻ سار ڪانہ رکي ۽ ٻٹي کي پهجي ڪم ۾ موڪل ڏيٹي ڇڏياءِ. هاڻ اُن سبب منشي دفتر جو ٻہ مهينا پنهنجي ڪم کان نکري وهي ۽ ڪڏاتوري پهجي کوٹ ۽ ٻوه سبب ٹي ورهہ بند ۾ رهي

ڏلا ڪڍي ماڻهن کي گهرجي ته ڪڏاتوري جي ڳال سڍي پاڻ کي پليڻ ته بچڻ جي گڏ اُٺ ويهڻ منجهن کهڙيُ پلاءِ ٽيُ رسن. پوءِ گهرجي تجي ماڻو دنيا ۾ پاڻ کي چگڻ ماڻڻ مان تا پائين سي چگي ۽ موچاري وات ڏسي پاڻ کي بچڙائي ۾ نگڏين"

1854ع ۾ سنڌي جي ٻڍي بنيادي نثر نويس 'منشي نندرام ميراڻيءَ'، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر 'ايلس صاحب' سان شراڪت ۾، مشهور "ايسپ جون آکاڻيون"، انگريزي تان ترجمو ڪيون هيون. اِهو ڪتاب، ميمڻ صاحب جي ادبي تاريخ موجب، 'منشي اُڌارام ٽانورداس' نئينءَ ترتيب سان لکي، سڌاري سنواري، 1871ع ۾ وري ڇپايو هو- توڙي جهونو ڇاڙو ديوان ڏيارام مير چنداڻي اُن کي سڌو منشي اُڌارام جو ترجمو ڪيل ٿو سمجهي، 1860ع ڌاري منشي اُڌارام جو "طوطي نامو" آکاڻين جو ڳڙڪو پڌرو ٿيو هو، جو اصل سنسڪرت تان ورتل هو ۽ اُڌارام صاحب فارسيءَ تان ترجمو ڪيو هو. منجهس الف ليلىٰ جي بناوت وانگر دلچسپ ۽ نصيحت آميز ڪهاڻيون ڏنل هيون. اُن ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي طور ڇپيل هڪ مزيدار ڳالهه "وهتّين ۽ ولهي جي آکاڻي" تجنيس حرفيءَ (aliteration) ۾ لکيل هئي، جنهن جا اڪثر لفظ 'و' سان شروع ٿا ٿين ۽ جا جهوني سنڌيءَ جو هڪ عجيب نمونو آهي:

هڪڑي وهٽين جي وياءِ جو ويانهن هو، تنهن وٽ هڪ ولهو ويو ته وهٽين ويڙي وڙين جو پلاهه واڳڻ جي پاڇي سان ڪاڏو. تڏهن وَلهو وڃي ويجهو ويٺس. وهٽين ڪٽنديڙي وڙي ولهي جي وات ۾ وڌي، ته وَلهي ويچاري جنهن ويهن ورهين لاڪر وڙي جو واس ڏي نه ورتو هو، سو وسو ڏي ويو، ۽ وات پٽيو ويٺو ڪري واهه، واهه."

'سيد ميران محمد شاهه' (اول) جو ٻيو جهونو آکاڻين جو ڪتاب هو "مفيد الصبيان" (1861ع)، جو هنديءَ تان ورتل، ٻارن لاءِ فائديمند آکاڻين جو مجموعو هو، جنهن مان هڪ آکاڻي "فارس جو شهزادو" پڻ ڏيارام ميرچنداڻيءَ جي مٿي ذڪر ڪيل انتخاب ۾ ڇپيل هئي. ٻاراڻين آکاڻين جي هن پهرئين سنڌيُ ڪتاب مان، انهيءَ آکاڻي ۾ هيٺيون فقرو جهوني محاوري دار سنڌيءَ ۾ آڇي ٿو:

" بادشاهه جي محلي جي پاسي ۾ هيڪو موچي ڪميٽو بچڙو رهندو هو. بادشاهزادو سدا اُن جي گهر ايندو ويندو راند ڪندو هو. ۽ اُنسين ڏاڍو پيار رکيائين. وزير چيو، 'ڏيه ڏڻي هارن کي ڪميٽن جي سنگت ۾ ڇڏڻ ڏاڍي

آهي. ٽورن ڏينهن ۾ اُنهن جا آرڪ ٻار وڻندا آهن. ماڻهوءَ کي جهڙي سنگت هوندي آهڙا آرڪ سکندو. گهرجي ته شهزادو موچيءَ وٽ نه وڃي.' بادشاهه چيو ته اهو ٻار اٻوجهه آهي ۽ موچيءَ سين پيار ٿي ويو آهيس. جيڪڏهن اُن سنگت کان جهلبو ته ڏکوئبو ۽ متان اُن ڏک ۾ آڪهو ٿي پوي. ڪي ڏينهن کاند ڪجي، جڏهن وڏو ٽيندو تڏهن نصيحت ڪري موچي جي سنگت ڇڏائيس. وزير مات ڪري رهيو."

تنهن کان پوءِ، 'ديوان ڪيولرام سلامتراءِ' پنهنجو مشهور حڪمت آميز آکاڻين جو ڪتاب "سوکڙي" ۽ اخلاقي ٽوٽڪن ۽ نقلن جو مجموعو "گل" (1864-1871ع) لکيا، جي تعليم ڪاتي جي ڪن رندڪن ڪري (سندس پهاڪا جي ڪتاب "گل شڪر" وانگر) سالها پوءِ 1905ع ۾ ڇپايا ويا هئا. ديوان ڪيولرام جي عبارت ۾ قديم اصطلاح واري آهي ۽ نبار سنڌي نثر جو نمونو آهي. "گل" مان ديوان صاحب جي لکڻي جو مثال ڏجي ٿو:

"هڪڙي پيري هڪ ملڪ جو هڪ اڳوڻو راجا، جبل ۾ شڪار لاءِ ويو. هڪڙو سندس صاحب گهمندو ڦرندو هڪڙي فقير وٽ، جو سُڃ ۾ هڪڙي جبل جي ڇُر ۾ دونهين ٻاريو ويٺو هو، وڃي نڪتو. فقير اُن آمير کي ڀالهه ڪري ٻڌائي، ته آءٌ فلاڻي ڀاڱڻي جو ٻڪرار هوس؛ جاسين ٻڪرين کي چگي طرح سنياليم ٿي، تاسين ڀاڱڻي مانَ ۽ ياوَ سان پيٽ ڪپڙو ڏنو ٿي. پر ڇڃ ڏاڙن کان پوءِ نشي پيئڻ جي هير ٿيم، جنهن ڪري ڏڻ جي ٽهل پوري ڪري نه سگهيس. تنهن کان ٻڪرين ڏهريون ٽيون ۽ بگهڙن گدڙن کاڌيون، تڏهن ڀاڱڻي ٻيو ٻڪرار رکي مون کي لوڏي چڏيو؛ جو هاڻ ٿُڪر لاءِ وتان دردر ٻڪندو. تنهن وانگي تنهنجو راجا ڀڻ ڏٺيءَ جي در جو ڏنار آهي، سو جي ڏڻ کي چگي طرح پالينڊو ته واهه نه ته مون وانگي ٽيندو. مسلمانن جي نبي صاحب فرمايو آهي ته راجا کي نياوَ جو هڪڙو ڏهاڙو سٽ ورهين جي عبادت بجاءِ آهي." "سوکڙي" جي پڃاڻي ۾ ديوان ڪيولرام هي نهائي ۽ سياڻپ جا لفظ، دلپذير تشبيهي نوع ۾ لکيا هئا:

"هن ڪتاب کي ڏاکڙي سان لکيو آٿم. جيتوڙيڪ منجهس ڳالهيون ڪچيون ٽڪيون آيون آهن. پر سندس مطلب گهٽو سُپڪ ۽ سَوادي آهي. جهڙو ڪڙيءَ بادامي۽ جو تيل. تنهن ۾ ڳالهين جي ڪچائي کي ڏسڻ نه گهرجي ۽ سندن حاصل ٿي ڏسجي. جهڙيءَ پر آڪ ۾ ماکي ڏسي آڪ جي ڪڙائي کي نه نهاري ماکي لاهجي، سو چو ته ڪم ماکي سان آهي، تنهن وانگي ڳالهين

جي ڪچائيءَ تي بادامي ۽ جي ڪڙائيءَ ۽ اڪ جي ڪارائيءَ طرف ڌيان نہ ڪري، مطلب جو تيل ۽ ماکي هٿ ڪبا تہ گھٽن ڏکن جي ڏوار لاءِ ٻُکي ٽيندي. ۽ هن ڪم ۾ ڳالهين جي ڪچائي ڏي ڏسڻ اهڙو آهي جهڙو مک سجو بت چڏي ڦٽ تي وَهي! تنهنڪري چگو هي آهي جو يَنور وانگي ڳالهين جي جهنگ مان ڳڻن جو واس ونجي."

1890ع ۾ 'مرزا قليچ بيگ'، مشهور Lamb's Tales from Shakespeare جو ترجمو "دلپسند قصا" نالي سان ٻن ڀاگن ۾ ڇپايو هو. صديءَ جي آخر ۾ ساڳئي "دلپسند قصا" نالي سان ٻيو هڪ وندرائيندڙ ڪهاڻين جو ڪتاب، روچيرام گجومل ڪرپالائيءَ جو لکيل پڻ نڪتو هو. مرزا صاحب، ادب جي ٻين شاخن سان گڏوگڏ، پچاڙيءَ تائين اکاڻيون ٻہ لکندو آيو جن مان ڪي هيون:

"شيطان جي نانيَ"، "ڪادمبري" (1916ع)، "دل جو آرام ۽ عجيب دوا" (انگريزي تان 1916ع)، "دل وندرائيندڙ ڳالهيون" (1918ع)، "هندستان جون ديسي اکاڻيون" (1919ع)، "ڪريسيس" (يوناني تاريخي ڳالهہ- 1923ع) ۽ "گلابي جوڙو" ("حسينا" ۽ "ساونري" - 1926ع). قليچ بيگ هڪ ٻارائين اکاڻين جو ڪتاب ٻہ لکيو هو، "ٻارائا گل ڦل" (1918ع).

1890ع ۾ ساڌو هيرانند، پهرين سنڌي سماجي ۽ تعليمي مخزن "سرسوتي" جاري ڪئي، جا سندس برپا ڪيل اڪيڈمي اسڪول مان نڪرندي هئي، ۽ جنهن ۾ سندس ليکن سان گڏوگڏ ديوان ديارام، بولچند ڪوڏومل ۽ ٻين برڪ لکندڙن جا مضمون ۽ ڪهاڻيون ٻہ پوندیون هيون. 'بولچند ڪوڏومل' جون Grimm's Fairy Tales تان ترجمو ڪيل ٻہ سهڻيون اکاڻيون "سرسوتي" ۾ پيون هيون: هڪڙي Cinderella تان ورتل "اُماڙي جي ڳالهہ" ۽ ٻي Snow Drop تان ورتل. اُن مخزن مان 'ساڌو هيرانند' جا سکيادائڪ لطيفا ۽ مثالي ڪهاڻيون گھڻو پوءِ ڪٽيون ڪري، 'پيرومل مهر چند' "هيري جون ڪٽيون" (1926ع) نالي ڪتاب ڇپايو هو، جن مان ساڌو هيرانند جو وسيع مشرقي توڙي مٹربي اَدبي اَپياس پڌرو آهي، سندس هن زماني جي سليس سنڌي جو هڪ نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"سر والٽر اسڪاٽ نالي هڪ مشهور عالم لکيو آهي تہ جڏهن مان اسڪول ۾ پڙهندو هوس، تڏهن منهنجو هڪ ڪلاسي هو، جو سدائين پهريون نمبر ونندو هو. مون گھڻيئي مٹا هنيا، تہ ڪنهن ڊول سان هن ڪان

متي وهان. ڪيترائي ڏينهن نبري ويا، پر هيءَ پهرين نمبر چڏيئي نه. آخر مون جاچ ڪري معلوم ڪيو، ته جڏهن انهي چوڪري کان ماستر سوال ٿو پڇي تڏهن جواب ڏيڻ مهل پنهنجي ڪوٽ جي وچين ٻيڙي کي ڦيرائڻ جي هن کي عادت آهي، مون سمجهيو ته هن کان نمبر کسڻ لاءِ اها تجويز چگي ٽيندي جو اهو ٻيڙو ڪڍي وڃيس. انڪل ڪري ڪنهن مهل اوچتو مون اهو ٻيڙو چني ڪڍيس ۽ پوءِ منتظر ٿي ويٺس ته ڏسان ته ڪڏ جو نتيجو ڪهڙو ٿو نڪري."

1890ع ڌاري 'ڳرداسمل ڪريالائي' مشهور هندي آکاڻين جو ڪتاب "بيتال پچيس" (125 آکاڻيون) الف ليلي واريءَ طرز تي لکيل، ترجمو ڪري لٽو ۽ چپايو هو. ساڳئي وقت ڌاري 'ديوان هيرانند ڪيمسنگهه' جي 'مهابارت' تان ورتل آکاڻي "ساوتري" به پڌري ٿي هئي، جنهن مان هن انگريزي عالم جو سنڌيءَ سان به چگو چاهه ظاهر هو. 1891ع ۾ 'ديوان ڪوڙيمل چندنمل' سنڌي ۾ پهريون اصلوڪيون "هاراڻيون آکاڻيون" لکيون هيون، جن مان سندس سُرل هاراڻي هوليءَ ۾ آکاڻي ڪٿ جو ڊنگ ڏيکارجي ٿو:

"هڪڙو هو جهنگ، اُنهي جهنگ ۾ هيوُ ۾ هرٽيوُ. هڪڙي هٽي وڏي ٻي هٽي ننڍڙي. وڏي هرٽي هٽي ننڍڙي هرٽي جي ماءُ. هڪڙي ڏينهن اُٻ ۾ گهٽا ڪڪر ٽيا ۽ واءُ لڳو. وڏيءَ هرٽيءَ چيو ننڍڙيءَ کي، 'اڄ مان جهنگ کان ٻاهر ڪين ويندیس. اڄ ڏينهن آهي ڏڏو، سو ماڻهو بندوقون کڻي ايندا شڪار ڪرڻ ۽ هرٽي ڏسندا ته بندوق هٽي ماري وجهندا. تون به اڄ ٻاهر متان نڪرين' پر ننڍڙي هرٽيءَ ماءُ جو چيو ڪين ڪيو."

1902ع ۾ ديوان صاحب "قول مالا" لکيو، جنهن ۾ سکيا پريون آکاڻيون ڏنل هيون. 1905ع ۾ هڪ اخلاقي آکاڻي "ريوتي" لکائين، ۽ 1906ع ۾ ڊرمي آکاڻي "سريتي ۽ سنيتي" لکيائين. 1906ع ۾ "ٽهڪ ئي ٽهڪ" به لکيائين، جو سنڌيءَ ۾ پهريون مذاقي ٽوٽڪن جو مجموعو هو. 19 صديءَ جي آخر ۾، ساڏو هيرانند سان گڏ، ديوان ڪوڙومل به بنگالي سماجي ۽ ادبي سجاڳي جي اثر هيٺ آيو هو، ۽ وڏي ڄمار ۾ بنگالي ٻولي سکي، 'بنڪم چندر چٽرجي' جون پنگتي آکاڻيون: "راڌا راڻي" (1914ع)، "اندرا" ۽ "ٻه مندبيون" (1916ع)، ۽ شريمتي گهوشال (ٽئگور جي ٻيڻ) جو ناول Fatal Garland آکاڻيءَ جي صورت ۾ "ندورو هار" نالي سان سهڻي سنڌي ۾ آندائين. مائي بلئونسڪيءَ جي انگريزي تان ورتل سندس آکاڻي "ڪير جو ڪير، پاڻي جو پاڻي" 1915ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي جي ماهوار رسالي ۾ ڇپي هئي، جا گهڻو پوءِ ڪوڙومل ساهت منڊل

"ڪرم ڦل" (1946ع) نالي ڇپائي، پر غلط خبر ڏنل هئي تہ اها اڪائي بنڪم چندر تان ورتل آهي. ساڳئي مندل ديوان صاحب جي مٿين اڪائين مان ٽن جو مجموعو "ٽرندڙ مڪڙيون" (1946ع) نالي پڻ ڇپايو هو، جنهن ۾ "ڪرم ڦل"، "ٻہ منڊيون" ۽ "راڻا راڻي" وڏل هيون. باقي "اندیرا" جا اصل ڇيڙمل پرسرام سنڌواسي اخبار ۾ ڇپائي هئي سا وري ڪانہ نڪتي.(1)

اوائلي اڪائين جي دؤر وارا ٻيا ٻہ ڪي دلچسپ ڪتاب نڪتا هئا. هڪڙو هو 'هاسارام' ۽ 'سويراج ڏاسواڻي' جو "سيا جو سينگار" (1894ع)، جو دنيا ۾ جي جهوني ۾ جهوني اڪائين جي سنسڪرت ڪتاب "پنچ تنتر" تان ورتل هو، ۽ ڪاليداس کان ٻہ اڳاڙي زماني ۾ پنڊت وشنو شرما جو لکيل هو. پنڊت نارائڻ سوامي جو "هتو پديش"، جنهن ۾ ٻہ ساڳي طرز واريون اخلاقي اڪائيون هيون پر گهڻو پوءِ واري زماني ۾ سنسڪرت ۾ لکيل هو، تنهن جو ترجمو ٻہ 'جهمڻمل نارومل' هن وقت ڏاري پڌرو ڪيو هو. "پنچ تنتر" سنسڪرت تان عربي ۾ "ڪليل دمنہ" نالي سان ترجمو ٿيو هو؛ ۽ اُن جي فارسي ترجمي "انوار سهيلي" تان، 'محمد بخش واصف' 1914ع ۾ "گلزار چنبيلي" نالي سان سنڌي ۾ آندو هو، جو فارسي محاورن سان پريل هو. پوءِ 'ناڪرداس ڏڏائي' اُن کي سليس سنڌي ۾ آڻي ساڳئي نالي سان، عرف "عقل جون ڪنجون" ڪوئي ڇپايو هو. هن ڪتابن ۾ ڦسن ۽ ڦڪين وسيلي وندرائيندڙ ۽ نصيحت پريون ڪهاڻيون ڏنل هيون. ڇيو وڃي ٿو تہ يوناني Ae-sop's Fables پڻ "پنچ تنتر" تان ورتل هيون، جي سڪندر اعظم جي ڪاهہ کان پوءِ (عيسوي سن کان 3 صديون اڳ) هندستان مان يونان ڪڍي ويون هيون.(2)

ٻيو جهونو ڪهاڻين جو ڪتاب هو 'ٺلرام لوڪومل پنواڻي' جو "واندڪائي جي وندر" جنهن ۾ ٻارن لاءِ روحاني ۽ ڪرامتي اڪائيون ڏنل

(1) مٿين اڪائين کان سواءِ، سنڌي نثر جي هن ٻن پيل پاوَن هيٺيان آڳاتا ڪتاب پڻ ڪڍيا هئا:
مرزا قليچ بيگ - "ٻاراڻا شعر" - 1870ع
ديوان ڪوڙومل - "سنڌي ڳجهارتون" - 1888ع
ديوان ڪوڙومل - "ٻاراڻا گيت" - 1891ع
مرزا قليچ بيگ - "ٻارن جي وندر يا پرولين" - 1922ع

(2) هي ڪتاب پروفيسر نارائڻداس ٻڌيجا اصلوڪي نالي "پنچ تنتر" سان مٿين سر سنسڪرت تان ترجمو ڪيو هو، جو بمبئي ۾ مان "هندستان ڪتاب گهر" وارن 1957ع ۾ ڇپايو هو. تازو سنڌ ۾ احمد خان آصف جو ساڳئي ڪتاب جو ترجمو ڇپيو آهي.

هيون. اهو ڪتاب به بالڪل ئي اهڙي چاهه وچان پڙهندا هئاسون جو ڪائڻ پيٽ وسري ويندو هو ۽ اُن مان هڪ ڪهاڻي ۾ آيل هيٺيون بيت اڃان دل تي اُڪريو بيٺو آهي:-

"ڪانڊ، ڪهريون، ڪِيرا، اڇي ٽيو مون پيڙا،
تر اڇي چونڊايو، نه تہ روئڻ پٽڻ سڀ اجايو."

1895ع ۾ هڪ ٻيو اڪسير ڪهاڻين جو ڪتاب "عجيب نقطا" نڪتو، جنهن ۾ 'روچيرام گجومل' جون لکيل اخلاقي آکاڻيون هيون، ۽ پچاڑيءَ ۾ وسڻمل ميرچنداڻيءَ (ديوان ڏيارام وسڻمل جي پٽا) جا جوڙيل ڪي بيت ڏنل هتا. هن ڪتاب جي عبارت نهايت نجي ۽ گهريچي هئي.

هن دؤر جا آخري آکاڻين جا ڪتاب هٿا 'پرمانند ميوارام' جا "دل بهار" (1912ع) جا چار ياڳا ، جن ۾ "جوت" مان ڪنيون ڪري چپايل مزيدار ۽ وندرائيندڙ ۽ نصيحت ڀريون آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا پڙهي، ڪلي ڪيرا ٿي پوندا هٿاسون؛ پر اُنهن مان ٻٽين ياڳي ۾ "چتور ڪماري" ۽ ٻي هڪ راجپوت سورهيائيءَ جي تاريخي ڪهاڻي ڏنل هئي. "دل بهار" (ياڳو 1) جي هڪ ڪلائيندڙ آکاڻيءَ مان هيٺيون ٽڪرو ڏجي ٿو، جنهن مان پرمانند صاحب جي سپڪ ۽ پختي عبارت جي پرڙ پوندي:

"ڪي زال مرد پاڻ ۾ ٺهندائي ڪين هٿا. 'چاندبيا مگسيا' هوندا هٿا. مرد ڌاري ڪتو زال ڌاري ٻلي. وري عجب ڪهڙو جو ٻلي ڪتو به پاڻ ۾ نه ٺهن! ٻارهوئي چٽاپيٽي لڳي پيئي هوندي هين. هڪڙي پيري رات جو ڏاڍو آڇي مينهن ڇڪيو. ڪتو ويڙهجي سيڙهجي ٻاهر ديڙ تي پٽجي رهيو هو، سو ٻُسي ويت تي پيو. باقي ٻلي سا مزن ۾ هئي. چلهه وٽ ڪوسي ستي پيئي هئي. ڪنهن مهل جاڳي تہ چا ڏسي تہ ڪتو ٻاهر پيو آهي. تڏهن مسخري ڪري چوڻ لڳيس:

مينهن وُٺو، ڪتو منو، ٽيڙس برو حال،
آءٌ ٽي مزا ماڻيان، جئن راجا سندي زال."

وڌيڪ آکاڻي پڙهي پوري ڪرڻ سان مجال آهي جو ڪل روڪي سگهجي. مسخري جي مسخري، نصيحت! پرمانند صاحب ڏيتيءَ ليتيءَ جي هرندڙ مسئلي تي پهرين اصلي آکاڻي "لڇڻ وڌيڪ ڪين لڌو" ۾ لکي هئي؛ ۽ تنهن کان گهٽو پوءِ هڪ پنگتي آکاڻي "هيري جي مندي" (1934ع) خطن جي صورت ۾، پنهنجي سلوٽيءَ ۽ موزون سنڌيءَ ۾ لکيائين.

'نانڪرام ڏرمداس' 1915ع ۾ به اخلاقي آکاڻيون "ڏرمراءِ جي وَهِي" ۽ "جيوت جو جَسُ" پنهنجي پختيءَ عبارت ۽ لکيون هيون ۽ 'ڏيئومل محبوبراءِ' 1921ع ۾ "اخلاقي تعليم" نالي هڪ چوپڙي چپائي هئي جنهن ۾ اخلاقي آکاڻيون ڏنل هيون، جي هارن لاءِ وندرائيندڙ هيون ۽ سليس هولي ۾ به لکيل هيون. هال- ساهت ۾ هيءَ ڳاڻ ڳڻين ڪتابن مان هڪ هو. هن پهرئين دور تي نظر وجهڻ سان خبر پوندي ته اُن زماني جون گهڻيون ٿيون آکاڻيون رومانيءَ ۽ اخلاقي هونديون هيون، جن ۾ خاص زور وندر ۽ سکيا تي ڏنل هوندو هو، توڻي پچاڙي ۾ پنگتي سڌاري ڏانهن ڇڻو لاڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

## تاريخي ۽ سماجي آکاڻين جو دؤر

سنڌي آکاڻي جو ٻيو دور 'لعلچند آمر ڏنيمل' جي برپا ڪيل 'سنڌي ساهت سوسائٽي' جي ماهوار رسالن سان 1914ع ۾ شروع ٿيو. هي رسالو سنڌي آکاڻي جي اؤسر ۾ هڪ آهر حد- نشان هو، جنهن ۾ جهونن توڙي نون ليکڪن جون ڪي اصلوڪيون ۽ گهڻيون ترجمو ڪيل آکاڻيون شايع ٿينديون هيون. هي رسالو اُن سال شروع ٿيو جڏهن پهرين مهاپاري لڙائي شروع ٿي هئي ۽ پنگتي ۽ خانگي مسئلا گهرا ٿيندا ٿي ويا. جنهن ڪري ڏسبو ته هن رسالي جي آکاڻين ۾ گهڻو ٿو سماجي اوڻاين جي اپٽار ڪيل آهي، ۽ انهيءَ ڏس ۾ شمار 15 سال هي رسالو سنڌي ساهت جي خدمت ڪندو رهيو. تنهن کان پوءِ ڪي سال ڪراچي جي اين-ايچ - پنجابي نالي ڪتب فروش هن رسالي جي اِشاعت جو ڪم هلايو. اُن جي شروعاتي آکاڻي هئي 'لعلچند امرڏنيمل' جي شاهڪار "حر مکيءَ جا" (1914ع) جا پهرئين "سنڌ ڪاليج مسلني" ۾ ڇپي هئي. هيءَ هڪ تاريخي ڪوجنا واري آکاڻي هئي جنهن ۾ جهونن سنڌي مسلمانن جي پنگتي حالت جون ڪافي جهلڪيون هيون. پر لعلچند صاحب جي پُر اصطلاح عبارت پڙهندڙن کي اهڙي دق لڳندي هئي جو سندس پڻ چوڻ هو ته اُهي سندس آوائلي ڪتابن جو خير ڪو قدر ڪندا هٿا. جنهنڪري ڇا ڪيائين جو پنهنجو نالو ئي متائي ڪڍي نُک وارو نالو "آوتراءِ روپچند منچندي"ا اختيار ڪيائين. انهي نالي هيٺ هڪ لنبي آکاڻي يا ننڍو ناول (ناولٽ) "ڪشنيءَ جو ڪشٽ" (1917ع)، ۽ ٻي بنگالي جيوت جي پس منظر ۾ ننڍي آکاڻي "ڏکن ڏڏي زندگي" (1925ع) لکيائين، جي ٻئي گهرو ۽ پنگتي زندگيءَ جون ڪهاڻيون هيون ۽ پڙهندڙن کي نهايت پسند پيون

هيون. پر اُنهن جي اصليت جي پک نٿي ٿئي، ۽ خاص ڪري پهرين بابت هڪ عالم جي دعويٰ آهي تہ اها مسز هينري ووڊ جي ناول Mrs.Haliburton's Troubles تان ورتل آهي، توڻي ان جي جواب ۾ لعلچند اعتراض ورتو هو تہ اُن آکاڻي لکڻ تائين مون اهو انگريزي ناول پڙهيوئي ڪونہ هو. منهنجي خيال ۾، اهي ڪهاڻيون فقط نالي بدلائڻ ڪري ڪونہ پسند پيون، پر ڇو جو انهن جي عبارت کي اُستاد صاحب کي قدر سليس ۽ عام فهم بنايو هو، جيتوڻيڪ پاڻ هميشه دعويٰ ڪندو هو تہ "رواجي هوليءَ مان آڻ جاڻان ٿي ڪين." 1920ع ۾ شريمتي گهوشال جي هڪ پنگتي آکاڻي "لجاوتي" جو پڻ ترجمو ڪيو هٽائين. لعلچند "نؤورني جو خون" (1923ع) کي پنهنجي بهترين اُثراٿتي آکاڻي ڪري ليکيندو هو، پر منهنجي نظر ۾ "نندڙي نٽنا"، جا گهٽو پوءِ "مهراڻ"، مئي- جون ۽ جولاءِ 1946ع ۾ڇپي هئي، سندس نهايت زوردار نندي آکاڻي هئي، جا هڪ نوجوان وڏوا جي جذبن بابت بي ڊپي نوع ۾ لکيل هئي. جولاءِ 1947ع واري "مهراڻ" ۾ لعلچند جي قلم مان هڪ سيرت نگاريءَ جو هڪ دلچسپ خاڪو (sketch) "تلوڪ ٽيمي" ڇپيو هو، ۽ سندس ٻي سيرت نگاريءَ واري آکاڻي "مون ۾ سنگتيءَ ۾ ڪي تہ ڏئو هو" سيپٽمبر 1947ع واري پرچي ۾ ڇپي هئي. هي ٻئي آکاڻيون وري ۾ اُستاد جي دستوري اصطلاحن سان ڳٽيل عبارت ۾ لکيل هيون.

'ڀيرومل مهر چند' 1914ع ۾ هڪ اخلاقي آکاڻي "پريم جو مهاتم" سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالي ۾ ڇپائي هئي. ساڳئي سال اڪيڊمي اسڪول جي پرنسپال 'ديوان بولچند ڏيارام'، جو انگريزي ۾ اُستاد، پر سنڌي جو هڪ ڪم نويس عالم هو، تنهن هڪ تاريخي ڪهاڻي "نورجهان" ساڳئي رسالي لاءِ لکي هئي جا ڪافي قبول پئي هئي. معروف بزرگ شاعر 'نرملداس فتحچند' هن ماهوار رسالي لاءِ هڪ تاريخي آکاڻي "سروجني" لکي هئي، جنهن ۾ جهوني زماني واري سنڌ ۾ هندو - مسلم ميلاپ جو سماجي مسئلو کنيل هو ۽ لکندڙ جي مائيدار فارسي- آميز عبارت ۾ لکيل هئي.

سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جون 1915ع واريون آکاڻيون هيون:- 'پرمانند ميوارام' جي مصري تاريخي آکاڻي "يوسف مصري"؛ 'پرنسپال تيجومل شاهاڻي' ۽ جي فرانسيسي تاريخي آکاڻي "جيني" (Joan of Arc)؛ 'پروفيسر موٽومل گدواڻي' جي راجپوت تاريخي آکاڻي "ستيوتي"؛ ۽

'لڇندارام ليکراج' جي پنگتي آکاڻي "اندرا ۽ چندرا". مشهور شاعر 'محمد صديق مسافر' "جون تاريخي آکاڻيون "زيب النسا" 1914ع ۾ ۽ "چاند بيبي" 1920ع ۾ ڇپيون هيون. 1914ع ۾ 'ٺهلرام نارائڻ' جي ترجمو ڪيل آکاڻي "نل دمينتي" ڇپي هئي. 1918ع ۾ 'نانڪرام ترمداس' جي ڏکهي تاريخي کهاڻي "لکل لعل" نڪتي هئي، جنهن ۾ سنڌ تي سڪندراعظم جي ناڪامياب ڪاهه جو بيان ڏنل هو، پر پڪ نٿي ٿئي ته ڪٿان ورتل هئي. 1920ع ۾ 'ليلارام ولايتراءِ' جي "سمن موچي جي ڳالهه" ڇپي، جا مشهور روسي ودوان ٽالسٽاءِ جي کهاڻي تان ترجمو ٿيل هئي. هن صاحب ٽالسٽاءِ جي بي کهاڻي "انسڪاف جي آکاڻي" به ترجمو ڪئي هئي. 'آسانند مامتورا' جو شريمتي گهوشال جي آکاڻي تان ترجمو "بلوو" به ساڳئي سال ڇپيو هو. تنهن کان پوءِ سندس اصلوڪي آکاڻي "فيلسوف" ڇپي، جا پريم ۽ آمرتا بابت هڪ روحاني کهاڻي هئي ۽ 1927ع ۾ ونؤلري" نڪتي جا اندر راجا جي سمي جي وارتا هئي. 'جهمٽمل پاوناڻيءَ' جون اصلوڪيون آکاڻيون "شيرين" 1920ع ۾ ۽ "پوتر پريم" 1925ع ۾ ڇپيون، ۽ "اجهل روشنيَ" جا بنگالي تان ترجمو ڪيل هئي 1928ع ۾. 1926ع ۾ نڪتل 'روچيرام سڌاڻيءَ' جي "درگاوتي" پڻ هڪ بنگالي سماجي آکاڻي هئي ۽ اصلوڪي لکيل هئي . ساڳئي سال 'آتمارام ڪرپلاڻيءَ' جي "راجائي رنگ محل" ڇپي جا ٽئگور جي آکاڻي Hungry Stones جو ترجمو هئي، ۽ 'گرڌاري ڪرپالاڻيءَ' جي "ڪابوليوالا" جا پڻ ٽئگور جي ساڳئي نالي واري آکاڻي جو ترجمو هئي. 1929ع ۾ "صلح -پرچاءَ" نڪتو جنهن ۾ مشهور سنسڪرت پستڪ "هتو-پديش" مان راڄنيتي ۽ اخلاقي کهاڻيون ڏنل هيون جي 'پهلاجراءِ شرما' ترجمو ڪيون هيون. 1930ع ۾ هن سوسائٽي 'لطف الله بدوي' جي آکاڻين جو ننڍو مجموعو "دستہ گل" پيش ڪيو، جي اصلي لکيل هيون.

جيٺمل پرسرام پنهنجي هفتيوار اخبار "پارتواسي" ۾ به آکاڻيون ڇپيندو هو، جن مان به 'منگهارام ملکاڻيءَ' جن ترجمو ڪيل هيون، هڪڙي "گونگي ڪنوار" ٽاگور جي Sudha تان، ۽ بي "بن ديوي" ٽاگور جي پڻ سؤرنا ديوي گهوشال جي Spirit of the Place تان، ٻئي 1924ع ۾ ڇپيون هيون. هي ٻئي آکاڻيون گڏي "آشا" ساهت منڊل 1944ع ۾ "مالتي ۽ ٻيون آکاڻيون" نالي ڪتاب ۾ ڇپايون هيون. "پارتواسي" ۾ 1926ع ۾، 'آچاريہ

(21) Sindhi Instructor آنندرام شهاڻي - 1905ع

(22) "غريب اللغات" پاڳو 1 (شاهه جي رسالي جي ٽن سرن جي لغت پيرومل مهرچند - 1907ع

(23) English Sindhi Dictionary - پيون چاپو- منگهر سنگ مولچند-1909ع

(24) "سنڌي ٻوليءَ جي سونهن" (2200 ورجيسون معنائن ۽ مثالن سان) گهنشامداس رامنداس - 1910ع

(25) A Sindhi-English Dictionary - پرمانند ميوارام - 1910ع

(26) Philolgical Curiosities (زبان دانيءَ جا عجيب مثال) - مرزا قليچ بيگ - 1911ع

(27) Vrachada and Sindhi سر جارج گريئرسن بمبئي - 1902ع

(28) Linguistic and India (سنڌي بابت احول، جلد 8، پاڳو 1)

(29) "سليس سنڌي وياڪرڻ" نفسياتي متن موجب جوڙيل گرامر) ڏيارام وسڻمل ۽ ڪشنچند گلابسنگهه - 1914ع

(30) "سنڌي گرامر " پاڳوپيو - ... - 1916ع

(31) "لغات لطيفي" (شاهه جي رسالي جي لغت)-مرزا قليچ بيگ- 1917ع

(32) Premier Concise Sindhi-English Dictionary ڪنولسنگهه پوهومل - 1917ع

(33) Premier Concise Sindhi-English Dictionary ڪنولسنگهه پوهومل - 1917ع

(34) "سنڌي گرامر وڏو" - مرزا قليچ بيگ - 1921ع

(35) "سنڌي لغات قديمي" (Classical Dictionary) -مرزا قليچ بيگ-1921ع

(36) "پهاڪن جي حڪمت" (دنيا پر جي ملڪن جون ڪهاوتون) - مرزا قليچ بيگ - 1925ع

(37) "وڏو سنڌي وياڪرڻ" - پيرومل مهر چند - 1925ع

(38) "گلقند پهاڪا ۽ اصطلاح) - ... - 1925ع

(39) Standard English-Sindhi Dictionary -نانڪرام ڏرمداس - 1928ع

(40) Pocket English Sindhi Dictionary - خانچند ايڇ - 1928ع

(41) "سليس سنڌي وياڪرڻ"- نرملداس لکائي ۽ رنگوائي - 1929ع

(42) Einglish-Sindhi Dictionary – آنندرام شهاڻي – 1930ع

(43) Einglish-Sindhi Dictionary – ... – 1933ع

(44) An Einglish-Sindhi Dictionary – پرمانند ميوارام – 1933ع

(45) Nepali Eytmological & Comparative Dictionary
(نيپالي، جي سنڌي، سان مشابهت) – سر ٽرنر– لنڊن – 1937ع

(46) Handbook of Sindhi Idioms – م . ج. شهاڻي – 1937ع

دستخط ۽ ڊڪشنريون جن مان پرمانند پنهنجين ڊڪشنرين لاءِ مدد ورتي

(1) English-Sindhi Dictionary - روچيرام گجومل

(2) سهج ڪوش (سنڌي، مان سنڌي) – سهجرام ٽهلرام

(3) Vertebrate Zoology of Sindh & Plants and Drugs of Sindh - مري صاحب

(4) سنڌي اصطلاحن جو ڪتاب – شامداس رامنداس

(5) Concise English-Sindhi Dictionary - ريورند جارج شرٽ

(6) Collection of Words not found in Shirt - ڪوڙومل چندنمل

(7) Concise English-Sindhi Dictionary - سويراج هاسانند

(8) Nomenclature of Sindhi Crops - ڪوٽو مل آڏواڻي

(9) Glossory of Shah-jo-Rissalo - ليلارام وٽمل

(سندس انگريزي ڪتاب Life, Religion & Poetry of Shah Latif (1890ع) ۾ ڏنل)

(10) شاهه جي رسالي ۾ ڏکيا لفظ – پيرومل مهرچند (جو "غريب اللغات" نالي سان 1907ع ۾ ڇپيو هو.)

## اوائلي نثر – نئين عربي آئيوٽيا ۾

1853ع ۾ عربي آئيوٽا نهڻ شرط، ساڳئي سال ۾ سنڌي نثر جا ڪتاب نڪرڻ شروع ٿي ويا، جن مان پهريان هي هٿا:

(1) "يوحن "(انجيل (Bible) مان St. John جو ترجمو)مسٽر برنس– 1853ع

(2) "پنجي زميندار جي ڳالهه" – غلام حسين قريشي - 1854ع

(3) "سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه" ميران محمد شاهه (اول) - 1855ع
(مٿيون ٻئي ڳالهيون بنسي ڌر چرنجي لال جي هندي قصن تان ورتل هيون ۽ سنڌي، ۾ اوائلي آکاڻين مان هيون.)

(4) "مفيد الصبيان" - ميران محمد شاهه (اول) - 1861ع

(هي؛ ڪتاب ٻارن لاءِ آڪاٿيون جو پهريون مجموعو هو، جنهن ۾ وندرائيندڙ ۽ فائديمند آکاٿيون ڏنل هيون ۽ هنديءَ تان ورتل هو.)

عربي آئيوينٽا ٺهڻ سان ڪيترا سرڪاري سنڌي اسڪول بہ نڪري ويا، جن ۾ پاڙهڻ لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنرن ايلس ۽ گولڊ سمٿ (جي تن ڏينهن ايجوڪيشنل انسپيڪٽر پڻ هوندا هٿا) جي همٿائڻ تي، اُردو ۽ انگريزيءَ تان درسي ڪتاب ٺهرايا ويا جن جا مکيہ لکندڙ نندیرام ميراڻي، اُڌارام ٽانورداس، پرياس آنندرام ۽ ڪوڙومل چندنمل سنڌي نثر جا آڳاتا استاد هوندا هٿا. 1890ع ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جيڪب صاحب جي مدد سان ديوان ڪوڙيمل حيدرآباد جي ڪن اسڪولن ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ پاڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جنهن لاءِ ڪي درسي ڪتاب بہ ناگري ۾ لکيا ويا هٿا، پر اُها ناڪامياب ٿي هئي ۽ 1910ع کان پوءِ چڏي ڏنائون.(1)

## تعليمي ڪتاب - عربي آئيوينٽا ۾

تنهن کان سواءِ تاريخ، جاگرافي، حسابن، سائنس وغيره جي تعليمي شاخن ۾ بہ هيٺيان مکيہ ڪتاب نڪتا، جن مان ڪيترن جي قديم هڳاءَ پري ۽ ٽيٺ سنڌي عبارت کين ادب جو مرتبو ڏئي ٿي:

(1) "بابنامو" (بابرٻو درسي ڪتاب) - نندیرام ميراڻي - 1853ع

(2) پهريون ۽ ٻيون سنڌي ڪتاب - اُڌارام ٽانورداس - 1853ع

(3) ٽيون ۽ چوٿون درسي ڪتاب- پرياس آنندرام - 1853ع

(4) "تاريخ سنڌ" (فارسي "تاريخ معصومي" تان ترجمو)- نندیرام ميراڻي - 1854ع

(5) "چٽ جي پاڙ" (براتنگ سيڪارڊ) نندیرام ۽ ڪانداس - 1854ع

(6) "هندستان جي تاريخ" (اُردوءَ تان) - قاضي غلام علي - 1854ع

(7) "ڏرتي نروار" (دنيا جي جاگرافي انگريزي تان) - نندیرام ۽ مهاديو شاستري - 1855ع

(8) "ليکي جي پيڙهه" (انگي حساب) - نندیرام ميراڻي - 1855ع

(9) "دنيا جي تاريخ" (اُردوءَ تان) - نندیرام ميراڻي - 1855ع

---

(1) تازو ڪن پارتي مخزنن ۾ لکيو ويو آهي تہ وٽن 1928ع تائين تعليم ڪاتي جا چپايل ديوناگريءَ ۾ درسي ڪتاب اڃان تائين موجود آهن. تنهن ماں انومان ٿو نڪري تہ سنڌ جي ڪن اسڪولن ۾ اُن سال تائين اهي ڪتاب پڙهائڻ ۾ ايندا هٿا ۽ تعليم ڪاتو ٻنهي لپين ۾ ڪتاب چپائيندو هو، پر پوءِ بند ڪري چڏيائون.

(10) "سيڪائتو نروار" (سنڌي سيڪارڻ) - تندیرام ميراڻي - 1856ع
(11) "جبر و مقابلہ" (الجبرا)- تندیرام ۽ وشونات - 1856ع
(12) "آڪاسي نروار" (علم هيئت-Astronomy)-ميران محمد شاهہ - 1856ع
(13) "سنساري نروار" (سرشتي ڪياس - پنڊت بنسي ڌر جي اُردو، تان) - تندیرام - 1869ع
(14) "ڪولمبس جي تاريخ" (انگريزي تان) - ڪوڙومل کلناڻي - 1862ع
(15) "منتخب تاريخ انگلستان" (انگريزي، تان)- واڌومل چندیرام- 1862ع
(16) "سنڌ جي تاريخ" - سيٺ آلومل پوجواڻي - 1862ع
(17) "تاريخ هندستان" - پرياس آنندرام - 1863ع
(18) "انڊين پينل ڪوڊ" (انگريزي، تان) هاسارام - 1863ع
(19) "سنڌ جو ڏرتي نروار " (جاگرافي) - نارائڻ جڳنناٿ - 1865ع
(هي، مهاراشٽري عالم سنڌ ۾ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هو، جنهن جي يادگيري، ۾ اين. جي. هاءِ اسڪول ڪراچي، واري تي اهو نالو پيو.)
(20) "اصول علم طبي" (يوناني طب) - ڪوڙومل کلناڻي - 1868ع
(21) "تحرير اقليدس" (يوڪلڊ جي جاميٽري)-ڪوڙومل کلناڻي - 1868ع
(22) "انگلنڊ جي تاريخ" (انگريزي، تان) پرياس آنندرام - 1868ع
(23) "علم منطق" (Logic) - مرزا غلام رضا بيگ - 1871ع
(24) "علم معاشري" (Political Economy) مرزا صادق علي بيگ - 1871ع
(25) "تاريخ انگلنڊ" - بولچند ڪوڌومل - 1892ع
(26) "هندستان جي تاريخ" - پريتداس تولاڻي - 1892ع
(27) "ميرن جي صاحبي، جو احوال" --آڏارام چانڊومل - 1896ع
(28) "سنڌ جي تاريخ" (تصويرن سان ) - مرزا قليچ بيگ - 1904ع
(29) "آدب ۽ مروت" (اخلاقي درسي ڪتاب، انگريزي تان)-
جڳتراءِ ايسرداس ۽ اُڌنمل سترامداس 1908ع ڌاري
(30) "هندستان جي تاريخ" - پيرومل مهر چند - 1908ع ڌاري
31) "هندستان جي تاريخ" - لعلچند آمرڏنومل - 1925ع

فصل ٻيون

# ڪهاڻي نوبسيءَ جي اؤسر

دنيا ۾ جي ٻولين جو ادب نظم سان شروع ٿيو آهي، تہ اُنهن جو نثر اڪثر ڪهاڻي سان شروع ٿيو آهي. هر ٻوليءَ ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات ڏند-ڪٿائن سان ٿيندي آهي، جي ڏاڏيون ۽ نانيون، مائر ۽ ماسيون، ٻالڪن کي رات جي مانيءَ ڪارائي سمهاريءَ کان اڳ، برزبان ٻڌائيندیون آهن ۽ جي اڪثر ڪتابن ۾ چپيل نہ ملنديون آهن. هن لکندڙ کي پڻ اهڙين ڏاڏيءَ جي ڏند-ڪٿائن جي چٽي سانير آهي، مثلاً "اُلڙ بلڙ"، "هيتلي ڪيتلي"، "جهرڪ ۽ جهرڪي" ۽ "وندر ۽ ريجهہ" جون ڪهاڻيون، جي نهايت دڪدائڪ يا نهايت ڪلائيندڙ هونديون هيون، ۽ جن جو اثر وڏي ڄمار تائين بہ دل تي ڇانيو پيو آهي. ويچاري وندر، جنهن کي ڪاسائڻ سس ڪهي گهر ڪري ڇڏيو هو، تنهنجي آڪاڻيءَ مان، وندر- گهوٽ جو هيءُ ورلاپي بيت آڃا ڪنن ۾ پيو ٻُريءَ:-

"آمان ڙي آمان، جان وڃان مارڙيءَ تي،
جيجان ڙي جيجان، جان وڃان مارڙيءَ تي،
تہ وندر جو نُورو پيو آهہ، پر وندر ڏهيئي ڪانہ!

"اُلڙ بلڙ" جي مذاقي ڪهاڻي مان بہ هيئيون بيت چٽو ياد آئمر:

"او مائي ڪو اُلڙ ڏنئہ، اومائي ڪو بلڙ ڏنئہ؟
اومائي ڪا جنگ ڪيئہ، اومائي ڪا هنگ ڪيئہ؟..
نہ مائي ڪو اُلڙ ڏنم، نہ مائي ڪو بلڙ ڏنم،
نہ مائي ڪا جنگ ڪيم، نہ مائي ڪا هنگ ڪيم."

تنهن کان سواءِ اوطاقن ۽ اوتارن ۾ بہ قصا ۽ ڪٿائون ڪندڙ ايندا هٿا جي جنن پوتن، ديون پرين ۽ راجائن سورمن جون دل اُپاريندڙ ڪهاڻيون ٻڌائيندا هٿا، پر اُنهن مان بہ ڪي جزوي ڇاپي هيٺ آيون آهن. (1)

(1) ويجهڑائي ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" حيدرآباد سنڌ پاران، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي نگرانيءَ هيٺ، پراڻن قصن ۽ ڪهاڻين جا 7-8 مجموعا شايع ٿيا آهن.

## وندر ۽ سکيا وارين آکاڻين جو دؤر

سنڌيءَ ۾ پهرين نثري آکاڻي جا ڇاپي ۾ آئي، سا هئي مشهور لوڪ-کهاڻي تي ٻڌل "آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي"، جنهن جو لکندڙ ڳچ عرصو گمنام هو، پر پوءِ جناب محمد صديق ميمڻ جي "سنڌ جي ادب جي تاريخ" (1937ع) مان معلوم ٿيو تہ اُهو سنڌي نثر جي پايو وجهندڙن مان هڪڙو، 'منشي اُڌارام ٽانورداس' هو. اها آکاڻي ڪٽپٽن اسٽڪ جي "سنڌي گرامر" (1849ع) ۾ ضميمي طور ڏنل هئي، جو ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپيو هو، ڇو جو عربي لپي تيار ئي 1853ع ۾ ٿي. هيءَ آکاڻي ٽيٽ ۽ نبار سنڌيءَ ۾ لکيل هئي جنهن مان جهوني زماني جو هڪاءُ پيو اچي. 1861ع ۾ اها آکاڻي، ٻين ڏهن فارسيءَ ۽ اُردو تان ترجمو ڪيل مزيدار نقلن سان شامل ڪري، منشي اُڌارام نئين صورتخطي ۾ هڪ مجموعو ڇپايو هو. اها دل ڇاڻيندڙ پهرين سنڌي آکاڻي هڪ جهوني درسي ڪتاب ۾ ڇپيل، نندي هوندي اسڪول ۾ ڏاڍي چاهہ سان پڙهندا هٿاسون. آخر 1935ع ۾ ديوان ڏيارام ميرچنداڻيءَ "چوند سنڌي نثر" مجموعي ۾ اها آکاڻي ڇپائي پڌري ڪئي هئي، پر لکندڙ جو نالو هٿ ڪونہ لڳو هوس توڻي اُهو سندس سڳو چاچو لڳندو هوا اُن آکاڻي جي نج ڏيهي عبارت جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"تنهن کان اڳاهون ڪنهن الله لوڪ هڙ ماريو هو، سو ڪُهي اُنهي جا عضوا سيخ ڪري پچائي کائي، آندا اُن جا وڻ تي اُجلي ڪٽي ڇڏيا هٿائين ۽ پاڻ ويندو رهيو. ڏکڻ جو واءُ جو لڳو سو اهي تندون آواز اهڙو پيون ڪن جو مِرون پکي سيئي ڪنڌ نائي بيهو ٻڌن. جڏهين واءُ بس ٿيو تڏهين تندن بہ بس ڪئي ۽ پکي پکڻ بہ ويندو رهيو. اُتي ٻيجل جو آيو سو (هن) اُهي آندا اچي ڪنيا ۽ چنگ ٽاهي تنهن تي ڪٽي چاڑهيا ۽ پوءِ تير جو سنهت ڪُنڊروءَ تي گسي جان ڪٽي وڃائي تہ چوٽا هڙ مرون پکي هليا اچن. هيءَ هيٺن ڪري جو جيڪي ٻہ ٽي اُنهن منجهان ڪينس اُهي وٺيو اچي، ٻيا ڪٽيو ڇڏي."

ڪٽپٽن اسٽڪ جي گرامر واري ضميمي ۾ ٻيون بہ ڪي لاپتي ليکڪن جون سنڌر اکاڻيون ۽ بيت ديوناگري ۾ ڇپيل هٽا، جن مان هڪ ڪرامتي ڪهاڻي "شهزادي املهہ ماٽڪ ۽ شهزادي حسن پريءَ جي آکاڻي"، ديوان ڏيارام عربي- سنڌي لپي ۾ اُتاري "سنڌو" مخزن ۾ 1934ع ڌاري ڇپائي هئي، باقي رهيل ٽي آکاڻيون بہ جيڪڏهن چالو لپيءَ ۾ آئي شايع ڪجن

تہ اُن زماني جي سنڌي زبان جو سٹو ساءُ ملي پوي.

1853ع ۾ عربي آئيوينا ٿڻ سان سنڌي نثر لکڻ توڙي ڇپائڻ کي وڏي هٿي ملي. ۽ اوائلي کتاب، جي نئين لپي ۾ نکتا سي آکاڻيون جا هٿا، تن ڏينهن آکاڻين کي قصا يا ڳالهيون چوندا هٿا. جن ۾ سادين سودين ڳوٺاڻيون يا گهرُو کهاڻيون بيان کيل هوندين هيون ۽ منجهائن اخلاقي نصيحتن کڏڻ تي زور ڏنو ويندو هو. اهڙي پهرين کهاڻي هٿي 'غلام حسين قريشيءَ' جي لکيل "ينيي زميندار جي ڳالهہ" (1854ع) جا پنڊت بنسي ڌر جي هندي قصي تان ورتل هٿي ۽ سنڌي ڳوٺاڻي زندگي ۾ بيهاريل هٿي. قريشي صاحب جي نبار، سليس سنڌي هن ريت هٿي:

"هيڪڙي مند ينيي زميندار پنجن جريبن ڌرتي جو پٽو اوپائي کي لکي ڏنو. اوپائي آکاڙ جي مهيني ۾ هڪڙي ڏينهن هر ۽ ڏيگا ڳنهي وڃي بني کيڙي. تا ماٽيلي جي ماٹهن، جي ويري ۽ جهگڑاڻي هٿا، ڏنو تہ اوهاوڙي جو زميندار اسان جي دنگ جي پاسي ۾ قتل ڌرتي ٿو کيڙي. اُهي کاٹا ۽ ڏنا تہ متان اوهاوڙي جو زميندار کيڙيندي کيڙيندي اسان جي ڌرتي پڻ کيڙي وڃي. نيٹ سيني مڙي سڙي بنيءَ ني وڃي اوپائي کي ماري ڪڍي ڇڏيو ۽ اُن کي هيڪلو ڏسي ڊيڇاريائون تہ جي وري تون ڪڏهن هيءَ بني کيڙيندين، تہ توکي لئيون هٹي هٹ پير ڇڏيندا سون. هاڻ اُتان اوپايو گهوڙا گهوڙا ڪندو ڳچو ويو."

تنهن کان پوءِ 'سيد ميران محمد شاهہ' (اول) "سڏاتوري ۽ ڪڏاتوري جي ڳالهہ" (1855ع ساڳئي پنڊت بنسي ڌر جي هندي قصي "کيڏي سيڏي" تان سنڌي ۾ اُلٿو ڪئي، جا "مهراڻ" مخزن (1959ع-1) ۾ ڇپي هٿي. هن اطلاقي آکاڻي مان اُن زماني جي سلوٹي سنڌي ۽ پراڻي صورتخطي جو مثال ڏجي ٿو:

"منشيءَ دفتر جي ڪلڪٹر صاحب کي ونجي چيو تہ ساءِ جلالپور جي ڪاغذن ڏسڻ منجهان ٿو پروڙجي تہ جيڪي مختيارڪار (سڏاتوري) لکٹو آهي سو سچ آهي ۽ دفتر جي ڳال ڪوڙي اُن ڪوڙ ۾ ڪڏاتوري جو ڪوٹ ٿو پروڙجي تڏہ صاحب ڪڏاتوري کي ڪوٹائي پڇٹو تہ هن ڳال جي وچور ڪيٹن آهي صاحب سمجهيو تہ هيءُ ڪوٹ ۽ ڏوه ڪڏاتوري ڪٹو آهي ۽ منشيءَ دفتر جو پڻ ڏوهہ آهي جو پهجي ڪم ۾ پاڻ سار ڪانہ رکي ۽ ٻئي کي پهجي ڪم ۾ موڪل ڏيئي ڇڏياءِ. هاڻ اُن سبب منشي دفتر جو ٻہ مهينا پنهنجي ڪم کان نکري وهي ۽ ڪڏاتوري پهجي ڪوٹ ۽ ڏوه سبب ٽي ورهہ بند ۾ رهي

ڏلا ڪٽي ماڻهن کي گهرجي ته ڪڏاتوري جي ڳال سٽي پاڻ کي پليڻ ته بچڻ جي گڏ اُٿڻ ويهڻ منجهن کهڙي' پلاءِ ٽي' رسن. پوءِ گهرجي تجي ماٽو دنيا ۾ پاڻ کي چڳن ماڻن مان تا پائين سي چگي ۽ موچاري وات ڏسي پاڻ کي بچڙائي ۾ نگڏين"

1854ع ۾ سنڌي جي ٻئي بنيادي نثر نويس 'منشي نندیرام ميراڻي'، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر 'ايلس صاحب' سان شراڪت ۾، مشهور "ايسپ جون آکاڻيون"، انگريزي تان ترجمو ڪيون هيون. اِهو ڪتاب، ميمڻ صاحب جي اَدبي تاريخ موجب، 'منشي اُدارام ٽانورداس' نئين ترتيب سان لکي، سڌاري سنواري، 1871ع ۾ وري ڇپايو هو- توڙي جهونو ڇاڙو ديوان ڏيارام مير چندائي اُن کي سڌو منشي اُدارام جو ترجمو ڪيل ٿو سمجهي، 1860ع ڌاري منشي اُدارام جو "طوطي نامو" آکاڻين جو ڳنڍڪو پڌرو ٿيو هو، جو اَصل سنسڪرت تان ورتل هو ۽ اُدارام صاحب فارسيءَ تان ترجمو ڪيو هو. منجهس اَلف ليلیٰ جي بناوت وانگر دلچسپ ۽ نصيحت آميز کهاڻيون ڏنل هيون. اُن ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي طور ڇپيل هڪ مزيدار ڳالهه "وهڻين ۽ ولهي جي آکاڻي" تجنيس حرفيءَ (aliteration) ۾ لکيل هئي، جنهن جا اَڪثر لفظ 'و' سان شروع ٿا ٿين ۽ جا جهوني سنڌيءَ جو هڪ عجيب نمونو آهي:

هڪڙي وهڻين جي ويڙ جو ويانهن هو، تنهن وٽ هڪ ولهو ويو ته وهڻين ويڻي وڙين جو پلاهه واڳڻ جي ياڇي سان ڪاڌو. تڏهن وَلهو وڃي ويڇهو ويٺس. وهڻين ڪٽنديئي وڙي ولهي جي وات ۾ وڌي، ته وَلهي ويچاري جنهن ويهن ورهين لاڪر وڙي جو واس ٿي نه ورتو هو، سو وسو ٿي ويو، ۽ وات پٽيو ويٺو ڪري واهه، واهه."

'سيد ميران محمد شاهه' (اول) جو ٻيو جهونو آکاڻين جو ڪتاب هو "مفيد الصبيان" (1861ع)، جو هنديءَ تان ورتل، ٻارن لاءِ فائديمند آکاڻين جو مجموعو هو، جنهن مان هڪ آکاڻي "فارس جو شهزادو" ٻڌ ڏيارام ميرچنداڻيءَ جي مٿي ذڪر ڪيل انتخاب ۾ ڇپيل هئي. ٻاراڻين آکاڻين جي هن ڇهرئين سنڌي ڪتاب مان، انهيءَ آکاڻي ۾ هيٺيون فقرو جهوني محاوري دار سنڌيءَ ۾ آڇي ٿو:

" بادشاهه جي محلي جي پاسي ۾ هيڪو موچي ڪميٽو بچڙو رهندو هو. بادشاهزادو سدا اُن جي گهر ايندو ويندو راند ڪندو هو، ۽ اُنسين ڏاڍو پيار رکيائين. وزير چيو، 'ڏيه ڏڻي ٻارن کي ڪميٽن جي سنگت ۾ چڏڻ ڏنڍاڻي

آهي. ٻورن ڏينهن ۾ اُنهن جا آرڪ ٻار ونندا آهن. ماٺهوءَ کي جهڙي سنگت هوندي آهڙا آرڪ سکندو. گهرجي ته شهزادو موچيءَ وٽ نه وڃي.' بادشاهه چيو ته اهو ٻار ابوجهه آهي ۽ موچيءَ سين پيار ٿي ويو آهيس. جيڪڏهن اُن سنگت کان جهلبو ته ڏکوٽبو ۽ متان اُن ڏک ۾ آڪهو ٿي پوي. کي ڏينهن کاند کجي، جڏهن وڏو ٿيندو تڏهن نصيحت ڪري موچي جي سنگت ڇڏائيبيس. وزير مات ڪري رهيو."

تنهن کان پوءِ، 'ديوان کيولرام سلامتراءِ' پنهنجو مشهور حڪمت آميز آکاڻين جو ڪتاب "سوکڙي" ۽ اخلاقي ٽوٽڪن ۽ نقلن جو مجموعو "گل" (1864-1871ع) لکيا، جي تعليم ڪاتي جي ڪن رندڪن ڪري (سندس پهاڪا جي ڪتاب "گل شڪر" وانگر) سالها پوءِ 1905ع ۾ ڇپايا ويا هٿا. ديوان کيولرام جي عبارت ۾ قديم اصطلاح واري آهي ۽ نبار سنڌي نثر جو نمونو آهي. "گل" مان ديوان صاحب جي لکڻي جو مثال ڏجي ٿو:

"هڪڙي پيري هڪ ملڪ جو هڪ اڳوٽو راجا، جبل ۾ شڪار لاءِ ويو. هڪڙو سندس صاحب گهمندو ڦرندو هڪڙي فقير وٽ، جو سُڄ ۾ هڪڙي جبل جي ڇُر ۾ دونهين ٻاريو ويٺو هو. وڃي نڪتو. فقير اُن اَمير کي ڳالهه ڪري ٻڌائي، ته آءُ فلاڻي ٻاڳئي جو ٻڪرار هوس، جاسين ٻڪرين کي چگي طرح سنياليم ٿي، تاسين ٻاڳئي مانَ ۽ ياوَ سان پيٽ ڪپڙو ڏنو ٿي. پر ڳڇ ڏاڙن کان پوءِ نشي پيئڻ جي هير ٿيم، جنهن ڪري ڏڻ جي ٽهل پوري ڪري نه سگهيس. تنهن کان ٻڪرين ڏهريون ٿيون ۽ بگهڙن گدڙن کاڌيون، تڏهن ٻاڳئي ٻيو ٻڪرار رکي مون کي لوڏي ڇڏيو، جو هاڻ ٽُڪر لاءِ وتان دردر ٻڌکندو. تنهن وانگي تنهنجو راجا ٻڻ ڏٽيءَ جي در جو ڏنار آهي، سو جي ڏڻ کي چگي طرح پالیندو ته واهه نه ته مون وانگي ٿيندو. مسلمانن جي نبي صاحب فرمايو آهي ته راجا کي نياوَ جو هڪڙو ڏاڙو سٽ ورهين جي عبادت بجاءِ آهي." "سوکڙي" جي ڇپائي ۾ ديوان کيولرام هي نهنائي ۽ سياڻپ جا لفظ، دلپذير تشبيهي نوع ۾ لکيا هٿا:

"هن ڪتاب کي ڏاکڙي سان لکيو آٿم. جيتوڙيڪ منجهس ڳالهيون ڪچيون ڦڪيون آيون آهن. پر سندس مطلب گهٽو سُپڪ ۽ سَوادي آهي. جهڙو ڪڙيءَ بادامیءَ جو تيل. تنهن ۾ ڳالهين جي ڪچائي کي ڏسڻ نه گهرجي ۽ سندن حاصل ٿي ڏسجي. جهڙيءَ پر آڪ ۾ ماکي ڏسي آڪ جي ڪڙائي کي نه نهاري ماکي لاهجي، سو چو ته ڪم ماکي سان آهي، تنهن وانگي ڳالهين

جي ڪچائيءَ تي بادامي جي ڪڙائيءَ ۽ اڪ جي ڪارائيءَ طرف ڌيان نہ ڪري، مطلب جو تيل ۽ ماکي هٿ ڪبا تہ گهٽن ڏکن جي ڏوار لاءِ ٻُڪي ٽيندي. ۽ هن ڪم ۾ ڳالهين جي ڪچائي ڏي ڏسڻ اهڙو آهي جهڙو مک سجو بت چڏي ڦٽ تي وَهي! تنهنڪري چگو هي آهي جو يَنور وانگي ڳالهين جي جهنگ مان ڳڻن جو واس ونجي."

1890ع ۾ 'مرزا قليچ بيگ'، مشهور Lamb's Tales from Shakespeare جو ترجمو "دلپسند قصا" نالي سان ٻن ڀاگن ۾ ڇپايو هو. صديءَ جي آخر ۾ ساڳئي "دلپسند قصا" نالي سان ٻيو هڪ وندرائيندڙ ڪهاڻين جو ڪتاب، روچيرام گجومل ڪرپالائيءَ جو لکيل پڻ ملي ٿو هو. مرزا صاحب، ادب جي ٻين شاخن سان گڏوگڏ، پچاڙيءَ تائين آکاڻيون ۽ لکندو آيو جن مان ڪي هيون:

"شيطان جي نانيَ"، "ڪادمبري" (1916ع)، "دل جو آرام ۽ عجيب دوا" (انگريزي تان 1916ع)، "دل وندرائيندڙ ڳالهيون" (1918ع)، "هندستان جون ديسي آکاڻيون" (1919ع)، "ڪريسيس" (يوناني تاريخي ڳالهہ- 1923ع) ۽ "گلابي جوڙو" ("حسينا" ۽ "ساوتري" - 1926ع). قليچ بيگ هڪ ٻارائين آکاڻين جو ڪتاب ۽ لکيو هو، "ٻارانا گل ڦل" (1918ع).

1890ع ۾ ساڏو هيرانند، پهرين سنڌي سماجي ۽ تعليمي مخزن "سرسوتي" جاري ڪئي، جا سندس برپا ڪيل اڪيڈمي اسڪول مان نڪرندي هئي، ۽ جنهن ۾ سندس ليکن سان گڏوگڏ ديوان ديارام، بولچند ڪوڏومل ۽ ٻين برک لکندڙن جا مضمون ۽ ڪهاڻيون ۽ پوندیون هيون. 'بولچند ڪوڏومل' جون Grimm's Fairy Tales تان ترجمو ڪيل ۽ سهڻيون آکاڻيون "سرسوتي" ۾ پيون هيون: هڪڙي Cinderella تان ورتل "اُماڙي جي ڳالهہ" ۽ ٻي Snow Drop تان ورتل. اُن مخزن مان 'ساڏو هيرانند' جا سکيادائڪ لطيفا ۽ مثالي ڪهاڻيون گهڻو پوءِ ڪٽيون ڪري، 'پيرومل مهر چند' "هيري جون ڪٽيون" (1926ع) نالي ڪتاب ڇپايو هو، جن مان ساڏو هيرانند جو وسيع مشرقي توڙي مٿربي ادبي آپياس پڌرو آهي، سندس هن زماني جي سليس سنڌي جو هڪ نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"سر والٽر اسڪاٽ نالي هڪ مشهور عالم لکيو آهي تہ جڏهن مان اسڪول ۾ پڙهندو هوس، تڏهن منهنجو هڪ ڪلاسي هو، جو سدائين پهريون نمبر ونندو هو. مون گهڻيئي مٽا هنيا، تہ ڪنهن ڀول سان هن ڪان

مٽي وهان. ڪيترائي ڏينهن نبري ويا، پر هيءَ پهرين نمبر ڇڏيئي نہ. آخر مون جاچ ڪري معلوم ڪيو، تہ جڏهن انهي ڇوڪري کان ماستر سوال ٿو پڇي تڏهن جواب ڏيڻ مهل پنهنجي ڪوٽ جي وڇين ٻيڙي کي ڦيرائڻ جي هن کي عادت آهي، مون سمجهيو تہ هن کان نمبر کسڻ لاءِ اها تجويز چگي ٿيندي جو اهو ٻيڙو ڪڍي وڌيس. اٽڪل ڪري ڪنهن مهل اوچتو مون اهو ٻيڙو ڇني ڪڍيس ۽ پوءِ منتظر ٿي ويٺس تہ ڏسان تہ ڪڍڻ جو نتيجو ڪهڙو ٿو نڪري."

1890ع ڌاري 'گرداسمل ڪرپالاڻي' مشهور هندي آکاڻين جو ڪتاب "بيتال پچيس" (125 آکاڻيون) الف ليلیٰ واريءَ طرز تي لکيل، ترجمو ڪري لٽو ۽ ڇپايو هو. ساڳئي وقت ڌاري 'ديوان هيرانند ڪيمسنگهہ' جي 'مهابارت' تان ورتل آکاڻي "ساوتري" ٻہ پڌري ٿي هئي، جنهن مان هن انگريزي عالم جو سنڌيءَ سان ٻہ ڇگو ڇاهہ ظاهر هو. 1891ع ۾ 'ديوان ڪوڙيمل چندنمل' سنڌي ۾ پهريون اصلوڪيون "ہاراڻيون آکاڻيون" لکيون هيون، جن مان سندس سُرل ہاراڻي هوليءَ ۾ آکاڻي ڪٿ جو ڏنگ ڏيکارجي ٿو:

"هڪڙو هو جهنگ، اُنهي جهنگ ۾ هيوُ ٻہ هرڻيوُ. هڪڙي هئي وڏي ٻي هئي ننڍڙي. وڏي هرڻي هئي ننڍڙي هرڻي جي ماءُ. هڪڙي ڏينهن اُپ ۾ گهٽا ڪڪر ٽيا ۽ واءُ لڳو. وڏيءَ هرڻيءَ چيو ننڍڙيءَ کي، 'اڄ مان جهنگ کان ٻاهر ڪين ويندیس. اڄ ڏينهن آهي ڏڏو، سو ماڻهو بندوقون کڻي ايندا شڪار ڪرڻ ۽ هرڻي ڏسندا تہ بندوق هڻي ماري وجهندا. تون ٻہ اڄ ٻاهر متان نڪرين' پر ننڍڙي هرڻيءَ ماءُ جو چيو ڪين ڪيو."

1902ع ۾ ديوان صاحب "قول مالا" لکيو، جنهن ۾ سڪيا پريون آکاڻيون ڏنل هيون. 1905ع ۾ هڪ اخلاقي آکاڻي "ريوتي" لکائين، ۽ 1906ع ۾ ڏرمي آکاڻي "سريتي ۽ سنيتي" لکيائين. 1906ع ۾ "ٽهڪ ٽي ٽهڪ" ٻہ لکيائين، جو سنڌيءَ ۾ پهريون مذاقي ٽوٽڪن جو مجموعو هو. 19 صديءَ جي آخر ۾، ساڏو هيرانند سان گڏ، ديوان ڪوڙومل ٻہ بنگالي سماجي ۽ ادبي سجاڳي جي اثر هيٺ آيو هو، ۽ وڏي ڇمار ۾ بنگالي هولي سکي، 'بنڪم چندر چٽرجي' جون پنڪتي آکاڻيون: "راڌا راڻي" (1914ع)، "اندیرا" ۽ "ٻہ منديون" (1916ع)، ۽ شريمتي گهوشال (ٽئگور جي پيڻ) جو ناول Fatal Garland آکاڻيءَ جي صورت ۾ "ندورو هار" نالي سان سهڻي سنڌي ۾ آندائين. مائي بلئونسڪيءَ جي انگريزي تان ورتل سندس آکاڻي "ڪير جو ڪير، پاڻي جو پاڻي" 1915ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي جي ماهوار رسالي ۾ ڇپي هئي، جا گهڻو پوءِ ڪوڙومل ساهت منڊل

"ڪرم قل" (1946ع) نالي ڇپائي، پر غلط خبر ڏنل هئي ته اها اڪائي بنڪر چندر تان ورتل آهي. ساڳئي منڊل ديوان صاحب جي مٿين اڪائين مان ٽن جو مجموعو "ٽرنڊڙ مڪڙيون" (1946ع) نالي پڻ ڇپايو هو، جنهن ۾ "ڪرم قل"، "به منڊيون" ۽ "راڻا راڻي" وڏل هيون. باقي "اندرا" جا اصل ڇيڙمل پرسرام سنڌواسي اخبار ۾ ڇپائي هئي سا وري ڪانه نڪتي.(1)

اوائلي اڪائين جي دؤر وارا ٻيا به ڪي دلچسپ ڪتاب نڪتا هئا. هڪڙو هو 'هاسارام' ۽ 'سويراج ڏاسوائيءَ' جو "سيا جو سينگار" (1894ع)، جو دنيا ۾ جي جهوني ۾ جهوني اڪائين جي سنسڪرت ڪتاب "پنچ تنتر" تان ورتل هو، ۽ ڪالياس کان به آڳاٽي زماني ۾ پنڊت وشنو شرما جو لکيل هو. پنڊت نارائڻ سوامي ۽ جو "هتو پديش" ، جنهن ۾ به ساڳيءَ طرز واريون اخلاقي اڪائيون هيون پر گهٽو پوءِ واري زماني ۾ سنسڪرت ۾ لکيل هو، تنهن جو ترجمو به 'جهمڻمل نارومل' هن وقت ڌاري پڌرو ڪيو هو. "پنچ تنتر" سنسڪرت تان عربيءَ ۾ "ڪليل دمنه" نالي سان ترجمو ٿيو هو؛ ۽ اُن جي فارسي ترجمي "انوار سهيلي" تان، 'محمد بخش واصف' 1914ع ۾ "گلزار چنبيلي" نالي سان سنڌيءَ ۾ آندو هو، جو فارسي محاورن سان پريل هو. پوءِ 'ناڪرداس ڏڌائيءَ' اُن کي سليس سنڌيءَ ۾ آڻي ساڳئي نالي سان، عرف "عقل جون ڪنجون" ڪوئي ڇپايو هو. هن ڪتابن ۾ پڻ ۽ پڪين وسيلي وندرائيندڙ ۽ نصيحت پريون ڪهاڻيون ڏنل هيون. ڇيو وڃي ٿو ته يوناني Ae-sop's Fables پڻ "پنچ تنتر" تان ورتل هيون، جي سڪندر اعظم جي ڪاهه کان پوءِ (عيسوي سن کان 3 صديون اڳ) هندستان مان يونان ڪڍي ويون هيون.(2)

ٻيو جهونو ڪهاڻين جو ڪتاب هو 'ٺهلرام لوڪومل پنواڻيءَ' جو "واندڪائي جي وندر" جنهن ۾ هارن لاءِ روحاني ۽ ڪرامتي اڪائيون ڏنل

(1) مٿين اڪائين کان سواءِ، سنڌي نثر جي هن هن ٻيل پاوَن هيڻيان آڳاٽا ڪتاب پڻ ڪڍيا هئا:
مرزا قليچ بيگ - "هارائا شعر" - 1870ع
ديوان ڪوڙومل - "سنڌي ڳجهارتون" - 1888ع
ديوان ڪوڙومل - "هارائا گيت" - 1891ع
مرزا قليچ بيگ - "هارن جي وندر يا پرولين" - 1922ع

(2) هيءَ ڪتاب پروفيسر نارائڻداس بٽيجا اصلوڪي نالي "پنچ تنتر" سان نٿين سر سنسڪرت تان ترجمو ڪيو هو، جو بمبئيءَ مان "هندستان ڪتاب گهر" وارن 1957ع ۾ ڇپايو هو. تازو سنڌ ۾ احمد خان آصف جو ساڳئي ڪتاب جو ترجمو ڇپيو آهي.

هيون. اهو ڪتاب به ٻالڪپڻ ۾ اهڙي چاهه وچان پڙهندا هٿاسون جو ڪائڻ پيئڻ وسري ويندو هو ۽ اُن مان هڪ ڪهاڻي ۾ آيل هيٺيون بيت اڃان دل تي اُڪريو ٻيٺو آهي:-

"ڪانڙ، ڪهريون، ڳيرا، اڇي ٽيو مون پيڙا،
تر اڇي چونڊايو، نه ته روئڻ پٽڻ سڀ اجايو."

1895ع ۾ هڪ ٻيو اڪسير ڪهاڻين جو ڪتاب "عجيب نقطا" نڪتو، جنهن ۾ 'روچيرام گجومل' جون لکيل اخلاقي آکاڻيون هيون، ۽ پچاڙيءَ ۾ وسٹمل ميرچنداڻيءَ (ديوان ڏيارام وسٹمل جي پٽا) جا جوڙيل ڪي بيت ڏنل هٿا. هن ڪتاب جي عبارت نهايت نجي ۽ گهريچي هڻي.

هن دؤر جا آخري آکاڻين جا ڪتاب هٿا 'پرمانند ميوارام' جا "دل بهار" (1912ع) جا چار پاڳا ، جن ۾ "جوت" مان ڪنيون ڪري چپايل مزيدار ۽ وندرائيندڙ ۽ نصيحت ڀريون آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا پڙهي، ڪلي ڪيرا ٽي پوندا هٿاسون؛ پر اُنهن مان ٻئين پاڳي ۾ "چتور ڪماري" ۽ ٻي هڪ راجپوت سورهيائيءَ جي تاريخي ڪهاڻي ڏنل هڻي. "دل بهار" (پاڳو 1) جي هڪ ڪلائيندڙ آکاڻيءَ مان هيٺيون ٽڪرو ڏجي ٿو، جنهن مان پرمانند صاحب جي سپڪ ۽ پختي عبارت جي پرڙ پوندي:

"ڪي زال مرد پاڻ ۾ ٺهندائي ڪين هٿا. 'چاندبيا مگسيا' هوندا هٿا. مرد ڏاري ڪتو زال ڏاري ٻلي. وري عجب ڪهڙو جو ٻلي ڪتو به پاڻ ۾ نه ٺهن! ٻارهوئي چٽاپيٽي لڳي پيئي هوندي هين. هڪڙي پيري رات جو ڏاڍو آڇي مينهن ڇٽڪيو. ڪتو ويڙهجي سيڙهجي ٻاهر ڊير تي پٽجي رهيو هو، سو پُسي پَٽ تي پيو. باقي ٻلي سا مزن ۾ هئي. چلهه وٽ ڪوسي ستي پيئي هئي. ڪنهن مهل جاڳي ته چا ڏسي ته ڪتو ٻاهر پيو آهي. تڏهن مسخري ڪري چوڻ لڳيس:

مينهن وُٺو، ڪتو منو، ٽيڑس برو حال،
آءٌ ٽي مزا ماڻيان، جئن راجا سندي زال."

وڌيڪ آکاڻي پڙهي پوري ڪرڻ سان مجال آهي جو ڪل روڪي سگهجي. مسخري جي مسخري، نصيحت! پرمانند صاحب ڏيتيءَ ليتيءَ جي ٻرندڙ مسئلي تي پهرين اصلي آکاڻي "لڇڻ وڌيڪ ڪين لڌو" ۾ لکي هئي؛ ۽ تنهن کان گهٽو پوءِ هڪ پنگتي آکاڻي "هيري جي مندي" (1934ع) خطن جي صورت ۾، پنهنجي سلوٽيءَ ۽ موزون سنڌيءَ ۾ لکيائين.

'نانڪرام ڏرمداس' 1915ع ۾ ٻه اخلاقي آکاڻيون "ڏرمراءِ جي وَهِي" ۽ "جيوت جو جَسُ" پنهنجي پختيءَ عبارت ۽ لکيون هيون ۽ 'ڏيئومل محبوبراءِ' 1921ع ۾ "اخلاقي تعليم" نالي هڪ چوپڙي ڇپائي هئي جنهن ۾ اخلاقي آکاڻيون ڏنل هيون، جي هارن لاءِ وندرائيندڙ هيون ۽ سليس ٻولي ۾ ٻه لکيل هيون. ٻال- ساهت ۾ هيءُ ڳاڻ ڳٽين ڪتابن مان هڪ هو. هن پهرئين دور تي نظر وجهڻ سان خبر پوندي ته اُن زماني جون گهڻيون ٽيون آکاڻيون رومانيءَ ۽ اخلاقي هونديون هيون، جن ۾ خاص زور وندر ۽ سکيا تي ڏنل هوندو هو، توڻي پڇاڙي ۾ پنگتي سڌاري ڏانهن ڇڪو لاڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

## تاريخي ۽ سماجي آکاڻين جو دؤر

سنڌي آکاڻي جو ٻيو دور 'لعلچند آمر ڏنيمل' جي برپا ڪيل 'سنڌي ساهت سوسائٽي' جي ماهوار رسالن سان 1914ع ۾ شروع ٿيو. هي رسالو سنڌي آکاڻي جي اوسر ۾ هڪ اهم حد- نشان هو، جنهن ۾ جهونن توڙي نون ليکڪن جون ڪي اصلوڪيون ۽ گهڻيون ترجمو ڪيل آکاڻيون شايع ٿينديون هيون. هي رسالو اُن سال شروع ٿيو جڏهن پهرين مهايارين لڙائي شروع ٿي هئي ۽ پنگتي ۽ خانگي مسئلا گهرا ٿيندا ٿي ويا. جنهن ڪري ڏسبو ته هن رسالي جي آکاڻين ۾ گهڻو ٿڙ سماجي اوڻاين جي اپٽار ڪيل آهي، ۽ انهيءَ ڏس ۾ شمار 15 سال هي رسالو سنڌي ساهت جي خدمت ڪندو رهيو. تنهن کان پوءِ ڪي سال ڪراچي جي اين-ايڇ - پنجابي نالي ڪتب فروش هن رسالي جي اِشاعت جو ڪم هلايو. اُن جي شروعاتي آکاڻي هئي 'لعلچند امرڏنيمل' جي شاهڪار "حر مڪيءَ جا" (1914ع) جا پهرئين "سنڌ ڪاليج مسلني" ۾ ڇپي هئي. هيءَ هڪ تاريخي ڪوجنا واري آکاڻي هئي جنهن ۾ جهونن سنڌي مسلمانن جي پنگتي حالتِ جون ڪاڻي جهلڪيون هيون. پر لعلچند صاحب جي پُر اصطلاح عبارت پڙهندڙن کي اهڙي دق لڳندي هئي جو سندس پڻ چوڻ هو ته اُهي سندس آوائلي ڪتابن جو خير ڪو قدر ڪندا هٿا. جنهنڪري ڇا ڪيائين جو پنهنجو نالو ئي مٽائي ڪٽي نُک وارو نالو "آوتراءِ روپچند منچندي"ا اختيار ڪيائين. انهي نالي هيٺ هڪ لنبي آکاڻي يا نندو ناول (ناولٽ) "ڪشنيءَ جو ڪشٽ" (1917ع)، ۽ ٻي بنگالي جيوت جي پس منظر ۾ نندي آکاڻي "ڏکن ڏڏي زندگي" (1925ع) لکيائين، جي ٻئي گهرو ۽ پنگتي زندگيءَ جون ڪهاڻيون هيون ۽ پڙهندڙن کي نهايت پسند پيون

هيون. پر اُنهن جي اصليت جي پڪ نٿي، ۽ خاص ڪري پهرين بابت هڪ عالم جي دعويٰ آهي تہ اها مسز هينري ووڊ جي ناول Mrs.Haliburton's Troubles تان ورتل آهي، توڙي ان جي جواب ۾ لعلچند اعتراض ورتو هو تہ اُن آکاڻي لکڻ تائين مون اهو انگريزي ناول پڙهيوئي ڪونہ هو. منهنجي خيال ۾، اهي ڪهاڻيون فقط نالي بدلائڻ ڪري ڪونہ پسند پيون، پر ڇو جو انهن جي عبارت کي اُستاد صاحب کي قدر سليس ۽ عام فهم بنايو هو، جيتوڻيڪ پاڻ هميشه دعويٰ ڪندو هو تہ "رواجي هوليءَ مان آءٌ جاڻان ٿي ڪين." 1920ع ۾ شريمتي گهوشال جي هڪ پنگتي آکاڻي "لڃاوتي" جو پڻ ترجمو ڪيو هٿائين. لعلچند "نؤورني جو خون" (1923ع) کي پنهنجي بهترين اثراتي آکاڻي ڪري ليکيندو هو؛ پر منهنجي نظر ۾ "نندڙي نٽنا"، جا گهٽو پوءِ "مهراڻ"، مئي- جون ۽ جولاءِ 1946ع ۾ڇپي هئي، سندس نهايت زوردار نندي آکاڻي هئي، جا هڪ نوجوان وڏوا جي جذبن بابت بي ڊپي نوع ۾ لکيل هئي. جولاءِ 1947ع واري "مهراڻ" ۾ لعلچند جي قلم مان هڪ سيرت نگاريءَ جو هڪ دلچسپ خاڪو (sketch) "تلوڪ ٽيمي" ڇپيو هو، ۽ سندس بي سيرت نگاريءَ واري آکاڻي "مون بہ سنگتيءَ ۾ ڪي تہ ڏٺو هو" سيپٽمبر 1947ع واري پرچي ۾ ڇپي هئي. هي ٻئي آکاڻيون وري بہ اُستاد جي دستوري اصطلاحن سان ڳٽيل عبارت ۾ لکيل هيون.

'پيرومل مهر چند' 1914ع ۾ هڪ اخلاقي آکاڻي "پريم جو مهاتم" سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالي ۾ ڇپائي هئي. ساڳئي سال اڪيڊمي اسڪول جي پرنسپال 'ديوان بولچند ڏيارام'، جو انگريزي ۾ اُستاد، پر سنڌي جو هڪ ڪم نويس عالم هو، تنهن هڪ تاريخي ڪهاڻي "نورجهان" ساڳئي رسالي لاءِ لکي هئي جا ڪافي قبول پئي هئي. معروف بزرگ شاعر 'نرملداس فتحچند' هن ماهوار رسالي لاءِ هڪ تاريخي آکاڻي "سروجني" لکي هئي، جنهن ۾ جهوني زماني واري سنڌ ۾ هندو - مسلم ميلاپ جو سماجي مسئلو ڪنيل هو ۽ لکندڙ جي مائيدار فارسي- آميز عبارت ۾ لکيل هئي.

سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جون 1915ع واريون آکاڻيون هيون:- 'پرمانند ميوارام' جي مصري تاريخي آکاڻي "يوسف مصري"؛ 'پرنسپال تيجومل شاهاڻي'ءَ جي فرانسيسي تاريخي آکاڻي "جيني" (Joan of Arc)؛ 'پروفيسر موٽومل گدوائيءَ' جي راجپوت تاريخي آکاڻي "ستيوتي"؛ ۽

'لڇيندارام ليکراج' جي پنگتي آکاڻي "اندرا ۽ چندرا". مشهور شاعر 'محمد صديق مسافر' "جون تاريخي آکاڻيون "زيب النسا" 1914ع ۾ ۽ "چاند بيبي" 1920ع ۾ ڇپيون هيون. 1914ع ۾ 'ٿلهرام نارائڻيءَ' جي ترجمو ڪيل آکاڻي "نل دمينتي" ڇپي هئي. 1918ع ۾ 'نانڪرام ڏرمداس' جي ڏڳهي تاريخي ڪهاڻي "لڪل لعل" نڪتي هئي، جنهن ۾ سنڌ تي سڪندراعظم جي ناڪامياب ڪاهه جو بيان ڏنل هو، پر پڪ نٿي ٿئي ته ڪٿان ورتل هئي. 1920ع ۾ 'ليلارام ولايتراءِ' جي "سمن موچي جي ڳالهه" ڇپي، جا مشهور روسي ودوان ٽالسٽاءِ جي ڪهاڻي تان ترجمو ٿيل هئي. هن صاحب ٽالسٽاءِ جي ٻي ڪهاڻي "انسڪاف جي آکاڻي" به ترجمو ڪئي هئي. 'آسانند مامتورا' جو شريمتي گهوشال جي آکاڻي تان ترجمو "بلوو" به ساڳئي سال ڇپيو هو. تنهن کان پوءِ سندس اصلوڪي آکاڻي "فيلسوف" ڇپي، جا پريم ۽ اَمرتا بابت هڪ روحاني ڪهاڻي هئي ۽ 1927ع ۾ ونڊلري" نڪتي جا اِندر راجا جي سمي جي وارتا هئي. 'جهمڻمل پاوناڻيءَ' جون اصلوڪيون آکاڻيون "شيرين" 1920ع ۾ ۽ "پوتر پريم" 1925ع ۾ ڇپيون، ۽ "اجهل روشني" جا بنگالي تان ترجمو ڪيل هئي 1928ع ۾. 1926ع ۾ نڪتل 'روچيرام سڌاڻيءَ' جي "درگاوتي" ۾ هڪ بنگالي سماجي آکاڻي هئي ۽ اصلوڪي لکيل هئي. ساڳئي سال 'آتمارام ڪرپلاڻيءَ' جي "راجائي رنگ محل" ڇپي جا ٽئگور جي آکاڻي Hungry Stones جو ترجمو هئي؛ ۽ 'گرڌاري ڪرپالاڻيءَ' جي "ڪابوليوالا" جا ٻئ ٽئگور جي ساڳئي نالي واري آکاڻي جو ترجمو هئي. 1929ع ۾ "صلح -پرچاءِ" نڪتو جنهن ۾ مشهور سنسڪرت پستڪ "هتو-پديش" مان راڄنيتي ۽ اخلاقي ڪهاڻيون ڏنل هيون جي 'پهلاجراءِ شرما' ترجمو ڪيون هيون. 1930ع ۾ هن سوسائٽي 'لطف الله بدوي' جي آکاڻين جو ننڍو مجموعو "دستہ گل" پيش ڪيو، جي اصلي لکيل هيون.

جيٺمل پرسرام پنهنجي هفتيوار اخبار "پارتواسي" ۾ به آکاڻيون ڇپيندو هو، جن مان به 'منگهارام ملکاڻيءَ' جن ترجمو ڪيل هيون، هڪڙي "گونگي ڪنوار" ٽاگور جي Sudha تان، ۽ ٻي "بن ديوي" ٽاگور جي ٻئ سؤرنا ديوي گهوشال جي Spirit of the Place تان، ٻئي 1924ع ۾ ڇپيون هيون. هي ٻئي آکاڻيون گڏي "آشا" ساهت منڊل 1944ع ۾ "مالتي ۽ ٻيون آکاڻيون" نالي ڪتاب ۾ ڇپايون هيون. "پارتواسي" ۾ 1926ع ۾، 'آچاريہ

آسودومل گدواڻي' جون 'ڪاليداس' تان ورتل ۽ ڪهاڻيون ڇپيون هيون، جن جا نالا هٿا "دليپ، ڪنوُ پڪتي" ۽ "رگهو راجا". 1924ع ڌاري 'ڪماري ديانتي هولارام' جي "قرضدار نالي آکاڻي "نو جيون" اخبار ۾ ڇپي هئي جا هڪ شاهوڪار جي اُدارديءَ بابت لکيل هئي، پر جيڪڏهن ترجمو ڪيل آهي تہ ڪنهي لکيل آهي. 'منوهرداس ڪوڙيمل' 1927ع ۾ "من جا مٹيا" نالي ۽ 1935ع ۾ "اخلاقي آکاڻيون" نالي مجموعا ڇپايا. 'ٿلهرام پنواڻي' 1928ع ۾ "واندڪائي جي وندر" نالي آکاڻيون ڇپايون.

1922ع ۾ جيٺمل پرسرام "نئين سنڌي لائبريري ۽ سستو عمدو ساهت مالا" شروع ڪيون هيون، جن ۾ هڪ سؤ ڪن ڪتاب ڇپائي وڃائين، ۽ اهو تحرڪ پڻ سنڌي ساهت پڌري ڪرڻ ۾ وڏي اهميت وارو هو. هن ٻن سلسلن ۾ گهٽيون آکاڻيون 1926ع ۾ نڪتيون، جن مان پهريون خود 'جيٺمل پرسرام' جون لکيل هيون، جن ۾ ڪن جڳ مشهور ڪتابن کي مختصر ڪري آکاڻين جي صورت ۾ ٻهاريو هٿائين؛ "موناوانا" بيلجن نائڪ- ڪار ميٽرلنڪ جي ساڳئي نالي واري نائڪ تان ورتل؛ "ٻال هتيا" ٽالسٽاءِ جي نائڪ Power of Darkness تان ورتل؛ ۽ "گل بلاس" اسپين جي هڪ مشهور سير سفر واري ناول تان ڪنيل. پوءِ ڇپايائين 'مرزا قليچ بيگ' جون آکاڻيون؛ "وامق ۽ عذرا" "، ليلي مجنون" وانگر هڪ رومانسي محبت جو غمناڪ عربي قصو؛ "لٻاخان درزي ۽ خليفو ڪهنگ" ۽ نيلو پکي" ٻئي انگريزيءَ تان ورتل؛ "طلسمي گڏي"، "ٻہ جاڙا ٻائر" ۽ "ٽي ديوَ يا راکاس" جن جو اصل جاڻايل ڪونہ هو؛ ۽ "ستن شهزادن جِي ڪهاڻي" جا انگريزي ڪتاب "شيخ چلي" جي آکاڻين تان ورتل هئي. تنهن کان پوءِ آيا 'ليلارام ولايتراءِ' جا ٻہ اختصار؛ "جولُن جي آکاڻي" جا پادري فرار جي مشهور ڪالپجي جيوت واري ناول Julian Home تان ورتل هئي؛ ۽ "آنربل جِم جي آکاڻي" جا هڪ انگريزي تاريخي ناول تي ٻڌل هئي. ساڳئي سال جي پڇاڙيءَ ۾ نڪتيون 'آچاريہ گدواڻيءَ' جون 'ڪاليداس' جي نائڪن ۽ ويرڪٿائن (رزميہ داستان) تي ٻڌل ڪهاڻيون؛ "مالوڪا اگنمِتر" ، "وڪرم اُروشي"، "رگهوونش" ۽ "ڪمار سمبو" - جي نهايت سهڻيءَ هندڪي سنڌيءَ ۾ لکيل هيون ۽ آڳاٽي زماني جو وايومنڊل پوريءَ طرح پيدا ٿي ڪيائون. "رگهوونش" جي پرستاونا (مهاڳ) ۾، 'آچاريہ گدواڻيءَ' 'ڪاليداس' جي

جيوت ۽ رچنائن تي روشني وجهندي لکيو هو:

"سنڌ ۾ 'شڪنتلا' کان سواءِ ڪالیداس جي ٻين گرنٿن (ڪتابن) جي ڪا ٿورن کي خبر آهي. سنسڪرت پاشا (ٻولي) جي جاڻ نہ هڻڻ ڪري ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ اسان جي پراچين گرنٿن (قديم ڪتابن) جا پاشنتر (Versions- ترجما) بہ ڪي ٿورا آهن... منهنجي اندر جي اها آس آهي تہ سنڌ ۾ جا هينئر هندو هلچل هلي رهي آهي. سا ڏرمي بغض جِي واٽ ڇڏي، هندو ساهت ۽ سيبتا جي آڀياس جو آرنبِ (شروعات) ڪندي ۽ ائين آسان جن گهرن ۾ وري هندو سنسڪار آڻيندي. مون حال فقط رگهو ونش جي ڪٿا (ڪهاڻي) ڪنئي آهي. سنڌڙيءَ کي جي هيءَ شردا (عقيدت) قبول پيئي، تہ آءٌ اتساهہ سان اڳتي پير کڻندس."

آچاريہ صاحب جي سرل ۽ مڌر (مٺي) هندي- سنڌيءَ جي ميلاپ واري عبارت، جنهن ۾ ڏکين سنسڪرت لفظن وجهڻ بدران سليس فارسي لفظ ڪم تو آڻي، تنهنجو نمونو "رگهو ونش" مان ڏجي تو، جتي دسرٿ جو پيءُ راجا اَجُ، رانِي اندومتيءَ جي ديهانت تي ورلاپ تو ڪري:

"وري اندومتيءَ جو ڪومل بدن ڏسي تو پچيس، تہ گلن جي پلنگ تي تنهنجِي پن چُتي ننڊ ڪٿي، سو تون سرڻ جو سور ڪيئن سهِي سگهندينءَ؟ چي مون لاءِ پريم تہ پچاڑيءَ جي گهڑيءَ ۾ بہ گهٽو ٿِي ڏيکاريءِ، جو پنهنجي نخريلي چال هنس کي ڏيئي ويٺينءَ، ۽ ڪوئل جي ڪنڌ ۾ پنهنجو مٺو آواز وجهي ويٺينءَ، ۽ هرڻ کي پنهنجي اکين جي سونهن ڏئي ويٺينءَ، تہ مان تنهنجا سپ گڻ پيو هتي هميشہ ڏسان. پر دک جو ماريل منهنجو من ڪٿان تو ڏسي هي سپ سهي سگهي! آڃا تہ هينئر انب جي وڻ تي پرينگو وَلُ وٹي چڑهي. انهن جو وهاءِ اڌ تي ڇڏي، جي توکي ايئن نہ وڻي گهربو هو... گڏ گل ويهِي پوتاسين، سو تون هار اڌ تي ڇڏي، ڪيئن هلندي رهينءَ؟... نردئي (ظلم) ٿي. اڄ ڪال منهنجو چا نہ ڪٹي ويو؟ گهر ڏياڻي، گهر جي راڻي، صلاحڪار منهنجي سياڻي، محل جو مٹيو. پريو! اڄ توکي هي چا وٹيو!"

"نئين سنڌي لائبريري" جا آخرين اکين جا ڪتاب، 'پرفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ' جو "هاراٿيون هوليون" (1926ع)، ۽ 'گرڌاري ڪرپالاڻيءَ' جو "رابندرناٿ جون ڪاڻيون" (1927ع) ٿا ڏسڻ ۾ اچن. ٽئگور جي چوند ڪاڻين واري مٿئين مجموعي وانگر، 'شيوارام لالا' جي "ٽالستاءِ جون ڪاڻيون ۽ جيون چرتر" جا ٻي پاڳا 1935ع ڌاري "سنڌو" ساهت منڊل ڇپايا هٿا.

1934ع ۾ "ڪوڙومل ساهتيه منڊل"، 'پرمانند ميوارام' جون ٻه پنگتيِ ۽ اخلاقي آکاڻيون ڇپايون هيون؛ "هيري جي مندبِ" (خطن ۾) ۽ "ڏرم مورتي" . پروفيسر 'نارائڻداس ملڪاڻيءَ' جون "مهابارت جون آکاڻيون" "ڪهاڻي مندر" 1940ع ۾ ڇپايون هيون. 1941ع ۾ 'پنڊت لبورام شرما' "جشن گرنٿ" ڇپايون هو، جنهن ۾ 'وِيد وياس' جي لکيل 'مهابارت' جي لڙاڻيءَ جو احوال، وارتاڻن سان پريل، ڏنل هو. منجهس ڏيکاريل هو ته دروپتيءَ جو مڙس هڪڙوئي ارجن هو ۽ عام غلط فهميءَ موجب پنجئي پانڊو پاٽر. 'غلام محمد شاهواڻيءَ'، 'شيخ سعديءَ' جي مشهور "گلستان"، وارين اخلاقي آکاڻين جو فارسيءَ تان ترجمو "گلشن بهار" نالي سان هن وقت ڏاري ڪڍيو هو. 1944ع ۾ "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" 'عثمان علي انصاريءَ' جو "ادبي انتخاب" ڇپايو هو، جنهن ۾ هن ٻئي مسلم عالم، دنيا جي ڇٽن ملڪن؛ عرب، انگلينڊ، فرانس ۽ آمريڪا جي ادب جا نمونا، گهٽو ٽٻو آکاڻين جي صورت ۾ ڏنا هٿا، ۽ عبارت به ٽيٽ ۽ چيدي ڪتب آندي هٿائين. انتخاب جو بهترين مضمون "سرٽنو" هو، جنهن ۾ مشهور فرانسي ناٽڪ ڪار Rostand جي ساڳئي نالي واري شاهڪار برامي جو اختصار ڏنل هو.

## ديسي آکاڻين جا ترجما - ماهوار رسالن جو دؤر

1921ع ۾ مهاتما گانڌيءَ جي قطع تعلقات واري هلچل شروع ٿي، ۽ 1925ع ڌاري سنڌي آکاڻين جو قومي مسئلن وارو دؤر شروع ٿيو. اهو ٻن مهاياري لڙاڻين جي وچ وارو زمانو هو، جڏهن پهرئين جنگ جون تياريون ٿي رهيون هيون، جا ٽيٽ 1939ع ۾ شروع ٿي. دنيا ۾ جون سياسي حالتون نهايت گنهير ٿي ويون هيون، ۽ خود هندستان ۾ آزاديءَ جو انقلاب زور شور سان شروع ٿي ويو هو، جنهن جو اثر سنڌي ساهت ۾ به نمودار ٿيو. هن زماني جون آکاڻيون 'منشي پريمچند' جي اڳواڻيءَ هيٺ، سماجي ۽ قومي مسئلن تي لکيل هوندیون هيون. سنڌي ساهت ۾ پهرئين اٽڪل 1925ع کان 1940ع تائين، هندستاني ٻولين مان ترجمو ڪيل آکاڻين جي هڪ زبردست ويڑ آئي، جنهن ۾ اُردو ، هندي، بنگالي، گجراتي، مراهٽي وغيره مڙني ٻولين مان سوين آکاڻيون سنڌيءَ ۾ آڇي ويون. انهيءَ ترجمي واري دؤر کي ماهوار رسالن جو دؤر به چئي سگهجي ٿو. ماهوار رسالن جو علمبردار ته مٿي ذڪر ڪيل "سنڌي ساهت سوسائٽي" جو ماهوار رسالو هو جو 1914ع ۾ شروع ٿيو هو. تنهن

کان پوءِ آيو "سک ينگ مينس ايسوسيئيشن" جو ماهوار ٽريڪٽ جو 1917ع ۾ شروع ٿيو هو، جنهن ۾ گهٽو تڻ سک ڏرم جي بهادري ۽ قرباني جون کهاڻيون ڏنيون ويندون هيون، ۽ جنهن به کيترا سال سنڌي ساهت جي شيوا ڪئي. پوءِ نڪتا: 'ميلارام واسوائيءَ' جو "سندر ساهت" ماهوار رسالو (1924ع)، 'هريشندر روپچند' جو ڪيل "ڪوڙومل ساهتيه منڊل" (1925ع)، 'محمد صديق ميمڻ' جي برپا ڪيل "مسلم ادبي سوسائٽي" (1931ع)، 'چوهڙمل' ۽ 'پارومل' واري "رتن ساهتيه منڊل رسالو (1939ع)، 'جيٺانند لعلواڻيءَ' جو "پارت جيون" رسالو (1940ع، 'ديارام سيائيءَ' جو "آشا" ماهوار رسالو (1941ع)، وغيره،- جي سڀ سالن جا سال سانده، گهٽو ڪري ترجمن معرفت، سنڌي کهاڻين ۽ ٻين ڪتابن جي خزاني کي پرپور ڪندا رهيا، جنهن صورت ۾ ايترين آکاڻين جو وچور وار بيان ڪرڻ ناممڪن آهي، تنهنڪري ڪن خاص لياقت پرين آکاڻين جي ياداشت هيٺ ڏني.

1942ع ۾ مون پنهنجي دوست پروفيسر 'ٺاڪرام آڏواڻيءَ' کان آٺ هندستاني آکاڻيون،سنڌي ترجمن تان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڇپايون هيون، جن جي چونڊ ڪرڻ لاءِ مون کي سوين سنڌي آکاڻيون ڪٽيون ڪري پڙهڻ جو موقعو مليو هو. اُهو انگريزي ڪتاب جنهن جو نالو "Short Stories of Indian Life" رکيو هوسون، تنهن۾ آسان ۽ اصلوڪين سنڌي کهاڻين کي به جڳهه ڏني هئي، جي هيون: 'آسانند مامتورا' جي "ڳنوارڻ" ۽ 'امر لعل هنگوراڻيءَ' جي "ادو عبدالرحمان."(1)

(1) 1953ع ۾ هڪ يورپي عالم دنيا جون بهترين کهاڻيون ڪٽيون ڪرڻ لاءِ بمبئيءَ ۾ آيو هو، جنهن کي مٿيون ٻه کهاڻيون، ان وقت تائين بهترين سنڌي آکاڻيون سمجهي، مون ڏنيون هيون، جن مان هن صاحب "ادو عبدالرحمان" پسند ڪئي هئي. فخر جي ڳالهه آهي جو اها شاهڪار سنڌي کهاڻي 1954ع ۾ UNESCO وارن پنهنجي هڪ آکاڻين جي انگريزي منتخب ۾ ڇپائي هئي. 1959ع ۾، "ساهتيه اڪاڊمي" (دهلي) جي بهترين هندستاني آکاڻين واري انتخاب ۾ ٻه اها هڪڙي ئي سنڌي کهاڻي ڇپي هئي؛ ۽ اڪاڊميءَ جي ٻئين انتخاب لاءِ مامتورا جي "ڳنوارڻ" چونڊي وئي آهي. 1963ع ۾ حشو ڪيولراماڻيءَ به "ادو عبدالرحمان" پنهنجي مجموعي Sindhi Short Stories ۾ شامل ڪئي هئي. جنهن جو انگريزي ترجمو پاڻ ڪيو هٿائين. جڏهن ساهتيه اڪاڊميءَ جو ٻيون انتخاب 1967ع ۾ شايع ٿيو، تڏهن سڌ پئي ته 'مامتورا' جي مٿين آکاڻي منجهس ڪانه پيل هئي، پر 'ليکراج تلسياڻيءَ' جي "منجري ڪولهڻ" وٽائون، جنهن جو انگريزي ترجمو هن بندي ڪيو هو.

اسان جون چونڊيل باقي ڇھ هندستاني آکاڻيون هيون:-

| | نالو | لکندڙ | مترجم | کھڙي ڪتاب ۾ | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | صوف | رويندر ناٿ مِتر | وديارٿي | ڪنمنڙا | ڪوڙومل منڊل |
| 2 | ڏاڪ بردار | ڏومڪيتو | وديارٿي | ڪنمنڙا | ... |
| 3 | امرجيون | ڪنيالال ناڪرداس | چوهڙمل | ناسور | رتن |
| 4 | پٽر | اپيندر ناٿ اشڪ | چوهڙمل | ناسور | ... |
| 5 | ڪچورين جو چور | ا.س.پ.آير | جڳت آڏواڻي | ڪنيا ڪماري | ڪھاڻي |
| 6 | هيءَ ڪھاڻي ڪھڙي | خليل جبران | جڳت آڏواڻي | روحاني راھ | ... |

انهن کان سواءِ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ٻيون سٺيون ديسي آکاڻيون هيون:

| | نالو | لکندڙ | مترجم | کھڙي ڪتاب ۾ | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | شاھراھ | ڪملا ڪانت ورما | جڳت آڏواڻي | شاھراھ | ڪھاڻي |
| 2 | ديوانو | نريشچندر گپتا | ... | ... | ... |
| 3 | پرديسي پريت سي ڪيا جاني | (بنگالي) | ... | ... | ... |
| 4 | سمپادڪ صاحب | پريمچند | چوهڙمل | پنڪڙيون | رتن |
| 5 | لوڻ جو داروغو | ... | ميلارام | جوهر نٿر | سندر ساھتيہ |
| 6 | پتني يا... | ... | ... | ... | ... |
| 7 | بي.اي.بهادر | ... | هيراننديعيدناڻي | ... | ... |
| 8 | ڪٽن پريڪيا | سدرشن | ميلارام | ... | ... |
| 9 | چندرا | ... | ... | بهاري بوندون | ... |
| 10 | غريبہ جو سرڳ | ناٿ سنگھ | م.ر.م | لالڙيون | رتن |
| 11 | ڪولي | اپيندرناٿ اشڪ | چوهڙمل | ساگر لهرون | ... |
| 12 | گنهگار | رڌبير سنگھ | جڳت آڏواڻي | ... | سندر ساھتيہ |

| | نالو | لکندڙ | مترجم | کڻڻي ڪتاب ۾ | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|---|
| 13 | برهمڻ ديوتا | ڪدارناٿ | جڳت آڏواڻي | لهرون | سندر ساهتيه |
| 14 | شمشان | اختر حسين | "پارومل" | سورهن سينگار | رتن |
| 15 | نروپما جو وهنو | ٽڪور | چوهڙمل | ... | ... |
| 16 | سوجهرو | ... | شيوارام آڏواڻي | انبس | ... |
| 17 | آخري پيار | ... | ستايل | ... | ... |
| 18 | راڪا راڻي | بنڪم | هري آشا | سورهن سينگار | ... |
| 19 | مهيش | شرت | وديارٿي | ... | سڪ ٽريڪٽ |
| 20 | جوگيءَ جي ڏيءُ | ... | ڪرشن هيمراجاڻي | برف جو طوفان | رتن |
| 21 | اياڳ جو سرڳ | ... | اندرا هيمراجاڻي | ... | ... |
| 22 | بدقسمت | رشيدجاويد | ميلارام | ... | سندر ساهتيه |
| 23 | انقلاب | عشرت رحماني | ... | ڀاري بوندون | ... |
| 24 | سونهن جي راڻي | پنڊت ڪوشڪ | ... | ... | ... |
| 25 | اڏ ٽڙيل گل | اپندرناٿ اشڪ | ... | سماجڪ چٽنگون | ... |
| 26 | مرڪ | گورڪناٿ | ... | ... | ... |
| 27 | ڪوٽوال صاحب | ڪنيالال منشي | ... | ... | ... |
| 28 | ڏنگي ليڪ | منٽو | جڳت آڏواڻي | ڏنگي ليڪ | ڪهاڻي |
| 29 | سمنڊ جو سنان | مني مائڪيل | ديو سياڻي | پنج ڪهاڻيون | آشا |
| 30 | خواب نه خيال | آر.سي.نايڊو | ... | هولي | ... |
| 31 | چوڙين وارو | چارو چندر | ... | چوڙ ين وارو | ... |
| 32 | منجهيل معاملو | سمٽاناٿ گهوش | منوهرداس | ... | ساهت ڪلوڙي |
| 33 | پسون رڪشا" | رنگا سوامي آينگر | ... | ... | مترجم |

ڏنو ويندو تہ مٿين تذڪري جا تفصيل پورا نہ اچي سگهيا آهن ڇو جو اسان جا ڇپائيندڙ بعضي اصلوڪي ليکڪ جو نالو ڪائي ويندا هئا، جنهن ڪري سمجهبو هو تہ مترجم ئي مول ليکڪ آهي، ۽ مشڪل سان هن جو نالو هٽ ايندو هو. بعضي تہ مترجن جو نالو بہ عدم پيدا هوندو هو، ۽ ڪيترن ڪتابن جي ڇاپي جو سن بہ ڪونہ ڏنل هوندو هو. اهي سڀ ڳالهيون ادبي تاريخي نويس لاءِ وڏيون رندڪون آهن. باقي ڪتابن جي قيمت سا ٽلهن آنگن ۾ ڇپيل هوندي هئي! پڇاڙيءَ ۾ ڪيترا ناشر اهي ضروري تفصيل ڏيئ سڪيا هئا، پر ڪي اڃا تائين اها اڻ سڌريل عادت قائم رکندا اچن. جڳت آڏواڻي پهريون ناشر هو جنهن اهي تفصيل ڏنا ۽ سنو ساهت ڪلاڪاريءَ سان پيش ڪيو. سندس ماهوار "ڪهاڻي" رسالي جي ڇپائيءَ ۽ جلد بنديءَ جو رنگ ڍنگ دلڪش هوندو هو ۽ منجهس نهايت سهڻيون ۽ فن سان پرپور تصويرون چونڊي وجهندو هو.

## ٻارانٽيون ۽ مذاقي آکاڻيون

ٻارانٽين ڪهاڻين جا ڪتاب ڪڍڻ ۽ ٻارن لاءِ لائبريري ٺاهڻ جي مکيہ ڪوشش ڪرڻ جو شرف "سندر ساهتيہ" منڊل کي ملڻ کپي. ميلارام منگترام جا اُهي سليس هوليءَ ۾ لکيل ۽ مورتن سان سينگاريل آکاڻين جا مکيہ مجموعا هئا: "بالڪ"، "انصاف جون آکاڻيون"، "اخلاقي دنيا"، "پارس"، "گل گاڏي"، "قلواڙي"، "اڏند ڪٿولي"، "ديوستان"، "پرستان" وغيره. مٺي ذکر ڪيل 'ديوان ڪوڙيمل' جي "ٻارانٽيون آکاڻيون" (1891ع)، مرزا قليچ بيگ جي "ٻاراڻا گل قل" (1918ع)، ڏيئومل محبوبراءِ جي "اخلاقي تعليم" (1921ع) کان پوءِ، هيءُ پهريون ٻارانٽي ساهت ڪڍڻ جو سلسلو 1925ع ڌاري جاري ڪيو ويو هو ۽ 1947ع تائين هلندو آيو. ۽ پڇاڙيءَ ۾ "گل قل" نالي ٻارن لاءِ رسالو بہ ڪڍيو ويو. 1926ع ۾ پروفيسر 'نارائڻداس ملڪاڻيءَ' جو "ٻارانٽيون هوليون" نڪتون هو، جنهن جو اڳي ذکر ڪيل آهي. 1946ع ۾ پروفيسر 'نارائڻداس پميانيءَ' بہ هڪ باتصوير ڪتاب "ٻارن لاءِ آکاڻيون" ڪڍيو هو، جنهن ۾ وندرائيندڙ ۽ نصيحت آميز آکاڻيون هيون. ساڳئي سال ۾ ايم - آر- ماٹيداسانيءَ "ڇچي رمضان" نالي ٻارانٽين ڪهاڻين جو ڪتاب انگريزي تان ترجمو ڪري ڇپايو هو، ۽ اُهي ڪهاڻيون سنڌي جيوت ۾ ٻيهاريل هيون. تنهن کان سواءِ 'جشن مولچنداڻيءَ' جي "رستم ۽ سهراب"

آکاڻي ۾ "سندر ساهتيہ" وارن ڇپائي هئي، ۽ 'پڳوان سکراڻيءَ' جي "لال بلي" ۽ ٻين هارن جي آکاڻين جو ڪتاب "منوهر ساهتيہ مندر" پڌرو ڪيو هو. اِهي سنڌي ٻال-ساهت ۾ ٽورن ڪتابن مان آخرين هٿا. تنهن کان سواءِ، "ٻالڪن جي ٻاري" جي سهاري هيٺ نڪرندڙ "گلستان" (1944ع) پهرين خاص هارن لاءِ مخزن هئي، جنهن ۾ ٻ هارن جي ڏاڍو جون آکاڻيون پوندیون هيون اُن جو ايڊيٽر هن جڳ - پرسڌ ٻاريءَ جو هرتا ڪرتا 'شيوڪ پوڃراج' "دادا" هوندو هو. جنهن کان پوءِ رام ٻانداس موٽواڻي ۽ ڪماري پاروتي گدواڻي اُن جي ايڊيٽري قابليت سان ڪندا هٿا.

'ديوان ڪوڙيمل' جي "ٿڪ ٽي ٿڪ" (1860ع) ۽ 'پرمانند ميوارام' جي "دل بهار" (1912ع) کان پوءِ "سندر ساهتيہ منڊل" کي ڪلائيندڙ ٽوٽڪن ۽ موج مزي وارين آکاڻين جا ڪتاب ٻ ڪڍيا، جن مان مکيہ هٿا: 'ويرومل ملاڻي' جو "مؤجي آکاڻيون" (1928ع)، 'نانڪرام ڏرمداس' جو "ڪل خوشي" (1932ع) ۽ خود 'ميلارام منگترام' جو "چرچن جي چهر" (1933ع).

## مغربي آکاڻين جا ترجما

هاڻي ٻي ۽ ياداشت ۾ ٻين ملڪن جون آکاڻيون، خصوصا مغربي آکاڻين جي مکيہ ترجمن جا نالا ڏجن ٿا. جي پڻ متين پندرهن سالن جي عرصي ۾ سنڌي آکاڻيءَ جي تاريخ ۾ چگو درجو رکن ٿيون:-

| نالو | اصل ملڪ لکندڙ | مترجم | ڪهڙي ڪتاب ۾ | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|
| 1. معصوميت | ؟ جپان | وديارٿي | ڪنمنڙا | ڪوڙومل منڊل |
| 2. ڪدن وارو | الاڪان اسپين | ... | ... | ... |
| 3. شراب عمر ۾ ڪتر وجهندڙ | موپاسان فرانس | ... | ستپڙو | ... |
| 4. بيک | ... ... | نانڪ هنگورائي | پنج ڪهاڻيون | آشا |
| 5. مرمت واري | ... ... | چوهڙمل | ڪومل ڪمل | رتن |
| 6. ڇا خواب هو؟ | ... ... | هري آشا | سورنهن سينگار | ... |
| 7. پٽرس جي سندري | ن.س. ... | ... | ڪشوري | ... |

| | نالو | اصل لکندڙ | ملڪ | ترجمان | ڪهڙي ڪتاب ۾ | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 8 | مومو | ترجنيو (ترگنيف) | روس | چيتن شهاڻي | گلستان | باغبان |
| 9 | ضروري شيون | ڪاٽيو | ... | وديارٿي | ستپڙو | ڪوڙومل منڊل |
| 10 | انساني سياڻ جو هڪ مثال | بورو شيوچ | ... | ... | ستپڙو | ... |
| 11 | ۽ تپسوي | سوليلاو | | ... | ستپڙو | ... |
| 12 | انساني لاڙو خرابيءَ ڏانهن | چيخوف | ... | ... | ستپڙو | ... |
| 13 | ماسترياڻي | چيخوف | ... | چيتن شهاڻي | مينگهه ملار | ڪهاڻي |
| 14 | گناهه | ... | ... | گوبند مالهي | مينگهه ملار | هندو سنسار |
| 15 | ٻارن جي ٻٽماڻي | ٽالسٽاءِ | ... | چوهڙمل | ڪومل ڪمل | رتن |
| 16 | ڪتاب | گورڪي | ... | ... | ساگر لهرون | رتن |
| 17 | سٽيپيز ۾ | ... | ... | پارومل | برف جو طوفان | رتن |
| 18 | چوٻهه مزدور ۽ هڪ چوڪري | ... | ... ... | گوبند مالهي | برف جو طوفان | هندو سنسار |
| 19 | چار ڏينهن | گارشن | ... | چوهڙمل | ساگر لهرون | رتن |
| 20 | برف جو طوفان | پشڪن | ... | پارومل | برف جو طوفان | ... |
| 21 | شاهڪار | او. هينري | آمريڪا | وديارٿي | ستپڙو | ڪوڙومل منڊل |
| 22 | آدرش چتر | ... | ... | پارومل | لالڙون | ... |
| 23 | سوڪڙي | ... | ... | چوهڙمل | پنڪڙيون | ... |
| 24 | پوليس ۽ پرارٿنا | ... | ... | ... | ناسور | ... |
| 25 | پچاڙيءَ جو پن | ... | ... | پارومل | انسان جا دشمن | ... |
| 26 | نئين سڙڪ | پرل بڪ | ... | ... | ... | ... |
| 27 | انسان جا دشمن | ... | ... | ... | ... | ... |
| 28 | بجلي" | ميري ڪارلي | انگلنڊ | ٺاڪرام ترمداس | جيوت جا ورق | ڪوڙومل منڊل |
| 29 | "دولت يا محبت" | گالسوردي | ... | چوهڙمل | ناسور | رتن |
| 30 | جواري | ... | ... | پارومل | چار چتر" | ... |
| 31 | نفرت | پال هيس | جرمني | ... | ... | هندو سنسار |

## اصلوڪين سماجڪ ڪهاڻين جو دؤر

گذريل ٻين مهاياري لڙائين جي وچ واري دؤر ۾، ترجمو ڪيل آڪاڻين کان سواءِ، ڪي طبع زاد ڪهاڻيون جا ڪتاب پڻ پڌرا ٿيا، جن سيني ۾ سماجي ۽ اقتصادي شعور ظاهر هو. اهڙو پهريون ڪتاب هو 'جيٺمل پرسرام' جو "چمڙاپوش جون آڪاڻيون" (1923ع)، جنهن ۾ "پارتواسي" هفتيوار اخبار مان پنهنجون لکيل آڪاڻيون چونڊي ڪيون ڪيو هٽائين. هي مڙيئي آڪاڻيون جيٺمل صاحب جي باريڪ شخصي جاچ پڙتال جو نتيجو هيون، جن ۾ سنڌ جي سرمائيدارن جي ڏوهن گناهن تي سخت نڪته چيني ڪيل هئي، ۽ ڪيترين پنگتي اوٽاين مثلا زوريءَ شادي، وڏا وواهه، حوَس وغيره جي بيباڪ نموني ۾ اڳڪڙ ڪيل هئي، پر منجهن ڪهاڻي - ڪلا گهٽ رکيل هئي ۽ ليکچر بازي گهڻي هئي. پيرومل مهرچند جو پٽ 'پريداس پيرومل' به پنهنجي ٻيءَ وانگر گهريچي اِصطلاحي عبارت ۾ اُستاد هوندو هو، ۽ سندس شخصي آزمودن تي ٻڌل ڪيترين گهروُ جيوت جي دُکن واريون آڪاڻيون (جن مان ڪي پهرئين "جوت" ۾ ڇپيون هيون)، "اندر جا اُڦا" نالي سان "سڪ ٽريڪٽ" وارن 1932ع ۾ ڇپايون. پريداس جي سماجي نڪته چينيءَ ۽ گهروُ زناني عبارت جو مثال مٿين ڪتاب مان، "ماڻي جي سس" واري آڪاڻيءَ مان ڏجي ٿو:

"سو مائي، ڪنهن جو انو ڪنو آهي جو ههڙيءَ جي پناري ڏيءُ وڃهي. تنهن کان ته ڏيءَ کي حق بخشائي ويهارجي. هائي ڏس ٻڌ ته سيني کي پيٽي ريگهريون ٻڌي، چلتا پيٽي ڪري ته مون سان ماڻڻي ڪريو. زبانون پيٽي ڏئي ته مان ڏيتي ليتي نڪا گهران ٽِي، نڪا گهرنديس. جيڪي ڏيندا سو مونکي آمرت! موچڙي تي رکي موڪليندا ته به پي نه هولينديس. پاروُٽي ڪچڙي پراڻي پادر تي ڪڃي ايندي ته اکين تي رکي وِڃي رکنديس... اسان جي شهر ۾ ٽڪاٽا اونهٽين گهٽا، پر هن مائيءَ کي ته در تي. سا زور ڪري صبح سانجهيءَ پيٽي وڃي. ارداسون پيٽي رکي، باسون پيٽي باسي، ته ڪٽي مڙيوٽي کا ٻکي ڳاسي. نيٺ ماڻڻ جو انو ڪنو جو هن جي مٽيءَ زبان تي هرڪجي ويا، ۽ ڪٽي انگ آڙايائونس. مان ڳالهيون پيٽي ٻڌندي هيس ته هينئون پيو هپاٽبو هو ته ٿهڙيءَ سان ڪيئن منهنجو گذر ٽيندو، پر اڄ ڪلهه ڪير ٿو اسان جو اندر پڃي؟ اسان جي زبان تي مرمر جي مهر. اهي ڳالهيون ڳٽيندي شاديءَ رات به آڇي سهڙي، ۽ مان وڃي هاڻوءَ جو هپو ٽيس."

پريداس مشهور ليکڪ ٿيو. تنهن کان اڳ پنهنجي سِک ڏرمر واري نالي هرنامسنگهه سان هڪ- پ- وديارٿيءَ سان شراکت ۾ ڪي پنگتي آکاڻيون چيدي سنڌيءَ ۾ لکيون هٿائين، جي به "سِک ٽرئڪٽ سوسائٽي" وارن "هيرا جواهر" (1931ع) مجموعي ۾ ڇپايون هيون. اُهي سڀ سياڻپ پريل ويچارن ڪري سڀيون سماج سڌارڪ آکاڻيون هيون، ۽ ڪن ۾ وٽندر مذاق پڻ رکيل هو. مثال طور "سياڻي سس". وديارٿي صاحب جا پنهنجي روءِ سوءِ لکيل اخلاقي ۽ پنگتي اصلوکين آکاڻين جا ڪتاب هٿا: "مکڙيون"، "موتين جو مهراڻ"، "املهه رتن" وغيره، جي به "سِک سوسائٽيءَ" ڇپايا هٿا. هنن ڪتابن مان ثابت ٿو ٿئي ته حقيقت تي ٻڌل آکاڻيون آفسانوي آکاڻين کان وڌيڪ نه، ته به اهڙيون ٿي دلچسپ ٿي سگهن ٿيون. پر ايترو ضرور چئبو ته منجهن حقيقت وڌيڪ آهي، ليکن فنڪاري گهٽ.

## جديد حقيقت نگاريءَ واريون کهاڻيون جو دؤر

هن دؤر جو آوائلي کهاڻي نويس 'امرلعل هنگوراڻي' هو، جنهن جون کهاڻيون 1930ع ۾ سندس برپا ڪيل "ڪلواڙي" مخزن ۾ شايع ٿينديون هيون، جن مان پهريون به هيون: "ڏس ڏيوم ته ڪٽان لينديَ" ۽ "ادو عبدالرحمان". امر لعل کي حقيقت نگاريءَ(Realism) تي ٻڌل جديد کهاڻي نويسيءَ جي فن جو باني ڪوئي سگهجي ٿو. هيءَ صاحب آکاڻين جا موضوع اڪثر پنهنجي وڪالتي ڏنڈي مان ڪڍندو هو ۽ اُنهن کي ڪلا جو مڪ ڏيندو هو. سندس مڪيه کهاڻيون هيون: "ادوعبدالرحمان" 1940ع ڌاري ٻيهر سندس رسالي "ساقي" ۾ ڇپيل ڪردار نگاريءَ جي شاهڪار کهاڻي، جنهن ۾ هڪ "صوفي لاکوفي" فقير جو شاندار چٽر چٽيل هو، جنهن جو ذڪر اڳي ڪيل آهي؛ "هيءَ به رانجهوءَ سندي رمز" ٻڌي هڪ آزاد خيال پير مرد جي آکاڻي، جا آڃا اهڙي مشهور نه ٿي آهي جهڙي ٿيڻ کپي، ۽ جا "مهراڻ" آگسٽ، سپٽمبر-آڪٽوبر 1946ع واري پرچي ۾ ڇپي هئي؛ "رام ۽ رحيم"، "گولي جو گناهه" ۽ "پاڻوءَ جي اُدارل" آکاڻيون سندس ٻئي ڪديل رسالي "ساقي" جي 1947ع وارن پرچن ۾ ڇپيون هيون ۽ "دکيو کين ٽريو" جا "آشا" رسالي ۾ ڇپي هئي. امر لعل صاحب ٻيٽ اِصطلاحي عبارت ڪم آڻيندو هو، جا سندس اُستاد لعلچند امر ڏنيمل جي عبارت وانگر شاهه صاحب جي محاورن سان سينگاريل هوندي هئي. افسوس آهي جو سندس

ڪهاڻيون ڪٺيون ڪري ڪتابي صورت ۾ اڃا شايع ڪونہ ٿيون آهن.

'مرزا نادر بيگ' پنهنجي لائق والد مرزا قليچ بيگ جو لائق فرزند هو، جنهن مشهور سنڌي ادبي مخزن "سنڌو" ۾ 1932ع کان 1936ع تائين درجن کن نئين زماني جون، سڌريل بناوت واريون، سماجي اوڻاين بابت آکاڻيون چپايون هيون. اُنهن مان مکيہ هيون: "پاڪ محبت" (مس رستمجي)، "موهنيءَ جي ڀائري"، "ماءُ جو قهر"، "انقلاب"، "آڇوت"، "گهر جي چڪ" ۽ مذاقي ڪهاڻي "عينڪ جو آواز" - جن مڙني ۾ هن صاحب مسلم زندگيءَ کان سواءِ، پارسي ۽ هندو جيوت جي به گهري واقفيت ڏيکاري هئي ۽ اُنهن مختلف جاتين جي ميلاپ کي بردباريءَ سان پيش ڪري سماجڪ سڌاري جي راهہ ٻڌائي هئي. افسوس آهي جو سندس آکاڻيون به ڪٺيون ڪري هڪڙي ٿي ڪتاب ۾ ڇپايل نہ آهن. (1)

'آسانند مامتورا' هن دؤر جو ٿيون قابل ڪهاڻي نويس هو، جو جنسياتي مسئلن (sex problems) جي منووگيانڪ(نفسياتي- Psychological) چنڊچاڻ ڪندو هو. سندس پهرين بيباڪ سماجڪ ڪهاڻي "هيءُ پريم" 1932ع ۾ "سنڌو" مخزن ۾ شايع ٿي هئي. مٺيون خوبيون سندس مجموعي "جيوت: پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون" مان ظاهر آهن، جو "ڪهاڻي ساهت منڊل" 1939ع ۾ ڇپايو هو. اُن مان مکيہ آکاڻيون هيون: "ڪنوارڻ" عرف "ڪِي" جا من- چيد وارين ڪهاڻين ۾ شاهڪار مڃي ٿي، ۽ "هي" وڏيرو رمضان". مامتورا صاحب جي ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب "آرسي ۽ ٻيون آکاڻيون" "آشا ساهت منڊل" 1943ع ۾ ڇپايو هو، جنهن مان "جا آگيا" خاص سٺي هئي. مامتورا به، امر لعل وانگر، لعلچند امرڊنيمل جي اثرَ هيٺ آيو هو، پر سندس عبارت ، اُستاد جي اصطلاحي عبارت کان نرالي، سنسڪرت ۽ فارسيءَ جي ميلاپ واري ۽ ڳوڑي هئي.

'عثمان علي انصاري' چوٽون عالم هو، جنهن جديد ڪهاڻي نويسيءَ جو هنر پرايو، ۽ 1937ع ۾ ڳوناڻي مسلم زندگيءَ تي ٻڌل پنجن عمدن ۽ نازڪ خيالين سان پريل آکاڻين جو ڪتاب ڇپايو، جنهن جو نالو رکيائين "پنج"، جنهن مان "ململ جو چولو" ۽ "مقام" داد لائق هيون. پر اُن ڪتاب جي ديباچي ۾ انصاري صاحب جا دعويٰ ڪئي هئي: "افسوس آهي تہ اسان جي سنڌي

(1) نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون (مرتب نصير مرزا) تازو 1992ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي شايع ڪيو آهي.

ادب ۾ اها شاخ (کهاڻي) اڃا اٿين پيئي آهي. کنهن به مصنف انهيءَ طرف خيال نه ڪيو آهي. ٿنڊيون ٿنڊيون ڳالهيون جي هن وقت تائين ڇپجي پبلڪ جي اڳيان آيون آهن سي ادب جي نقطه نگاهه سان ڏسڻ وارن کي گهٽو معلوم ٿين"- سا تاريخي نگاهه کان صحيح نه آهي، چو جو امرلعل، نادربيگ ۽ مامتورا اڳيئي ڪامياب اوچي معيار واريون کهاڻيون لکي چڪيون هيون، جيئن مٿي ڏيکاريل آهي.

"ڊي - جي - سنڌ ڪاليج مسلني"ءَ ۾ به خاصيون اصلوڪيون کهاڻيون ڇپنديون هيون، جن مان فيبروري 1932ع واري پرچي ۾ پيل شيوڪ پوڃراج جي "برابر"، ۽ ڏيون ڪشنائيءَ جي "شڪ جو شڪار" ذڪر لائق هيون. 1939ع ۾ "کهاڻي" رسالي جي شروعات پرچن ۾ چوهڙ آڏواڻيءَ جون به سٽيون سماجي آکاڻيون پيون هيون: "آلا مون شادي چو نه ڪئي! ۽ "اِهو داد ٿئي."

## اصلوڪين اقتصادي ۽ سياسي آکاڻين جو دؤر

سنڌي ۾ اصلوڪين اقتصادي آکاڻين جو آخرين دؤر 1942ع واري "ڪٽ انديا" هلچل سان شروع ٿيو، جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي سان گڏ آزادي ملي. سنڌ پاڪستان ۾ اچي ويئي ۽ 48-1947ع ۾ سنڌي هندن ۾ پاڻ پيئي. انهن پنجن سالن ۾، هڪ ٻئي پٽيان ٽڪرو ٽڪرو نازل ٿيندڙ سياسي واقعن جو زبردست اثر سنڌي ساهت، ۽ خاص ڪري آکاڻين تي پيو ۽ منجهن اقتصادي ۽ راڄنيتي مسئلن جي چنڊچاهڙ ٿيڻ لکي، جنهن سان گڏوگڏ پنگتي مسئلا پڻ پنهنجي جڳهه ونندا آيا. انهيءَ عرصي ۾ آکاڻيءَ کي ٻي ساهت جو اهم ۽ لوڪ پسند درجو ملي ويو، چو جو زندگيءَ جي ڪشمڪش وڌڻ ڪري فرصت ايتري قدر گهٽجي ويئي جو عوام کي ڊگهي ناولن پڙهڻ جو وقت ئي ڪونه ٿي ملیو. آزاديءَ جي جدوجهد سان گڏوگڏ، هن زماني جا ڪي نوجوان ليکڪ روُسي انقلاب جي اثر هيٺ اچي چڪا هٿا، ۽ اڳئين دؤر وارين ترجمو ڪيل توڙي اصلوڪين آکاڻين جي اپياس ڪرڻ سان کهاڻيءَ جي بناوتي قاعدن ۽ اصولن جو چگو آزمودو پرائي چڪا هٿا، جو ڪافي فنڪاريءَ سان پنهنجين آکاڻين ۾ استعمال ڪرڻ لڳا. ليڪن ڪيترا انهن اصولن کان ناواقف هٿا ۽ صرف اندر جي اُتساهه وچان لکندا ٿي ويا ۽ "ترقي پسند تحريڪ" جي نالي هيٺ انقلابي نعري بازيءَ کان ڪم ونندا رهيا.

هن دؤر جو پهريون ڪهاڻين جو مجموعو هو "سرد آهون" جو 1942ع ۾ "نئين دنيا" ڪتاب گهر (شڪارپور) پاران ڇپيو هو، جنهن ۾ آڪاڻيون اُن منڊل جي بانيڪار 'گوبند پنجابيءَ' جون لکيل هيون. منجهن پورهيتن ۽ عام ماڻهن جي سرد آهن جو بيان ڪيل هو ۽ سرمائيدار سماج ۾ انقلاب آڻڻ جي للڪار ڪيل هئي. جيوت جي سنهن پرزن واقعن جي جاچ سيني ڪهاڻين ۾ برابر پريل هئي، پر پيش ڪرڻ ۾ حقيقت نگاري وڌيڪ ۽ ڪلاڪاريءَ گهٽ هئي، ۽ هوليءَ جي پختائي به ڪانه هئي. هن ڪتاب ۾ 'پنجابيءَ' جون ستيون آڪاڻيون هيون: "بي - اي.، ايل-ايل- بي"، "چور"، "سرد آهون" ۽ "ڪفن". سنڌي ڪهاڻي نويسيءَ ۾ انقلاب آڻيندڙ پهريون ڪتاب هو "ريگستاني ٽول" (1944ع)، جو به "نئين دنيا" پاران گوبند مالهيءَ ڇپايو هو. هن ڪتاب ۾ جنهن صداقت سان، بنهه نؤنهال ليڪڪن، ساهت وسيلي سماجي ۽ اقتصادي جيون جي علحدن پهلوئن جو چيد ڪري، ان کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي سا ڪنهن به ساهت پريميءَ جو من اُمنگ ۽ فخر سان پريو چڏي. منجهس ۾ عاليشان آڪاڻيون هيون: 'پگوان لعلواڻيءَ' جي "ساڙهي"، جنهن ۾ ڪپڙي جي آٽاڻ واري مسئلي جي درد پري تصوير ڇڪي وئي هئي ۽ خواجه احمد عباسي جي هڪ اُردو آڪاڻيءَ سان ڪجهه مشابهت ٿي رکيائين، ۽ 'شيخ عبدالستار' جي "رحيما"، جا بي- جوڙ شاديءَ ۽ بي- قاعدي محبت جي اڳرن نتيجن تي زبردست جُلهه هئي. هي زوردار آڪاڻي هئي 'اُنند گولاڻيءَ' جي "سگ"، جا به پيار ۽ شاديءَ جي مسئلي تي، مسلم زندگيءَ ۾ بيهاريل هئي پر هندو سماج سان به لاڳو ٿي سگهي ٿي. هن مجموعي ۾ نارائڻ ڏيواڻيءَ جي "ڏاڙيل" پڻ چڱي آڪاڻي هئي، جنهن ۾ زميندار ظلم جي برخلاف آواز اُٽاريل هو. جيوت نرياڻيءَ جي "مچن واري دادي" به هڪ اُثراڻتي آڪاڻي هئي: ته ڪيئن قدرت جي هڪ خسيس چُڪ ڪري هڪ هوشيار عورت جي حياتي برباد ٿيو وڃي. رام امرلعل جي "جعفر بيلدار" ۽ سويي گيانچنداڻيءَ جي "آکيري جو نٽ" پڻ هن ڪٽڪي جون ڳوڻاڻي زندگيءَ بابت چڱيون دکدائڪ مختصر آڪاڻيون هيون.(1)

1945ع ۾ "پرهه ڦٽي" مجموعو نڪتو جو به "نئين دنيا" وارن ڇپايو هو، جنهن ۾ ذڪر قابل ڪهاڻيون هيون: گوبند پنجابيءَ جي "نيلو"، 'گوبند مالهيءَ' جي "هاري حقدار"، 'رام امرلعل' جي "اِنساني مرغي"؛ 'پگوان

(1) "ريگستاني ٽول" مجموعي تي ڪيل تنقيد، تنقيد واري فصل ۾ ڏني آهي.

بيچئن' جي "رامر راج"، 'جيوت نرياڻيءَ' جي "بي نڪو" ۽ 'ڪرشن ڪنوائيءَ' جي "ڪتي جو مؤت"، جن مڙني ۾ گهٽو ڪري غريب طبقي وارن انسانن جي زندگي سان همدردي ڏيکاريل هئي، جيئن سندن سرن مان ظاهر آهي. تنهن کان پوءِ آيو 'آنند گولاڻيءَ' جو ڪيل ڪتاب "ڦڙڪ"، جنهن ۾ بهترين آکاڻي وري به 'پڳوان لعلواڻيءَ' جي "ليلا" هئي، جا پيار، پاپ ۽ ماتاپڻي جي نازڪ موضوع تي هڪ ڪلر ڪلي پر سچائيءَ واري ڪهاڻي هئي. هن ڪتاب ۾ خود 'آنند گولاڻيءَ' جون به ڪي چگيون آکاڻيون چپيل هيون، جن سيني مان، هن زياده ترين ڪهاڻي نويس جي دستور موجب، زندگيءَ جي تفصيلن کي نوس نوس ڪري پيش ڪرڻ جي خوبي ظاهر ڪئي. هن شروعاتي حقيقت پسند ڪهاڻين جي خاص خامي اها ٿي ڏسڻ ۾ اچي ته جيتوڻيڪ منجهن جديد زماني جا سماجي، اقتصادي ۽ قومي مسئلا پيش ڪيل آهن، تنهن هوندي به گهڻين ڪهاڻين ۾ انهن مسئلن جو حل ڏسيو نه ويو آهي، جنهنڪري اُنهن جون پڃاڻيون نراشا وادي (مايوسي واريون) رهجي ويو آهن ۽ زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ اُميد جي جهلڪ منجهن ڪانه ٿي ڏسڻ ۾ اچي.

"آشا" ماهوار رسالي ۾ به ڪي سنيون اصلوڪيون آکاڻيون نڪتيون هيون؛ شريمتي 'نانڪي گداوڻيءَ' جي "آدورو پريمر"، ۽ 'ايمر -آر- مائيداساڻيءَ' جي "دل جي تڙپ"، 1943ع ڌاري 'مائيداساڻيءَ' جون لکيل آکاڻيون، سندس سمپادڪيءَ هيٺ "ڪهاڻي" رسالي ۾ نڪرنديون هيون، جن جو نالو ٿي رکيو هڻائين "مائيداساڻيءَ جون آکاڻيون". "پارت جيون" رسالي (1943ع) ۾ پروفيسر 'خوشيرام واسواڻي' جي لنبي "آدوري ڪهاڻي" ڇپي هئي، جنهن ۾ مهاتماگانڌيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ آزادي جي تحريڪ جي تاريخ ڏنل هئي. ساڳئي ليکڪ تنهن کان اڳ حيدرآباد ڪاليج جي "قليلي" مخزن ۾ "سچو ڏوهي ڪير؟" ڇپائي هئي، جنهن ۾ چوريءَ جي شخصي جرم لاءِ سماج کي ڏوهي ٺهرايو ويو هو. "قليلي" مخزن ۾ 'اُتم' جون پنڪتي ۽ قومي انقلاب واريون ڪهاڻيون به ڇپيون هيون جن مان مڪيہ هيون؛ "شڪست" (1944ع) ۽ "ترقيءَ جي راهہ تي" (1946ع)، سندس ٽيہ قومي ڪهاڻي "آخر ڪيستائين؟" "جيون ڪلا" مخزن ۾ 1945ع ۾ ڇپي هئي. 'ايشوري جوتواڻيءَ' جي "اٽ پارت جي سنتان" "قليلي" (1945ع ۾ ڇپي هئي ۽ چگي قومي آکاڻي هئي. 1946ع ۾ پروفيسر 'رامر

پنجوائيءَ' جي رهبريءَ هيٺ ڪاروبار هلائيندڙ ڪراچي ڪاليج "سنڌي سرڪل" جي رسالي "لهرون" ۾ پروفيسر 'ڊي-ڪي- منشاراماڻيءَ' جي گهوٽ راجا" ڪهاڻي پيئي هئي، جا هڪ سندر سماجڪ اصلوڪي آکاڻي هئي. ڊاڪٽر 'هرومل سدارنگاڻيءَ' جي "پيمو ٽري" جا "ڪهاڻي" رسالي ۾ ڇپي هئي سا به هڪ دلڪش ڪردار نگاريءَ واري آکاڻي هئي. "هند واسي" اخبار ۾ به ڪي چگيون قومي آکاڻيون پيون هيون جن مان 'حشو ڪيولراماڻيءَ' جي "پدما" هڪڙي هئي، جنهن ۾ ملڪ جي آزاديءَ لاءِ هڪ ٻالڪا جي قرباني ڏيکاريل هئي. ٻيون قومي آکاڻيون ٽن چگين ليکڪائن جون هيون: 'چندرا آڏواڻيءَ' جي "اٽ پارت جي سنتان" ، 'ڀگونتي ديالاڻيءَ' جي "پارتي" ۽ 'ڪرشنا ڪيولراماڻيءَ' جي "ديش دروهي" - جي سڀ 1945-46ع ڌاري ڇپيون هيون. "سنڌو" مخزن ۾ به اصلوڪيون آکاڻيون، مرزا نادر بيگ جي مٿي ذڪر ڪيل آکاڻين کان پوءِ، پونديون آيون، جن مان هيٺيون سڀيون به هيون ته سڀيون لکيل پڻ هيون: 'تيرٿ وسنت' جي "نيلم" (اڻ ڇپيل ناول "مراد" مان - فيبروري 1945ع)؛ 'حشوڪيولراماڻيءَ' جي "هڪ -ٻه- ٽي..." ٻين لڙاڻيءَ بابت ڏکڻائڪ آکاڻي (جون 1945ع)؛ 'حبيب پٽي' جي "غلط فهمي" سيپٽمبر (1945ع)؛ ۽ خاص طور 'امر لعل هنگوراڻيءَ' جي "لالي" (سيپٽمبر 1946ع).

1945ع ۾ 'پروفيسر جهامنداس پاٽيا' پنهنجين نندين وڏين ڪهاڻين جو ڳٽڪو "مرڪندڙ مڪڙيون" ڇپايو هو، جي اصل "سنڌو" مخزن ۾ ڇپيون هيون. اهي اخلاقي آکاڻيون انگريزيءَ تان ترجمو ڪيل ٽيون لڳن، ۽ لکندڙ جي مهاڳ موجب سندن مطلب آهي ته "مرڪ سان، نه لڙڪ سان، جيون جي سفر جو پنڌ ڪرڻو آهي." 1945ع ۾ 'ايم- آر- مائيداساڻيءَ' به هڪ مجموعو "بڪايل" نالي ڇپايو هو، جنهن ۾ پارتي ٻولين تان ترجمو ڪيل سماجي ڪهاڻيون ڏنل هيون. ساڳئي سال "ڪهاڻي" رسالي مان پنهنجي چونڊ ڪهاڻين جو مجموعو پڻ ڪڍيو هٽائين، جنهن نالو "خوشبوءَ" هو. 1947ع ۾ "ورن هيسٽنگس جا ڪارناما ۽ ٻيون آکاڻيون" ڇپايائين، جي تاريخي ڪهاڻيون 'ديودت شرما' جي هندي‌ءَ تان ترجمو ڪيل هيون.1947ع ۾ 'محمد عيسيٰ نظاماڻيءَ' جو "شهيد وفا" شايع ٿيو، جنهن ۾ هندستاني تاريخ تي ٻڌل افسانا لکيل هٽا.

سرڪاري صلاحڪار بورڊ جي مخزن "مهراڻ" جي جنوري- فيبروري 1947ع واري پرچي ۾ 'محمد حسن ڪروڙ پتيءَ' جي هڪ چگي مذاقي آکاڻي "عاشق معشوق" ڇپي هئي. جولاءِ 1947ع واري نمبر ۾ ساڳئي 'ڪروڙ پتيءَ' جي "بخشيش" ڇپي هئي، جنهن ۾ آمريڪي سپاهي سنڌي هارن کي ڪيئن بخشيشون تا ڏين، تنهنجو دلچسپ بيان ڪيل هو. 'نجم الدين عباسيءَ' جي "همت ۽ ڪوشش" ۾ هن عدد جي چگي آکاڻي هئي ،جنهن ۾ ڪن سنڌي مهاجرن جي حج شريف ڏانهن وڃڻ جو مزيدار بيان ڪيل هو. نومبر - ڊسمبر 1947ع واري نمبر ۾ 'سائينداد سولنگيءَ' جي بهترين آکاڻي "ملاقات" ڇپي هئي، جنهن ۾ نائڪ ۽ نائڪا جي مجازي حسن ۽ تڙڦ جا بيان ۽ ڀهراڙيءَ وارا اصطلاح عاليشان هئا، پر آخر ۾ اتفاق کان ڪم ونئي نائڪ جو مؤثر آڻڻ فني نقص هو. 'نجم الدين عباسيءَ' جي "ڪنڊ جي چوري" سچي واقعي تي ٻڌل چگي آکاڻي هئي. 'دلبر خان ڪوسي' جي "بيڪاري" ۾ مذاقي لکڻي چگي هئي پر آکاڻيءَ جا واقعا ناشدني هئا.

1947ع ۾ "زندگيءَ پبليڪيشن" جي بانيڪار 'ڀاري چاهڙيا' "سنڌي ڪهاڻيون" مجموعو ڇپايو هو جنهن ۾ 'ليکو تلسياڻيءَ' جي "منجري ڪولهڻ" منهنجي نظر ۾ هن دؤر جي هڪ عاليشان آکاڻي هئي، ۽ هڪ گهٽ ذات عورت جي اُمنگن بابت نفيس پر بيباڪ نوع ۾ لکيل هئي، پر اهڙي ننڍي هئي جو پائنجي ته وڏيڙي هجي ها ته چگو. هن ڪتاب ۾ 'يون پنجواڻيءَ' جي "ڀيڻ" به هڪ سندر آکاڻي هئي، جنهن ۾ هيءَ نازڪ خيال نهايت جذبي سان ظاهر ڪيل هو ته هڪ معصوم استريءَ جي سندرتا قدرت جي سونهن کان به سرس آهي. 'ڪيرت ڀاڀاڻيءَ' جي "هوءَ" ڀڻ سٺي آکاڻي هئي، جنهن ۾ پنجاب جي فسادن ۾ بيواه ٿيل هڪ عورت جي زندگيءَ جي ڪشمڪش چٽيل هئي ۽ منجهس پچاڙيءَ وارو مروڙو ڀڻ اثرائتو آندل هو. 'لچمڻ راجپال' جي "نئون زمانو" هڪ جوشيلي ڪميونوادي آکاڻي هئي، جنهن جو مرڪزي خيال هو ته هن زماني ۾ انڌ شرڌا (انڌي عقيدت) واري ڏرم کان خون خرابيءَ وارو انقلاب وڌيڪ ضروري آهي. ساڳئي سال 1947ع ۾ ساڳئي نالي "سنڌي ڪهاڻيون" سان، "باغي" مندل جي بانيڪار شيخ ايياز هڪ مجموعو ڪڍيو هو، جنهن ۾ نه فقط هن رسالي جي، پر 'آنند گولاڻيءَ' جي بهترين آکاڻي "سومان" ڇپي هئي. هيءَ عاليشان ۽ بردبار آکاڻي ڪنواري ماءَ جي مسئلي تي هئي، پر هن ڏڦي آکاڻيءَ جو پهرين اڌ اينگهه

وارو ۽ ڪڪ ڪندڙ هو جو سولائيءَ سان گهٽائي سگهجي ها. "باغي" منڊل جي سهاري هيٺ ساڳئي سال ۾ ٻيو رسالو "سوشلسٽ پاڪستان" نڪتو هو، جنهن ۾ بهترين آکاڻي هئي 'جيوت نرياڻيءَ' جي "هٽ نه لاءِ" ۽ ان ۾ هڪ ڳوٺائي مسلمان جا ڪراچيءَ جي شهر ۾ آزمودا نهايت مذاقي نوع ۾ بيان ڪيل هٿا. ساڳئي منڊل جي "سفيد وحشي" (1947ع) مجموعي ۾ 'شيخ اياز' جي حسن پرستيءَ واري آکاڻي "رولو" ڏنل هئي جا نوجوان انقلابي لکندڙ جي سڀين کاڻين مان هڪ هئي. 1947ع ۾ سندس شايع ڪيل ٻئي رسالي "اڳتي قدم" ۾ سندس بهترين کاڻي "ڪلڻي" ڇپيل هئي. جنهن ۾ هڪ دلکش چلولي چوڪريءَ جو دردناڪ چتر چٽيل هو، جنهن کي پنهنجي محبت جو اظهار ڪرڻ ۾ زبان تي مهر لڳل آهي ۽ تنهنڪري غلط فهميءَ سببان سندس پرينءَ عورت سان شادي ڪري ٿو ڇڏي. هيءَ هڪ نهايت نفيس سيرت نگاريءَ جي آکاڻي هئي ۽ سنڌ ۾ نڪتل اصلوڪين کاڻين مان آخري شاهڪار هئي. هن پنجن سالن جي عرصي ۾ جيتوڻيڪ ڪن نوجوان ليکڪن جون اصلوڪيون آکاڻيون سٺي معيار واريون، ڪافي انداز ۾ نڪري چڪيون هيون، تہ بہ عجيب ڪونهي تہ اوچتيءَ ڀاڄ پوڻ ڪري اهڙو ڪو ليکڪ ڪونہ هو جنهن جون آکاڻيون ڪٿيون ڪري ڇپايون ويون هجن.

مٿين اصلوڪين کاڻين واري دؤر ۾ ڪن نوجوانن، ڪن ترقي پسند هندستاني ليکڪن جون ڪي چونڊ آکاڻيون ۽ ڪتاب ترجمو پسند پئ ڪيا، جن جي ياداشت سان سنڌي کاڻيءَ جو هيءَ آخري دؤر ختم ڪجي ٿو:

| | نالو | لکندڙ | مترجم | ڇپائيندڙ | سال |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | نيلم | احمد عباس | گوبند مالهي | نئين دنيا | 1943ع |
| 2 | آزاد محبت | ... | ليکو تلسياڻي | ... | 1943ع |
| 3 | ان داتا" | ڪرشن چندر | گوبند پنجابي ۽ آهوجا | ... | 1945ع |
| 4 | اڏورو سفر | ... | گوبند مالهي | زندگي | 1946ع |
| 5 | ٽي گوندبا | ... | وشوامتر واسواڻي | ... | 1947ع |
| 6 | وولگا کان گنگا | سانڪرتيائن | گوبند مالهي | نئين دنيا | 1945ع |
| 7 | تاج محل | ابراهيم جليس | ... | ... | 1946ع |

| نالو | لکندڙ | مترجم | ڇپائيندڙ | سن |
|---|---|---|---|---|
| 8 چتر ليکا | احمد نديم قاسمي | گوبند مالهي | نئين دنيا | 1946ع |
| 9 منهنجو ديش | قڙڪي | بهاري چاهڙيا | زندگي | 1947ع |
| 10 شيلا | ... | يوَن پنجواڻي ۽ چاهڙيا | نئين دنيا | 1947ع |
| 11 گناهه (1) | ... | رام هنگورائي | ... | 1947ع |
| 12 شڪريه | ڪشور ساهو | ڏيوَ سياڻي | آشا | 1947ع |
| 13 غريب جي عزت | اندر ڪمار | ميلارام | سندر ساهتيه | 1947ع |
| 14 محنت جو موت | ڪوثر چاندپوري | ميلارام | ... | 1947ع |
| 15 انڊوڪلاڪار | مغرقا | ميلارام | ... | 1947ع |
| 16 قومي ڪهاڻيون | مغرقا | متفرقا | پارٽ جيون | 1947ع |

(1) هن عاليشان بيباڪ ڪهاڻيءَ کي اوائل ۾ اصلوڪو سمجهي، دل کولي داد ڏنو ويو هو، پر پوءِ سڌ پئي ته ترجمو ڪيل هئي، ۽ اڃا پتو نه پيو آهي ته اُن جو مول ليکڪ ڪير آهي.

## فصل ٽيون

# ناول نويسيءَ جي اؤسر

1843ع ۾ انگريزن جي حڪومت شروع ٿيڻ سان، جيئن انگريزي تعليم سنڌ ۾ پکڙندي ويئي، تيئن کي سنڌي مصنف انگريزي هوليءَ ۾ڇگا ماهر ٿيندا ويا ۽ اوچيون ڊگريون حاصل کيائون. اُنهن مان کيترا پنگتي اڳواڻ ۽ سڌارک هٿا، جهڙوڪ ساڌو نولراءِ شوقيرام، سندس ننڍو پاءُ ساڌو هيرانند، ديوان ديارام ۽ ديوان کوڙومل، جي سپ بنگال واريءَ راجارام موهن راءِ جي برپا کيل قومي ۽ سماجي جاڳرتا کان متاثر ٿيا هٿا. ۽ 19 صديءَ جي آخر ۾ سنڌ ۾ کيتريون بنيادي پنگتي ۽ تعليمي تنظيمون برپا کيائون. کراچيءَ ۾، هندن، مسلمانن ۽ پارسين جي هڪ سياسي ۽ پنگتي جماعت "سنڌ سبا" هوندي هئي، جنهن جي سهاري هيٺ انگريزي اخبار "سنڌ ٽائيمس" نڪرندي هئي. 1884ع ڌاري ساڌو هيرانند کلڪتي مان بي. اي. پاس ڪري آيو تہ کيس اُن انگريزي اخبار جو ايڊيٽر چونڊيو ويو، ۽ پڻ پهريون سنڌي اخبار "سنڌ سڌار" جو متهمم مقرر کيو ويو، جنهن ۾ خبرن چارن کان سواءِ، تعليمي ۽ ادبي مضمون پڻ پوندا هٿا. 1885ع ۾ کراچيءَ جي پادري بمبرج، سنڌ ۾ پهرين ادبي جماعت (Literary Society) شروع ڪئي هئي جا هفتيوار Denso Hall ۾ گڏ ٿيندي هئي. ۽ جنهن ۾ يورپي توڙي ڏيهي ميمبر مشهور ڪتابن مان ٽکرا پڙهي ٻڌائيندا هَٿا. ۽ دماغي ۽ اخلاقي موضوعن تي وياکاڻ(Lecture) ۽ بحث مباحثا ٻہ ڪندا هَٿا. اُنهن ادبي ميڙن ۾ مکيہ پاڻ ونڊڙ سنڌي عالم هوندا هٿا: ديارام گدومل، کوڙومل چندنمل ۽ هيرانند شوقيرام. ساڌو صاحب پوءِ حيدرآباد آيو ۽ ساڌو نولراءِ جي مدد سان 1888ع ۾ "يونين اڪيڈمي" نالي پهريون خانگي اسڪول کوليائين جو پوءِ "نولراءِ هيرانند اڪيڈمي" نالي مشهور ٿي ويو، جنهن ۾ دماغي تعليم سان گڏوگڏ جسماني ۽ اخلاقي تعليم ڏيڻ جو آدرش رکيل هوندو هو. اهو اسڪول سنڌ ۾ مرداني تعليم جي تاريخ ۾ اهم حد - نشان رهندو.

## اوائلي ترجمو ڪيل ناول

پهريان ڪتاب جن سان سنڌي ساهت ۾ ناول نويسيءَ جو پايو پيو سي مٿين انگريزي تعليم يافتن مان ڪن، انگريزيءَ مان ترجمو ڪيا هئا. اُنهن مان پهريون هو مشهور 'ڊاڪٽر جانسن' جي انگريزي ناول "راسيلاس" جو ساڳيءَ نالي سان ترجمو (1870ع)، جو 'ساڌو نولراءِ' ۽ منشي 'آڏارام ٽانوداس' ڪڍجي نهايت سهڻي سنڌيءَ ۾ آندو هو. انگريزي ادب ۾ پڻ اهو 18 صديءَ ۾ نڪتل ناول بنيادي ناولن مان هو، جنهن ۾ 'ڊاڪٽر جانسن' صاحب حبش جي هڪ قديم حڪمت - دان (scientist) جي ايجاد وسيلي هوا ۾ اُڏامڻ جي اڳڪٿي ڪئي هئي، ۽ اُن ڪري نهايت پسند پيو هو. چالو هوائي جهازن جي جڳ ۾ هن پراڻي ناول جي دلچسپي وڌڻ ڪپي. هن سنڌي ناول مان دنيا تياڳڻ جي برخلاف هيئيون ٺڪرو ڏجي ٿو، جنهن مان ترجمان جي سولي فارسي آميز ۽ رواني واري سنڌي پڻ ظاهر آهي ۽ ترجمي جي پابنديءَ جو پتوئي نٿو پوي:

"شهزادي چيو ته جهڙيءَ ايڪانت ۾ تون رهين ٿو تنهن ۾ جيڪڏهن ڪو رهندو ته بلاشڪ بچڙائيءَ کان پاڻ کي پري رکندو. ساڌوءَ چيو تحقيق مان 15 ورهي تاءِ ايڪانت ۾ رهيو آهيان، پر منهنجي اها سَڌ نه آهي ته مون کي ڏسي ٻيا ماڻهو ايڪانت ۾ رهن. جيڪو چگي پر گذاري ٿو تنهن لاءِ هن سنسار ۾ سڀ ڪنهن قسم جو رستو چگو آهي... پنهنجي طاقت ۽ زور، زور بروز گهٽ ٿيندا ڏسي ٺهراوَ ڪيم، ته جڏهين دنيا ڇڏڻ ۽ ڪاهين ۽ ٻي اتفاقين ۽ ناسازين ۽ ڏکن ۽ سورن سان پري پئي آهي، تڏهين باقي حياتيءَ جا ڏينهڙا صبر ۽ سانت ۾ گذارجن... پر هاڻي سواد ته ڪونه ٿو اچيم پر مورڳوئي ورچي پيو آهيان، ٿورن ڏينهن کان منهنجو من بيقرار ۽ پريشان آهي... جنهن دنيا ۾ آءٌ چگا ڪم ڪري سگهان ها سا دنيا ڇڏڻ کان سواءِ بدي، کان پاڻ کي بچائي نه سگهيس، جڏهن اهو خيال اچيو پويم تڏهن لڄ ۾ ٻڏيو وڃان... منهنجي دل کي قرار اچي نٿو سگهي ۽ آءٌ آهون دانهون پيو ڪريان ته ٿوٿو هيترو سارو پيو اٿم ۽ فائدو ڪيترو ٿورو ٿيو اٿم. ايڪانت ۾ جيڪڏهن بچڻن جي سنگت کان بچيل آهيان ته پلن جي صلاح مصلحت ۽ گفتگو کان پڻ دور آهيان... ايڪانت ۾ جو ماڻهو رهندو سو جائي ڏکي ٿيندو ۽ ڪڏهن به عبادت وارو ڪين ٿيندو."

1891ع ۾ 'ساڌو هيرانند'، 'سر والٽر اسڪاٽ' جو عيسائي جهاد وارو مشهور تاريخي ناول Talisman، "طلسم" نالي سان ٽيٽ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، "سرسوتي" مخزن ۾ قسطون ڪري ڏيندو هو، پر سندس اوچتي ديهانت ڪري اُهو آڳ پورو رهجي ويو. آخر 1927ع ۾ 'ڪاڪي پيرومل' انهيءَ ناول جو ترجمو مڪمل ڪري ڇپايو، ۽ 'ساڌو صاحب' جهڙيءَ اعليٰ هستيءَ جو يادگار سنڌي ساهت ۾ قائم ڪيو. جيٺن آڪاڻين واري فصل ۾ ذڪر ڪيل 'ساڌو هيرانند' جو "هيري جون ڪٽيون" سوڌي 1926ع ۾ ڇپايو هٽائين. "طلسم" ۾ آيل هيٺين ٽڪر مان هن صاحب جي نجي محاوريدار سنڌي عبارت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

"راڻيءَ کي جنهن مهل خبر پئي ته بادشاهه (شيردل) رچرڊ اچي ٿو، تنهن مهل هوءَ اُوچا سڻا ويس وڳا ڪري نهي ويٺي. بادشاهه سندس تنبوءَ ۾ آيو ته هيءَ منهن منهن تي چاڙهي ويٺي. بادشاهه جو اصل مطلب هو ته راڻيءَ کي چنڊ ڪيان، جو هڙو ٻيهودو چرچو ڪيو هٽائين جنهن مان هي گل نڪتا هٽا. پر هيءَ جا اڇيئي ٻٽنو چاڙهي ويٺي هئي، تنهن کي چنڊ ڪيڻ واجب نه سمجهي، هن جي پاڻ دل ونڻ لڳو. راڻيءَ پوءِ اُتلو ڪيس عتاب ڏنا، ۽ ميڪ ميڪ ڪندي چيائين: توهان منهنجو ملهه ڪونه ڪيو. مون گوڏن پر ويهي، توهان کي هن اسڪاٽ سردار پاران پلوڙ پاتو ته توهان مونکي نرادر ڪري موڪلائي ڪڍيو. بادشاهه جيٺن ٽيٺن پرچائي چيس: تون دل وڏي ڪر، سرڪينيٽ صحيح سلامت آهي. اسان هن کي حڪيم حوالي ڪري ڇڏيو آهي. اتي راڻي هيڪاري اچي منّي. چي: مون هن لاءِ جهولي جهلي ته توهان مون کي هڪالي ڪڍيو، ۽ مسلمان حڪيم جو مون کان وڌيڪ ننگ پيڙا بادشاهه چيس: هن اسان کي مٿو جيٽاريو، سو هن جو ٿورو اسان کان وسرڻ جو نه آهي. تون پاڻ جيڪر حڪيم صاحب جو جهجهو قدر ڪرين، جو اسان کي اهڙو ته نؤبنو ڪيو اٿس، جو اڄ اسين تو تائين چري آيا آهيون. اتي راڻيءَ ميڪڻ بند ڪري چيو..." وغيره .

پر تازو، سنڌي نثر جي برزگ استاد 'ديوان ڊيارام وسٹمل' کان معلوم ٿيو آهي ته "طلسم" جو پهريون حصو ساڌو هيرانند جو ترجمو ڪيل ڪونه هو، پر سنڌيءَ نثر جي هڪ ٻئي اوائلي عالم 'بولچند ڪوڊومل' جو ڪيل هو، پر سندس نالو ڏنل ڪونه هو. اهڙي پڌرائي 'پرمانند ميوارام' ۽ 'ديوان پرياس شيوڪرام' (نؤوديالي اسڪول جي بانيڪار) "جوت" اخبار ۾

ڪئي هئي. پر ڇو جو "سرسوتي" مخزن جو مهتمر 'ساڏو هيرانند' هو، ۽ سندس ٽي نالي ۾ ڇپايائين.

## اوائلي خود- ساختا ناول

سنڌي ادب جا پهريان ٻه ناول دليان جوڙڻ جو شرف 'مرزا قليچ بيگ' کي حاصل آهي، جي هٿا: "دلارام" (1888ع) ۽ "زينت" (1890ع) - جي پهريان ٽي ناول هٿا جي اسان پڙهيا. مرزا صاحب جي گهٽ ۾ گهٽ ٽن سؤن تصنيفن مان کي ٿوريون خود ساختيون آهن. ٻيا ڪتاب اڪثر ترجما آهن، جن جو ٻه اُن زماني ۾ گهٽو ضرور هو. ڪن ڄاڻن جو چوڻ آهي ته "دلارام" اصلوڪو ناهيل ناول هو، ۽ "زينت" جو پهريون اڌ حصو اُردو ناول "صحت النسا" تان ورتل هو. پر ٻين صاحبن جو ٻنهه ڳالهه رايو آهي ته پهريون ناول اُردوءَ تان ورتل هو، جنهن ۾ مصر ۽ بغداد جي بادشاهن ۽ لڙائين جا بيان اچن ٿا؛ ۽ ٻئين ناول جو پهريون اڌ مورڳو خود مرزا صاحب جي خانگي زندگيءَ تي ٻڌل هو. پر مصنف پاڻ "دلارام" جي ديباچي ۾ ظاهر ڪيو هو:

"هيءَ هڪڙو نئون قصو خيالي سٽيل آهي؛ پنهنجي دليون جوڙيل آهي. ڪنهن ٻئي ڪتاب تان ورتل ناهي. هن ۾ ڪا ڪوڙي اکاڻي يا نه ٽيڙ جهڙي ڳالهه پيل ناهي؛ نڪو منجهس ديوَ، نڪا پري آهي؛ رواجي اتفاقن ۽ دنيائي وهنوار ۽ هلت چلت جو منجهس ذڪر اچي ٿو، ۽ نيڪي بدي ڪرڻ مان جيڪي نتيجا نڪرن ٿا، سي چگي طرح منجهس ڏيکاريل آهن."

مٿين فقري مان پڌرو آهي ته "دلارام" خود ساختو ناول هو، ۽ بادشاهن، رومانوي ۽ شهزادين جي ڪارنامن پيش ڪرڻ ڪري اُن کي هڪ رومانی ۽ اخلاقي ناول سڏي سگهجي ٿو. مرزا صاحب "زينت" جي ديباچي ۾ پڻ صاف لکيو هو:

"پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض ته 'ناولن' جي ڪتابن جي گهرج سنڌ ۾ تمام گهٽي آهي... سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي قسم جا ڪتاب بلڪل ڪمياب آهن. نڪو ڪنهن کي اُنهن جي لکڻ يا پڙهڻ جو گهڻوشوق ٿو ڏسجي. تنهنڪري اهڙو شوق پيدا ڪرڻ ۽ وڌائڻ لاءِ مون هن ڪان اڳي انهي نموني جو هڪڙو ننڍو ڪتاب لکيو هو، جنهن جو نالو "دلارام" آهي، جنهن ۾ زماني جي گردش ۽ حال چال جو بيان گهروُ اصطلاح ۾ ڏنل آهي... اڳوٽي زماني جي قصن وانگر هن ۾ جن پوت يا پريِ يا ديوَ يا جادوءَ جو نالو ٻه ڪونهي.

هن۾ اهڙا واقعا ڏنل آهن جي ٿيڻ جهڙا آهن ۽ جي سڀ ڪنهن انسان جي سر تي اچن ٿا."

متئين حوالي مان ظاهر ٿيو آهي ته هيءَ ناول به خود - ساختو هئو، ۽ پڻ اُن مان 'مرزا صاحب' جو ناول نويسيءَ ۾ حقيقت نگاريءَ (realism) جو اصول پڏرو ٿو ٿئي. "زينت" جي پهرئين اڌ ۾ هڪ سنڌي مسلم ڪٽنب جي زندگي ۽ اُن جي پاتين جو، جمڻ کان مرڻ تائين تفصيل وار چٽ، اهڙو ته وفاداري سان چٽيل آهي جو ڏاريو لڳي ئي نٿو. خصوصي طور ناول جي سورمي زينت، صورت توڙي سيرت ۾، زال ذات جو اهڙو ته شاندار مثال آهي جو هيءَ آڳاٽو ناول سنڌي ادب جو بي بها ڳهڻو ٿي ٿيو آهي،- توڻي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن آکاڻي سنڌ کان ٻاهر، بمبئيءَ وغيره ڏانهن کڄي ٿي وڃي، تڏهن سنسني خير حادثن ۽ اتفاقن ۾ وڃيو پوي، ۽ فن جي لحاظ کان ناول کي ڪسو ڪريو ڇڏي. 'مرزا صاحب' جي عبارت ۽ اصطلاح پڻ، سندس دستور موجب، نهايت سليس، گهريڇي ۽ دلپسند آهي، ۽ هڙي جهوني ڪتاب هوندي به منجهس بيهڪ جون نشانيون سڌريل نموني ۾ ڏنل آهن، جا خوبي اُن زماني جي ڪتابن ۾ نٿي ملي. "زينت" مان چونڊيل هن ٽڪر مان، گذريل صديءَ جي پڇاڙي واري وقت ۾، سڌريل مسلمانن جي رسمن رواجن جو عڪس ملي ٿو، ۽ پڻ مرزا صاحب جي سرل ۽ ڦهڪيل سنڌيءَ جو پتو پوي ٿو:

"گهوٽ ڪنوار جي گڏ رهڻ جو اسين ڪهڙو ذڪر لکون؟ هيتري واقفيت، هيتري سڪ ۽ هيتري محبت کان پوءِ جا سندن شادي ٿي هئي تنهنڪري هڪ ٻئي سان حد کان وڌيڪ پيار ٿين. اڪثر جيڪي شاديون هتي ٿين ٿيون، تن ۾ گهوٽ ڪنوار هڪ ٻئي جا ناواقف هوندا آهن، تنهن ڪري جيسين پرڻجي گڏ ٿين تيسين پيا ڳڻتيون ڪائيندا آهن ته الائجي ڪهڙي طرح جو ماڻهو هوندو، الائجي ڪهڙي شڪل هونديس، الائجي ڪهڙي طبيعت هونديس. پرڻي کان پوءِ ڪنوار ته مهينو ڪن حيا کان ڪنڌ ئي نه کڻندي، ڏانهس منهن ٿي متي ڪري نه نهاريندي، اکرئي ڪونه ڳالهائيندي. پر هتي اهڙو حال نه هو. پهرئين ڏينهن کان وٺي هن جي دل ڇڄي ويئي ۽ پاڻ ۾ اهڙا گهرا ٿي ويا جو جڻ اڳي جا واقف هئا. گهر جي ڪمن ۾ هن ٻنهي گڏجي يڪراءِ ٿي اهڙو سڌارو ڪيو، جنهن مان ڏسڻ واري کي جيڪر صاف معلوم ٿئي ته في الحقيقت مڙس جو ڪم آهي ٻاهر پورهيوڪري ڪٽي ڪمائي اچڻ ۽ زال جو ڪم آهي گهر جو سڀ ڪم ڪار سنياڻڻ، نه رڳو

ايترو، پر پاڻ ٻاهر جي ڪمن ۾ مڙس جي مددگار ۽ صلاحڪار هئڻ... زال مڙس ٻنهي جڻن ديني ۽ علمي سڌاري ۾ ٻه پريندي ڪان گهٽي ڪوشش ڪئي. هڪڙو وقت مقرر ڪري ڇڏيو هئائون، جنهن تي مڙس زال کي انگريزي پڙهائيندو هو، ۽ ٻيا جيڪي ڪتاب اڪثر اسڪولن ۾ پڙهائيندا آهن... ڪنهن وقت وري کو ديني يا اخلاقي علم جو ڪتاب ڪٽي گڏ ويهي مطالع ڪندا هئا ۽ ڪن ڪن ڳالهين تي پاڻ ۾ بحث ڪندا هئا. انهيءَ بحث مان هي فائدو هو جو هو هڪٻئي سان بيحجاب ڳالهائيندا. هتي اڪثر رواج آهي ته مڙس زال، ماڻهن جي اڳيان نه گڏ ويهن نه گفتگو ڪن، خاص ڪري جڏهن تازا پرڻيل هوندا آهن. نه زال مڙس کي نالو وٺي سڏي، نه مڙس زال کي، رڳو رڪا سوال جواب ڪن، سو به لڪندي ڇپندي. هن اهو رواج ڪڍيو جو مڙس زال کي نالو وٺي سڏيندو هو، مگر زال کي حجاب کي ادب کان هن جو نالو وٺي نه سڏيندي هٿي پر انهيءَ جي بدران هو هڪٻئي کي سڏڻ ۾ پيار يا آبرو جهڙا لفظ ڪم آڻيندا هئا، جيئن ته پيارا، يا جان، يا سائين، يا صاحب."

هن اصلوڪن ناولن کان اڳ، 1880ع ۾ 'مرزا صاحب' "رستم پهلوان جو قصو" لکيو هو، جو قديم ايران جي تاريخ تان ورتل هو ۽ منجهس ڪيترا ٽڪر 'فردوسيءَ' جي "شاهنامه" تان اکر به اکر ترجمو ڪيل هئا. گهٽو پوءِ، 1913ع ۾ "لچمي" لکيائين جو شايد ڪنهن اُردو ناول تان ورتل هو ۽ منجهس هندو جيوت بابت عمدي آکاڻي ڏنل هئي. 1914ع ۾ "زنوبيه" لکيائين جو هڪ مشهور مشرقي راڻيءَ بابت تاريخي ناول هو، پر پتو پڄي نه سگهيو آهي ته ڪٿان ورتل هو.

1892ع ۾ 'ديوان پريتمداس حڪومتراءِ' ("هڪڙو نمائو، سڌاري جو طالب" تخلص سان) هڪ من- گهڙت ناول "عجيب پيٽ" لکيو هو، جو "زينت" کان پوءِ ٻيون نمبر حقيقت نگاريءَ وارو ناول هو، جنهن ۾ روزمرهه جي زندگيءَ جا ممڪن واقعا ۽ ڪردار آندل هئا. منجهس اُن زماني جي حيدرآبادي عالمن ۽ پائيبندن جي پنگتي رسمن رواجن ۽ تعليمي، اخلاقي ۽ ڏرمي جيوت تي چٽي روشني وڌل هئي، ۽ لکيل به نهايت چيديءَ ۽ سپڪ سنڌيءَ هو. هن ناول جي هڪڙي خامي اها هئي جو وچور واري هڪ باب ۾ جهونيءَ روايت موجب، راجپوت راجائن جي هڪ ڪهاڻي ڏنل هئي جا هن سنڌي سماجي ناول ۾ ڏاري ٿي لڳي. ناول مان هيئيون ٽڪرو ، تن ڏينهن جي تنگ تعليمي سرشتي بابت ديوان پريتمداس جي آزاد خيالي ڏيکاري ٿو، ۽

سندس پختي لکڻيءَ جو مثال ۾ ڏئي ٿو، توڻي اُن ۾ پوريون بيهڪ جون نشانيون ڏنل نہ آهن:

"خانگي ماستر جا ڪرايل ڪم پورا ٿي ويا تنهن کان پوءِ سڄو روز بروز پٺتي پوندو ويو. جيتوڻيڪ ائين هو تہ جنهن ڪم ۾ رڳو خيال جي گهرج هئي تنهن ۾ هو ڪلاس جي ڇوڪرن کان هميشه پڙ هوندو هو پر برزبان ياد ڪرڻ ۽ محنت گهرندڙن ڪمن ۾ گهٽو گهٽ هوندو هو... انهيءَ طرح بعضي پاس بعضي ناپاس ٿيندو هو ستين درجي ۾ ٿيو. اُن وقت ارڙهين ورهين جو هو ۽ خيالي ڪم جهڙوڪ طبعي ۽ رياضي علم تن ۾ چگو هو ۽ ٻين ڪمن ۾ به ڪلاس ۾ جيڪي سو ٻڌي سڌي واڌارو ڪيو هٿائين پر جيتري محنت هن کي ڪرڻ کپندي هئي تنهنجي اُنين پٽي به ڪين ڪندو هو. هو چوندو هو تہ پنج پرت حرف به حرف سمجهي پڙهجن ۽ ياد ڪجن ۽ ڪ ٽي پٽجي تنهن کان سئو پرتن جو مت سمجهجي ۽ اجا وڌيڪ پڙهڻ جو چاهه هجي سو ويهوٽو چگو آهي ۽ ڪنهن به گرنٿار جي هڪڙي ٿي جي هڪ هڪ اکر يا سٽ تي ويهي مٽي هٽڻ کان ڏهن جدا جدا گرنٿڪارن جي ڪتابن جو مت سمجهڻ وڌيڪ ڪمائتو آهي... تنهن کان سواءِ انگريزي رڳو انهيءَ لاءِ ڪين ٿي پڙهجي تہ اها هولي سکجي پر انهيءَ لاءِ به تہ جيڪي علمي ڳالهيون انهيءَ هوليءَ ۾ لکيلون آهن سي سَلجن تنهنکري جيڪڏهن اهڙين ڳالهين جي مطلب سمجهڻ جيتري انگريزي ائين تہ وڌيڪ سکڻ جو ضرور ڪونهي - انهيءَ خيال تي هاڻي هو پنهنجو سڀ وقت طبعي علم جي ڪتابن پڙهڻ ۾ ڪم آڻڻ لڳو، جنهن ڪري ٻين اسڪول جي ڪمن تي بلڪل ڌيان ڪونہ ڏيندو هو، سڄو ڏينهن انهن ڪتابن پڙهڻ ۾ يا جيڪي ڳالهيون منجهن لکيل هونديون هيون تن بابت ويچار ڪرڻ ۾ ۽ جيڪڏهن ٿي سگهندو هوس تہ اُنهن جا تجربا ۽ جاچون ڪرڻ ۾ لڳائيندو هو- نيٺ سڄوءَ ڪي انهيءَ ريت ڪلاس ۾ ڏڏ ڪري ليکجڻ ڪري ڏاڍا ساڙ اچڻ لڳا آڻي باقي جو ماستر ڪي به سندس بنسبت چگي راءِ نہ هئي تنهنکري هو اسڪول مان ڪڍو ٿي پيو ۽ ڪيترا ڏينهن ويچار ڪرڻ کان پوءِ ائين سمجهائين تہ ميٽروڪليشن پاس ڪرڻ لاءِ سيني ڪمن ۾ چگو ڪرڻ گهرجي جو آءٌ ڪري ڪين سگهندس- تنهنکري هن اسڪول ڇڏي ڏنو."

"عجيب پيٽ" جو ٻيو سڌاريل ڇاپو 1910ع ۾ نڪتو هو جنهنجي ديباچي ۾ مصنف لکيو هو:

"سرهائيءَ جي ڳالهه آهي جو هن ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ ڪن ادبگين

رسمن ۾ سڏارا ٿيا آهن. ايا سڏاري جي گهٽي گهرج آهي. پر ڏاڍي ارمان جي ڳالهه آهي جو ڪن ڳالهين ۾ اڳئين کان به وڌيڪ خرابي ٿي آهي هن ڪري جو خود غرضي ۽ لوب وڌيل آهي."

هن مان ثابت آهي ته هن ناول لکڻ مان مصنف جون ڄاڻايل ٻئي مرادون: "ملڪ جي حالت ۽ هولي سڏارڻ" ڪجهه قدر برٿواب ٿيون هيون.

## ازغيبي ۽ ڪرامتي قصا

سنڌي ناول جو بنياد جيتوٿيڪ متي ڄاڻايل خالص مصالحي سان وڌو ويو، پر اُن مٿان جا اوساري ڪنئي ويئي سا گهٽي ياگي آڻ گهڙيل پٽرن جي هئي - توڻي آخرين اڌاوت رفتي رفتي سڌرندي سنگين ٿيندي ويئي، جيئن اڳتي هلي ڏيکاريو ويندو. في الحال، شڪارپور مان 'مستر پوڪرداس' (1885ع) ۽ سکر مان 'ماستر هريسنگهه' (1888ع) جي ڪتب خانن مان ڪيترا ازغيبي ۽ ڪرامتي (Super-natural) قصا نڪرندا آيا، جن ۾ انساني عاشق معشوق سان گڏوگڏ جن پوت ۽ ديوَ پريون پڻ بهرو ونندا هٿا، ۽ جي اڪثر قافيه دار نثر يا نثر ۽ نظم جي ملاوت ۾ لکيل هوندا هٿا - جو تنهن زماني جي روماني (romantic) قصن لکڻ جو رواج هوندو هو. مائٽ گهٽيائي پل وجهندا هٿا ته اهي عشقي قصا پڙهي هار ڪرجي پوندا، پر جيئن بندش وڌيڪ، تيئن اُنهن قصن جون پرائي ڪاغذ تي لٽو ۾ چپيل ڪاپيون، وهائن هيٺيان ڪديِ پيا پڙهندا هٿاسون. انهن ناولن جا مکيه لکندڙ ۽ نالا هيٺيان هٿا:

احمد خان جلبائي- "گل بڪاولي" - 1890ع
(اصل عزت الله شيخ جي فارسيءَ تان ورتل، منشي نهالچند جي اُردوءَ تان ترجمو)
احمد خان جلبائي- "نينهن نياوڻ" - 1890ع
(رينالدس صاحب جي نامہ ڪنئي ناول Mysteries of Court of London جي هڪ حصي جو ترجمو)
حاجي امام بخش - "چهار درويش" (اُردوءَ تان ترجمو)- 1890ع
حاجي امام بخش - "حاتم طائيءَ جو قصو" - 1894ع
حاجي امام بخش - "الف ليلئ" - 1898ع
( Arabian Nights جي اُردوءَ ترجمي تان)
لطف الله آخوند - "گل خندان" (هنديءَ تان ترجمو)- 19 صديءَ جي آخر ۾
محمد صديق مسافر- "مهرور بانو" (فارسيءَ تان ورتل)-20 صديءَ جي شروعات
محمد صديق مسافر- "ممتاز دمساز" (اردوءَ تان ترجمو) - 1909ع

محمد صديق مسافر- "گلبدن" - (اردوءَ تان ترجمو) - ...

"گل بڪاولي" هڪ خاص سنڌي نثر سان گڏوگڏ بيت هڪ ڪيل بيان، ۽ "گل خندان جي مائيدار قافيه دار نثري عبارت، هن ديون پرين جي ڪارنامن سان پرپور ناشدني قصن کي به قديم ادب جو درجو ڏيئي سگهن ٿا. جلباڻي صاحب جي "گل بڪاولي" مان پرين جي شهزادي۽ بڪاولي جي حسن جو هيئيون بيان، بيهڪ جون نشانيون سڏاري پڙهڻ سان، احمد خان شاعراڻي تصور ۽ قلم جي قوت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

"وڏي وڏائي اُن مالڪ جي، چون تا ته جڏهن بڪاولي جادو پريلون اکيون پٽيون ۽ مٿي۽ تنبو مان سجاڳ ٿي تڏهن چولي۽ کي مٿي سرڪائي چولو ناهي پيشواز ڊڪي وارن کي ڦٽي۽ سان سلجهائي اُٿي ڪڙي ٿي ۽ هوريان هوريان لڏندي لمندي بڪاولي گل جي حوض ڏانهن اکيون مهٽيندي هلي ۽ مور وانگر ٽلندي اچي، سندس پير پير جو رند، ڏرتي۽ تي عجب نقش ناهيندو وڃي ۽ سندس هلڻ سان جا لٽ پيئي اڏامي سا سڪايلن لاءِ مثل سرمون- جڏهن حوض وٽ آئي تڏهن نازڪ هٿن سان گلاب جو پاڻي پنهنجي موچاري منهن ۽ ڳاڙهن ڳلن تي وجهڻ لڳي ۽ منهن ڏوئي اڳهي صاف ڪري بڪاولي، گل ڏانهن ڏيان ڪري ته گل آهي ٿي ڪونه... ايتري هڪ مندي۽ تي وڃي نظر پيس ته اُتلو مت ٿي منجهي ويس چپ چپ سان لڳي ويس ۽ اکين جي اڳيان ڏنڊ ڦري ويس، تڏهن هنهي هٿن سان اکيون مهٽي هيٺن چوڻ لڳي ته اي رب منهنجا... جيڏي جاڳيندي ٻيئي آهيان سپنو ته نه آهي؛ جاڻان ٿي ته ڪنهن آدمزاد جي حرڪت آهي نه ته ٻئي ڪي ڪهڙي طاقت جو ارڙنهن هزارن ديون وڃان هتي اچي نڪري ۽ ڪسڪائي گل ڪٽي وڃي - وري جڏهن پنهنجي تنبو جي ٻي سرتائي ۽ ڪپڙي لٽي جي اويسلائي دل تي ياد آيس تڏهن ڏاڍي لڄاري ٿي ۽ هي بيت پنهنجي حال پٽاندڙ پڙهڻ لڳي-

هئين تون ڪير تنهنجو ناو ڇاهي
هتي آئين تون ڪيئن سينو سهائي...
ڪٽي آءُ دست تنهنجو يار پايان
چمان اکين تي ۽ جيءَ سان لڳايان
سڃي املاڪ پڌري پٽ رکي هٿي
مگر اُن تي نه تنهنجي چوڪسي هٿي
سرنگ سيني اندر آهين هئين تو
چورائي چست دل آهي ڪئين تو...

هن ڪتاب ۾ 'جلباڻي صاحب' بنا پيد ياوَ جي ڪيترا سليس هندي لفظ پڻ سياويڪ طور ڪتب آندا هٿا، جي اصل کان سنڌي زبان جو ورثو آهن، مثال طور: وچن، جنسار، جوپن، سوراج، مت، آرٿ، درسن، ويراڳ، منڪ وغيره. "گل خندان" مان هيءَ فقرو 'لطف الله شاهه' جي قافيه دار نثر ۾، زناني حسن ۽ هار سينگار جو سهڻو مثال آهي، ۽ دم جون نشانيون به چگيڙيون ڏنل آهن:

"شهزادي ماهه طلعت غسل ڪري، ڦٽي ڏني؛ اکين ۾ سرمو وڌائين، زيور پهريائين، ارغواني ويس جو جنسار ڪيائين. سڀ هار سينگار ڪيائين، آرسي ڪٽي پنهنجو منهن ڏٺائين. منهن ڏسندي ڳلن جي لالائي، اکين جي گهرائي، جوانيءَ جو زور، حسن جو شور، زلفن جو تاب ۽ غمزي جو حجاب ڏسي تماشو لڳي ويس. چوڻ لڳي ته واهه واهه، هي به حسن ٻي مثال آهي! يا بدر جمال آهي! جي اهو حسن آهي ته بس حسن ختم آهي، سڀ حسن کان اُتم آهي... راڻي انهيءَ ڪوڙي تعريف کان گمراهه ٿي وئي. پانيائين ته 'جيڪس اهڙو مڙيو ٿي منهنجو حسن مزيدار آهي، جو سيڪو اُن جو خريدار آهي.' حسن کي غرور سان ڪٽيائين. نياز کي ناز سان لٽيائين."

پر ايترو چئبو ته ناول نويسيءَ جي اصولن موجب، اهي عشق ۽ جانبازيءَ جا ڪرامتي قصا، نؤخيز جوانن ۽ سنسنيءَ تي خواهن پڙهندڙن کي دلچسپي ڏئي سگهن ٿا، پر رنگين عبارت کي چڏي، موضوع جي مدِنظر کان انهن جو ادبي مرتبو گهٽ آهي. تنهن هوندي به ناول نويسيءَ جي تاريخ ۾ اُنهن جو ذڪر ضروري آهي، ڇو جو انهن ذريعي سنڌ جي عام ماڻهن ۾ ناولن پڙهڻ جو خوب شوق پيدا ٿيو هو. "هري سنگهه ڪمپني" سڪر وارا پچاڙيءَ ۾ مارا ماريءَ ۽ پستل بازيءَ وارا جاسوسي ناول "سنسار چڪر" پٽر معرفت ڏيندا هٿا.

1910ع ڌاري، حيدرآباد ۾ 'مڪي سيرومل ساگرائيءَ' هڪ لنبي چوڙي هندي ناول جو ترجمو 28 پاڳن ۾ ڪيو هو، جنهن جو نالو "هردل عزيز" عرف "چندر ڪانتا باسنتي" هو جو 'ديوڪي نندن ڪتريءَ' جي مشهور ناول ورتل هو. هيءَ ناول عياريءَ ۽ طلسم بازيءَ جي عجائب ۽ احيرت انگيز ڪارروائين سان ٽمٽار هو، ۽ عام پڙهندڙن ۾ ايترو اُتساهه پيدا ڪيو هٿائين، جو ٻي ٻي هفتي جڏهن اُن جو نئون پاڳو نڪرندو هو، تڏهن پرينءَ بازار ۾ 'مڪي صاحب' جي پريس ٻاهران، ڪتان نه ڪتان آڻ آنا پٽي سٽي وڃي ڳاهڻ ٽيندا هٿاسون. هيءَ ناول گرما گرم نانختاين وانگر اهڙو ته وڪاڻو، جو

پوري ٿيڻ کان پوءِ جلد ٿي، 'مکي سيرومل' ساڻئي سلسلي کي قائم رکندي، "پوتنات جي جيوني" جا 16 پاڳا ٻه ڪيا. هن ناولن ۾ جيتوڻيڪ ناشدنيءَ ۽ سنسنيءَ وارا هزارين واقعا ۽ حادثا آندل هٿا، تنهن هوندي ٻه منجهن آکاڻيءَ جوسلسلو نهايت ڪاريگريءَ سان بيهاريل هو ۽ رٿا جي ايڪتا پڻ پوري رکيل هئي. منجهن ادبي لياقت اها هئي جو ڪن ڪردارن- مردن خواهه زالن -جون شخصيتون اهڙيون تہ چٽيون اُپاريل هيون جو اُهي وسرڻ جا نہ آهن ۽ مثالي ڪردار بنجي پيا آهن. مثلاً تيج سنگهه ۽ پوتنات، ڪملني ۽ مايا راڻي، جيتوڻيڪ خيالي مرد ۽ عورتون آهن، تہ بہ شيڪسپيئر ۽ ڊڪنس جي ڪن ڪردارن وانگر آمر ٿي پيا آهن. ٻي عملي خوبي هن ناولن ۾ اها آهي تہ 'مکي سيرومل' منهنجي خيال ۾، پهريون لکندڙ هو جنهن ڪيترا سولا ۽ سهٽا هندي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج ڪري ڇڏيا ۽ اُن جو خزانو وڌايو. تنهن کان اڳ سنڌ ۾ فارسي ۽ عربي لفظن ڪم آڻڻ کي اسين علميت جي نشاني سمجهندا هٿاسون ۽ هندي اکرن ڏانهن پورو ڌيان نہ ڏيندا هٿاسون. پر منجهن خاص ادبي خامي اها آهي جو بيهڪ جون نشانيون بنهه عدم پيدا يا غلط آهن. "هردل عزيز" جي پنجويهين پاڳي مان مکي صاحب جي لکٹيءَ جو نمونو هن ريت آهي:

"پڙهندڙ مهاشيا! توهان کي هن اپنياس پڙهڻ مان معلوم ٿيو هوندو تہ 'هائي هيءَ اپنياس سماپتيءَ جي طرف هليو ٿو وڃي'... هن اپنياس ۾ جيڪي طلسمي ڳالهيون لکيلون آهن جيتوڻيڪ اُهي ناممڪن نہ آهن ۽ وگيان ويتا يا سائنس جاڻڻ وارا ضرور چوندا تہ 'ها اهڙيون شيون تيار ٿي سگهن ٿيون' تنهن هوندي ٻه گهٽا اڻ جاڻ ماڻهو اهڙا آهن جو هن کي بلڪل کيل ٿي کيل سمجهن ٿا ۽ کيترا هن جي ديکاديکيءَ پنهنجن لکيلن انوکن ڪتابن ۾ ناممڪن ڳالهيون لکي، طلسم جي نالي کي بدنام ڪرڻ لڳي ويا آهن، انهيءَ ڪري منهنجو ڌيان هائي طلسم لکڻ جي طرف نٿو جهڪي، پر چا ڪيو وڃي لاچاري آهي هڪ تہ پڙهندڙن جي رُچيءَ جي طرف ڌيان ڏيڻو ٿو پوي، ٻيو چنارگيہ جي چبوتري واري طلسم جي ڪيفيت لکڻي بنا ڪم نٿو هلي جنهن کي هن اپنياس جو بنياد چوڻ گهرجي، جنهن جي لاءِ چندر ڪانتا جي قصي ۾ واعدو ڪري چڪو آهيان. تنهنڪري هائي هن هنڌ چنارگيہ جي چبوتري واري طلسم جي ڪيفيت لکي انهي پڪيہ کي پورو ڪريان ٿو. انهيءَ کان پوءِ

ٻنهي ڪمارن جي شاديءَ ۽ قيدين جي مقدمي طرف ڌيان ڏئي هيءَ اپنياس پورو ڪندس."

## اوائلي ترجمو ڪيل پنگتي ناول

1901ع ۾ ڪراچيءَ مان، "سناتن ڌرم سيا" وارن "مهراج سويراج شرما" جي ايڊيٽريءَ هيٺ، ماهوار "سناتن ڌرم پرچارڪ پتر" شروع ڪيو هو. هن رسالي ۾ ڪي سماجي ناول قسطون ٽي نڪرندا هتا، جن تي اڳهاڙپ جو الزام لڳايو ويندو هو. پر حقيقت ۾ اُنهن جو مقصد اخلاقي ۽ ڌرمي پرچار هوندو هو، ۽ منجهن جيوت جي عام هليءَ چليءَ بابت آکاڻين وسيلي، سماجي ۽ گهرو اوڻاين جي اوگهڙ ڪري، مڙيئي ٻين هندستاني هولين تان ترجمو ڪيل هوندا هتا، ۽ اُنهن جي عبارت اڪثر سليس ۽ سلوٽي هوندي هئي، توڻي منجهن ڪي هندي لفظ ڪتب آندل هوندا هتا جي تن ڏينهين غير رواجي ۽ ڏکيا لڳندا هتا. اُنهن ناولن مان مکيه هينيان هتا:

'جينانند رتنسي'؛ "هندو ڪنّب" (هندي، تان)؛ "شيل جمنا" (گجراتيءَ تان) مترجم - 'تيجورام شرما'؛ "هندو سنسار" (گجراتيءَ تان)؛ "نول لڪشمي" (گجراتيءَ تان)؛ "چڙواڳ رما ۽ پروس سندري" (هنديءَ تان)؛ نٽئون يا چندالن جي چؤنڪڙي؛ "نقلي مندر"؛ "لتا للتا" (2 ياڳا)؛ "راج لڪشمي" (4 ياڳا)؛ "سهاڳڻ"؛ "پتورت ناري" - مترجم

'ويرومل لائي'؛ "ليلان"؛ گنگا جو ڪنّب" (گجراتيءَ تان، سڏار سيا سکر جو چپايل) - مترجم

هن پرچارڪ پتر جو مکيه ايڊيٽر ۽ ناولن جو مکيه مترجم "مهراج تيجورام شرما"، پچاڙيءَ تائين اهڙا پنگتي سڏارڪ ناول لکندو رهيو، جهڙوڪ "آدرش آتمارام"، "پتورت ليلا" وغيره. مٽيءَ ياداشت جو پهريون ناول "هندو ڪنّب" جو هنديءَ ۾ لکيل ناول "هندو گرهست" تان انواد ڪيل هو، ۽ جنهن ۾ وٽشيا ناڇ جي ظلم جا نقصان ڏيکاريل هتا، سو اهڙو لوڪ پسند پيو جو اُن جو ٽيون چاپو 1922ع ۾ نڪتو هو، ۽ "شيل جمنا" جو ٽيون چاپو 1924ع ۾. "هندو ڪنّب" مان 'جينانند رتنسيءَ' جي رومانوي ناٽڪي لکٽيءَ جو هيءَ حوالو آهي:

"بس! پوءِ تہ سيٺ جو حڪم ٻڌي هڪدم ڳائڻ شروع ٽيو. نيٽونءَ تي

هڪ ٻئي پٽيان برهم جون ٻڌيون اُڇلينديءَ هوءَ ڪيترائي غزل ۽ ڪافيون چوڻ لڳي جن مان نموني طور هڪ ڪافي هن ريت آهي.

اڄ آءُ منهنجا منا، ياڳ ٻلا ٽي يانيان،
ياڳ ٻلا ٽي يايان، باس پيرن جي وراهيان....

شڪاريءَ جي ٻاڻ کان جيئن هرڻ گهائل ٿي اُتي ئي ٽمر ٿي پوندو آهي، تيئن اسان جي نيٽونءَ جو به معشوق جان جي ڪافين ۽ غزلن اهڙو ئي حال ڪيو. هن جي پيار ۾ هو ديوانو ٿي ويو. جيڏانهن ٿي اک کنيائين اوڏانهن معشوق جان ئي معشوق جان ٿي ڏٺائين ۽ ٻيو ڪجهه به نه. جڏهن دل کي قابو نه رکي سگهيو تڏهن هن ريت پڪاري چيائين ته 'پياري معشوق! دلدار معشوق!! تنهنجي اکين مان جادوءَ جي برسات پئي رهي آهي. بس! مون کي ته پنهنجو نوڪر ڪٽي ٻڌاءِ. پڙهڻ لکڻ سان منهنجو هائي ڪو ضرور ڪونهي. مان نه پڙهندس! نه پڙهندس! ۽ نه پڙهندس!!!. معشوق جان - پيارا بس! مان جنهن جي تلاش ۾ هيس سو اڄ مون کي ملي ويو. جنهن جي ڳولا ۾ ونڊن وڏن سينين کي مون کين جهڙو ٿي ليکيو، سوئي جانب اڄ ملي ويو. بس يار! اڄ مون کي گلي سان لڳاءِ، ٻيو ڪجهه به نه گهرجيم!"

## سڌريل اصلوڪا پنڪتي ۽ تاريخي ناول

جديد ناول نويسيءَ جا به مکيه اصول آهن : واقعه ڪاري (Plot-construction) ۽ سيرت نگاريءَ(Characterization). سڌريل ناول ۾ واقعا ممڪن وجهه ڪپن ۽ ڪردار جون سيرتون سياويڪ اُڻ ڪپن. نه رڳو ايترو، پر واقعا ۽ سيرتون هڪ ٻئي ۾ ڳنڍيل هجڻ گهرجن، يعني واقعا اهڙا وجهجن جن جو سيرتن تي ڪو تاثير ٿئي ۽ اُن موجب اُهي بدلبيون وجن- جيئن زندگيءَ ۾ فطرتي طور ٿيندو آهي. سنڌي ناول جو هيءُ دؤر اُنهن اُدبي اصولن تي ٻڌو ويو. 'مرزا قليچ بيگ' جي "زينت" ۽ 'ديوان پرينمداس' جي "عجيب پيت" کان پوءِ، ٿيون نمبر سڌريل ناول هو 'لعلچند امر ڏنيمل' جو "چوٽ جو چنڊ" يا "پرم جي پلائي". جو 1905-1906ع ۾ "سرسوتي" مخزن ۾ڇپيو هو. هن دليان جوڙيل ناول جو مسئلو غير رواجي هو؛ تن ڏينهين، جڏهن زال ذات ايڏا پردي مان نڪري مرد سان لڙهه وڇڙ ۾ نه آئي هئي، تڏهن ويچارا نوجوان پنهنجي دلين جي ايرندڙ محبت همجنس دوستن سان ئي وندبيندا هٿا، ۽ اهڙن ٻن نوجوان دوستن جي وچ ۾ بي طمع ۽

سليس سڪ جو بيان هن ناول ۾ نهايت نفيس نموني ۾ ڪيل هو. تنهن کان سواءِ، منجهس حيدرآبادي هندو سماج جا پرم، سنسا ۽ ٻيون ڪُريتيون پلئ پٽ ڏيکاريل هيون. جيتوڻيڪ هن ناول جو پلاٽ پچاڙيءَ ۾ منجهيل سنجهيل ٿي پيو، پر لعلچند صاحب جي عبارت، سندس دستور موجب، گهروُ اصطلاحن سان ٽمٽار ۽ ڳُردار هئي. ناول جي شروعاتي باب مان ٿي سندس نجيءَ ۽ چيدي سنڌيءَ ۾، سڌريل دم جي نشانين سوڌو، ٻن دوستن جي نازڪ پريت ۽ قدرتي نظارن بيان ڪرڻ جي طاقت جو مثال ملي ٿو وڃي:

"لوڏ جن جي لک لهي، جن سان جڙيو شل جيءُ رهي!
ها هتي حاضر هزار، جان ۽ جيءُ جيار يار."

واهيري جي ويڑ. سورج پنهنجي روشن سواريءَ جو نشان شفق جي صورت ۾ ڪري ڇڏيو هو. اسانجي تازي مڱيل نوجوان کي ٽهڪندو آڇو وڳو ڏيکيل هو، ۽ پنهنجي پريتم سان گڏ وڏي درياهه جو رستو ڏيو پي ويو.

اُنهيءَ رستي جي ٻنهي ڪپن تي ڳچ سرهيون نمون ۽ ساوا گهاٽا ٻير، شاهي بڑ ۽ سهٽا پيپر- ڪٽي ڪٽي سنوان سرهه ٻه ( هڪ ٻئي سان لاڳيتو اُپا آهن، ۽ هڪ شاهي چنڊِ ڪري ٻڌي اٽن . اُنهن وٽن ۾ سياوي سڳنڌ ٽٽي ٿي. اُنهيءَ ڏهاڙي پوياڙين جو ته سيتل هير ٻه پٽي لڳي، سو اُتان لنگهندي ڏينهن وارو ٽڪ وسري ٿي ويو.

جوت ٻري ۽ سنجها ٿري ته هي سنگتي اڇي گدوبندر کي قابو پيا. اوچتوئي اُن ٽاڻي اسان جي تازي مڱيل نوجوان جون اکيون وڃي اُپ ۾ ڪتيون، ۽ ڏاڍي شڪل چنڊ تي نظر پٽجي ويس...

سندس ڳيرو يار هنجو چهرو ڦريل ڏسي، واڙو ٿي ويو. ۽ ڳراڙي پاڻي، منهن ۾ نهاري، ينې آواز پڇڻ لڳس: "چو موتي، چپ ڪري پيڙيا اٽيئي؟ مونسان رڻو ته ڪين آهين؟

تنهن تي اُمالڪ هنکي ورندو پاڪر پاڻي، ورندي ڏنائين: "هيرا! توسان ر... ڻو...! وات مان ٻيو ڪي اُڪليس ٿي ڪين: جو هيئين چپ سندس ٽپ لائي ڏني، ۽ بدن ۾ سياڻو وڻي ويس...

آسمان ۾ تارن جهرمر لائي ڏني، ۽ هن ٻن پريتمن کي محبت ۾ ماڻل ڏسي ڇڻ مرڪيائون پي. چنڊ تنهن ويل نظر ڪونه ٿي آيو. گهر پوري ڏهين بجي پهتا. انهيءَ ڏينهن بڊي جي چوٽ هئي."

هن ناول جو نئون ڇاپو 1947ع ۾ "پارت جيون ساهت منڊل" ڇپايو هو.

جنهن ۾ ’ لعلچند صاحب‘ آکاڻيءَ کي سنواريو هو، ۽ اُن جي مند ۾ اعلان کيو هٽائين :

”ناول جي ٻڌي پاڳي ۾، جنهن جِي رٽا اڃا کلپنا جي سنسار مان نڪري ، اکرن جا ويس وڳا پهري، پڌري تي نه آئي آهي، حياتيءَ وفا ڪئي، تہ اُنهيءَ ملڪ ۾ هيڏي جا سماجڪ ۽ سياسي اُٿل ٿي وئي آهي، تنهنجا کي ڏڏکي وارا وستار قلم بند ڪبا.“

پر افسوس جو اوچتوئي سنڌ مان ياڄ ٻڌي ۽ ديس کي ٿِي الوداع ڪري آيو، ۽ ٻڌي پاڳي ڪيڏ جي اُميد بمبئي ۾ پوري ڪري نہ سگهيو، نڪا حياتيءَ ٿِي وفا ڪيس.

هن دؤر جو چوٽون من- گهڙت ناول هو ’پيرومل مهر چند‘ جو ٻن ناولن جو سلسلو؛ هڪڙو غمناڪ ”آنند سندريڪا“ (انڪل 1910ع) ۽ ٻيو سُک-انت ”موهني ٻائي“ (1917ع) جن ۾ ٻڌ هندوگهرو جيوت جون رسمون رواج ۽ سماجي مسئلا ڪنيل هٿا، مثال طور گهرو ڪفايت، زناني تعليم، ڏيتي ليتي، جيڙي تي جيڙي شادي وغيره. تنهن کان سواءِ، حيدرآباد ۽ ڀهراڙيءَ جي وچ ۾، ۽ هندن مسلمانن جي وچ ۾ سلوڪ پيدا ڪرڻ تي بہ منجهن زور ڏنل هو. ”موهني ٻائي “ جي مند ۾ ’پيرومل صاحب‘ لکيو هو؛

”لکندڙ پنهنجن انهيءَ وقت جي خيالن ۾ پنهنجي هستي وڃائي، اُنهن ماڻهن مان ٽيو پوي جن جو هو احوال لکي ٿو. اهڙي وقت جيتوڻيڪ ظاهري سندس هٿ ۽ سندس قلم پيا هلن، پر هو ائين نٿو سمجهي تہ آءٌ هن ڪتاب جو لکندڙ آهيان ۽ جن ماڻهن جو قصو لکان ٿو سي منهنجي مغز جي پيدائش آهن. بلڪل نہ، اُنهن خيالي ماڻهن جِي خوشي هو پنهنجي خوشي ۽ اُنهن جو ڏک هو پنهنجو ڏک ڪري سمجهي ٿو، ۽ اُنهنجي ڏک ۽ سک جو احوال انهيءَ اُتساهه سان لکي ٿو جو اوڏي مهل سندس دل جي اندرين پردن مان اُپري ٿو.“

ڪردار نگاريءَ جي هن اوچي آدرش جي باوجود، هن ناولن ۾ سيرتون سادين سوديون هيون ۽ آکاڻي ٽوري هئي، باقي پنڪتِي پرچار ۽ بحث مباحثو نهايت گهٽو هو؛ جنهن ڪري ڪردارنگاريءَ ۽ واقع ڪاريءَ جي لحاظ کان اهي ادبي ناول نہ ليکبا. ليڪن اُن زماني جي اختيار واريءَ پنڪتي تاريخ جو ڪم ڏين ٿا. ’اُستاد پيرومل‘ جي لکڻي، ’اُستاد لعلچند‘ جي اصطلاحي عبارت کان بنهہ نرالي، سرل ۽ مٺي، پر پختي ۽ وهڪ واري آهي، جنهن جو مثال ”موهني ٻائي“ مان ملي ٿو، توڻي دہ جون نشانيون ڪجهہ ڪچيون ٽيون ڏسڻ ۾ اچن؛

"پر موهني ٻائيءَ کي تنڊ ڪين آئي. هوءَ جيئري تي جيئري پرڻجڻ بابت خيال ڪرڻ لڳي. چي ٻين قومن ۾ جيڪي شاديون ٿين ٿيون سي 'پريم وواهه' آهن پر اسان وٽ وواهه يا وهاڻ هڪ ڏرمي ڳالهه آهي. پوءِ اسان وٽ هي اونڌا وواهه رواج ڪيئن قائم ڪيا اٽن. ڏيتيءَ ليتيءَ ۾ ته چٽبو ته لوڻ جي ڪري ماڻهن جي اکين تي پردا چڙهيا آهن پر جيڪي جيئري تي جيئري تا پرڻجن تنڪي ته ڳوڙو لڏو ڪونه ٿو ملي پوءِ هنن کي کهڙو لٽ اکين تي ٿو چڙهي جو هي قهر جا ڪم تا ڪن؟ پاڻ ٽي چيائين ته استري چٽ چري هجي ۽ هن جي سنئين ٽيڻ جي اميد نه هجي ته سندس مرد ٻي استري پرڻجي سگهي ٿو... پر ڪو به قاعدو ۽ ڪوبه رواج صحيح تڏهن سمجهبو هيٺ مٿي پورو هوندو. جيڪڏهن ڪنهن جو پتي وڃي چرين جي اسپتال ۾ پوي ته سندس استريءَ کي سندس ساهرا يا پٽنچ جيڪر ٻيو گهوٽ ڪرڻ ڏين؟ بلڪل نه. تڏهن استريءَ جي حق ۾ اهڙو رواج ڪيئن قائم ڪيو اٽن، سا ڳالهه آ؟ ته سمجهي نٿي سگهان. جنهنجو نالو ٽي 'قاعدو' آهي سو استري توڙي پرش لاءِ هڪجهڙو هٽڻ گهرجي پر هتي ته ٻيائيءَ جا ٻنا لڳا پيا آهن."

1915ع ۾ 'پيرومل صاحب' "وريل ۽ نعمت" لکيو هو، جو مسلمانڪي زندگيءَ ۾ ٻيهاريل هڪ جاسوسي ناول هو، ۽ 1946ع ۾ 'ايم -آر - مائيداساڻيءَ' "جاسوس" نالي سان ٻيهر ڇپايو هو. هن دؤر جو ٻيو اهم ناول هو 'ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ' جو "نورجهان" (1915ع)، جو سنڌيءَ ۾ پهريون اصلوڪو لکيل تاريخي ناول هو- جيتوڻيڪ ڪن جو چوڻ آهي ته اُهو 'سردار جوگيندر سنگهه' جي اُردو قصي جي آڌار تي لکيل هو. ڊاڪٽر صاحب منجهس عاليشان ادبي عبارت استعمال ڪئي هئي جنهن ۾ ٽيڪ سنڌيءَ ۽ فارسيءَ جو جوڳو ميزان رکيل هو. مکيه ڪردارن جي سيرت نگاري ۽ محبت ۽ جنگ جا چٽر نهايت رنگين چٽيل هٿا، پر ڪن واقعن جي بيانن ۾ ذرا مبالغي کان ڪم ورتل هو. "نورجهان" مان، شهنشاهه اڪبر جي مؤت ۽ جهانگير جي "تاجپوشيءَ واري باب ۾، هيٺين مثال مان مغل زماني سان ٺهڪندڙ شاندار درباري زبان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، جنهن ۾ بيهڪ جون نشانيون باقاعدي ڏنل هيون:

"اڄا ماڻهن پنهنجي پياري بادشاهه جو ماتم ٿي پٽي ڪيو ته آگري ۾ تاجپوشيءَ جا سانباها پٽي ٽيا. سليم ماتم جي مقرر ڪيل مدي تائين به ترسي نه سگهيو. پيءَ جي قضيه پڇاڙا ٿوري ٿي عرصي ۾ تخت تي ويٺو... هن اڄا تخت تي پير رکيو ئي ڪين ته توبن جي ٽڪائوڪي ٿي ۽ ٽڪارن ۽ شرنائين جو

غلغلو مچي ويو. اُمير ۽ وزير جي قطارون ڪيو ٻيڻا هٿا تن نڙي سلام ڪيو ۽ هڪڙي نقيب اڳتي وڌي بلند آواز سان پڪاري چيو ته اڄ شهنشاهه نورالدين جهانگير يعني اسلام جي روشنائي ۽ دنيا جو فتح ڪندڙ تخت نشين ٿيو آهي. هي اهو صاحبِ قران آهي جنهن جو زحل دربان آهي ۽ آسمان آستان، چند سندس پيغام رسائيندڙ آهي، زهره راڳيندڙ، قضا سندس نگهبان آهي ۽ قدر ٽاخوان، تجمل ۽ توانائيءَ جو مايو آهي ۽ شان ۽ شوڪت جو پايو، سخا جو بحر آهي ۽ عطا جو ڪڪر، ... امير اصل آهي ۽ امير نسل آهي، ملائڪ روءِ آهي ۽ ملائڪ خوءِ آهي. شل جهان هميشه سندس بنده هجي ۽ سندس زندگيءَ پائينده هجي."

1922-23ع ڌاري حڪيم 'عبدالخالق مورائيءَ' هندو زندگيءَ تي ناولن جوڙڻ ۾ اهڙي دلچسپي ورتي جو سڄا سارا ٽي قصا: "سندري"، "ستيءَ جي ستيا" ۽ "چتر پتي" هڪ ٻئي پٺيان لکي ورتائين. اهي سڀ آڳاٽيءَ سنڌ جي تاريخي پس منظر ۾ بيهاريل هٿا جڏهن راجا چچ ۽ ڏاهرسين راج ڪندا هٿا ۽ آخر محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي. اهي ناول گهٽو ٽٽو "چچ نامي" جي اختياريءَ تي ٻڌل هٿا ۽ منجهن هندو مسلم اختلافن تي زور ڏنل هو، ۽ ڪن هنڌ هندن لاءِ سخت ڪلامي ڪيل هئي. پر حڪيم صاحب جي عاليشان عبارت کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، جا 'ڊاڪٽر گربخشائيءَ' جي "نورجهان" جون سڪون ٽي لاهي. هن دؤر جا آخرين ۽ اصلي ناول مهراج 'وشنو شرما' 1925ع ڌاري لکيا هٿا: "ستيءَ جو تياڳ" جو جيوت جي سچين وارداتن تي ٻڌل سماجي ناول هو، ۽ ٻيو ۽ سچو ننڍو قصو "سنڌ جو ٺوڳي" هو جو 'پيرومل مهرچند' چپائي پڌرو ڪيو هو، جن ۾ 'شرما صاحب' سليس سنڌي ڪتب آندي هئي.

## مغربي شاهڪارن جا ترجما

چالو صديءَ ۾ مغربي شاهڪار ناولن تان ترجمو ڪندڙ مان پهريون 'مرزا قليچ بيگ' هو، جنهن هيٺيان ناول سنڌيءَ ۾ آڻي اُن جو اوائلي ذخيرو وڌايو:-

"حاجي بابا اصفحاني" (Morier جي ايراني زندگي واري ناول تان) -1911ع
"گلن جي ٽوڪري" (جرمن ناول Basket of Flowers تان) - 1911ع
"شرلاڪ هومز جا عجيب غريب ڪم" (Conen Doyle جي جاسوسي ناول تان) -1911ع

"ٽي گهر"، "ايرڪ" ۽ جولئن هومر" (Farrar جي مشهور ناولن تان)
- 1912-1913ع
"راحيل" (هڪ انگريزي ناول تان) - 1914ع
"سچي محبت" (lord Beaconsfield's Henrietta Temple تان) -....
"گليور جو سفر ۽ سفر" (Dean Swift جي قصي تان) - 1920ع
"سند باد جهازي"(Arabian Nights تان) - ....
"رابنسن ڪروسو" (Defoe جي قصي تان) 1922ع
"سٽنبد فوربد ۽ مرٽن" (انگريزي ناول تان) 1922ع

مرزا صاحب جي ٻيٽ سنڌيءَ جي سلاست ترجمي کي به اصليت جو رنگ ڏيو ڇڏي، جنهن جو مثال "گلن جي ٽوڪري" مان ڏجي ٿو:

"سدوري اهي اُها چوڪري، جا ڪنهن نامناسب خيال دل ۾ آڻڻ کري لڇي ٿئي ۽ جنهن جو شرم کان منهن ڳاڙهو ٿي وڃي؛ ڇا لاءِ جو انهيءَ کري هوءَ پاڻ سنياليندي ۽ خوف خطري ۾ نه پوندي، جي ڳل حياءَ کان جلد ڳاڙها تا ٿين، ته جي ڳاڙهاڻ گهٽي تائين جنّاءَ کندي؛ ۽ جن کي ڪنهن خسيس بيحيائي جهڙي خيال تي لڄ جي ڳاڙهاڻ ڳلن تي نٿي اچي، سي سگهو ئي ڦڪا ٿيندا ۽ وقت کان اڳي قبر ۾ پوندا. سوسن ۽ گلاب جي گلن کي ڪٽي سمجهه ته به پيٽيون آهن، جي ٻئي هڪ ٻئي جي لاءِ آهن؛ خوبصورت ته اصلي آهن، پر گڏ رهڻ کري پاڻ زياده پياريون ٿيون لڳن. انهيءَ طرح، منهنجي پياري ڏيءَ، دل جي پاڪائي ۽ لڄ به نيڪيءَ جون جاڙيون پينرون آهن، ۽ هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ جون ناهن."

1912ع ڌاري 'نانڪرام ڏرمداس'، مشهور فرانسيسي ناول نويس Count of Monte Cristo dumas جو اختصار "حسد جي هاڃ" نالي ننڍي ناول ۾، پنهنجي مؤزون عبارت ۾ ڏنو هو. 'نانڪرام صاحب' هڪ ٻيو ناول "لٽ تان پَت تي" پڻ لکيو هو، جو مشهور ڪتاب From Log Cabin to White House تان ورتل هو ۽ مشهور آمريڪي پريزيڊنٽ جارج واشنگٽن جي سوانح حيات تي ٻڌل هو. نام ڪنيو انگريزي ناول نويس Reynolds، جنهن جي ڪتابن تي بداخلاقيءَ جو الزام لڳايو ويندو آهي (جنهن جي مشهور Leiha or Star of Mingrelia جي 'جُلباڻي صاحب' جي ڪيل ترجمي "نينهن نياوڻ" جو ذڪر اڳي ڪيل آهي"، تنهنجي ٻئي هڪ ناول جو ترجمو 'مڪي سيرومل' ("چندرڪانتا" واري ترجمان) "ستاري منگريلا" نالي سان 1915ع ڌاري ڪيو هو، جو ڪوهه

ڪاف جي پسگردائيءَ بابت هڪ روماني افسانو هو. رينالڊس جا ٻ عاليشان ڪيڏائڪ ناول "جوز فولمٽ" ۽ "ميري پرائيس"، جي 'جينانند ڏيمل' 1920ع ڌاري ترجمو ڪيا هٿا، سي 'منشي خوشيرام هيرانن' د پنهنجي "ماهوار ناول" رسالي معرفت 32 پاڳن ۾ لٽو ۾ ڇاپا هٿا. پهرئين ناول ۾ هڪ نوڪر جي آتم ڪهاڻي، ۽ ٻئي ۾ هڪ نٽيءَ جي آتم ڪهاڻي بيان ڪيل هئي، ۽ ٻنهي ناولن پڙهندڙن تي نهايت دل ڇاڪائيندڙ تاثير پيدا ڪيو هو. هن بندي پڻ 1924ع ۾ رينالڊس جي هڪ ٻڌي ناول Young Fisherman جو ترجمو "گم ٿيل صندوقڙي" نالو ڪري "استوڊنٽ" اخبار دواران ڇپايو هو، جو منهنجو پهريون سنڌي ڪتاب هو. آءٌ هن ليکڪ جي ناول جو خواهن آهيان ۽ بداخلاقيءَ جو ٽڪو سندس ناول تان مٽائڻ ٿو چاهيان. هن صاحب انگريزي سماج جي روڳن کي جاڻي ٻجهي قبيح صورت ۾ پيش ڪيو آهي، پر ڪراهت پيدا ڪرڻ لاءِ، نه خوشنما بنائڻ لاءِ. سندس Soldier's Wife Sea-mistress شاهڪار آفسانا اهن، پر آفسوس آهي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ آڃا نه آيا آهن.

سال 1914ع ۾، 'لعلچند آمر ڏنيمل' جي بانيڪاريءَ هيٺ "سنڌي ساهت سوسائٽي" ٻرپا ٿي هئي، پر اُن جي ماهوار رسالن ۾ ڪي ٻ مڪمل ناول نه نڪتا، توڻي ڪي لنبيون آکاڻيون (ناولٽ) شايع ٿيون، جن جو بيان آکاڻين جي اڌسر واري باب ۾ ڪيل آهي. 1922ع ۾ سنڌي ادب جي ٻئي اڳواڻ 'جيٺمل پرسرام' "نئين سنڌي لائبريري" چالو ڪئي هئي، جنهن ۾ 'پروفيسر موتومل گدوانيءَ' جا مختصر ڪيل ٻ مڪيه ناول نڪتا؛ هڪڙو مشهور فرانسي ناول نويس Hugo جو Les Miserables تان ورتل "دکي انسان" (1922ع)، ۽ ٻيو انگريزي ناول نويس Lord lytton (هندستان جو هڪ اڳوڻو وائسراءِ) جي ساڳي نالي سان ناول "زٽٽوني" تان، (1923ع) جي ٻئي سهٽا ناول - پهريون زندگي جي جي تلخ حقيقتن بابت ۽ روحاني رازن بابت- هن گهٽ لکندڙ مصنف نج چيدي سنڌيءَ ۾ لکيا هٿا. "زٽٽوني" مان 'پروفيسر گدوانيءَ' جي پختي لکڻي جو نمونو ڏجي ٿو، جا سنڌي شاعري مان حوالن سان پرپور هئي؛

"پوءِ زٽٽوني وايولا کي پر ۾ ويهاري، کيس ڪن اوچن فيلسوفيءَ جي متن ۽ ڏرم جي ڳجهن کان واقف ڪرڻ لڳو. وايوڪا اُهي خيال ڏيٽي ٻڌا. پوءِ هن چيو تہ: مان وديا کين پڙهي آهيان؛ مگر منهنجو ايشور ۾ سچو نشچو آهي ۽ مونکي پڪ هئي تہ توهين مون انڌيءَ ڏي ايندا هوت سلامت سپرين. پليءَ

پائي پنهنجي نمائيءَ کي اُٽ نيندا... هن ٽن ڇڻن جو نظارو به عجيب هو. هڪڙو معصوم ٻالڪ ننڊ ۾ ستل، پي سندس ماءُ جنهن کي آخر پنهنجي پريم جي وڃايل خوشي حاصل ٿي هئي ۽ ٻيون زٽتوني جو عقل ۽ هنر هلائي ڇائي رهيو هو ته حياتيءَ جي پچاڑي آهي مؤت؛ پر جانب جو جمال به موت ذريعي ٿي ماڻي سگهيو.

'مزي جيءُ ته ماڻيين، جانب جو جلال،
ٽئين هوند حلال، جي پنڌاهائي پارئين."

'جينمل پرسرام' خود هن لائبريريءَ لاءِ به ننڍا ناول ترجمو کيا، جن ۾ شيڪسپيئر جي ٻن مشهور نانڪن کي ناولن جي بياني صورت ۾ بيهاريائين، توڙي ڪن هنڌ اصلوکين گفتگوئن جا ٽڪرا به ترجمو ڪيائين. اهي هٿا "طوفان" جو Tempest تان ورتل هو ۽ "حسابي حساب" جو Measure for Measure تي ٻڌل هو. 'لعلچند امرڏنيمل' به ۽ اخلاقي افسانا، ڪن ڪم-معلوم انگريزي ناولن تان، پنهنجي اصطلاحي عبارت ۾ ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ معروف ڪري ڇڏيا. "سون ورنيون دليون" جو 1925ع ۾ ساڳيءَ لائبريريءَ ۾ ڇپيو هو، تنهن ۾ جهوني زماني جي جرمنيءَ ۾، ٻيلائي زندگيءَ جي ڳوڙائي پريم ڪهاڻي ڏنل هئي؛ ۽ "سچ تان صدقي" جو گهڻو پوءِ 1940ع ۾ پنهنجي سرَ ڇپايائين، تنهن ۾ آڳاٽن رومي ڪرستانن جي ڏرم تان صدقي ٿيڻ جي، جان تان منجهيل ڪهاڻي بيان ڪيل هئي. "سون ورنيون دليون" ۾ استاد صاحب جي عبارت ڪا آهي! نجي ڏيهي سلوڻي سنڌي، جهونن محاورن ۽ ڪهاوتن سان پرپور، جملن جي بناوت مؤزون ۽ دلپزير! بس، سنڌي زبان جو گنج پکڙيو پيو آهي! نبار سنڌي سکڻ لاءِ هي؛ هڪ ڪتاب ٿي ڪافي آهي. هيٺ ڏنل هڪ مٺ مان خرار جو نمونو ملڻ ناممڪن آهي؛ عاشق معشوق گفتگو ٿا ڪن:

"ڏهن سچ ڇڄ تون مون کي چنچل سياوَ وارو سمجهي ويٺي آهين؟ تون پائٽين ٿي، ته منهنجي وفائيءَ تي ويسهه آهيئي ڪونہ؟"

"بي وفائيءَ جي ڪا مون ڳالهه ڪئي؟"

"صاف صاف ڪونہ ٿي چوين؛ پر مطلب اهوئي ائيئي. آءُ ان لاءِ توکي ڏوهه ڪونہ ٿو ڏيان. پر ايتري پڪ جاڻج، ته وفائيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن ويل جيڪڏهن آءُ جفائي ڪيو وهان، ته به دل سالم ائٽم. تون پنهنجي دادي ننءِ

چوندي آهين، ته دل اهڙي سون ورني اٿس، جو پنهنجو پاڻ هن کي ياد ٿي ڪونهي. آءٌ هن جي جتيءَ ۾ ايتري قدر پير نه ٻه پائي سگهان، پر جن سان هيڪر منهنجي دل لڳي، تن سان آءٌ توڙ تائين نباهي ڇاڏان. آءٌ ايمان سان ٿو چوان، ته تنهنجو نينهن جهڙو پنهنجي دادي‌ءَ سان آهي، اهڙو جي مون سان ٿي پوي، ته آءٌ جهڙو هينئر آهيان تنهن کان گهڻو گهڻو بهتر ٿي سگهان. پوءِ تون نٿي پائٽين، ته تنهنجي دادي‌ءَ سان ان ڏس ۾، آءٌ جيڪر واهه جو برميچي وڃان؟"...

هيلبار سندس هٿ وٺي ڪٽي پنهنجن چپن تي رکيو. چيائين: آءٌ سمجهان ٿو ته تنهنجي دادي‌ءَ هڪ اعليٰ روح آهي. هوءَ برابر ڪنهن اوچي عرش تي پٽي اڏامي. پر پڪ ڄاڻج، ته آءٌ به هينئر جي يوٽو مٽي پوءِ پيو وسان، ته وچ جا ٻنڌڻ ڇڄي، آخر انهيءَ عرش ڪرس تي پهچي سگهان ٿو، جيتوڻيڪ سمجهان ٿو ته انهيءَ ۾ اڃا ڪي مدتون لڳي ويندين.

رٽ ٻيو اتر ڪونہ ڏنس. رڳو منهن وٺي نماٽو ڪيائين." (1)

حيدرآباد جا جهونا ناشر (Publishers) "ايس. جي. ڪوآپريٽو سوسائٽي"، تنهن جو بانيڪار 'ليلارام ولايتراءِ' به هو خاصو ترجمان هوندو هو. هن صاحب مشهور انگريزي ليکڪا Mrs. Henry Wood جا ناول ترجمو ڪيا، جن مان "ايسٽ لِن" (1926ع) 'جينمل پرسرام' جي "نئين سنڌي لائبريريءَ" ۾ ڇپايو ويو ۽ "هٽليبرٽن جا ڏاکڙا" ۽ "ٻنسبري آکيڙ جو قصو" پنهنجي سوسائٽي پاران ڇپايا هٿائين- جي ٿڻي نصيحت آموز ۽ دل ڇاڪيندڙ پنگتي قصا هٿا ۽ سليس سنڌيءَ ۾ لکيل هٿا. 1927ع ۾ 'ليلارام صاحب'، مشهور انگريزي مصنف Sir Walter Scott جي ناول The Heart of Midlothian جو اختصار "دلير دل نينگر" نالي سان ڏنو، جو پڻ "نئين سنڌي لائبريريءَ" ۾ ڇپيو هو. 1928ع ۾ 'پيرومل مهرچند' غلامن جي آزاديءَ بابت معروف آمريڪي ناول، Mrs. Stowe جي لکيل Uncle Tom's Cabin جو سهڻي سنڌيءَ ۾ ترجمو "گولن جا گوندر" نالي سان ڇپايو.

1930ع ۾ 'پرنسپال صاحبسنگهه شاهاڻيءَ' جو پڻ ٽيٽ محاوريدار سنڌيءَ جو صاحب هوندو هو، تنهن مشهور انگريزي مصنف Thomas Hardy جو ناول The Mayor of Casterbridge "بلو ڪوکر" نالي سان،

(1) هن ناول تي ڪيل تنقيد، تنقيد واري فصل ۾ ڏنل آهي.

سنڌي ڳوٺاڻي مسلم زندگيءَ ۾ اهڙو ٺهڪايو جو گهڻي ڀاڱي اصلي لکيل پيو لڳي. پرنسپال صاحب، ساڻئي ليڪ جو هيو ناول Two on a Tower "تارن جو اپياس" نالي سان شهري هندو جيوت ۾ الٽو ڪيو هو؛ پر اهو ڏيهي حالتن سان پورو ٺهڪايل نه هو. ۽ ان جو ترجمو به ڪيترن هنڌن تي نهايت اکري ۽ الوٽو هو. جنهن مان هن عالم جي دستوري ٽيڪ سنڌيءَ جو ساءُ ڪونه آيو.

## هندستاني شاهڪارن جا ترجما

'ديوان ڪوڙومل چندنمل' پهريون ٿي سنڌي عالم هو جنهن بنگالي جاڳرتيءَ جي اثرَ هيٺ اچي، جديد هندستاني ناول نويسيءَ جي ابي 'بنڪم چندر چٽرجيءَ' جون آڪاٽيون ۽ ناول، سپڪ ۽ سلوٽي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا- جنهن کان پوءِ ٿي ٻين مشهور بنگالي افساني نويسن تان ترجمو ڪرڻ جو رواج سنڌي ساهت ۾ پيو. 'ديوان صاحب'، 'بنڪم' جا سنسني خيز تاريخي قصا ڪونه ڪنيا پر سندس پنگتي ناول پسند ڪيائين. پهريون ناول جو هن صاحب سنڌيءَ ۾ آندو سو هو "چندر مکي"، جنهن ۾ هڪ بنگالي ڪٽنب ۾ هڪ گڏدام آدرش ننهن جو قصو ڏنل هو، ۽ جو سندس سرهڳواس ٽيڻ کان پوءِ 1918ع ۾ 'ماستر بگيمل تلسيداس' ڇپايو هو (جو خود تاريخ ۽ جاگرافيءَ تي درسي ڪتابن لکڻ ۾ ماهر هو.) "چندر مکيءَ" مان ديوان صاحب جي سرل هنديءَ ڏانهن مائل ٽيڪ سنڌيءَ جو هيٺيون حوالو ڏجي ٿو؛

"چندر مکيءَ جو دک اڳي جهڙو اپار هو تهڙوئي هاڻي وري سندس سک اپار آهي. اڄ هوءَ پنهنجي پتيءَ جي سکي استري ٿي آهي. هاڻي هوءَ سيني پرين پاڻ پري ٿي آهي ۽ گهڻي آرام سان وقت پٽي گذاري. هن جي دک جي رات پوري ٿي وئي آهي. آڀدا روپي انڌڪار کي هن جي سياڻ جي سورج ايري ناس ڪري ڇڏيو آهي. جيئن انڌڪار کان پوءِ سوجهرو ۽ برسات کان پوءِ اس آنند ڏيندي آهي تيئن دک کان پوءِ سک شانتي ڏيندو آهي. نارائڻ، پنهنجي پيءُ جو ڏن سپ ناس ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻي هو غريب ٿي رهيو آهي پر ته به هن جو سک جو گذارو پيو ٿئي. جيوت جو گذران ٻيڙي سمان آهي؛ پتي پتني انهيءَ ٻيڙيءَ جي هلائڻ وارا آهن. جيسين انهن جو ميلاپ آهي تيسين ٻيڙيءَ کي جوکو ڪونهي؛ اها سنئين سڌي پٽي هلي پر انهن ٻنهي ۾ ڪجهه ورڌ ٿيو ته ٻيڙي اٿائي ويندي ۽ هن جي ٻڌڻ جو پؤ رهندو. هڪڙو ٻيڙيءَ کي

ڪاهيندو هڪ پاسي ۽ ٻيو ڪاهيندو ٻئي پاسي تہ انهيءَ کينچا تاڻ ۾ اوَش نقصان آهي. انهيءَ ريت گهر جو ڏٽي ۽ ڏياڻيءَ ٻئي گڏجي ڪم ڪندا ۽ هڪ مت تي هلندا تہ گهر جو ڪم ڪار سولائي سان ٻيو هلندو."

'بنڪم چندر' جو Krishnakanta's Will، جنهن سياويڪ سيرتن ۽ واقعن واري سماجڪ ناول کي آءٌ سنڌس شاهڪار سمجهندو آهيان. تنهن جو ترجمو 'ڪوڙيمل صاحب' "روهني" نالي سان ڪيو هو، پر اهو بہ "ڪوڙيمل ساهتيہ منڊل" وارن گهٽو ٻوءِ 1937ع ۾ ڇپايو هو. 'بنڪم' جو راڄنيتي ناول "آنندمَٺ" جنهن ۾ سنڌس مشهور قومي گيت "بندي ماترم" ڏنل آهي ۽ جنهن ۾ ڪن سنياسين جي ديش پڄتي ۽ انگريز سرڪار خلاف بلوو ڏيکاريل آهي ۽ هولناڪ حادثن سان ڀريل آهي، سو ساڳئي نالي سان 'مهراج ديودت ڪندارام' ترجمو ڪيو هو ۽ "هندو آنيس" مان 1926ع ۾ نڪتو هو. 'ويرومل ملاڻيءَ' جو "وجئہ وسنت" 'هرينات مجمودر' جي بنگالي پنگتي ناول تان ترجمو ڪيل هو، جو بہ 1926ع ۾ "نئين سنڌي لائبريري" ۾ نڪتو هو. 'منوهرداس ڪوڙيمل' جو "سروجني" (1930ع) پڻ بنگاليءَ تان ورتل، نئين زماني جو هڪ سچو سماجي قصو هو ۽ سڀي سنڌيءَ ۾ لکيل هو. 1926ع ۾ 'مهراج دوارڪا پرساد شرما' "راجپوتي تلوار" ۽ 1932ع ۾ "ويرڪماري" ٻئي پارتي ويرتا بابت تاريخي ناول هنديءَ تان انواد ڪيا هٿ؛ ۽ ٽيون "سنڌي تلوار" 1942ع ۾ ڪيو هيائين، جو سنڌ ديس جو تاريخي قصو هو ۽ منجهس محمد بن قاسم جي فتح کان پوءِ برهمڻ آباد جو احوال ڏنو هو.

1929ع ۾ 'ديوان ديارام گدومل' جي جهوني لکيل "نل دمينتي" نالي ڪتا، "ديوان مينارام ٽرمداس ٽرسٽ" وارن ڇپائي پڌري ڪئي هئي. اها هڪ سنسڪرت ڪتاب تان ترجمو ڪيل هئي، پر ديوان صاحب جي سموري دستخط نہ ليڻ ڪري ماستر سهجرام ٺهلرام مڪمل ڪئي هئي. هن ڪتاب جي عبارت، سنسڪرت تان انواد ٽيڻ ڪري، ديوان ديارام جي دستوري سليس سنڌيءَ کان ڳوڙي هئي، جنهن ڪري ڪتاب جي پچاڙيءَ ۾ اوڪن سنسڪرت ساهت جي بي امر پريم ڪهاڻي "ستي ساوتري" پڻ سنڌيءَ ۾ آندل هئي، جا حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جي پريزيڊنٽ ديوان بهادر 'هيرانند ڪيمسنگهہ' لکي هئي، جڏهن سنڌس ايامڪاريءَ ۾ هيرآباد ڪوارٽر تي اهو نالو ٻيو هو. اهو نندو پستڪ ديوان صاحب، پنهنجي وڪالت واري ياٽيوار

'موتيرام رامچند پاتيا' سان شراکت ۾ لکيو هو. 1930ع ۾ مشهور مسلم عالم 'محمد صديق ميمڻ' "حياتيءَ جو پهريون دؤر" نالي ناول شايع ڪيو هو، جو هڪ اردو ناول تان ورتل هو. منجهس چالو زماني ۾ گهرو زندگيءَ جو قصو بيان ڪيل هو جنهن مان زالون چڱا سبق سکي سگهن ٿيون، چو ته ان جا خاص موضوع زناني تعليم ۽ اخلاق هٿا. ميمڻ صاحب جي عبارت محاوريدار پر ساڳئي وقت عام فهم هئي. 1942ع ۾ 'شامداس هيمنداس' هڪ تاريخي قصو "اڪبر جي سخاوت" عرف "راڻي پدماوتي" لکيو هو، جنهن ۾ راڻي پرتابسنگهه ۽ سندس راڻيءَ جي بهادري کان سواءِ، اڪبر بادشاهه جو به عاليشان چٽ چٽيل هو. ساڳئي ليکڪ ٻيو تاريخي ناول "جهانگير جو انصاف" پڻ لکيو هو، ۽ انومان ٿو ڪڍجي ته اهي ٻئي قصا ڪٿان انواد ڪيل يا ورتل هٿا.

## ماهوار رسالن جو دؤر - ترجمو ڪيل ناول

هاڻي ٻين هندستاني ٻولين: هندي، اردو، گجراتي وغيره ۾ لکيل ناولن تان ترجمن جي ڏمر لڳي وئي، جي پڻ روزاني جيوت تي هڏل هٿا. پر اڳي رواج هوندو هو ته گهٽو ڪري لکندڙ پنهنجا ڪتاب پاڻ ڇپائيندا هٿا، ۽ هڪڙو ڇٽو ڪتاب خريد ڪندو هو ته چاليهه ڇٽا اڌارو وٺي پڙهندا هٿا، تان جو آخر پنو پني سان ڪونه ملندو هو، ۽ هوڏانهن ويچارا ڇپائيندڙ ڪَنَ ٻه ڪين ڇڏائيندا هٿا. تنهن بدران 1914ع ۾ نڪتل "سنڌي ساهتيه سوسائٽي" جي نقش قدمن تي هلي، هاڻي هڪ ٻئي پٽيان ساهتڪ سياڻون ۽ منڊل کلنندا ويا جي سالياني چندي پڻ سان گراهڪن کي ماهوار رسالا پهچائيندا هٿا. انهن رسالن ۾ گهٽو ڪري ته آڪاڻيون نڪرنديون هيون، پر ڪي ناول به قسطن ۾ ڇپائيندا هٿا ۽ اهي پوري ٿيڻ تي ڪٿا ڪري ڪتابي صورت ۾ ڪڍندا هٿا.

انهن ساهت سياڻن مان پهرين 'سندر ساهتيه سوسائٽي' 1924ع ۾ جاري ٿي ۽ 'ميلارام واسوانيءَ' ڪڍي هئي، جنهن سنڌي ساهت جي خدمتگارن گهڻي ياڳي يڪي سر، انهيءَ ماهوار رسالي دواران، مشهور هندستاني ليکڪن جا ناول ۽ آڪاڻيون هنديءَ ۽ اردوءَ تان ترجمو ڪري، 1947ع تائين سنڌي ساهتيه جو خزانو مالامال ڪيو. شروعات ۾ ڪيترا دلچسپ تاريخي ۽ قومي قصا، 'جادونات سرڪار' جي ڪتابن ۽ 'ٽاڊ صاحب' جي "راجستان" وغيره تان وٺي جوڙيندو هو. مثلاً "راڻو پرتاب" (1926ع)، "شيواجي"

(1927ع)، "راجا اشوڪ" (1928ع)، "رنگ محل"، "شيش محل" (1938ع) ۽ "انارڪلي". مشهور بنگالي عالم 'رميش چندر دت' جي Slave Girl of Agra تان سنڌيءَ ۾ آندل "آگري جي ٻانهي" (1936ع) ۽ "ڪمل ڪماري" (1937ع) پڻ ان مول ليکڪ تان ترجمو ڪيا هيائين. "آگري جي ٻانهي" مان، شهزادي سليم ۽ مهرالنسا جي شروعاتي محبت بابت هيٺيون سهڻو بيان ڏجي ٿو:

"مهرالنسا کي اهڙي حشمت ۽ دٻدٻي سان ڳالهائيندو ڏسي سليم چيس، 'مهرالنسا، تون سچ پچ بادشاهيءَ لاءِ جائي آهين ۽ وقت پري ڪونهي جڏهن سلطنت تنهنجا فرمان بجا آڻيندي. چگو، جي تنهنجي مرضي آهي تہ مان وڃان ٿو. تنهنجي مصلحت مجيندس. پر پچاڑيءَ جو هڪ نوازش ٿو گهران. جدا ٿيڻ کان اڳ رڳو هڪ پيرو پنهنجي منور منهن جو ديدار ڪراءِ. پنهنجي موهيندڙ نيٽن جي هڪ نگاهہ هن پينار تي وجهہ. بدنصيب شهزادو پنهنجي دل ۾ تنهنجي صورت سڪ سوز سان سانڍيندو پٽڪندو وتندو...'، مهرالنساءَ نيٺ ٻہ تہ عورت هئي، ويتر نرم دل ۽ دردوندي. پچاڑيءَ جي خوشامد ۽ التجا زناني دل کي ڇاڻي ڪڍيو. ڏکندڙ آواز ۾ چيائين، 'يا خدا، جيڪڏهن ڪو گناهہ جو ڪم ڪريان ٿي تہ پنهنجي رحم سان بخش.' منٽ ٻہ رکي چيائين، 'شهزادا، تنهنجو هي پچاڑيءَ جو عرض موٽائي نٿي سگهان.'

"ناز سان نہ، پر نزاڪت سان، ريشمي پڙدو سرڪي پري ٿيو ۽ منور منهن ظاهر ٿيو جنهن ۾ غرور نہ پر الاهي شان هو. اکين ۾ لج ۽ مرم. حياءَ وڃان پريل ڳلن ۾ گلابي رنگت پرجي آئي، جنهن سندس حسن کي ٻيڻو ٻهڪايو. شعر، راڳ ۽ حسن جي ملڪ ايران ۾ ٻہ سندس ثاني نازنين نہ هئي، نہ ڪي هندستان جي رمٽين ۾ ڪا اهڙي موهيندڙ مورت... دهليءَ جي نقاشن بيسود عاج ۽ ڪيڙي تي بي مثل سونهن چٽي آهي ۽ مغرب جي شاعرن حرم جي حسن تي شعر رچيا آهن، ڇاڪاڻ تہ هن ايراني حور جو حسن، نقاش جي ڪاريگريءَ ۽ شاعر جي جذبات پري قلم بنديءَ جي پهچ کان ٻاهر هو. تحقيق هوءَ بي نظير هئي... سليم، مهرالنساءَ جو بي - برقعو منهن ڏئو تہ سندس دل ٽڏو ساهہ پريو. مهرالنسا منهن ڏيکاري وري کٽي ڏيکيو جڏ تہ وڃ چمکو ڏئي گم ٿي وئي."

'چندن چرن سين' جو لکيل "نند ڪمار کي ڦاسي" نالي تاريخي ناول پڻ 'ميلارام' ترجمو ڪيو، جنهن ۾ آکاڻيءَ جو ڏنگ خير ڪو هو، باقي

ڪمپنيءَ جي ڏينهن ۾، انگريزن جا هندستانين تي ظلم، انگن اکرن ۽ حقيقتن سميت، اهڙا ته بيان ڪيل هٿا جو دل ڏاريو ٿي ڇڏيائون. تنهن کان سواءِ ميلارام صاحب ڪيترا پنگتي ناول به ترجمو ڪيا، جي گهٽو ڪري، نئين جڳ جي هندي افساني نويسيءَ جي بانيءَ، 'منشي پريمچند' جا اصل لکيل هٿا، جن مان مکيه هٿا: "نرملا" (1931ع)، "خوني سماج" (1934ع) جو "سيوا سدن" تان سنڌي جيوت ۾ آندل هو، "سوشيلا" (1937ع)، "سڪدا"، "منورما"، "ڪرم يومي" (1940ع)، "مايا چار" (1940ع)، "چندر چڪور" ۽ "رتنا"- جي سڀ سماج جي اهم ۽ نازڪ مسئلن تي ٻڌل دلفريب ناول هٿا.

'منشي پريمچند' جي مشهور ناول "گئودان" جو ترجمو دولت ٽهلراماڻيءَ جو ڪيل "دکي هاري" نالي سان پڻ هن مندل 1942ع ۾ ڪڍيو هو. 1945ع ۾ 'پريمچند' جي هڪ قصي جو اختصار "چندرپال" نالي 'ميلارام' ڪيو هو، جنهن ۾ هڪ نندي ديش پڳت جي ڪهاڻي ڏنل هئي. 'شرت چندر' جو "سوامي" نالي سان سماجي ناول، 'دولت وشانت' جو انواد ڪيل، 1942ع ۾ ڪڍيائون، ۽ سندس گڏيل ڪٽنب جي فائدي ۾ ناول "هار جيت" نالي سان 1943ع ۾، هڪ گمنام ترجمان جو ڇپايائون. 'بنڪم چندر' جي هڪ سماجي ناول تان ورتل "دولت جو دوکو" به هن مندل 1945ع ۾ ڪڍيو هو، جو 'بي.اين.ڪهڙ' جو ترجمو ڪيل هو. 'مرزا قليچ بيگ' ۽ 'جينمل پرسرام' کان پوءِ، 'ميلارام صاحب' سنڌي هوليءَ ۾ ٽيون ترجمان هو، جنهن سؤ کن ڪتاب ته بيشڪ لکي ڪڍيا هوندا، ۽ سندس لکڻي به پختي ۽ رواني‌ءَ واري هئي. (1)

'بنڪم چندر چٽرجيءَ' جي مکيه پنگتي ناول "وش ورکش" جو ترجمو "آشا" نالي سان ۽ سندس ٻين ٻن ناولن جا ترجما "رجني" ۽ "چندر شيکر" نالن سان 'پارومل' ڪيا هٿا. پر 'بنڪم' کي آءٌ پورن ناول نگار نه سمجهندو آهيان، چو ته هن جي ناولن ۾ - خصوصاً تاريخي قصن ۾ جهوني زماني واري سنسنيءَ جي بوءِ گهڻي پريل آهي. ٻيو بنگالي ناول نويس 'شرت چندر چٽرجي' هڪ مائيٽو، پر اونهن ويچارن ۽ نفسياتي کوجنا وارو ليکڪ آهي، جو 'بنڪم' کان گهڻو گوءِ ڪٽي ويو آهي. 'پارومل صاحب'، شرت جي

(1) هندستان ۾ اڃ کان پوءِ پڌرو ٿيو ته ميلارام جي نالي هيٺ، سندس وڏو ڀاءُ فتحچند واسواڻي انهن مان اڪثر ڪتاب لکندو هو.

ٻہ هڪ سهڻي نندي ناول جو "للتا" نالي (1939ع) آزاد ترجمو ڪيو هو. تنهن کان پوءِ ساڳئي ليکڪ جي منو وگيانڪ (نفسياتي) شاهڪار "شريڪانت" جا ٻہ ڀاڱا ترجمو ڪيائين، جنهن جا آخري ٻہ ڀاڱا 'چوهڙمل' ترجمو ڪري 1947ع ۾ ڇپايا هٿا. 'چوهڙمل صاحب' تہ 'شرت' تي خواهن هو ۽ سندس گهڻي ئي ناول ترجمو ڪيائين، جن مان مکيہ هٿا: .دادي" (اصل "بڑي ديدي") - 1939ع)، "آزاديءَ جا اپاسڪ" ("پاٿير داعوي" - 1940ع) ۽ "جوالا" ("گرهہ داهہ"). هنن ناولن مان پچاڑيءَ وارو "جوالا" جنهن ۾ هڪ سناتني چوڪري ۽ برهمو چوڪريءَ جي محبتي مسئلي جي اونهي من - ڪوجنا ڪيل هئي، سو منهنجي نظر ۾ سيني کان زياده دلڪش هو. "آزاديءَ جا اپاسڪ" قومي آزاديءَ جي موضوع تي هڪ ڊگهو ناول هو، جنهن ۾ هڪ بنگالي نوجوان جو برما ۾ نوڪري ڪندي، هڪ اعليٰ خيال عيسائي چوڪريءَ سان پيار ۾ پوڻ جو مسئلو ڪنيل هو - جو گهڻي ياڳي ليکڪ جي آتر جيونيءَ تي ٻڌل هو؛ پر منجهس جي راجنيتي بحث مباحثا ۽ انقلابي ڪارناما آندل آهن، سي آڪاٿيءَ جي وهڪري کي روڪين ٿا ۽ ڪڪ ڪيو وجهن. هن مندل 'شرت' جو مشهور "ديوداس" ٻہ ڇپايو هو، جو 'سانول چيلاٿيءَ' ترجمو ڪيو هو ۽ هڪ دکدائڪ پريمي ناول هو. پر ديوداس نائيڪ جو چرتر مون کي بيحد جذباتي ۽ ضعيف لڳندو آهي، جنهن ڪري هن ناول کي آءٌ اعليٰ درجو نہ ڏيندو آهيان. "رتن مندل" 'رميش چندر دت' جي پنگتي ناول Lake of Palms جو ترجمو، 'مينگهراج موتواڻيءَ' جو ڪيل، "سدا" نالي سان پڻ ڇپايو، جو ٻال - وڏوا (ٻار - بيواهہ) جي مسئلي تي هڪ دلسوز ناول هو ۽ ان ليکڪ جو بهترين ناول هو.

پر منهنجي نظر ۾ 'رابندر ناتہ ٽئگور' ساهت جي هر حصي ۾: ڀا شعر، ڀا ناول، ڀا ناٽڪ، ڀا آڪاٿيءَ ۾ پنهنجو مٿ پاڻ آهي، ۽ مٽين بنگالي ناول نويسن مان ڪوبہ ساڻس برميچي ڪونہ سگهندو. سندس ڊگهو ناول The Wreck (اصل "نوڪا ڊوبي"، 'چوهڙمل صاحب' "طوفاني رنگ" نالي سان پهرئين ڪڍيو هو؛ پر منهنجي خيال موجب اهو هڪڙوئي 'ٽئگور' جو ناول آهي، جنهن ۾ سنسنيءَ وارا واقعا پريا پيا آهن ۽ ان جي ڪردارنگاريءَ ۾ ڪي قدر اسياويڪ ٿي لڳي. پر "مايا" جو 'چوهڙمل' "چوڪير والي" تان ترجمو ڪيو هو، سو مون کي 'گرديوَ' جي مڙني ناولن مان بهترين لڳندو

آهي، جو تہ منجهس سياويڪ واتعن جي ذريعي، نهايت نازڪ ۽ اونهي ڪردارنگاري ڪيل آهي، جا هڪ پيچدار محبت جي مسئلي تي ٻڌل آهي. 'ٽئگور' جي هڪ پنگتي ناول جو ترجمو "قلواڙي" نالي سان 'ڪرشن چيٽانند' جو ڪيل پڻ "رتن" وارن ڇپايو هو. 'چوهڙمل' ۽ 'پارومل' ٻئي صاحب هنديءَ ۽ اردوءَ ۾ ماهر آهن ۽ سندن سنڌي عبارت، سليس هنديءَ ۽ فارسيءَ جي وٺندڙ ميلاپ جو نتيجو آهي - توڻي بعضي ترڻ تڪڙ ۾ لکڻ ڪري پختي نہ لڳندي آهي.

## وڌيڪ هندستاني ۽ مغربي ناولن جا ترجما

1939ع ۾ "ڪهاڻي ساهتيہ منڊل" جي بانيڪار 'جڳت آڏواڻيءَ' به چگاڻي سهڻا ناول ترجمو ڪيا هٿا، جن مان مکيہ 'شرت چندر' جا هٿا. "وڏي دادي" (1939ع)، (جو "رتن" وارن "دادي" نالي سان ڪڍيو هو)، "شطرنج جو ڪيل" (1940ع)، ۽ "آخرين التجا" (1940ع) جنهن کي به مان 'شرت' جي بهترين ناولن ۾ شمار ڪندو آهيان. 'جڳت آڏواڻيءَ'، 'بنڪم چندر' جي هڪ تاريخي ناول جو ترجمو "راجپوت رمڻي" 1939ع ۾ ڇپايو هو؛ ۽ 'ٽئگور' جي هڪ پنگتي ناول جو ترجمو "بگڙيل ڪتنب" 1941ع ۾. انگريزي ناول نويس 'سر هال ڪين' جي پهرين مهاياري لڙائيءَ بابت دل ڇاڻيندڙ ناول Woman of Knockaloe جو ترجمو "آخري سفر" (1939ع) نالي سان ڪيائين، جو هن ترجمان جو پختيءَ عبارت ۾ لکيل بهترين ڪتاب هو ۽ ڇاپي جي ڇُڪن کان به آجو هو- جا اسان جن ڪتابن جي وڏي خامي آهي. 1943ع ۾ "ڪهاڻي" رسالو 'ايم.آر. مائيداساڻيءَ' ڪنيو، ۽ ان جي سايي هيٺ ساڻئي سال "بغاوت" ناول شايع ڪيائين، جو 'ٽئگور' جي هڪ ناول جو اردوءَ تان ترجمو ڪيل هو. 1945ع ۾ 'املا ديويءَ' جي قصي تان "ديش شيوڪ" ترجمو ڪيائين، جنهن ۾ ان ڪردار جي ديس جي آزاديءَ لاءِ قرباني ڏيکاريل هئي. 1947ع ۾ 'ٽئگور' جي Two Sisters جي رٿا تي ٻڌل نندو ناول "نندي پيڻ" ڪيائين، پر اهو اُلٿو ڪري سنڌي ماحول ۾ ٻيهاريل هو. 'مائيداساڻيءَ' جي لکڻي چگي ۽ سليس آهي.

1940ع ۾ 'جيناننڊ لعلواڻيءَ' "پارت جيون ساهتيہ منڊل" کوليو، جنهن جي سهاري هيٺ 'بنڪم چندر' جا ٻہ مکيہ ناول 1946ع ۾ ڇپايائين؛ هڪڙو سندس ترجمو ڪيل راجپوتي اتهاسڪ ناول "راجسنگهہ"؛ ۽ ٻيو سماجڪ ناول "ديوي چوڌرياڻي" جو 'بي.ڊي. هيراننداڻيءَ' ڪچي سنڌيءَ

۽ ترجمو ڪيو هو. جيئن اڳي چيو ويو آهي، 'بنڪم' جا گهڻا ناول تاريخي ۽ راجنيتي آهن، جي جنگين، منصوبن ۽ خونريزين سان ڀرپور هوندا آهن. سندس ٽن پنگتي ناولن جو ادبي درجو وڌيڪ آهي، جن مان "روهڻي" ۽ "اُشا" جو ذڪر ڪيو ويو آهي. "ديوي چوڌرياڻي" سندس ٽيون مشهور پنگتي ناول آهي، جنهن ۾ هڪ مرد جو گهڻين زالن سان شادي رچائڻ جو مسئلو ڪنيل آهي؛ پر تنهن هوندي به ان جي نائيڪا آخر تائين جي "تولي" جي سردارڻ بڻجي مڙس هٽ ٽي ڪري، ۽ اتي به سنسني۽ وارا حادثا آندل آهن. 'جينانند'، 'شرت چندر' جا ٽي مکيه سماجڪ ناول پڻ ترجمو ڪيا: "ڳوٺاڻي سماج" (1941ع)، "براهمڻ ڪنيا" (1947ع) ۽ "شيدا" (1947ع). ساڳئي "پارت جيون" رسالي ۾ 'نانڪرام ڏرمداس' جو "ڪشميري ٽول" 1944ع ۾ نڪتو هو، جو 'ميري ڪارليء' جو مشهور روماني ناول Thelma جو اُلٿو هو؛ ۽ 1946ع ۾ "نار جون ڪنگڙيون"، جو به ڪنهن انگريزي ناول تان اُلٿو ڪيو هٽائين.

1942ع ڌاري 'ديارام سيائيء' "آشا ساهت منڊل" کوليو جنهن جي سهاري هيٺ 'شرت چندر' جا ٽي مکيه ڪتاب چپايائين: "چنگاري" ۽ "سدا سهاڳڻ" جي پاڻ سليس سنڌيء ۾ ترجمو ڪيائين، ۽ ٽيون "پايي" (1943ع) جو 'نانڪ هنگورانيء' ترجمو ڪيو هو. هن ساڳئي ترجمان جو "قاسي" به ساڳئي منڊل ساڳئي سال چپايو هو، جو برڪ فرانسي ناول نويس 'وڪٽر هيوگو' جي ڪنهن ننڍي ناول جو ترجمو هو. 'ڪماري اندرا هيمراجانيء' جا چار چگا ترجمو ڪيل ناول به آشا منڊل چپايا: "پرڪ" (1943ع) 'جٽنيدر ڪمار' تان؛ 'گجانند مادگولڪر' جي مرهٽي ناول تان "ڪانتا" (1946ع)؛ "راڌا ڪرشن پرساد' جي هندي ناول تان "شارڌا" (1947ع)؛ ۽ چوٿون "به دليون" (1947ع) جو اصل هڪ انگريزي ناول Out of Bitterness جي هندي ترجمي تان سنڌيء ۾ ترجمو ڪيل هو. 1947ع ۾ 'شرت چندر' جي منو وگيانڪ (نفسياتي) شاهڪار "چرتر هيٺ" جا به ٻاڳا چپيا، جن مان پهريون ٻاڳو 'ڪرشن جينانند' ترجمو ڪيو هو ۽ ٻيون خود 'سيائيء'؛ پر پوءِ سنڌ مان هندن جي ڀاڄ پوڻ ڪري سڄو ناول پورو نه ڪري سگهيو.

آخر ۾ 'ٻهاري چاهڙيا' "زندگي پبليڪيشن" منڊل کوليو. جنهن ۾ 1947ع ۾ 'شرت بابوء' جو سماجي ناول "وپرداس" ۽ 'ٽئگور' جو سماجي

ناول "هِ پينر" پاڻ ترجمو ڪري ڇپايائين، جنهن جو اُلٿو ساڳئي سال هِ 'مائيداساڻيءَ' "نندييءَ پيڻ" نالي ڪيو هو. 'جڳت آڏواڻيءَ' کان پوءِ، 'بهاري ڇاپڙيا' ٻيو نمبر ڪارگر ترجمان ۽ ناشر هو، جو به پنهنجن ڪتابن هِ سهڻا چتر ڏئي، ساهت ۽ ڪلا جو ميلاپ ڪندو هو.

مٿين ماهوار رسالن هِ ڇپايل ناولن کان سواءِ، ڪن ليکڪن اڪثر انگريزيءَ تان ترجمو ڪيل ناول ڇپايا، جن مان پهريان به هٿا 'نانڪرام ڏرمداس' جا "آدرش ناري" (1926ع) جو گهرو جيوت جو هڪ چتر هو، ۽ "نازڪ گلڙا" (1929ع) جو پادري فرار جي مشهور اسڪولي زندگيءَ بابت ناول Eric تان سنڌي جيوت هِ اُلٿو ڪيل هو، پر اها ڳالهه ديباچي جي ڪنهن به هنڌ ڄاڻايل ڪانهي. اهو ساڳيو ناول مٽي ڄاڻايل آهي ته 'مرزا قليچ بيگ' جو اڳيئي ترجمو ڪيل هو، ۽ ٽيو دفعو 'هيرانند سويراج' "روزان روز" نالي سان 1937ع هِ ترجمو ڪيو هو. 1938ع هِ 'ڪماري گلي ڪرپالاڻيءَ' ٺڪگور جو "گورا" سهڻي سنڌيءَ هِ ترجمو ڪيو هو، جو هڪ مشهور پنگتي ۽ قومي ناول آهي ۽ منجهس انگريز پيءُ ۽ هندستاني ماءُ مان پيدا ٿيل هڪ نوجوان جي جدوجهد جو بيان ڪيل آهي. 'پروفيسر رام پنجواڻيءَ' مشهور انگريزي ناول نويس 'هال ڪين' جي ناول Eternal City جو اُلٿو "پدما" نالي سان 1939ع هِ ڇپايو، جو هندستاني جيوت سان ٺهڪندڙ هڪ دلچسپ پنگتي ۽ سياسي ناول آهي. 'پروفيسر نارائڻداس پمياڻيءَ' 'ٽامس هارڊيءَ' جو شاهڪار ناول Tess of the Durbervilles 1940ع هِ "پاپ ۽ پاڪيزگي" نالي سان ڏيهي حالتن هِ آندو، جو جيتوڻيڪ نهايت دڪڻائڪ ناول آهي، ليڪن انگريزي حالتون ديسي وايو منڊل سان ٺيڪ طرح ٺهڪايون نه ويون آهن.(1) معروف آمريڪن ناول نگار 'پرل بڪ' جي مشهور چيني زندگيءَ واري ناول Good Earth جو ترجمو "ڌرتي ماتا" نالي سان 'مولچند مسافر' 1942ع هِ ڇپايو هو. ساڳيءَ ليکڪا جي ٻئي ناول Patriot جو ترجمو 'تيرٿ سياڻيءَ' جو ڪيل "سندر ساهتيه" پاران 1945ع هِ ڇپيو هو ۽ نالو هوس "ديش ڀڳت". 'سياڻيءَ'، 'پرل بڪ' جو ٻيو به ناول "سونهري پٺپا" نالي سان ترجمو ڪيو هو، جو "زندگي" رسالي هِ 1947ع هِ ڇپيو هو. هڪ انگريزي ليکڪا 'بارٽاڪلي' جو ناول Golden Heart پڻ 'سياڻيءَ' جو ترجمو ڪيل "اڇل پريم" نالي سان 1939ع هِ نڪتو هو.

(1) هن ناول تي ڪيل تنقيد، تنقيد واري فصل هِ ڏنل آهي.

'سياڻيءَ صاحب' سڀ سلوڻي سنڌي لکندو آهي. ساڳيءَ ليکڪا جي ٻئي هڪ ناول جو ترجمو "پريم جيون" نالي سان 'ڪماري چندرا آڏواڻيءَ' ڪيو هو جو "سندر ساهتيہ" 1946ع ۾ ڇپايو هو.

انگريزي ليکڪ 'جان بنئن' جي مشهور تمثيلي ناول Pilgrim's Progress جو ترجمو "سالڪ جو سفر" نالي سان 'پريداس پيرومل' جو ڪيل، سندس پيءُ 'پيرومل مهرچند' لکندڙ جي فوت کان پوءِ، 1944ع ۾ مورتن سان ڇپايو. هن عيسائي اصولن تي ٻڌل ڪتاب جو ترجمو ڪندي، 'پريداس' اهڙي تہ ڪاريگريءَ سان ڪيرڪار ڪئي هئي، جو ان جا اخلاقي ۽ روحاني سبق سيني ڏرمن سان لڳي ٿا اچن. عبارت ۾ اهڙي پختي ۽ محاوريدار ڪم آندي اٿس، ۽ سنڌي شاعري مان ڪيترا حوالا اهڙا ٺهڪايا اٿس، جو ان جو قدر سڃاڻي "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" لکندڙ جي وارٿن کي ان سال انعام ڏنو هو. هن ڪتاب مان هيٺيون مثال سوچڻ لاءِ مجبور ڪندو تہ سنڌي اصطلاح جي استعمال ۾ مڃاڻان پٽ پيءُ کان گوءِ ڪٽي ويو آهي:

"اڃا تون اوڏ، واڻان پاسي ويسري،
سنهين ٽيءُ سوڏ، تہ منجهان دل ڏڳ لهين." (شاهہ)

شريعت جي حد مان لنگهي، سالڪ ساڳيو ڏڳ لهي، سوڙهي دروازي ڏي رخ رکي هليو. ڪٽي سوڙهيون سڳروون تہ ڪٽي پهٽيارا پٽ هٺا، پر هيءُ ڪنهن ۾ ڀالهہ جي ڪاڻ نہ ڪري، نيٺ اچي انهيءَ دروازي وٽ پهتو. دروازي جي مٿان ٽلهن اکرن ۾ لکيل هو، تہ 'کڙکايو، تہ اوهان لاءِ اُپٽبو.' سالڪ دروازو کڙکائي سچيءَ سڪ مان پڪاريو، تہ 'ٻاجهارا، ٻاجهہ پٽي، دروازوکوليو، تہ مون موڙهل جو ڪو منهن ٽٽي.' سگهوئي 'نيڪ نيت' نالي هڪ شخص دروازو کوليس ۽ پڇيائينس، تہ 'تون ڪير آهين؟ ڪٿان آيو آهين؟ ڇا گهرجيئي؟'... سالڪ چيس تہ مان گنهگار آهيان، ۽ پٽيءَ تي ڳري بوجي هٿ سبب پيو هجان. مان ناسونت دنيا مان آيو آهيان ۽ من جي مراد هيءَ اٿر تہ هتان ملڪوت ۽ جبروت واري واٽ وڃي، لاهوت لامڪان ۾ پهچان، تہ هميشہ لاءِ چوٽڪارو لهان. توهين ٻلائي ڪري مون کي اندر اچڻ ڏيو، جو ٻڌو اٿر تہ اوڏهين وڃڻ لاءِ هن دروازي کان واٽ آهي... نيڪ نيت ورائي ڏنيس، تہ هن دروازي کان ٿورو پري هڪ مضبوط قلعو آهي، جنهن جو

مالڪ 'نفس' آهي. اهو عام طرح 'ابليس' ۽ 'شيطان' سڏجي ٿو. اهو ابليس ائين چاهيندو آهي ته سيڪو سندس تابع هجي ۽ حق جو طالب نه ٿئي...

سالڪ - نفس کي نهوڙڻ لاءِ ٿي هن دروازي ۾ گهڙيو آهيان...

نيڪ نيت - دروازو تنهنجي اڳيان اپٽيل آهي. جن جي دنيا مان دل ڪٽي ٿي آهي ۽ نفس سان ڪو ناتو رکڻو نه اٿن، تن لاءِ دروازو اڻپچو اپٽبو ۽ اهو ڪوبه بند نه ڪندو.

سالڪ - هاڻ منهنجا ڪشالا قبول پيا ۽ منهنجو سفر ساب پيو.

'شل وري آيس ور، سفر مئيءَ جا ساب پيا.' "شاهه"

1946ع ۾ 'پروفيسر نارائڻداس ملڪائيءَ' هڪ روسي ناول (جنهن جي ليکڪ جو نالو ڄاڻايل ڪونهي) جو ترجمو "بک" نالي سان ڪڍيو، جنهن ۾ ڏڪر جي پوت جي پيائڪ تصوير چٽيل هئي ۽ هولي به چيدي ۽ برجستي ڪم آندل هئي. ساڳئي سال ۾ 'هيرانند سوپراج' 'هال ڪين' جو White Prophet "انصاف" نالي سان ترجمو ڪيو، جو قديم مصر جي آزاديءَ لاءِ لڙائيءَ بابت دلچسپ ناول هو.

ڪيترن ٻين ديسي ناولن جا ترجما پڻ سنڌيءَ ۾ ٿيا، جن جي مول ليکڪن جيتوڻيڪ جهونن استادن جهڙي مشهوري نه به حاصل ڪئي هجي ته به سندن هيٺيان ناول سڀ چگي خاص معيار وارا هئا، جن جي ياداشت ڏجي ٿي:

| | نالو | ليکڪ | ترجمو ڪندڙ | ڇپائيندڙ | سال |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | رڪمڻي | ڪشن پرساد | ميلارام | سندر ساهتيه | 1930ع |
| 2 | ستياما" | نروپما ديوي | ميلارام | سندر ساهتيه | 1934ع |
| 3 | سنجيوني | موهن لعل سوپان | ميلارام | سندر ساهتيه | 1939ع |
| 4 | سنسار ليلا | هميندر ڪمار | ميلارام | سندر ساهتيه | 1943ع |
| | (هن گجراتي ليکڪ جو بهترين دل اثارينڊڙ سماجڪ ناول) | | | | |
| 5 | غريب جي دنيا | رمڻلال ديسائي | ميلارام | سندر ساهتيه | 1946ع |
| 6 | پورنما | رمڻلال ديسائي | جهامنداس مسافر | سندر ساهتيه | 1947ع |

(وٽشيا - وواهه جي مسئلي تي دلڪش ناول، پر ترجمو اڪري ڪيل ۽ ڳوڙا هندي اکر ڪم آندل.)

| | نالو | ليکڪ | ترجمو ڪندڙ | ڇپائيندڙ | سال |
|---|---|---|---|---|---|
| 7 | تياڳ | نروپما ديوي | پارومل | رتن ساهتيہ | 1940ع |
| 8 | لگن | رمڻلال ڊيسائي | پارومل | رتن ساهتيہ | 1941ع |
| 9 | ٻڌندڙ سورج | هري نارائڻ آپٽي | هري هنگوراڻي | رتن ساهتيہ | 1946ع |
| 10 | زندگي | اُشا ديوي متر | جڳت آڏواڻي | آشا ساهتيہ | 1941ع |
| 11 | بدلو | ڪي.ايم. منشي | ديو سياڻي | آشا ساهتيہ | 1941ع |
| 12 | اڏڪار | چارو چندر بندوپاڌيہ | ديو سياڻي | آشا ساهتيہ | 1942ع |
| 13 | مڪتي | شانتا ۽ سيتا چٽرجي | ديو سياڻي | آشا ساهتيہ | 1943ع |
| | (Cage of gold تان ترجمو ٿيل ۽ نهايت سهڻو سماجڪ ناول) | | | | |
| 14 | واپس | نيهار بالا | ديو سياڻي | آشا ساهتيہ | 1944ع |
| 15 | قسمت | سروج ڪماري | ديو سياڻي | آشا ساهتيہ | 1945ع |
| 16 | ڏڪار | تارا شنڪر بندو پاڌيہ | ديو سياڻي | آشا ساهتيہ | 1945ع |
| | (هن گجراتي ليکڪ جو بهترين ناول) | | | | |
| 17 | پرٿوي ولپ | ڪي. اي. منشي | نانڪ هنگوراڻي | آشا ساهتيہ | 1946ع |
| 18 | ريکا راڻي | ديوي ديال | چندر سين | پارت جيون | 1945ع |
| 19 | نيتا بوس | سيتا چٽرجي | توتن ڪرپالاڻي | پارت جيون | 1946ع |
| 20 | ڊاڪٽر ڪوٽنس | خواجہ احمد عباس | موهني دوداڻي جي امر ڪهاڻي | پارت جيون | 1946ع |
| | (نهايت آزاد خيال ۽ انقلابي سماجڪ ۽ قومي ناول) | | | | |
| 21 | سانڍي | يشپال | گوبند مالهي | زندگي | 1946ع |
| 22 | پراشچت | موهن لعل سوپان | بهاري چاهڙيا | باغي | 1947ع |
| 23 | انقلابي شاهراهہ | انچل | گوبند مالهي | باغي | 1947ع |
| | (پاڪ محبت ۽ قومي انقلاب بابت عاليشان ناول) | | | | |
| 24 | انقلابي سپاهي ڪشنداس | | گوبند مالهي | باغي | 1947ع |

پچاڙيءَ وارا 'مالهيءَ' ۽ 'چاهڙيا' جا ترجمو ڪيل ناول، 1942ع واري آزاديءَ جي هلچلن کان متاثر هئڻ ڪري، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي شعور سان پريل هئا. پر نوجوان ليکڪن جو ڪوبہ اقتصادي انقلاب ۽ "ترقي پسنديءَ" وارو اصلي ناول سنڌ ۾ نڪتل ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي- جيتوڻيڪ انقلابي اصلوڪين آکاڻين لکڻ ۾ نوجوان پاڻ ڇڪو موڪيو هو، جيئن اڳئين فصل ۾ ڏيکاريو ويو آهي. مٿينءَ فهرست ۾ آخري ناول "انقلابي سپاهي" هڪڙوئي ناول هو جنهنجو پهريون ڪجهہ حصو ترجمو ڪيل هو، پر هيو سمورو 'گوبند مالهيءَ' دليان لکيو هو، جنهن ڪري ان کي 'مالهي صاحب' جو ڪي قدر پهريون اصلوڪو ناول سڏي سگهجي ٿو. (1)

## سنڌ ۾ آخري خود - ساختا ناول

هاڻي سنڌ ۾ ناول نويسيءَ جي آخري دؤر جو ذڪر ٿو ڪجي، جنهن ۾ ڪن ليکڪن جي اندر ۾ جذبا جاڳيا ۽ ڪي دلچسپ من - گهڙت ناول لکي ورتائون، جن تي سنڌي ساهت کي ناز هئڻ کپي. 'مرزا قليچ بيگ' جو "زينت" ۽ 'ديوان پريتمداس' جو "عجيب پيٽ" آڳاٽي زماني ۾ لکيا ويا، لعلچند جو "چوٽ جو چنڊ" ۽ پيرومل جو "موهني ٻاٽي" وچولي زماني ۾، پر هن نئين زماني جو پهريون دليان ناهيل ناول 'عبدالرزاق عبدالسلام' جو "جهان آرا" 1931ع ۾ نڪتو هو. ان ناول جي سورمي جيتوڻيڪ هڪ لائق ۽ وفادار عورت هئي، ۽ ان جي عبارت پڻ سهڻي ۽ عالماڻي هئي، ليکن ان جا ڪي ڪردار ۽ واقعا غير حقيقي، بلڪ ڪرامتي هئا، جنهن ڪري هي، ناول حقيقت نگاريءَ جي ڪسوٽيءَ تي لهي نٿو اچي. 'پرسرام شهاڻيءَ' جو "ڪملا" پڻ شمار هن وقت نڪتو هو ۽ اصلوڪو قصو ٿي لڳو، جنهن ۾ هڪ ڳوٺاڻي چوڪريءَ جي آخر هڪ شاهوڪار چوڪري سان شادي ڪرايل هئي، پر وچ ۾ ڦورن ۽ ڏاڙيلن وارا نظارا سنسنيءَ سان پريل هئا.

1933ع ۾ 'شيوڪ يوڄراج' هڪ عاليشان اصلوڪو ناول "آشيرواد" لکيو، جنهن کي نئين جڳ جوحقيقت نگاريءَ تي ٻڌل پهريون اهم ناول سمجهڻ کپي. هندستان ۾ آزاديءَ جي هلچل جو اثر سنڌ تي پڻ پئجي

(1) گوبند مالهي هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ برک ناول ناويس بنجي پيو ۽ "آنسو"، "زندگيءَ جي راهہ تي"، "پکيڙا ولر کان وڇڙيا"، "شرم ٻوٽي"، "ديسي سيڻ ڪجن؟" وغيره وغيره، ڪيترا ڪامياب ناول لکي ڪڍيائين.

چڪو هو. ۽ مهاتما گانڌيءَ جي ستياگرهه ۾ بهرو ونندي. شيوڪ صاحب کي اونها اندر جا آزمودا پرايا جن تي هيءَ ناول ٻڌو هٿائين؛ ۽ اهو اصول ثابت ڪري ڏيکاريائين ته روزمره جي جيوت جو جبري جاچ سان اپياس ڪرڻ ۽ ان کي ڪلاڪاريءَ سان پيش ڪرڻ سان زندگيءَ جي معمولي واقعن مان به دلچسپ کهاڻيون بنائي سگهجن ٿيون. جي گهمساني حادثن جون محتاج نه آهن. هن لکندڙ جي عبارت هالو چالو روزمره واري پر اتساهه يري هئي.

1934ع ۾ 'شيوڪ صاحب' ٻيو جيون - ناول "دادا شيام" اسکولي جيوت بابت لکيو. پر ان ۾ هڪ ماستر ۽ سندس شاگردياڻين جو ناتو بلڪل ڇڙواڳ ۽ اڇهل ڏيکاريائين. جو ٽيٽيءَ کان ٻاهر ۽ اڻ وٽندڙ پي لڳو. هن ناول جي ٻولي به ذرا اڻ گهڙي ٿي لڳي جنهن ۾ رواني گهٽ هئي. هي ٻئي ڪتاب 'ڪوڙيمل ساهت منڊل' جي بانيڪار 'هري سندر روپچند' ڇپايا هٿا. جنهن صاحب ڪتابن جي متاسٺا جي هڪ ڪارگر رٽ ناهي. حيدرآباد ۾ پنهنجو ڪتاب خانو اهڙو بنايو هو جو اهڙو ڪو ڇاپي ۾ موجود ڪتاب مشڪل هوندو هو جو وٽانئس نه ملي سگهندو هو. هيءَ منڊل 1925ع ۾ برپا ٿيو هو ۽ 200 کن ڪتاب شايع ڪيا هٿائين. ۽ تنهن کان سواءِ سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ شمار 500 نندين وڏين لائبريرين کولايائين. 1937ع ۾ 'روچيرام سڌائيءَ' هڪ سماجڪ قصو "آزاد خيال زالون" نالي لکيو. جو وڏو وواهه جي فائدي ۾ ۽ ڏيتي ليتيءَ جي برخلاف هو. ۽ جيتوٽيڪ بنگالي جيوت ۾ بيهاريل هو ته به اصلوڪو لکيل اثرائتو ناول هو. 'سڌائي صاحب' 1930ع ۾ "عمر مارئي" جو قصو به ڇپايو هو. جنهن ۾ ڪوجنا ڪري سجي آکاڻي ڪڇ وارن پٽن جي حوالن تي نئين سر ٻڌي هٿائين. جنهن موجب مارئي هڪ هندو چوڪري ثابت ڪئي هٿائين. 'سڌائي صاحب' جي عبارت سٽي پختي آهي.

1941ع ۾ 'آشا ساهت منڊل' پاران 'آساند مامتورا' جو تخليقي ناول "شاعر" نڪتو جنهن ادبي مرڪزن ۾ هلچل آئي ڇڏي. هن جهڙو آدرشي ناول سنڌ ۾ ڪونه نڪتو. جو پڙهندڙن کي ڌرتيءَ جي ڏوڙ مان مٽي ڪڍي عرش ۾ پيو اڏائي. منجهس ڪشمير جي فردوسي وادي۽ جا بيان ۽ گهرا فيلسوفاڻا ويچار. مؤزون ۽ مائيدار سنڌيءَ ۾ ظاهر ڪيل هئي؛ جنهن ۾ چيدن هندي ۽ فارسي لفظن جو خوش - آواز ميلاپ هو. هن ناول ۾ ڪردارن جي خاص طور هندو نائڪ جي. جو مسلمان ڪشميري چوڪريءَ سان پيار ۾ ٿو

پوي، من - کوجنا ايتري ته اونهي کيل هئي، ۽ ٻئي پاسي ظاهري واقعا اهڙا ته ماڻا ماڻا آندل هٽا، جو ايئن کڻي چٽجي ته جيڪا به ڪارروائي هن ناول ۾ هئي سا اندر جي اونهاڻ ۾ ٿي ٿي. سنڌي ساهت ۾ هيءَ پهريون منووگيانڪ (Psychological) ناول هو جنهن ثابت ڪري ڏيکاريو ته حادثن ۽ اتفاقن بدران، صرف سيرتن تي پڻ دلپزير ناول ٻڌي سگهجن ٿا. "شاعر" ناول مان هيئيون حوالو مامتورا صاحب جي آتموادي (Spiritual) ويچارن ۽ سندس هندي - فارسيءَ جي آميزش واريءَ عبارت جو نمونو آهي:

"منهنجن پيرن جي آهٽ تي، هن ڪنڌ مٿي ڪنيو، ۽ مون ڏي نهاريائين. هن جي ان پهرينءَ نهار مون تي جو اثر ڪيو، سو ٻڌائڻ ضروري آهي. اول ته سندس اکين ۾ انتت دک ڏيکاري ٿي ڏني، گويا ڪيس ڪنهن وڍي، چيري، چڇري، هت کٽي ڦٽو ڪيو هو. ان کان علاوه، انهن ۾ مون پنهنجي عزازت محسوس ڪئي، نه جسماني ادِ واري عزازت، پر اها عزازت جنهن جو تعلق انساني هستيءَ جي اندرين تهن ۾ آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته اسان جي حياتيءَ تي انهن جيون جو اهڙو اثر ڪونه ٿو ٿئي، جي جنم جي ڪري اسان جا عزيز خويش آهن. سماجڪ نقطه نگاهه کان انهن سان جو تعلقات ائٽون، سو ڪٽي ڪارگر به هجي، پر اسان جي زندگيءَ تي گهرو اثر، چگو يا مٺو، اهي تا وجهن جن سان اسين واٽ ويندي يا اوچتو ملاقات ڪرڻ سان ايئن ٿا وسهون ته اسان کي هي ڪي ستڌاريا ڪينهن، ته هن سان اسان جو ڪو آتمڪ سنبنڌ آهي. جيئن هت پرٽويءَ تي ڪٽنب پروار آهن جي رت جي عزازت تي ٻڌل آهن، تيئن ڪٽي، ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾، سياڻ، ۽ سؤ ڀاونائن تي ٻڌل قبيلا آهن، جن مان هر هڪ جي ياتين جي پاڻ ۾ گهري عزازت آهي. اهي آتمائون هت، هن دنيا ۾، سرير ڌاريو، جدا جدا ڪٽنبن ۾ اچيو جنم ونن. پوءِ، ڪڏهن قضاني، جڏهن سندن هڪ ٻئي سان مُڪا ميلو ٿو ٿئي. تڏهن سندن جيءَ ۾ ڪا جاڳرتا، ڪا يادگيري اٿي ٿي، ۽ هو نيٽن جي نهار سان، يا مک جي هلڪيءَ مشڪ سان، هڪ ٻئي کي پنهنجي سجاٽپ ڪرائين ٿا، ۽ ٻنهي جون آتمائون ڪو لحظو آنند جي مٺيءَ لهر هيٺ اچيو، ايئن ٿيون پائنين ته جيون جي پرڪلتا پڙ پي ائٽون."

ٻيو اهم اصليت وارو ناول ان پهرينءَ سنڌي عورت جو هو جنهن ساهت جي ميدان ۾ قدم ڪنيو هو - ۽ بلڪل ثابت قدم. اها هئي 'شريمتي گلي

سدارنگاڻي' (جنهن اڳي ڪماري ڪريالاڻيءَ جي حيثيت ۾ ٽئگور جو "گورا" انواد ڪيو هو). 1941ع ۾ سندس "اتحاد" نڪرڻ سان ڪٽر پنگتي اڳواڻن ۾ چڙهول مچي ويو. جيئن "شاعر" ۾ سنڌي چوڪرو صوباڻي ۽ ڏرمي ٻنڊڻ مٽائي ڪشميري مسلمان چوڪريءَ سان شادي ٿو ڪري، تيئن هن ناول ۾ هندو چوڪري هڪ لاڻق مسلمان چوڪري سان لاٿون ٽي لهي. هن ناول ۾ راڄنيتي آزاديءَ بابت انقلابي خيال پهريون دفعو بردباريءَ سان ظاهر ڪيل هٿا، ۽ ان جي عبارت ۾ به هنديءَ ۽ فارسيءَ جو وٽندڙ "اتحاد" رکيل هو. 1942ع ۾ 'ٺهلرام آسوديمل' هڪ دليان جوڙي قصو "ڏکن پٽيان سک" سليس ۽ سپڪ سنڌيءَ ۾ لکيو، جنهن ۾ شخصي آزمودي مان، هڪ سڌريل زميندار جي زندگيءَ ۽ هارين نارين سان فراخدل رشتي جو آدرش ڏيکاريل هو، ۽ منجهس پنگتي اوڻائين کي دور ڪرڻ لاءِ به ڪارگر صلاحون ڏنل هيون. پر هن قصي ۾ اخلاقي پرچار تي گهڻو زور ڏنل هو ۽ ناول نويسيءَ جو فن گهٽ هو. ساڳئي سال "سندر ساهتيه" پاران هڪ چگو پنگتي ناول "پريم ٻنڊڻ" نڪتو هو، جنهن جو لکندڙ 'پيتامبر ڪشنائي' هو، ۽ جنهن ۾ هڪ ڪراچيءَ جي جوان جي پريم - ڪهاڻي ڪنيل هئي. جيتوڻيڪ هن ناول جي پلاٽ ۾ ڪي ڪچايون هيون، تنهن هوندي به اهڙي صادق جذبي وچان لکيل هو، ۽ عبارت به اهڙي پڪي پختي ڪم آندل هئي، جو هڪ خاصو اصلوڪو ناول ٽي ٻيو. تنهن کان پوءِ 'چندولعل جٽسنگهاڻيءَ' پريم ۽ شادي جي مسئلي تي اصلوڪو ناول "زنده دل" (1942ع) لکيو، جنهن جي شروعات ۾ هڪ سندر خيالن واري نفيس پريم - ڪهاڻي ڏنل هئي، پر پڇاڙيءَ ۾ اها اگهاڙي ۽ ناشائستي ٽي پئي. لکندڙ جي هولي به وياڪرڻ جي لحاظ کان ڪچي هئي، توڻي منجهس محاورا چگا ڪم آندل هٿا.(1) 1943ع ڌاري ان هونهار شاعر 'نرمل جيوتاڻيءَ' جو اصلوڪو ناول "بينا" نڪتو، جنهن جي بي وقتائتي وفات ڪري سنڌي ساهت کي چگو ڏڪ لڳو. هي ناول اندر جي جذبن وچان لکيل هو، منجهس شاعراڻي اڌر ۽ رنگين زباني به چگي هئي، ۽ ان جو موضوع به دلچسپ هو؛ پيار بنا شاديءَ جو. پر ان کي نباهڻ جو نمونو نپٽ رومانوي هو، جنهن ۾ ازغيبي ۽ سنسنيءَ پريل حادثن کان ڪم ورتل هو، جنهن ڪري هن زماني ۾ اهڙو اثرائتو نه ٿيو. 1943ع ڌاري

(1) هن ناول تي تنقيد، تنقيد واري فصل ۾ ڏنل آهي.

هڪ نوجوان ليکڪ 'نهچل واسوائيءَ' هڪ چگيڙو ٿنديو اصلوڪو پنگتي ناول "ڪشور موهني" لکيو هو، جو "پارت جيون" ڇپايو هو.

1944ع ۾ بزرگ شاعر 'نرملداس فتحچند' "دلوراءِ جي نگري" ڇپايو، جنهن ۾ظالم دلوراءِ ۽ سسوراءِ جي آڪاڻي سنڌي وارتا، جن جي ظلمن ڪري سندن نگري ناس ٿي ويئي، دلچسپيءَ سان بيان ڪيل هئي. پر عالم مصنف جي قديم زماني واري سنسڪرت اصطلاحي عبارت ۽ صورتخطي، الاهي زيرون زيرون ڏيڻ توڙي اوکن لفظن جون معنائون سمجهائڻ جي باوجود، عام پڙهندڙن جي سمجهڻ کان ٻاهر هئي. هيءَ ناول صرف عالمن جي مطالع لائق هو، جنهن جي ثابتي اُن جي آخرين ٽڪري مان ملي سگهندي:

"پوءِ دلوراءِ جي ڏيءَ جي شادي آئي. سڳيءَ ڏيءَ سان ۾ پنهنجو پاڻ جو قانون لڳائڻو هوس. ڪماري لڇ پٽ واري هئي. تنهن پنهنجي ڏاڏيءَ اڳيون ولڇ ڪئي. وڏي راڻي پٽ کي وڃي گهٽيئي هيئيون مٽيون ڇيون، پر هن خوُڪ خوُ خر مغر ڳالهه نٿي ۾ اُڀايس. گهٽو ٿي چيائس وڏن جي تارمڪ نيت پرتيت جي ساک جي آسري آتيا چارن ۽ آنرٽن جي لڙهن ۾ لڙهندا رهيا آهيو، ۽ هينئر ڪرتاري کانڊ کي ڪٽائڻ جي وک ڪٽندءَ تہ ايشوري ڪوپ کي کانڊ ڏيندءَ، ۽ ڪنهن کن منهن ٽيندءَ. آوهان جي سرڳواسي پتا ڪيئن دلور وسايو ۽ اُدارتا ۽ اُپرامتا سان پرجا پالن نباهيو ۽ ديس وسايو، ۽ آهان ٻنهي پاڻرن ڪيئن پرجا جا ڏرم ڪرم ڇڏايا ۽ قلب ڪلپايا آهن... دلوراءِ تهڪ ڏنا ۽ چيائس، "تون چريون ڳالهيون ٿي ڪرين. ڪن کي نيم ورتايا هٿا، اسان ڦيرايا. اهو راجائن جو ڪم آهي، ۽ کي گسي ٿو وڃي چا؟" وڏي راڻي نراس ٿي موٽي ويئي ۽ وجهلندي نيٽن مون ڇر چندبيندي چيائس 'آمان' هي ندورو، اُماوس جي رات گرپ ۾ آيل، انرٽ تون مڙڻ جي نٽو ڪري.' 'تنهن نياڻيءَ ٻڌڻ سان ڏرتيءَ تي هٽ هنيان ۽ ايشور کان نگري ناس گهري. رب سان روح رليءَ، زار زار رئندي وجهل وَتليءَ کي بشارت ملي تہ سج کان اڳي طوفان ايندو، ۽ سجو ڏرم ناستا جو ڏينگو ڏيري ٽيندو...' "اُنهي رات دلوراءِ ۽ سسوراءِ ننڍ ۾ ٿي پنڌ پاهڻ ٿي پيا، ۽ پنيرڪيءَ جو اڇي ازغيبي رئي جو طوفان ٽيو... پوءِ تہ جيڪي اندر ها سي نگري کين سگهيا، ۽ جو جتي ۽ جنهن حالت ۾ هو سو تتي ٿي ۽ تنهن ٿي حالت ۾ رئيءَ ڏهي ڇڏيو. ايئن ڏرم ناسڪ دلوراءِ جي نگري ناس ٿي."

قصي جي شروعاتي حصي ۾ ڏگهين جملن ۾، جهوني زماني وارو قافيئي دار نثر ڪم آندل هو، ۽ عجب آهي ته باغيچي جي بيان ۾ زمان ماضي ۽ زمان حال گڏيا سڏيا پيا هٿا:

"انهي سمي سنڌونديءَ جي ڪپ تي هڪڙو عاليشان باغستان هو جنهن تان اِندر لوڪ وارو نندبن قربان هو چو جو منجهس هوش همت وارن نرن ۽ ست پت وارين نارين جو آگمان هو. هر جنس جي ميوجات جي وڻن سان جريبن جا جريب ڇانيل آهن جن مان ڪيترن جي ڦر جهلڻ جا ڏينهن آيل آهن، جنجي وگاسن ۽ ٻوڙن ۽ گوشن جي توڙ ۽ تات جا آڻاٽا اڻايل آهن. ميوه زار جي اوريون چوڦير چپ هب مين ڦلن پشپن جون ٻاريون هيون جنتي پنورن جون گنجارون ۽ جن مان سڳنڌ جون سيريون هيرون جو هسواريون هيون."

سنڌ ۾ پچاڙي وارا اصلوڪا ناول نويس ۽ پروفيسر هٿا، جن مان هر هڪ هڪ ٻڌي ٻڌيان ٽي چار ناول لکي وڌا. 'رام پنجواڻي'ءَ جو پهريون دليان جوڙيل ناول "قيدي" (1943) هو، جنهن ۾ هڪ راڄيندڙ جا اُمنگ ۽ آدرش پريل هٿا، ۽ نائڪ ۽ نائڪا جي وچ ۾ محبت جو ناتو نهايت نفيسائيءَ سان بيان ڪيل هو. هڪ انگريزي آکاڻي جي اوت تي لکيل "شرميلا" (1944ع) ناول ۾، 'پنجواڻي صاحب' سنڌ ڇڏي بمبئيءَ شهر ۾ وڃي هليو، ۽ اُتي جي گجراتي جيوت جو هڪ پهلو باريڪ بيني سان چٽيائين. "لطيفا" (1945ع) ۾ سنڌي مسلمان ڳوٺاڻن جي زندگي تي نهايت همدرداني روشني وڌائين. 1946ع ۾ 'پنجواڻي'، مشهور قومي هندي ناٽڪ "ديوار" کان متاثر "اسانجو گهر" ناول جوڙيو، جنهن جي رڳا اصلوڪي هٿي ۽ جنهن ۾ تمثيلي طور هندستان جي آزادي ۽ ورهاڱي جي چٽي تصوير چٽيل هٿي. 1947ع) ۾ پروفيسر صاحب "چاندي جو چمڪو" لکيو، جو به هندستان ۾ بيهاريل قومي آزادگيءَ بابت ناول هو، جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته پٺسي جا پوڄاري ڪيئن نائڪ، نائڪا ۽ ٻين قومي شيوڪن کي ٻوهي ۾ ٽا وجهن. اهي ناول گهٽو ڪري "پارت جيون" جا چپايل هٿا. 'نارائڻداس پميائي' جو پهريون اصلوڪو ناول "مالهڻ" (1942ع) هو، پر اُهو جهوني زماني وارن مؤتن ۽ خود ڪشين سان ٽمٽار هو، توڙي منجهس خيال فيلسوفاڻا هٿا ۽ عبارت علميت واري. "وڏوا" (1943ع) 'پميائي صاحب' جو بهترين ناول هو، جنهن ۾ هڪ

---

(1) هن ناول تي ڪيل تنقيد، تنقيد واري فصل ۾ ڏنل آهي.

نوڄوان تعليم يافتہ هندو وڏوا جا ڏک ۽ اُمنگ چٽيل هٿ، جا نيٺ پنگتي رکاوٽن کي ريٽي هڪ لائق جوان سان ٻي شادي ٿي ڪري. "غريبن جو ورثو" (1946ع) ناول ۾ هڪ ڳوٺاڻي ڊڪ منشي جي ڏکن ڏولاون جو بيان ڪيل هو. 'پنجواڻي' جي "لطيفا" وانگر، 'يميائي' جو هيءَ ناول پڻ ثابت ٿو ڪري تہ سنڌي هندو ليکڪن کي غريب مسلمان پاٽرن لاءِ ڪيڏي همدردي هئي.

"پارت جيون" رسالي ۾، 'پروفيسر پنجواڻي' ۽ جي ناولن شايع ڪندڙ 'جيٺانند لعلواڻيءَ' پنهنجو هڪ اصلوڪو ناول "ميونسپل ڪائونسلر" (1944ع) ۾ ڇپايو هو، جنهن ۾ انهن نگر جي آبن جي ڪارنامن تي ڪڙي طنز ڪيل هئي؛ پر اُن جي لکڻيءَ ۾ پختائي ڪانہ هئي. جهوني ليکڪ 'نانڪرام ڏرمداس' جو "پارت جيون" پاران 1946ع ۾ شايع ٿيل "آرام محل"، هڪ وٺندڙ پنگتي ناول هو. پر جنهن صورت ۾، هن مصنف جي آڪٿر دستور موجب، ڇاڻايل ڪونهي تہ دليان جوڙيل هو يا ڪٿان ورتل، تنهن صورت ۾ اُن کي شڪ جو فائدو ڏيئ ڪپي. "پارت جيون" منڊل، جو نوڻهال لکندڙن کي همٿائيندو هو، تنهن 1947ع 'ج-ڊ- آهوجا' جو ناول "راڻي" ڇپايو، جو هن نوڄوان ليکڪ جو پهرين ڇگيڙو سماجڪ ناول هو. ۽ ورهاڱي کان اڳ آخرين نڪتل اصلوڪو ناول ڏسڻ ۾ ٿو اچي.

---

(1) هن ناول تي ڪيل تنقيد، تنقيد واري فصل ۾ ڏنل آهن.

## فصل چوٿون

# نانڪ نوبسيءَ جي اؤسر

سنڌي نثر جي جمار جيڪڏهن اڄ شمار ۾ صديون آهن، تہ سنڌي نانڪ جي عمر مني صدي مس ٽيندي. ڪارڻ اهو ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ نانڪ نويسيءَ جو فن ساهت جي ٻين شاخن کان لکڻ ۾ اُهنجو آهي، چو جو اهو رنگ- يوميءَ (Stage) تي نانڪ پيش ڪرڻ جي فن سان ڳنڍيو پيو آهي. نانڪ جي ڪاميابي ان کي اسٽيج تي ڪري ڏيکارڻ کان سواءِ مڪمل ٿي کانہ سگهندي. اهو ليکڪ جنهن کي نانڪ ڪري ڏيکارڻ جي جاڻ نہ هوندي سو نانڪ جوڙڻ جو پورو علم پرائي کين سگهندو، جنهن کي انهن ٻنهي هنرن جا جاڻو گهٽا ٿي کين سگهندا. تنهن هوندي ۽ فخر جي ڳالهہ آهي جو انهيءَ ٽوري عرصي ۾ سنڌي نانڪ اُنهن مڙني دؤرن مان لنگهي چڪو آهي جن ۾ ٻين مشهور ملڪن جي نانڪ نويسيءَ ڪيترين صدين ۾ ترقي ڪئي آهي- جيئن اڳتي هلي ڏيکاريو ويندو.

پر سنڌي نانڪ 19 صدي جي آخر ۾ وجود ۾ آيو. تنهن کان اڳ، اُن صدي جي وچ کان وٺي، بمبئي مان ڪيترين نانڪي پيشي واريون پارسي ۽ گجراتي ڪمپنيون سنڌ ۾ ايندڙ هيون ۽ خلق ۾ نانڪن ڏسڻ جو شوٽق پيدا ڪري ڇڏيو هٽائون. اُنهن مان مکيہ هيون: وڪٽوريا، آلفريڊ، گيٽي، ڪاٽاڻو، وانڪانير ۽ ديشي ڪمپنيون، جي گهٽوٽو ڏرمي ڪرامتن وارا کيل يا شيڪسپيئر جا تاريخي ۽ ٻيا دکدائڪ نانڪ. اُردو ۽ گجراتيءَ ۾ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ ڪري ڏيکارينديون هيون. تنهن وچ ۾ ڪي سنڌي ڏندوڙي نانڪ ڪمپنيون ٻہ نڪتيون هيون، جهڙوڪ جمعدار (يا حيدرآباد جي ڪاساين جي ڪمپني) ۽ جميلا ۽ رازل جون ڪمپنيون، جي اُهي ٻہ پيشور عورتون هلائيندڙيون هيون ۽ زنانا پارٽ ٻہ ڪندڙيون هيون، جنهن ڪري ڏسندڙن کي ڏاڍي ڪشش ٽيندي هئي. اِهي ڪمپنيون پهرئين آغا حسن عليءَ جو "اِندر سيا" نالي مشهور سنگيت - نانڪ (opera) يعني سمورو راڳڻ وارو کيل ڪري ڏيکارينديون هيون، ۽ پوءِ آغا حشر ۽ ماسٽر رحمت جا لکيل سنسنيءَ پريا اُردو نانڪ ڪنديون هيون، مون کي چڱي سانير آهي تہ

اُنهن کيلن لاءِ ايڏو خفت هوندو هو جو اسين هالڪ ٻه، هلندي‌ءَ وارن ماڻڻن کان مفتي پاسون ڇڏائي، يا چئين اُئين آني واري ٽڪيٽ وٺي، حشام ماڻهن ۾ وڃي ويهندا هئاسون ۽ رنگن روپن جي خوابي دنيا ۾ کوهجي ويندا هئاسون.

## اوائلي سنڌي ناٽڪ

سنڌي ناٽڪ نويسيءَ جو علمبردار 'مرزا قليچ بيگ' هو، جنهن جو پهرين ناٽڪ "ليلیٰ مجنون" 1880ع ۾ لکيو ويو ۽ سمورو هندي ڏوهيڙن جي طرز ۾ لکيل هو، پر اُهو اسٽيج تي ڪڏهن ۾ ڪونه آيو ڇو جو تيستائين ڪا به ناٽڪ منڊلي برپا نه ٿي هئي.(1) سندس ٻيون ناٽڪ "خورشيد" هو، جو مرزا صاحب اول بمبئيءَ ۾ (جڏهن اُتي ڪالیجي شاگرد هو) پارسي وڪٽوريا ناٽڪ منڊليءَ جو "زر خريد خورشيد" نالي اردوءَ ۾ کيل ڏٺو هو، ۽ پوءِ اُن تان سنڌي ۾ آندو هٿائين ۽ ڪراچي ۾ سرڪاري بوڪ ڊپو وارن 1887ع ۾ چپايو هو. هن ناٽڪ نسبت مرزا صاحب ديباچي ۾ لکيو هو:

"منهنجو مطلب هو ته پڙهندڙ يا ٻڌندڙن کي، حورن ۽ پرين ۽ جن ۽ ملائڪن ۽ جادو جي ڏيکن ۽ ٻين ناشدني جهڙين ڳالهين سان واهپو نه رکاريان، پر اهڙي ڪا ڳالهه سندن هٿن ۾ ڏيان، جنهن ۾ دنيا جو وهنوار ۽ ٻي عام رواجي هلي چلي چگي طرح ڏيکاريل هجي... اگرچ هي قصو، اڳوڻن بادشاهن ۽ قديم زماني جي رواج بابت رٽيل آهي، ۽ تنهنکري ڳالهائڻ يا هلڻ چلڻ جي طرز به اڳوڻي ڏيکارڻ جي ضرورت هئي، پر تڏهن به کوشش ڪري، اهڙي تجويز ڪئي ويئي آهي، جو سڀ ڳالهيون، گهٽوڪري، هاڻوڪي وقت سان به لاڳو ٿي سگهن ٿيون."

مرزا صاحب جي اها حقيقت پسنديءَ جي مراد جيتوڻيڪ اُن زماني ۾ گهٽي قدر برٿواب ٿي هئي، تنهن هوندي به چالو زماني جي حقيقت نگاريءَ (Realism) موجب هن ناٽڪ جا ڪيترا واقعا ۽ ڪردار رواجي هلي چليءَ کان ٻاهر، اڻ ٽيڙا جهڙا تا لڳن. باقي ناٽڪ جي ناٽڪا خورشيد بلاشڪ هڪ خوددار ۽ جريت پري سورمي آهي جا سياڻپ سان، ڪيترن ڪوڙن عاشقن کان جند ڇڏائي، پنهنجو سچو لائق عاشق پائي ٿي. هيءَ ناٽڪ به ڪيترا سال اسٽيج تي ڪونه آيو، جيتوڻيڪ 1894ع ۾ "سنڌ ڪالیج ڊرامٽڪ

(1) اهو ناٽڪ گهٽو پوءِ، 1980ع ۾، ناٽڪ جي سئو سالہ جشن جي موقعي تي زبيده گورنمينٽ گرلس ڪالیج، حيدرآباد سنڌ جي اديٽوريم ۾ وڏي ڪاميابي سان پيش ڪيو ويو.

سوسائٽي" جاري ٿي، پر ست سال جهونو ناٽڪ شايد ڪين خيال ۾ نه آيو. نيٺ 1905ع ۾ "حيدرآباد جي وڪيلن واريءَ ناٽڪ منڊليءَ" کي هٿ چڙهي ويو ۽ اُنهن ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو، جنهن جو ذڪر اُن منڊليءَ واري پاڻ ۾ ڪبو.

ٽيون جهونو سنڌي ناٽڪ هو 'ديوان ڪوڙيمل چندنمل' جو "رتناولي" (1888ع)، جو 'راجا هرش ديوَ' جي سنسڪرت شاهڪار تان ترجمو ڪيل هو، ۽ منجهس لنڪا جي راجڪماريءَ ۽ پارت جي هڪ راجا جي پريم ڪهاڻيءَ جو روماني ڍنگ ۾ بيان ڪيل هو. پر هن ناٽڪ کي اسٽيج تي اچڻ جو شرف اڃا تائين نصيب نه ٿيو آهي. ڪارڻ شايد اهو آهي جو اُن جو سنڌي ترجمو ڳڙن سنسڪرت لفظن سان ڳنڍيو پيو آهي، تنهن کان سواءِ، منجهس زنانيءَ سوپيا ۽ جوين جا تفصيل اهڙا بي پوشيدا ڪيل آهن، جو منجهائٽن سنسڪرت جي ٻئي برڪ ناٽڪ ڪار 'پوپوتيءَ' جي "مالتي مادَو" جي بوءِ پيئي اچي. جيتوڻيڪ اهو "شرنگهار رس" آڳاٽي سنسڪرت ساهت ۾ اڪثر موجود هوندو هو، ۽ 'ڪاليداس' جا ناٽڪ ۽ ويرڪوتائون به اُن سان ڀرپور آهن، تہ بہ سنڌي عوام کي اهو اسٽيج تي ڪري ڏيکارڻ شايد پسند نہ پوي ها. تنهن کان پوءِ 'مرزا قليچ بيگ' ٻيا ٽي ناٽڪ لکيا؛ هڪڙو رومانوي "بڪاولي" (1894ع) ۽ ٻہ ٻيا تاريخي "نورجهان ۽ جهانگير" (1896ع) ۽ "نادرشاهہ" (1897ع)، جي ٽيٽي سکر واري جهوني المشتهر (publisher) 'مستر هريسنگهہ' ڇپايا هٿا. پر پتو نٿو پوي تہ ڇو اُهي بہ ڪڍهن ڪري نہ ڏيکاريا ويا. جيتوڻيڪ تيستائين 'ڪراچي منڊلي' برپا ٿي چڪي هئي.

## پهرين "سنڌ ڪالیج" ناٽڪ منڊلي

ياد رکڻ ڪپي تہ ناٽڪي فن، ٻين فنن وانگر، پاڻ ۾ ٿي پورو نہ آهي، جنهن کي صرف ڪتب خاني ۾ ويهي مطالع ڪجي. ناٽڪ جو آخرين مقصد تڏهن پورو ٿيل سمجهبو جڏهن ناٽڪ-گهر (Theatre) ۾ اُهو ڪري ڏيکاريو وڃي ۽ رنگ- پومي (Stage) تي، اداڪاريءَ (Acting)،چتر ڪاريءَ (Painting)، وسترڪاريءَ (Costuming) سنگيت (Music) ۽ ناچ (Dancing) جي اُن کي پوري پوري واهر ونڊي ٽي پوي. هڪ عالم جو چوڻ آهي تہ ناٽڪ هڪ مرڪب فن (Complex art) آهي جنهن جو مڪمل تاثير تيسين حاصل نہ ٿيندو جيسين رنگ - پوميءَ تي ڪري نہ ڏيکاريو. تنهنڪري هن باب ۾ ناٽڪ

نويسيءَ جي تاريخ سان گڏوگڏ مکيہ نانڪن جي رنگ يومي جي تاريخ ۽ انهن تي اخبارن ۾ ٿيل تنقيد بہ ڏيندي اچبي، توڻي اُن کي هيءَ فصل گهڻوڪجهو ٿي ويندو.

سنڌ ۾ پهرين نانڪ منڊلي، ڪراچيءَ واري ڪالیج جي انگريز پرنسپال ڊاڪٽر جئڪسن ۽ پارسي وائيس پرنسپال پادشا جي اُدم ۽ جفاڪشيءَ سان 1894ع ۾ برپا ٿي، جنهن جو نالو 'ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪالیج اميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي' رکيائون، ۽ ساڳئي سال ميٺارام هاسٽل جي اڏاوت بہ شروع ٿي جنهن لاءِ فنڊ ڪٺو ڪرڻ سانگي ٿي نانڪ منڊلي ٺاهي هٿائون. هيءَ منڊلي پريا ويهہ سال ناٽال جي موڪلن ۾، حيدرآباد منجهہ ٿي راتيون؛ ۽ راتيون هڪ نٽون نڪور نانڪ ۽ وچين رات اڳئين سال وارو نانڪ ڪري ڏيکاريندي هئي. هن منڊليءَ عام ماڻهن ۾ سنڌي نانڪ لاءِ ڪا جاڳرتا ۽ چاهنا پيدا ڪئي! اکيون پائي ويهبو هو تہ ڪٽي ناٽال لڳي تہ نٽون نانڪ ڏسجي. انهيءَ زماني ۾، اڄ وانگر منٽون ميڙون ڪري ٽڪيٽون ڪونہ ٻَڏائيبون هيون. ماڻهن جا ڪنڊ ازخود، ٽڪيٽن واري دريءَ ڪلهن کان ڪي ڪلاڪ اڳ، اچي ڳاهت ٽيندا هٿا. ۽ سُوها ماڻهن کي نراس ٿي موٽي وڃڻو پوندو هو، چو جو "پادشا هال" نالي شاهي ماندوي ۾ تر ڇڻڻ جيتري جاءِ بہ ڪانہ هوندي هئي.

## سنسڪرت تان ڊرمي نانڪ - تقدير جو فلسفو

ڪنهن بہ قوم جي نانڪي تاريخ جي تپاس ڪبي تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ اوائلي نانڪ هميشہ ڊرمي پي ٽيا آهن، چو جو آڳاٽي زماني ۾، انساني دل ۾ ويسهہ ۽ شردا جو انگ هين امنگن کان مڙيوئي سرسيرو هوندو هو. انهيءَ مطابق ٿي، عيسوي سن کان صديون اڳ چين، هندستان ۽ يونان ۾ ڊرمي نانڪ ٿي ڪيا ويندا هٿا. انگلستان ۾ بہ اهو سلسلو 15 عيسوي صديءَ کان، ڊرمي نانڪن (Miracle & Mystery-plays) سان جاري ٿيو. هندستان ۾ "راس ليلا" ۽ "رام ليلا" جا کيل ڪري ڏيکاريا هٿا، تہ عربستان ۽ ايران ۾ ڪربلا جي شهيدن جا نانڪ. اسان جي ياڳن پريءَ سنڌڙيءَ ۾ تہ، بلڪ 19 صديءَ جي آخر ڌاري، جڏهن هنڊ پٽ ويسهہ ۽ اعتقاد جي جاءِ تي عقل ۽ سمجهہ جو راج جاري ٿي ويو هو، تڏهن بہ ڊرمي نانڪن سان شروعات ٿيو. انهن ڊرمي نانڪن کي باريڪ نظر سان جاچجي تو تہ هيءَ ڳالهہ پڌري پئي معلوم ٿئي تہ منجهن هن ٿي مکيہ مسئلي جي اپٽار ٿيل

آهي ته، انسان هڪ ضعيف بيوس وٺ آهي، ۽ زبردست بيترس تقدير سدائين اتس غالب پئجيو وڃي ۽ کيس عذاب ٿي سهارائي. ساهت ۽ اتهاس جو ابياسي هن ڳالهه کان ب بي خبر نه آهي ته هر زماني ۾ زندگيءَ جو گاڏو، ان زماني جي تقاضا پٽاندڙ، ڪنهن خاص فلسفي جي آڌار تي ٿو گهلجي. اهوئي ڪارڻ آهي جو قديم زماني جا ناٽڪ انهيءَ ظالم تقدير واري فلسفي تي ٻڌل ڏسجن ٿا.

سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊليءَ ب برپا ٿيڻ شرط پهريون پهريون ناٽڪ مهابارت تان ورتل، ماستر 'جينانند ڪلڏاس' 'پرياڻيءَ' جو جوڙيل "نل دمينتي" (جو پنهنجي بزرگ ڳوٺائيءَ ديوان ڪوڙيمل کان درست ڪرايو هٿائين) 1894ع ۾ ڪري ڏيکاريو. عجب آهي ته سنڌي ناٽڪ جي تاريخ ۾ هي، هڪڙوئي ڊرامو هو جنهن ۾ فقط هڪڙو رواجي راڳ وڌل هو، جو 'درگداس آڏواڻيءَ' دمينتيءَ جو پارٽ ڳايو هو، ۽ تنهن هوندي ب ناظرين ۾ تاثير پيدا ڪيو هٿائين. تنهن زماني ۾ زالون ته پردي ۾ هونديون هيون، مڃن ڪوڙائڻ جو نٽشن ب اڃان ڪونه پيو هو ۽ اها غير مردانگيءَ جي نشاني سمجهبي هئي. تنهنڪري لسڙات اسڪولي ڇوڪرن کان جو زنانا پارٽ ڪرائيندا هٿا ته ب سماج ۾ چوٻول پئجي ويندو هو ته ڪچن ڇوڪرن کان زنانا ويس وڳا پهرائي، زنانو ناز نخرو ٿا سيکاريو ته دنيون پاڻيون ڪيي ٿا ڇڏيو. سو مائٽ، منهانچرا ڇوڪرا ناٽڪ لاءِ ڪيي ڏيڻ کان ڪيهائيندا هٿا، ۽ درگداس جي هانهن ب ڏاڍي مشڪل ملي هين. هڪڙو ڪرستان پادري جو سمجهندو هو ته هندستاني اسٽيج تي آندل ڇوڪريون وٽشيائون ٽيندیون آهن، سو هيءَ ناٽڪ ڏسڻ آيوئي انهيءَ شرط تي ته ڪنهن ڇوڪريءَ کان زنانو پارٽ نه ڪرائيندا. پر درگداس کي دمينتيءَ جي ويس ۾ نزاڪت سان پارٽ ڪندو ڏسي اچي بگڙيو. چي مون سان ويساهه گهاتي ڪئي آٿو- هيءَ سچي ڇوڪريءَ آهي! نيٽ فرجي مهل اندر اسٽيج تي وئي وڃي، جڏهن درگداس جا ڪوڙا وار ۽ ڪوڙي ڇاتي لاهي ڏيکاريائونس، تڏهن مڙس کي ٺاپر آئي ۽ مورڳوئي داد ڏيڻ لڳو ته هن ڇوڪر واهه جو ڇوڪريءَ جو پارٽ ڪيو! هن ناٽڪ ۾ راجا نل جو پارٽ هيرانند سنتوڪرام وڪيل ڪيو هو، ستڳ جو سجانسنگهه جڳتياڻيءَ ۽ ڪلڳ جو ڪنولسنگهه ملڪاڻيءَ- جو صاحب هن منڊلي جو پهريون هدايتڪار (Stage Director) هوندو هو.

ڪالج نانڪ منڊليءَ جو پهريون مڪيه نانڪ نويس 'ديوان ليلارام وٽسمل' هو. سندس پهرين نانڪ 'مهابارت' تان ورتل ۽ قافيه دار نثر ۾ لکيل "هرشچندر" 1895ع ڌاري ڪيو ويو، جنهن ۾ راجا هرشچندر جو پارٽ بجاسنگ آڏواڻي، ۽ وشوامتر جو ڪنولسنگهه پاڻ ڪيو هو. هيءَ نانڪ تنهن کان پوءِ 1900ع ۾ ڇپايو ويو. ديوان صاحب جو "رامايڻ" (2 پاڳا) 1898ع ۾ ڪري ڏيکاريائون، جنهن ۾ سريلي راڳيندڙ حشمتراءِ لوڪسنگهه (ديوان جي پائٽي) رام جو پارٽ ڪيو هو، پر سيتا جو پارٽ اهڙو سٺو نه ٻيٺو هو. اِهي ٻئي نانڪ بيحد پسند پيا هٿا. ٻنهي ۾ اڻ ڄاتل وچن کي پاڻي ڏيڻ ڪري ڏرين کي تقدير رولا ٽي کارائي: هرشچندر رشي واشوامتر کي، ۽ دسرٽ راڻي ڪيڪئيءَ کي، آندا وچن تا ڏين (جو اُن زماني ۾ مريادا جو ڪم ليکبو هو)، ۽ نتيجو اهو ٿو نڪري جو هرشچندر راجائي وڃائي دربدر ٿو ٿئي، ۽ رام چوڏهن ورهيه بنواس ٿو پوڳي. "والميڪي رامايڻ" تان ورتل هڪ ٻيو به نانڪ "رام بنواس" نالي، مستر 'ڏيئومل گاڪنمل' (سوامي ديوانند) 1897ع ۾ لکيو هو، جنهن کي رام جي بنواس وڃڻ ۽ دسرٽ جي مرتيو تائين ختم ڪيو هٿائين، جنهن ساڳئي هنڌ 'ديوان ليلارام' جي "رامايڻ" جو پهريون پاڳو پورو ٿيو هو. اهو نانڪ قافيه دار نثر ۾ لکيل هو ۽ منجهس سهنجا سنسڪرت لفظ ڪتب آندل هٿا، پر تڏهن به شايد استيج تي ڪرڻ ۾ ڪونه آيو. "نل دمينتي" وانگر، 'ديوان ليلارام' جو "دروپدي" يا "پانڊوَ چرتر" (1905) پڻ مهابارت تان ورتل هو؛ ۽ جيئن هُن ۾ راجا نل، تيئن هن ۾ يڌشٽر، پنهنجو راج ياڳ ۽ گهر هار جوٽا ۾ هارائي انيڪ مصيبتن جو شڪار ٻڌجن ٿا، مطلب ته ڌاري راند بهاني، تقدير ٻنهي کي ڏڪ ٿي هٽي. هن نانڪ ۾ نائڪ جو پارٽ ديوان جي فرزند جيٺمل ڪيو هو، جو پوءِ ڳائڻ جي علم جو ماهر ٿي پيو.

'ديوان ليلارام' پهريون ٿي عالم هو جنهن دليان جوڙيل ۽ پنگتي نانڪ: "مهن تارڪا" (1896ع) ۽ "سورجن راڌا" (1897ع) لکيا جي پڻ ڪالج منڊليءَ وارن ڪري ڏيکاريا هٿا، جن ۾ حشمتراءِ نائڪ ۽ خوشيرام نائڪا جا پارٽ بخوبي ڪيا هٿا. هنن نانڪن ۾ پهريون دفعو نهايت نازڪ سماجي مسئلن جي اُپٽار ڪيل هٿي: پهرئين ۾ وڌوا وواهه (بيواهه - شادي) بابت، ۽ ٻئين ۾ ڌرم بدلائڻ (هندوءَ مان مسلمان ٿيڻ) بابت، جنهن ڪري بلڪل ڪامياب ثابت ٿيا هٿا. پر پوءِ 'ديوان صاحب' "سورجن راڌا" کي دڪ-اَنت مان ڦيرائي

سک- آنت بنائي ڇڏيو. جنهن ڪري وري چونڊرام زنانو پارٽ واهه جو ڪيو هو؛ ۽ جينمل ۽ موتيرام لعلواڻي (ديوان جا پٽ جي هٿي پوءِ بئريسٽر بنيا) نائڪ ۽ نائڪا جا پارٽ نزاڪت سان ڪيا هٿا ۽ ڳايو به سٺو هٿائون.

'ديوان ليلارام' (جنهن خالصا پنٿ جو پرڌان ٿيڻ کان پوءِ پاڻ کي ليلارام سنگهه سڏايو) کن نائڪن ۾ پنهنجي وڏي پاءُ لوڪسنگهه جو نالو پنهنجي نالي سان شامل ڪندو هو، پر هڏجي ٿو ته لوڪسنگهه خاص راڳ جوڙيندو هو، جي نائڪن جي ڪتابن ۾ زبانين سان گڏوگڏ ڇپيل هوندا هٿا. سندس عبارت پهرئين نجي سنڌي ۽ سليس سنسڪرت جي ملاوٽ واري هوندي هٿي، پر پوءِ سولا فارسي اکر به استعمال ڪرڻ لڳو هو. "هرشچندر" جي ديباچي ۾ اُن جو عذر ڏنو هٿائين ته:

"هن ڪتاب ۾ 'رامائڻ' وانگر رڳا نج سنڌي ۽ ياشا جا لفظ نه آهن. پر پارسي لفظ به دانستا وڌا ويا آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهو سوال پڇي ته دواپور يگ ۾ پانڊون ۽ ڪورون پارسي لفظ ڪيئن ٿي ڳالهايا، ته ان جو جواب اهو آهي ته هن سنڌي هولي به ڪانه ٿي ڳالهائي."

'ديوان ليلارام سنگهه' جي مٿين آڳاڻن توڙي پنگتي نائڪن ۾ گهڻو ٿڻو هيٺيان اداڪار ڪم ڪندا هٿا: نائڪ-حشمتراءِ لعلواڻي؛ نائڪا- خوشيرام ساڌواڻي؛ ۽ ٻيا مکيه پارٽ ڪنولسنگهه، سجانسنگهه ، جوتسنگهه ۽ ڪيئومل (پرمانند ميوارام جو نندو پاءُ) ڪندا هٿا، جن مان پويان ٻه مسخري جو پارٽ بخوبي آدا ڪندا هٿا- خاص ڪري "هرشچندر" ۾ بدوُشڪ جو پارٽ. ڪجهه سالن بعد "دروپدي" وري ڪيو ويو هو، جنهن ۾ نائڪ ۽ نائڪا جا پارٽ موتيرام گدواڻيءَ (مشهور ڳائيندڙ) ۽ موهن شهاڻيءَ (هڪ نئين لسڙات) ڪيا هٿا، ۽ اهو کيل اڳئين پيري کان بهتر ٻيٺو هو. انهن سيني اڪٽرن جو وڌيڪ ذڪر اڳتي هلي ڪبو.

هن نائڪن جي دؤر جو آخرين کيل هو 'ڪالياس' جو جگ پرسڌ شاهڪار "شڪنتلا"، جنهن جي صرف آصلوڪي رٿا قائم رکي، 'مرزا قليچ بيگ' 1896ع ۾ اُن کي سنڌي لباس ڏڪائي نئين سر لکيو هو، ۽ ساڳئي سال ڪالیج سوسائٽي ڪري ڏيکاري هو. هن هندکي نائڪ ۾، هن مسلم عالم، اهڙا ته سرل هندي لفظ ۽ اصطلاح ڪم آندا هٿا، جو نائڪ نويسيءَ جو اهو اهم اصول ثابت ڪري ڏيکاريائين ته نائڪ جي ڪردارن واتان بولي

اُها ڳالهائڻ ڪپي جا اُهي سياڻپ طرح پنهنجي جيوت ۾ ڳالهائڻ تي هريل هجن، ۽ نه اُها جنهن ۾ خود لکندڙ کي قابليت حاصل هجي. هن نانڪ ۾ به شڪنتلا، راجا دشينت وٽان ملیل مندي، هڪ ڪرودي رشيءَ جي سراپ ڏيڻ ڪري وڃائي ٽي ويهي، جنهن ڪارڻ ٽي ڪيس تقدير جي چپيٽ لڳي ٽي ۽ ڏک ڏولاوا سهڻا ٿا پون. هيءَ نانڪ ڪافي ڪامياب ٿيو هو جنهن ۾ خوشيرام ساڏواڻيءَ مينڪا ايچرا جو پارٽ هوُ بهوُ زناني آواز ۽ نزاڪت سان ڪيو هو، ۽ شڪنتلا جو پارٽ هڪ نئين ڇوڪرو موتي ڪرپالاڻيءَ ڪيو هو، جو پوءِ نائڪن جا پارٽ ڪندو هو.

## شيڪسپيئر تان رومانوي نانڪ- سيرت جو فلسفو

تنهن کان پوءِ ڪالیج جي نانڪ منڊلي 'شيڪسپيئر' ۽ ٻين انگريزي مصنفن تان ورتل نانڪ اسٽيج تي آڻڻ لڳي، جن جو مکيه لکندڙ 'مرزا قليچ بيگ' هو. 'شيڪسپيئر' زندگي جي اُن جهوني فلسفي جي برخلاف هو ته انسان تقدير جو ٻڌو ٻانهو آهي ۽ سندس ڪابه ڪوشش للاٽ جي لکڻي کي ميٽي نٿي سگهي. 'شيڪسپيئر' پنهنجا مڙئي نانڪ هن نئين اصول تي ٻڌا ته انسان جي قسمت سندس سيرت ۾ سمايل آهي، ۽ هو پنهنجن ڪرتوتن جي برڪت سان گهڻي قدر پنهنجي قسمت بنائي سگهي ٿو، - توڙي ڪن حالتن ۾ سيرت مٿان تقدير غالب پئجيو وڃي ۽ آخرين نتيجو مقدر جي هٿ ٿيو پوي. 'مرزا صاحب' جو پهريون 'شيڪسپيئر' جي Merchant of Venice تان ورتل نانڪ "حسنادلدار" (1897ع) هو، جو سڌو انگريزيءَ تان ترجمو ڪيو هٽائين. هن نانڪ ۾ سيرت جو مسئلو هيءَ ڏيکاريل آهي ته سچي عاشق جي دل ۾ جي لالچ نه آهي ته هو سوني ۽ روپي صندوق ڇڏي، شيشي جي صندوق پسند ٿو ڪري، جنهن جي ٿي اُجوري ۾ ڪيس دل گهري محبوبا ٿي ملي، ۽ سائس لاڻون لهي خير جي زندگي بسر ٿو ڪري. 'قليچ بيگ'، هن نانڪ جو ڏيهي زندگي ۾ اُلٽو اهڙي ته ڪاريگري سان ڪيو هو جو بنهه اصلي پي لڳو. هيءَ نانڪ جڏهن پهريون دفعو اسٽيج تي آيو هو تڏهن ڪيترن هندو بزرگن کي ڏاڍي ٺاهٽي لڳي هئي. اُنهي جو ڪارڻ هو ته shylock وياج خور کي مرزا صاحب يهودي ماڻ ڪيرائي هريداس ماروڙي بنائي ڇڏيو هو، ۽ ڪرستان واپاري Antonio کي لالا منسکلعل بنائي اهڙي ريت پيش ڪيو

هٿائين جو هو هندو رڳو نالي ۾ ٽي لڳو. سندس دوستي مسلمان دلدار (Bassanio) سان هئي ۽ هن جو اُٺ ويهڻ مسلمانن سان ٽي ٽيو- اُنهي سمي جي ڪٽر هندن واري چوت چات منجهس هئي ڪانه. اهڙي طرح 'مرزا صاحب' هن روماني ناٽڪ مان هندو - مسلم ميلاپ جو ترقي پسند مطلب ڪڍي ورتو، ۽ يهودي - عيسائي نفاق وارو اصلوڪو مطلب ڪڍي ڇڏيائين. هن ناٽڪ ۾ نائڪا حسنا (Portia) جو پارٽ خوشيرام ساڌوائيءَ ڪيو هو ۽ عاشق دلدار جو حشمتراءِ لعلوائيءَ، جي ٻئي رسيلا راڳيندڙ هوندا هٿا ۽ ليلارام سنگهه جي ناٽڪن کان وٺي، نائڪ -نائڪا جو پهريون مڪيه جوڙو هٿ ڪري "حشو-خوشي" نالي سان مشهور ٿي ويا هٿا. جوتسنگهه آڏوائيءَ جو مذاقي پارٽن لاءِ مشهور هوندو هو، تنهن هرگن مسخري جو پارٽ، "هرگن شاباس هجيئي" واري راڳ ۽ ناچ سان گڏ، اهڙو ڪاميابي سان ڪيو هو جو ماڻهو ڪلي ڪيرا ٽي پيا ۽ راڳ ٽي "ونس مور" ڪري ٽڪائي ڇڏيائونس.

"حسنا دلدار" 1905ع ۾ ٻيو دفعو وڌيڪ ڪاميابي سان پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ موتيرام گدوائيءَ نائڪ دلدار جو پارٽ ڪيو هو ۽ وشني هيراننداڻيءَ نائڪا حسنا جو. هن پيري هڪ ٻيو مذاقي ائڪٽر هيرانند آڏوائي نڪري نروار ٽيو، جنهن هريداس مارواڙي (Shylock) جي رول ۾ مذاق سان گڏوگڏ، ماس وڍڻ واري ڇهڇٽي ۾ ويو وٺڻ جو پاڻ اهڙي ته سياويڪ جوش ۽ جذبي وچان ظاهر ڪيو هو، جو هال مان مٺس جنسي گارين جا ٽهڪا پي پيا- جا پارٽ جي ڪاميابيءَ جي نشاني هئي! انهيءَ پارٽ ڪرڻ لاءِ پرنسپال جٽڪسن ۽ ديوان ديارام، جي سوسائٽي جا ڪائونسلر هوندا هٿا. هيرانند کي مبارڪون ۽ انعام ڏنا هٿا، باڪٽر جٽڪسن ته سندس پيٽ، معروف انگريز ائڪٽر Sir Henry Irving سان ڪٽي هئي! اهڙي طرح پهرئين ٽي پارٽ سان سندس نالو وڄي ويو ۽ هو پڪو ناٽڪي بنجي پيو. پوءِ ته هيرانند پوڄراج تي پيار وچان H.B نالو پٽجي ويو، ۽ سيگهه ٽي هو هدايتڪاري (Direction) ۽ ناٽڪي نمايشن (Production) جي هرفن ۾ قابليت حاصل ڪرڻ ڪري، سنڌي ناٽڪن جو سرتاج ليکجڻ ۾ آيو. مذاقي پارٽن ڪرڻ ۾ ته خاص طور ڪمال ڪري ڏيکاريندو هو.

'شيڪسپيئر' جو بهترين دکدائڪ ناٽڪ King Lear ، تنهن جو ترجمو به 'مرزا صاحب' "شاهه ايليا" (1900ع) نالي سان ڪيو ۽ فقط

مڪان ۽ نالا بدلائي مشرقي بنايائين. هن ناٽڪ ۾ به سيرت جو سبق اهو رکيل آهي ته ليئر يعني ايليا هيترا ڏک ڏاکڙا سهي ٿو ۽ آخر ديوانو ٿي ٿو پوي، سو سڀ هن ڪارڻ جو هيڏي شاندار بادشاهه هٿ جي باوجود، سندس سياڻ ۾ اِها هڪ هيٺائي آهي جو پنهنجو سمورو راج پاڻ اُنهن ٻن ڌيئن کي ورهائي ڏيئي ٿو ڇڏي جي سندس لنڊي خوشامند ٽيون ڪن، ۽ پاڻ لاءِ پيريءَ جي توشي طور پائي به نٿو رکي. نتيجو ڪهڙو ٿو نڪري جو ٻئي ڌيئون جن کي ورسايو هٿائين، سي پوڙهي پيءُ کي، پٽيان، پنهنجن درن تان هڪالي ٽيون ڪڍن؛ پر اُها ڌيءُ Cordelia جنهن کي ها ۾ نه ها نه ملائڻ ڪري ڪوڏي به ڪا نه ڏني هٿائين سا ٽي پاڻ وٽ آڇو ٿي ڏٺيس. هن جهوني سيرت نگاري واري ناٽڪ جو موضوع، چالو توڙي ايندڙ زماني جي مائٽن ۽ اولاد جي رشتي سان ڪهڙو نه ٺهڪي ٿو آڇي! اهڙا ٿي عالمگير (Universal) مسئلا جي دائما قائم آهن، ادب کي زمان ۽ مڪان جي ٻندڻن کان مٿي رکن ٿا ۽ اُن کي شاهڪاري جو درجو ڏين ٿا. پر افسوس جو اهڙو عاليشان ناٽڪ اسٽيج تي ڪامياب نه ٿيو. اُن جو مُکي ڪارڻ هيءُ هو جو اکر به اکر ترجمي ڪرڻ جي پابندي ڪري شيڪسپيئر جا اصولڪا اعليٰ ويچار، مرزا صاحب جي حد کان ٻاهر سليس سنڌي ۾، البت ڪُجسا پي لڳا؛ ۽ ڊگهين ۽ ڪڪ ڪندڙ زبانين ڪري ناٽڪ اثرائتو نه ٿيو. اُن جو ٻيو سبب هيءُ ٿو ٻڌڻ ۾ اچي ته سجانسنگهه جنهن شاهه ايليا جو پارٽ ڪيو هو، سو سياويڪ هڪ مذاقي ائڪٽر هٿ ڪري، اهو گنيير ۽ دڪدائڪ پارٽ پورو ادا نه ڪري سگهيو، نڪو پنهنجين طويل زبانين کي دلچسپ بنائي سگهيو. تنهن کان سواءِ جن چوڪرن ٽنهي ڌيئرن جا پارٽ ڪيا سي سڀا ائڪٽر نه هٿا، نڪو ناٽڪ ۾ راڳ سڀا وڌا ويا هٿا. مٽان وري قضا ڪارڻ، سوسائٽيءَ جو حيدرآباد ۾ سلاٽن جي پاڙي وارو ڪچ- سرو "پادشا هال"، تنهنجي پٽين پٽ، به پهرين رات ڪيل جي پچاڙيءَ ۾ ڏهي پيئي، ۽ اهو ناٽڪ وري ڪڏهن ٽيو ئي ڪين.

هن مندليءَ جو ٽيون ناٽڪ نڪو شيڪسپيئر جو هو نڪو مرزا قليچ بيگ جو ترجمو ڪيل هو. هڪ ٻئي انگريز ناٽڪ نويس شيريڊن جي جنگي ناٽڪ Pizzaro تان 'شيواسنگهه اجوائيءَ' "ڪنشٽ" (1902ع) نالي سان ترجمو ڪيو هو، جو رٽا توڙي عبارت جي لحاظ کان سنڌي ساهت جو ڳهٽو هو. اهو ناٽڪ به ساڳئي سال ساڳئي "حشو-خوشي" واري جوڙي سان

ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو ويو، پر ڪجھ سال پوءِ جڏھن ٻيو دفعو ڪري ڏيکاريائون، تڏھن ساڳيءَ اداڪارن جي بيھڪ ۽ گاني مان، عمر وڌڻ ڪري، رس جس اھڙو تہ نڪري ويو ھو جو ساڳيو ناٽڪ ناپاس ٿيو ھو- جنھن ڏسڻ جي بدنصيبي ھن لکندڙ کي حاصل ٿي ھئي!

پوءِ انگريزي ناول نويس 'لارڊ لٽن' (جو ڪجھ وقت ھندستان جو وائسراءِ ھو) جي Night and Morning تان ورتل اُردو ناٽڪ "ليل ونھار" جو، مرزا قليچ بيگ "فيروز دل افروز" نالي 1905ع ۾ ترجمو ڪيو ھو، جنھن مان ھڪاءَ ٿي چالو زماني جو پي آيو ۽ خلق ۾ بيحد قبول ٿيو ھو. ڳالھ توڙي شھر بغداد ۾ بيھاريل، نوابزادن ۽ خانداني اُميرن جي ھئي، پر ڪردارن ۾ انسانيت جا جذبا پريل ھٿا، ۽ زندگي جو نقش اھو چٽيل ھو جو روز مرھ ڏسبو آھي. ھن ناٽڪ ۾ رومانيت سان سات سات، حقيقي زندگي جا ڪارناما پڻ چٽيل ھٿا، جنھن ڪري نگاري وارو کيل چٽي سگھجي ٿو. ھڪ عجيب ڳالھ آھي تہ قليچ بيگ جا مغربي ڪتابن تان اُلٿو کيل ناٽڪ سڀ ھندستاني زندگي ۾ بيھاريل ھٿا، پر سندس ڪنھن بہ وڏي ناٽڪ ۾ سنڌي ماحول ۽ ڪردار ڏيکاريل ڪونہ ھٿا. سندس ڪن ننڍن ناٽڪن ۾ سنڌي ماحول آندل ھو، جن جو ذڪر ننڍي ناٽڪ واري فصل ۾ ڪبو. "فيروزدل افروز" ۾ ناٽڪا دل افروز جو پارٽ ڳيرو چوڪر موھن شھاڻيءَ (جو پوءِ جواني ۾ ٿي سلھ جو شڪار ٿي ويو) بيحد حسن ۽ نزاڪت سان ادا ڪيو ھو ۽ راڳ بہ نھايت مڌر آواز سان ڳايا ھٿائين. پھرئين منظر ۾، جڏھن دل افروز، چھ چھ بغيچي ۾، سنگمرمري ٽنيي تي ٽيڪ ڏيو چپ چاپ ڪڙي ھئي ۽ اکيون بہ نٽي ڇنيياٿين- گويا منظر سان ميل ڪائي خود ھڪ سنگمرمري مجسمو بنجي پيئي ھئي- سو اندر ۾ اھڙو ڇيي ويو جو عمر ۾ وسرڻ وارو ناھي. جھوني ناٽڪ موتيرام گدواڻيءَ فيروز جو پارٽ ڪيو ھو ۽ اُھو بہ گاني ۾ اُستاد ھو. ھمايون جو نيڪ نيت پارٽ ڏيئلمل لعلواڻيءَ نھايت صداقت سان ڪيو ھو ۽ پھرئين ٽي پيري سان نالو ڪڍيو ھٿاين. ماستر تيجومل شھاڻيءَ جو پوءِ پرنسپال ٿيو، تنھن ھڪ جعلي سڪي ساز جو پارٽ اھڙو تہ حرفت بازي سان ڪيو ھو، جو مورڳو تنھن کان پوءِ ڏينداڻي بدمعاش (Villian) جا پارٽ ھٿا. لعلچند امر ڏنيمل ھڪ اشراف باغي سڪي ساز جو پارٽ سچائي سان ڪيو ھو تہ پوءِ ھن کي ڏينداڻي اشرافت جا پارٽ ھٿا. نمڪ حلال نوڪر اشرف جو

پارٽ پهلاجراءِ ڪرپالانيءَ اهڙو سنو ڪيو هو ۽ جو تاڙين جا ڦهڪا پٽجي ويا هٿا. باڪٽر چوٽٽرام اشرف جي انڊيءَ زال جو پارٽ اهڙو ته ڪمالين سان ڪيو هو جو ماڻهن ۾ واهه واهه پٽجي ويئي هئي. هيرانند آڏوانيءَ وري به لالچي سوداگر جواهر خان جو مسخري وارو پارٽ ڪيو ۽ پوڙهي شخص جي نوع ۾ "آيو ڪي خيال ۾" واري تڪ هر هر ڏهرائي، ماڻهن کي ڪلائي ڪلائي پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيائين.

'شيڪسپيئر' جو ٽيون نانڪ جو 'مرزا صاحب' سنڌي ۾ آندو سو Cymbeline هو جنهنجو نالو "شمشاد مرجان" رکيائين ۽ 1908ع ۾ ڪاميابي سان ڪري ڏيکاريو ويو پر ڇپايو ڪو نه ويو . هن نانڪ ۾ سيرت جي ڪچائي اها ڏيکاريل هئي ته اُبهرو عاشق، پوري تحقيقات ڪرڻ بنان، معشوق جي سچائي ۾ شڪ ٿو آڻي ۽ آخر وڇوڙي جو دک ٿو پائي. هن ۾ به نانڪ ۽ نانڪا جا پارٽ ساڻئي موتيرام گدوانيءَ ۽ موهن شهانيءَ واري جوڙي نهايت سچائي ۽ نفيسائي سان ڪري ڏيکاريا هٿا. هن نانڪ سان، ٻئي ڪنهن نانڪ مان ڪڍيل ڪلائيندڙ نقل (bye-plot) ملايل هو، جنهن ۾ هيرانند آڏوانيءَ پاڳل شهزادي جو پارٽ ڪيو هو، جو هڪ نقلي حور جي پٺيان پٽي پاڻ کي ڦرائي ٿو. حور جو پارٽ جهمٽ ياونانيءَ دلڪش ڍنگ سان ڪيو هو، ۽ "هائوڙي هائو، هليو حور کي وڻڻ آهي- شڪل نه ڪهڙي آهي، جاهل جي جاهل آهي" وارو گانو جو ڳايو هٿائين (جنهن ۾ هيرانند جواب ۾ ٻه ٽي سٽون دليان ناهي وڻايو هوس)تنهن ماڻهن کي مست ڪري ڇڏيو هو، ۽ ڪيترا ڀيرا وري وري ڳارايو هٿائونس. اهو راڳ تنهن کان پوءِ ڪيترا مهينا حيدرآباد جي شاهي بازار ۽ گهرن ۾ پيو ڳائبو هو. هيرانند پنهنجل پارٽ ورلي ياد ڪندو هو، پر بردباريءَ سان اسٽيج تي چڙهي پوندو هو، ۽ پاسن کان جو پارٽ ياد ڏيارينڊڙ (prompters) لڪا بيٺا هوندا هٿا تن جا اکر جهڻي، اوٽ تي پنهنجا اکر ملائيندو، جملا وڌائيندو ويندو هو. ڪيترا چرچا مسخريون، جي نڪي ڪتابن ۾ لکيل هوندين هيون نڪي پرٽڪٽس مهل ڪندو هو، سي نانڪ هلندي هلندي نه پهه خيال ۾ اچي ويندين هيس ۽ ناظرين ۾ ٽهڪڙو مچي ويندو هو. "شمشاد مرجان" ختر ٽيڻ سان مرزا قليچ بيگ، جو سوسائٽي جو ڪائونسلر پڻ هو، انگريزيءَ ۾ تقرير ڪندي ۽ هيرانند جي پارٽ جي ساراهه ڪندي چيو: "هيرانند آڏوائي ته جائي جم ڪان بيوقوف (Born fool)

آهي،" مطلب هوس ته مسخريءَ جي پارٽ ڪرڻ ۾ جمندي جام آهي، پر انگريزيءَ ۾ مورگو گار ٽي پيٽي! هن ناٽڪ مان پاڳل شهزادي ۽ حور وارو مذاقي نقل ڪڍي، گهٽو پوءِ ڪراچيءَ ڪاليج جي هڪ سالياني جلسي تي مون شاگردن کان ڪرايو هو، جنهن ۾ خلق کي جام ڪلايو هو.

'مرزا صاحب' جو چوٽون 'شيڪسپيئر' تان ورتل ناٽڪ "عزيز ۽ شريف" (1909ع) هو جو Two Gentlmen of Verona جو ترجمو هو. اُن جي عبارت سهڻي ۽ عالماڻي هئي ۽ منجهس ٻٽيءَ معنيٰ وارا ايهام (puns) هوشياريءَ سان ڪم آندل هئا، پر تنهن هوندي به ناڪامياب ٿيو هو؛ ڪاوڙ ته توڙي منجهس ساڳئي موتيرام گدواڻيءَ ناٽڪ جو پارٽ ڪيو هو، پر هڪ نئين لسڙات موتي جهانگياڻيءَ ناٽڪا جو رول ڪيو هو، جنهن جو جوڙو پورو ميل کائي نه سگهيو. هيرانند، مسخري نوڪر فتني جو پارٽ ڪيو هو؛ گيانچند ٽڏاڻي ۽ دريانومل سدارنگاڻي هڪ مسخرن جو جوڙو هوندو هو، جن ۾ چرچن گهڻ سان وندرايو، ۽ گيانچند ته ڳائڻ ۾ به قابل هوندو هو؛ پر تنهن هوندي به ناٽڪ ٻوڙو ڪوٺ هاريو.

'شيڪسپيئر' جي مشهور روماني ناٽڪ Romeo and Juliet جو ترجمو به 'مرزا صاحب' "گلزار ۽ گلنار" نالي سان 1909ع ۾ ڪيو هو. اَصلوڪي ناٽڪ ۾ جوشيلا عاشق، عشق جي اَنڊ ۾ سڌ ٻڌ وڃائي، تحمل کي طلاق ڏيئي، جولان ۾ هڪ ٻئي پٺيان پاڻکي ماري تا ڇڏين. پر 'قليچ بيگ' هن ناٽڪ جي پڃاڻي کي مڙوڙو ڏيئي. عاشقن کي آخر ۾ ملائي، دک - اَنت مان سک- اَنت بنائي ڇڏيو هو؛ جنهن ڪري شيڪسپيئر جو اخلاقي سبق ته اهڙا اُبهرا عاشق ڪڍهن به سکي نه ٽي سگهندا، سو 'مرزا صاحب' صفا ميساري ڇڏيو هو. تنهن کان سواءِ، منجهس جيڪي ڪُليا ڪُلا يا عشق بازيءَ جا چهچٽا ۽ زبانيون هيون، تن تي سوسائٽيءَ جي ڪائونسلرن اعتراض اُٺاريو. جنهن ڪري هيءَ هڪڙو ٽي ناٽڪ هو جو ڇپايو به ويو، پر اسٽيج تي ڪڍهن به ڪرڻ ۾ نه آيو، ۽ منڊليءَ جي ڇپائيندڙن ، ايس- جي - ڪو آپريٽو سوسائٽيءَ وارن جي گدامن ۾ هن ناٽڪ جا آڻ جلد ٻڌل فارم اُڏوهيءَ کائي ختم ڪري ڇڏيا.

'آغا حشر' جو خلق- پسند اُردو ناٽڪ "خوبصورت بلا" (جو اصل 'شيڪسپيئر' جي ڪنهن ناٽڪ تان ورتل ڇيو ٽو وچي" ته نجو ترجمو 'مرزا قليچ بيگ' "نيڪي ۽ بدي" جي سري سان 1911ع ۾ ڪيو، جو سندس

نهايت دلپسند ناٽڪن مان هڪڙو ثابت ٿيو ۽ "فيروز دل افروز" وانگر اهڙي شهرت حاصل ڪيائين، جو اُهي ٻئي ڪيل ور ور ڏيئي ٻين ناٽڪ مندلين ۾ ڪيترو پوءِ ڪري پي ڏيکاريا. عصمت بانو (نيڪي) جو پارٽ ڏيئلمل لعلواڻيءَ نهايت صداقت سان همدرداني نوع ۾ ڪيو هو. هوڏانهن شاهه بانوُ (بدي) جو پارٽ هڪ نئين نوجوان ڏرمداس ڇهلاڻيءَ اهڙي ته شوخي ۽ ڪٻورتا سان ڪيو جو هو جنسي ظلم ۽ دغابازيءَ جو روپ ٿي پيو. هن ڪيل ۾ ناٽڪ - نائڪا جو بهترين جوڙو "ڇيٽو-موتي" نڪري نروار ٿيو، جنهن ناظرين جي دلين ڪي موهي وڌو. ماستر ڇيٽمل جنهن معشوق جميلہ جو پارٽ ڪيو تنهن ڪي، (موهن شهاڻيءَ وانگر) شڪل شبيهہ ڪانہ هوندي هئي، بلڪ گهاٽيون مڇون پڻ رکائيندو هو؛ پر هو هڪ معشوق طبع انسان هو، ۽ جڏهن سنوارت ڪرائي زنانو لباس پهري، رنگ روپ ڪري منچ تي، چڙهندو هو ته گويا ڊيل واري چال هلندو هو، حور وارو ناز انداز هوندو هوس، ۽ سندس ڳالهائڻ خواهہ ڳائڻ واري آواز ۾ مرلي وارو ميٺاج ۽ سوز پريل هوندو هو. موتي ڪرپالاڻيءَ (پهلاجراءِ ڪرپالاڻي جو نندِو پاءُ) جنهن عاشق سرفراز جو پارٽ ڪيو سو ته قدرتاً ناهوکو، حسين نوجوان هوندو هو، ۽ ڳائيندو به مٺو هو ته پارٽ ۾ چگو آٿرائتو ڪندو هو. پر آفسوس جو اهي ٻئي جوان، ۽ ٽيون ڏرمداس ڇهلاڻي، جن هن هڪڙيئي ناٽڪ ۾ ڏاکو ڇمايو، سي سگهو ٿي پوءِ (موهن شهاڻيءَ جيان) سلهہ ۽ ڪن قاتل بيمارين جو شڪار ٿي جواني ۾ ٿي گذاري ويا- گويا ڪاليج سوسائٽي جي هٺهار اداڪارن تي ڪو گرهہ ويڻل هو جو ويچارا جالياڻي ڪين! تيجومل شهاڻيءَ ظالم عماد جو پارٽ ڪيو هو، پاڳسنگهہ آڏواڻيءَ لالچي گرگين جو، لعلچند امرڏنيمل شريف شفيق جو، ۽ هيرانند آڏواڻيءَ ڪريم بورچيءَ جو، جنهن ۾ به پنهنجي عجيب غريب چرچن مسخرين سان اهڙا ته ٽهڪ ڏياريا هٿائين جو پيٽن ڪي هٽ ڏيو ويٺا هٿاسون. هن ناٽڪن جي هڪ وڏي ڪشش اها هوندي هئي، جو اُردو ۽ گجراتي ناٽڪن جي رواج موجب، نندڙن اسڪولي شاگردن کي سهڻيون ڇوڪريون بنائي سهيلين جي ٽولي ڪيندا هٿا، جي نائڪا سان گڏجي ڪورس راڳ پيون ڳائيندیون هيون ۽ سندس عاشق بابت ڪيس بنائيندیون ۽ ڇيڙائيندیون هيون. اُنهن مان ڪي ڇوڪرا چالاڪيءَ سان سهيلين جا پارٽ ڪندا هٿا ته ايندڙ ڪيلن ۾ نائڪائن بنجڻ جو اضافو ملندو هون، جنهن جا

مثال موتي ڪرپلاڻي ۽ جهمت پاونائي هٿا.

ڪن سالن بعد، 1916ع ۾ جڏهن "نيڪي ۽ بدي" وري ڪيو ويو، تڏهن موتي ۽ ڏرمداس گڏاري ويا هٿا. پر جينمل اڃا حيات هو. سو هدايتڪار هيرانند سان پڙ ڪڍي بيٺو، چي زنانو پارٽ ڪري مان ڪڪ ٽي پيو آهيان. هن پيري عاشق جو رول به آزمائي ڏسان. تنهن تي هيرانند ڪيس ته سرڳواسي موتي ڪرپالاڻيءَ جو پارٽ ڏنو، پر هن بندي تي به ڪري سرڳواسي ڏرمداس جو خوبصورت بلا وارو زنانو پارٽ مڙهيائين. هاڻي، هن کان اڳ ڪن اسڪولي جلسن تي، مون انگريزيءَ ۾ ڪي مردانا پارٽ چڱا ڪلائيندڙ ڪيا هٿا، پر دمينتيءَ جو زنانو پارٽ فقط هڪ دفعو چڱيڙو ڪري ويو هوس، جڏهن سرڪاري هاءِ اسڪول لاءِ فنڈ ڪٺو ڪرڻ واسطي، 1912ع ۾ "نل دمينتي" ناٽڪ پادشاه هال ۾ ڪري ڏيکاريو هوسون. اسڪولي زندگيءَ ۾، ڪاليج منڊليءَ جي بانيڪارن ناٽڪا جو پارٽ ڪرڻ لاءِ ڪيترا دفعا منهنجن ماٽين کان منهنجي ٻانهن گهري هٿي پر انهن انڪار ڪيو هو- ليڪن هاڻي ته مان پاڻ ڪاليجي جوان هوس، سو لاچار اهو زنانو پارٽ قبول ڪيم. پر ڪيڏانهن نازڪ دل، وفاداري ۽ دمينتي، ڪيڏانهن شوخ طبع نانگڻ شاهه بانو! پوءِ ته اُستاد هيرانند گهٽوٽي پارٽ سيکاريو، ۽ مون به گهٽوٽي جاچيو هو ته ڏرمداس شوخ چهرو هينئن بنايو هو ۽ ڪڙڪ آواز ۾ ڪيئن ڳالهايو هٿائين؛ پر منهنجي طبيعت مان اُها تند مزاجي ۽ سنگدلي نه نڪري نه نڪتي، ۽ انهيءَ جهڙو ردي رول مون سڃيءَ جمار ۾ ڪونه ڪيو، جنهن لاءِ اڄ تائين شرمسار آهيان. بس، زنانا پارٽ ڪرڻ کان بانهنءِ پري ڇڏيم. هوڏانهن جينمل جي نفيس سياءَ مان به مرداني فلڪ ۽ حشمت ڪانه پيدا ٿي ۽ عاشقاڻو پارٽ به معشوقاڻي نوع ۾ ڪيائين. سو جيتوڻيڪ هيرانند پنهنجو ڪريم بورچي وارو رول واهه جو ڪيو، تنهن هوندي به اسان ٻن "نيڪي ۽ بدي" ناٽڪ جو هميشه لاءِ ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو! هن ناٽڪ مان ڪريم بورچي وارو مذاقي حصو ڪڍي، 1923ع ۾ ٽئگور ناٽڪ منڊلي جي مهورت تي مون ڪيو هو، جنهن جو ذڪر جوڳيءَ جاءِ تي ڪبو؛ ۽ ڪي سال پوءِ ڪراچي ڪاليج جي هڪ اُتسوَ تي مون شاگردن کان ڪرايو هو، جن ٻنهي موقعن تي ڪريم بورچي جو پارٽ مان چگو ڪري ويس، چو جو انهيءَ رول ۾ ايتري مسخري پريل آهي جو ڪو به چگيرڙو ائڪٽر اُن ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو.

'مرزا قليچ بيگ' جو آخرين شيڪسپيئر تان ورتل ناٽڪ "شهزادو بهرام" (1914ع) هو، جو شاهڪار Hamlet تان مسلمانڪي زندگي ۾ اُلٿو ڪيل هو، هن ناٽڪ ۾ شهزادي هٿمليٽ جي سيرت منجهه هيٺائي هيءَ آهي، جو هو چاچي کان پيءُ جي خون جو بدلو وٺڻ جي اُگري فرض ڪرڻ کان پيو ڪيٻائي، ۽ سمورو وقت من جي مونجهه ۽ سڪٽن انسٽن ۾ ٿو گنوائي. هو صرف فيسلوفانا ويچار ڪري ٿو، ڪانشس ڪارج کو به سڌ نٿو ٿئي، جنهن ڪري انتظار ۽ دک، ۽ آخر موت سهي ٿو، ۽ پنهنجي چوڌاري به بربادي آڻي ٿو. هيءَ ناٽڪ جهڙو ٿي انگريزي ۾ غمناڪ آهي تهڙيائي سنڌي ۾ اُن جي افسوسناڪ حالت ٿي - ۽ سو به هن بندي جي بدولت! ڪجهه مدت کان ڪالیج برامٽڪ سوسائٽيءَ جي نوَن ۽ جهونن شاگرد ميمبرن ۽ ڪائونسلرن جي وچ ۾ تڪرار هلندا پيو آيا. 1917ع ۾ مان ڪراچي ڪالیج ۾ جوُنئر بي- اي- پڙهندو هوس، اُنهن جهگڙن مٿائن لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهيسون، جنهن تي مون کي شاگرد سيڪريٽري ڪري چونڊيائون، ۽ ماستر ريجهومل سدارنگاڻي، جو ڪيترن سالن کان هڏوڪي سيڪريٽري هوندو هو، تنهن کي وري به غير- شاگردن پاران ساڃيو عهدو ڏنائون. اسان ٻنهي ته گهٽيائي ڪوشش ڪئي نفاق دور ڪرڻ جي ۽ ڪنهن نئين ناٽڪ ڪري ڏيکارڻ جي. آءٌ ڪهندو ويس ٽنڊي ٿوڙهي ۾ مرزا قليچ بيگ جي حويليءَ تي، جنهن صاحب ڪيڪار ڪري "شهزادو بهرام" جو دستخط ڪيل حوالي ڪيم ته پلي وڃي ڇپايو ۽ ڪري ڏيکاريو، ۽ سوسائٽيءَ کي زندهه رکو. پر ڪمر نصيبان، منهنجو پير منڊليءَ لاءِ ڳوڙو ثابت ٿيو؛ ڇو جو ڪيتريءَ مٿاڪٽ کان پوءِ به اهو ناٽڪ ته ڪونه ڪري سگهياسون، پر اُلٿو سوسائٽي ٿي اُن سال سمينجي ويئي ۽ ٽپڙ ويڙهي رکڻا پيا. پچاڙيءَ ۾ جو پنهنجو نئون پڪو ماندوو، ڪاري ڦردي واري رستي تي اڏورو آڏايو هٿوسون، سو به ڀڄي ڀري نابود ٿي ويو. 1894ع کان 1917ع تائين ٽيويهن سالن جي عرصي ۾، هن منڊليءَ اٽڪل 15 ناٽڪ ڪري ڏيکاريا ۽ سنڌ ۾ ناٽڪ ڪاريءَ جو پايو وڌو. پر جيئن انسان جي عمر آخر ختم ٿئي ٿي، تيئن تنظيمن مٿان به آخر اجل نازل ٿئي ٿو. پوءِ جيڪي جماعتون پنهنجي اوج واري ايام ۾ ڪي ياد ڪرڻ قابل ڪارناما ڏيکارين ٿيون تن جو موت سرهو ٿو ٿئي؛ ڇو ته حدحد پکيءَ وانگر، اُنهن جي هائيءَ مان وري نيون جماعتون اُپري اُٿن ٿيون، ۽ اهڙي طرح ڪارج

جي لاٽ ٻرندي رهي ٿي.

'مرزا قليچ بيگ' جا پويان ٻه ناٽڪ هٿا: "جمشيد حميده" (1918ع) جو شايد شيڪسپيئر جي As you like It تان ورتل هو، ۽ "موهني" (1924ع) جو مشهور اُردو ڪيل "شريمتي منجري" تان ڪنيل هو ۽ منجهس هندو- مسلم اتحاد جو مسئلو رکيل هو. هن مان پهريون ناٽڪ ڪنهن منڊليءَ ڪري ڏيکاريو هو جنهن جو نالو هٽ ڪونہ آيو آهي، ۽ ٻيون حيدرآباد ڪالج ۽ ڊرامٽڪ سوسائٽي پيش ڪيو هو.

چالو صديءَ جي شروعات ۾ پيرومل مهر چند "حرص جو شڪار" ناٽڪ لکيو هو، جو شيڪسپيئر جي تاريخي ناٽڪ King John جي اُردو ترجمي تان ورتل هو، پر ڪڏهن اسٽيج تي ڪيو ڪونہ ويو.

## ٻيون جهونيون ناٽڪ منڊليون

ٻي جهوني ناٽڪ منڊلي هوندي هئي شڪارپور واري ڏرمہ اُپڪار امپچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي، جا 1897ع ۾ برپا ٿي هئي ۽ جنهن جو روح روان 'ديوان ناڪرداس ناگرائيءَ' هوندو هو. ۽ جنهن لاءِ ڪي ناٽڪ پاڻ لکندو هو ۽ راڳ پڻ ٺاهيندو هو- پهرئين سال گاڳنسنگهہ آتما سنگهہ آڏوائيءَ جو "شڪنتلا دشينت" ناٽڪ شڪارپور ۽ سکر ۾ ڪري ڏيکاريو هٿائون، جو 1898ع ۾ ڇپايو ويو. لکندڙ هن ناٽڪ ۾ جيڪي راڳ وڌا هٿا سي هندستاني، مرهائي، سنڌي، بلڪ انگريزي طرزن تي ٺاهيا هٿائين. پوءِ سنڌ ڪالج منڊليءَ جو ليلارامسنگهہ جو پنگتي ناٽڪ "موهن ناڪا" ڪري ڏيکاريائون، جنهن ۾ نائڪ جو پارٽ نچوسنگهہ ڪيو هو ۽ نائڪا جو ڪيولرام جماٽي. مهراج تيجبانداس هن منڊلي جو قابل هدايتڪار ۽ ڪمالیت وارو مذاقي ائڪٽر هوندو هو، جنهن جي پيٽ ٻنهي حيثيتن ۾ ڪالج منڊلي جي ايڇ- بي- آڏوائيءَ سان ڪري سگهجي ٿي. 1899ع ڌاري هن منڊلي ليلارامسنگهہ جو "هرشچندر" ڪيو هو، جنهن ۾ نائڪ لالسنگهہ مدنائي بنيو هو پر نائڪا ساڻيو ڪيولرام ٿيو، ۽ تيجبانداس زنانو مسخريءَ جو پارٽ ڪيو هو. ٻن ٽن سالن بعد مرزا قليچ بيگ جو "شڪنتلا" ڪري ڏيکاريائون، ۽ تنهن کان پوءِ ديوان ناڪرداس جو "چندراولي"، جن ۾ به گهٽو ڪري ساڻين اداڪارن ڪم ڪيو هو. 1914ع ڌاري ديوان ناڪرداس جو "تراچلتر"

ڪري ڏيکاريائون، جو شيڪسپيئر جي Hamlet تان ورتل هو ۽ منجهس ناٽڪ لالسنگهه بڌيو هو، پر ناٽڪا ٻيو هڪ ايڪٽر خانوراءِ پٽ ٿيو هو. تيجبانداس مذاقي مرد جو پارٽ ڪيو هو ۽ مذاقي عورت جو مهراج پهلاجراءِ. هن سوسائٽيءَ جو آخرين سنڌي ناٽڪ "ڊاڪٽر شام نارائڻ" هڪ پنگتي ڪيل هو جو گاگنسگهه لکيو هو، جنهن ۾ ناٽڪ ۽ ناٽڪا جا ويس لالسنگهه ۽ ڪيولرام ڪيا هٿا، ۽ ٻه مسخرن جا پارٽ تيجبانداس ۽ تلسيداس مسند ڪيا هٿا.

هيءَ منڊلي اُردو زبان ۾ قابليت سان ڪيل ڪري ڏيکاريندي هئي، جن مان مکيه هٿا: آغا حشر جا "بلوا منگل" ("سورداس") ۽ "سفيد خون" (King Lear)، ۽ ماسٽر رحمت جا سنسني خيز ڪيل "محبت ڪا قول"، "جلاد عاشق" ۽ "درد جگر"، جن ۾ سندن مکيه نوجوان ايڪٽر هوندا هٿا: جينانند ناگرائي (ناٽڪ)، پرسرام بولاخائي (ناٽڪا) ۽ هرومل مدنائي (لچ). هيءَ سوسائٽي پنهنجا ناٽڪ چمن، ڪوئٽا، ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ به ڪٽي ويندي هئي، جن مان هڪڙو هن لکندڙ به حيدرآباد ۾ ڪاليج سوسائٽيءَ جي اسٽيج تي، اُنهن جي سينريءَ سان ڪيل ڏٺو هو، جنهن جو نالو توڙي وسري ويو آهي پر مهراج تيجبانداس جو ڪمالیت وارو پارٽ وسرڻ جو ناهي. اهي ناٽڪ، اُن زماني جي رواج موجب، اڪثر خون خرابيءَ ۽ گهمساني حادثن سان پرپور هوندا هٿا- ۽ انهي ئي ڪارڻ خلق ۾ پسند پوندا هٿا، جيتوڻيڪ اها فني لياقت شمار ڪري نٿي سگهجي. شڪارپوري راڳ جا ڪوڏيا ۽ قابل آهن، سو سندن ڪيل به موسيقيءَ کان مشهور هوندا هٿا ۽ هر ڪو ايڪٽر ٿي چار گانا ته اوس ڳائيندو هو. هن منڊليءَ جي ناٽڪن ۾ شڪارپور جا معزز واپاري، وڪيل، ڊاڪٽر، جج، سڀ پارٽ ڪندا هٿا.

ٽين جهوني ناٽڪ منڊلي 'حيدراباد پليبرس ڪلب' هئي، جنهن 1905ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو جهونو ناٽڪ "خورشيد" (جو ڪاليج منڊليءَ نه ڪيو هو) بخوبيءَ ڪري ڏيکاريو هو، جنهن جو ذڪر اڳي ڪيل آهي. اها منڊلي باقاعدي ناٽڪ ڪانه ڪندي هئي، پر بعضي بعضي، سڀ ساروُ، ڪاليج سوسائٽيءَ جا ڪي مشهور ڪيل حيدرآباد توڙي ڪراچيءَ ۾، ڪري ڏيکاريندي هئي. اُنهن ۾ حيدرآباد جا برڪ وڪيل، جهڙوڪ هيرانند سنتوڪرام، جيٺسنگهه نارائڻسنگهه، سنتداس منگهارام، پرسرام هرداسمل، لوڪومل گوبند بخش، حشمتراءِ پال، وليرام آئلمل، جيٺمل ليلارام سنگهه،

وغيره پارٽ ڪندا هئا. ۽ ڪالیج منڊلي جي ڪن اداڪارن کان بہ ڪمر ورتو ويندو هو. جيئانند پرياڻي جو "نل دمينتي" 1908ع ڌاري ڪيو هئائون، جنهن جي هن بندي ڪي تنڊپڻ جي سانير آهي تہ نل (فتحچند بجاجسنگهہ) جو بيحد ستائڻ ڏسي، بيحد دک ٿيو هو تہ آخر هي؛ بدمعاش ڇوڙي؛ بي ڏوهي عورت کي هيترو ڇو ڇيو آزاري! پر تڏهن پتو نٿي پيو تہ اها بہ جيئسنگهہ وڪيل جي ڪارگر اداڪاري؛ جي نشاني هئي. هن نائڪ هلندي اسٽيج تي هڪ حادثو ٿي پيو هو؛ پردن پٽيان هڪ ڪاريگر، جو نقلي بادلن مان نقلي بجلي؛ جو تاثير پيدا ڪري رهيو هو، تنهن کان اتفاق سان باروت ڦاٽي پيو ۽ سندس هٿ زخمي ٿي پيو، جنهن ڪري ڪلاڪ کن لاءِ ڪيل مهمل ڪرٽو پيو هو. هن منڊلي؛ 1919ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو "عزيز ۽ شريف" ڪري ڏيکاريو هو، جو ڏهہ سال اڳ ڪالیج منڊلي؛ ناڪامياب ڪيو هو. پر وڪيلن جي هٽن ۾ ساڳيو نائڪ اثرائتو بنجي پيو ۽ حيدرآباد توڙي ڪراچي؛ ۾ ڪل پنج راتيون ڪري ڏيکاريو ويو. منجهس بن سکر دوستن (Two Gentlemen) جا پارٽ جيئسنگهہ ۽ جيئمل ليلارامسنگهہ ڪيا هئا، جهمٽ پاوناڻي؛ نائڪا جو، وليرام آتلمل بدمعاش جو ۽ ميوارام وڪيل مسخري جو- مڙني قابليت سان پنهنجا رول ادا ڪيا هئا.

چوٽين جهوني نائڪ منڊلي لاڙڪاڻي ۾ 1907ع ڌاري 'چاندڪا اميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي' نالي برپا ٿي، جنهن جو نائڪ نويس هن نٽين جڳ جو اڳواڻ ڪوي 'ڪشنچند بيوس' هو، جنهن ٿي اُن جا جا سپ ڪيل جوڙيا هئا. هن منڊلي؛ جو پهريون نائڪ "خوبصورت بلا" آغا حشر جي ساڳئي نالي واري اُردو نائڪ تان بيوس صاحب سنڌي ۾ آندو هو، (جو مرزا قليچ بيگ بہ "نيڪي ۽ بدي" نالي سان ڪالیج منڊلي؛ لاءِ ترجمو ڪيو هو). هي؛ ڪيل 1907ع ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ نائڪ جو پارٽ ديوان مولچند پنجواڻي؛ ڪيو هو، جو هڪ اثرائتو ڳائيندڙ پڻ هوندو هو. نائڪا جو پارٽ ٽهلرام ٽنورملائي؛ ڪيو هو، بدمعاش جو لڇيرام لاهوري؛ ۽ مسخري جو مهاراج ڪندن. هن ڪيل جي، مشهور قومي اڳواڻ ۽ ايڊيٽر ويرومل بيگراج ڏاڍي واکاڻ ڪئي هئي. ٻيون ڪيل "بلوا منگل" هو جو پڻ آغا حشر جي نائڪ تان ورتل هو (جيڪو پوءِ حيدرآباد اميچوئرس سوسائٽي؛ لاءِ نانڪرام ڏرمداس "پريم يڳتي" نالي سان ترجمو ڪيو هو) هي؛ نائڪ 1908ع ۾ ڪري ڏيکاريائون ۽

منجهس سورداس جو پارٽ ديوان مولچند ڪيو هو ۽ چنتامڻيءَ جو گوبند ناٽائيءَ، جو به سڻو ڳائيندڙ هوندو هو. ڪرشن جو پارٽ جيرامداس ڪيو هو، جو پوءِ رول رام پنجوائيءَ ڪيو هو. 1909ع ۾ بيوس جو "راجا هرشچندر" ڪري ڏيکاريائون (جو ديوان ليلارام سنگهه به ڪاليج مندلي لاءِ لکيو هو). هن ۾ به نانڪ جو رول وري به مولچند پنجوائيءَ ڪيو، نانڪا تارامتيءَ جو هرداسمل ايسرائيءَ ۽ روهت جو رام پنجوائيءَ. تنهن کان پوءِ "دروپدي" (جو به ديوان ليلارام سنگهه اڳي لکيو هو)، "پرت پوجارڻ"، "منوهر نانگڻ" "هار جيت" ۽ ٻن ڇڻن سالن جي عرصي بعد ڪري ڏيکاريندا هٿا. آخر ۾ "شڪ جو شڪار" 1931ع ۾ ڪيائون، جنهن ۾ بيوس صاحب رامائڻ مان هڪ حصو، انجنا ديويءَ ۽ پوَن ڪمار جي آکاڻيءَ وارو نانڪي صورت ۾ آندو هو. جنهن ۾ پوَن جو پارٽ مڙني نانڪن جي نانڪ ديوان مولچند قابليت سان ڪيو هو، نانڪا جو رام پنجوائيءَ ۽ سڪدل جو گوبند ناٽائيءَ زناني نزاڪت سان ڪيا هٿا. هيءَ مندلي پنهنجا لوڪ پسند نانڪ جيڪب آباد، شڪارپور، سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ به وقت به وقت ڪري ڏيکارينديءَ هئي، جن مان "شڪ جو شڪار" ڪراچيءَ ۾ نهايت پسند پيو هو، ۽ تنهن کان اڳ "سورداس" ۽ "منوهر نانگڻ" 1925ع ۾ حيدرآباد ۾ ڏاڪو ڇمايو هو. اهي نانڪ جيتوڻيڪ ٽلهي ليکي ڪامياب ٿيا هٿا، تہ به بيوس صاحب جي نانڪن ۾ هيءَ تنقيد ڪري سگهجي ٿي تہ منجهن نانڪي رڳا ۽ فن کان، شاعراڻي بلند خيالي سرس آهي، جا ڪيترن هنڌن ۾ نانڪي ڪارروائي ۽ رنڊڪ وجهيو ڇڏي ۽ نانڪ ڪري ڏيکارڻ مهل اهو سقم ظاهر ٿيو پوي.

سنڌي ڪتابن ۽ خصوصاً نانڪن جي راءِ زني ڪرڻ جو رواج اسان وٽ اڃا تازو پيو هو. مٽيءَ مندليءَ جي ڪن نانڪن تي رايو ڏيندي، جينمل پرسرام، "پارتواسي" 19 جولاءِ 1925ع ۾، هن ريت نانڪي فن جي شناس ۽ اُن جا آدرش تفصيلوار ڏيکاريا هٿا:

"هلندڙ مهيني ۾ 'چانڊڪائي نانڪ مندلي' حيدرآباد ۾ کيل ڪرڻ آئي... جنهن حيدرآباد واسين جي دل کي ڇڪيو. ٽي ڏينهن کيل ڪيائون، پر ڪيترن ماڻهن ۾ جو اُتساهه جاڳايو هٿائون، سو چوٽون ڏينهن به کيل ڪيائون... منهنجي دل جي مراد آهي تہ ساري سنڌ مان، سڀ سڀا ائڪٽر چونڊي هڪ سنڌ جي نانڪ مندلي ناهجي، جا پنهنجي فن ۽ هنر سان خدمت

ڪري، نانڪ جو سهڻو هنر به وڌي، ماڻهن جي دماغ ۽ دل جي ترقي به ٿئي، تنهن سان گڏ قومي، پنگتي، ڏرمي خدمت ڪري سگهجي. آءٌ پانيان ٿو ته لاڙڪاڻي ڪلب منجهان، انهي سنڌ جي ڪلب لاءِ چگي چونڊ ٿي سگهندي، خاص ڪري مستر مولچند مختيارڪار ۽ مستر گوبندرام سيوهاڻي ته منجهس سڀا ائڪٽر آهن....

لاڙڪاڻي وارا پاڻ مون تي رنج نه ٿين، جي آءٌ مٽن ٽوري نڪته چيني ڪريان. برابر سندن ڪن ائڪٽرن کي راڳ آيو ٿي، خاص ڪري هن ننڍن نينگرن کي. اهو راڳ سندن ڪاميابيءَ جو وڏو ڪارڻ هو. پر مون کي لاچار ٿو لکڻو پوي، جيئن مون هت حيدرآباد جي هڪ نانڪ ڪمپني بابت لکيو هو، ته نانڪ کين هو پر چٽجي ته راڳ 'ڪانڪ' هو. چانبڪاڻي ڪلب جو پهريون کيل (منوهر نانگڻ) به راڳ ڪانڪ هو. سندن چوپڙيءَ ۾ اڪثر 40 راڳ هٽا، پر ڳايائون شايد ڪجهه گهٽ. ڪنهن وقت ته پريا ۽ ڪلاڪ سواءِ ڪنهن ٽوري کيل جي، راڳ ٿي راڳ پي هليا... ائين آهي ڇا ته جو ماڻهو ڪنهن نهايت درد ۾ آهي، يا ڪنهن ايذاوَ ۾ آهي، ٻئي سان ويٺو ڳالهائي، سو هڪدم دڪ وقت اچي راڳ ۾ چٽڪندو، ۽ پوءِ تال مردنگ، سر آلاپ، پيروي حسيني سڀ کولي وجهندو! نانڪ معنيٰ آهي کيل، ڪنهن دنيا جي واتعي جو... نانڪ هٽڻ گهرجي مراد سان، ڪنهن قومي، پنگتي، ڏرمي مسئلي تي، يعني وندر جي رستي ماڻهو اُها سکيا ونڻ، جا هونئن جيڪر کين ونڻ. منهنجو رايو آهي ته اها مراد هن وقت ته اڪثر ناموجود آهي.

"انهي مراد کي پورو ٻيهارڻ لاءِ ضروري آهي ته اسين پورب جا توڻي يورپ جا نانڪ چگيءَ طرح پڙهون ۽ ويچاريون. منهنجي تنهنڪري پاڻرن کي صلاح آهي ته نانڪ جي اُپراسي جو چگو حصو ڏرم ۾ پل ڏين، پر ڪجهه حصو ڪتابن ونڻ کي به ضرور ڏين، جيئن رابيندرناٿ ڪلب وارن اهڙي لائبريري ناهي آهي. لاڙڪاڻي وارن جي ٽولي هڪ پڙهيلن جي ٽولي آهي، هو انهن ڪتابن مان وڏو فائدو وٺي سگهندا... هڪڙو ته انهيءَ اپياس ڪري اسين ڏسي سگهنداسين ته هي پاڻ وٽ اجايا راڳ، اجايا پردا، اجايا ٽڪسات آهن، سي ته هٽڻ ٿي نه ڪپن. ڏسو ته اسان جا پردا ڪهڙا نه بيڙا آهن. انهن کي هندستان جو 'نقش' ٿو چٽجي ڇا؟ هيو ته پوشاڪون جيڪي هٽڻ ڪپن سي پوريون، زماني انوسار هٽڻ ڪپن. ائين نه ته 'نؤورني' هندستاني کي عربي

پوشاڪ پيٽي هجي، راجپوتن کي ڀاسن ٻوٽ پيا هجن، ۽ 'سوراس' کي سنڊورڦيءَ جي گهر واري پوشاڪ هجي، ۽ ڪرشن کي بخمل جو گلوُ موڇي جو سبيل سليپر پيو هجي! ڪرشن جي ڳالهه ڪندي آءٌ چوڻ واجب ٿو سمجهان ته هي جو اسان وٽ 'ڏرمي' ڪيلن جي آڇي پيڙ پيٽي آهي، سا ته ڳالهه واهيات آهي. آءٌ نٿو چوان ته ڏرمي ڪيل ڪڍي چڏجن. ميران ۽ گوپيچند جا ڪيل جي پوري ترتيب تي آڻجن ته ماڻهو کي ويراڳ ڏيئي چڏين! باقي ضرور آهي چوڻ ته ڏرمي ڪيلن مان ڪرامتي، غيبي، اسراري ڳالهيون ته ڪڍي ڏيون ڪرڻ گهرجن. پيو ته ڪرشن ۽ شو وغيره ته آڻڻ ٿي نه ڪپن. پوجيه شو مهراج کي پوهو دلال جي شڪل ڏيڻ هندو ڏرم جي گلاني آهي... ڪرستان نانڪ ۾ ڪرست کي ڪونه آڻين... اسين پارتواسي جي پاڻ کي وڌيڪ آتمڪ انتي (روحاني ترقي) ڪيل ٿا سمجهون تن کي گهٽ ۾ گهٽ ايترو ته ڪرڻ گهرجي، جو پنهنجي اشٽ ديون کي کل وهيٽو ته نه ڪرايون.

"مٽين نڪته چيني سيني سان لاڳو آهي، نه ڪنهن خاص سان. نه ته جيڪڏهن پوري چندچاڻ نه ڪبي ۽ راڳ ڪنڑاڳ ۽ اجاين سجاين ڳالهين سان پريندا ويندا، ته نانڪ هلندا به ڇهه ڇهه ڪلاڪ ۽ فائدو به گهٽو ڪو نه ٿيندو. لاڙڪاڻي وارن پاٽرن وٽ چگي ٽولي آهي، خاص ڪري سندن سنڊي هولي ماستر ڪشنچند جي ڪمر آندل مٽي ۽ سٽي آهي."

جيٺمل صاحب جي مٽيٽن حوالي کي سڌريل نانڪ نويسيءَ جو پروانو سمجهڻ جو شرف ڏيڻ کپي ۽ هر نانڪ منڊليءَ کي نانڪي اصولن جو آدرش ڪري پنهنجي آڏو رکڻ گهرجي.

## سنسني خيز نانڪن جو دؤر

'سنڌ ڪاليج ڊرامڪ سوسائٽيءَ' جڏهن پويان پساهه پي ڪنيا، تڏهن ڪي نيون نانڪ منڊليون وجود ۾ اچڻ لڳيون، جن سنڊي نانڪن جي شائقين کي ڪيترا سال چڱو ٿي وندرايو. پر اُنهن جا نانڪ به گهٽو ٿو اُردو نانڪن جي اثر هيٺ جوڙيل هوندا هٿا ۽ گهمساني حادثن سان پرپور هوندا هٿا. منجهن تلوار ۽ پستول بازي، عياري، مڪاريءَ ۽ خونريزي پلٽي پٽي هوندي هٿي. تحقيقي واقع نگاريءَ ۽ سيرت نگاريءَ جا ته منجهن اثر ٿي ڪونه هوندا هٿا. اُهي ڪيل اڪثر زندگيءَ جي هليءَ چليءَ کان ڪوهه دور هوندا هٿا، ۽ تماشبين ۾ سنسني پيدا ڪرڻ کان سواءِ، منجهن ڪو به خاص پنگتي مقصد

يا اخلاقي اصول رکيل کو نہ هوندو هو. نٽکاري (acting) ۾ اُردو ايڪٽرن جو نقل ڪري، چت ڦاڙيندڙ آواز ۾ ۽ هوا چيريندڙ اِشارن سان ڪندا هٿا. گهٽن ڪيلن ۾ ڪو ڪلائيندڙ نقل (bye- plot) ۾ ضرور وجهڻ جو رواج هوندو هو، جنهن جو اڪثر ڪري مکيہ پلاٽ سان ڪو واسطو ڪو نہ هوندو هو ۽ مورڳو ڪارروائيءَ جي ايڪتا ۾ رخنو پوندو هو. مثلاً هڪ پيري سورداس نائڪ هلندي ڏسان تہ باءِ پلاٽ ۾ هن زماني جو هڪ بالسٽر ولايت مان منڊم وٺي سنڌ ۾ ٿو موٽي!

آنڪل 1912ع ۾ 'حيدرآباد آميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي' برپا ٿي، جنهن جو مکيہ نائڪ نويس 'نانڪرام ڏرمداس' هوندو هو. هن صاحب جو پهريون نائڪ "فريبي فتنہ" 1914ع ۾ ڪيو ويو جو هڪ اُردو کيل جو ترجمو هو، جنهن جو پلاٽ مشهور انگريزي ليکڪا ميري ڪارليءَ جي Vendetta تي ٻيهاريل هو. منجهس هن مندليءَ جي روح روان هيمنداس چنديرام نائڪ جو پارٽ ڪيو هو، نائڪا جو نائي شرما ۽ فتحچند بجاسنگهہ ۾ هڪ مکيہ پارٽ ڪيو هو. مندليءَ جو ٻيون نائڪ "نيڪ انجام" 1916ع ۾ ڪيو ويو، جو اُردو نائڪ "خواب هستي" تان ورتل هو. منجهس نائڪ جو رول هيمنداس ڪيو پر نائڪا جو نئين جوان گاگنداس مورجائيءَ ڪيو، ۽ ٻيا مکيہ پارٽ خود لکندڙ نانڪرام، اُستاد لعلچند ۽ فتحچند ڪيا هٿا. اهي ٻئي نائڪ رومانيءَ سنسنيءَ وارن واقعن سان پرپور هٿا، ۽ تنهنڪري ٿي ڪراچي توڙي حيدرآباد ۾ اُن زماني جي عام خلق کي خوب پسند پيا هٿا، توڙي منجهن فني خوبيون گهٽ هيون. پوءِ نانڪرام چالو زماني جو هڪ پنگتي نائڪ، اُردو کيل "نيڪ پروين" تان ترجمو ڪيو، جو خود انگريزي نائڪ Silver King تان ورتل هو. اُهو "پتي شيوا" هو ۽ 1920ع ۾ ڪيائون، جنهن ۾ ٻہ هيمنداس ۽ گاگنداس نائڪ-نائڪا جا پارٽ ڪيا ۽ فتحچند ايماندار نوڪر جو. پر اُنهي ۾ ٻہ ڪائوڪي وڌيڪ هئي ۽ سماجڪ چترڪاريءَ جو آنگ گهٽ.

آخر 1923 ۾ نانڪرام "پريم پڳتي" لکيو جو اڪر ٻہ اڪر آغا حشر جي اُردو نائڪ "بلوا منگل" تان سنڌي ۾ آندل هو. ساڳي اُردو نائڪ تان گجراتي کيل "پڳت سورداس" ٻہ ورتل هو، جنهن ۾ مشهور گجراتي ايڪٽر موهن لالا، سورداس جو پارٽ ڪمال جو ڪندو هو ۽ جنسي روٽاري چڏيندو هو- جنهن کي مان هن زماني جي هندستان جو بهترين اداڪار ليکيندو آهيان.

نانڪرام جو هيءَ نانڪ سندس بهترين نانڪ ثابت ٿيو، ڇو جو منجهس جهوني زماني جو ڏرمي موضوع هوندي به، وٽيشائن ۽ اُنهن جي اندن عاشقن کي سڌارڻ جو سماجي مسئلو نهايت زوردار نوع ۾ پيش ڪيل هو، تنهن کان سواءِ، هن منڊليءَ جا مکيه بانيڪار هيمنداس ۽ گاگنداس، جن جي نانڪي جوڙي "هيمن-گاگن" نالي سان مشهور هوندي هئي، تن هن نانڪ ۾ سورداس ۽ سندس پرٽيل زال اندرا جا پارٽ اهڙي ته جذبي سان ڪيا ۽ راڳ به اهڙا ٻڌا ۽ وٺندڙ طرزن وارا ڳايائون جو ناظرين ۾ واهه واهه پٽجي ويئي. منڊليءَ جي ٽئين مشهور ائڪٽر فتحچند ڪرشن جو پارٽ شاهاڻو ڪيو هو ۽ گانا به پنهنجي بلند سريلي آواز ۾ ڳايا هٿائين. هيري سپاهيملائيءَ چنتامڻيءَ جو پارٽ، ۽ دولت (پڏي) آڏوائيءَ سورداس جي پيءُ جو پارٽ، پڻ اثرائتا ڪيا هٿا. هاسيمل، ساڏوءَ مسخري جو پارٽ به مزيدار ڪيو هو. پريتمداس هيرانندائي منڊليءَ جو لوڪ پسند مسخرو هوندو هو، جو پنهنجي سياويڪ چرچائي نوع سان خوب ڪلائيندو هو ۽ مزيدار راڳ به ڳائيندو هو. تنهن کان پوءِ نانڪرام صاحب حيدرآباد اميچوئرس کان ڌار ٿي، پنهنجي نانڪ منڊلي کڏي هئي، جنهن جي سهاري هيٺ "ستي ساوتري"، "پريم جي پتلي" ۽ "ليلاوتي" کيل ڪري ڏيکاريائين، جن ۾ فتحچند نائڪن جا پارٽ ڪندو هو ۽ نئون نوجوان ديال ڪرپالائي نائڪا بنيو هو.

'حيدرآباد اميچوئرس' پچاڙيءَ ۾ "خانچند درياڻيءَ" جا چار نانڪ ڪري ڏيکاريا- جنهن مشهور نانڪ کار جو تفصيلوار ذڪر اڳتي هلي ڪبو. اُنهن مان پهريون هو "پريم پريکشا" (1924ع)، جو گجراتي کيل "پول نو پوگ" جي آڌار تي لکيل هو، جنهن ۾ جيٺسنگهه وکيل پيءُ جو پارٽ، هاسيمل مسخري جو پارٽ، ۽ هڪ ٽئين ڇيروءَ خانو منسکائيءَ باءِ پلاٽ جي نائڪا جو پارٽ ڪيو هو. "هيمن-گاگن" پنهنجن دستوري نائڪ- نائڪا جي ويسن ۾ ته هٿائي. 1926ع ۾ درياڻيءَ جو اصلوڪو رچيل نانڪ "جيئري تي جيئري" ڪري ڏيکاريائون، جو هڪ تازي ٿي گذريل سماجي واقعي تي ٻڌل هو. هن ۾ پائي نارائڻ ڏيئلداس پيءُ جو پارٽ عاليشان نموني ۾ ڪيو هو. هيري سپاهيملائيءَ مائٽين واريءَ جو ڪلائيندڙ پارٽ ڪيو هو، هيمنداس ۽ گاگنداس دستوري مکيه رول ڪيا هٿا، ۽ ڳوان رامچندائيءَ ۽ خود درياڻيءَ به پارٽ ڪيا هٿا، درياڻيءَ جو ٽيون نانڪ جو هن منڊلي نهايت فتحيابيءَ سان

1928ع ۾ ڪري ڏيکاريو سو "زميندارِي ظلم" هو، جنهن جو زبردست اقتصادي موضوع ۽ اُن کي پيش ڪرڻ جو اثرائتو طريقو، اُن جي خلق پسندي جا ڪارڻ هٿا. ائڪٽرن به پارٽن ڪرڻ ۾ ڪو نہ گهٽايو. هيمنداس نائڪ هن پيري نٽين نائڪا، آتوُ لعلواڻي، ڳولي لڌو، جنهن پنهنجو پارٽ زناني نفيسائيءَ سان ادا ڪيو ۽ عمدا راڳ به ڳايائين. گاگنمل پهريون دفعو پوڙهي ماءُ جو پارٽ سوز وچان ڪيو، ۽ وليرام آٽلمل ظالم زميندار جو پارٽ زبردست نوع ۾ ڪيو. هن ڪتاب جي لکندڙ به پهريون ٽي دفعو مظلوم پير مرد هاري جو پارٽ ڪيو، جو سندس برجستن ويسن مان هڪ ليکجڻ ۾ آيو. گوبندي هيرانندائيءَ ٽيٽون نوڪر جو پارٽ ڪري خوب ڪلايو ۽ ڳوان رامچندائيءَ ترينڪ واڻي واپاريمل جو پارٽ اهڙو سٺو ڪيو ۽ اهڙا سريلا راڳ ڳايائين جو سونو هلو انعام ملیو هوس. هن کيل ۾ خاص ڪاميابي پائي نارائڻ ڏيٽلداس حاصل ڪئي، جنهن پچاڙي جو دفعو وفادار ڪمدار جو پارٽ اهڙي تہ صداقت ۽ اُتساهہ وچان ڪيو جو وڻ وڃائي ڇڏيائين. پر افسوس جو هن نائڪ جي ڪاميابي لاءِ، اسان ائڪٽرن ۽ مڪيہ ڪاروبارين کي، پنهنجي "نارائڻ محل" ۾ هڪ شاندار پارٽي ڏيڻي، ويچارو سگهوڻي پر لوڪ پڌاريو.

حيدرآباد جي هڪ اخبار "زميندارِي ظلم" ني هن ريت ٽيڪا ڪئي هئي:

"نائڪ جي خيال کان ڪتاب ۾ ڪي سقم به هجن ۽ آهن به ، تہ به ساهت جي نظر کان "زميندارِي ظلم" هڪ سندر ڪتاب آهي، ڪتاب ۾ جيڪي پاوَ ڏيکاريل آهن سي سياويڪ پيا لڳن. زميندارن ۽ واپارين جا سچ پچ اهڙائي ظلم آهن ۽ ڳوناڻن هارين سان وڻل وهن ٿا، ۽ مستر درياڻيءَ ڪوبہ وڌاءُ ڳالهہ ۾ ڪيو ڪونہ ٿو ڏسجي... جيئن بولشيوڪ رشيا ۾ شروع ۾ ڪرمي ڪسابي فرنٽ ٽي ٻيٺا، تيئن "زميندارِي ظلم" ۾ دلمراد (هاري) به شاهوڪارن ۽ زميندارن جو دشمن ٽي بدلي وڻڻ لاءِ پاڳل ٽي ٿو وڃي. البت سنڌ ۾ اڃا ڪرمي ڪاسبي سجاڳ نہ ٿيا آهن جو هن طرح ظلم جو پاڙو جهاڙو وڻن، پر جيئن حالتون آهن ۽ زميندارِي ظلم ڏينهون ڏينهون وڌندڙ آهي، تيئن تمام جلد دلمراد جهڙا گهڻائي پيدا ٿين ۽ ساڳي زبردستيءَ جي نموني سان ظلم ۽ ستم جي پاڙ ڪپين! نائڪ جو 31 ۽ 1 تاريخ ڏيکاريو ويو تنهن ۾ زينت (آتو لعلواڻي) جو پارٽ سڀ کان سٺيءَ طرح ڪنيل هو. ڪن حسينا (ڳوان جڳتياڻي) کي پي ساراهيو پر مون کي منجهس گهٽو ڪجهہ ڏسڻ ۾

ڪونہ آيو. حسينا زناني بدران مرداني وڌيڪ هٿي ۽ سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ فطري پٽي لڳو... دلدار (هيمنداس) ۾ اها سياويڪ برجستائي ڪانہ هٿي جيڪا سندس لفظن ۾ هٿي. زميندار (وليرام) پنهنجو پارٽ موچارو ڪيو ۽ پهرئين ڏينهن سبق چگي طرح ياد ڪونہ هوس تنهنڪري گهٽو ٽاهڙيو، پر هٿي ڏينهن اصل گهوٽي آيل ٽي ڏٺو. زميندار ترياڪ لڳو پي پر مڪيہ ڳالهہ جي اوٽائي اها هٿي جو هو لمپٽ ۽ عياش ڪونہ ٽي لڳو جهڙوڪ ڪتاب جي ٽاهيندڙ اکرن ۽ ياوَ ۾ ڪيس رچيو آهي... پر دلمراد (منگهارام) ڪمالیت ڪئي! جيڏي مهل عثمان کي حڪم ڏنائين تہ حسينا جون اکيون ڪڍ تيڏي مهل ڪيئن نہ بي پرواهہ ٽيو ويٺو هو! هو جڏ تہ ظلم ۽ ويڑ وٺڻ جو مجسمو بڌجي پيو هو. ايندڙ زماني ۾ ضرور ڪڙمي ۽ ڪاسبي اهڙوئي خوفناڪ سياءَ گرهڻ ڪندا ۽ بدلو بلڪل چگيءَ طرح چڪائي وٺندا. عثمان (پائي نارائڻ) هڪ نيڪدل ۽ ايماندار ڪمدار جيان پڇاڙيءَ تائين پارٽ ڪري ڏيکاريو. ڪيئن نہ هو وفادار ٻانهن جيان پنهنجو مرڻ ڪرم چڏي حڪم مڃڻ لاءِ تيار ٽيو ٻيٺو هو. واپاريمل سيٺ (رامچندائي) جو پارٽ چگيڙو هو، باقي سندس نوڪر (هيراننداٽي) جو پارٽ بلڪل غير فطري پي لڳو. چرچائي نوڪر ٽيندا آهن پر هن نوڪر جو اصل ليڪو لنگهيل ٽي ڏٺو ۽ "واهگرو واهگرو ٻول" جيڪي لفظ ٽي چيائين سي زيبيائي ڪونہ ٽي، نمونو بلڪل اڻگو هو."

هن مندليءَ جو آخرين کيل "انسان کين شيطان؟" (1931ع) درياڻي صاحب ميري ڪاريليءَ جي ناول Sorrows of Satan تان اُلٿو ڪيو هو، ۽ جيتوڻيڪ اهو بہ ناشدني ۽ ڪرامتي واقعن تي ٻڌل ناٽڪ هو، تہ بہ منجهس تمثيلي ۽ اخلاقي مطلب چگو رکيل هو جنهن ڪري ڪامياب ٽيو هو. ناٽڪا جو پارٽ گاگنداس ڪيو هو، ناٽڪ انسان جو هيمنداس، ۽ شيطان جو وليرام وڪيل، جو پڇاڙيءَ وارو اداڪار، تيجومل شهاڻيءَ ڪانپوءِ، حرڪت بازيءَ ۽ لڇائيءَ جا رول ڪاريگري سان ڪندو هو. هيءَ ناٽڪ درياڻيءَ سٽيما جي صورت ۾ بہ آندو هو، جا اُردو فلم "انسان يا شيطان؟" نالي سان، "ايسٽرن آرٽس پروڊڪشن" جي سهاري هيٺ، بمبئي ۾، ڊائريڪٽر موتي گدوائيءَ جي هدايتڪاريءَ سان 1933ع ۾ تيار ڪري ساري هندستان ۾ ڏيکاري ويئي هٿي. اها سنڌين جي ڪيل پهرين ٻولتي فلم هٿي جنهن چگي لوڪ پسندي حاصل ڪئي هٿي. هن فلم ڪيڻ کان پوءِ، درياڻي صاحب کي

سٽيما جو ايڏو شوق جاڳيو، جو 43 سالن جي جمار ۾ زرعي کاتي ۾ وڏي سرڪاري نوڪري ڇڏي بمبئي ۾ لڏي ويو ۽ فلمن جوڙڻ جي ڪمپني کڏيائين، جا سنڌين جي پهرين فلم ڪمپني هئي.

1917ع ۾، ڪراچيءَ ۾ 'سارسوت براهمڻ ڊرامٽڪ سوسائٽي' ٺهي، جنهن جو مکيه نائڪ ڪار 'چانڊومل ڪتري' هوندو هو. هن مهاشيه جا جوڙيل نائڪ "منوهر موهني"، "وهمي وڪار" ۽ "نل دمينتي" سال بسال هڪ ٻئي پٺيان پيش ڪيا ويا؛ 'هرومل پريمچند' جو لکيل "نول لڪشمي" پڻ هن منڊليءَ ڪري ڏيکاريو هو، ۽ سيٺي نائڪ چگا پسند ڪيا هٿا. اهي نائڪ نالي ڪري برابر پنگتي هٿا، پر ساڌارڻ جيوت جو چٽ منجهن خير ڪو چٽيل هو جنهن مان ڪي پرائجي، باقي پستول بازي ۽ ٻيا هولناڪ حادثا منجهن جام هوندا هٿا. هن منڊليءَ جا مکيه اداڪار هٿا: نائڪ- مهراج هوتچند تيجورام، نائڪا-رام هيرا ۽ بدمعاش- ڏرمداس ماٹڪ، جي ٽئي سٹا ۽ جاٹو راڄيندڙ به هوندا هٿا. رام لڇڪي مڇڪي سان زنانو پارٽ ڪندو هو ۽ ڏمان مهراج برجستو اداڪار هوندو هو. 1925ع ۾ هن سوسائٽيءَ چانڊومل صاحب جا مٽي ذڪر ڪيل ٽيئي نائڪ حيدرآباد ۾ به ڪري ڏيکاريا هٿا.

1920ع ڌاري، حيدرآباد ۾ 'ينگ سٽيزنس ڊرامٽڪ سوسائٽي' برپا ٿي، جنهن جو هرتا ڪرتا 'ليلارام ماڪيجائي' هوندو هو. هن صاحب جا اڪثر نائڪ دليان ناهيل هٿا. جهڙوڪ "دورنگي دنيا"، "پريمي پتنگ"، "بي وفا قاتل"، "ڪلجگ جا ڪلور"، "ڪشور موهني"، "ليلاوتي" وغيره. اهي نائڪ اگرچ مڙيئي چالو زماني بابت هٿا، پر نڪانوڪي منجهن حد کان ٻاهر هوندي هئي- اهڙا ڪي ورلا نائڪ هوندا جن ۾ خنجر يا پستول کان ڪم نه ورتل هوندو. ليلارام جو هڪڙوئي نائڪ "نئين سجاڳي" هو جو سنجيدو ۽ گنبير سماجي نائڪ هو ۽ 1937ع ۾ سندس سرڳواس ٿيڻ کانپوءِ ڇپايو ويو، پر شايد ڪري ڏيکاريو ڪونه ويو. هن منڊلي لاءِ ڪي اُردو کيل 'آوتراءِ ناڪرداس' به ترجمو ڪيا هٿا. جهڙوڪ "ڦهري ڦهر مان"، پر نائڪي فن جو چٽجي سو منجهس خير ڪو هو، باقي اجائي ڦٽ ڦٽ ۽ ڪيچل سا اجهل هئي. منڊليءَ جا مکيه اداڪار به اُردو ائڪٽرن کي پنهنجي اڳيان مثال طور رکي، گلا ڦاڙي ۽ چاتيون ٽوڪي ائڪٽنگ ڪندا هٿا، جو نمونو نهايت مصنوعي (artificial) لڳندو هو.

## متفرقا ناٽڪ - ڪيل ۽ آڻ ڪيل

'شيڪسپيئر' جو شاهڪار Hamlet (جنهن جو 'مرزا قليچ بيگ' "شهزادو بهرام" نالي سان اُلٿو ڪيو هو) . سو 'جينمل پرسرام' 1923ع ۾، سنڌيءَ ۾ ساڳئي انگريزي نالي سان آئي، پنهنجي "نئين سنڌي لٽريچر" ۾ ڇپايو هو. پر ان ۾ بنهه پابنديءَ وارو اڪري ترجمو ڪيائين، جنهن ڪري منجهانئس اصلوڪو هڳاءُ نڪتوئي ڪين- مورڳو ڪن هنڌ ڪل جهڙو پي لڳو. هن صاحب مشهور جرمن شاعر Goethe جي شاهڪار ناٽڪ Fuast جو ترجمو به ساڳئي نالي سان ڪيو هو، پر ناٽڪي لياقت اُن ۾ خير ڪا هئي جنهن ڪري اهي ٻئي ناٽڪ ڪڏهن به ڪرڻ ۾ ڪونه آيا.

1924ع ڌاري 'حيدرآباد نيشنل ڪالج ڊرامٽڪ سوسائٽي' ناهي هٽائون، ۽ پهريون ناٽڪ مرزا قليچ بيگ جو "موهني" ڪري ڏيکاريائون، جو بمبئيءَ جي مشهور اردو ڪيل "شريمتي منجري" تان ورتل هو ۽ منجهس هندو-مسلم ايڪتا جو موضوع آندل هو. هن ڪيل ۾ ليلي هيراننداڻيءَ، پريتي شوداساڻيءَ جگوُ آڏواڻيءَ ۽ دولت (ڏڏي) آڏواڻي مکيه پاڻ ۾ پاڻ چگو موڪيو هو. پوءِ 'پاڳسنگهه آڏواڻيءَ' (جو ڪراچي ڪالج ناٽڪ منڊليءَ جو چگو ائڪٽر هوندو هو) شيڪسپيئر جي Othello جو ترجمو "گماني گهمسان" سري سان جو 1925ع ۾ ڇپايو هو، سو حيدرآباد ڪالج ناٽڪ منڊليءَ اسٽيج تي آندو هو. هن ناٽڪ ۾ جوشيلو جنگي مرد، معصوم زال ۽ اٻهرو گمان آڻي، بنا تحقيقات ڪرڻ جي، ڪيس ٻوسائي ماري ٿو ڇڏي، جنهن مان دک پيدا ٿو ٿئي. پاڳ سنگهه راڳن جوڙڻ ۾ بيشڪ برڪ هوندو هو، پر عجب آهي ته سندس نٽر ۾ لکيل زبانين مان گهٽو جس ڪونه نڪتو. تنهن هوندي به ڪالجي شاگرد اداڪارن قابل ائڪٽنگ سان ڏسندڙن تي جنسي چايا وجهي ڇڏي، جو مڙني پي ڪين مجرايون ڏنيون. "پارتواسي" 23 آگسٽ 1925ع ۾، لعلچند امر ڏنيمل هن ناٽڪ جو هيئيون اندازو لڳايو هو:

"ناٽڪ جي عبارت جيتوڻيڪ ڪجسي ۽ آلوٽي هئي، تنهن هوندي به شاگردن ڪي جس هجي، جو پنهنجي هنر ۽ ڪاريگري سان ناٽڪ کي ڪٽي ڏنائون. اڄا به ٽپي ٽپي تي اجايا راڳ ٽنبيل نه هجن ها، ته ناٽڪ مزو وڌيڪ ڏئي ها. پريتمداس شوداساڻيءَ چندرا (ناٽڪا) جو پارٽ ڪيو. ڇا سندس

زباني، چا سندس گانو، ٻنهي چاتيءَ تي گهاوَ ٿي وڃا. ليلارام هيرانندائي جڳديو (نائڪا) ٿيو. هن يار بہ چگي محنت ڪئي هئي. پر مردانن پارٽن ۾ گوءِ روپچند ڪرپالائي (بدمعاش) ڪئي ويو، جنهن لچ جو پارٽ ٿي ڪيو. لچ جي پارٽ ۾ ڏاڍي رمز ڪپي. پورو پورو لچ ٿي ڏيکاريائين. رامچند ڪلنائي باءِ پلاٽ ۾ گهوٽ جو پارٽ ڪنيو. ڏاڍو ٿي ڪلايائين. گهٽ سندس نوڪر آئل بہ ڪانہ ڪئي. مون تہ پانيو هو تہ سجو وقت آءٌ نائڪ تي ويهي ڪو نہ سگهندس. پر پريندئي 'لچ' تہ دل منهنجي جهڻي ورتي. ٻئي ۽ ٽئين ائڪٽ ۾ تہ وري چندرا وڻ وڃائي ڇڏيا. عبارت آلوٽي ٿي، تہ مونکي کهڙي بہ سڌي مضمون مان جس ڪين ايندو. هن نائڪ جي عبارت ۾ رس جيتوڻيڪ ڪونہ هو، تہ بہ شاگردن کيل اهڙي ڪاريگريءَ سان ٿي ڪيو، جو عبارت جو ويچار حال ٿيو ٿي ڪونہ ٿي." ساڳيو نائڪ ڪجهہ عرصي بعد ڪراچيءَ ۾ بہ ڪاميابي سان ڪري ڏيکاريو هٿائون.

'پرنسيپال تيجومل شهائيءَ' (جنهن جي نامي گرامي اداڪاريءَ جو ذڪر سنڌ ڪاليج منڊليءَ واري فقري ۾ اچي ويو آهي) تنهن بہ نائڪ نويسيءَ تي پنهنجو قلم آزمايو، ۽ "راڻو پر تاب سنگهہ" نالي سان هڪ تاريخي نائڪ تيار ڪيائين، جو بہ حيدرآباد ڪاليج منڊليءَ اسٽيج تي آندو، پر ماڻهن جي دلين تي خير ڪو اثر ڪيائين. 1927ع ڌاري، ٻئي هڪ پرنسيپال، 'موٽومل گدواڻيءَ' "وسنت لڪشمي" نالي هڪ نائڪ دليان رچيو هو، جنهن ۾ حيدرآبادي پائيبندن جي پنگتي حالتن جي تصوير چڪيل هئي. پر منجهس ڪيترا جهوني زماني وارا گهمساني حادثا پريل هٿا ۽ نائڪي فن گهٽو ڪونہ هو، جيتوڻيڪ ڪي اونهي ويچار وارا نڪتا شاعراڻي لباس ۾ پڻ وڌل هٿا. اهو نائڪ هيلتائين ڪنهن منڊليءَ ڪري ڪونہ ڏيکاريو آهي.

## حقيقت نگاريءَ جو دؤر-سماجي ڪشمڪش جو فلسفو

تقدير ۽ سيرت سان ڪشمڪش وارن دؤرن کان پوءِ سماج سان ڪشمڪش وارن نائڪن جو دور شروع ٿيو. پهرين مهاياريءَ لڙائي جو نتيجو اهو نڪتو جو آرٽڪ ۽ سماجي حالتون ساري جهان ۾ بگڙنديون ويون ۽ آهي مسئلا ادب جو موضوع بنجڻ لڳا ۽ سنڌي ساهت ۾ بہ اچڻ لڳا.

1920ع ڌاري 'خانچند درياڻيءَ' کي ڪن شخصي آزمودن وچان اُتساهه جاڳيو تہ سنڌي سماج ۾ اُنيڪ اوڻايون وڌي رهيون آهن، تن کي سڌارڻ لاءِ ناٽڪ ڏيکاري اُنهن جي اوگهڙ ڪرڻ جهڙوڪ ٻيو ڪارگر وسيلو ڪونهي. سيني کان زياده وڌندڙ ڏيتي ليتيءَ ڪاميٽي برپا ڪئي ۽ اُن لاءِ "گلاب جو گل" نالي ناٽڪ لکي ورتائين، جو اُستاد هيرانند کان پلاٽ ۽ رٽا جي لحاظ کان درست ڪرائي، اُن ڪاميٽيءَ جي سهاري هيٺ ڪري ڏيکاريائين. ڏيتي ليتيءَ جي برخلاف هي پهريون مڪمل ناٽڪ هو، جنهن ۾ گهروٗ جيوت جا سهڻ سڀاوي واقعا ڏيکاريل هٿا. ۽ سس ۽ نراڻ جي لالچي ڪارنامن جا چٽ اهڙا تہ هوبهو چٽيل هٿا جو لوڪن جنسي ڊڪ پي پريا. هيءَ ڪيل حيدرآباد خواهہ ڪراچي ۾ ڪيترائي پيرا ڪري ڏيکاريو ويو. ۽ اُن جي خلق پسنديءَ جو خاص ڪارڻ هو رامن ماءُ مائٽين واريءَ جو پارٽ، جنهن خيالي ڪردار کي انڪٽر هيرانند سپاهيملائيءَ، پوڙهين مائين جي پڙي چادر واري لوڏ ۽ ڳالهائڻ جي لهجي سان، نہ فقط زنده پر آمر ڪري ڇڏيو. هن ناٽڪ ۾ مون پهريون مردانو ناٽڪ جو پارٽ ڪيو، جو جيتوڻيڪ چگو اثرائتو ٻيٽو هو، پر پنهنجي گهگهي آواز ۾ جو ڪيترا راڳ ڳائڻ لاءِ ڏنائون تن اداڪاريءَ جون خوبيون ٿي ڪسيون ڪري ڇڏيون. ناٽڪا جو پارٽ جهمٽ پاونائيءَ زنانيءَ نزاڪت سان ڪيو هو ۽ راڳ ۾ نهايت سريلي آواز سان ڳايا هٿائين. نٽين زماني جي فٽشنبل نراڻ جو پارٽ چٽن واڌوائيءَ ڏاڍي نازنخري سان ادا ڪيو هو. ستايل ننهن جو رول خود خانچند ڪيو هو، جو جيتوڻيڪ گهٽي سوز سان ڪيائين، پر آهہ زاريءَ ۽ روئڻ رڙڻ جي حد لنگهي ويو. سندس ٻئي ناٽڪ "موتئي جي مڪڙي" (1923ع) ۾ وري ڏيکاريل هو تہ نٽين زماني جي ننهن، سس جا سور سهي سهي بردبار بنجي ٽي پوي، ۽ مڙس پنهنجي پاسي ڪري، سس سان مقابلو ٽي ڪري ۽ آخر ڪيس سڌو ٽي ڪري. هن ناٽڪ ۾ ناٽڪ جو پارٽ ڪندي مون کي ايڪڙ ٻيڪڙ دو- گانن ۾ راڳ جون تکون ڳاتيون. ناٽڪا ڏنائون هڪ ٻيو نوجوان نيٽون ميرچندائي، جنهن ۾ ٻہ زناني نفيسائي هوندي هئي ۽ منو ڳائيندو هو، پر اُهو ٻہ ننديئي سلهہ جو شڪار ٽي ويو. نخريلي جو پارٽ وري ٻہ چٽن واڌوائيءَ چهل بهل سان ڪيو، ۽ پوڙهي مائي جو پارٽ هيري سپاهيملائي ڪري وڻ وڃائي ڇڏيا. هن ناٽڪ بابت "پارتواسي" 31 ڊسمبر 1923ع ۾ جينمل پرسرام رايو ڏنو هو:

"هن تي ٽيڪا ڪندي دل ۾ نه پيئي ٿي پر پنهنجو فرض ڪرڻو اٿم. نانڪ جي مراد بيشڪ چگي. پر ايترو چوڻ کان رهي نٿو سگهان ته پلاٽ اڪثر گڙٻڙ گھوٽالو هو، ۽ ڪي پارٽ ونڊڻ پورا نه چونديا ويا هٿا، ۽ پوشاڪون ۽ ڪوچ به نٽي ٿهيا. راڻان (خانچند) جو پارٽ جي ٻئي ڪنهن کي ڏجي ها ته بهتر ٿئي ها. راڻان مڙس سان سولو ڳالهائيندي به پي وڙهي. ٻيو ته ڪنهن مهل پيئي ڪلي ته ڪنهن مهل پيئي روئي."

پوءِ ته 1923ع ۾ 'رابندرانات ٽئريري ۽ درامٽڪ ڪلب' برپا ٿي ويئي، جا سنڌي نانڪ جي اڻسر ۾ آخرين اهم حد- نشان هئي. هيءَ منڊلي خانچند دريائيءَ جي بانيڪاري هيٺ، ۽ هيرانند آڏواڻيءَ، لعلچند آمر ڏنيمل، جينمل پرسرام، ڏيئلمل لعلواڻيءَ ۽ هن بندي جي سر جوشيءَ سان وجود ۾ آئي. 'مها ڪوي رابندر ناٿ ٽئگور' پاڻ ڪرم ڪري حيدرآباد ۾ ڪهي آيو هو، ۽ اُن جي مهورتي جلسي جي صدارت ڪري اسان کي آسيس ڪرڻ جو شرف ڏنو هٿائين. هن موقعي تي معزز مهمان اڳيان مون هڪ نانڪي پروگرام ڪري ڏيکاريو هو، جنهن ۾ ڪوءِ جي نانڪ "چترا" مان ڪي منظر انگريزيءَ ۾ ڪري ڏيکاريا سون. اُنهن ۾ مون ۽ ٺهراڻ آڏواڻيءَ آرجن ۽ چترا جا پارٽ ڪيا هٿا، جن لاءِ ڪوءِ اسان ٻنهي کي پائي نارائڻ جي بنگلي ۾ گهرائي مبارڪون ڏنيون هيون، چي مون پنهنجو اِهو کيل اهڙيءَ صداقت سان کيل هيلتائين ڪونه ڏنو آهي. تنهن کان سواءِ "نيڪي ۽ بدي" نانڪ مان مذاقي ٽڪرو ڪڍي به کيو هوم، جنهن ۾ اُستاد هيرانند جي غير حاضري ڪري سنڊس ڪريم بورچيءَ وارو پارٽ ڪرڻ جي به جرئت ڪاريم ۽ شڪر جو اهو مسخريءَ جو پارٽ برو ڪونه ڪيم ۽ ماڻهن چگو ٿي ڪليو.

هن منڊليءَ پنهنجي آڏو هيءَ نانڪي آدرش رکيو ته جنهن صورت ۾ شيڪسپيئر جي قول پٽاندڙ "نانڪ جيون جي درسني آهي"، تنهن صورت ۾ نانڪن ۾ چالو زماني جي هلي چليءَ ۽ دنيا سازيءَ جي مسئلن کي ٿي، بنا وڌاءُ ڪرڻ جي پيش ڪرڻ ڪپي ۽ منجهن پنگتي اوٽاين جي اُپٽار ڪري سڌاري آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت ٿي، وندر سان گڏوگڏ سکيا ڏيڻ سان، سماج کي بهتر بنائڻ لاءِ، نانڪ هڪ زبردست هٿيار بنجي سگهي ٿو،جو ته ڪتابن ۾ ته ڳالهيون فقط پڙهجن ٿيون، پر نانڪن ۾ هوبهو اکٽين ڏسڻ سان هزارين دلين تي هڪ ئي وقت زيادهه تاثير پيدا ٿو ٿئي. هاڻي،

ڪو بہ نانڪ ۾ ڏرين جي ڪشمڪش (conflict) ڏاران آئردار نڏو بنجي سگھي. جيئن جھونن نانڪن ۾ انسان جو مقدر سان مقابلو ڏيکاريل ھوندو ھو، ۽ وچين وقت ۾ سندس سيرت سان چٽاپيٽي يا جيءَ اندر جنگ نقش ڪيل ھوندي ھئي، تيئن ھن زماني جي نانڪن ۾ اھي مسئلا چٽيل آھن جن ۾ انسان، سماج ۽ ٻين تنظيمن جي انياوَ ۽ ظلم سان چڪريون ڪائيندي، يا تہ ھار ڪائي عذاب ٿو سھي يا فتح پائي سڪ ٿو پرائي.

ھن منڊليءَ جي ھڪڙي شاخ حيدرآباد ۾ ھئي جنھن جا صلاحڪار ھيرانند ۽ رامچند تخترار ھوندا ھٿا ۽ پوءِ مولچند ليلارامسنگھ ۽ وليرام آئلمل؛ ٻي شاخ ڪراچي ۾ ھئي جنھن جا صلاحڪار درياڻي ۽ پڳوان رامچنداڻي، ۽ پوءِ چانڊومل واڌواڻيءَ ۽ پھلاجسنگھ آڏواڻي ٿيا. ڪلب جو مکيہ نانڪ نويس بہ درياڻي صاحب ھوندو ھو، جنھن کي جي نئين زماني جو حقيقت نگاري واري نانڪ (realistic drama) جو پايو وجھندڙ ڪوٺجي تہ بيجاءِ نہ ٿيندو. ھن جوان ٿورن ٿي سالن ۾ 25 کن نانڪ لکي وڌا جي لوڪن ۾ نھايت پسند پيا، ڇو جو منجھن موضوع توڙي رڃا جي نانڪي دلچسپي خوب رکيل ھئي؛ توڙي ھيءَ مڙس اھي کيل جو ھڪ تڪ ۾ رھڙي ونندو ھو ۽ مھني آڏ ۾ ڪري ڏيکاريندو ھو، تنھنڪري ادبي خوبي کان ڪي قدر وانجھيل ھٿا. ھن منڊليءَ جو پھريون عاليشان کيل، جنھن نانڪ فن ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو سو "ملڪ جا مدبر" 1923ع ۾ کيل ھو، جو يورپ ۾ نانڪي حقيقت نگاريءَ جي ابي Ibsen جي نامياري کيل Pillars of Society تان ونيِ، منجھس گھٽي ڦيرڦار ڪري، درياڻيءَ سنڌي مسلم زندگيءَ ۾ بيھاريو ھو ۽ اُستاد لعلچند جي اصطلاحي عبارت جو اُنس مڪ ڏياريو ھو. انھي نانڪ ۾ اداڪار ٿورا ۽ بلڪل ضروري ھٿا (نہ شيڪسپيئر جي ۽ جھونن اُردو نانڪن وانگر 30-25) ، پردن جي لھ چڑھ واجبي ھئي (نہ 5-10 منٽين پردا پيا لھن چڑھن ۽ نظارا بدلجن)، ۽ راڳ بہ جڳائيندڙ ھندن تي 2-3 مس پيل ھٿا (نہ جيئن اڳي ٽپ ٽپ تي بيت بازيءَ ۽ 30-35 گانن جي ڏمر لڳي پيئي ھوندي ھئي). ھن نانڪ جو مسئلو بہ نئون ھو، جنھن ۾ شاھوڪارشاھيءَ جي بي رحميءَ ۽ آخرين پاڻالي جو دردناڪ چتر چٽيل ھو. منجھس قاسم محمود، ڪراچيءَ واري جھازن جي گودي جي مالڪ جو ياڳ، ڏيئلمل لعلواڻي وڪيل اھڙي تہ پورن ڪلاڪاريءَ سان ادا ڪيو ھو جو ھيءَ صاحب اُن جڳ جو بھترين جبرو سيرت نگاريءَ

وارو اداکار (character actor) تسليم ڪيو ويو؛ خاص ڪري جڏهن سندس جوڻي؛ لاءِ زبردستي هاکاريل جهريل جهاز ٻڏي ٿو پوي، اُهو چريائي؛ جو پارٽ ڪندي ڪمال ڪري ڏيکاريائين! اُن جهاز جي ڪپتان عاشق جو ويس هن بندي ڏاريو هو، ۽ مالڪ جي ڏي؛، معشوق سنگينا جو هڪ نئين نوجوان ڪشوُ پاوناڻي، جنهن ۾ اندر جي اُتساهه ۽ سوز وچان شاندار پارٽ ڪيو هو ۽ ڳايو ۾ مڌر آواز ۾ هٿائين. هن نانڪ ۾ سندس هڪڙيائي دلسوز نوع ۾ ڳاڻل ڪافي، ديوان ليلارام سنگهه جي ناهيل: "منڙا منهي؛ جا، ويڙا ڪني؛ جا -پاڻ چپائي چوري چڏي ويا"، ويهن راڳن جي مٽ هئي. مرزا قليچ بيگ جو نندو فرزند همايون بيگ ، تنهن قاسم جي صغير پٽ آزاد جو پارٽ نهايت چلولائي ۽ چرب زباني؛ سان ڪيو هو؛ ۽ رحيم شودي جو پارٽ وليرام آئلمل وڪيل پوري؛ حرفت بازي؛ سان ڪيو هو. پڳوان رامچندائي؛ سيٽ موتيلعل جو ڪلائيندڙ پارٽ اهڙي پوري لهجي سان ڪيو هو جو جڏ هوبهو ڪو ماروڙي سيٺ وينو ڳالهائي. هي؛ نانڪ حيدرآباد توڙي ڪراچي؛ ۾ ڪيترين ئي راتين ڪاميابي سان ڪري ڏيکاريو ويو.

"پارت واسي" 21 اپريل 1924ع ۾، نائب ايڊيٽر 'چتومل ٽڏائي؛' هن نانڪ تي نڪته چيني ڪئي هئي؛

"آ؛ يانيان ٿو ته هي پهريون دفعو آهي، جو هاڻوڪي زماني جي روش تي نانڪ سنڌي ۾ ٻيهاريو ويو آهي. نانڪ جي ٻيهڪ مشهور يورپين نانڪ کار ابسن تان ورتل آهي، پر نانڪ ۾ ڪي سقم ٻ آهن، مثلاً ڪي تقريرون ڊگهيون آهن. هڪ شاندار نينگر سامیوادي خيالن واري پنهنجي شاهوڪار پي؛ جي دولت ۽ ڏهڀي کان بيزار آهي ۽ هو؛ سمجهي ٿي ته غريبن جو رت ۽ ست پي ٿا شاهوڪار پاڻ مٽي ڪن... آکاڻي دل ڇاٽيندڙ آهي. هن کيل ۾ قاسم جو پارٽ مستر ڏيئلمل وڪيل اڪثير ڪيو، خاص ڪري قاسم جي چريائي؛ جو. تنهن کان پوءِ سنگينا (ڪشنچند پرتابراءِ) ، جنهن جي آواز ۾ ڪٽي ڪٽي ذرا تيزي ٽي ٽي، پر سندس ميناج، بي ڊپائي؛، شانداري؛ نانڪ کي چگو ڪٽي ڏنو. رحيم شودو پورو پورو زماني جو لچ آهي. مسٽر وليرام سندس پارٽ ٻ پورو پورو ڪيو. دلير (منگهارام آتارام) سنگينا جو گهوٽ، جهاز جو سڪاني، پنهنجي پارٽ ۾ سياويڪ عاشق آهي. آزاد (همايون) بلڪل خاصو بهرو ورتو. اهڙي طرح اڪثري هن کيل جو رنگ سهڻو ٻيٺو."

1924ع ۾ درياڻي صاحب، لوڪ پسند انگريز ناول - ليڪڪا 'مسز هينري وود' جو مشهور جذباتي سماجي ناول East Lyane "غلط فهمي" نالي سان ناٽڪي صورت ۾ آندو ۽ ڏيهي جيوت ۾ ٻيهاريو. هيءَ ناٽڪ ٽڳور ڪلب جي ڪراچي واريءَ شاخ ڪري ڏيکاريو. ۽ منجهس ناٽڪ جو پاڻ هن بندي ورتو ۽ پارٽ وري به ڪشوُ پاوناڻيءَ بلڪل دکدائڪ ۽ اثرائتو ادا ڪيو. هيءَ ناٽڪا جو ويس چندن ميرچنداڻيءَ ڪيو، جو به لچڪيدار زنانو اداڪار هوندو هو. پڳوان رامچنداڻيءَ ڪاروُ ڪيڙ جي پارٽ ۾، ۽ سهجو واڌاواڻيءَ جسودا دائيءَ جي پارٽ ۾ نٽڪاري به چگي ڪئي هئي ۽ راڳ به ڏاڍا منا ڳايا هٿائون. هيءَ ناٽڪ 1931ع ۾ سنڌ ڪالج جي سالياني جلسي تي ڪري ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ مون صرف هدايتڪاري ڪئي ۽ انڪٽر ڪالیجي شاگردن مان چونڊيا هئم. ناٽڪا جو پارٽ رامر شتريا دلسوز نموني ادا ڪيو هو، هيءَ ناٽڪا جو پارٽ خانو منسکاڻيءَ ڪافي ناز نخري سان ڪيو هو، ڪشني جوتياڻي بدمعاش جو پاڻ پوري حرفتبازيءَ سان ورتو هو، ۽ سرسوتي لعلواڻيءَ ابهم پٽ جو پارٽ دکدائڪ بنايو هو.

درياڻيءَ، شواجي مهراج جي زماني جو مرهاٽي تاريخ تي هڏل ناٽڪ "عجيب انصاف" يا مت هيڙ ناري" 1925ع ڌاري لکيو هو، جو هڪ گجراتي ناٽڪ تان ورتل هو ۽ اُنهن ڏينهن ۾ ڪراچي ۾ "ديشي" ناٽڪ ڪمپنيءَ ڪري ڏيکاريو هو ۽ ڏاڍو پسند پيو هو. اُن ڪمپني جو مکيه انڪٽر موهن لال (جو سالها اڳ سورداس جو عاليشان پارٽ ڪري سنڌي ناظرين کي مست ڪري ويو هو) انهي ناٽڪ ۾ سمياجيءَ جو پارٽ ڪمالیت سان ڪندو هو، سو بعضي اسان جي ريهرسل تي ايندو هو، ڇو جو اسان اهو ناٽڪ ڪيوئي اُن ڪمپني واري ساڻئي ماندوي ۾، ساڻيءَ سينري سان هو. مونکي جو ساڻيو سندس سمياجيءَ جو پارٽ ڪرڻو هو، سو موهن مون کي هدايتون ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته تون منهنجو نقل چگو ٿو ڪري وڃين. اندين گرلس اسڪول جي سهائتا لاءِ ڪيل اهو کيل، گجراتي ناٽڪ جي پيٽ ۾ جيتوڻيڪ لٽي پٽي ڪامياب ڪو نه ٿيو، ته به ڪن انڪٽرن جي شخصي ڪاميابي ٿي: مثلاً منهنجو سمياجيءَ جو پارٽ، عالم گدوانيءَ (۽ پوءِ پڳوان رامچنداڻيءَ) جو شيواجيءَ جو پارٽ، گاڳن مورجاڻيءَ ۽ رامر هيرا جا هن ناٽڪاٽن جا پارٽ: درياڻيءَ جو راجا رامر جو پارٽ، روپي ڪرپالاڻيءَ جو پروهت

وارو مسخري جو پارٽ، ۽ خاص ڪري نٽن ميرچندائيءَ جو ساهوءَ جو پارٽ، جو هن نندڙيءَ نينگر اهڙو تہ ڦڙتائيءَ ۽ حشمت سان ڪيو جو هڪدم نالو وڃي ويس، ۽ سنڌي نائڪ جي تاريخ ۾ پهرين ائڪٽريس نڪري نروار ٿي، جنهن وڏي هوندي ڪيترا ڪامياب رول ڪيا، جن جا احوال اڳتي هلي ڏبو. هيءَ نائڪ 1931ع ۾ پرنسپال شاهائي يادگار فنڊ لاءِ، وري ڪري ڏيکاريو ويو جنهن ۾ گهٽو ڪري ساڳيا اداڪار هٿا.

ادبي نگاهہ کان دريائيءَ جو ٻيون نمبر ڪامياب نائڪ ("ملڪ جا مدبر" کان پوءِ) "ديش صدقي" (1927ع) هو، جو بيلجيم جي نوبيل پرائيز ڪنندڙ نائڪ نويس مٽرلنڪ جي Monna Vanna تان وٺي راجپوت جيوت ۾ ٻيهاريل هو. هن ۾ هڪ راجپوت راڻي، ديش کي دشمن جي حملي ۽ تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي عصمت قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ٿئي، پر اندر جي سچائيءَ ۽ روحاني طاقت سان سندس عصمت توڙي ديش جو بچاءُ، دشمن جي دل ۾ ڦيرو اچڻ سان، ٿي ٿو پوي. هيءَ نائڪ ڪلب جي ڪراچي شاخ ڪيو هو، جنهن ۾ به مون ۽ ڪشوءَ نائڪ نائڪا جا پارٽ ادا ڪيا هٿا. ۽ اسان جو جوڙو به ڪجهہ وقت لاءِ نالیرو ٿي ويو هو. ڪاهيندڙ دشمن راجا جو رول عالم گدوائيءَ نهايت دهڀي ۽ شان شوڪت سان ڪيو هو، جنهن ڪري هو، ڊيٽلمل ڪانپوءِ ٻيون نمبر برجستو اداڪار شمار ڪيو ويندو هو. پيرسن راجا جو پارٽ، ديوان ليلارام سنگهہ جي فرزند جيٽمل بٽريسٽر، نهايت سنجيدگيءَ سان ڪيو هو، جو سمجهدار ائڪٽر به هوندو هو تہ هندستاني موسيقيءَ ۾ به ماهر هوندو هو، ۽ ڪيترن نائڪن جا راڳ ناهيندو ۽ سيکاريندو هو. دريائيءَ خود هن نائڪ ۾ خبيث جو رول بخوبيءَ ادا ڪيو هو.

رابندرانات ڪلب لاءِ جيڪي نائڪ دريائي صاحب دليان خلقيا، تن مان پهريون هو "رتنا" (1924ع)، جو ٽورن اداڪارن ۽ ٽورن پردن وارو، فقط ٿي ڪلاڪ هلندڙ، هڪ مثالي نائڪ هو، تنهن ۾ هاٿوڪي ڪنٻي جيوت ۾ مرد ۽ زال جي جوابدارين جو نقش نڪتل هو ۽ هڪ ديرينہ عورت ۽ ٻي نٽشنبل چوڪريءَ جي وچ ۾ ضد ڏيکاريل هو، پر آخر سمجهو زال جي، ڏک ڏولاوا سهي، سوپ ڏيکاريل هٿي هن نائڪ ۾ نائڪ جو پارٽ مون ڪيو هو، زال جو خود دريائيءَ ، نخريلي نينگر جو چندن ميرچندائيءَ ۽ وفادار دوست جو پگوان رامچندائيءَ. هيءَ کيل به ڪلب جي ڪراچي شاخ پاران ڪيو ويو

هو ۽ هر طرح ڪامياب ثابت ٿيو. اُن کي آءُ درياڻيءَ جي بهترين اصلوڪن نانڪن ۾ شمار ڪندو آهي. هيءُ نانڪ حيدرآباد ۾ به ڪيو ويو هو ۽ نهايت پسند پيو هو، جنهن جي اُستاد جينمل به تعريف ڪئي هئي.

"زماني جي لهر"، 1929ع ۾ ٻوڏ سهائتا فنڊ لاءِ ڪراچي شاخ پاران ڪيو ويو. تنهن ۾ پراڻن خيالن وارن تنگدل مائٽن ۽ نئين زماني جي آزاديءَ پسند جوان جوڙن جي وچ ۾ جيڪي متيبد ۽ نفاق، گهروُ جبوت ۾ ذري پرذي تان ٿين ٿا، تن جو وچور وار چٽ چٽيل هو، توڙي اُهو کي قدر مبالغي وارو هو. هن نانڪ ۾ مونکي نئين نائڪا ملي، جو هو قيمت واسوائيءَ، جنهن پنهنجو پارٽ زناني حجاب ۽ حليمائي سان ڪيو. ٻيون نمبر نائڪ جو پارٽ رامچند واسوائي وڪيل ڪيو جنهن ۾ رسيلا راڳ به ڳايا هٿائين؛ ۽ ٻيون نمبر نائڪا جو پارٽ خانو منسڪاڻيءَ ۾ نفيسائيءَ ۽ چلولائي سان ڪيو. ڪماري پدمي اچلسنگهه (جا پوءِ عاليشان ائڪٽريس ٽي پيئي)، تنهن هن نانڪ ۾ پهرين ننڍو پارٽ ڪيو هو جنهن ۾ چگو جلوو ڏيکاري ڇڏيائين ۽ هڪ مدر گانو به ڳاتو هٿائين. گهوٽ ماءُ جي پارٽ ۾ منگل رامچنداڻيءَ نهايت مذاقي ڍنگ ۾ ڪيو؛ ڪنواري پيءُ جو گنگارام قيمتراءِ گنيير نموني ۾ ڪيو؛ ۽ گهوٽ ماءُ جي پارٽ ۾ منگل رامچنداڻيءَ خوب ڪلايو. تازو پرٽيل نائڪ، جنهن کي جهوني زماني جا مائٽ، نؤورني ڪنوار سان ڳالهائڻ هولهائڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جي آزادي به نٿا ڏين ۽ سندس زندگي زهر ڪري ٿا ڇڏين، ۽ جو اُنهن ظلمن ڪري شراب جوٿا ۾ وڃي ٿو پوي ۽ آخر چريو ٿي پوي ٿو- اهو ڪردار ڪرڻ ڪري هڪ انگريزي اخبار واري ايڊيٽر پنهيا ، هن بندي کي "سنڊي اسٽيج جو Einil Janrings " لقب ڏنو هو. پر جيتوڻيڪ نانڪ جي پلاٽ ۾ چريائيءَ وارو وڌاءُ ڪيل هو، جنهن لاءِ اهڙيون زوردار حالتون ڏيکاريل ڪونه هيون، تہ به انهي پارٽ ۾ ايترا لاها چاڙها هٿا ۽ اُثرائتي اداڪاري ڪرڻ جا اهڙا وجهه هٿا، جو مون اهو پارٽ دل کولي ڪيو هو، ۽ ڏسندڙن جو به اهو رايو هو تہ اهو منهنجو بهترين پارٽ هو. هن نانڪ مان کي مذاقي چهچٽا ڪڍي ڪڍا ڪري، 1937ع واري ڪراچي ڪالج جبلي جلسي تي مون شاگردن کان ڪرائي ڏيکاريا هٿا، جن ۾ گهوٽ پيءُ جو پارٽ چيلي يوجوائيءَ ۽ گهوٽ ماءُ جو چتر اُتمسگهه (جو پوڙهين جا پارٽ ڏاڍا مزيدار ڪندو هو) ادا ڪري ڏاڍا ٽهڪ ڏياريا هٿا. اصلوڪي نانڪ تي جينمل "پرڪاش" اخبار 23

آڪٽوبر 1929ع ۾ ، هيءَ مذاقي پر ڪارائتي تنقيد ڪئي هئي:

"متين نانڪ جو ناهيندڙ اسان جو پاءُ خانچند درياڻي آهي، جو جنس مؤنث ۾ جي ڀالهائڻ جي موڪل ملي، تہ ائين چئجي تہ اڄ ڪلهہ سنڌ ۾ نانڪ ڏياڻي آهي، ٻارهين مهينن ٻار رکيو ٿي آهي! پاڻيهي پاڻ تي سو جم روڪ نہ وجهي، باقي ارڪان آهن تہ نانڪ ڏياڻي ڏکي ڏير ڪندي. هيڏيءَ ننڍي عمر ۾ ايترو دماغي اولاد پيدا ڪرڻ، ڪا جهڙي تهڙي ڀالهہ ڪانہ آهي... پاڻ به ائڪٽر چگيرو آهي، جو نينگر توڙي نينگريءَ جو پارٽ ڪٽي ڇاڏي. نانڪ ۾ جواري حرفتيءَ جو پارٽ چگو ڪيائين... پگوانداس رامچنداڻي (پيءُ پارومل) شايد هڪ ڏينهن هيرانند آڏواڻيءَ جون ڪجهہ قدر سڪون لاهي. رڳو مونکي افسوس آهي جو هن نانڪ ۾ ڪيس پي راڳ وات ۾ وڌائون. اهو مرض سڄي نانڪ کي لڳل هو، ڪائيءَ ويل به روون روون لڳي اچي! اهو مرض اڪثري مڙني سنڌي نانڪن کي لڳل آهي. آءُ جيڪر اول انعام ڪيس ڏيان.

"ساڳيو انعام منگهارام ملڪاڻيءَ کي ڏجي، جنهن جو خاص ڪري پچاڙيءَ جو چريائيءَ جو پارٽ هٿمليٽ جون يادگيريون ٿو ڏياريءَ رڳو ڪنهن ڪنهن وقت هٿمليٽ سان گڏ منگهارام جي دل ۾ اوفيليا به اچي ٿي واسو ڪيو. آءُ سنڌي نانڪي سڃاڻان ۽ پڻ نانڪ ڪار سڃاڻان. پر نانڪين يا نانڪ ڪارن اول نانڪ پڙهيا آهن، تنهن ڀالهہ بنسبت مونکي شڪ آهي. اُردوءَ جي اڏوگابرن نانڪن يا سٽيما جي فلمن تان سي نانڪ لکيل هوندا آهن. يا گجراتي، اردو يا يورپي نانڪن جي نموني اسان جا نانڪي وڃن تا عمارت ٻڌندا. مگر هيءَ نڪتہ چيني منگهارام سان لاڳو نہ آهي. منگهارام اُنهن ٽورن مان آهي جي مشرق ۽ مغرب جي نانڪن مان واقف آهن. تنهن ڪان سواءِ انهيءَ فن کي هٿ ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪهڙي ٿو ونڊي. رڳي وڏي افسوس جي ڀالهہ اها آهي جو هن نانڪ ۾ هيڏي سندس جفاڪشيءَ ۽ هٿمليٽي پارٽ جو ڪارڻ تہ ڏسڻ ۾ ٿي ڪونہ ٿي آيو. هٿمليٽ جو پيءُ ڪنو ويو هو، هٿمليٽ جي ماءُ مڙس جي موت ڪان پوءِ شيطاني تکڙ ۾ وڃي پنهنجي ڏير، مڙس جي خونيءَ سان وهانوَ ڪيو هو... پر اسان جي گووند جو پيءُ پارومل جيٹرو ٿي جيٹرو هو، هن جي ماءُ ويچاريءَ پوڙهي مڙس ڪان سواءِ شايد ڪنهن مرد جو منهن ڪونہ ڏٺو هو... گووند کي رڳو دک اهو لڳل هو جو پٽس ڏينهن ڏني جو زال سان 'ليوُڏو' راند ڪرڻ تي ڪيهايو هو وغيره وغيره. گووند اهڙو تہ پوڪ

آهي جو انهيءَ تان وڌيو بي عقلي جي لهر سان زماني کي لوڏيو ڏنو ڪري... گووند ۾ جي سمجهه هجي ها ته بنهه ائين بجي گهر موٽي، ماءُ وٽ مانيءَ ٽکر کائي، پيءُ کي پيرين پٽي، وجي ڪوئيءَ ۾ پنهنجي راڻيءَ سان رهاڻ ڪري ها. رات ته پنهنجي تات، بجليءَ جي چمڪات ۾ گووند ۽ شيلا خوب 'ليوُڊي' راند چا، ڪهڙي به راند ڪري سگهيا ٿي... منهنجو رايو آهي ته هن ناٽڪ ۾ منووگيان (نفسيات) جو متوئي ڪونه آهي. تنهن کان ته مونکي مستر دربائيءَ جو "رتنا" ناٽڪ وڌيو هو... پر هيءَ ناٽڪ ته هڪ لنبي گفتگو آهي، جو ليڪچر بازيءَ کان به خالي نه آهي. جي پگواناس ۽ منگهارام ناٽڪ ۾ نه هجن ها ته بنهه ناپاس ٿي وجي ها.

"منهنجي خواهش نه آهي ته آءٌ مستر دربائيءَ جي جوش تي برف جو چنڊو وجهان، ائين هو ڊرڪ وارو نه آهي. هڪ ته آءٌ سنڊس قدر ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ته هو مڃڻ مڙس آهي... مستر دربائيءَ ۾ چگو گڻ آهي؛ پر منڊل جي ڪارپردازن کي ڪپي ته اول روڳ ناهي ڇڏين ته ڪيل جو لکيو وجي تنهن جي لکڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا منڊليءَ وارا مٽس نڪته چيني ڪن، اُن جو جزو جانچين، پوءِ ناٽڪ جي تياريءَ ۽ دوُر تي به ڇڄ سمو لڳائين. باقي جي ڏيڍ هفتي ۾ ناٽڪ ڇٽيو به نپائيو ب، ته قصو ڪونه ٿهندو. پوءِ چٽيو:

'ڪيم پورو هي سر گشتو،
وتم فقط هڪڙو ڏيڍ هفتو.' (قليچ)"

دربائيءَ جا آخرين ٻه اصلوڪا ناٽڪ، گهروُ ۽ سماجي مسئلن سان گڏوگڏ اقتصادي مسئلن تي لکيل هٿا. "مايا جو انڊ" (1930ع ڌاري) ۾، مل جي مالڪن جي شاهوڪارشاهيءَ ۽ ڪڏن ڪارنامن تي جوهه چنديل هٿا، جنهن ۾ مزدور ناٽڪ جو پارٽ دربائيءَ پاڻ ڪيو هو. قيمت واسوائيءَ ناٽڪا جو پارٽ ادا ڪيو هو. ۽ دولت (ڍڊي) آڏوائيءَ مسخري جو. هن ٻنهين مزدورن جي مسئلي ۽ مل جي وايوُمنڊل واري ناٽڪ، خلق ۾ گهڻو تاثير پيدا ڪيو هو. ٻيو اقتصادي ناٽڪ هو "بک جو شڪار" جو 1932ع ۾. گاڏي ڪاتي واري جينمل واڏومل اسپتال جي سهائتا لاءِ ڪيو ويو. هن ۾ بک ۽ بيروزگاريءَ جو مضمون ڪنيل هو جو جبري نوع ۾ نباهيو ويو. ۽ گڏوگڏ سوديشيءَ جو پرچار پڻ ڪيل هو. هن ناٽڪ ۾ وري هڪ ٻئي ٻنهين نوجوان مون سان ناٽڪا جو پارٽ ڪيو، جو هو ديال ڪرپالائي. زناني نفيسائيءَ ۾ هو

پنهنجو مٽ پاڻ هو. اندر جي اُمنگ، وچان ائڪٽ ڪندو هو ۽ ڳائيندو به نهايت سريلو هو. عالم گدوائيءَ جج جو پارٽ شاهائي ڍنگ سان ڪيو هو، ۽ نارائڻ شوداسائيءَ، جج جي زال نائڪا جي ماءُ جو پارٽ همدرديءَ سان ڪيو هو. پگهوان رامچندائي، جو هونئن پوڙهن پيڙن جا رول ڪندو هو، تنهن نوجوان فئشنبل، پر نسوري چسي عاشق جو پارٽ بخوبيءَ ڪيو هو. هن نائڪ ۾ ٽن چوڪرين کان به ننڍا پارٽ ڪرايا سون، جي هيون ٽي پينرون: تيرٽ، هري، ۽ خاص ڪري گوپي سپاهيملائي، جنهن نهايت شيرين ۽ گونجندڙ آواز ۾ ڪيترا گانا ڳائي ماڻهن کي خوب جهولايو هو. نائڪ جي بک ۾ پاڻ ٽيندڙ پيڻ (جنهن تان نائڪ کي اهو نالو مليو) تنهن جو پارٽ مٺا رامچند دردناڪ اپوجهائي سان ڪيو ۽ سٺو ڳايو به هو. اهڙي طرح رفته رفته سڀيون پڇيون چوڪريون نائڪن ۾ آڻيندا وياسون ۽ نائڪ جي ترقي ۾ اها ياري بند پڄيندا وياسون. هن نائڪ ۾، دولت (پڏي) آڏوائيءَ "پوهوءَ ماءُ جي پٽ" واري پارٽ ۾ ڪلائي ڪلائي ڪيرو ڪيو هو، ۽ اهو سندس بهترين پارٽ سمجهيو ٿو وڃي. هن بندي جو نائڪ جو پارٽ به سٺو ٻيٺو هو؛ خصوصاً جڏهن بک جو شڪار ٿيل پيڻ جو لاش ٻانهن ۾ ڪٽي، شاهوڪارن جي پريءَ مجلس ۾ اڇي، هڪ زبردست زباني ۾ هن جي موت جو الزام متن مڙهيو هٽائين، تڏهن ماندوي مان "آفرين" جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هو. هيءَ نائڪ ساڳين اداڪارن سان، پر ڪجهه گهٽ ڪاميابي سان، حيدرآباد ۾ هڪ ادبي ۽ هنري نماءَ تي ٻيو پيرو ڪري ڏيکاريو ويو، جنهن نماءَ جو مڪيه ڪرمچاري جينمل پرسرام هو. هن نائڪ جي ڪاميابيءَ تي، لکندڙ درياڻيءَ صاحب کي باڪٽر تاراڻائي پنٽيا وٽان سونو ٻلو انعام مليو هو. هن نائڪ بابت "سنسار سماچار"، 22 آگسٽ 1932ع ۾، "ر-پ-ا" نالي سان هيٺيون رايو پيو هو:

"جيڪڏهن هر هڪ نر ۽ ناريءَ کي ڪن ڪان وٽي 'بک جو شڪار' نائڪ ڏيکاريو وڃي ته جيڪر پارٽ ۾ ٽوري ٽي سمي اندر 'بک جو ڏڪار' پٽجي وڃي. 'بک جو شڪار' ۾ پارٽ جي اڇوڪي دکي ۽ ڪنگال اوستا (ڪيفيت) جو هوبهو فوٽو ڪينچيل هو، جنهن لاءِ ان جي ڪاريه ڪرتا مسٽر درياڻيءَ مبارڪون لهڻيون. مسٽر ايم. يو. ملڪاڻي (موتي) جي پارٽ ۾ سندس ذاتي دلي جذبن به پارٽ ورتو، ۽ خاص ڪري راءِ بهادر واريءَ پارٽيءَ ۾ گلڙي (مٺا رامچند) جي خاموش لاش وارو نظارو ڏسندڙن کي خاموش ڪرڻ لاءِ ڪافي هو ۽ ڪيترن جي اکين ۾ آلاڻ آڻي هوندي. ديال ڪرپالائيءَ

(مٿنا) جو پارٽ سڌيڏ نائڪا جهڙو هو، جو سيني کي پسند پيو هوندو. پگوان رامچندائي (شنکر) بہ واهہ جو وارو وڃايو. 'پوهو ماءُ جي پٽ' دولت آڏوائيءَ (يڏي) جي ائڪٽنگ بيشڪ ڏسندڙن جو وات پائي ڪيو هوندو. نارائڻ شوداسائيءَ (سرسوتي) پاڻ چگو ملهايو. عالم گدوائيءَ (سنتداس) نيل وَڪاريءَ جو پارٽ اهڙو ڪيو جو ڏسندڙ في الحال تہ پلجي ويا تہ هيءَ اسٽيج آهي يا هوبهو عدالت. مستر عالم جو مرٽينگ حالت ۾ ڏيءَ لاءِ هاڏائڻ بہ نهايت ئي سبق آموز هو. خانو ايس. درياڻي (هيمنداس) هن کيل جو مصنف بہ ايشور جيان پنهنجي ئي رچيل برهماند(ڪائنات) ۾ سمائجي ويو. بہ نالا جيڪي سونهري اکرن ۾ ڇپڻ کپن اُهي آهن سرسوتي موتيرام (موهني) ۽ موهن جوڌارام (چندر) سي ٻئي ڪمال هٿا... موهن جو راڳ ستل دلين کي جاڳائيندڙ ثابت ٿيو."

ساڳئي ناٽڪ بابت "ديش متر"، 1سپٽمبر 1932ع ۾، تيرٿداس واڌائيءَ جي نالي سان هي مختلف نڪتہ چيني شايع ٿي هئي:

"وڏي شوق ۽ ذوق سان پٺسا خرچي مستر درياڻيءَ جو 'بک جو شڪار' ناٽڪ ڏسڻ ويا سون. دوستن جي دل ڪاڻ ٿي پري، پر مون جو اشتهار ۾ پڙهيو هو تہ 'مستر درياڻيءَ جو ناٽڪ نويسيءَ جي فن ۾ زمان حال ۾ ثاني ڪونهي'، سو چيومانءِ تہ هڻي 'فخر سنڌ' جو ناٽڪ ضرور ڏسبو. منٽ ميڙ ڪري گهلي ويو سان. پر هيلي ... جهڙي هئي ناٽڪ جي رٽا تهڙي هئي هولي. وري ڪٿي ڪا ائڪٽنگ (ناٽ) هجي تہ بہ چٽجي تہ پٺسا سجايا ٿيا. مطلب تہ، نہ ناٽڪ ۾ رس هو نہ هوليءَ ۾ جس - هٿا ناٽ آندا ۽ آواز ڦس. سيرت نگاري تہ ڪو مستر درياڻي صاحب کان سکي. سچ ڪري ٿو چڏي. موافقت هجي نہ هجي، وچي ڳالهہ ۾ ڳالهہ ٺنبيندو... سنڌي هوليءَ جو جيڪڏهن خون ڏسڻ هجي تہ هن فضل قلڪيءَ جي 'بک جو شڪار' واري سوڪڙي ڏسڻ گهرجي. ڪهڙيون چڪون ڪڍي ڪهڙيون ڪڍجن؟... اهڙيون فعلن، اصطلاحن ۽ غلط لفظن استعمال ڪرڻ جون چڪون ڪم از ڪو بہ سؤ ٽيندیون. ڪتاب پڙهندڙ اهڙن ڪتابن پڙهڻ مان سنڌي ڪهڙي پرائيندا؟ هن صاحب جيڪي راڳ لکيا آهن تن ۾ خيال تنگ آهي تہ قافيو لنگ... "مستر منگهارام جنهن موتيءَ (hero) جو پارٽ ٿي ڪيو ۽ جنهن کي پنهنجي ائڪٽنگ تي اجايو گهڻو ناز آهي تنهن هن پيري بہ هميشہ وانگر ٿي

ڏاڍيون وڏيون. سندس رفتار ۽ گفتار ميزان کان ٻاهر هئي. سڄو وقت سيڻيو پي هليو جڏ ته ڪو وادي سونهن ٽوڪي چڙيا هئس. ڳالهايائين ائين ٿي جو گويا ميل ٽرين ٿي چئي. وري ڪٿي ڪو سندس آواز ۾ سوز هجي ته نه ٻڌيو، پارٽ ائين ٿي ڪيائين جيئن اسڪول ۾ شاگرد ڪتاب جو دور ڪندا آهن. سندس هلڻ چلڻ جُڙتو پي لڳو، عشق جو جنهن وقت اظهار ٿي ڪيائين تنهن وقت جذبو ته ڪو منجهس ڏٺوئي ڪونه ٿي... مستر ديالداس جنهن به ٻوٽو ڪو نه ٻاريو. منجهس دم ته هوئي ڪونه، مشين جيان پي ڪم ڪيائين. ائڪٽنگ ته بلڪل ڪري ڪا نه ٿي آيس پر جيڪا به ڪيائين ٿي سا حد کان ٻاهر. ڳالهايائين ٿي يا سڏڪا ٿي پريائين؟ ... مستر ڀگواندداس جنهن بيوقوف شنڪرسنگ جو پارٽ ڪيو سو ڪي قدر بيشڪ بيوقوف پي لڳو. ميدان وسيع هوس پر گهٽو لل ڪونه ڏيکاريائين... مستر عالمچند گدوائيءَ ۾ اسان جون گهڻيون اُميدون هيون پر هن يار به ٻين سان ريس ڪانه ڇڏي! وقتي اجايون ڪيڪون پي ڪيائين. ڪورٽ واري سين ۾ ته ڪري سان هاءِ ڪري ڇڏيائين. مستر دولترام پڏي جنهن 'پوهو ماءُ جي پٽ' جو پارٽ ڪيو تنهن هميشه وانگر ائڪٽنگ سٽي ڪٽي ۽ ماٺهن کي چڱو ٿي وندرايائين. تنهن کان وري به ڪين ٻاڻ چڱو موڪيو. شاباس هجي اُن ڪڪيءَ کي (مٺنا رامچند) جنهن ٻارٽ (حقيقي) مردو ٿي ڏيکاريو. موهني ۽ چندر به گهٽ کانه ڪٽي. وهي سارو چڱو پارٽ ڪيائين. باقي رهيو چوڪرين جو سٽو. جي اُهي نه هجن ها ته ماٺهو پنهنجن پيسن کي ويتر به رت روئن ها. راڳ رسيلو ۽ آواز مڌر هو. تنهن ۾ به گوپي سپاهيملائي ته لوليون لائي ڇڏيون. واهه واهه ساز به چڱو ٿي ٿي وڃايائون." عجب آهي ته مستر تيرٿداس واڌوائيءَ جي مٿين عبارت ۽ تنقيدي طرز، شاعر ليکراج عزيز جي لکڻيءَ سان اينري مشابهت ڪيئن ٿي رکي!

1934ع ۾ دريائيءَ جو "زميندارِي ظلم" ڪراچي ۾ ڪاميابي سان ڪري ڏيکاريو ويو. جو ڇهه ورهيه اڳ حيدرآباد اميچوئرس جي سهاري هيٺ ٿيو هو. هن ۾ نائڪا جو پارٽ آتو لعلواڻيءَ، زميندار جو ڏرمداس مائڪ، نائڪ جو فتحچند بجاسنگهه، ڪمدار جو نارائڻ شوداساڻيءَ ۽ واڻي جي چوڪر جو هڪ نٽين مسخري گوپ ڪملاڻي واهه جو ڪيو هو، جو پوءِ بهترين سنڌي فلمي مسخرو بنجي ٻيو. ڀگوان رامچنداڻيءَ پنهنجو ساڳيو واڻي وارو رول ڪيو ۽ مون ساڳيو هاري واري.

دريائي صاحب "امانت ۾ خيانت" نالي به ناٽڪ لکيو هو، جنهن ۾ بٽنڪن ڪنڊ جو اقتصادي مسئلو ڦولهيو ويو هو، پر اُهو ڪرڻ ۾ ڪونه آيو چو جو منجهس ڪن معتبر شخصيتن جي ڪارنامن جي اوگهڙ ڪيل هئي.

رابندرانات ناٽڪ منڊليءَ جو پيو ناٽڪ ڪار هن ڪتاب جو لکندڙ هو، جنهن پنهنجن ناٽڪن ۾ اداڪارن ۽ نظارن جو عدد دريائيءَ جي ناٽڪن کان به گهٽائي چڏيو، يعني ته 10-12 ڪردارن بدران (جن مان ڪي غير ضروري هوندا هئا) فقط 5-7 ضروري ڪردارن کان پلاٽ جو ڪم وٺندو هو، ۽ هونءَ جو سڄي ناٽڪ ۾ 8-10 پيرا نظارا بدلائڻا پوندا هئا، سو مغربي ناٽڪ نويس جي طرز تي 3-4 يڪساهي هلندڙ ڇهڇنن ۾ پنهنجن ناٽڪن جي ڪارروائي سمائي چڏيندو هو. تنهن کان سواءِ ڇهڇنن جي شروعات ۾، سڌريل ناٽڪن جي دستور موجب، ڏنگين ليکن ۾ نظارن ۽ اداڪارن نسبت هدايتون (stage directions) ۾ ڏني چڏيندو هو، جنهن ڪري ناٽڪ پڙهندڙن توڻي پيش ڪندڙن کي سمجهڻ ۾ سهوليت ٿيندي هئي. سندس ناٽڪ، نئين زماني جي تقاضا موجب، ٽن ڪلاڪن ڪن ۾ ختم ٿيندا هئا، پر اڳي 4-5 ڪلاڪ هلندا هئا. اهڙي ريت هن ليکڪ ناٽڪ نويسيءَ ۽ رنگ يوميءَ جي فن کي سليس ۽ اثراتو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

'منگهارا ملڪائيءَ' چار وڌا ناٽڪ لکيا، جن مان پهريون "قسمت" هو، جو انگريزي ناٽڪ نويس نا بلاڪ جي ساڻئي نالي واري مشرقي ناٽڪ جو اکر بہ اکر ترجمو هو. هن ناٽڪ ۾ ڪنهن به خاص مسئلي جي اوک ٻوک ٽيل ڪانه هئي، فقط الف ليلىٰ جي آکاڻين وانگر، خليفن جي زماني ۾ بغداد شهر جي هڪ فقير جي آزمودن بابت هڪ وندرائيندڙ آکاڻي هئي. منجهس هولي به فارسي- سنڌي جي ميل واري مسلمانڪي ڪم آندل هئي جا اُن زماني سان نهڪي ٿي آئي. هيءَ ناٽڪ رابندرانات ڪلب جي حيدرآباد شاخ وارن 1927ع ۾ گهٽي ڪاميابي سان ڪري ڏيکاريو. حاجي فقير جو مکيه پارٽ ڏيئلمل لعلوائيءَ زبردست ڍنگ سان ادا ڪيو هو، سندس جوڙيدار ڪاڻي قاسم فقير جو پارٽ هيرانند آڏوائيءَ واهه جو مزيدار ڪيو هو، جنهن ناٽڪ جي هدايتڪاري ۾ ڪئي هئي. نوجوان خليفي جو پارٽ مولچند لعلوائيءَ (ديوان ليلارام سنگهه جي ننديءَ فرزند) شاهاڻي نموني ۾ ڪيو، ۽ منصور وزير جو وليرام آئلمل مناسب وحشانيت سان ڪيو. منگل رامچندائي پيرسن دائيءَ جو

پارٽ، ۽ پون گدوائي، حرمخاني جي بيبي، جا پارٽ پڻ سٹا ڪيا هٹا پر ناٽڪ جي ڪاميابي، جو سهرو هڪ نئين ناٽڪا هيري ميرچندائي، پهريو، جنهن مارسينا جي اداڪاري، اهڙي ته نزاڪت ۽ نفيسائي، سان ڪئي جو هوبهو هڪ حسين ترڪي دوشيزه پي لڳي، ۽ سالن کان پوءِ "فيروز دل افروز" واري موهن شهائي جون سڪون پي لاٽائين. خصوصاً، پي، حاجي، جي ايوان ۾، جو ڪبوترن سان راند ڪندي، عاشق خليفي جي انتظار ۾، شاعر ليڪراج عزيز جو مشهور غزل "ڏکي ڪٹني فقيرن جيان، هليس دلدار جي خاطر"، پنهنجي ميناج پرٿي آواز ۾ ٽي ڳايائين، تڏهن ناظرين جي واتان شوڪارا نڪري ٽي ويا! هن ناٽڪ جي موسيقي، هدايتڪاري سهجو واڌوائي، ڪئي هئي ۽ هارمونيم بہ پاڻ وڄايو هيائين.

ملڪائي، جو ٻيون ناٽڪ عبراني ناٽڪ نويس زٽنگول جي (Melting Pot) تان ورتل هو، جنهن کي "ايڪتا جو آلاپ" نالي سان 1930ع ۾ پيش ڪيو ويو. اصلوڪي ناٽڪ ۾ آمريڪا کي اُها ڪُو عورت ڪري ڏيکاريو ويو هو جنهن ۾ دنيا جون جهڳڙندڙ قومون پگهرجي هڪ ٽي ويندیون. ملڪائي، هندستان کي اُها بڻي ڪري ڏيکاريو جنهن ۾، مهاتما گانڌي، جي چوت- آچوت پيدن متائڻ واري اثر هيٺ، هن شاهي ملڪ جون انيڪ صوبائي جاتيون ميلاپ پيدا ڪندیون- جو آزادي، حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ پارٽ جو اهم ترين مسئلو آهي. هن ناٽڪ لاءِ لکندڙ کي حيدرآباد رابندرانات ڪلب وٹان 1929ع ۾ اُن سال جو بهترين ناٽڪ جائي انعام مليو هو ۽ 1930ع ۾ ڪتاب ڇپائي ٻوڏ سهائتا فنڊ لاءِ ڪري ڏيکاريو هٹائون، پر ڪافي ريهرسل ۽ ٻيون تياريون نہ ڪرڻ ڪري پورو ڪامياب نہ ويو هو. هن ۾ بہ ناٽڪ راڄي جو پارٽ ڏٹلمل لعلواڻي، ڪيو هو، ڪل مڪ گوپي جو هيرانند آڏواڻي، ڪنڊ پي، جو وليرام آٹلمل، عياش واپاري، جو مولچند لعلواڻي، ناٽڪا جو گاگنداس مورجاڻي، ۽ مزيدار نوڪرياڻي، جو منگل رامچندائي، ڪيو هو. پر هن ناٽڪ کي جنهن خاص خوبي ناڪاميابي کان بچايو، بلڪ کي قدر ڪٹي ڏنو، سا هئي ناريشالا وارو سندر نظارو، جنهن ۾ صلاحڪار وليرام حيدرآباد جون برڪ ڳائيندڙ نينگريون ڪٹيون ڪري ڪانٽن مڏر گانا ڳارايا هٹا ۽ هدايتڪار هيرانند ساز هٹن ۾ ڏيڻي هڪ ننائتو گروهہ بنائي ويهاريو هو. اُنهي، سنگيت ٻاري، جون اڳواڻ هيون ڪماريون وديا مڪي ۽ پدما مڪي. 1935ع ۾ ڪراچي "عامل

انسٽيٽيوٽ" جي هڪ جلسي تي، هن ناٽڪ ماڻ وچون مڪيہ چھچٽو مون ڪن چوڪرين کان ڪرايو هو، جنهن ۾ نائڪا جو پارٽ موهني گل اهڙي امنگ ۽ سچائيءَ سان ڪيو هو، ۽ ڪملا لعلواڻيءَ ۽ ڪملا اُتمسنگهہ مردانن پارٽن ۾ ڪيس اهڙو عمدو ونايو هو، جو آخر منهنجا لايا سڃايا ٿيا.

هن ناٽڪ بابت "سنڌ ڪاليج مسلني" فيبروري 1930ع ۾، اُن سال جي سنڌي حصي جي مهتمم امرلعل هنگوراڻيءَ لکيو هو:

"ڪنهن دوست ٽورا ڏينهن ٿيا تہ ڳالهہ ڪندي چيو تہ هينئر سنڌ ۾ ترجما بند ٿيڻ گهرجن. پر مسٽر ملڪاڻيءَ جي ازراڻيل زٽگوول جي 'ميلٽنگ پاٽ' جو ترجمو، جيتوڻيڪ پاڻ جاڻائي ٿو تہ 'خوش آواز اکري ترجمي جي اصول تي ڪيل آهي'، تہ بہ هند جي سيپتا ۽ هند جي مسٽلن جي صورت نزاڪت ۽ سچائيءَ سان بيهاريل آهي. يهودي ۽ عيسائين ماڻ ٿيراڻي ڪيا اٽس چوت ۽ آڇوت. جيڪڏهن ڪن جو ڪتاب انگريزيءَ ۾ نہ پڙهيل هجي ۽ نڪي لکندڙ جو مهاڳ پڙهيل هجي، تہ شايد ائين ويسهہ ۾ اچي تہ هي اسان جي گهرو مورت کينچيل آهي. ويتر لکندڙ ريورنڊ اسٽبروز جي ڏکڻ آفريڪا بابت ڪتابن تان ڪشالا وٺي، هندستان جي ڪمين جي پيڙا ۽ هڙتال جو بہ چگو چٽ چٽيو آهي. سنڌي عبارت اعليٰ درجي جي نہ آهي، پر چرترڪاريءَ (characterization) تي چگو ڏيان ڏنل آهي. گهٽو ڪري سنڌ جي ترجمانن ليکي رڍون مڙئي ٻوٽ ڪاريون. سندن مطلب آهي آکاڻي جي رينگٽ سان. سو تہ بازيگر ۽ پگٽ بہ ڪندا آهن. پر مسٽر منگهارام ملڪاڻيءَ پاڻ هڪ خاصو اڪٽر آهي ۽ وري سنڌ ڪاليج ۾ انگريزي ساهت جو ليڪچرار آهي سو چرترڪاريءَ جي چٽسالييءَ جي جيڪس چگي پچاڻ اٽس."

ساڳئي ناٽڪ بابت "جوت"، 1 جون 1930ع ۾، پرمانند ميورام منهنجو بزرگ رشتيدار هوندي بہ، هيءَ بي رياييءَ واري نڪتہ چيني ڪئي هئي:

"ٽئگور ڊرامٽڪ ڪلب جو چوٽون رسالو. اصل ورتل انگريزي ناٽڪ 'ميلٽنگ پاٽ' تان، جنهن کي هندستاني ويس ڏيئي مسٽر منگهارام اڌارام ملڪاڻي بي.اي. سنڌي ناٽڪ جي صورت ۾ آندو آهي... ذات پات جي مرضن جون پاڙون پاتال ۾ ڪتل آهن جو ان کي ڊرمہ جو سهارو آهي. اُنهي جي وڇ ۾ صديون ڪپن. هن ناٽڪ جو اثر چگو ٽيندو، ۽ عبارت بہ چگي موچاري آهي. مگر سجو پڙهي ماٺهو رهيو، تہ ايترو رس ۽ مزو نہ آيو. نڪا

وري منجهس خوش طبعي نظر آئي. ايشوري نوڪرياڻيءَ کي وڏيڪ مزي سان چٽي سگهجي ها. وزيرچند جي چال تجويز ۽ شب ۾ ظاهر ڪرڻ ڪپندي هئي. سندر راڳي جي اهڙو گوهر هو تہ سندس ذهن ۽ ادراڪ جو ڪو مثال به تہ ڏيڻ ڪپندو هو. ڪتاب ۾ البت چُڪون آهن، جا هِجي جون، جا ڇاپي جون. مگر اها سرهائيءَ جي ڳالهہ چٽيي جو ڪالیج جي تعليم يافتي صاحب سنڌي لکڻ ۾ هيترو اُتساهہ ڏيڪاريو آهي، نہ تہ پنهنجي مادري هوليءَ کي اڄ ڪلهہ ڪير ٿو پچي؟"

رابندرناٿ ڪلب ڪراچيءَ وارن ملڪائيءَ کي 1930ع ۾ "ڪن جي خطا" لاءِ سال جو بهترين نانڪ لکڻ ڪري انعام ڏنو. هن نانڪ ۾ هڪ ديسي فلمي ڪهاڻيءَ کي نانڪي لباس پهرايل هو، جنهن ۾ نئين زماني جو نوجوان چوڪرن ۽ چوڪرين جي اجهل رلڻ ملڻ جا اڳرا نتيجا ڏيکاريل هٿا. پر فلم ۾ جا آڪاڻي خواب ۾ ڏنل هئي سا مون حقيقت ۾ آئي ڇڏي هئي. هن مسئلي کي ناشائستو سمجهي ڪلب جي ڪاميٽيءَ ۾ گرما گرم بحث هليو هو، پر آخر ۾ پرڌان تولاسنگهہ آڏواڻيءَ جي فراخ دليءَ سبب نانڪ جي رٿا ۽ لکڻيءَ ۾ ڪو به فاحشپڻو ڪونہ ڏٺو ويو، ۽ ڪاميٽي نہ رڳو بحال ڪيو بلڪہ انعام ۾ عطا ڪيو. ساڳئي سال هيءَ نانڪ لکندڙ جي هدايتڪاريءَ هيٺ، بن مهينن جي دؤر کان پوءِ، ڪراچي فريئر هال ۾ نهايت ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو ويو، جنهن جي اُپت "اِنڊين گرلس هاءِ اسڪول" کي ڏني ويئي. منجهس نانڪ نقاش جو پارٽ بہ لکندڙ پاڻ جذبي وچان ڪيو، ۽ نقاش جي رهنما دوست جو پارٽ پڳوان رامچندائيءَ راڳن سوڏو سنو ڪيو. "بک جو شڪار" وارو ديال ڪرپالاڻي وري بہ منهجو جوڙيدار ٿيو، ۽ جسم جي جاننائي هوندي بہ، نانڪا جو رول اهڙي تہ نفيسائيءَ ۽ جانداريءَ سان ڪيائين، ۽ خاص ڪري ڪٽاريءَ وارو آخرين گانو ڳائيندي ۽ ڦيرا پائيندي، جڏهن نراسائيءَ وچان اوچتو پاڻ کي خنجر هڻي وڃائين، تڏهن ماڻهن جنسي آهون پي پريون. ساڳيو نانڪ 1931ع ۾ حيدرآباد ۾ ڏيکاريو ويو ۽ اهڙوئي پسند پيو، جنهن ۾ بيو نمبر نانڪا جو اگرو پارٽ موتي جڳتياڻيءَ بدران خانو منسکاڻيءَ ڪيو هو، پيا انڪٽر ساڳيا هٿا.

هن نانڪ جي "اُگهاڙي ۽ فاحش" مسئلي تي اخبارن ۾ ايڏو چوهولو متو هو جيڏو ٻئي ڪنهن نانڪ بابت ڪونہ متو. اُن جي لکڻ تي برناردشا جي

"اگرن" ناٽڪن جو گهٽو اثر هو. توڻي عجيب ڳالهه آهي جو اُن اُستاد جو ڪوبه ناٽڪ سنڌيءَ ۾ ڪونه آندو ويو آهي. اُنکي ڪن انگريزي اخبارن خوب ساراهيو هو، ته ڪن سنڌي اخبارن خوب نندیو هو. "سنڌ هيرالڊ" اخبار ۾ "سچ چٽي ڏيندڙ" جي تخلص سان هي ڪڙي ۾ ڪڙي نڪته چيني پيٽي هٽي:

"ناٽڪ شروع ٿيو ته مان ته واتڙو ٿي ويس ته هي ناٽڪ آهي ڪين ڪا ليڪچر آهي؟ چي ناٽڪ ڪجن سچي جيوت جي ڪنهن آزمودي تي، اجايا ديو پريون ناٽڪ ۾ نه آڻجن. هين ناٽڪن ۾ ناٽڪ جي رٽا هڪ پاسي ته وري باءِ پلاٽ ۾ ٻئي پاسي ماڻهن جي وندر لاءِ مضمون. پر هن ناٽڪ ۾ ساڳي اها ليڪچر ٻڌڻ جا ناٽڪ جي رچيندڙ عامل اٽسوسيئيشن ۾ سال ڪن اڳي ٿيو ته انگريزي ۾ ڏني هٽي. وري ناٽڪ جي نندڙي ڪهاڻي ڪهڙي؟ چي هڪ هندو عورت پنهنجي پيءُ جي لالچائڻ تي پٽسن هٽ ڪرڻ لاءِ پتيءَ جو خون ٿي ڪيو. پلا ٻڌايو ته سهي ته اهڙي هندو عورت سرشٽيءَ جي آد (شروعات) کان وٺي ڪڏهن ڪنهن ٻڌي ڏٺي به ڪا؟ پوءِ هيءَ سچي جيوت جي آزمودي جو ڪيل هو ڪين رچيندڙ جي مغز مان بنايل بوتو هو؟... ڪيل ڏسندڙن کي مون ڪنهن به وقت ڪلندو ته آصل ڪونه ڏٺو. واهه جي وندر چٽيا! نه نه پليس. هڪ پيرو ڪليو هٽائون، جڏهن ڪيل جي هڪ ويس تاريءَ پرياکر ناٽڪ نويس (پڳوان رامچنداڻي) جي پارٽ ڪندي پنهنجي ڏوتيءَ سان ڪرسي اُڇهي مهمانن کي پاڻ وٽ ٿي ويهاريو. مطلب ته ڇ چريا چي مست آيا. واهه جو ڪلب جو ڪيل! جيڪا ليڪچر ڏنائون اهڙو ناٽڪ به ڪونه رچيو هٽائون. وري ڪيل ۾ مکيه پارٽ ونندڙ مان هڪڙو ته اهڙو هو جنهن رڳو ڪيڪون پي ڪيون، ڪو به سمجهي ڪونه ٿي سگهيو ته چوي چا پيو. وري به شڪر جو راڳ ڳائڻ ۾ ڪجهه ڊنگ هوس. مطلب ته جي انهيءَ ناٽڪ کي سڌاريل ناٽڪ چٽبو ته ناٽڪ جا ٻيا جيڪي به رچيندڙ آهن تن کي پنهنجي عهدي جي استعيفا ڏيڻي ڪو ٻيو ڏنڊو آختيار ڪرڻ گهرجي."

ملکاڻيءَ جو چوٿون ناٽڪ "انارڪلي"، اُن موضوع تي ۽ مشهور خاموش ديسي فلمون ڏسي ناٽڪي صورت ۾ آندو ويو هو. هيءُ ناٽڪ 1930ع ۾ حيدرآباد اميچوئرس جي چوڻ تي لکيو ويو ۽ چپايل به سندن ٿي هو، پر ڪن رڪاوٽن ڪري ڪيترا سال اسٽيج تي آڻي نه سگهيا ۽ مورڳو

سوسائٽي پنهنجا ٽپڙ ٽي ويڑهي رکيا. تان جو ستن سالن بعد اهو ناٽڪ ڪراچي رابندرناٿ ڪلب وارن ڪري ڏيکاريو. هن ناٽڪ ۾ مغل تاريخ جي هڪ وساريل ورق جو چتر چٽيل هو، جنهن ۾ شهزادي سليم جي انارڪلي سان محبت جو اظهار ڪيل هو، جا اڪبر اعظم جي حرمخاني ۾ هانهي هوندي هئي، ۽ جنهن جي حسن ۽ حاضر جوابيءَ تي راضي ٿي بادشاه سلامت خود ڪيس اهو خطاب ڏنو هو. لاهور ۾ انارڪلي بازار، ۽ اُن جي چيڑي ۾ انارڪليءَ جي مسڪين مزار ڏاران، تاريخ ۾ هن دوشيزه جو ڪو بيان ڪونهي. سندس پاڪ محبت ۽ قرباني جو قصو ناٽڪي لباس ۾ آڻڻ واجب سمجهي، ملڪائيءَ پنهنجي ناٽڪ ۾ اُن سان گڏوگڏ، اڪبر جي راڄ ۾ هندو- مسلم اتحاد جي اهميت پڻ نقش ڪئي هئي. هن ناٽڪ ۾ هولي ۽ مغل دربار جي شاهاڻي عبارت مطابق لکيل هئي، جنهن ۾ شاعر ليکراج عزيز وڏي مدد ڪئي هئي.

1937ع ۾ جڏهن "انارڪلي" پهريون پيرو ڪراچيءَ شاخ جي سهاري ۽ لکندڙ جي هدايتڪاريءَ هيٺ، مهين جي استعمال بعد، فريئر هال ۾ ڪيو ويو، تڏهن نٽين ڀالهه اها ٿي جو ڪنهن ڇيرو چوڪر کان زنانو پارٽ ڪرائڻ بدران، منجهس هڪ سچي پچيءَ چوڪريءَ ناٽڪا جو زنانو پارٽ ڪيو هو، جا هئي 'نٽن ميرچنداڻي'. هن نينگريءَ هڪ نينگر جو پارٽ "عجيب انصاف" ۾ اڳيئي ڪيو هو، پر هن ناٽڪ ۾ ناٽڪا جو رول اهڙي ته خلوص ۽ سوز وچان ڪيائين، ۽ شڪل شبيهه ۾ به اهڙي حسين ۽ شاندار ٿي لڳي، جو شڪ ناهي ته سچي انارڪلي به ڪانئس بهتر ڪانه هوندي! جنهن ڪري ڏسندڙ حيراني وچان دنگ رهجي ويا. ناٽڪا جو مڪمل پارٽ هڪ چوڪريءَ کان ڪرائي ، سنڌي ناٽڪ جي ترقيءَ ۾ اڳرو قدم ته کنيوسون، پر مائٽ چون ته چوڪريءَ سان گڏ ڪو چوڪرو ڪيئن محبت جو پارٽ ڪندو! تنهن ڪري لاچار سليم جو پارٽ به ڪٽي هڪ رشٽ پشٽ چوڪريءَ کي ڏنوسون، جا هئي وملا واسوائيءَ، جنهن به مردانو رول شاندار ڍنگ سان ڪيو ۽ اهو عاشق معشوق جو جوڑو نهايت عاليشان ٿي لڳو. هن ناٽڪ کان پوءِ وري اهو ابتو رواج پٽجي ويو ته نائڪ ۽ نائڪا ٻئي چوڪريون هجن. فني لحاظ کان هو اِهو به غير فطري، پر اڳي وانگر ٻن چوڪرن کان وري به به چوڪريون چگيون! هن ناٽڪ ۾ ٽين چوڪريءَ ليلان گنگارام سليم جي هندو زال انبر

ڪماريءَ جو پارٽ چاهه وچان ڪيو، پر تنهن سان گڏ سندس پتا گنگارام واڌوائيءَ کان به هڪ سوداگر جو وندرائيندڙ پارٽ ڪرايوسون. انهيءَ مراد سان ته چوڪريون پنهنجن پيٽرن پاڻرن جي حفاظت هيٺ ناٽڪن ۾ ايندیون ته گويا هڪ ڪٽنبي صحت مند وايو منڊل پيدا ٿي پوندو. چتر اُتمسنگهه کان پٽو پارٽ ڪرايوسون، هڪڙو انارڪلي جي ماءُ جو دڪدائڪ رول ۽ ٻيو سوداگر جي ٻيبيءَ جو چرچي گهپي وارو. اڪبر اعظم جو پارٽ قيمت واسوائيءَ - جو اڳي زنانا پارٽ ڪندو هو- نهايت ڏهڻي ۽ ديريناڻيءَ سان ڪيو. هيءُ ناٽڪ ساڳئي سال حيدرآباد ۾ به ساڳين اداڪارن سان وڏي ڪاميابي سان ڪري ڏيکاريو ويو. ٽيون دفعو "يونائيٽيڊ آرٽسٽس ڊرامٽڪ سوسائٽي" ، حيدرآباد وارن نٽشنل ڪاليج ۾، مولچند لعلواڻيءَ ۽ گگنمل مورجاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ ڪري ڏيکاريو، جنهن ۾ اداڪار سڀ چوڪريون هيون؛ سليم- گوپي ملڪاڻي؛ انبر - ڪماري چندرا منسکاڻي؛ ۽ اڪبر -چندني آڏواڻي. هن ناٽڪ جا راڳ سرسوت برهمڻ منڊليءَ جي اٽڪٽر رام- ٽي هيرا ناهيا هٿا ۽ سنگيت جي هدايتڪاريءَ ۾ پاڻ ڪئي هٿائين ته باجو پاڻ وڄايو هٿائين، جنهن ڪري ناٽڪ جو موسيقيءَ جو حصو به بلڪل ڪامياب ٿيو هو.

هن ناٽڪ بابت "هندو" اخبار جي ايڊيٽر هيرانند ڪرمچند هيٺيون راءِ ڏني هو:

"ڪيل ۾ هڊي ماءُ (چتر اُتمسنگهه) جي دردیلي اٽڪٽنگ ۽ نٽن ميرچنداڻي (انارڪلي) جي دڪ پريل، مڊر ۽ سريلي گاڻي ماڻهن کي موهي ڇڏيو. ڊائريڪٽر (ملڪاڻي) بيشڪ ڪمال ڪيو آهي. گانا اهڙا ته رسيلا ۽ مڊر هٿا جو هر هر 'ونس مور' جا آواز پي آيا. مس وملا واسوائيءَ (سليم) جي مڊر ڪنٺ ۽ نٽن ميرچنداڻيءَ جي اٽڪٽنگ ماڻهن تي ڏاڍو اثر ڪيو. ڪيل بي نظير ۽ ڏسڻ وٽان آهي."

ملڪاڻيءَ جو آخرين- نه وڏو، نه نندو، پر وچولو- ناٽڪ "شانتا" 1943ع ۾ "رتن ساهتيه منڊل" وارن ڇپايو هو. هيءُ ناٽڪ بيلجم جي نوبل انعام ڪٽندڙ ناٽڪ - ڪار مٽرلنڪ جي Pelleas and Melisande تان هندستاني جيوت ۾ اُلٿو ڪيل هو، ۽ بي پيار ۽ بي جوڙ شاديءَ جي مسئلن تي ۽ اُن جي دڪدائڪ نتيجن تي هڪ جذباتي درامو هو. پر ڪڏهن به اسٽيج تي ڪرڻ ۾ ڪونه آيو، ڪارڻ جو تيستائين هوليون فلمن جي خلق پسنديءَ

ڪري ناٽڪي سرگرمي ڏيکاڻجي ويئي هئي. ۽ رابندرانات ڪلب جي ڪرمچارين (ڪارڪن) مان اڳيون اُتساهه ٿڏو ٿي چڪو هو. خاص ڪري جو ڪلب جي اوائلي بانيڪار خانچند دريائي بمبئي ۾ وڃي فلم ڪمپني ڪڍي، ۽ اُن جو آخرين جفاڪش سيڪريٽري چانڊومل واڌواڻي پڻ فلم نمايش (Film Exibition) جو ڌنڌو ڪرڻ لاءِ سنڌ ڇڏي هليو ويو، تہ ڪلب جي ڪارروائي بند ٿي ويئي. ٻيون ناٽڪ منڊليون تہ اڳيئي سميٽجي چڪيون هيون. تحقيق، سنڌ ۾ فلمن، ناٽڪن جو خاتمو آڻي ڇڏيو! رابندرانات ڪلب جي ڪراچيءَ واري شاخ، پچاڙيءَ ۾ حيدرآباد شاخ کان وڌيڪ سرگرم هوندي هئي. ڪراچي شاخ جي مٿي ذڪر ڪيل ناٽڪن ڪري ڏيکاريو لاءِ هڪ ماهرن جي ڪاميٽي مقرر ڪيل هئي: هدايتڪار- منگهارام ملڪاڻي، اسٽيج جو ماهر- خانچند دريائي، ۽ سنگيت جو ماهر - ڀگوان رامچنداڻي؛ ڪم جي انهيءَ ورڇ ۽ سهڪار ڪري ٿي خاطر خواه نتيجا نڪرندا هٿا. ناٽڪن ۾ ڳايل راڳن جا سر آڪثر آڏ ڏسيندو هوس، جي اُردو ۽ گجراتي ناٽڪن مان منهنجي ڪنڌ ڪيل گاڻن جي ذخيري مان چونڊيندا هٿاسون، دريائي صاحب اُنهن سرن تي سنڌي اکر ٺهڪائيندو هو، ڀگوان رامچنداڻيءَ ڳائيندڙ اداڪارن کي اُهي سر سيکاريندو هو، ۽ اُستاد چنديرام جيرامداس هارمونيم وڄائڻ ۾ ڪمال ڪري ڇڏيندو هو.

رابندرانات ڪلب جي ڪهاڻي ختم ڪرڻ کان اڳ، هن انگريزي ۾ ڪيل ناٽڪن جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي، جن مان هن منڊليءَ جي بانيڪارن گهٽو اُتساهه پرايو هو ۽ پنهنجا سنڌي ناٽڪ ڪامياب ڪرڻ ۾ همٿايو هو. پهريون ناٽڪ هو ٽياساڻي پنٽ جي مشهور آثرش شاعر 'باڪٽر ڪزنس' جو The King's Wife جو حيدرآباد شاخ وارن 1924ع ڌاري حيدرآباد توڙي ڪراچيءَ ۾ ڪري ڏيکاريو هو. هن ناٽڪ ۾ ميران ٻائيءَ جي ڪهاڻي فيلسوفاڻي ۽ شاعراڻي ڍنگ ۾ ڏنل هئي، ۽ منجهس چوندڙ اٽڪڻ ڪم ڪيو هو. ميران جو ويس ڪشو پاوناڻيءَ، اڪبر جو ڏيئلمل لعلواڻيءَ، راڻي ڪنب جو عالم گدواڻيءَ، تانسين جو جيئلمل لعلواڻيءَ ۽ فقير جو هيرانند آڏواڻيءَ بخوبي ڪيا هٿا. هن ناٽڪ جي خاص نئين خوبي هئي جو شاعر جا انگريزي ۾ لکيل گانا، جيئلمل لعلواڻي هندستاني راڳڻين ۽ سرن ۾ بيهاريا هٿا- جو ميلاپ ڪجهہ عجيب غريب پر سٺو مٺو ٿي لڳو. باڪٽر ڪزنس خود اُن

وقت ڪراچيءَ ۾ موجود هو ۽ اسان جي ريهرسل تي اچي ڪارائتو هدايتون ڏسيندو هو. پر ناٽڪ پوري ٿيڻ کان پوءِ چيائين: "منهنجو ڪيل تہ ڇگو ڪري ڏيکاريو پر مرد کان زنانو پارٽ ڪرائي منهنجهي ميران ڪي قتل ڪري ڇڏيو! ٻيو انگريزي ناٽڪ، ٻئي مشهور ڪويءَ 'هريندرانات چٽو پاڌيا' جو Returned from Abroad هو، جو ليڪڪ پنهنجي هدايتڪاريءَ هيٺ 1928ع ڌاري، ڪراچيءَ توڙي حيدرآباد ۾ ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو هو. منجهس مکيہ ناٽڪا جو پارٽ شاعر پاڻ زبردست نوع ۾ ڪيو هو، ۽ هيرانند ۽ هن بندي به بين بن ويسن ۾ ولي آيو هوس. هريندرانات ناٽڪي فن جي پيشڪار (production) ۾ اُستاد هو، پر جهونن رنگبرنگي پردن ۾ ڪم آڻڻ جي سخت برخلاف هو. تنهن ڪري ناٽڪ جو هڪڙوئي نظارو، وڏا شاهي ناسي پنا گهرائي ، لئيءَ سان چنبڙائي، اُنهن ۾ دريون دروازا ڪيي، سجو پنهنجن هٿن سان ويهي ناهيو هٿائين، جو بجليءَ جي روشنيءَ ۾ نهايت سندر ٿي لڳو. ناٽڪا جي پارٽ لاءِ چيائين: ڪهڙي به اڇاڻ، پر سچي پچي چوڪري ولي اچو، تہ مان ٻيي ناهي ائڪٽريس بنائي ڇڏيندوسانس. سو ڪراچيءَ ۾ تہ هڪ عيسائي چوڪري هٿ ڪئي سون، پر حيدرآباد ۾ سنڌي چوڪري ملڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿي جا ڏاڙي مرد جي زال بنجڻ قبول ڪري! نيٺ جهوني ائڪٽر وليرام آتلمل پنهنجي ڏي گوپي ٽڏائي ڪڍي ڏني، جا سنڌ ۾ پهرين چوڪري هئي جنهن سماجي چوپچو جي پرواه نہ ڪري، اهڙو بردبار قدم کنيو. جيتوڻيڪ اهو هن انگريزي ناٽڪ ۾ هو، نہ سنڌي ناٽڪ ۾. سنڌي ناٽڪن ۾ پهريون چوڪريون هيون نٽن ميرچنداڻي ۽ پدمي آچلسنگهہ، پر انهن مردن سان پارٽ ڪونہ ڪيا هٿا پر مرداني روپ ۾ زالن سان- جيئن اڄتي هلي ٻڌايو ويندو.

## لوڪ - ڪهاڻين تي ٻڌل ناٽڪ

اڪثر ائين سمجهيو ويندو آهي تہ سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي ناٽڪي روپ ڏيڻ جي نئين وات لعلچند امرڊنيمل ڳولهي ڪڍي، پر اِها ڳالهہ تاريخ جي ابتڙ آهي. حقيقت ۾ سماجي ناٽڪ وانگر، لوڪ - ناٽڪ جو پايو به سنڌي ادب ۾ 'خانچند درياڻيءَ' وڏو جڏهن 1922ع ۾ سندس "مومل مينرڙو" سنڌي ساهت سوسائٽي" وارن چپايو هو. اهو ناٽڪ سنڌ ڪالیج جي نئين ناٽڪ منڊليءَ جا هن بندي پرنسپال شاهاڻي جي اُتساهہ ڏيارڻ تي جاري ڪئي هئي،

تنهن جي 1928ع واري سالياني جلسي تي شاگردن کان ڪرائي ڏيکاريو هو، هيءَ ناٽڪ جيتوڻيڪ وچولي ڏيگهه جو هو تہ بہ منجهس ڪردار ۽ پردا اجايا گهڻا وڌل هئا، جنهن ڪري ڪي ننڍا غير ضروري نظارا ۽ ڪردار مون کي ملائي يا ڪاٽي ڇڏڻا پيا. بيت ۽ ڏوهيڙا ناٽڪ ۾ گهڙو ڪري شاهہ صاحب جا ڪم آندل هئا ۽ ڪردارن جون زبانيون اُنهن سان چڱيون نهڪي ٿي آيون. هن ۾ مومل جو پارٽ هڪ مهانڇڙي ڪالیج جوان مڪند لالا ڏاڍيءَ نفيسائيءَ ۽ اُتساهہ وچان ڪيو هو ۽ ڪافيون ۽ ڏوهيڙا ميناج پريا ڳايا هئائين. راڻي جو پارٽ موتي جڳتيانيءَ ڪيو هو، رانجهل جو ڪشني جڳتيانيءَ ۽ سومل جو چندن ميرچندانيءَ. هيءَ ناٽڪ ڇڪو اُترائتو ٿيو هو، پر سومل جو مردانو لباس ڏڪي مومل سان پلنگ تي سمهي پوڻ، پرنسپال شاهانيءَ کي اگرو لڳو هو ۽ چيائين تہ اهڙا نظارا منچ تي ڏيکارڻ ناٽڪي اصولن جي خلاف آهي.

شايع ٿيڻ جي لحاظ کان نہ، پر اسٽيج تي آڻڻ جي لحاظ کان ڏسبو تہ' لعلچند صاحب' جو "عمر ماروئي" برابر پهريون لوڪ ناٽڪ هو جو حيدرآباد رابندرانات ڪلب وارن 1925ع ۾ بيحد ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو. هي ڪيل حيدرآباد توڙي ڪراچي ۾ ور ور ڏيئي، جملي 10-12 راتيون ڪري ۾ آيو، جنهن جهڙي فتحيابي ٻئي ڪنهن بہ سنڌي ناٽڪ کانہ حاصل ڪئي. منجهس اُستاد جي دستوري خيالن ۽ هوليءَ جون ادبي خوبيون بيشڪ هيون، پر ٽئگور جي "گارڊنر" جا شاعراڻا ويچار جي سنڌي ڳوڻائن عاشقن جي مڪ ۾ وڻا هئائين سي غير فطري ٿي ياسيا. لنبيين زبانين ۽ اينگهندڙ گفتگوئن ڪري بہ ناٽڪي فن جي جيڪي سو ڪمي هئي. پر تنهن هوندي بہ هن ناٽڪ ايڏي ڪاميابي انهي ڪري پاتي جو هدايتڪار اُستاد هيرانند ڳوڻاٽا نظارا- ملير جي ڪوهہ ۽ عمر جي ڪوٽ وارا اهڙا پورا پيش ڪيا، ۽ ڪردارن کي، ۽ خاص ڪري ساهيلين جي سٽي کي، پوشاڪون اهڙيون تہ تز ڳوڻائيون ۽ رنگارنگي پهرايائين جو هيءَ ڪيل نمايش جو شاهڪار بنجي پيو. مٺان وري پريتي شوداسائيءَ ماروييءَ جو پارٽ اهڙيءَ نماڻائيءَ ۽ اٻوجهائيءَ سان ڪيو جو سندس سادو سودو چهروئي ٻهڪي پيو ۽ ناٽڪي آسمان ۾ گويا نئون ستارو اُپريو! سڪ ۽ سوز وچان، جهيڙي مٺي آواز ۾ وٽي جي شاهہ جا ڏوهيڙا ڏنائين تہ ٻڌندڙن جون دليون پگهرجي پيون. عمر جو پارٽ ڪڏهن ڏٺلمل لعلواڻي تہ ڪڏهن وليرام آٺلمل ڪندا هئا، پر عمر جي ڪردارنگاريءَ

۾ ڪمزوري هٿ ڪري ڏيئلمل اُهو پارٽ اهڙو آئراٿتو نه بنائي سگهندو هو، پر وليرام خاموش اٽڪنگ سان خال پري لکندڙ جي اها خامي سڌاري ڇڏيندو هو. ڏئلمل ڦوڳ سين بيوقوف- بدمعاش جو پارٽ ڪاريگريءَ سان ڪندو هو، جو ساڳيو ڪڏهن مولچند لعلواڻي ۽ ڪڏهن جهونو اٽڪنر وليرام گلراجاڻي به چگو ڪندا هٿا. عاشق کيت سين جو پارٽ جهمڻمل پاوناڻي ڪندو هو، جو اڳي زنانا پارٽ ڪندو هو. ماروئي جي پيءَ جو پارٽ اڪثر مولچند لعلواڻي، ۽ دائيءَ جو پارٽ هڪ مسلم جوان عزيز، پوري پيرسن لهجي سان ڪندو هو. هن ناٽڪ جي هي خاص ڪشش هوندي هئي وڌند مسخري جو پارٽ جو استاد لعلچند پنهنجي دليان ناهيو هو، ۽ هدايتڪار هيرانند پاڻ ڪندو هو، ۽ پيري پيري سان اهڙا وڻي نوان نوان يوڳ مسخريون ڪندو هو جو جنسي پيٽ کي هت ڏيڻا پوندا هٿا. 1929ع ۾ "عمر ماروئي" حيدرآباد شاخ وارن ڪراچي ٿياسيفڪل هال ۾، "انڊين گرلس اسڪول" جي ساهتا لاءِ ڪري ڏيکاريو، جنهن ۾ موسيقي هدايتڪاري برڪ سنگيت ماهر احمد چاڪلا ڪئي هئي ۽ راڳن سان طرح طرح جا ساز اهڙا وڄايا هٿائين جو ناٽڪ ٽي ڪجي پيو هو. 1935ع ۾ All-India Women's Confrence جي موقعي تي، هن ناٽڪ مان ڪوهه ۽ ڪوٽ وارا ٻه فصل اُستاد هيرانند فريئر هال ۾ ڪري ڏيکاريا هٿا، جنهن ۾ 'ڪماري پدمي اچلسنگ آڏواڻيءَ' ماروئي جو پارٽ اهڙي ته امنگ ۽ سوز وچان ڪيو هو ۽ ڪوٽ جي ڪنگرن تان ڏوهيڙا ٻه اهڙي رسيلي آواز ۾ ڏنا هٿائين، جو تڏهن سماءُ پيوسون ته زناني پارٽ لاءِ، کهڙي ٻه سئي مرد اٽڪنر کان، سچي پچي چوکري سؤبار وڌيڪ آئراٿتي ٽي ٿئي. سنڌي ناٽڪ جي تاريخ ۾ هيءُ پهريون دفعو هو جو هن چوکرين ناٽڪا جو پارٽ ڪنيو هو- نٽن ميرچنداڻي ٻه ورهيه پوءِ (1937ع ۾) "انارڪلي" جي ناٽڪا ٻڌي.

"عمر ماروي" جو "پارتواسي" 8 نومبر 1925ع پرچي ۾ ناٽب مهتمر 'چتومل ٽڏاڻيءَ' هيءُ اندازو لڳايو هو؛

"مستر لعلچند سنڌ جي ڪهني لکيل آکاڻي عمر ۽ ماروئي جي ناٽڪ جي صورت ۾ آڻي سنڌي ساهت جي عمدي خدمت ڪئي آهي. منجهس شاهه صاحب جي رسالي مان ڪافيون ۽ ڏوهيڙا وڄهي ڪتاب کي بلڪل سوادي بنايو اٿس. البت ڪتاب جي عبارت ناٽڪ جي لفظن کان بلڪل

ڳوري پيٽي نظر اچي. عمر جي چال جو جيڪو چٽ ڪيو اٿس تنهن کي ڪنهن به قسم جو تکو رنگ نه ڏنو اٿس. عمر نه ظالم ظلمي ٿو نظر اچي، نڪي فدا ٿيل بي حال عاشق ٿو نظر اچي. پر ڪيئن ٻه، ڪتاب ۾ جيڪي به اوڻايون هيون سي نانڪ ڪندڙن جي بي نظير نانڪي فن بنهه ڏکي ڇڏيون. ماروئي (پريتمداس) ته حد ڪري ڇڏي. جيڏي مهل عمر جي ڪوٽ جي ڪنگرن تان ڏوهيڙا ڏيئي ابائن ۽ پکن ۽ پسين ۽ مارونڙن جي لاءِ ٿي ٻاڌايائين تڏهن ساهه ڪڍ به نٿي ٿيو ۽ ماندوي ۾ سن سناٽ ٿي لڳي ويئي... وڏيري وڳند (هيرانند) به حيرت ڪري ڇڏي. جڏ ته سچ پچ کو ڪنهن ڳوٺ مان مسخرو آيو هو. چا سندس پوشاڪ، چا شڪل، چا راڳ ۽ چا سندس مسخريءَ! ساري سنڌ ۾ وڳند وڏيري جهڙو انڪٽر ڪونه لينڊو. مسخريءَ جي فن ۾ ڪانئس پوءِ حد آهي. انصاف ٿوڳ (ڏيئلمل) جا به ڪين وڃائيا. نسورو ٿوڪ 'سچو عاشق پيٽو دي آچار' ٿي ٻيٽو. جهڙو ڪيائين آواز تهڙي ڳالهايائين ڳوناڻي ٻولي. ٻيو انڪٽرن به پاڻ چگو ملهايو."

لعلچند صاحب، 'ڊنگومل تڌاڻيءَ' سان جفت ٿي. (1) "سهڻي ميهار" به نانڪي صورت ۾ آندو هو پر اُهو اسٽيج تي ڪڏهن ڪونه آيو. اُستاد صاحب "سسئي پنهون" نانڪ پڻ تيار ڪيو هو، پر اُهو ته ڇاپي ۾ به اڃا ڪونه آيو آهي. 1932ع ۾ 'منگلسنگهه رامچنداڻيءَ' (جو سنو مذاقي انڪٽر هوندو هو) به "سسئي پنهون" نانڪ لکيو هو، جو هڪ ڪاليجي جوانن جي مندليءَ بخوبيءَ ڪري ڏيکاريو هو.

استاد لعلچند جي نقش قدمن تي هلي، 'باڪٽر ليلارام ڦيروانيءَ' 1936ع ۾، ليلان چنيسر جي لوڪ ڪهاڻي "هڪ رات نالي سان نانڪي صورت ۾ آندي هئي، جنهن ۾ شڪارپوري ٻولي اهڙي مٺي ڪم آندائين جو سندس نثر مان نظم جو ساءُ پي آيو. ڏنگين ليڪن ۾ نانڪي هدايتون (Stage directions) به تفصيل وار ڏنائين، جيئن نئين زماني جي نانڪ نويسيءَ جو دستور آهي پر ٻين نون دستورن جي انحرافي اها ڪيائين جو ڪردار ۽ ڇهڪتا ايترا گهٽا ۽ غير ضروري وڌائين، جو هيءَ نانڪ سٽنيما ۾ ڪرڻ لاتق ٿي پيو ۽ اسٽيج تي ڪرڻ ۾ ڪونه آيو. هن نانڪ جي مهاڳ لکندي 'منگهارام ملڪاڻيءَ' رايو ڏنو هو:

(1) هن نانڪ تي تنقيد، تنقيد واري فصل ۾ ڏني آهي.

"ڊاڪٽر ليلارام ڦيروائيءَ جو "هڪڙي رات"، شري لعلچند جڳتيائيءَ جي "عمر مارئي" جو لائق سنتان (اولاد) آهي، بلڪ ڪن خاصيتن ۾ والد کان گوءِ ڪٽي ويو آهي. منجهس رڳي ساهتي سڱڌ ڪانهي پر ناٽڪي لياقت به چڱيائي آهي. اُن جي عبارت جي نثر مان نظم جو آلاپ پيو اچي. وري ڪردارنگاريءَ جون هدايتون اهڙيون وچوروار ڏري پرڏي ڏنيون اٿس، جو فقط پڙهڻ سان ئي من جي تختن تي گويا ناٽڪ پيو ڏسجي... ڪونڙو جي چٽيل تصوير نهايت پياري آهي؛ راجا چنيسر لاءِ سندس سوڪمر (نفيس) سڪ، دل کي پوٽر (پاڪ) ڪيو چڏي... چهچٽي ٻڌين جي آخرين پردي ۾، جڏهن سندس پريتم بي سرت پلنگ تي ستو پيو آهي ۽ پاڻ پٽ تي ويهي، پلنگ جي ٻني تي ڪنڌ رکي ليٽي ٽي پوي ۽ اڌين رات وهامي ٽي وڃيس، تڏهن ته اندر ۾ سيئات پٽجيو وڃي ۽ افسوس پيو ٿئي ته اهڙيءَ پاڪ محبوبا جو آخرين پردن ۾، لکندڙ ديدار ٿي نٿو ڪرائي! ناٽڪ جي پچاڙيءَ ۾ ليلان توڙي چنيسر ٻئي هڪ ٻئي پٺيان مريو پون، جا ڳالهه دل سان ٿي پيئي لڳي. ڏند ڪٽا ۾ پلي اها پڄائي ڏيکاريل هجي، پر ساهت جي درشٽيءَ (نظر) کان اڪائيءَ ۾ ڪجهه دست اندازي بيشڪ ڪري سگهجي ٿي؛ جنهن موجب فقط ليلان ساهه ڏئي ته به ناٽڪ مان ساڳيو دڪدائڪ تاثير نڪري ايندو. چنيسر جي مرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي؛ هن کي آخر وفادار ڪونڙوءَ سان اي ملائڻ جڳائي."

لوڪ ناٽڪ رچڻ جي روايت 'پروفيسر رام پنجوائيءَ' پختي ڪئي. هن صاحب، پرنسپال گربخشائيءَ جي فرمائش تي، ڪراچي ڪاليج جي غريب شاگردن جي سهائتا فنڊ لاءِ، 1941ع ۾ "مومل راڻو" کيل سلوٽي زبان ۾ لکيو، جنهن سان هڪ مذاقي ٽڪر به دليان ناهي ملائي چڏيائين ۽ ضروي گانا به جوڙي جوڳين جاين تي وڌائين- ۽ اهو سمورو ڪم هفتي ڪن ۾ سر انجام ڪري ورتائين. پر ڦيروائيءَ جي ناٽڪ وانگر، هن ناٽڪ ۾ به نظارا ايترا اڪيچار ۽ پيش ڪرڻ ۾ ڏکيا هٿا (مثل ڪاڪ جي طلسم وارو نظارو)، ۽ وڏي ڳالهه ته جلد جلد ڦرندڙ هٿا، جو هيءَ ناٽڪ به اسٽيج تي آڻڻ عبث ٿي پوي ها، جيڪڏهن استاد هيرانند ۽ هيءَ بندو، ڪٽون ڪوٽون ڪري، مٿا مونا هٽي پورائي نه ڪن ها. وري به شڪر جو هيرانند جي هدايتڪاريءَ سان هيءَ ناٽڪ نهايت آثرائتو بيٺو - خاص هن ڪري جو منجهس گهٽيون ڪاليجي

چوڪريون سڀيون اداڪار هيون. مومل جو پارٽ مٺنا واسواڻيءَ نهايت جذبي وچان ڪيو ۽ ڪانيون ۽ ڏوهيڙا به مٺي آواز ۾ ڳايائين. راڻي جو رول ڪملا ڪرپالاڻيءَ مرداني ڍنگ سان ڪيو، ۽ رڪ آڏواڻي سڀي سومل بڻي. مورتي شهاڻيءَ جي چهري ۾ سواميءَ جي ڏيا هئي، ۽ موهني گدواڻيءَ ۽ هيرو آڏواڻيءَ، مڪڙ ۽ ڊڪڙ مسخرن جي مردانن پارٽن ۾ ماٺهن کي خوب ڪلايو. رام پنجواڻيءَ لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل ٻيو به نانڪ "پڪي ۾ پدمڻي" 1943ع ۾ جوڙيو، جنهن ۾ عمر ماروئيءَ جو قصو نانڪي لباس ۾ آندل هو، جنهن ۾ به چهڙن ۽ ڪردارن جو صرفو ڪيل ڪونه هو. هيءَ نانڪ پنجواڻي صاحب جي برپا ڪيل "سنڌي سرڪل" جي سهاري ۽ سندس هدايتڪاريءَ هيٺ، ڪراچي ڪاليج جي چوڪرين کان ڪرائي ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ عمر جو پارٽ مٺنا منگهارام ملڪاڻيءَ گهربل مرداني ڍنگ سان ڪيو، ۽ ڪملا وليرام ٽڏاڻيءَ ماروئيءَ جي پارٽ ۾ چگهو اُمنگ ۽ جذبو پريو هو. پنجواڻيءَ مٽين لوڪ- نانڪن ۾ سنڌي پڪٽ به ڏاڍي مزيدار وجهندو هو، جنهن ۾ مڪيه پڪٽ جو پارٽ پاڻ ڪندو هو. آخرين لوڪ- نانڪ 'نانڪرام ڏرمداس' جو "سهڻي ميهار" هو، جو 1946ع ۾ سندس سرڳواس ٽيڻ پڇاڻان "پارت جيون" رسالي ۾ ڇپيو هو پر اسٽيج تي ڪڏهن ۾ ڪونه آيو.

رابندرانات ٽيگور ڪلب جو آخرين نانڪ- ڪار احمد چاڱلا هو، جو ڪراچي ٽيڪنيڪل سوسائٽيءَ جو موسيقي اُستاد هوندو هو ۽ نانڪي فن ۾ به ماهر هو، هن صاحب 1931ع ۾ "خوني" نالي نانڪ ترڪي زبان مان سنڌيءَ ۾ آندو هو، جو اصل جرمن نانڪ نويس رچرڊ ووس جو جوڙيل هو ان جو اُلڻي انصاف وارو مسئلو ۽ ڪردار زوردار هٿا ۽ سهڻي ڳوٺاڻي اصطلاح ۾ لکيل هو، جنهن تي استاد لعلچند جو هٿ لڳل هو. پر پلاٽ ۾ اسٽيج تي ٽيندڙ ڪارروائي بلڪل گهٽ هئي ۽ ان بدلي زمان ماضيءَ ۾ ٻڌايل بيانن سا پرپور هو، جنهن ڪري نانڪي دلچسپي منجهس گهٽي ڪانه هئي. هيءَ ڪيل لکندڙ ۽ هيرانند جي گڏيل هدايتڪاريءَ هيٺ ڪري ڏيکارٿو هو، جنهن لاءِ پردن ۽ پوشاڪن ٺهرائڻ جون گرماگرم تياريون به ٿي ويون هيون ۽ ان جي شاندار ڪاميابي جون اميدون هيون. پر پچاڙيءَ ۾، ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد وارن ڪارپردازن ۾ ڪن مت- پيدن ٽيڻ ڪري چاڱلا ۽ هيرانند پنهنجا هٿ ڪڍائي ويا، ۽ حيدرآباد وارن پهنجي روءِ سوءِ اهو نانڪ 1934ع ۾ ڪري

ڏيکاريو. جنهن ۾ لکندڙ جي فهمايش جي پيروي کانه ڪئي ويئي. ڏيئلمل لعلوائيءَ جهڙي قابل اداکار پهريون ٽي دفعو ناٽڪ جي هدايتڪاري پاڻ تي هموار ڪئي، ۽ نانڪرام ڏرمداس ۽ ليکراج عزيز پارن شاعرن اُن لاءِ گانا جوڙيا. بيگناهه خونيءَ جو مکيه پارٽ به ڏيئلمل پاڻ ڪيو. ۽ وليرام آئلمل به بدمعاش جو پارٽ سنو ڪيو. پر تنهن هوندي به ناٽڪ مان ناظرين کي جس رس ڪونه آيو؛ جنهن جو مکيه ڪارڻ اهو هو ته ناٽڪ ۾ پورو ناٽڪي دم ڪونه هو. هن کيل جي واحد خوبي هئي پريتي شوداسائيءَ (معشوق) ۽ هيري سوپراج (عاشق - جنهن "قسمت" ۾ معشوق جي پارٽ ۾ وڻ وڃايا هٿا) جو جوڙو، جن هڪڙيئي عاشقائي نظاري ۾ پنهنجا پارٽ اهڙا سوز پريا ڪيا ۽ گانا به اهڙا رسيلا ڳاتائون، جو گويا هڪ روماني تصوير ٿهي پيئي ۽ اها ڳالهه ٽي وسري ويئي ته هئي مرد آهن!"خوني" جي ناڪاميابيءَ کان پوءِ هن ڪلب جي حيدرآباد شاخ جو ڪاروبار بند ٽي ويو.

احمد چاڳلا به ٻيا کيل به سنڌي ۾ آندا هٿا؛ هڪڙو "يوت" (Ghosts) ۽ ٻيو "ديش جو دشمن" (Enemy of the people)، جي هئي ناروي جي نامياري ناٽڪ نويس اِبسن جي ناٽڪن تان ورتل هٿا، ۽ جن مان پهريون "مهراڻ، مخزن ۾ 1946ع ۾ قسطون ڪري ڇپايو ويو هو. پر اهي ناٽڪ شايد ڪنهن به ڪرڻ ۾ ڪو نه آيا.

## متفرقا ناٽڪ

1926ع ۾ 'جهمڻمل پاونائي' اداکار مان ڪري ناٽڪ- ڪار ٽي ٻيو. هن صاحب مشهور مذاقي ناٽڪ نويس موليئر جي کيلن کي سنڌي لباس پهرائڻ شروع ڪيو. سندس پهريون اُلٿو کيل ناٽڪ هو "مکر" جو اين- ايڇ - پنجابيءَ وارن ڇپايو هو ۽ Love is the Best Doctor تان ورتل هو. پاونائيءَ موليئر جو ٻيو مکيه ناٽڪ The Miser به ڏيهي حالتن ۾ بيهاريو هو، جنهن جو نالو هو "موذي"، پر اڄا دستخط ۾ پيو آهي. عجب آهي اهڙا هٿي ڪلائيندڙ ناٽڪ ڇو کين ڪرڻ ۾ آيا آهن.

1936ع ۾ هٿي هڪ برجستي ائڪٽر 'جڳو آڏوائيءَ' (جو پوءِ بمبئي جو فلم ڊائريڪٽر بنيو) ساڳئي موليئر جي هٿي هڪ مذاقي ناٽڪ Impostures of Escapin کي "افلاطون" نالي سان سنڌيءَ ۾ الٿو ڪيو، جو ڪاليجي شاگردن جي هڪ ناٽڪ منڊليءَ کان ڪراچي فريئر هال ۾ مون

ڪري ڏيکاريو هو ۽ ڪافي ڪامياب ويو هو. منجهس جڳوءَ پاڻ مڪيہ مذاقي پارٽ ڪيو هو، خانو منسڪاڻيءَ نائڪا جو پارٽ، ۽ منگل رامچنداڻي، ڪشني جڳتياڻيءَ ۽ لکي ملڪاڻيءَ ٻيا ڪلاڪينڊرَ پارٽ ڪيا هٿا.

'ليکراج عزيز' پنهنجو شاعراڻو قلم نائڪ نويسيءَ تي بہ خوب هلائيندو هو. هن صاحب ٽي سڀا نائڪ لکيا. سندس پهريون "ڪمار اجيت سنگهہ" (1931ع) راجپوت تاريخي کيل هو، جو اسٽيج تي چگيڙو بيٺو هو ۽ منجهس نائڪ جو پاڻ مولچند ليلارامسنگهہ ورتو هو. پنهنجو ٻيون نائڪ "مسٽر مجنون"، جڳو آڏواڻيءَ سان شراڪت ۾ جوڙيو هٿائين. هيءَ هڪ سجو مذاقي کيل هو جنهن جي پٽيان نٽين زماني جي مجنوئن ۽ لٽلائن تي سماجي طنز رکيل هئي. هيءَ نائڪ 1933ع ۾ بلڪل ڪاميابيءَ سان، خود جڳو آڏواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ، حيدرآباد ۾ ڪري ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ مولچند ليلارامسنگهہ فئشنبل مجنونءَ جو پارٽ نهايت فطرتي مذاقي نوع ۾ ڪيو هو، ۽ Molly, I love you وارو انگريزي گانو واهہ جو ڳايو هٿائين. آتو لعلواڻيءَ جديد ليليٰ جو پارٽ ناز انداز سان ڪيو هو، ۽ دولت (پڏي) آڏواڻيءَ پيرسن مائيءَ جي ويس ۾ خوب ڪلايو هو. راڳ ليکراج پاڻ ناهيا هٿا ۽ گاني جي هدايتڪاري سهجو واڏواڻيءَ ڪئي هئي ۽ باجو بہ سريلو وڄايو هٿائين. هن جهڙو ڪامياب مڪمل مذاقي کيل سنڌ ۾ ڪونہ ڏٺو ۾ آيو. عزيز صاحب جو آخري نائڪ "غريبان مار" خود عزيز صاحب جي زمينداري پيشي تي ٻڌل، مسڪين هارين ۽ زميندارن جي ظلمن بابت اثراتو ڪيل هو. پر ان جي پلاٽ ۽ رٿا وغيره جي، درياڻيءَ جي "زمينداري ظلم" سان چگي مشابهت ڏٺي ۾ ٽي آئي، توڻي ان جي لکڻيءَ جو رنگ ڍنگ وڌيڪ پڪو پختو هو. آءُ سمجهان ٿو تہ هيءُ نائڪ اسٽيج تي ڪونہ آيو، مگر ان جي ادبي لياقت سچائي، سرڪاري صلاحڪار بورڊ وٽان عزيز صاحب کي انعام ملیو هو.

هن آخري فقري وارا ٻيا متفرقا نائڪ هٿا: جهمٽ ٽڏاڻيءَ (ائڪٽر وليرام آتلمل جي پٽ) جو "ڪملا" ۽ موتي منسڪاڻيءَ جو "جواني" جو انڊ" (1936ع)، جي ٻئي پنگتي موضوعن تي اصلوڪا لکيل چگيڙا نائڪ هٿا. ناڪرداس ورما جو "مهاراجا ڏاهرسين" (1936ع) سنڌ جي جهوني اتهاس بابت هڪ اصلوڪو ڪوجنا وارو نائڪ هو، پر ان ۾ ڪردار ۽ پردا اجايا گهٽا آندل هٿا. 'رمڻ لعل شرما' ۽ 'رامچند ڪيولراماڻيءَ' جو گڏي لکيل "ديش

يڪتي" (1937ع) چالو زماني بابت چگيرڙو قومي نانڪ هو. سئينما جي شوقين ڪاليجي جوان 'اڏي جهانگيائيءَ' (جو پوءِ اديب ڪمار نالي سان فلمي اداڪار بنيو) فلمن کان متاثر ٿي هڪ ٻئي پٽيان 5-8 ناول لکي ڪڍيا، جن مان "قرباني" (1932ع)، "انصاف" (1933ع) سماجي ڪيل هٿا ۽ "جهانگير" (1935ع) تاريخي هو. سندس بهترين ڪيل "اڄ ڪلهه" سماجي مسئلن تي لکيل هو، جو ڀڏجي ٿو تہ 1940-1943ع وچ ۾ سڄا سارا ويهہ دفعا حيدرآباد ڪاليج منڊليءَ ڪري ڏيکاريو هو. هن نانڪن ۾ لکندڙ خود نانڪ جو پارٽ ڪندو هو ۽ نانڪا جو آتو لعلوائي.

هن وقت ڌاري، 'عثمان علي انصاريءَ' شيڪسپيئر جا ٻہ نانڪ ترجمو ڪيا، جي مرزا قليچ بيگ ٻہ ڳهٽو اڳ سنڌيءَ ۾ آندا هٿا. هڪڙو "جرم بي وفا" (Cymbbeline) ۽ ٻيو "گمراهہ دوست" (Two Gentlemen of Verona)، پر هن صاحب نانڪن جا نالا جيتوڻيڪ ڏيهي رکيا، تہ ٻہ انهن جي ڪردارن جا نالا ساڳيا مغربي رکيائين. عبارت جي لحاظ کان هي ڪيل پڙهڻ وٽان هٿا، ۽ انصاري صاحب جي نظر هيٺ ٻئي ڪيل ساهتيءَ ۾ اسڪولي شاگردن ڪري ڏيکاريا هٿا ۽ چگا پسند پيا هٿا، پر شايد چاپي ۾ نہ آيا آهن.

هڪ ٻيو مسلم نانڪ نويس 'محمد اسماعيل عرسائي' هو، جنهن هڪ خود - ساختو نانڪ "بدنصيب ٽري" 1939ع ۾، ميرپورخاص مدرسي جي شاگردن کان، تعليم جي ڦهلاوَ تحرڪ لاءِ ڪري ڏيکاريو هو، ۽ جن ٻہ ڏٽو هو سي لکندڙ ۽ ڪيل ڪندڙن جي ساکن مان ڏاوائي نٿي. هن نانڪ ۾ ٽري زندگيءَ جو چٽ، مڪاني تلفظ ۽ محاوري ۾ چٽيل هو، ۽ سڌاري جي مراد سان لکيل هوندي ٻہ منجهس ٽپ ٽپ تي ٽهڪ پريل هو. البت پردن جي لهہ وچڙ منجهس گهٽي هٿي، پر چا رٽا، چا عبارت جي لحاظ کان هيءَ نانڪ هڪ شاهڪار هو. سنڌي مرڪزي صلاحڪار بورڊ وارن هيءَ نانڪ 1941ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

1942ع ۾ ڪراچي ڪاليج جو هڪ سٹو مذاقي ائڪٽر 'ايڇ. سي. بلي'، جنهن پوءِ وڪالت اختيار ڪئي، تنهن پنهنجي ڏنڏي جي آزمودي مان "آڏيءَ جو انصاف" نانڪ بيٺن ۾ لکيو، جنهن ۾ ڪل مسخريءَ سان گڏوگڏ وڪيلن، ججن ۽ ڪورٽن جي ڪاروبار تي سٽ (Satire) ڪيل هٿي. لکندڙ هيءَ نانڪ حيدرآباد ۾ ڪري ڏيکاريو هو، جنهن ۾ مکيہ رول پاڻ ادا ڪري

خوب ڪلايو هٿائين ۽ ڪيل ڪامياب ٿيو هو. 1945ع ۾ 'لٽيندارام ڏوڏيجا' (جنهن "وڪيل" نالي ننڍو نانڪ لکيو هو) "شاديءَ جون ٻيڙيون" لکيو، جو برڪ مرهائي نانڪ ڪار پروفيسر اتري جي شاهڪار نانڪ تان سنڌي سماجي جيون ۾ اُلٽو ڪيل هو. هن نانڪ ۾، چالو زماني ۾ پيار ۽ شاديءَ جي مسئلي تي نازڪ مسخري ۽ ٺٽولي ڪيل هئي، جنهن ڪري سنڌي مذاقي نانڪن ۾، اصلوڪو نه هوندي به، اوچو درجو ٿو والاري. پر عجب آهي ته سنڌي پبلڪ اڳيان اڄان ڪنهن پيش ڪونه ڪيو آهي، جيئن هو ان مان مزو ۽ فائدو پرائين.

1946ع ۾ 'پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ' مها ڪوي ڪاليداس جي شاهڪار "شڪنتلا" (1) جو ترجمو موزون ۽ چيدي سنڌيءَ ۾ ڪيو، جنهن ۾ آسان هندي ۽ فارسي لفظ ۽ محاورا به گهڻي ياڳي پوري ميلاپ ۾ ڪتب آندائين - جوئي سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين مان ترجمي ڪرڻ جو آدرش هٿ ڪيو. باقي هڪڙي خسيس خامي هن ترجمي ۾ اها آهي جو به چار دفعا انگريزي اکر "ممي" ۽ "بينچ" وغيره ڪم آندل آهن، جي هن قديم نانڪ ۾ نٽا نهڪن. اصلوڪي نانڪ وانگر هن ۾ پڻ ڪردار ۽ چهچٽا اکيچار هٿا، جنهن ڪري اسٽيج تي آڻڻ ڪٺن آهي نڪي آيو ٿي آهي. سنڌ ۾ آخري لکيل نانڪ هو 'مهراج دوارڪا پرساد شرما' جو "ويرِ ايمنيو" (1947ع)، جو مهاڀارت تي ٻڌل، هندو سورهيائي بابت جوش پريو تاريخي نانڪ هو. هن نانڪ جي ٻوليءَ پڻ پختي ۽ اوچي هئي، اهو به گهڻن پاترن ۽ پردن هٿ ڪري شايد ڪڏهن ڪرڻ ۾ نه آيو. خاص ڪري، ساڳئي سال جو سنڌي هندن جي ياڄ پٽي، سو هيءَ نانڪ ڪن ٽورن پانڪن کي ڏيان تي آيو هوندو.

(1) هن نانڪ تي ڪيل تنقيد، تنقيد واري فصل ۾ ڏنل آهي.

فصل پنجون

# نندي ناٽڪ جي اؤسر

ايئن سمجهڻ ته نندا ناٽڪ ۽ نندين کهاڻين، هن ڪشمڪش واري چالو زماني جي پيدائش آهن، جڏهن ماڻهن کي وڏن ناٽڪن يا ناولن پڙهڻ جي فرصت ئي ڪانهي، سو سراسر صحيح نه آهي. آکاڻيون ۽ نندا ناٽڪ ته شروعات کان وٺي، پنهنجن وڏن پائرن سان ڪُلهو ڪلهي ۾ ملائي هلندا آڻن؛ توڻي ايترو چئبو ته، نئين زماني جي حالتن موجب، نندا وڏن کان ڪي قدر گوءِ ڪٽي ويا آهن.

## اوائلي دؤر ـ پنگتي نندا ناٽڪ

ٻين هولين وانگر، جيتوڻيڪ اوائلي سنڌي وڏا ناٽڪ به ڏرمي هوندا هٿا، پر اوائلي نندا ناٽڪ پنگتي تا ڏسڻ ۾ اچن. 19 صديءَ جي آخر ۾، ڏيتي ليتيءَ جو مرض سنڌي سماج ۾ وڏندو ٿي ويو ۽ ان جو علاج ڪرڻ لاءِ "ڏيتي ليتي مندلي" برپا ٿي هئي. حيدرآباد، سنڌ جي گادي هوندي هئي، ۽ ان جي سڌي شاهي بازار مشهور هئي. تختن واريءَ اسٽيج جو رواج ايڏا ڪونہ پيو هو؛ سو ڏيتي ليتي مندليءَ وارن چا ڪيو جو سر بازار ۾، مشهور "ڪڪڙ ڪمپني" جي دڪان جي ڪڏ ٿي، اُن روگ جي برخلاف وندرائيندڙ چهچٽا ڪري ڏيکاريندا هٿا، جي انبوه ماڻهن جي وچ مان، هيٺان بازارن مان پيا ڏسندا هٿاسون. تن ڏينهن شراب خوريءَ جو روگ به سماج ۾ وڏندڙ هو، تنهن کي روڪڻ لاءِ ساڌو هيرانند، اڪيڊمي اسڪول پاران "آس جي ٽولي" ناهي ۽ ديوان پرياس شيوڪرام، نؤديالي اسڪول پاران هي آس جي ٽولي ناهي؛ جي هڻي پنهنجن اسڪولن جي سالياڻن جلسن ٿي راڻي باغ ۾ شراب خوريءَ جي برخلاف چهچٽا ڪري ڏيکاريندیون هيون. تنهن کان پوءِ 1905ع ۾ بنگال جي ورهاڱي تان سڄي ملڪ ۾ راڄنيتي لهر پکڙجي وئي ۽ "بندي ماترم" چوڻ تان ڇهه مهينا جيل ملندو هو. اُن جو اثر سنڌ ۾ به ڪجي آيو ۽ سوديشي هلچل جاري ٿي وئي جنهن جي ڦهلاءَ لاءِ لعلچند امرڏنيمل جي

اڳواڻيءَ هيٺ "بندي ماترم" منڊلي برپا ٿي، جا پڻ ڪلڪتي ميدان ۾ پنج اٺ صندل ملائي، سؤديشي جي پرچار لاءِ چھچٽا ڪري ڏيکاريندي هئي. انهن ننڍين نانڪن مان ڪي خود لعلچند صاحب جا لکيل هٿا جڏهن هو مٽرڪ ۾ شاگرد هوندو هو ۽ جي اول "سنڌ سڌار" (1890ع) ۽ "سرسوتي" (1890ع) اخبارن ۾ ڇپيا هٿا، جن ۾نهي جو ايڊيٽر 'ساڌو هيرانند' هوندو هو. پر افسوس آهي جو انهن مڙني اوائلي ڇھچٽن ۽ اُنهن جي لکندڙن جا نالا هٿ نه اچي سگهيا آهن.

## خود ساختا مذاقي نقل

يونان، هندستان ۽ انگلستان ۾ آڳاٽو دستور هوندو هو ته مکمل نانڪ شروع ڪرڻ کان اڳ هڪ ننڍو ڪلائيندڙ ڇھچٽو ڪري ڏيکاريندا هٿا. جنهن کي اُن ڪري (Curtain-raiser) ڪري سڏيندا هٿا ۽ جنهن تي پوءِ (One-act play) يا يڪ - فصل (ايڪانڪي) نانڪ جو نالو پيو. پر سنڌي نانڪ جي تاريخ ۾ اُتلو وڌو نانڪ پورو ڪرڻ کان پوءِ نانڪ سان ٻوڳ پائيندا هٿا. وڏا نانڪ اڳيئي پنج ڇھ ڪلاڪ هلندا هٿا، پر فرصت جي تن ڏينهين ڪمي ڪانه هئي؛ هيو ته صندلن بدران سنئين سُوڏيءَ اسٽيج تي، رنگ برنگي پردن ۽ چمڪندڙ پوشاڪن سان نانڪ ڪرڻ جو رواج پڄي ويو هو. تنهن ڪري اهو نئين ڊنگ وارو تماشو آڏيءَ رات تائين ڏسڻ مان به ڏوٿ ڪونه ٿيندو هو ۽ چاهيندا هٿاسون ته پورو ٿي نه ٿئي! جنهن ڪري ڪلاڪ اڌ ٻيو به، ننڍو نانڪ روُنگ ۾ ڏسي، وڏيڪ مزو ماڻيو هو ۽ ٻنيرڪيءَ جو اڪيون مهٽيندو گهر موٽيو هو. تنهن کان سواءِ اوائلي وڏا نانڪ گهٽو ڪري ڏکڻائڪ هوندا هٿا، جي ڏسندي اُن زماني جا روماني طبيعت وارا ناظرين اڪثر ڳوڙها ڳاڙڻ کان به ڪين رهي سگهندا هٿا. تنهنڪري مٿان ٿيندو هو مذاقي نقل، ته آنسو اُگهي ڪِل ۾ ڪيرا ٿي موٽندا هٿاسون.

سنڌ جي بنيادي نانڪ منڊلي "ڏيارام جيٺمل اميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي" جا 1894ع ۾ 'پروفيسر پادشا' جي سرجوشيءَ سان جاري ٿي هئي، سا پنهنجن نانڪن جي ختم ٿيڻ بعد ڪي ڪلائيندڙ نقل ڪري ڏيکاريندي هئي، جي اول 'مرزا قليچ بيگ' جا لکيل هوندا هٿا. اُنهن مان پهريون هو "لوپي ۽ ٽوڳي" (1894ع) جو ديوان ليلارامسنگهه جي "هريشچندر" جي نانڪ کان پوءِ ڪري ڏيکاريو ويو هو. 1892ع ۾ "انڪوائري

آنيسر"، روسي ليکڪ گوگول جي ناٽڪ (Goverment Inspector) جي انگريزي ترجمي تان ورتائين، جو خود سندس ناٽڪ "شڪنتلا" پوري ٽيڻ کان پوءِ ڪري ڏيکاريو ويو، ۽ جنهن ۾ سرڪاري عملدارن تي ٺٽولي ڪيل هئي؛ جيئن "رسائيءَ جو رنگ" يا "گشت کين ڪشت" (1908ع) ۾ به ڪيل هئي - جيتوڻيڪ مرزا صاحب پاڻ هڪ بالا عملدار هوندو هو. 1897ع ۾ هن صاحب "نير طبيب خطره جان، نير ملان خطره ايمان" نالي فارس لکيو، جو سندس "حسنا دلدار" جي آخر ۾ ڪري ڏيکاريو ويو هو ۽ منجهس نير مُلي جو پارٽ 'جوتسنگهه آڏواڻيءَ' واهه جو ڪيو هو، جو اُن زماني جو مشهور چرچائي ايڪٽر هوندو هو. قليچ بيگ جا ٻيا نندا ناٽڪ هٿا: "شيخ چلي ۽ اگڻ مسخرو" (1900ع)، جن سيني ۾ ڪنهن نه ڪنهن پنگتي اوٽائيءَ تي خندو ڪيل هوندو هو.

'ديوان ڪوڙيمل' جو به هڪڙو نندو ناٽڪ "سنگ جو پرسنگ" (1905ع) ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو اسڪولي ڇوڪرن کي سڻي سنگت رکڻ لاءِ اخلاقي ڇهڙو هو. 'ديوان ليلارام سنگهه' به ٻه نندا مسخريءَ جي نقل "شاهه عادل خان" ۽ "لوپي لاکيٽا" (1908ع) لکيا هٿا، جن مان ٻئين نمبر نقل ۾، وڪالت جي ڏنڊي ۾ لوڀين ۽ ٺوڳن تي ٺٽولي ڪيل هئي.

انهن اوائلي نندين ناٽڪن کانسواءِ ٻيا ٻه ڪيترا لکيا ويا جن مان پهريون هو 'مونومل گدوائيءَ' (جو پوءِ حيدرآباد ڪاليج جو پرنسپال ٿيو) جو "ڪرشن جي گوپي" (1906ع)، جو اُستاد لعلچند سڌاريو هو ۽ ڏيتي ليتي مندليءَ ڪري ڏيکاريو هو. منجهس زناني مذاقي اداڪار هيري سپاهيملائيءَ پهريون دفعو ماٽين واريءَ جو پارٽ نهايت ڪاميابيءَ سان ڪيو هو؛ جنهن پوءِ، خانچند درياڻيءَ جي پنگتي ناٽڪن ۾ اُهو پارٽ ڪري "رامن ماءُ" ماٽين واريءَ کي اَمر ڪري ڇڏيو. 'لعلچند امر ڏنيمل' به ڪيترائي نندا ناٽڪ، ڪلائيندڙ توڙي گنبير نوع ۾ لکيا، مثل "سيڻ کي ويڻ" (1906ع) جنهن ۾ گهوٽ ماءُ جو ويس نندي هوندي ڊاڪٽر چوٿرام، پريءَ زال جي پوري نوع ۾ ڪري خوب ڪلايو هو؛ ۽ "نقد ڏرم" (1911ع)، جي ٻئي ڏيتي ليتيءَ جي مسئلي تي لکيل هٿا. سندس "سوديش" ناٽڪ، جو سوديشي هلچل جي اَثر هيٺ لکيل هو، تنهن ۾ نرملداس گربخشائيءَ (جو به پوءِ حيدرآباد ڪالج جو پرنسپال ٿيو) ناٽڪا جو پارٽ نزاڪت سان ڪيو هو. لعلچند جو "پارٽ

جاوا، اُٺ اُٽي جاگ" (1919ع) قومي آزاديءَ تي لکيل هو ۽ نيوُ هاءِ اسکول ڪراچيءَ واري جلسي تي، پنهنجي هيڊ ماستريءَ جي آيام ۾ڪري ڏيکاريو هٽائين. "عملدار کين رعيت آزار" (1921ع) سندس برپا ڪيل "سنڌي ساهت سوسائٽي" ڇپايو هو ۽ اُن ۾ عملداري بي انصافيءَ جي مذاقي اوگهڙ ڪيل هئي، پر اجاين گهٽن پردن ۽ ڪردارن آڻي ڪري ڪجهه ڪ ڪندڙ هو. سندس "وچن"، "گانڌي" ۽ "بسنتي ديوي" (1948ع) ٽيئي گهٽو پوءِ رچيل ناٽڪ، ڪن منڊلين گهٽو ڪري ۾ ۾، ٽي ٽي پيرا ڪري ڏيکاريا هٽا، پر اُنهن ۾ ۾ محاوريدار گفتگو برابر هئي، پر دلچسپ ڪارنامي جي ناٽڪي وصف گهٽ هئي. لعلچند جو "سهجان جي سڪ"، جو سسئي پنهون جي قصي جي هڪ ڪم- معلم حصي تي ٻڌل هو تنهن ۾ ڏيکاريل هو ته سسئيءَ کان اڳ، سهجان نالي هڪ ڳوٺاڻي نينگر، پنهونءَ کي هڪ- طرفو پيار ڪندي هئي. اهو ناٽڪ "مهراڻ" اپريل 1946ع ۾ ڇپيو هو، ۽ ميناج پريءَ ڳوٺاڻيءَ اصطلاح ۾ لکيل، دل- ڇاڻيندڙ نندڙو شاهڪار هو، پر ڪڏهن به ڪڻ ۾ نه آيو. ساڳئي قصي تي ٻڌل ٻيو نندو ناٽڪ "سسئي رُلي مئي" به "مهراڻ" آگسٽ - سپٽمبر - آڪٽوبر 1946ع واري پرچي ۾ ڇپيو هو، جو سسئيءَ جي ڏونگر ڏورڻ وارن نظارن ۾ بيهاريل هو ۽ شاهه صاحب جي ڏوهيڙن جي منجهس پلٽ پي پٽي. ٻئي ناٽڪ لکندڙ جي نالي ڇاڻائڻ کانسواءِ ڇپيل هٽا، پر عبارت مان پڌرو ٿيو آهي ته استاد لعلچند جا لکيل هٽا. جڏهن پاڻ "مهراڻ" جو ايڊيٽر هوندو هو، ۽ شڪ ناهي ته سندس اڻ ڇپيل وڏي ناٽڪ "سسئي پنهون" جا حصا آهن.

'پيرومل مهرچند' پڻ ٽي نندا مذاقي پنگتي ناٽڪ لکيا: "بزازين جو ناٽڪ" (1921ع) جنهن ۾ بزازين جي ڪارنامن تي ڪلائيندڙ نڪته چيني ڪيل هئي ۽ گهٽن ٽي منڊلين ڪري ڏيکاريو هو، "مرّس جي مرّسي" جو ڪراچي ڪاليج جي 1925ع واري جلسي تي مون پيش ڪيو هو ۽ منجهس هيري سپاهيملائي ۽ جگُو آڏواڻيءَ زنانا پارٽ ڪيا هٽا، ۽ "پنگتي مقدمو" (1927ع) جو ڏيتي ليتيءَ تي لکيل هو ۽ شاهاڻي اسکول ڪراچيءَ جي سالياني جلسي تي پيش ڪيو هو، جنهن ۾ چتر اُتمسنگهه، رامن ماءُ مائٽين واريءَ جو پارٽ مزيدار نموني ۾ ڪيو هو. مٽيان شروعاتي نندا ناٽڪ اڪثر اصلوڪا لکيل هٽا، جا فخر جي ڳالهه آهي. پر منجهن نندي ناٽڪ جون مکيه

وصفون: واقعن، ڪردارن، نظارن ۽ زبانين جو صرفو، ڪونہ ٽيون ڏسڻ ۾ اچن. منجهن وڏن ناٽڪن وانگر، واقعا اُجايا گهٽا وڌا ويندا هٽا، ڪردار بہ ضرورت کان گهٽا آندل هوندا هٽا، جي لنبيون تقريرون پيا ڪندا هٽا، ۽ پردا بہ هر هر لاهٽا چاڙهٽا پوندا هٽا.

## ترجمو ڪيل ۽ اصلوڪا ناٽڪ- مخزن ۾

هن دؤر جو پهريون لکندڙ "حيدرآباد ايڊيوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي" جو مکيہ ناٽڪ نويس 'نانڪرام ڏرمداس' هو، جنهن 1922ع ۾ شيڪسپيئر جي (Taming of the Shrew) تان ورتل "چٽ نہ چمات، وچائين ہي وات" لکيو ۽ "سنڌي ساهت سوسائٽي" ڇاپايو هو. ڏنگي زال کي سنئين ڪرڻ جي موضوع تي هي؛ نندو ناٽڪ نهايت وندرائيندڙ هو ۽ 1933ع ۾ ڪراچي ڪاليج جي سالياني جلسي تي ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو ويو هو، جنهن ۾ پروفيسر رام پنجوائيءَ زنانو پارٽ ڪيو هو جڏهن اڄا ڪاليجي شاگرد هو. هي؛ ناٽڪ ڪجهہ پوءِ حيدرآباد ڪاليج ناٽڪ منڊليءَ وارن بہ ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو هو، جنهن ۾ جيئي لعلواڻيءَ، رامي ڪلناڻيءَ ۽ رُوپي مهتاڻيءَ چگو نالو ڪڍيو هو. نانڪرام صاحب پيا ہ ناٽڪ ڏرمي ڪٿائن تي ٻڌا: "ڪرشن سڌامو" جو پنڌت راڌي شيام تان ورتل هو، ۽ "دروپدي" جنهن ۾ بيشمار ڪردار ۽ ڇهڇٽا وڏل هٽا ۽ تنهنڪري اسٽيج تي آڻڻ مشڪل هو، جي ٻئي "انڊلٽ" (1939ع) ڪتاب ۾ ڇپيا هٽا. 'خانچند درياڻي'، جو حقيقت-نگاريءَ جي اصولن واري ناٽڪ نويسيءَ جو باني هو، تنهن هڪڙو ٿي نندو ناٽڪ "سچي سڪ"، راجپوت جيوت ۾ محبت ۽ قرباني؛ جي موضوع تي لکيو هو، جو "اسٽوڊنٽ هيرالڊ" اخبار (1925ع) ۾ ڇپيو هو ۽ سنڌ ڪاليج جي هڪ سالياني جلسي تي مون شاگردن کان ڪرائي ڏيکاريو هو.

تنهن کان پوءِ 'جيٺمل پرسرام' پنهنجي "نئين سنڌي لائبريري" ۾ "رچ" (1926ع) ڇپيو هو جو مشهور روسي ناٽڪ - ڪار Chekov تان پاڻ ترجمو ڪيو هٽائين، ۽ جو هڪ جوان روسڻ بيواهہ بابت نهايت مزيدار نقل هو ۽ عجب آهي تہ چو هيل تائين اسٽيج تي نہ آيو آهي. جنهن ڪري هي؛ صحيح معنيٰ ۾ يڪ-فصل ناٽڪ آهي. ساڳيءَ لائبريريءَ ۾ چترو ٻڌيجا جو "رستم زليخا" (1926ع) ڇپيو، جنهن ۾ اُن ايراني محبتي داستان کي ناٽڪي جامو پهرايل هو، پر منجهس ڪردارن ۽ ڇهڇٽن جو صرفو ڪيل ڪونہ

هو. 'آچار يہ آسودومل گدواڻيءَ' جو "رٿ ياترا" ٽئگور جي Car of Time جو ترجمو هو، جنهن ۾ ڏيکاريل هو تہ نئين جڳ ۾ مهاڪال جو رٿ شاستر ۽ هٿيارن جي ٻل سان ڪونہ ٿو هلي، پر عام ماڻهن جي طاقت سان، سو بہ هن لائبريريءَ ۾ ساڻئي سال ڇپيو هو. 1930ع ۾ مشهور ڪهاڻي نويس امر لعل هنگوراڻيءَ "ڦلواڙي" مخزن ڪڍي هئي، جنهن ۾ ٻئي مشهور ڪهاڻي نويس 'آسانند مامتورا'، ٽئگور جو ٻيو ننڍو ناٽڪ "أما ۽ ونايڪ" ترجمو ڪري ڇپايو هو، جو هندو-مسلم ايڪتا بابت لکيل هو ۽ منجهس ڏيکاريل هو تہ بردبار هندو ڇوڪريءَ هڪ بهادر مسلمان نوجوان سان، تنگ خيال ماڻٽن جي مرضيءَ خلاف، شادي ڪري ٿي ڇڏي. "ڦلواڙي" جي ساڻئي پرچي ۾ 'منگهارام ملڪاڻيءَ' جو پهريون اصلوڪو ننڍو ناٽڪ "پاپ جو ڪيتو" ڇپيو هو، جو بنا شاديءَ محبت ڪرڻ جي اُگرن نتيجن تي هڪ دڪڻائڪ ناٽڪ هو. "ڦلواڙي" جي ٻئين پرچي ۾ 'محمد حنيف صديقيءَ' جو تاريخي ناٽڪ "سٽبريڪا جو پيش پوڻ" ڇپيو هو، جو سڪندر اعظم جي سنڌ فتح ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿيڻ بابت چگو ناٽڪ هو. "سنڌ ڪالیج مسلني" 1933ع واري پرچي ۾ "منهنجي نؤورني" ڇپيو هو جو ديارام سياڻيءَ، مشهور شاعر ۽ ناٽڪ ڪار هريندرناٿ چٽو پاڌيا جي انگريزي Evening Lamp تان ترجمو ڪيو هو ۽ هڪ شاعراڻو تمثيلي ناٽڪ هو، پر ناٽڪي خوبي منجهس گهٽ هئي. روپچند ڪرپالاڻيءَ هڪ طنز پريو ناٽڪ "تيليءَ مان ٽنبي" انگريزي مخزن Treasure Chest مان ترجمو ڪيو هو، جو سنڌ ڪالیج مسلني (1935ع) ۾ ڇپيو هو ۽ ڪالیج ۾ ڪري بہ ڏيکاريو ويو هو. منجهس ڪلائينڊڙ نوع ۾ ظاهر ڪيل هو تہ بهراڙيءَ ۾ ڪوهہ تان پاڻي پريندي، زالون ڪيئن ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪري گلاخوري ڪنديون آهن.

هڪ سماجي طنزي ناٽڪ هو 'اي- ايس - ميرچنداڻيءَ' جو "راڄين جو راج" جو "سندر ساهتيہ" رسالي (1936ع) ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ نهايت مذاقي طرح پيشنگوئي ڪيل هئي تہ ڪو وقت ايندو جو پنگت ۾ مرد - زال جو رشتو اُلٽ پلٽ ٿي ويندو، يعني زال ذات جو راج قائم ٿيندو ۽ مرد، زالن ۽ گهر ٻار جي چاڪري ڪندا. هيءَ ناٽڪ شريمتي گڏي چندريان (هن لکندڙ جي ٻيڻ) ڪراچيءَ ۾ هڪ زناني ڪانفرنس تي ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو هو. اُميد آهي تہ اهو ناٽڪ اصلوڪو لکيل هو ۽ بيشڪ داد لائق هو، ۽ وري

ڇپائي ۽ ڪري ڏيکاريو جهڙو آهي. ٻيو بهترين نندو ناٽڪ هو 'ايل- ايل- ڏوڏيجا' جو "وڪيل"، جو "رتن" رسالي ۾ ڇپيو هو. هن مذاقي ناٽڪ ۾ وڪالت جي ڌنڌي ۾ چالاڪين تي طنز ڪيل هئي، ۽ جنهن صورت ۾ اصلوڪو لڪيل ٿو لڳي، تنهن صورت ۾ سنڌي ناٽڪي ساهت جو هڪ رتن آهي. "سنڌو" مخزن (1938ع) ۾ 'پروفيسر 'خوشيرام' وسواڻيءَ' جا ٻه ناٽڪ: "ڏوهي ڪير؟" ڏيتي ليتيءَ جي وشيه تي ليک، ۽ "عجب آهي هي ڪالج ايڊيوڪيشن" ڪالجي تعليم جي مسئلي تي، ٻيا هٿ، جي ٻئي چگيڙا اصلوڪا ناٽڪ هٿا. ساڳيءَ مخزن ۾ ساڳئي لکندڙ جو ٽن ڇهڙن وارو وڏيڙو ناٽڪ "استري آزادي" 1944ع ۾ ڇپيو هو، جو اُن اهم موضوع تي چگو پنگتي ڪيل هو، پر پچاڙيءَ ۾ سنسنيءَ پريل بنجي پيو. سنڌ ڪاليج مسلني (1939ع) ۾ 'ڪماري ساوتري جهانگياڻيءَ' جو "شهنشاهه جهانگير ۽ ملڪه نورجهان جي اوائلي حياتيءَ ۾ هڪ افسانو" واري لنبي سري سان نندو ناٽڪ ڇپيو هو، جنهن ۾ مهرالنسا جي ٻن ڪبوترن اُڏائڻ وارو روماني واقعو، نهايت دلڪش ناٽڪي بناوت سان پيش ڪيل هو. هيءُ ناٽڪ جي دليان جوڙيل هو ته يڪ - فصل ناٽڪ جو سهڻو نمونو هو. "ڪهاڻي رسالي (1939ع) ۾ هڪ سياسي طنز "بک هڙتال" نالي سان جڳت آڏواڻيءَ، ناڪاره حيدرآبادي‌ءَ جي ناٽڪ تان ترجمو ڪئي هئي ۽ اثراٿتي هئي.

## نندين ناٽڪن جا مجموعا ۽ ڪتاب

مٿيان ناٽڪ ڇڙوڇڙ ٿي مخزنن ۽ رسالن ۾ ڇپيا هٿا. پوءِ ڪي نندا ناٽڪ ڪٺا ڪري اُنهن جا مجموعا ڇپايا ويا، جن مان پهريون ڳنڍو هو "ڪوڙومل ساهت منڊل" جو "چار چهٽا" (1933ع). هن ڪتاب ۾ 'جيٺانند ناگراڻيءَ' جو پهريون مذاقي ناٽڪ "فسادي ڦوڪٽو" ڇپيو هو جو هارن لاءِ هڪ سنو ڪلاڻيندڙ ناٽڪ هو. ٻيو ناٽڪ هو هڪ نامعلوم لکندڙ جو "راجا رام موهن راءِ"، جنهن ۾ اُن بنگالي جاڳرتا جي اڳواڻ جو جيون چرتر چٽيل هو، پر اجاين گهٽن چهڙن ۾، جن ۾ مکيه ناٽڪي خاصيت ڇڪتاڻ (conflict) رکيل ڪانه هئي، فقط ڪردارن جي گفتگو هئي. ٻيو مجموعو هو "رتن ساهت منڊل" جو ڇپايل "اتهاس جا پردا" (1935ع)، جن مان هڪ چگو ناٽڪ هو 'پارومل ڪيولراماڻيءَ' جو "سيتا بنواس"، جو مشهور سنسڪرت ناٽڪ ڪار يَوَ يوُتيءَ تان ورتل هو. ٽيون مجموعو هو "سندر ساهتيه منڊل" جو ڪديل

"انڊلٽ" (1939ع)، جنهن ۾ انڊلٽ جي رنگن جيترا ست ننڍا ناٽڪ وڏل هٿا. ۽ منجهس 'ميلارام واسوائيءَ' جو ننڍي ناٽڪ جي اصولن تي هڪ خاصو مهاڳ پڻ لکيل هو. هن ڪتاب جا مکيه ناٽڪ هٿا: ڪوي 'ڪشنچند بيوس' جا "جگري قرباني"، جو پنا دائيءَ جي جيوت تي تاريخي ناٽڪ هو؛ ۽ ٻيو "پوڙهي جو پرٽو"، جو نالي ۾ ذڪر ٽيل پنگتي خرابيءَ تي چگو مذاقي ناٽڪ هو. 'جيٺانند ناگرائيءَ' جو مشهور ڪلائيندڙ ڪيل "گامڻو بئريسٽر" جنهن ۾ ليکڪ پاڻ ڪاميابيءَ سان پارٽ ڪندو هو، سو به هن رسالي ۾ ڇپيل هو. پنڊت سدرشن جو مذاقي ناٽڪ "آنرري مئجسٽريٽ" به منجهس وڏل هو پر ترجمان جو نالو ڏنل ڪونه هو. ننڍن ناٽڪن جو آخري انتخاب هو "سندر ساهتيه منڊل" جو ڇپايل "رنگ برنگي ڪيل" (1940ع)، جنهن ۾ هن ڪوين جا ڏرمي ناٽڪ پيل هٿا: 'ڪشنچند بيوس' جو "نل دمينتي"، ۽ سندس شاگرد 'هوندراج دڪايل' جو "پڇت نرسو"، جن ٻنهي ۾ شاعري خوبيون وڌيڪ ۽ ناٽڪي وصفون گهٽ هيون. ساڳئي سنگرهه ۾ سدرشن جو تاريخي ناٽڪ "راجپوت جي شڪست" به پيل هو پر وري به ترجمو ڪندڙ جو نالو عدم پيدا هو- شڪ نه آهي ته خود ميلارام ترجمو ڪندو هو پر هر هر پنهنجو نالو ڏيڻ نه چاهيندو هو. سدرشن جو ٻيو به تاريخي ناٽڪ "چايا" نالي "رتن ساهتيه منڊل" ڇپايو هو، جنهن ۾ مهاراجا چندر گپت جي هڪ مسڪين ڪماريءَ سان پريم جو ذڪر ڪيل هو، ۽ جو 'دلدار حسين موسويءَ' سڌي هندڪي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو.

1938ع ۾ رتن منڊل وارن 'پيرومل مهرچند' جو "آزاديءَ جي ڪوڏي" ڇپايو، جو ٺٽگور جي شاهڪار Post Office تي ٻڌل هو ۽ سنڌي جيوت ۾ اُلٽو ڪيل هو، جنهن ۾ اصلوڪي ناٽڪ جي مکيه ڪردار ڪي چوڪري مان ٽيرائي چوڪريءَ ڪري چڏيائين ته وڌيڪ اثرائتو ٿئي. هن ناٽڪ جو حاصل مطلب آهي ته ڪنهن به انسان کي ڪوئيءَ ۾ قابو ڪري هن جي صحت- جسماني، مانسڪ (ذهني)، توڙي آتمڪ (روحاني)- سڌاري نه سگهبي، پر ڪليءَ هوا ۾ آزادي ملڻ سان ئي سندس خوشي وڌائي سگهبي. ٺٽگور جي ٻئي ناٽڪ Waterfall جو سنڌيءَ ۾ اختصار "مڪت دار" جي نالي سان 'چوهڙمل هندوجا' ڏنو هو، جو 1942ع ۾ "رتن" رسالي ۾ ڇپيو هو. اُن جو مرڪزي خيال آهي ته جي ڪو خود مطلبي راجا هڪ پائيءَ جي ڏارا کي بند

ڏئي، ملڪ جي آبادي ۽ خوشحالي وڌائڻ بدران، مرڳو رعيت تي وڌيڪ ڏاڍ ٿو ڪري، تہ اُهو بند. قدرت جي قهر وچان، مڪت ڏارا جي وهڪري ۾ لڙهي ٿو وڃي. ٺٽگور جي ٽئين مشهور ناٽڪ "چترا" جو آزاد ترجمو 'تيرٽ وسنت' ساڳئي نالي سان ڪيو هو، جو اصل "سنڊو" مخزن ۾ 1940ع ۾ گمنام ڇپيو هو، ۽ پوءِ ڪوڙيمل منڊل 1944ع ۾ لکندڙ جي نالي سان ڇپايو هو، پر اُن جي هندي لفظن دن سان پريل هولي جان تان ڏکي هئي. هن مهاپارت مان ورتل محبتي ناٽڪ جو مول ويچار آهي تہ جتي نوڄوان ارجن چترا اڇي تا گڏجن، اُتي پريم ۾ سنياس جا ٻنڌڻ ٽٽيو تا پون ۽ پريمي ملي هڪ ٿيو وڃن. مٿي ذڪر ڪيل ناٽڪن مان معلوم ٿيندو تہ رابندر ناٿ ٺٽگور ڪهڙو نہ آزاد خيال ۽ ترقي پسند ليکڪ هو، پر افسوس آهي جو سندس پنجن ننڍن ۽ وڇولن سنڊيءَ ۾ آندل ناٽڪن مان ڪوبہ اسٽيج تي ڪري ڪونہ ڏيکاريو ويو آهي، توڙي انگريزيءَ ۾ سندس گهٽيئي ناٽڪ ڪيا ويا آهن. تيرٽ وسنت پنهنجي هڪ اڻ-ڇپيل وڏي ناٽڪ "ميران" مان هڪ ڇهڙو حيدرآباد ڪاليج جي مخزن "قليلي" (1946ع) ۾ ڇپايو هو، جنهن ۾ اڪبر بادشاهہ جي ميران ٻائيءَ سان ملاقات جو نهايت سهڻو چتر هو ۽ شروعات ۾ اڪبر ۽ تانسين جي گفتگو ڇڪي مزيدار هئي. هن ڇهڙي ۾ Dr. Cousin's "The King's Wife" واري ناٽڪ جا اهجاڻ ڏسڻ ۾ پيا اچن، توڙي ايئن ڄاڻايل ڪونهي تہ اُن تان ورتل آهي. 'ترمداس ماڻڪ'، جو سرسوت براهمڻ ناٽڪ منڊليءَ جو هڪ زوردار ائڪٽر پڻ هوندو هو، تنهن جو اصلوڪو لکيل ناٽڪ "ماءُ جو فخر" "آشا ساهت منڊل" جي ڪتاب "ہ پردا" (1941ع) ۾ ڇپيو هو ۽ ڇڪو آئرائتو ناٽڪ هو. اُن سان شامل ٻيو پردو ديارام سياڻيءَ جو "منهنجي نؤورني" هو جنهن جو ذڪر اڳي ڪيل آهي ۽ هتي وري ڇپيو هو.

هن دؤر ۾ 'جينانند ناگراڻيءَ' جا گامڻو سلسلي وارا ٻيا ٻہ گهٽائي اصلوڪا ڪلائيندڙ ناٽڪ، مثلاً "گامڻو ايڊيٽر"، "گامڻو ڊاڪٽر"، "گامڻو M.L.A."، "گامڻو فلم ڪمپني"، "گامڻو گهوٽ" وغيرهہ جدا جدا اخبارن ۾ پوندا هٿا، جي لکندڙ پاڻ ڪري ڏيکارينديءَ هو ۽ منجهن، رامر پنجواڻيءَ سان جوڙيدار ٿي، مکيہ پارٽ پڻ بخوبي ادا ڪندو هو. هن سيني ۾ علحدين پنڪتي اوڻاين تي مسخريءَ گاڏڙ ٺولي ڪيل هوندي هئي؛ پر منجهن مذاق جيڪا پريل هوندي هئي سا ڊهري ۽ نہ نازڪ هوندي هئي. ۽ اڪري

آتشبازي وڌيڪ، خيالي گهرائي گهٽ هوندي هئي. ناگرائيءَ جا نانڪ ڪٿا ڪري ڪتابي صورت ۾ چڀجن ته نانڪ منڊلين کي وڏي هٿي اچي وڃي.*

## حقيقت نگاريءَ وارو دؤر

مٿئين احوال مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ذڪر ڪيل ننڍين نانڪن مان گهڻي farce، ڪلائيندڙ نقل هٿا جن ۾ گهڻو زور مسخريءَ تي ڏنل هوندو هو، جنهن ڪري حقيقت کي وڃائي، مبالغي کان ڪم وٺي، مذاق پيدا ڪيو هئي. مٿين نانڪن مان کي جزوي لينڊا جي گنيير نوع ۾ زندگيءَ کي حقيقت نگاريءَ سان پيش ڪن ٿا ۽ ساڀيا ۾ جيوت جي مسئلن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هاڻي، جيڪڏهن ڪو ليکڪ خود پنهنجين تصنيفن بابت راءِ زني ڪري ته اُن مان شايد خود ٽٽائيءَ جي بوءِ اچي؛ تنهن هوندي به هڪ تاريخ نويس جي حيثيت ۾ هن لکندڙ کي اهو نازڪ ڪم، جيتريءَ به بي رياييءَ سان ٿي سگهندو، اوتريءَ سان ادا ڪرڻو پوندو. آءٌ سمجهان ٿو ته ننڍي نانڪ جي ميدان ۾ آءٌ اڪيلو لکندڙ آهيان جنهن گنيير طور گهروڙ، پنگتي ۽ قومي مسئلن تي 25-20 ننڍا نانڪ جوڙي، سنڌي يڪ- فصل نانڪ کي سماجي سڌاري جو واهڻ بنايو آهي. منجهن بناوت جي قاعدن جي به پوري پوئواري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيئن ٽورن ۾ ٽورن واقعن، نظارن ۽ ڪردارن، ۽ ننڍين سياويڪ زبانين مان، صرفي سان کو خاص ڪنيل مطلب چڻي اچي. 'منهنجا نانڪ' پهرئين سنڌ ڪاليج مسلنيءَ ۾، ۽ پوءِ "سنڌو" ۽ ٻين مخزنن ۾ 1931ع کان 1945ع تائين وقت به وقت نڪرندا آيا، ۽ کي چوند ڪري ڪتابي صورت ۾ به ڇپايا ويا. اُنهن مان کي مون اسٽيج تي به ڪري ڏيکاريا هٿا جن ۾ پاڻ به پارٽ ڪندو هوس، ۽ جن کي ناظرين بردباريءَ سان سماجي نڪته چيني ڪرڻ لاءِ ساراهيندا هٿا. ته کي بي شرمائيءَ ۽ اُگهاڙپ لاءِ حرف به پٽيندا هٿا. جن نانڪن تي ٻين کن عالمن جا رايا مون کي هٿ اچي سگهيا آهن سي پهرئين ڏيندس، باقي ٻين تي لاچار پنهنجي ڪٽ پاڻ ڪندس.

"پنج ننڍڙا نانڪ" ڪٿا ڪري مون 1937ع ۾ پهريون مجموعو ڇپايو هو. تنهن بابت 'پيرومل مهرچند' جو رايو هو؛

"منهنجي دوست ۽ همڪار نانڪ نويسيءَ جي اصولن جي تعريف جوڳي

* ناگرائي صاحب جي کن نانڪن جو مجموعو "چورنگي" نالي 1965ع ۾ شايع ٿيو هو.

پيروي ڪئي آهي. مضمون ۽ عمدا آهن. ڪنهن ناٽڪ ۾ گهرڙ حالتن جو نقشو چٽيل آهي ته ڪنهن ۾ وري سٽ (satire) آهي. پنگتي ڪيلن ڪرڻ جي مراد ٿي اها آهي ته پنگت ۾ جيڪي اوڻايون هجن، سي ٻڌيءَ طرح ڏيکاري سڌاري جي واٽ بتائجي."

'جيٺمل پرسرام' لکيو هو:

"پروفيسر صاحب جو ننڍڙن ناٽکن جو ڪتاب پڙهندي مون اول خيال اهو رکيو ته ڏسان ته ڪيتري قدر منجهس مضمون ۽ رٽا جي اصليت آهي. آءٌ يانيان ٿو ته اُن ڏس ۾ هن چگي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. ڪتاب جي هولي به خاصي آهي، جنهن ۾ پارسيءَ هنديءَ واري اجائي ملت ڪانهي، پر ڪيترن هنڌ نج، ٺيٺ ۽ گهرُو سنڌي ڪم آندل آهي. منهنجو رايو آهي ته اهڙن ڪتابن کي همٿائڻ کپي. پر عجب آهي ته تعليم ڪاتي وارن انعامي آڇ ۾ قبول ڪين ڪيو! ڪتاب ڪالیج ۾ پڙهائڻ لائق آهي."

'پرمانند ميوارام' هيٺيون برخلاف رايو ڏنو هو، جو به ڏيڻ لازمي آهي:

"عبارت بيشڪ سليس ۽ گهريچي آهي، ۽ گهرن توڙي سماج ۾ جيڪي خرابيون ۽ اوڻايون عام طرح ڏسجن پسجن پيون تن جو اظهار ڪيل آهي. پر هرڪا ڳالهه حد کان ٻاهر چٽيل پٽي لڳي؛ نجاڻان رچيندڙ جي مراد اِها ٿي يانئجي ته خرابين کي قبيح روپ ڏيو تڏهن کو چاڙهو ٿيندو. (1) "پاپ ڪين ڇڄ؟" - ڪنولي داخل ڏيءَ مان ماءُ وياڪل ٿي گهر چڏي ٿي وڃي. چوڪريءَ حياتيءَ مان ڪڪ ٿي زهر کائي ٿي آپ گهات ڪري. ڳالهه دل سان نٽي لڳي. ماڻرون ڪٽي ڪيترو به بر ٿين ۽ ڳالهائين، ته به ايئن پنهنجي آندي کي چڏي ٿوروئي ويندیون. وري جي چوڪريءَ پاڻ کي زهر ڏنو سو به غلط. صبر ڏاري دڪ برداشت ڪري ها، ڪين هڙو اگرو پاپ ڪري وڌائين. لکندڙ پڇي ٿو ته پاپ ڪين ڇڄ؟ صفا پاپ ڪيائين. (2) "به باهيون" - مائي جي ماءُ کي ڏاڍي اگري نموني چٽيل آهي. (3) "ٽِي پارٽي" - سکڻي هٽ ۽ ٽاڻءِ جو اظهار ڪيل آهي، پر اسين نٿا يانيون ته اهڙيءَ حد تي ڪير ويندو. (4) "پريت جي ريت" - پٽ پرڻيو ته زال جو مجو ٿيو. زال چڪيندي مرّس کي، ماءُ چوي: چورو چوڪري چڪي پنهنجو ٽِي ڪري. اها ته دنيا ۾ هلي چلي پيئي، ڪٽي ٽوري ڪٽي گهٽي؛ پر اڪثر شب ۾ اهي قصا ڪٽبا آهن، مگر هتي جڻ ڪو لاهي پاڻي پيئو آهي. (5) 'بنّي' - ڪهڙو زميندار اهڙو اياڻو

ٽيندو جو پنهنجن هارين جي اڳيان ٻين زميندارن کان ٻين هارين جي طلب ڪندو؟"

'لالچند امرڈنيمل' هيٺيون رايو ڏنو هو، جنهن ۾ ازخود متين نڪته چيني ڪي جواب ملي ٿو وڃي: "مسٽر منگهارام پنهنجي هن پورهئي ۽ محنت لاءِ ڪيرون لهٽيون. عبارت سليس، لکٽي ۾ رواني ۽ لهرو چگو اٿس. 'پاپ ڪين ٻڃ؟' واري نانڪ ۾ ڪشني ماءُ جو چرتر جيڪو چٽيل آهي، تنهن بابت ڪو هڪ تڪڙ ۾ پڙهندڙ شايد ايٽن چئي ڏئي ته ڪشني ماءُ جي اها پر سياوي لڳي ٿي نٽي. پر انساني سياوَ جي 'ننڊپائي' ۾ اونهو وڃبو ته سڌ پوندي جو انهي ۾ اسياوي ڪجهه ڪينهي. (هي نانڪ اول 1931ع ۾ سنڌ ڪاليج مسلني ۾ ڇپيو هو.) 'ٻہ باهيون' واري نانڪ ۾ مسٽر منگهارام جَسُ هن لاءِ لهٽو، جو مائيلي ماءُ رتنا جو چٽ اهڙي ريت ڪيو اٿس، جو رتنا لاءِ ٻہ پڙهندڙ جي اندر ۾ ڪجهه همدردي پيدا ٿئي ٿي. (هي نانڪ پهرين 1932ع ۾ سنڌ ڪاليج مسلني ۾ ڇپيو هو.) 'پريت جي ريت' واري نانڪ ۾ ماءُ پنهنجي سڪيلڈي پٽ ڪي پرٽائي اُن سان ڪيٽن ٿي ڪوٽسي، ۽ پوءِ وري اُهو ساڳيو سڪيلڈو پنهنجي ڳيوراڙي ۾ اڌ سريري (حاملہ زال) سان ڪيٽن ٽو چپ پوي، اهي ٻئي تصويرون نهايت ڪاريگري سان چٽيل آهن. [هي نانڪ اصل "اين - جي - هاءِ اسڪول مخزن" (1937ع ۾ ڇپيو هو.]

'ٽي پارٽي' واري نانڪ ۾ چوڪري ذات جي هلڪائي ۽ فصل ٻيراڻي، ۽ 'ٻٽي' واري نانڪ ۾ زميندار ذات جي ارڌائي ۽ اُرهہ زورائي جي اُپٽار نهايت قابليت سان ٽيل آهي." "ٽي پارٽي" مون شاهائي اسڪول ڪراچي جي جلسي تي چوڪرين کان ڪرايو هو ۽ اُنهي جلسي جي پروگرام ۾ ٽي 1935ع ۾ پهرئين ڇپيو هو. تنهن کان پوءِ ڪيترن اسڪولن، ڪاليجن ۽ منڊلين اهو نانڪ ور ور ڏيٽي ڪاميابي سان ڪري ڏيکاريو هو. اُن جو اردو ۾ ترجمو پروفيسر تاثير جو ڪيل، 1943ع ۾ آل انڊيا ريڊيو دهلي مان ٿهلاءِ پڻ ڪيو ويو هو. منهنجن نانڪن مان "ٽي پارٽي" سيني کان زياده شهرت پاتي آهي، ۽ عجب جي ڳالهہ آهي ته طبيعت ۾ مذاق جو مادو گهٽ هوندي بہ، گنيير نانڪ نويس هٿ جي دعويٰ ڪندي بہ، هي منهنجو مذاقي نانڪ ٽي سيني کان وڌيڪ لوڪ پسند ثابت ٿيو آهي.

'هيرانند ڪرمچند' "هندو" اخبار ۾ "پنج تنڊڙا نانڪ" بابت رايو ڏنو هو:

"هن نانڪن ۾ نہ رڳو پنگتي ۽ گهرُو جيون جا نقشا چٽيا ويا آهن، پر 'ٻٽي' واري نانڪ ۾ اسان جي اقتصادي جيون بہ نهايت گهائيندڙ نموني ۾

چڻي ويئي آهي. (هيءَ نانڪ پهرين 1937ع ۾ "سنڌو" مخزن ۾ ڇپيو هو.)
نانڪن جا موضوعن اهي چوندبيل آهن جن جو اسان جي روزاني جيون سان گهاٽو لاڳاپو آهي. اهائي هڪڙي ڳالهه نانڪن کي سندي ساهت ۾ زنده رکندي. نانڪن جي عبارت سليس آهي ۽ بولي اهائي ڪم آندي وئي آهي جا گهرن ۾ سياويڪ نموني ڳالهائي ويندي آهي."

'پروفيسر نارائڻداس پميائيءَ' سنڌي نثر جي تاليف ڪيل ڪتاب "ادبي گلشن" (ياڳو3. 1945ع) ۾ لکيو هو:

"بڌي نانڪ جو هن انتخاب ۾ وڏو ويو آهي سو هڪ مڪيه مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. زميندار ۽ هارين جو هڪ ٻئي ڏانهن ڪهڙو رخ ٽيئ گهرجي؟ هارين ۾ اڄ ڪلهه سمجهه آئي آهي ۽ هو پنهنجا حق چڪين ٿا، ۽ اُهي زميندار جي اڳ هارين جي اٺاڻائيءَ جو فائدو وٺي هن کي تنگ ڪندا هٿا. تن کي هارين اڳيان سر جهڪائڻو ٿو پوي. اها بلڪل سچي تصوير ان نندي نانڪ ۾ پيش ڪئي وئي آهي."

منهنجن چئن نندين نانڪن جو ٻيو مجموعو "پنگتي پردا"، جو رتن منڊل پنهنجي ماهوار رسالي مان نانڪ ڪدي، 1938ع ۾ ڇپايو هو، تنهن جو اصلوڪو رٽيل سرو هو "اڳرا نندا نانڪ". پر رتن وارن جي اِشاري تي ته: پڙهندڙ شڪايت ٿا ڪن ته دنيا ۾ سئيون شاڻستيون ڳالهيون ڪٿي ويون آهن ڇا، جو هي مسٽر ملڪائي بي شرميءَ جا ڪِنا قصا پيو ڪَٿي، لاچار نالو ڦيرائي ڇڏيم. اُن ڪتاب جي مهاڳ ۾ مون جيڪا سمجهائي ڏني هئي ته چو مان اڃ وٺندڙ اڳرا نانڪ ٿو لکان، تنهن کان بهتر پنهنجو ٻڌاءُ مان ڏئي نٿو سگهان. تنهنڪري اُهي اکر هت دهرايان ٿو:- "جهوني زماني جا افسانا، جن ۾ ديون پرين جون ڪرامتون ۽ راجائن راڻين جا ڪارناما هوندا هٿا، يا عشق ۽ جنگ جي بازار گرم هوندي هئي؛ سي اڄ نانڪي صورت ۾ آڻجن ته جيڪر عجيب يا ناممڪن پيا لڳن. اڄوڪي زماني ۾ عام ماڻهو جي ڪشمڪش ايتري قدر وڌي وئي آهي جو جيوت ۾ سڻائي ۽ سهڻائي خير کا وڃي رهي آهي. اسان جي گهروُ، پنگتي ۽ قومي زندگي اوٽاين سان ٽمڙار آهي. شيڪسپيئر جي مشهور گفتي موجب، جيڪڏهن نانڪ زندگيءَ جي آرسي آهي ته اڄوڪن نانڪن ۾ اُنهن اوٽاين آڻڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. ڪن اخلاق تي زور ڏيندڙ صاحبن جو اعتراض آهي ته روگ برابر اسان جي جيوت ۾ آهن، پر اُهي شب ۾ رکڻ ڪپن، اُنهن جي اوڳهڙ ڪرڻ بي شرمائي آهي. پر

منهنجي سمجهه ۾ روگ لڪائڻ ٽيندو آن کي اندر ٿي اندر رجهائڻ. جڏهن روگ کي هوا ۽ روشنيءَ ۾ کولي ظاهر ڪبو تڏهن ٿي آن جو علاج ڪري سگهبو. ساڳيءَ طرح پنگتي اوڻاين تي ڪڪ رکڻ آنهن کي همٿائڻو آهي؛ پر انهن کي پڏرو ڪري لوڪن جي ڏيان تي آڻيبون ته آنهن کان گوشو ڪندا، ۽ اهوئي پنگتي سڌاري جو عملي طريقو آهي." منهنجو متو آهي ته ساهت کي، وندر سان ساهت سات سکيا پڻ ڏيڻي آهي؛ ۽ منهنجو عقيدو آهي ته زندگيءَ جون خاميون ترڻي کيڻ ۽ انسان ذات کي خوشحال بنائڻ لاءِ، نانڪ ڪري ڏيکاريو جهڙو هيو کو کارائتو ذريعو کونهي؛ چو جو زندگيءَ جا منظر اسٽيج تي اکين ڏسڻ سان جو تاثير پيدا ٿو ٿئي، سو ڪتب خاني ۾ ويهي ڪتاب پڙهڻ سان ٿي کين سگهندو.

هاڻي آءُ "پنگتي پردا" جا اگرا مسئلا ٽورن اکرن ۾ ٻڌائيندس. "اکيلي دل" ۾ جنهن مسئلي جي اُپٽار ڪيل هئي سو هو، جيئري تي جيئري شاديءَ جو. جيتوڻيڪ مان جاڻان ٿو ته اهڙي شادي عام طرح سان هڪ پنگتي خامي آهي جنهن مان دکدائڪ نتيجا نڪرندا آهن؛ پر هن نانڪ ۾ مون چنيءَ طرح ڏيکاريو هو ته ڪن حالتن ۾، جڏهن مڙس زال جي طبيعتي ناسازيءَ ڪري گهروُ زندگي زهر ٿيو پوي، تڏهن ٻي شاديءَ کانسواءِ کو چارهو کونه ڏسبو آهي، توڻي آن کي به مون آنت ۾ دکي بنايو هو. "ٻي زال" ۾ انهيءَ کان به اگرو مسئلو کنيو هوم، ته جڏهن کو ڪرڙوڙ رنڊ ٻيءَ نوجوان زال سان شادي ٿو ڪري، تڏهن نه رڳو ننڍن ماڻيجي ٻارن کي دکي ٿو بنائي (جيئن اڳئين نانڪ "به باهيون" ۾ ڏيکاريو هوم)، پر نوجوان پٽ هوندي نوجوان زال گهر ۾ آڻڻ مان وڏو خطرو اهو ٿي سگهي ٿو جو ماءُ ۽ ماڻيجو پٽ هڪ ٻئي سان پيار ۾ قاسي وڃن! اها کا اسياويڪ ڳالهه کانهي؛ بلڪ اهڙا به چار مثال سڀ کنهن کي پيا سجهندا هوندا، پر شب ۾ پيا رکندا آهيون، کليءَ طرح ڳالهه نه پيا کندا آهيون. تئين نانڪ "به پينر" ۾ اهو مسئلو کنيو هوم ته ماستر، جي هاڻوکين چوکرين کي تعليم ڏين ٿا ۽ سائن لهه وچڙ ۾ اچڻ جا انيڪ وجهه آڻن، سي سنت يا اولياءَ کونهن، پر اُهي به انسان آهن جن جي اندر ۾ به دل آهي. پوءِ پاڙهيندي پڙهندي، جي اُستاد ۽ شاگرديائيءَ جون دليون آڪي ويڻون ته اُن ۾ کا اربع خطا کانهي، بشرطيڪ مائٽ اکيون پوري نه وهن ۽ آگاهه رهن ته اهڙو سنبنڌ سچو ۽ آبرودار آهي يا صرف جساني ڪشش. پچاڙيءَ وارو نانڪ "ليڊيز ڪلب" جيتوڻيڪ مسخريءَ جي

ڏنگ ۾ لکيل هو، ته به منجهس پنگتي اوٽائي اها آندل هٿي ته نئين زماني جي ڪلين ۾ ويندڙ سڌريل زالن ۾ جو وڌاءُ ۽ گلاخوريءَ جو انگ وڌندو ٿو وڃي تنهن مان ڪهڙا انگور ٽا نڪرن. هيءُ ناٽڪ ڪراچيءَ ۾ رابندرناٿ ٽيگور برامٽڪ ڪلب جي سالياني جلسي (1939ع) تي مون کي ڏيکاري هو ۽ چگو ٻڌو هو.

پچاڙيءَ ۾ آءٌ پنهنجي باقي ناٽڪن مان ڪن جو مختصر ذڪر ڪندس، جي سنڌ ۾ ڪتابي صورت ۾ نه ڇپيا هٿا ۽ جد جدا مخزنن ۽ اخبارن ۾ ڇپا هٿا. "ناخلف"! اصل سنڌ ڪالج مسلني (1931ع) ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته پيٽرن کي پنهنجن پٽن کان زبردستيءَ خانداني يا آباٽو ڏنڏو نه ڪرائڻ ڪپي، پر اُنهي پيشي ۾ وڃڻ ڪپي جنهن لاءِ کين چاهه ۽ لياقت هجي. "اولاد" جو به پهرين سنڌ ڪالج مسلني (1932ع) ۾ ڇپيو هو، تنهن جو مسئلو هو ته هن اقتصادي تنگيءَ جي زماني ۾ اولاد جي اڃجهل پيدائش تي سائنسي طريقن سان پل وڃڻ ڪپي. منجهس پاسيرو مسئلو اهو به رکيل هو ته هاڻي وقت آيو آهي جو سنڌي ليکڪن کي دماغي محنت جو جوڳو اُجورو ڏيڻ ڪپي. هيءُ ناٽڪ جڏهن مون رابندرناٿ ڪلب پاران ٽيگور جي جنم ڏينهن تي ساڳئي سال کري ڏيکاري هو ۽ منجهس مکيه پارٽ پڻ ڪيو هوم، تڏهن جم تي روڪ وڃڻ واري موضوع آڻڻ کري اُن زماني ۾ چوٻولو مچي ويو هو. جا ڳالهه هاڻي سرڪاري طور به مقبول ٿي وئي آهي. "ميلاپ" جو اول سنڌ ڪالج مسلني (1934ع) ۾، ۽ پوءِ "پارت جيون" جي ڪديل ڪتاب "سندر ڪهاڻيون" (1944ع) ۾ ڇپيو هو، تنهن جو مطلب هو ته سنڌ ۾ جو جهونو حيدرآبادي - غير حيدرآبادي وارو نفاق هوندو هو، سو اَنتر - وواهه (پاڻ ۾ شادي) دواران عملي طور مٽائي سگهجي ٿو، جيتوڻيڪ اهڙي قدم کڻڻ ۾ گهٽيون ٿي رکاوٽون پيش ايندیون جي هٽائيون پوندیون. "ضعيف انسان" جو "سنڌو" (1934ع) ۾ پيو هو، تنهن ۾ سنڌي مسلمانکي ڳوناڻي زندگيءَ ۾، محبت ۽ شاديءَ جي مسئلي تي هڪ ٽه - ڪنڊي دڪ - اَنت ڪهاڻي ڏنل هٿي ۽ ڳوناڻي محاوري ۾ لکيل هٿي. "دل ۽ دماغ" جو پڻ "سنڌو" (1935ع) ۾ پيو هو، تنهن ۾ ڏيکاريل هو ته محبت نه فقط دل جي ٽيندي آهي، پر ڪن جزوي تعليم - يافته مردن ۽ زالن جي وچ ۾ دماغي سنهڻڌ به ٿي ويندو آهي جنهن ۾ نفس جي بوءِ ڪانه ٽيندي آهي. "ماتا جي ممتا" ۽ "سنڌو" (1938ع) ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته ڪيئن هڪ

نوجوان ماءُ، شاديءَ کان اڳ هاول هار جي حياتي بچائڻ لاءِ پنهنجي ظالم پتا جو خون ڪري ٿي ويهي. هن ناٽڪ جو هيو پاڳو "پتا جو پاپ" (جو الڳ به پاڻ ۾ ٿي پورو هو)، سو به "سنڌو" (1939ع) ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته هڪ ٻيءَ جي پاپ ڪري، پاءُ ٻيڻ جو اڻ ڄاڻائيءَ وچان پاڻ ۾ پريم ٿي ٿو وڃي ۽ اُن جو نتيجو ڪهڙو غمگين ٿو نڪري. هڪ ٻيو ٽن گهروُ ناٽڪن جو سلسلو "ماٽڻ جو ظلم" جي گڏيل نالي سان، سو به "سنڌو" مخزن ۾ ڇپيو هو، جن جا نالا هٿا: "سمنڊ جي گجڪار" (1933ع)، "ڪوڙو ڪلنڪ" (1940ع) ۾ "جيون ناس" (1942ع)، جي پڻ الڳ الڳ توڙي گڏي، پڙهي ۽ ڏيکاري سگهجن ٿا. "بٹراج" هڪ انجنيئري ناٽڪ هو جو "سنڌو" (1940ع) ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ سرڪار کي چتاءُ ڏنل هو ته ندين تي اهڙا ڪچا بند نه ٻڌايو جن ۾ ڪوٽو مال ڪم آندل هجي، جي ملڪ جي آبادي وڏائڻ بدران ساڻيءَ ۾ لڙهي وڃن ۽ ڪاشتڪارن کي تباهه ڪري ڇڏين. منهنجو هڪڙو ٿي ترجمو ڪيل نندو ناٽڪ، شيڪسپيئر جي Midsummer Night's Dream مان ورتل مذاقي نقل "دلسوز داستان" هو، جو سنڌ ڪاليج مسلمي (1939ع) ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ جهوني زماني وارين سنسني خيز رومانوي ناٽڪن تي ڪلائيندڙ طنز ڪيل هئي. هيءُ ناٽڪ سنڌ ڪاليج ۾، پرنسيپال شهاڻيءَ جي رٽائر ڪرڻ واري جلسي تي مون شاگردن کان ڪرائي ڏيکاريو هو ۽ ناظرين کي چگو وندرايو هٿائين.

45-1944ع ڌاري، نندي ناٽڪ لکڻ ۾ 'محمد عثمان ڏيپلائي' پڻ ڪامياب طبع آزمائي ڪئي هئي، ۽ سندس "نورجهان جو پٽ"، "سجائي موڙي" ۽ "ڪانگريس" اسٽيج تي به آندا ويا هٿا، ۽ مذاقي توڙي اخلاقي خاصيتن ڪري ڏسندڙن کي پسند پيا هٿا. "سرڪاري صلاحڪار بورڊ" جي "مهراڻ" مخزن (1944ع) ۾ 'حبيب الله ينڍي' جو اُردوءَ تان ورتل ناٽڪ "نئين دنيا" نالي ڇپيو هو، جنهن ۾ ڪولمبس جي آمريڪا ڳولي لهڻ جو منظر ڏيکاريل هو. "مهراڻ" (1947ع) 'مرزا گل حسن ڪربلائيءَ' جو "ماڳ جي محبت" ڇپيو هو، جنهن ۾ مارئيءَ جي قيدخاني وارو هڪ مختصر نظارو ڏيکاريل هو، پر گفتگو ڌاران هي ڪا ناٽڪي خوبي منجهس ڪانه هئي. اِتي سنڌ ۾ نندي ناٽڪ جي ترقيءَ جي تاريخ ختم ٿي.

فصل ڇهون

# مضمون نويسيءَ جي اؤسر

ساهت جون مکيہ شاخون ناول ۽ نانڪ، هن ڪري دلپسند آهن جو ٻنهي ۾ آکاڻي ڪنيل آهي- ناول ۾ سڌي سنواڻي بياني صورت ۾، ۽ نانڪ ۾ گفتگو جي ذريعي- ۽ آکاڻيءَ لاءِ شوق ۽ انساني دل ۾ سدائين قائم رهي ٿو. پر مضمون ادب جي هڪ خشڪ شاخ آهي، جو نہ اُهو ڪنهن آکاڻيءَ تي ٻڌل نہ آهي، منجهس لکندڙ جا خيال، ويچار ۽ رايا ظاهر ڪيل آهن؛ جنهن ڪري سياويڪ آهي نہ عام ماڻهو ويچارن ۾ آکاڻيءَ کان گهٽ دلچسپي وٺندا. مضمون، ڪائنات ۾ ڪنهن بہ مکيہ توڙي معمولي چيز تي لکي سگهجي ٿو؛ انگريزيءَ ۾ چوٽي آهي تہ مضمون لکڻ لاءِ کهڙي بہ ڪلي ڪافي آهي جنهن تي ٽوپلو ٽنگي سگهجي. پر مضمون نويسيءَ جو اهو اهم اصول آهي تہ منجهس خاص زور ڏنو وڃي ٿو، نہ اُن موضوع تي جنهن تي مضمون لکجي، پر اُن موضوع بابت لکندڙ جي شخصي ويچارن ۽ احساسن تي؛ جنهن ڪري مضمون منجهہ لکندڙ جي شخصيت جو خاص طور اظهار ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ساڳي شيءِ، مثلاً "تاج محل" تي ڪيترا ليک لکيل آهن، تنهن هوندي بہ اُهي هڪ ٻئي کان ٻنهہ نرالا آهن ڇو تہ جيتوڻيڪ شيءِ ساڳي آهي تہ بہ هرڪو ڏسندڙ اُن کي پنهنجي نقطہ نظر کان ڏسي ٿو، جنهن ڪري ڏسندڙن جا خيال اُن بابت علحدا علحدا آهن، ۽ اُنهن مضمونن ۾ تاج محل کان، اُن بابت لکندڙن جون علحديون حيثيتون زياده اهميت ٽيون رکن. جيڪڏهن هرڪو لکندڙ ساڳيءَ شيءِ بابت ساڳيا انگ اکر يا حقيقتون ڏئي تہ ڪيترا مضمون جيڪر هڪجهڙا ٿي پون ۽ منجهن گونا گوني نہ رهي. اُن ڪري ٿي ناول ۽ نانڪ کي ادب جون غير شخصي يا خارجي (objective) شاخون چيو ٿو وڃي، جن ۾ لکندڙ انسانوي آکاڻيون ۽ هستيون ٿو چٽي، پر نظم ۽ مضمون کي شخصي يا داخلي (subjective) شاخون ڪوٺجي ٿو، جن ۾ لکندڙ پنهنجا ويچار ۽ جذبا چٽي ٿو. هڪ مغربي عالم تہ مضمون نويسيءَ

کي ايڏو شرف ڏنو آهي جو اُن کي "نثر ۾ لکيل شعر" ڪري ڪوٺيو اٿس، چو ته منجهس شعر وانگر لکندڙ جا شخصي جذبا ۽ اُمنگ ظاهر ڪيل ٿين ٿا. جيئن شعر پڙهڻ سان، شاعر جي تصور مان سندس شخصيت جو سماءُ پوندو آهي، تيئن مضمون پڙهڻ سان، لکندڙ جي ياونائن وسيلي سندس حشيت اڇي اڳيان بيهندي آهي ۽ هن سان روح رهاڻ ڪري سگهبي آهي. فرانسيسي مضمون نويسيءَ جو آبو Montaigne تنهن جو پڻ گفتو آهي ته "پنهنجن مضمونن ۾ مان خود پنهنجي چترڪاري ٿو ڪريان." اِهوئي شخصيت جي نرواريءَ جو آدرش آهي جنهن جي ڪسوٽيءَ تي سچيءَ مضمون نويسيءَ جي پرک ڪري سگهجي ٿي. يعني اُهو مضمون جو لکندڙ جي هستيءَ جو چٽو آئينو بنجي ٿو تنهن جو درجو اوچو ليکيو وڃي ٿو. ناول ۽ ناٽڪ زندگيءَ جو آئينو آهن، شعر ۽ مضمون شخصيت جو آئينو.

## ڏرمي، اخلاقي ۽ پنگتي مضمونن جا ڪتاب

پر مضمون نويسيءَ جي تاريخ ۾ پريندي ٿي اهڙا شخصي مضمون لکڻ ۾ ڪونہ آيا. جيئن ادب جون ٻيون شاخون گهٽو ڪري ڏرمي ۽ اخلاقي لکيتن سان شروع ٿين ٿيون، تيئن سنڌي مضمونن جي شروعات بہ ڏرمي، اخلاقي ۽ سماجي ڪتابن سان ٿي، جن ۾ لکندڙن پنهنجا رايا ۽ خيال ڏئي پنهنجي دماغي شخصيت ظاهر ڪئي، نہ جذباتي حيثيت. اهڙو پهريون ٿي پهريون ڪتاب سماجڪ سڌاري جو هو. 'ديوان ڪوڙيمل' جي "پڪوهہ" (1862ع ڌاري) ۾، هن سنڌي نثر جي هڪ ٽنيي، زناني تعليم جي مسئلي تي وزنائتا دليل ڏنا هٿا ۽ جنهن جي عبارت بہ نجي ۽ سليس ڪتب آندل هٿي، توڻي جهوني زماني جي دستور موجب منجهس بيهڪ جون نشانيون ڏنل ڪونہ هيون ۽ وڏي دم بدران بہ ليڪ (-) ڏنل هٿي، جيئن هن مثال مان ڏسڻ ۾ اينداو:

"ٻيو نقصان زالن جي جاهليءَ ۽ بي علميت مان هيءُ آهي- نندڙا ٻار جهڙي گفتگو يا هلت چلت پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڏسندا آهن اهڙي پاڻ بہ ونندا آهن هن ملڪ ۾ ڪنهن جي گهر ۾ وڃي ڏسبو آهي ته ٻار منّيءَ ۽ ڪِن ۾ پيا ليٽندا آهن بد سخن ۽ گاريُ سکندا آهن چاڪاڻ ته انهن جي ماڻڻ کي، جي بي علم آهن ڪهڙي خبر ته ادب چا کي چئجي ۽ اخلاق چا کي. ۽ جيڪڏهن بدسخن ۽ خراب لفظ زبان کان ٻاهر ڪڍيو ته ٻار جي دل تي اُنهيءَ کان ڪهڙو اثر ٿيندو ۽ پوءِ اُن جو نتيجو چا نڪرندو اهڙا خيال سڌريل ۽ پڙهيل آدميءَ

جي دل ۾ ايندا آهن... تنهن لاءِ جن سببن ڪري مردن کي علم سيکارڻ ضروري چائجي ٿو اُنهن ساڳين بلڪ زياده مضبوط سبب ڪري زالن کي علم سيکارڻ ضروري آهي- سپ ڪنهن ڏيهه جو بگاڙو ۽ سڌارو يا واڌاپو ۽ گهاٽاپو زالن جي سياڻپ ۽ نادانيءَ تي آهي."

اُن زماني پردي واري زماني ۾، جڏهن زالن کي جهالت ۾ رکڻ کي، مرد پنهنجو فرض ۽ سلامتي سمجهندا هئا، تڏهن ساڏو نولراءِ هيرانند، ديوان ديارام ۽ ديوان ڪوڙومل ٽي اُهي صاحب هئا جن، بنگالي تهذيب جي اثر هيٺ اچي، همت ڪري، زناني تعليم جو نازڪ پر اهم سماجي مسئلو حل ڪيو، ۽ هاٿوڪا زنانا اسڪول ۽ ڪاليج سندن ڪوشش جو ٽي نتيجو آهن. نئين هندستان جي جاڳرتا ۾ بنگال کي اول مرتبو آهي، ۽ سڄڻ به جاڳي اُٿڻ ۾ گهٽي ويرم ڪانه وڌي. هي صاحب پهريان ٽي عظيم انسان هئا جن اُن واڌاري کيل پرڳٽي جي تهذيب، پارت جي ڪنڌ ۾ پيل سڄڻ جي انڌاري ۾ آندي. پر ديوان ڪوڙومل جي "پڪو پهه" ۾ جدا جدا موضوعن تي مختصر مضمون ڪونه هئا، جو مضمون نويسيءَ جو مڪيه نمونو آهي؛ ليڪن هيءَ هڪڙي ٽي مسئلي تي مڪمل مقالو (Treatise) هو، جو به مضمون نويسيءَ جو ٻيو نمونو آهي.

ديوان صاحب 1905ع ۾ "آريه ناري چرتر" هڪ بنگالي ليڪڪ جي انگريزي ڪتاب تان ترجمو ڪيو، جنهن ۾ قديم ۽ هاٿوڪين آدرشي هندو عورتن جون جيون ڪٿائون مختصر طور ڏنل هيون. منجهن توٽي کي قدر آکاڻيءَ جو انگ به هو، تہ به گهٽي پاڳي انهن کي جيون- مضمون (Biographical Essays) ڪوٺڻ جڳائي. هن ڪتاب جي عبارت، هندي ۽ سنسڪرت اکرن ملائڻ ڪري، ديوان صاحب جان تان ڏکي بنائي ڇڏي هئي. ڪجهه وقت پوءِ هن صاحب جيون چرتر (سوانح حيات) جا ٻيا به ڏرمي ۽ اخلاقي ڪتاب لکيا؛ "مهاتمائن جا درشن" (1907ع)، "پڳتن جون ساکيون" (1908ع)، ۽ رام موهن راءِ، جڏيو، نامديو، چيتن ديو، پيشم پتا، دادو سنت ۽ پورن آهاريءَ جون جيونيون. اهي ڪتاب بنگاليءَ تان ورتل چيا وڃن تا، پر انهن جي لکڻيءَ جي طرز اهڙي ٺيٺ آهي جو اصلوڪا ٻيا لڳن. ديوان ڪوڙومل سڄڻ ۾ برهمو سماج برپا ڪرڻ جو مڪيه باني هو، جنهن پرچار لاءِ، سماج جي بنگالي پايو وجهندڙ ڪيشب چندرسين جي مشهور ڪتاب "نوسنيهتا" جو ترجمو 1905ع ۾ ڇپايائين. "هري درشن" ۾ برهمو سماج

جي مڪيہ بنگالي اڳواڻ ديوندر ناٿ ٽئگور (رابندرا ناٿ جو پاءُ) جا آتمڪ ويچارڪ (روحاني سمجھاڻيون) سنڌيءَ ۾ آندائين، جي سنڌس سرگواس ٽيڻ ڪان گھٽو پوءِ 1930ع ۾ ڪوڙومل منڊل ڇپايا ھٿا.

سنڌيءَ ۾ مختصر مضمونن جو پھريون ڪتاب، سنڌي نثر جي ٻئي ٽنيي 'مرزا قليچ بيگ' جو لکيل "مقالات الحڪمت" (1877ع)، مشھور انگريزي ڪتاب Bacon's Essays جو ترجمو ھو، جو انگريزي ادب ۾ پھريون مختصر مضمونن جو ڪتاب ھو. ھيءُ ڪتاب مرزا صاحب جوانيءَ ۾ لکيو ھو جڏھن بمبئيءَ ۾ بي-اي- ڪلاس ۾ شاگرد ھوندو ھو، تنھن ھوندي بہ منجھس بيڪن صاحب جا ڏکيا فلسفاڻا خيال سليس پر مؤزون عبارت ۾ ظاھر ڪيل ھٿا، جن سان ڪي پنھنجا فلسفاڻا نڪتا پڻ ملائي ڇڏيا ھٿائين. "مقالات الحڪمت"(1) ۾ آيل "عشق" سري واريءَ گفتار (discourse) مان ھنيان ٽڪرا ڏجن ٿا، جن مان مرزا صاحب جي آسان عبارت سان شامل، بيڪن جھڙي دماغي فيلسوف جي عشق بابت غير جذباتي نظريو ملي ٿو:

"انسان خدا تعالىٰ بابت خيال ڪرڻ ۽ ٻين وڏين ھاجن ھلائڻ لاءِ خلقيو ويو آھي؛ نہ انھيءَ لاءِ تہ ڪم ڪار ڇڏي ھميشہ ھڪ سھڻي بت يا پتلي جي اڳيان گوڏا ڪوڙي ويٺو ھجي؛ ۽ جيئن جانور پنھنجي پيٽ يا وات جا غلام آھن، تيئن ھي پنھنجي اک جو ھانھپو قبول ڪري، جا اک ٻين ڇگن ڪمن لاءِ ھن کي ڏني وئي آھي... انسان جي طبيعت ۾ ٻين کي پيار ڪرڻ جو اندروني ميل رکيل آھي، پوءِ اُھو پيار رڳو ھڪڙي ڇٹي تي يا ڪن ٿورن تي نہ رکندو، تہ گھڻن تي رکڻو پوندس؛ ۽ انھي ڪري ماڻھو اصل کان خير خواھ ۽ نرم ۽ سخي ٿئي ٿو. شاديءَ واري عشق مان انسان پيدا ٿئي ٿو؛ دوستيءَ ۽ محبت واري عشق مان انسان سڏري ٿو؛ نفساني ۽ شھوتي عشق مان انسان ڪري ٿو ۽ ڪمينو ۽ ڪمذات ٿي پوي ٿو."

مرزا صاحب جي عبارت سليس ھوندي بہ، سنڌس ھن ۽ ٻين ڪيترن ڪتابن جا نالا دقيق عربي صورتن ۾ ڏنل ھوندا ھٿا، جيئن اُن زماني جو دستور ھوندو ھو- جو رواج ڪي پويان عالم پڻ، ڪي ڪٽرپڻي وچان ڪي دماغي رغبت وچان، پچاريءَ تائين قائم رکندا آيا.

(1) ھن ڪتاب جو جائزو تنقيد واري فصل ۾ "قرب قليچ" ڪتاب ھيٺ ڏنل آھي.

قليچ بيگ جو ٻيو اخلاقي مضمونن جو ڪتاب هو "خوديااوري" (1901ع)، جو Smile's Self-Help تان ترجمو ڪيل هو، پر اُهو ڪتاب هڪڙي ئي مسئلي تي لنبو چوڙو مقالو هو. مرزا صاحب سوين ڪتاب ٻين هولين مان ترجمو ڪري، جهڙو سنڌي ساهت کي مالامال ڪيو تهڙو ٻئي ڪنهن لکندڙ ڪونہ ڪيو. مڙني ڪتابن ۾ سندس عبارت سلاست پري ۽ عام فهم واري هئي ۽ عربي فارسيءَ جي ٻرمار کان آجي هئي. سندس ٻيا ترجمو ڪيل مضمونن جا ڪتاب ڏجن ٿا، جنهن مان موضوعن جي گوناگونيءَ جو ويچار ڪري حيرت وٺيو وڃي:

| | | |
|---|---|---|
| "علامات القرآن" | (قرآن شريف ۾ تمثيلون) | 1888ع |
| "باغ ۽ باباني" | (فن موضوع تي ٻوڙن ۽ هڪڙوئي ڪتاب-انگريزيءَ تان) | 1895ع |
| "حشرات الارض" | (زمين تي رهندڙ ساڻوارن جيڏن جو احوال - انگريزيءَ تان) | 1895ع |
| "زمين پوکڻ جو علم ۽ هنر" | (انگريزيءَ تان) | 1895ع |
| "ڪيميائي سعادت" | (اسلامي فلسفي تي - امام غزاليءَ تان) | 1901ع |
| "فرائض انسان" | (اخلاقي مضمون) | 1904ع |
| "حقايق ال ارواع" | (هندستاني غزاليءَ تان) | 1905ع |
| "زاد الاخرت" | (اخلاقي مقابلو-امام غزاليءَ تان) | 1906ع |
| "حاجتمنديءَمان طاقتمندي" | (تان "James Allen's "From Poverty to Power | 1906ع |
| "انجيل" | (تانBible) | 1907ع |
| "اشعار القرآن" | (قرآن شريف مان شعر) | 1907ع |
| "آزام مان آرام" | (تان "James Allen's "From Passion to Peace | 1909ع |
| "تحفہ النوسان" (1) | (عربہ عجم ۽ هند جي مشهور مسلمان عورتن جا احوال) | 1912ع |
| "علم تصوف" | | 1912ع |
| "ٽياساني" | | 1912ع |

(1) هي ڪتاب ديوان ڪوڙيمل جي "آريہ ناري چرتر" جو ضميمو (Supplement) ڪري سمجهڻ ڪپي.

| | | |
|---|---|---|
| "تهذيب اخلاق" | (هڪ چيني عالم جي انگريزي ترجمي تان) | 1913ع |
| "ايمرسن جا عجيب نڪتا" | (آمريڪي فيلسوف تان) | 1914ع |
| "جواني ۽ جو اڪسير" | (وڏي ۽ عمر مائڻ لاءِ هدايتون) | 1915ع |
| "قديم سنڌ" | (سنڌ جي مشهور شهرن ۽ ماڻهن جو بيان - فارسي تان) | 1921ع |
| "تحفه اسماعيليه" | (اسماعيلي يا آغا خاني مذهب جو اصول ۽ عقيدا) | 1922ع |
| "اُستاد جي قدمن وٽ" | (ڪرشن مورتي جي At the feet of the Master تان) | 1923ع |
| "صلح ڪُل جو پيغام" | (بهائي دين جي سمجهاڻي ۽ اصول) | 1923ع |
| "جواهر ال انسان" | (يورپ ۽ امريڪا جي مشهور شخصين جون حياتيون - انگريزي تان) | 1926ع |

ٽيون سنڌي نثر جو ٽٻيو ۽ آڳاٽو مضمون نويس هو سنڌ جو برڪ عالم ۽ ڊرماتما 'ديوان ديارام گدومل'. جنهن جا گهڻا ويدانتي، علمي ۽ تاريخي ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکيل هئا. جنهن مان پهريون هو Something about Sindh. هن نندڙي ڪتاب ۾ سنڌ جي شهرن، نظارن، شاعرن ۽ اوليائن جا سهڻا بيان ڏنل هئا. جنهن مان شاهه لطيف جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ وارا باب اوچ درجي جا هئا. هيءَ رسالو جلد سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿئي ته سنڌي ساهت جو ڳهڻو ٿي پوندو. تنهن کان پوءِ ديوان صاحب ٽن مکيه هندو ڊرمي گرنٿن جي سمجهاڻي ڏني ۽ انهن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي. "جپ صاحب" 1891ع ۾ ڪيائين، جنهن ۾ سمجهاڻي سان گڏوگڏ مڙني ڏکين لفظن جون معنائون ۽ سٽ سٽ جو مطلب سمجهايائين. هن ڪتاب جا پنج ڇاپا نڪتا، جن مان ٻئي ۾ 'جپ صاحب' سان پيٽ ڪرڻ لاءِ ڪي سامي جا سلوڪ ڏنائين، چوٽين ۾ ڪبير جا سلوڪ ۽ پنجين ۾ رومي جي شعر مان ساڳئي مضمون وارا مثال پيش ڪيائين - جنهن مان هن صاحب جي سنسڪرت توڙي فارسي جي اٿاهه اپياس جي پروڙ پوي ٿي. 1893ع ۾ "سري ڀگوت گيتا" ڪيائين. جنهن ۾ اُن بنيادي ويدانتي ڪتاب جي سليس سمجهاڻي ڏنائين ۽ هرهڪ سلوڪ جي ٽيڪا ڀڻ ڪيائين. سندس ٽيون ڊرمي ڪتاب "سري يوگ درشن" 1903ع ۾ نڪتو هو، جو پتنجلي رشيءَ جي قديم سنسڪرت ڪتاب تان ورتل هو، منجهس انسان جي مالڪ سان ميلاپ لاءِ گيان يوگ جو مارگ ڏيکاريل هو، ۽

اُهو به سهڻي سنڌيءَ ۾ لکيل هو. تنهن کان سواءِ، ديوان ديارام "سکمڻي"، "جپ صاحب" ۽ "بگوت گيتا" جا سار به جدا جدا ڪڍيا هئا. "ڪبير صاحب جا سلوڪ" پڻ سمجهاڻي ۽ ٽيڪا سميت ڇپايا هئائين. مٿيان ٽيئي ڪتاب ڏرمي مضمون نويسيءَ جا مثال هئا جن ۾ ويدانت جي فلسفي جي سمجهاڻي ڏنل هئي.

ديوان ديارام جي اڳين صديءَ ۾ لکيل هڪ ڪتابڙي "ماءُ ۽ ڏيءُ"، جنهن جو ٽيون ڇاپو 1906ع ۾ نڪتو هو، سا ظاهري طرح توڙي هڪ ڪهاڻي پي لڳي، پر حقيقت منجهس ويهه اخلاقي سبق ڏنل هئا جي هڪ فهميندي ماءُ پنهنجي ننڍڙي ڏيءُ کي سيکاري ٿي ته دنيا ۾ سکي ڪيئن گذارجي. سنڌس پي هڪ چوپڙي "ست سهيليون" جا به جهوني لکيل هئي پر 1925ع ۾ ڇپائي وئي، تنهن جو روپ وري ننڍي ناٽڪ جهڙو هو، پر اُن ۾ صرف سوال جواب جي معرفت هڪ تعليم يافته ڪنواريِ چوڪريِ پنهنجن ڇهن پرٽيل سهيلين کي صحيح رستو ۽ ڏرمي سکيائون ڏئي رهي آهي. هن ٻنهي ننڍن ڪتاب جي عبارت نهايت سليس ۽ مٺي، پهاڪن ۽ محاورن سان پرپور هئي. "ماءُ ۽ ڏيءُ" مان ديوان صاحب جي سهج پر رنگين لکڻيءَ جو نمونو ملي سگهي ٿو:

"پهريون سبق ڏيڻڙي جيڪو مون کي مليو، سو آهي مٺي نهار ته ڪيترا نه تارا پيا چلڪن. جي مٺي نهارينديءَ ته اهي تارا توکي گهٽيون ڳالهيون ٻڌائيندا. هو وڏو سيني کان وڌيڪ چلڪندڙ تارو ڏس ته ڇا ٿو چوي. ايئن پيو نهاري، جو جڏ ته کا ڳالهه دل ۾ اٿس، منه ڏسينس ته کهڙو نه مٺو اٿس، نيڻ ڏسينس ته کهڙا نه مٺا اٿس. تون اڳڙو پريندي آهين، ۽ ستارون مون کان وڻي جڙيندي آهين، تڏهن اڳڙو پيو چلڪندو آهي. پر هي مٺي ته ڏس ته کهڙو نه اڳڙو پريل آهي، هاڻي اڄ جڏهن تون اڳڙو ويهي پرين ۽ ستارون ويهي جڙين، تڏهن هيءُ اڳڙو نه وسارج، ۽ سياڻي سوير اُٿج."

ٽيون ننڍڙو ڪتاب "لوڀ جو مهاتر"، جنهن جو ٽيون ڇاپو 1923ع ۾ نڪتو هو، تنهن ۾ ته سڌو سنواڻو مردن ۽ زالن کي ٻڌايل هو ته جهوني زماني ۾ هندو لوڪ جي وڏا ڏينهن ۽ ڏڻ ملهائيندا هئا (جنهن جا بنياد ڪٿائن سميت ڪتاب ۾ ڏنل هئا)، اُنهن جي رسمن پٽيان اندروُنا روحاني مطلب رکيل

هوندا هتا. پر هاڻي اهي سڀ ڦري لوڀ جو مهاتم ٿي پيا آهن. هن ڪتابڙيءَ جي عبارت سنسڪرت ڏانهن وڌيڪ مائل هئي، پر گهٽي جذبي وچان ۽ تقريري نوع ۾ لکيل هئي ۽ بعضي ته طنزي نوع به اختيار ٿي ڪيائين. ديوان ديارام جي لکڻي توڻي آڳاٽي زماني جي آهي، تنهن هوندي به بيهڪ جون نشانيون ڏري پرزي پختيون ڏنل آهن.

1923ع کان 1927ع تائين، ديوان ديارام روحاني الهام جي اثر هيٺ سوين بيت ۽ گيت لکندو ويو، جنهن جا به پاڳا "چابڪ (من لاءِ) ۽ رهاڻ" نالي سان پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي ڇپايائين، ۽ باقي ٿي جلد سندس سرگواس ٽيڻ بعد جينمل پرسرام ڇپايا هتا. هيءَ شاهي ڪتاب دنيوي توڙي حقيقي اُمنگن ۽ احساسن جو اڪٺ خزانو آهي، گويا گيان (روحاني جاڻ) جو پندار آهي. پر ڇو جو اهي گيت قاعدي ٻڌل وزن بحر ۾ بيهاريل نه آهن ۽ صرف شيرين ۽ تنوار پريل عبارت ۾ لکيل آهن، تنهنڪري اُنهن کي نظم نه پر اوائلي نغميدار نثر جو نمونو ڪوئي سگهجي ٿو. (1)

هن صديءَ جي شروعات ۾ 'مهاراج تيجورام شرما،' "سناتن ڌرم پرچارڪ سيا" ڪراچيءَ پاران ڪيترا سستا مذهبي ڪتاب مختصر ڪري، مورتن سميت ڇپايا هتا. جهڙوڪ "تلسي ڪرت رامائڻ"، "مهايارت"، "شريمد ڀاگوت"، "ڀگوت گيتا"، "گرڙ پراڻ"، وغيره. ويدانت جي موضوع تي جهونن ڪتابن مان 'تولارام ٻالائيءَ' جو "جيءَ اندر جنگ" يا "سکيا ساگر" 1910ع ڇپيو هو، جنهن ۾ روحاني رستي تي هلندڙ هڪ پانڌيڙيءَ جي سادي سودي ڳالهه ڏنل هئي. ٻالائي صاحب، بنگال جي ورهاڱي کان پوءِ، سؤديوشي ۽ سؤراج هلچل جو بيباڪ باني هو. هُو سنڌ ۾ پهرين سياسي اخبار "ماتا" جو ايڊيٽر، جوشائتو تحرير ۽ تقرير جو صاحب، ۽ نازڪ - خيال شاعر پڻ هو. پنجاب جو سنڌ سان لاڳيتو پرڳٽو هٿ ڪري، گهٽا سنڌي هندو، سک ڌرم جا پوئلڳ آهن ۽ اُن ڌرم جا ڪتاب عقيدت وچان واچيندا آهن. 1910ع کان 1920ع تائين 'جيٺانند سانولائيءَ'، "نانڪ پرڪاش" نالي هڪ شاهي پستڪ 34 پاڳن ۾ پڌرو ڪيو، جنهن ۾ سک گُرن جا وچور وار

(1) هن ڪتاب بابت وڌيڪ احوال تنقيد واري فصل ۾ "راج رشي ديوان ديارام گدومل جو جيون چرتر" نالي ڪتاب هيٺ ڏنل آهي.

جيون چرتر ڏنل هٿا ۽ هولي به سليس ڪم آندل هئي، پر جهونيءَ روايت موجب بيهڪ جون نشانيون ڏنل ڪونہ هيون. 1913ع ۾ 'ديوان ليلارام سنگهہ' خالصا پنٿ اختيار ڪيو ۽ ڪجهہ عرصي بعد حيدرآباد ۾ "سک ۽ سنگهہ سيا" پاران پنهنجو "گرو گرنٿ صاحب" جو سمورو ترجمو پڌرو ڪيائين. جو سالن جي اڪٿ ڪشالي جو نتيجو هو ۽ ديوان صاحب جو بهترين يادگار رهندو. سنڌ ۾ آريہ سماج پنٿ جو به ڇگو اثر پيو هو، جنهن جي مکيہ ساهڪ نشاني "ستيارٿ پرڪاش" ڪتاب هو، جو آريہ سماج جي پايو وجهندڙ سوامي دياننڊ سرسوتيءَ جو اصل هنديءَ ۾ لکيل هو، جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو 1912ع ۾ پنڊت جيوڻ لعل، پروفيسر تاراچند گاجرا ۽ شري گڻپتراءِ ڪيو هو. هن شاهي گرنٿ جو ٻيو سڌاريل ڇاپو 1937ع ۾، ٽيون 1946ع ۾ نڪتو هو. پچاڙيءَ واري سال سنڌ سرڪار هن ڪتاب تي بندش وڌي هئي، ڇي اُن جو چوڏهون سملاس (باب) مسلمانن جي جذبن کي آزاريندڙ آهي. تنهن تي جيوترام هوتچند هڪ ڪتابڙو "ستيارٿ پرڪاش ۽ مسلم اڳواڻ" (1946ع) هنديءَ تان ترجمو ڪيو هو، جنهن ۾ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل هئي تہ اهو ڪتاب "دل آزاريندڙ ڪتاب نہ آهي، پر سچ ۾ دنيا جي سيني مذهبن، هندو، مسلمان، عيسائي، پارسي خواہ يهودي، يعني انسان ذات لاءِ 'چشمہ فيض' يا 'وگيان جو سمندر' ثابت ٿيو آهي."

ٽياساڻي مت جو به سنڌ ۾ ڇگو واهپو هوندو هو، جنهن جي اثر هيٺ 1911ع ۾ 'پهلاجراءِ واسوائي' (ساڌو واسوائيءَ جي پاڻ) انگريزي پستڪ (Theosophy For Beginners) تان "برهم ودياً" نالي ڪتاب ترجمو ڪيو، جنهن ۾ اُن وشوَ-ڌرم جا بنيادي اصول سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو سمجهايل هٿا. واسوائي صاحب 1911ع ۾ "ودياً تہ شيوا" نالي ڪتاب ڪرشنا مورتيءَ جي Education is Service تان به ترجمو ڪيو هو. 1911ع ڌاري 'لعلچند امرڏنيمل' "محمد رسول الله" ڇپايو هو، جنهن ۾ هن هندو عالم، مسلمانن جي پيغمبر سڳوري جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندن ديني اصول نهايت جاڻ ۽ همدرديءَ سان پيش ڪيا هٿا، جنهن ڪري ڪجهہ وقت اُتس نالو ٿي "لعل محمد" پٽجي ويو هو. 1914ع ۾ "رام بادشاهہ" لکيائين، جنهن ۾ زماني جي ڏرمي اڳواڻ سوامي رام تيرٿ جو جيون چرتر ۽

سندس آدرش، پنهنجي ڪردار عبارت ۾ ڏنا هئائين. لعلچند صاحب ٽياسافيءَ جي اصولن جو به ايپاسي هوندو هو. ان اثر هيٺ 1915ع ۾ "هي هو ڇا؟" لکيو هئائين، جنهن ۾ جن پوتن بابت حقيقت تي ٻڌل هڪ واردات جو احوال ڏنو هئائين. 1922ع ۾ "ماتمين کي دلداري" ڇپايائين، جو مشهور ٽياسافڪ اڳواڻ ليڊبيٽر صاحب جي To Those who Mourn تان ترجمو ڪيل، نهايت آٿت بخش ڪتاب هو. هن صاحب "هندو نارين سان وٽل" به انگريزي ڪتاب تان ترجمو ڪيو هو.

1914ع ۾ 'حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ' "حيات النبي" لکيو هو، جنهن ۾ اسلام جي پيغمبر حضرت محمد سڳوري جي سوانح عمريءَ ۽ سندس مذهبي متا نهايت شاندار نوع ۽ عبارت ۾ بيان ڪيل هٿا. حڪيم صاحب نج سنڌيءَ جي جهونن استادن جي صف ۾ اهم درجو والاري ٿو. 1917ع ۾، اڪيڊمي اسڪول جي پرنسپال 'خانچند پرتابراءِ' جو "ديوان ڏيارام جيٺمل" جو جيون چرتر ڪتابي صورت ۾ ڇپيو هو، جنهن صاحب جو نالو ڪراچيءَ واري ڊي - جي- سنڌ ڪاليج تي پيل آهي. اهو ڪتاب اصل ساڌو هيرانند جي برپا ڪيل "سرسوتي" مخزن ۾ پوندو هو، جنهنجو خانچند صاحب پچاڑيءَ ۾ ايڊيٽر هوندو هو. 1917ع ۾ 'پيرومل مهرچند' "گهرو ڪفايت" ڪتاب زناني علم لاءِ لکيو هو، جو "سنڌي ساهت سوسائٽي" ڇپايو هو. 1917ع ۾ ڪندنمل شوداسائيءَ "سڪ جي سڪيا" نالي ڪتاب هنديءَ تان ترجمو ڪيو هو جنهن ۾ جيوت سکي بنائڻ لاءِ اخلاقي سبق ڏنل هٿا. 1925ع ۾ مهراج وشنو شرما "شادي کين بربادي" نالي چوپڙي لکي هئي، جا شاديءَ جي اهم موضوع تي ٽالستاءِ جي ڪتاب مان اُلٿو ڪيل هئي. 1926ع ڌاري، 'ليلارام پريمچند' ۽ 'جيٺمل پرسرام' گڏجي "سداچار" ڪتاب لکيو هو، جنهن ۾ نيتيءَ جون سکيائون ۽ ڪٿائون ڏنل هيون. ليلارام صاحب هڪ ڪم نويس، پر نثر توڙي نظم ۾ پختو مصنف ۽ اخلاقي عالم هو، جيئن مٿئين ڪتاب ۾ ڏنل سندس مضمون "پرائي پچر" مان ظاهر آهي:

"عيبن کان ڪوبہ بندو آجو نہ آهي. تڏهن صلاح پري ڳالهہ تہ ٻين جي پتن ويچارڻ بدران هرڪو پنهنجا عيب ويچاري، ۽ پچتاءِ ڪري، پاڻ کي سنئين رستي تي آڻي. جيئن اوگڻ کان ڪو آجو نہ آهي، تيئن گڻ کان بہ ڪو وانجهو

نہ آهي، پوءِ چو نہ جيئن پنوڙ ملک ملک ڦري اچي گلن تي گنجار ڪري اُنهن جو واس وٺي ٿو، تيئن اسين بہ هر ڪنهن انسان ۾ جيڪو چگو گڻ هجي تنهن جو سڃڻڻ وٺون؟ ڀِهائي ڏرم جي برپا ڪندڙ جو فرمان آهي تہ "جيڪڏهن ڪنهن بہ انسان ۾ سؤ عيب هجن، ۽ رڳو هڪ ثواب هجي، تہ رڳو اُنهيءَ ثواب جو خيال ڪريو.' ساڳيءَ طرح حضرت عيسيٰ بنسبت پڻ لکيل آهي، تہ جڏهن ڪنهن هڪ مردي جي بدزيب شڪل تي نقط چيني پي ڪئي، تڏهن حضرت جن پاڻ مردي جي وات ڏانهن اشارو ڪري چيو تہ ' ڏند ڪهڙا نہ اڇا ۽ صاف اٿس!' "

1920ع کان 1945ع تائين 'فتحچند مينگهراج'، حيدرآباد "گرسنگت" جي سهاري هيٺ، سچو "گرو گرنٿ صاحب" پنجابي ڪوتا مان سلوڪيءَ ۽ سليس سنڌيءَ ۾ سمجهائي، "گُروائِي" نالي سان 32 پاڳن ۾ ڇپايو. هن اٺاهہ عقيدت ۽ ڪشالي واري سکن جي ڏرمي گرنٿ ۾، گرن جي ٻاڻيءَ جي معنيٰ ۽ سمجهائيءَ سان گڏوگڏ، سنتن ۽ ڀڳتن جون ساکيون پڻ ڏنل هيون. 1922ع ۾ مهاراج 'دوارکا پرساد شرما' "گيتا رهس" لکيو هو، جو لوڪمانيہ تلڪ جي مشهور گرنٿ تان ورتل هو، ۽ جنهن ۾ اُن پرجوش اڳواڻ، گيتا جي ڪرم يوگ واري اصول کي هندستان جي آزاديءَ لاءِ سياسي فلسفو بنايو هو. سنڌ جي ديش ڀڳت ۽ اخبار نويس 'ويرو مل بيگراج'، بڙودا جيل ۾ مهاتما گانڌيءَ جي سنگ ۾ ٽيپ ڪاٽيندي، رابندر ناٿ ٽئگور جي "سادنا" جو ترجمو ڪيو هو، جو 1923ع ۾ "سادنا پستڪ" نالي سان ڇپايائين. هن ڪتاب جي سنڌي سڌي هٿي پر ٻيهڪ جون نشانيون ڪونہ ڏنل هيون. 1923ع ۾ 'روچيرام سڌائيءَ' جو اخلاقي مقالو "انسان ۽ انسانيت" نڪتو هو، جنهن ۾ ٻالڪپڻ کان وٺي ٻڌاپي تائين انسان جي فرضن ۽ جوابدارين جِي اُپٽار، سليس پر محاوريدار سنڌيءَ ۾ ڪيل هٿي. هن ڪتاب جِي ڪچائي هٿي لکندڙ جا بي وزن بيت، جي سچي ڪتاب ۾ پکڙيا پيا هٿا ۽ مورڳو اُن جي نثري خوبين کي ڪسو ٽي ڪيائون. سڌائي صاحب جو "انسان جو آخري مقصد ڪهڙو آهي؟" پڻ ناصحانہ سبقن وارو مقالو هو، جنهن ۾ انسان

جي روحاني مقصد تي زور ڏنل هو. هن وقت جا ٻيا مقالا هئا: 'حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ' جا "بهار اخلاق" ۽ سياسي "ڪمال ۽ زوال"؛ ۽ 'قاضي عبدالرزاق' جو "دانائيءَ جا سبق" جنهن ۾ عمديون نصيحت آموز هدايتون ڏنل هيون.

## جيون چرتر ۽ وڌيڪ ڏرمي ڪتاب وغيره

ديوان ديارام کان پوءِ ڏرمي ڪتابن جو اونهو اپياسي ۽ ليکڪ 'جيٺمل پرسرام' هو، جنهن جا ڪتاب پهرئين "سنڌي ساهت سوسائٽي" جي ماهوار رسالن ۾ نڪرندا هئا، جن مان مکيه هئا: "ڀائي ڪلاچند" (1924ع) جنهن ۾ اُن چالو زماني جي هندو صوفيءَ جو جيون چرتر، اُپديش ۽ ڀجن ڏنل هئا؛ ۽ ساڳئي سال ۾ نڪتل "هير رانجهو ۽ سمو گندري"، جنهن ۾ اُنهن لوڪ ڪهاڻين جي روحاني رمز سمجهايل هئي. 1915ع ۾ "شاهه ڀٽائيءَ جي حياتي" لکيائين جنهن ۾ سندس صوفي متا پڻ ڏنائين. پوءِ سندس برپا ڪيل "نئين سنڌي لائبريري" ۾ سندس ڪتاب نڪرندا هئا. ويدانت جو تاتپرج تن ڪتابن ۾ ڏنائين: "سناتن ڏرم" ۽ "اُپنشد گيان" (1925ع) جي ٻَئي ماڻي اٽيي بيسنت جي انگريزي ڪتابن تان ورتل هئا، ۽ "آتم ويچار ۽ اوم جي آڪاڻي" (1927ع). جيٺمل صاحب سنڌ "۾ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو جهونو بانيڪار هو، ۽ اُن عالمگير مذهب جو اثر، هيٺين ڪتابن جي ترجمي ڪرڻ سان سنڌي ساهت ۾ ظاهر ڪيائين:

(1) "ست گرجي چرنن ۾" - ڪرشنا مورتيءَ جي At the Feet of the Master- تان.
(ساڳيو ڪتاب مرزا قليچ بيگ جو "اُستاد جي قدمن وٽ" نالي سان ترجمو ڪيل هو.)
(2) "گيان سر" - ڪرشنا مورتيءَ جي Pool of Wisdom تان.
(3) "سِڌيون ۽ چڪر" - ليڊبيٽر جي On the Path of Ocultism تان
(4) مؤت آهي ڪونه"- Conan Doyle, Oliver Lodge & William Stead جي اُزمودن تان.

جيٺمل صاحب، سنڌ ۾ سامهه واد (Socialism) جو به پهريون پرچارڪ هو، جنهن اثر هيٺ 1926ع ۾ "سامهه واد" ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ هن تحريڪ جي تاريخ ۽ مرادن جي سمجهاڻي ڏنائين، ۽ ڏيکاريائين ته هيءَ هلچل رڳي مغرب وٽان ورتل نه آهي پر "پراچين پورب جي پاڻ ۾ درج ٿيل

آهي." ساڳيءَموضوع تي، گهٽو پوءِ، 'ديارام منشاراماڻيءَ' "سوويت روس" (1944ع)، ايم - متن جي ڪتاب تان ترجمو ڪيو هو، جنهن ۾ روس ۾ مزدور حڪومت جو 25 سالن ۾ واڌارو بيان ڪيل هو.

جيئمل "نئين سنڌي لائبريري" ۾ "پورب جوتي" (1923ع) نالي گوتم ٻڌ جي جنم ساڪي سر ايڊون آرنولڊ جي رزميه شاعري Light of Asia تان سهڻي سنڌي نثر ۾ آندي هئي. (1) 'پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ' به "ڏم پد" نالي ٻڌ اُپديش جو شاستر لکيو هو، ۽ 'آچاريه آسوديمل گدواڻيءَ' جو "ٻوڌي ستوَ" پڻ ساڳي لائبريريءَ ۾ 1927ع ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ ڏرمانند ڪسمبيءَ جي مرهٽي ڪتاب جي اوٽ تي گوتم ٻڌ جي جيوت بابت ست جنم ساکيون ڏنل هيون. ٻڌ ڀڳوان جو آخري جيون چرتر "گوتم ٻڌ" نالي 'پروفيسر نرملداس گربخشاڻيءَ' جو لکيل هو، جو 1938ع ۾ پنهنجي "ودياَ" اخبار مان ڪڍي ڇپايو هٽائين. گربخشاڻي صاحب "آمريڪا جا مهاپرش" نالي ڪتاب پڻ سليس سنڌيءَ ۾ آندو هو، جو ڊاڪٽر سنڊ رلڊ جي ليکن تان ورتل هو ۽ منجهس ابرهام لنڪن ۽ ٻين ٻن شخصيتن جا جيون چرتر ڏنل هٽا.

"نئين سنڌي لائبريري" ۾ 'علي خان ابڙي' جو "پيسٽالازي" (1925ع) به ڇپيو هو، جنهن ۾ سئنزرلينڊ جي اُن مشهور معلم جي حياتي ۽ تعليم ڏيڻ جا اصول بيان ڪيل هٽا. ساڳيءَ لائبريريءَ ۾ پرنسپال 'تيجومل شهاڻيءَ' جو "گوکلي جي حياتي" (1926ع) به نڪتو هو، جنهن ۾ هندستان جي اُن عالم ۽ محبِ وطن جِي جيوت ۽ سياسي آدرش ڏنل هٽا.(2) ساڳئي سال ساڳيءَ لائبريريءَ ۾ 'پوريمل رام رکياڻيءَ' جي "رشي اروند گهوش" ۾ اُن مهارشيءَ جي روحاني زندگي جو احوال ڏنل هو.

سنڌ ۾ برهمومت جو پرچار به سالن کان چالو هو، جنهنجي اثر هيٺ هيئين لکندڙن جا سنڌي ڪتاب "برهمو سماج" وارن ڇپايا هٽا:

---

(1) ساڳيءَ انگريزي ڪوتا جو رنگين سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو "پورب سنديش" نالي سان ڏيونداس ڪشناڻيءَ (آزاد) ڪيو هو، جو "رتن ساهتيه منڊل" 1937ع ۾ ڇپايو هو.

(2) هن ڪتاب تي ڪيل نڪته چيني تنقيد واري فصل ۾ ڏنل آهي.

| | | |
|---|---|---|
| ڪرپالسنگھ | نؤوتان جي اصليت | 1914ع |
| ڊاڪٽر پريتمداس | جيون ويد | 1921ع |
| نرملداس گربخشاڻي | راجا رامر موهن راءِ جو جيون چرتر | 1930ع |
| نرملداس گربخشاڻي | برهامنند ڪيشب چندرسين جو چرتر | 1931ع |
| نرملداس گربخشاڻي | ساڌو نولراءِ جو جيون چرتر | 1932ع |
| نرملداس گربخشاڻي | مهارشي ديوندرانات جو جيون چرتر | 1938ع |
| واڌومل مولچند | ساڌو هيرانند جو جيون چرتر | 1933ع |
| واڌومل مولچند | ديوان موتيرام شوقيرام جو جيون چرتر | 1946ع |
| ريواچند ميرچنداڻي | نٽون سنهتا (ڪيشب چندرسين جي ڪتاب تان). | 1938ع |
| ريواچند ميرچنداڻي | براهمو ڌرم ساتن (ڪيشب چندرسين جي ڪتاب تان) | 1940ع |
| ريواچند ميرچنداڻي | پرلوڪ جو پيغام (ڪيشب چندرسين جي اپديش تان). | 1941ع |

1920ع ۾ 'ڪندنمل ڏيپچند' "سڪ جي سڪيا" جا ٻي پاڳا "شاريرڪ جيون"، "مانسڪ جيون" ۽ "آتمڪ جيون" نڪتا هٿا. 1930ع ۾ 'لڌارام چنديراماڻيءَ' جو "سري سڪمني صاحب" سمجهاڻي سميت، حيدرآباد "گر سنگت" وارن ڇپايو هو، جنهن کي ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي مهاڳ ۾ سُندر سنڌي ترجمو ڪوٺيو هو. 1932ع ۾ 'ٺلرام آسوديمل' جو "ڌرم اپنشد" نڪتو، جنهن ۾ انهن پراچين ڌرمي ڪتابن جو تات پرڇ ڏنل هو ۽ برهمر ودیا ۽ آتر گيان جا مول متا سمجهايل هٿا. ساڳئي سال "نارد ڀڳتي سوتر" ۾ ان ڪتاب جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏنائين. هن صاحب ٻيا ٻه ڪيتراڻي ڌرمي ڪتاب لکيا، جهڙوڪ "شريمد ڀڳوت گيتا" ۽ "سڪمني صاحب" (ٻئي معنيٰ سان) ۽ "هندو ڌرم پرڪاش". 1934ع ۾ 'تاراچند ٺلراماڻيءَ' مشهور هندي ڪتاب "پارس پاڳ" سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جنهن ۾ جيوت لاءِ ڌرمي ۽ نيتي سکيائون ڏنل هيون. 'ديوان چٽنراءِ بولچند' ويدانت جو ڳوڙهو اپياسي هوندو هو ۽ ڪيترا ڌرمي ڪتاب سنڌي ڪوٺا ۾ آندا هٿائين. هن صاحب ٻه مٿين گرنٿ "پارس پاڳ" کي مختصر ڪري "جڳياس مارگ"

(1935ع) نالي سان سنڌي نثر ۾ آندو هو. 1932ع ۾ "جپ صاحب" ٽيڪا ۽ ارٿ سان لکيو هٿائين. تنهن کان سواءِ والميڪ جو "يوگ وسشٺ"، "ويچار ساگر" ۽ "گيان ساگر" جهڙا ترمي ڪتاب به سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪيائين. حيدرآباد جي ڪليلي رشي گهاٽ وارن ٻن سنڌي ساڌن 'ڪيولرام' ۽ 'ڪرشنداس'، هڪ وڏو ڪتاب "شري انيوٗ گيان ساگر" 1935ع ۾ رچيو هو، جنهن ۾ سمورن ويدن شاسترن جو سار بلڪل صفائيءَ سان سمجهايل هو - جو سنڌيءَ ۾ انهيءَ نموني جو هڪڙوئي ڏرمي ڪتاب ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هڪ انگريزي ڪتاب Rambles from Vedanta جو ترجمو "ويدانتي وٺڪار" نالي سان 'رامچند ڏاسوائيءَ' جو ڪيل، ڪوڙومل مندل وارن ڇپايو هو، جنهن ۾ ڪيترا ويدانتي مسئلا، مثالن وسيلي سولا ڪري، سمجهايل هٿا.

1923ع ۾ 'پرمانند ميوارام'، مشهور عيسائي اخلاقي مقالو Akempis جو لکيل Imitation of Christ، "ڪرست جي پيروي" نالي ترجمو ڪيو هو، جو سندس نبار، سپڪ ۽ مؤزون سنڌيءَ جو شاندار مثال آهي ۽ پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جي فن جو نمونو آهي. 1934ع ۾ پرمانند صاحب "اُپائٺهار جي هستي" ڪوڙيمل مندل پاران ڇپايو هو، جنهن ۾ ايشور جي هستيءَ بابت دليل ڏنل هٿا. 'مولچند ٽهلياڻيءَ' ب "پرماتما جي هستي" (1938ع) ۾ ناستڪن کي دليلن سميت جواب ڏنا هٿا. 1936ع ڌاري 'ڪماري گلي ڪرپالاڻيءَ' "جواهر لعل جا ڏيءَ ڏانهن خط" ترجمو ڪيا هٿا، ۽ 'تيرٿداس هاتيراماڻي' پنهنجا لکيل "پيءُ جا پٽ ڏي خط" ڇپايا هٿا، - جي ٻئي ڪتاب نصيحت آميز هدايتن سان پريل هٿا. 1940ع ۾ 'گهنشامداس ڪرپالاڻيءَ' "شريمد ڀگود گيتا" لکيو، جنهن ۾ اُن الهامي ڪتاب جي معنيٰ نئين سر سمجهايل هئي. 1942ع ۾ ڊاڪٽر شرما جي انگريزي ڪتاب "گانڌي سوتر" جو ترجمو 'وشن جڳتياڻيءَ' ساڻئي نالي سان ڪيو، جنهن ۾ مهاتما گانڌيءَ جي سچ ۽ اهنسا واري قديم سکيا، نئين زماني جي ضرورتن لاءِ، سوُترن جي صورت ۾ سمجهائين سوڌي ڏنل هئي. 1944ع ۾ 'پريداس برهمچاريءَ' "روشن راهه" لکيو، جنهن ۾ آتمڪ شڪتيءَ (روحاني طاقت) پرائڻ بابت سٺا مضمون پيل هٿا. والميڪ رشيءَ جو مشهور "يوگ ورسشٺ"

(جو ديوان چٹنراءِ بہ سڌيءَ ۾ آندو هو) تنهن جي اصولن جو نچوڙ سليس نموني ۾، 'گوڪلداس پاڳيا' "شري يوگ واسشٹ سڌانت سار" نالي ڪتاب ۾ ڏنل هو، جنهن جو هيو ڇاپو 1945ع ۾ نڪتو هو. 'لوڪرام ڏوڏيجا' جا "رامائڻ"، "مهايارت" ۽ "پاڳوت" بہ شمار هن وقت ڇپيا هٿا. 'باڪٽر رگهو مل موٽواڻي'، جو جسماني روڳن سان گڏوگڏ روحاني روڳن جو پڻ حاذق حڪيم هو، تنهن "گلابي گل" يا "سچي روحاني جيوت" (1946ع) ۾، مڪيہ شاسترن ۽ سچن شخصن جي چرترن ۽ بولن مان مثال ڏئي، ويدانتي سڪيا جو سار ڏنو هو جيئن اُها عمل ۾ آڻي سگهجي. آخر ۾ 'ساڌو واسواڻيءَ' جي ڏرمي ڪتابن جو ذڪر ٿو ڪجي، جي سنڌ جي هن مهان سنت ۽ وادوان جي صداقت پريل ۽ شاعرائين تقريرن تان وٺي، "سنت مالا" سلسلي ۾ ڇپايا ويندا هٿا. "شري سڪمني صاحب" ۽ "شري پگود گيتا" ساڌو صاحب جا بہ خاص پياراڪتاب هٿا، جن ۾ اُنهن بنيادي ڪتابن جي معنيٰ تفصيل سان سمجهائي هٿائين. "آتم گيتا" ۾ سندس شخصي پرارٿنائون ڏنل هيون ۽ "نانڪ نرنڪاري"، "شيوا ڏرم" ۽ "نيلو گلستان" ۾ سندس اُتساهہ ڏيارينڊ تصيحتون ڏنل هيون.

## باقي رهيل مڪيہ جنم ساکين جي ياداشت هيٺ ڏجي ٿي:

| | | |
|---|---|---|
| شيخ منصور حلاج | محمدصالح هالائي | 1917ع |
| شاهہ حسين (پنجابي صوفي شاعر) | آتمارام مينارام | 1921ع |
| صوفي سڳورا" (فارسي ۽ سنڌي صوفي) | ليلارام پريمچند ۽ هيمل پرسرام | 1921ع |
| صوفي سونهارا | محمد صديق مسافر | 1921ع |
| سچاڻ زالون (هندو ۽ مسلمان) | محمد صديق مسافر | 1921ع |
| پارت پوشڻ (پراچين هندو پرش ۽ ناريون) | فتحچند مينگهراج | 1921ع |
| ودوان ناريون | بولچند پرسرام | 1930ع |
| (تن آدرشي عورتن جون وارتائون) | | |
| پڇمي ناري چريتر ديوان ڪوڙيمل منوهر داس ڪوڙومل جي آريہ ناري چرتر جو پورائو (Complement) | | ... |
| هندستان جون راڻيون) | دين محمد وفائي | ... |

| | | |
|---|---|---|
| "جنم ساکي اڌيرولعل" | ٺلرام آسودومل | 1927ع |
| "سنڌ جا مٽيا" مختصر جيونيون: | | |
| (ساڌو نولراءِ ۽ هيرانند، | ٺلرام آسودومل | 1932ع |
| دياراام گدومل، ڏياراام چينمل، | | |
| ديوان ڪوڙومل ۽ پگٽ روپچند، | | |
| سيٺ هرچندراءِ وشنداس | ٺاڪرداس پوڄراج | 1932ع |
| ريجهومل لاهوري | ڪشنچند بيوس | ... |
| مهاڳ - سنڌ ۾ برهمو سماج جو واڌارو | نرملداس گربخشاڻي | ... |
| "سنڌ جا سنت" | ٺلرام آسودومل | ... |
| "سنڌي سونهارا" - مختصر جيون چرتر: | | |
| ساڌو نولراءِ | نرملداس گربخشاڻي | 1932ع |
| ساڌو هيرانند | واڌومل مولچند | ... |
| دياراام گدومل | شيواراام ڦيرواڻي | ... |
| ڪوڙومل چندنمل | چرنداس ٺاڪرداس | ... |
| مرزا قليچ بيگ | مرزا همايون بيگ | ... |
| پاڻي مولچند مينگهراج | ٺلرام آسودومل | ... |
| "سري رامڪرشن" | پريداس برهمچاري | 1936ع |
| "قرب قليچ" (1) | محمد صديق مسافر | 1936ع |
| (مرزا قليچ بيگ جي زندگيءَ ۽ تصنيفن جو احوال) | | |
| "راج رشي ديوان دياراام گدومل جو جيون چرتر" (2) | شيواراام ڦيرواڻي | 1938ع |
| (سندس حياتيءَ ۽ لکيتن جو بيان) | | |
| "هيرانند - سنڌ جي آتما" | مولچند واسواڻي | 1938ع |
| (ديوان دياراام جي انگريزي ڪتاب Story of a Humble Soule جو مختصر ترجمو) | فتحچند مينگهراج ۽ لڌاراام چنديراماڻي | 1938ع |
| "گرو گوبند سنگهه جا جيون چرتر" | | |

(1) ۽ (2) مٿين ياداشت ۾ هن ڪتابن جو بيان تنقيد واري فصل ۾ ڏنل آهي

| | | |
|---|---|---|
| "سچو رهبر" | پاروتي آڏواڻي | 1938ع |
| (جين ڏرم جي بانيڪار وجيه ڏرم سُوريءَ جي جيوني) | | |
| "جيون قلواڙي" جيون چرتر ۽ ڪلام هيٺين سنتن ۽ ڪوين جا: | | |
| ڪبير، ميران ہاڻي، نامديوَ، شاهه عبداللطيف، صورت بهار، سامي، شيخ سعدي، شيخ فريد، بُلا شاهه، گل محمد، قليچ بيگ ۽ خاڪي (ليلا رامسنگهه) | تارا چند شوقيرام | 1898ع |
| ديوان تاراچند شوقيرام جو جيون چرتر | واڈومل مولچند | 1939ع |
| ديوان تاراچند شوقيرام جو جيون چرتر | مرزا افضل بيگ | ... |
| (سپ گڏ ڪري چپايل ڪوڙيمل ساهتيه منڊل جا) | | |
| "راجا رنجيتسنگهه" | ميلارام واسواڻي | 1942ع |
| "ماتا ڪستوربا" | ايڇ. آر. ماٹيداساڻي | 1944ع |
| (مهاتما گانڌيءَ جي ڏرمپتنيءَ جو جيون چرتر) | | |
| "سوامي دياننڊ" | ايم. آر. ماٹيداساڻي | 1945ع |
| "نيتاجي" | ايم. آر. ماٹيداساڻي | 1946ع |
| (سباش چندربوس جو جيون چرتر) | ايم. آر. ماٹيداساڻي | 1947ع |
| "گرو گوبند سنگهه" | راڌا ڪرشن گرناڻي | 1946ع |
| "شري شاردا ديوي" | | |
| (سومي رام ڪرشن جي استريءَ جي جيوني) | پارومل ڪيولراماڻي | 1946ع |
| "نيتا جي بوس" | پارومل ڪيولراماڻي | 1947ع |
| "ويرگرجنا" | | |
| (سباش چندربوس جي تقريرن مان چونڊ ٽڪر) | | |
| "سائين قطب شاهه" (1) | جهامنداس پائيا | 1947ع |
| (سندس زندگيءَ ۽ ڪلام جو سرسٹو احوال) | | |

(1) مٿيءَ ياداشت ۾، هن ڪتاب جو بيان تنقيد واري فصل ۾ ڪيل آهي.

# داخلي يا شخصي مضمونن نگاري - ادبي مخزنن ۾

مضمون نگاريءَ جو ٻيو دؤر ادبي مخزنن معرفت شروع ٿيو، جن ۾ وقت بہ وقت زندگيءَ جي هر موضوع تي سڌا شخصي مضمون پوندا هئا، جي ڪي مکيہ طرح ادبي مضمون شمار ڪيا وڃن ٿا ۽ جن ۾ لکندڙ جي ويچارن ذريعي سندس شخصيت جو اظهار ڪيل هوندو آهي.

(1) سرسوتي

اهڙي اوائلي ساهتڪ ۽ پنگتي مخزن هئي "سرسوتي" جا 1890ع ۾ 'ساڌو هيرانند' پنهنجي اڪيڊمي اسڪول ۾ جاري ڪئي هئي - جنهن اعليٰ هستيءَ بنگالي تهذيب جِي جوت سنڌ جي ستل صوبي ۾ آندي، ۽ سنڌي جنتا جي شيوا ڪندي پنهنجي جوان جندڙي قربان ڪري ڇڏي. هن مخزن ۾ اُن زماني جي برک اديبن جا عمدا علمي ۽ پنگتي سڌاري لاءِ ليک پوندا هئا، جي پوءِ سنڌي ساهت جو پاڳو ٻڌجي رسالن جي صورت ۾ نڪتا؛ مثلاً خود ساڌو هيرانند جي اخلاقي آکاڻين ۽ ليکن جو مجموعو، جو گهڻو پوءِ 'پيرو مل مهرچند' چوندِ ڪري "هيري جون ڪٿيون" نالي ڇپايو هو، جنهن جو ذڪر آکاڻين واري فصل ۾ ڪيل آهي. هن مخزن جا ڪي مکيہ مضمون هٿا:

"سانوٽي" - پريتمداس حڪومتراءِ (جنهن جو "عجيب پيٽ" اوائلي اصلوڪو ناول هو.)
"اڪين هوندي آندا" - ڪنولسنگ پوهو مل.
"ڪرندڙ تارا" - ڪنولسنگ پوهو مل.
"وهيو" - صاحبسنگ شاهاڻي.
"موت کان ڪهڙو هنڌ خالي آهي" - بولچند ڏيارام.
"سنڌ ۽ هند جا هنر" - خانچند پرتابراءِ (جو پوءِ "سرسوتي" جو ايڊيٽر ٿيو.)
"ساجهہ" - پيرو مل مهرچند.

'پرنسپال صاحبسنگهہ شاهاڻيءَ' جو "وهيو" سنڌيءَ ۾ ٿورن طبعاتي مضمونن مان هڪ هو، جنهن کي لکندڙ جِي جبريِ جاچ ۽ پهراڙيءَ جِي اصطلاحي عبارت شاهڪار بنائي ڇڏيو. هيٺيون فقرو مثال طور ڏجي ٿو:

"وهئي جو آواز آهي 'چر چر'. ڏاڍي پڳت ٿو ڪري. رات جو ماڻ، باقي ڏينهن جو ٻہ چار گڏيا تہ ڳيپي پٽي پوندي. هن پٽ ۾ (جمڙائو) چوٽي

آهي ته 'فلاڻا، وهين واري چرچر کٽي لاتي اٽئي.' وهڻي جي هل، نچڪي ۽ ٽپڪي کان پوءِ بس آهي. وهيو هن پٽ جو پکي نٽو ڏسجي. ويهه ويسوا روهه جو پکي آهي. هت سانگ ڪيو کاج تي اچي ٽو. وهين جو پاڻ ۾ صحبت ۽ سنگ جو پيچ پيل آهي. ولر سان اُٽندا، ولر سان وهندا. اُڏاڻا ته سيبٽي اُڏامندا. سانجهون ٽيون ته اجهو،

'پرو ٻڌائون پاڻ ۾ محڪم ڏيئي مام'

قطارون ۾ شاهي ٽا ڪن. بعضي ميل پنڌ ۾ هوندا. هڪڙو ٽي پرو جهليو، واهيرن ڏي پيا ويندا. واهيرا وڏن وٽن ۾ ڪندا آهن. ٻهر، ڪنڊي، نم يا آنب جي ٽارين تي وهندا آهن. وهيو جهنگ جي ميوات سي ٽو ڪائي. پُسيءَ جي رس پيٽ جو ته اُستاد آهي. ٽونگي سان ٽوپي ڪيو ڇڏيس؛ پوءِ مٽيءَ رس کي لڳيو وڃي."

اُن زماني ۾ جهوني ۾ جهوني روزاني سنڌي اخبار "پريات" هوندي هئي جا 1919ع ۾ 'ليکراج تلوڪچند' چالو ڪئي هئي ۽ ماڻهو ڏاڍي چاهه مان آسر جو اُٽڻ شرط پڙهندا هٿا. ليکراج صاحب هڪ بي ڊپو ۽ قابل مهتمم هوندو هو، ۽ پنگتي، سرڪاري ۽ ميونسپل اوٽائين جي ڪڙي نڪته چيني ڪندو هو. "پريات" ۾ بعضي بعضي عمدا مضمون پڻ پوندا هٿا. جن مان به جيون چرتر؛ "ساڌو هيرانند" ۽ "جسٽس تلنگ" ايڊيٽر جي قلم مان نڪتل، ليلارام پريمچند ۽ ڏيارام ميرچندائيءَ جي انتخاب "گلدستو" مان هٿ لڳا آهن.

(2) جوت

تنهن کان پوءِ نڪتي مشهور دو- هفتي اخبار "جوت"، جا 1896ع ۾ سنڌيءَ جي اُن پختي جاڻوءَ ۽ خدمتگار چالو ڪئي هئي جنهن کي هوليءَ جي ٻٽي سچي پارکُو اُستاد پيرو مل" سنڌ جو ائڈيسن"، جو خطاب ڏنو هو. 'پرمانند ميوارام' مذهب ڪري عيسائي هوندي به، ادب جي ميدان ۾ بنا بغض يا ڪٽر جي، سدائين ٺيٺ ۽ گهريچي سنڌي واپرائيندو هو. ديوان ڪوڙو مل وچ ۾ سنسڪرت اکرن ۾ وچي آڙيو هو؛ مرزا قليچ بيگ پچاڙيءَ ۾ پنهنجي سليس لکڻي آيوگائيءَ ۽ آلوٽائيءَ جي حد تي آڻي چڏي هئي؛ ديوان

ديارام بہ بعضي ڏکيا سنسڪرت يا فارسي لفظ استعمال ڪندو هو، پر پرمانند صاحب، سنڌي نثر جي انهن چئن ٽنين مان هڪڙو ٿي ليکڪ هو جنهن ڪڏهن بہ ڏکيو يا گٽل يا گهرگهلو اکر ڪتب ڪونہ آندو. ۽ سدائين اُهي سرل فارسي ۽ هندي لفظ ڏيهي سنڌيءَ سان ملائيندو هو جي ڪن- رس پيدا ڪن ۽ سنڌي گلن ۾ قاسِي نہ پون، ۽ نڪِي محاورن جون غير - سنڌي صورتون ورتائيندو هو. سندس مضمون اڪثر ڪري ڏرمي، اخلاقي، تعليمي، سائنسي، تاريخي ۽ سماجي موضوعن تي لکيل هوندا هئا. تنهن کان سواءِ اعليٰ شخصيتن ۽ عورتن جون مختصر جيونيون بہ لکندو هو ۽ سير سفر جا دلچسپ بيان پڻ ڪندو هو، جن کي سيلانِي ليکن (Travel Essays) جِي نئين شاخ سمجهڻ کپي. مزيدار ٽوٽڪن ۽ پرولين معرفت، سنڌي ادب ۾ جا مذاق جي ڪوٽ هٿي سا بہ پوري ڪيائين، جن کي مذاقي مضمون (Humourous Essays) چوندا آهن. اُن زمان جي ڪن مشهور مصنفن جا مضمون بہ وقت بہ وقت "جوت" ۾ وجهندو هو، 'نارائڻداس ملڪائيءَ'، 'پريداس پيرو مل' ۽ 'آچاريہ آسوديمل گدوائيءَ' جا ليک بہ پهرئين "جوت" ۾ پيا هئا. خود پرمانند صاحب جا جيوت جي هر پهلوءَ تي لکيل مکيہ مضمون هئا، "سپ"، "برهمڻ آباد"، "سرچارلس نيپئر"، "نئون سال"، "راگ"، "ماڪوڙيون"، "سر ٽامس مور"، "پليگ"، "مان بہ ڪي آهيان"، "اڳوٽو ۽ هاڻوڪو سمون"، "ڳائيندڙ جبل"، "ڪاهوءَ جو درّو"، "سچي پريم جو لڇڻ"، "منشي آوتراءِ صاحبراءِ"، "سرشٽيءَ جو پستڪ"، "ريل کان اڳ مسافري"، "مرزا جي روُيا" (انڊيسن جي Vision of Mirza تان)، ۽ خاص ڪري سندس شاعراڻا بياني مضمون: "جهنگ جو شڪل شڪار" ۽ "سارنگ ساوڻ لايا". پچاڙيءَ واري مضمون مان، ڪليليءَ جي زباني ۾، پرمانند جي سلوٽي سنڌيءَ کان سواءِ، سندس قدرت جي جاچ - شڪتي، شاعراڻي تصوُر ۽ ناڪي ڍنگ جو پڻ پرتو ملي ٿو:

"آپ ۾ ڪڪر، هوا فرحتي، سملو لڳي ويو هو. شام جو ڪاري ڪردي ڏانهن ويس ڏرڻ ڪرڻ، مؤج بہ مؤج هٿي، وسرڻ جي نہ آهي. هوءَ ڪليلي سا تہ ڏس تہ هٿبر، هٿبر، هٿبر! تڪڙي تڪڙي وهندي ڪرندي پٽي وٽي. لڙ، لهرون، لس، ليٽ! وه تکا، وه ڪرا! اصل مائيءَ ڪنهن جي ڳالهہ نٿي ٻڌي. منهنجو ڏوهہ آهي ٿي ڪونہ، چئو درياه کي، مستاني درياه کي،

ججڪين ڪاڏي درياه ڪي؛ تار خشڪيون اٿس. نہ نہ، ههڙي بي ادبي! ڪن پريمين جيان موج اٿس! ڪڏهن سراوندو، ڪڏهن انگل آرا پيو ڪري، ڪڏهن تہ اُٿليو هوڙ هوڙان ڪيو ڇڏي، ڪن ڪي سائو، ڪن ڪي سڄو ڪري. اهو تہ سندس مرڪ آهي. اها تہ سندس بچڑي غذا آهي، نہ تہ سنڌ جي ماڻهن سان اهڙا پار هلڻ ڪهنس ٿي ڪين. جئن ڪا زال، مڙس ڪي ڇڏي پر پٽيان ڊوڙي، تئن سنڌي ماڻهو خدا ڪي بہ پاسي رکي، اول درياه لعل منائين ۽ منجهس آکا وجهن ۽ گونگيون ٻيون ڏين؛ مطلب تہ پير ڪري تا پوڄينس، پوءِ بہ سندس اهڙا افعال! مون کان نہ پڇن تہ اڳتي ڇڏي ڏينس؛ نهارينس بہ نہ. ماڳهين ' جنهن ڪين منجهان ڪِي ڪيو اٿس'، تنهن سائينءَ ڪي ساراهين؛ ٽاريءَ ڪي ڇڏي ٽڙ ڪي وڻن، تہ ڏسو تہ ڪيئن نہ مستي ڇڏي سڏو ٿو ٽُڪي؛ مٿو ماريو ٻڏندو تہ ڪامندو. منهنجو نالو نہ وٺجو! آءٌ وري بہ سندس ٻُوٽي آهيان، سندس شاخ آهيان، سندس ٻچڑي آهيان. رئس نہ هجي تہ گونِي تہ ٿهِي، خود قليلِي بہ ڪانہ ٻڏو ها، هاڻي منهنجي موڪلائي آٿوَ. زميندار نہ پڪار ڪن.' هوڏانهن سير ٿي ٽيس، هيڏانهن هيڏي بکواس ڪري وڃائين."

"جوت پرڀيل ٻين برڪ لکندڙن جا ذڪر لائق مضمون هٿا:

| | |
|---|---|
| "ڏوڙ مان ڏن" - | ڪنولسنگ پوهو مل |
| "ٽر جو سير" - | اُتارام چانڊومل |
| "ڪٽي اگر ڪٽي عطر" - | اُتارام چانڊو مل |
| "ڪڪ هيڻان لک" - | اُتارام چانڊو مل |
| "ڪوهستان جو سير" - | ريواچند آڏواڻي |
| "دز" - | هوتچند ڏيڪململ |
| "يورپ جو سئر" - | هيمنداس واڃاڻي |
| "اڳين ۽ هاڻوڪي هلت چلت" - | واڌو مل گنگارام |
| "صحرا بيابان جو نظارو" - | شامداس چولاڻي |
| "ڪاڪوليچيرام" - | آسودو مل گدواڻي |

ايجوُڪيشنل انسپيڪٽر ديوان 'اُتارام چانڊومل' جي "ٽر جو سير" مان، ڳولاڻي اصطلاح تي سندس عبور ظاهر آهي:

"ٽر ۾ شيون جام آهن: واري، لوڻ ۽ نانگ. ملڪ وُٽو. چنڊيوُن پيٽون

ته واهر، نه ته سج پٽي واڪا ڪندي، ماڻهو دربدر، ڏٺ رڌي پيا گذر ڪندا، مال بک ۾ مري ويندو. جنهن سال آءُ هوس تڏهن خوب وس ٿي هئي. زمين نرم، هفتي ڪن ۾ جهرجهنگ سرسبز ٿي ويو، تل ترايون پرجي ويون. ماڻهن کيتن کي هر ڏٽي ٻاجهريون ڪٽي پوکيون ... ڏاڍا خوش، کير جام، لسي، جنهن کي آڇ چون سا ٻهون، جيتري گهر اوتري ملي ... ٿر جي گهه کان پوءِ حد آهي، مارئيءَ جو پٽر، جو سرهو گاهه ٿو ٿئي - چي مارئي اُٽس متو رکي سمهندي هئي - تنهن جو گهه کي واس ڏيندا آهن."

'هوتچند ڏيئلمل' جو اڪيڊمي اسڪول جي پوين پرنسپالن مان هو، تنهن جي سائتسي ليک "دز" ۾ ڪيترين نه ادبي خوبيون سمايل آهن:

"کي ته خفي ٿي چوندا آهن ته ڏٽي ڏڏڙ ۽ ڏوڙ آلاجي چو ٿو خلقي. حقيقتن، اها خاڪ، جا اسين خسيس شيءِ ڪري ٿا سمجهون، سا به وڏي وٽ آهي. انهيءَ تي اسان جي حياتيءَ جو ايترو مدار آهي، جو اُها جي نه هجي ته اسين هن جهان ۾ جيڪر گهٽي تائين جالي ڪين سگهون. تنهنڪري اها ڏوڙ به ڏن سمان آهي. ڪي پڇندا ته اهو وري ڪيئن؟ اهو اجهو هيئن. آسمان ۾ (ڪرن جي) رڳي ٻاڦ اسان کي هوند پريان ڏسڻ ۾ ٿي ڪين اچي، پر دز جا جزا، ٻاڦ سان وڃيو ملن، ته اُپ ۾ ڪڪر ٺهيو پون جي پريان ٿِي پيا پسجن، ۽ مند تي مينهن ٿا وسائين ته اُن مان پاڃيون، ۽ ٻيون پانت پانت جون پيدائشون ٿيون ٿين. اها سڀ مٽيءَ جي مهرباني آهي، جا ٻاڦ سان ملي ڪڪر ٺاهي ٿي، ۽ ساندهه بوندن برسڻ بدران منداڻتا مينهن پون ٿا، ته نه رڳو اسين انسان، پر پسون، پکي، جيءَ جنتر، سيئي اگوندرو گذارين ٿا. اها دز آسمان ۾ وڃي، ٻيا به ڪيترا ڪرامت جهڙا ڪم ڪري ٿي. پيڇ ينيءَ جو، اڃا سج باکون ٿِي ڪين ڪڍي، ته اڇيئي آسمان ۾ اهڙي صاف صفائي ٿيو وڃي، جو ماڻهو ڏيئي يا بتيءَ بنا، پنهنجو ڪرت ڪار آساڻيءَ سان ڪري سگهي ٿو. اهو به انهيءَ پٽيءَ جو پرتاب آهي. اها دز آسمان ۾ نه هجي، ته اوڏيءَ مهل جيڪر تارا چمڪندا نظر اچن ۽ روشنائي رڳو اوڏيءَ مهل ٿئي جڏهن سج نڪري نروار ٿئي."

پرمانند صاحب، 1938ع ۾ پنهنجي وفات تائين، ڏڪ گهٽ چاليهه سال، پيري پيڙ بنا، "جوت" چالو ڪندو آيو ۽ اُن جو معيار اوچو رکندو آيو، ڪانئس پوءِ سندس مذهبي ۽ ادبي مريد 'ن- ف- ڪوٽواڻيءَ'، ڪراچيءَ مان "جوت" ڪڍندو هو، جنهن ۾ نه رڳو پنهنجي گروءَ جا ڏرمي ۽ اخلاقي اُصول

قائم رکيائين، بلڪ اُن جي پيماني ۽ رنگ روپ کي سڌارڻ جي کوشش ب کيائين. 1946ع ۾ ڪوٽواڻي صاحب، هن مخزن جون پنجاهه سالن جون ادبي خزمتون ملهائڻ جي موقعي تي، "جوت" جو "سونو جبلي پرچو" ڪڍيو هو، جنهن ۾ ڪيترن بزرگ ۽ نوجوان عالمن جا مضمون، پرمانند صاحب جي شخصيت ۽ ڪارنامن تي پيل هئا. اُنهن مان مکيه ليک هئا: ڏيارام وسٹمل جو "ماسترن جو سرتاج" (پرمانند پهرئين اڪيڈميءَ ۾ ڏيارام صاحب جو اُستاد هوندو هو)، 'پروفيسر لعلسنگهه اجواڻيءَ' جو "جوت جا پنجاهه سال"، ۽ 'سوپراج نرملداس' جو "پرمانند ۽ سندس هولي". پڇاڙيءَ واري ليک ۾ قابل مصنف هوليءَ لاءِ هڪ اصول قائم ڪيو هو جو سنڌي ليکڪن کي خوڻ سان هنڌائڻ کپي:

"سرڳواسي هن اصول جو حمايتي هو ته سنڌي هوليءَ جي صحت سوڌائيءَ لاءِ اُن جي وياڪرڻي ٹاڪ جو پابند هجڻ ضروري آهي. سرڳواسيءَ جي ليکن ۾ فارسي زير ضافت ۽ فارسي- عربي جمع وارو استعمال ڪو نالي ماتر ب مس ڏسبو. هر هوليءَ جو وياڪرڻ ٻي آهي اُن جو هول ٻڌو هنو، جو پراون پدن کي پنهنجي ٹاڪ تي بهاري پنهنجو ڪندڙ آهي ... سندس قلم مان جيڪي ب پڌرو ٿيو سو انهيءَ اصول پٽاندڙ، ۽ سندس هولي سدائين سپڪ، سياويڪ هئي، جا زالون ۽ ٽورو پڙهيل ب سولائيءَ سان سمجهي سگهيا ٿي."

هن جبلي پرچي ۾ هن ٻين ليکڪن پرمانند صاحب جي يادگيريءَ ۾ عقيدت جا گل چاڙهيا هئا، سي هنَا: جيٹمل پرسرام، لعلچند امرڏنومل، شيوڪرام پوڃراج، منوهرداس ڪوڙومل، هيرانند ڪرمچند، جڳتراءِ ايسرداس، پروفيسر ٽيرواڻي، چيتن ماڙيوالا، ڪلياڻ آڏواڻي ۽ 'پيرو مل مهرچند'. پڇاڙيءَ واري عالم لکيو هو:

"سندس ليک اهڙا آهن جهڙا ائڊيسن صاحب جا مضمون، جنهن ڪري کيس 'سنڊ جو ائڊيسن' سڏي سگهجي ٿو."

هن نڪتي کي 'پروفيسر اجواڻيءَ' واضع ڪري لکيو هو:

"انگريزيءَ جي شاڪين کي صلاح ڏني ويندي آهي ته جي سليس، سهڻي انگريزي سکڻي هجيوَ، جنهن ۾ وڌاءُ ۽ ڏيکاءُ نه هجي، پر شائستگيءَ ۽ نزاکت ته ب هوليءَ مان پيون بکن، ته ائڊيسن جا ليک مطالع ڪريو. سنڊيءَ جي شاڪين کي جي صلاح ڏجي ته "جوت" جو اپياس ڪري، مسٹر پرمانند جي سنڊيءَ جي پيروي ڪريو ته بلڪل ٹيڪ ٹيندو."

## (3) ڊي - جي - سنڌ ڪالیج مسلني

'ديوان ديارام گدومل' جي سرجوشيءَ سان، ۽ 'ديوان ڊيارام جيٺمل' جي فراخدليءَ سان 1887ع ۾ "ڊيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج" ڪراچيءَ ۾ برپا ٿيو هو؛ ۽ 1901ع ۾ اُن جي سهاري هيٺ نڪرندڙ مخزن "ڊي- جي- سنڌ ڪاليج مسلني" شروع ٿي، جنهن جو باني هن زماني جو معزز عالم ساڌو ٽانورداس واسواڻي هو جڏهن پاڻ ڪاليج ۾ نوجوان پروفيسر هوندو هو. هن مخزن جي سنڌي حصي ۾ به اُن زماني جي مڙني مشهور توڙي نون ليکڪن جا مضمون پوندا هٿا. هيءَ انگريزي سنڌي - مخزن 1947ع تائين، شمار اڌ صديءَ جي عرصي لاءِ ششماهي پرچا ڪيندي آئي ۽ سنڌي ساهت جا گهڙا پريندي آئي، جنهن ڪري اُن جي عمر "جوت" جيتري ٿي چئبي. پر عام رايو آهي ته پچاڙيءَ ۾ اُن جو ادبي معيار ڪي قدر پٺتي پيل هو. هن مخزن جي ڪيترن هٽ آيل پرچن مان عمدا ۽ مڪمل مضمون چونڊي، لکندڙن جي نالن هيٺ ڏجن ٿا؛1901ع واري شروعاتي پرچي جو بهترين مضمون هو 'پرمانند ميوارام' جو "سنڌي عبارت" جنهن ۾ هن مثالي مضمون نويس، سياويڪ ۽ موزون عبارت استعمال ڪرڻ بابت هدايتون ڏنيون هيون جي اڄ ڏينهن تائين ڪارگر آهن؛

"پر جي عبارت سيکارڻ جي نه آهي ته به اُن جي سٽائيءَ ۽ صفائيءَ جي پچاڻ ته پٽجي سگهندي يا اُن جي بنسبت ڪي اشارا ته ڏئي سگهجن ٿا. عبارت سٽي سا جنهن ۾ هرڪو لفظ ۽ تڪ ۽ پهاڪو پنهنجي پوري جاءِ وٺيو ٻيٺو هجي. ائين نه جو سسِي ريڊي ۽ ڏڙ ٻاکڙو. ٻيو ته جيئن خيال پيا اچن تيئن ويو ماٺهو انڪائيندو ته عبارت زور ۽ رس پري ۽ اثرائتي ٿيني. هار سينگار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪجسي ٿي پوندي. جي پائتين ته چگو لکان ته انڪل سڪل ۽ ڪيڏ بازي ڏئي ڪر. سياويڪ ۽ سرلو ٿيءَ. عالمن جو چوڻ آهي ته عبارت ته هاري ماٺهن جي، جي نڪو مرچ مصالح جاڻن نڪو گڏين. سياويڪ طور جيڪي اچين سو وڃن چوندا.... سنڌي ٻوليءَ اجا چئبو ته سلو ڪيڏيو آهي. اُسري پئي. ٻين ٻولين جيان زور ڪينهي. اڪثر ڏسجي ٿو ته جنهن کي جيئن ٿو اچي تيئن وڃي اُبتو سبتو قلم کي وهائيندو. وهي نه وهي وٽ رينگهڻ کي. تنهن لکئي ۾ ڪو لاءُ ڪو ساءُ، نه ڏسجي مهل نه ويل. مثلاً هوندي رواجي ڳالهه ته به 'ارٽانت' ۽ 'ڪيول' ۽

'ڪداچت' ۽ 'يٽارت' جو ٿهڪو پيو پوندو. هاڻي 'جتن' حرف اڳيئي سنڌيءَ ۾ آهي تہ بہ اُرهہ زوراڪي ڪري، چي فلاڻا 'يتن ڪجاءِ.' وري ڪٽي ڏس تہ اهڙا پاري سنسڪرت حرف جو جڙ پٽر وينو چهاڙ، تہ ڪٽي هڪڙي ٽي جملي ۾ سنسڪرت ۽ فارسي لفظ ٽنبيا پيا آهن؛ مٿون پڳڙي ۽ تلڪ هانيڙ جو، تہ هيٺون پهراڻ ۽ سٽڻ هروچڪي! وري ڪٽي تہ ٽاٽ ۽ بناوت ٽي انگريزي. پڙهہ تہ ڪل پٽي اڇي، چي گول ڪلِي چؤرس ٽنگ ۾."

'پرمانند صاحب' جو پيو سئو بياني مضمون "شڪار تہ ڪري مير علي مراد" 1917ع واري نمبر ۾ پيو هو، ۽ ٽيون اخلاقي مضمون "تصوير جو پيو پاسو بہ اُڀلائي ڏسجي" آڪٽوبر 1925ع واري ۾. 'پرنسپال صاحبسنگهہ شاهاڻيءَ' جو طبعي مضمون، "چنڊول" 1908ع ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ (سنڌس "سرسوتي" واري "وهيو" وانگر) نهايت باريڪ بينيءَ سان اُن پڪيءَ جي عادتن ۽ هلت چلت جو بيان ڳوڻائيءَ اصطلاح ۾ ڪيل هو؛ ۽ سنڌس فيلسوفاڻو ليک" اِنسان جو دنيوي وطن ۽ سنڌس عالي قسمت" آڪٽوبر 1925ع ۾ پيو هو. 'مرزا قليچ بيگ' جو "راڳ" 1912ع ۾ ڇپيو هو، جنهن مان هن صاحب جِي موسيقيءَ لاءِ شوق ۽ جاڻ جي پروڙ پوي ٽي. سنڌس اخلاقي مضمون "انسانيت ۽ حيوانيت" 1913ع ۾، ادبي تاريخ وارو مضمون "سنڌي ٻولي ۽ اُن جو ڪتابي علم" آڪٽوبر 1924ع ڪان قسط ۾ پيو هو؛ ۽ "ڏک سکن جي سونهن، ڪونهي سک ڏکن ري" 1928ع واري پرنسپال شاهاڻيءَ جي رٽائر ڪرڻ جي موقعي تي ڪڍيل نمبر ۾ پيو هو. مرزا صاحب جي "سنڌي ٻولي ۽ اُن جو ڪتابي علم" مان سنڌي ٻوليءَ جي اَصل نسل بابت چگي معلومات ملي ٽي، ۽ لکندڙ جي سليس ۽ سنجيدي عبارت جو مثال پڻ پڙِهي ٿو؛

"سنڌي اصل هندڪي زبان هٿي تنهنڪري منجهس بيشمار لفظ پراڪرت جي معرفت سنسڪرت مان ورتل آهن، جن مان گهڻا صورت بدلائي ڪم پيا اچن، ان هوندي بہ ڪيترا لفظ اصل سنڌ جا خاص آهن، خصوصاً اُهي جن ۾ ب، ڄ، ج، ڊ، گ، ڳ، ڪ اکر اچن ٿا. باقي ڏاهر، ڏهرسين ۽ ٻيا اهڙا نالا ۽ لفظ تاريخ ۾ ڏسجن ٿا؛ ۽ ڪي ٻيا بہ اصلوڪا نج سنڌي لفظ ڪم اچن ٿا جيئن تہ جُنگ، دنگ، ڊينگ، ڍنگ، پڳڙِي وغيره. انهن اصلوڪن هندي ۽ نج سنڌي لفظن کان سواءِ باقي ٻيا عربي، فارسي، ترڪي ۽ ٻين ٻولين جا لفظ آهن. حساب ڪيو اٽن تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ سنسڪرت اصل جا

هارنهن هزار لفظ آهن، سايا تي هزار اصلوڪا نج سنڌي لفظ آهن، ايائي هزار عربي لفظ آهن ۽ ٻه هزار فارسي ۽ ترڪي وغيره آهن." (يعني 1924ع ڌاري سنڌي لغت ۾ فقط ويهه هزار لفظ هٿا، جن مان ٽيون حصو سنسڪرت بنياد جا هٿا.) "پر سنڌيءَ جي نسبت ۾ ايتري تعريف ڪرڻ لازم آهي ته پهنجي ماءُ (پراڪرت) ۽ نانيءَ (سنسڪرت) سان سچ ۽ ايماندار ۽ وفادار رهندي آئي آهي، جو انهن ٻنهي جون اصلوڪيون خاصيتون ۽ صورتون گهٽيون ۽ صحيح مؤجود آهن .... مثلاً سنڌيءَ جا فعل ۽ ظرف سي البت عربي يا فارسي نموني تي ٺهيل آهن، باقي ٻيون گهڻو ڪري سڀ صرف ۽ نحو جون صورتون سنسڪرت ۽ پراڪرت وياڪرڻ سان موافقت رکن ٿيون؛ ۽ منجهس ايترا لفظ اُنهن ۾ بنيادي هوليه جا، اصلوڪي يا بدليل صورت ۾، مؤجود آهن، جو اُنهن مان جي ٻيون هوليون نڪتل آهن ۽ جن کي اسان سنڌيءَ جون پيٽون سڏيو آهي، تن ۾ ناهن، جيئن ته مرهٽي، گجراتي، پنجابي، بنگالي، هندي وغيره."

'سوپراج نرملداس' جو ادبي ليک "شاهه طالب" 1925ع ۾ ڇپيو هو؛ ۽ 1928ع واري شاهائي نمبر ۾ "سنڌي مشاعرو" ڇپيو هو، جو ڪاليج واريءَ "سرسوتي گروپ" جي مشاعري تي سندس ڪيل تقرير تان ورتل هو. ديوان سوپراج، پنهنجي پيءُ ديوان نرملداس وانگر، عربي، فارسي توڙي سنسڪرت جو عالم هو، جنهن جي علميت جو حوالو "شاهه طالب" جي عبارت مان ڏجي ٿو، توڻي سندس لکڻيءَ ۾ سڌريل ٻيهڪ جون نشانيون ڏنل نه آهن؛

"ديسي هوليءَ جي جهجهائي صفائي جهڙي شاهه صاحب جي ڪلام ۾ موجود آهي تهڙي ٻڻي ڪنهن هنڌ ڪانه ٿي ڏسجي - شاهه صاحب فارسي خواهه عربي لفظن کي به بيت ۾ اهڙو ته سنواري سياويڪ ڪري ٻيهاريو آهي جو ڪيا بات - فارسيت ۽ عربيت منجهس پاسي ٿي ڪانه ٿي - انهي مرد پنهنجي اتحادي دل جي قرب سان سيني کي اهڙو ته گڏي پاکر ۾ آندو آهي جو جڏ پراوا پنهنجا ٿي پيا آهن ۽ فارسي عربي هندي خواهه نج سنڌي سڀ سواد ۾ هڪ ٻڻي کان وڌ-"

'ديوان ڪوڙيمل' جو نصيحت پريو مضمون "پل مانسي" 1912ع ۾ ڇپيو هو؛ ۽ جيٺمل پرسرام جو ادبي ليک "لات لطيفي" 1913ع ۾ 'لعلچند امر ڏنيمل' جو سير سفر وارو مضمون "ينيور" 1920ع ۾، "جت

ڪير؟" 1930ع ۾ ڇپيا هئا. 'پيرو مل مهرچند' جو عام واقفيت وارو ليک "اک" 1916ع ۾، فطرتي مضمون "سارنگ" فيبروري 1930ع ۾، ادبي ليک "هوليءَ جو فخر" آڪٽوبر 1930ع ۾، ۽ بياني مضمون "مارئيءَ جو ملڪ" 1941ع ۾ پيا هئا. فيبروري 1938ع ۾ هن عالم جو ادبي مضمون "شاهه جي سنڌي" پيو هو، جنهن ۾ 'ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ' جي "مقدمه لطيفي" مان "شاهه جي سنڌي" واري باب نسبت مثال ڏئي ڪولي سمجهايو هئائين ته ڪهڙن سببن ڪري شاهه جو آڳاٽيءَ نج سنڌيءَ ۾ لکيل شعر پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ مشڪلات ٿي ٿئي. فبروري 1944ع ۾ هڪ 'گمنام ليکڪ' جو مضمون "پريشاني ۽ اُتت" پيو هو، جنهن ۾ سنڌي هوليءَ ۽ ساهت تي بگڙيل ۽ ڪنڊ هڻڻ جي الزام کي، سهڙو رد ڪد ڏنل هو، ۽ خود اُن ليک جي عبارت ۾ سرل هنديءَ سان ملاوٽ واري هئي. اُن دلچسپ مضمون مان هڪ فقرو ڏجي ٿو جنهن ۾ سنڌي هولي ٿي پڪاري:

"پرماتما، مون نمائيءَ ڪهڙو گناهه ڪيو جو هن حال ۾ رهيس؟ ... ماڻهو ڪوئينر هزار داستان، پر وطني هوليءَ لئي ٽيس حيران، قسمين قسمين ڪري ڪپڙا اوڍيان پر وطنِي پگ نه پهريان، ته ڇا وريو؟ منهنجي هيترن هولين سکڻ جو ڪهڙو پروجن سڌ ٿيو جو اُٿلندو اها زبان جنهن ۾ آءُ ٻالپڻي ۾ ماتا ۽ پتا سان حال اوريندي هيس، وساري ويٺيس؟ هائي ته منهنجون پينرون بنگالي، مرهٽي، گجراتي ۽ پنجابي بلبليون به چٽرون پيون ڪنم، چي پاڻ وساري پٽي ٻڌڪين، جيڪي هوءِ سو سپ وڃائي!.... هي سدا ديالو پرميشور، هي طعنا تڪا ڪيستائين پٽي سهنديس؟ گهٽو ٿي ڪي سنو اٿم، ڪڏهن اونائيندينم، عرض اگهائيندينم، ۽ آسون پڄائيندينم؟

"بڻ ته گهٽ ڪين اٿم. ماڻهو چونم ٿون ته سنسڪرت ۽ پارسيءَ جِي پَڇِي، پر سندن منهن ڏيڻا. دليون ڪاريون، پاڻ پڇاڻ ٿي ڪين. سندس زبان ۾ ڪيترن هولين جا اثر آهن، اسين سپ پينر پراچين زماني ۾ هڪ ٿي هولي ڳالهائيندیون هيون سون... هت سنڌ ۾ به ته پهرين سنسڪرت جو اوجالو هو... عرب ۽ ايراني ڪاهون ڪري آيا... جنهن ڪري سندن هوليءَ جو اثر سنسڪرت تي پوندو ويو، پوءِ ته جيئن جيئن ڪلهوڙن ۽ ميرن پي سنڌ تي دخل جمايا آهن ... سندن هوليءَ جو پرياوَ هن سان مشرت ٿيندو ويو. اهو ڪو منهنجو قصور ته نه آهي ۽ نڪو ڪو اِها ڳالهه رڳو مون ۾ ئي موجود

آهي... کهڙي به هولي ڏسندا ته مَٽ کان آجي نه آهي. وري جي چئجي ته هيءَ هولين ۾ وڏن وڏن شاعرن ۽ ست پرشن جي هاڻي رچيل آهن، ته مان به انهيءَ کان خالي ته کين آهيان. مون ۾ شاهه صاحب جا ته بيت اهڙا آهن جو عقل ٽي چرخ کايو وڃي... کافيون ته سنڌيءَ ۾ بي انت رچيل آهن، سچل ۽ روحل، بيدل ۽ بيکس ته ماڻکن ۽ موتين جا هار ڪري پوتا آهن. ڏوهيٽڙا ٻڌبا ته دل اُهنگ ۾ پرجي ويندي. جي ڪٽي زالن جا پاراتا ٻڌجن ته به خبر پئجي ويندي ته سنڌيءَ ۾ ڪيترو نه سوز آهي. نديون نديون تکون ۽ مثال آميز گفتا ته عام جام آهن. تنهن هوندي به هي ڏٺي، مون کي پيا ڏکارين ۽ ايٽن پيا پڇنم جٽڪ کائڻ ٽي اچان. تون کا موڀين مت ڏين، سمجهه جي رگ تيز ڪرين ... ته طعنن چٽان ۽ تنهنجي سدائين دعاگو رهان. "ايٽن ويچاريءَ پي پڪاريو ۽ مٽو پٽيو. وڌيڪ سٽو کين ويم، نڪري نروار ٽي چيومانس ته مالڪ قادر ۽ ڪارساز آهي، تنهنجي آهه ٻڌي اٽس. راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل، مرزا قليچ بيگ ۽ ٻيو ڪيترن معزز ماڻهن تنهنجي ترقيءَ جو پڪو پهه پچايو آهي. اڄتي ننڍا ننڍا پستڪ تو واڌاري لاءِ جوڙيندا ۽ دلڪش ڦهلائيندا ته تنهنجو ٽي واپرجڻ هرهنڌ شروع ڪجي. اميد ته سندن جوش کين گهٽبو ۽ پيا به ڪيترا سنگٽي ساٿي ٻڌجي تنهنجي شيوا ۾ ڪمر ڪشيندا."

'تولارام هالائيءَ' جا "حب وطن" (1924ع) ۽ "درياهه جو درشن" (1918ع) هن اوائلي اخبار نويس ۽ محبِ وطن جا سهڻا ليک هٿ، جن مان ٻٽي مضمون مان هينيون تکرو فيلسوفاڻي خيال سان گڏ، جهوني قافيه دار نثر جو عدو نمونو هو، ۽ ثابت ٿو ڪري ته سنڌي هولي قافين ۾ ڪيتري مالدار آهي:

"درياهه اسان کي درياهه دليءَ جي پيٽا ڏٽي ڪيٽن نه هن جي چت من کي سوکم زبان سان سمجهائي ٿو: ڏس تنهنجو حاطو منهنجي حاطي کان به وڏو آهي، تنهنجو ڪنارو منهنجي ڪناري کان به ڪنارو ڪندڙ آهي. تنهنجو پيٽ اونهو ۽ بي پايان آهي، تنهنجو شان اعليٰ ۽ بي ڪران آهي، تنهنجي پيٽ تي ساگر به قريءَ سمان آهي، تنهنجي پاسي ڪنڌ ۾ پربت به پٽر جي ذري جيان آهي. تنهنجي پيٽ تي سجو سنسار به خيال جي صورت ۾ ڦوٽي ۽ لهر وانگيان آهي. تنهنجي پيٽ ۾ قدرت جو ڪل سامان آهي. ايتري اوچي شان هوندي به تنهنجو سلسلو وري به سرير جي اندران آهي. پنهنجي شان کي پاڻ وساري سرير جي سنهنڌ ۾ تون غلطان آهين، شوڪ جو نر هنڌن ٽي به

سنهنڌ ۽ هندن جي چڪڳهل ۾ سرگردان آهين. ڪجهه منهنجي حال تي به خيال روپ نگهه ڪر؛ ۽ پنهنجي ۽ منهنجي حالت کي ويچار جي ساهمي؛ ۾ ڏر. ماڻ يا صورت درياهه پنهنجي يي تعلقي؛ ۾ برقرار آهيان، ۽ تون يي صورت درياهه يي تعلقي؛ کان بيزار آهين. ماڻ باصورت درياهه نه ڪنهنجو دشمن يار آهيان تون هي صورت درياهه ڪنهنجو دشمن ۽ ڪنهن جو دلدار آهين. ماڻ باصورت درياهه ڪنارن سان سنهنڌ رکندي به ڪنارن کان ڌار آهيان. تون يي صورت درياهه سرير جي سنهنڌ کان رهت رهڻ ڇڏي سرير جي قيد ۾ ذليل ۽ خوار آهين. ذرا ويچار کي وچ ۾ ويهار ۽ پنهنجا آچار سوڌا بڏاءِ. منهنجن ڳڻن کي هڪواريءَ هينئين سان هنداءِ، ۽ ايئن سمتا جو سرمو پنهنجين اکين ۾ پائي سمدرشيءَ جو سڪ پاءِ ۽ پورن آنند ۾ سماءِ."

'جهامنداس پاٽيا' جو "حياتيءَ جِي حقيقت" (فيبروري 1916ع) عمدو مضمون هو، ۽ 'رامچند اجوائيءَ' جو "مرتيو کان پوءِ چا ٿو ٿئي" (آڪٽوبر 1916ع) پڻ خاصو خيالي ليک هو. 'محمد صديق ميمڻ' جا "سهڻو" (1916ع) ۽ "حق جي ڳولا" (1917ع)، 'ميران محمد شاهه' جو "گنجي جبل جو سير" (1919ع)، 'ڊاڪٽر داؤد پوٽي' جو "سنڌ جي ادبي تاريخ" (1924ع) جنهن ماڻ پهرئين باب ۾ مثال ڏنل آهي، 'ايڇ- آر- عباسيءَ' جو "ننگر ٺٽو ۽ مڪليءَ جي ٽڪري" (آڪٽوبر 1925ع)، ۽ 'عبدالڪريم ميمڻ' جو "نفاق" (1933ع) - سڀ پنهنجي پنهنجي نموني جا سهڻا مضمون هٿا. "گنجي جبل جو سير" ماڻ ميران محمد شاهه جي بياني قوت ۽ شاعراڻي تصوُر جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

"جان ڪٽي ڪنڌ ڦيريون ته واهه! عجب عالم نظر آيو، جنهن سڀ ڏک ڏاڪڙو وڃايو. پهريائين ته پانيوسين ته ڪنهن عالم روحانيءَ ۾ ملڪن مهماني ڪئي اٿئون، يا مولڻ مهر ڪري جيڙي جنت جو جلوو پسايو اٿن. پر خوض ۽ خيال بعد هوش ۽ حواس حامي ٿيا، جنهن ڪري پروڙيوسون ته نه ٻيلي ساڳئي گنجي ٽڪر تي ڪڙا آهيون جو اڳي گنجو يا ٻوڙهو نظر ايندو هو، مگر هاڻي برسات برسي بهار لائي گنجي کي گلزار بنائي ڇڏيو آهي. چا هيڻاهين چا مٽاهين، چا کهو چا ڪڏ، چا لڪ چا لانگهو، چا راز چا رند. سڀ اهڙا سر سبز ۽ ساوا ٽي نظر آيا جو جڻ قدرت جي ڪنوار جي سينگار لاءِ سائي ساڙهي بنائڻ جو ارادو ڪيو هو. وري اُن سائي سطح تي جا رنگ برنگ، گوناگون گلن

جِي جهڱمگ ۽ جهرمر هڻي تنهن هيڪاري مٿين خيالن جي تصديق ڪئي ٿي، جو ته سائي سطح جي ساڙهيءَ تسمين تسمين گلن، لعلن ۽ هيرن جواهرن ۽ جعفرن جِي جوت جتائِي ٿي."

'آسانند مامتورا' جو ادبي مضمون "شاهه عاشق" 1924ع ۾ ڇپيو هو، ۽ پروفيسر نارائڻداس ملڪائيءَ جو تاريخي ليک "ڪنيات" 1925ع ۾. 'منگهارام ملڪائيءَ' جا نظمائي نثر ۾ اوائلي تجربا: "عورت جِي اُستتي" ٽڻگور جي "گارڊنر" تان ورتل 1928ع ۾، ۽ "راڳيندڙ ۽ اُستاد" ٽڻگور جي "گيتانجلي" تان ورتل 1929ع ۾، ڇپيا هٿا. 'امر لعل هنگورانيءَ' جو "مان ماستر آهيان." (1930ع)، 'پروفيسر بي- جي- واسوائي' جو "چيچ" (1931ع)، ۽ 'شيوڪ پوڃراج' جو "چوريءَ جون ڳالهيون" (1932ع) پڻ سٺا مضمون هٿا.

سنڌ ڪاليج مخزن ۾ 'پروفيسر لعلسنگهه اجوائيءَ' جا مضمون گهڻي ۾ گهڻي انداز ۾ ڇپيا هٿا، جن مڙني ۾ سندس وسيع اڀياس، اوچا ويچار ۽ چيدي عبارت ظاهر هٿا: "جيوت جو ٽنيو" (1932ع)، "جيوت جو مزو" (1934ع)، "اسان جو وجهه" (1938ع)، "هڪ سوال" (1939ع)، "هڪ عجيب لطف" (1941ع). "نثر - ڪي گهرجون" (1942ع)، "نٿون ورق" (1946ع) ۽ "شعر ۽ سيپتا" (1947ع). "نثر- ڪي گهرجون" مان هيءَ ٽڪرو خيالن خواهه هوليءَ جي پختائيءَ ڪري، خود ڪيس هڪ قابل نثر نويس جو درجو ٿو ڏئي:

" نثر وارو نه آڪاس ۾ ٿو اُڏامي، نه پاتال ۾ ٿو غوطا کائي. نثر واري جي رفتار پڪي زمين تي آهي، پوءِ ڪو ڪٽي پنڌ ڪري، ڪو هاٿيءَ جي سواري ڪري، ڪو موٽر ڪي ڇڄائي. اهڙي پانڌيڙي يا سوار لاءِ بيشڪ خاص گهرجون آهن، خاص قاعدا آهن، خاص پابنديون آهن. مڪيه قاعدا يا پابنديون چٽجن ته ٿي آهن. هڪ ته جيڪي نثر واري جي من ۾ هجي سو ٻڌندڙ يا پڙهندڙ کي اوٽين جو اوٽين پهچي ... (تنهنڪري) نثر واري جي پهرين گهرج آهي صفائي. نثر واري لاءِ اهو ضروري آهي ته سندس لفظن ۾ ضابطو هجي، بيهڪ هجي. اٽين نه هجي ته هڪ لفظ وڃي اڪبر ته ٻيو مڪبر، هڪ ٻيٽو هجي سڏو ۽ سٽون ته ٻيو پيو ريڑهيون ۽ ليٽڙيون پائي.... نثر جي ٻي وصف آهي پڪائي ... پر اول نمبر جي نثر جي وصف هڪ ٿين آهي. نثر سچ ڇڄ اُهو جو نه رڳو ڪاڏو پر معجون هجي. نثر سهڻو اُهو جنهن ۾

سنڌوءَ يا گنگا جي اوجل جل جي ڌارا هجي. ڪنهن پوتر نديءَ جي ڪپ تي پسار ڪندي جيڪو مزو ۽ آنند اڇي سو اوڇ نثر مان حاصل ٿيئ ڪيي. جنهن نثر جي رفتار کي ڏسي اکيون ٺڏيون نه ٿين، مغز کي طراوت نه اچي، خيال جي بلندي ۽ اونهائي نه حاصل ٿئي، اُهو اهڙوئي ڪجسو آهي جهڙي اُها بيئل ونڊ جنهن جي پاڻيءَ کي ڏسي نه ٺڏڪار اچي، نه فرحت، نه پرسنتائي:

درويش روان رهي ته بهتر،
آب روان رهي ته بهتر.

جنهن کي فصاحت يا بلاغت چون ٿا تنهن جو سچو پچو نالو آهي رواني يا وهڪ". 'روچيرام سڌائيءَ' جو سکيا دائڪ ليک "دغا باز دنيا" 1936ع ۾ پيو هو؛ ۽ 'پروفيسر لوڪومل ڪيسوائيءَ' جا ٻه عالماڻا مضمون؛ شري ڀگوت گيتا جي گيان جي مهما" 1941ع ۾، ۽ "عشق مجازي ۽ عشق حقيقي" 1943ع ۾ پيا هٿا.

ڪي ڪالیجي شاگرد، جن مان ڪيترا پوءِ برک ليکڪ ٿي پيا، تن جا هن مخزن ۾ ڇپيل مضمون هٿا: 'نارائڻ ڪوتوائيءَ' جو تاريخي ليک "سيوهڻ" (1936ع)؛ 'ايڇ-ايم- بلوچ' جو تاريخي مضمون "آثار قديمه يا سنڌ جا جهونا شهر" (فيبروري 1938ع)؛ 'نبي بخش بلوچ' جو وگياني مضمون "مارچيس مارڪوني ۽ سندس عجيب ڪارناما" (آڪٽوبر 1937ع) ۽ "ڳوٽ سڌار هلچل ۽ اسانجو فرض" (1938ع)؛ 'هريرام پانيا' جا ساهتڪ ليک "تصوف ۽ ويدانت" (1939ع)؛ ۽ "سامي ۽ دلپت" (1940ع)؛ ۽ 'رام امر لعل پنجوائيءَ' جو نارائڻداس ملڪائيءَ جي "اناردانه" بابت ادبي قدر شناسيءَ وارو ليکه (1943ع). آخر ۾، سنڌ ڪاليج جي ڪن نوجوان پروفيسرن جا عمدا مضمون به پيا هٿا: 'رام پنجوائيءَ' جا خطن جي صورت ۾ "خطوط ليلئ مان هڪ ورق" (1939ع)؛ 'ڏيپچند ڪينٽرا' جا "غلامن جي بيڪ" (1941ع) ۽ "شاعر مخفي" (زيب النساءِ - 1947ع)؛ 'چيتن ماڙيوالا' جو تاريخي ليک "سنڌ جا ميز" (1946ع)؛ ۽ 'نارائڻداس ڀمبائيءَ' جو "هري" (1946ع) جو نفسيات تي ٻڌل دلسوز مضمون هو.

### (4) اخبار تعليم

1902ع ۾ سرڪاري تعليم کاتي پاران "اخبار تعليم" جاري ٿي، جا سادو هيرانند جو وڏو پاءُ 'ديوان تاراچند شوقيرام'، حيدرآباد واري مرداني

ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال، اُن ڪاليج جي سهاري هيٺ شايع ڪندو هو. هن مخزن ۾ اُن زماني جي بزرگ ليکڪن جا تعليمي ۽ ادبي مضمون پوندا هٿا. اُنهن مان بهترين مضمون: "قارون بادشاه جي ڀَالهه"، "تاج محل" ۽ "ميرن جي دربار"، 'ديوان بولچند ڏيارام' جا لکيل ڏسڻ ۾ ٿا اچن، جو صاحب هن مخزن جو مکيه مهتمم هوندو هو، ۽ 'ساڌو هيرانند' کان پوءِ ڪيترا ورهيه اڪيڊمي اسڪول جو پرنسپال ٿي رهيو. "تاج محل" 'اوچ ڪوٽيءَ' جو مضمون هو، ۽ منجهانئس هيٺين ٽڪر جي رنگين بياني واهه جِي آهي:

"هيءَ راج محلن جو چٽ، جمنا نديءَ جي ڪناري تي، آگره شهر وٽ آڏيل آهي؛ سندس چوڌاري سرسبز گلشن گلزار، ڪلندڙ، ٽڙندڙ، چمڪندڙ پاڻيءَ جا چشما ۽ ڦوهارا، ۽ جهولیندڙ سروقد وڻڪار؛ سنگمرمر جا لسا ۽ ٽڏا اڳڻ ۽ پٽ، ۽ سنوان ۽ ڪشادا رستا آهن. اُنهن سيني جي وچ ۾ نازنين عمارت ڪڙي ٽيل آهي. نهن کان وٺي چوٽيءَ تائين، گوڙي ۽ ويڪري پاڻي کان وٺي گنبذن ۽ منارن جي سنهڙيءَ نوڪدار ڪلنگيءَ تاءِ، سڄي سهڻي سنگمرمر جي نهيل آهي. سنگمرمر اهڙو اڇو ۽ صفا آهي جهڙو برف جو قبو ۽ سندس چوڌاري نماڻ ايٽن پيو ڏسڻ ۾ اچي، جو جڏ ته ڪو ازغيبي ڏرتيءَ مان اچي پرگهٽ ٽيو آهي، ۽ ڪن ملائڪن ۽ فرشتن جوڙيو آهي. منجهس جنت جي حسن جو جلوه پيو ڏسجي ۽ باغ آرم ۽ عدن جِي فرحتي خوشبوءَ ۽ هبڪار پٽي اچي. قبي ۾ هڪ وڏو وچون گنبذ آهي، ۽ اُن جي چوڌاري چار منارا آهن. سندس چارئي منهن ۽ پاسا هڪجهڙا آهن، جنهن ڪري جنهن پاسي کان اُن ڏي نهارجي تنهن پاسي کان ساڻيو ٿي نظارو پيو ڏسڻ ۾ اچي. هر طرف ساڻيو رخ اٿس، تنهنڪري اُن کي ڏسي شاهه صاحب جو ڪلام جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن سڄڻ سامهون پيو ياد اچي."

"اخبار تعليم" به سالن جا سالن نڪرندي رهي. اُن جي 5 آگسٽ 1925ع واري پرچي ۾ 'شري لوڪومل' جو ڪوجنا وارو ليک "سنڌ جو اڳوٽو اوڄ" پيو هو، جنهن مان هيٺيون ٽڪرو ذڪر لائق آهي:

"سنڌ ديش ۾ ... تيرٿ واسين جو چٽ هو هيوُ ٽڏنگ. هو 657ع ۾ سنڌ مان ترسي پستڪ، سنڪ، نشاني ۽ ٻڌ جا پتلا ڪٽي چين ڏانهن روانو ٿيو. ڪيترا ڪتاب اُنهن مان هن چيني هوليءَ ۾ ترجمو ڪيا ۽ اهڙي طرح سنڌ جِي وديا پنهنجن ماڻهن ۾ ڦهلائي .... جڏهن اسلام پارت ۾ سنڌ رستي پير وڌايو، تڏهن سنڌ کي پنهنجي سيبتا هٿي. گهڻن کي شايد خبر ڪانه هوندي

تہ بغداد جي خليفي کي سنڌ جي حاڪم سفارت موڪلي، جنهن ۾ هڪ هندو وگياني هو جنهن عربن کي ستارن جي ودیا کان واقف ڪيو. سنڌي وگيانين ۽ وگيان جا پستڪ "برهم سڌانتا" ۽ "کانڊ کانڊيڪ" اوڏانهين موڪليا، جن کي عربن پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو.... تنهن کان سواءِ سنڌ جي ودوانن ڪيترا پستڪ فيلسوفي، حساب ۽ طب جا عربن ڏانهن سوغات ڪري موڪليا. اُنهن جي معرفت سنڌ، ڪاردووا ۽ ڪيرو جي خيالن تي بلڪل گهٽو اثر وڌو."

1885ع ۾ 'خان بهادر حسن علي آفنديءَ' جي سرجوشيءَ سان ۽ "سنڌ محمڊن ايسوسيئيشن" جي سايي هيٺ، سنڌ جي مسلم عوام ۾ تعليم ڦهلائڻ جي مراد سان، ڪراچيءَ ۾ "سنڌ مدرسة اسلام" برپا ٿيو هو، جو اڄا سوڌو شاندار تعليمي ڪارج ڪري رهيو آهي. ان مدرسي جي سهاري هيٺ 1904ع ۾ تعليمي ۽ ادبي مخزن "رسالہ مدرسہ" جاري ٿي هئي، جنهن سالن جا سال مسلم لکندڙن جي خوب همٿ افزائي ڪئي. هن مخزن جي سنڌي حصي ۾ چگي معيار جا ادبي ۽ معلوماتي مضمون پوندا هٿا. ۽ اُن جي قابل ايڊيٽرن؛ 'مولوي الله بخش ابوجهي' ۽ 'مولوي عبدالرحيم فقير' سنڌي نثر توڙي نظم جي خاصي خدمت ڪئي هئي. 'ميان شمس الدين بلبل' جو پوءِ ايڊيٽر ٿيو، سو پنهنجا مذاقي نظم ۽ مضمون هن مخزن ۾ شايع ڪندو هو. سندس عبارت پختي پر دقيق ٿي ڏسڻ ۾ اچي، جنهن جو مثال سندس مشهور ڪتاب "قلندري ميلو" جي قافيہ دار نثر مان ملي ٿو. بلبل صاحب سنڌي زبان ۾ ظريفاڻي ادب جو، پرمانند ميوارام وانگر، باني هو. پر افسوس آهي جو سالن کان شايع ٿيندڙ هن جهوني مخزن جا پرچا سنڌ مان پهچي نہ سگهيا آهن، جنهنڪري اُن جو تفصليوار بيان ڏيڻ کان محروم رهڻو ٿو پوي.

چالو صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ 'محمد هاشم مخلص'، جو پڻ هڪ قابل مذاقي ۽ طنزي مصنف هو، تنهن کي رسالا ۽ اخبارون ڪڍيون، مثلاً "بهار اخلاق"، "مسلمان" وغيره، جنهن ۾ ادبي معيار وارو نثر ۽ نظم پوندو هو. 1918ع ۾ 'شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ' جي ايڊيٽريءَ هيٺ "الامين" اخبار شروع ٿي هئي، جن ۾ به چگا مضمون پوندا هٿا. تنهن کان پوءِ ٻين ڪن مسلم اخبارن جا ادبي نمبر وقت به وقت نڪرندا هٿا، جن ۾ مضمون نويسيءَ جي ترقيءَ ۾ چگو ٻهرو ورتو، مثلاً 'مولوي دين محمد وفائيءَ' جون

"الوحيد" (1920ع) ۽ "توحيد" (1923ع)، جن مان "لطيف اللطيف" سندس مشهور تصنيف هئي. 'پير علي محمد راشديءَ' جي اخبار "ستاره سنڌ" ۾ سندس تصنيف "سيد معصوم شاهه بکري" ڏاڍ معروف هئي. 1925ع ۾ 'حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ' "الجامع" رسالو جاري ڪيو هو، جنهن جو مضمون نويسيءَ جو مواد به سڻو هوندو هو.

(5) پارتواسي

1905ع ۾ لارڊ ڪرزن واري بنگال جي ورهاڱي، ساري ملڪ ۾ انگريزي حڪومت خلاف سخت تاءُ پيدا ڪيو هو، جنهن کان وٺي ٿي هن صديءَ ۾ آزاديءَ جي تحريڪ جي ابتدا ٿي هئي. ان وقت ڏاري ماڻي ائٽي بيسنٽ سنڌ ۾ پڌاري هئي، ۽ راڄنيتي جاڳرتا سان گڏوگڏ، ٽياسافي پنٿ جو پرچار به سنڌ ۾ جاري ڪري وئي - جن ٻنهي هلچلن جو مکيه بانيڪار جينمل پرسرام هو. انهيءَ سياسي سجاڳيءَ 1916ع ۾ سوراج يا هوم رُول تحريڪ جو روپ ورتو، ته جينمل به ان ۾ ٽپي پيو ۽ 1917ع ڏاري روزاني اخبار "هندو واسي" جاري ڪيائين، جنهن ۾ پنهنجي جوش پرئي قلم ذريعي سنڌي جنتا ۾ ملڪي مسئلن جو علم ڦهلايائين. 1919ع ۾ رولٽ ائڪٽ تان دهليءَ ۾ فسادن ۽ سرڪار جي گوليبازي برخلاف هن اخبار ۾ هڪ سخت ليک لکيائين "ڪالاڪي هٽ ڪنڀ جو ڪوپ وهي"، جنهن تان ڪيس جيل اماڻيو ويو. سندس پرپٽ جٹرام - گهنشام - چونٹرام، جنهن کي تن ڏينهن سنڌ جي سياسي ٽمورتي سڏيندا هٿا، گڏجي "هندواسي" جو ڪم هلائيندا هٿا. 1920-21ع ۾ مهاتما گانڌيءَ جي قطع تعلقات هلچل شروع ٿي ته اخبار ضبط ٿيڻ جو خطرو هو، تنهن ڪري 1922ع ڏاري ان جو نالو ڦيرائي "پارت واسي" رکيائون. جينمل صاحب کي جيل مان موٽڻ تي شاهاڻو آڏرياءُ ملیو هو، ۽ حيدرآباد اسٽيشن کان وٺي ڪچي تائين شاهي سرڳس ڪڍي وئي هئي، جنهن ۾ سندس گاڏيءَ کي معزز شهرين ڪاهيو هو - جو موضوع وسرڻ جو نه آهي! آزاد ٿيڻ بعد جينمل "پارتواسي" اڳي کان به وڌيڪ زور شور سان هلائي. پهريائين منجهس پنهنجا جيلي جيوت جا تجربا قسطن ۾ ڪڍيائين، جي پوءِ ڪٹا ڪري "ترنگ جو تيرٿ" ڪتاب ڇپايائين جو نهايت چاهه وچان پڙهندا هٿاسون. "پارتواسي" هفتيوار مخزن هئي، جنهن ۾ سرڪار جا چوتا لاهڻ ڏاران، جينمل پنگتي اوٽاين جي اوگهڙ به ڪندو هو ۽ گڏوگڏ ادبي

موضوعن جي چنڊچاڻ پڻ ڪندو هو، جو جو ڪيس پورب توڙي پڇم جي ساهت جي وسيع جاڻ پچاڻ هوندي هئي. سماجي عين بابت "چمڙا پوش جون آکاڻيون" پهريائين "پارتواسي" ۽ قسطون ٽي پيون هيون. شاهه پٽائي جي ڪلام جو ته شيدائي هو ۽ ان جي اونهي اڀياس وارا ڪتاب "شاهه جون آکاڻيون" ۽ "شاهه جي آکاڻين جون سمجهاڻيون" به اول ساڳيءَ مخزن ۾ قسطن طور ڇپيا هٿا-جن سيني جو ذڪر، ذڪر جوڳين جاين تي ڪيل آهي.

"پارتواسي" ۾ عمدا ادبي مضمون پڻ پوندا هٿا جن مان بهترين هٿا: خود جينمل جو "سنڌي ٻوليءَ تي مارو" (16 آگسٽ 1925ع)، ۽ لعلچند امرڏنيمل جو "سنڌي ٻوليءَ سان انڌير"، جو ٻن قسطن ۾ (30 آگسٽ ۽ 6 سيپٽمبر 1925ع)، "مسلمان جا انڌير" ۽ "هندن جا انڌير" سرن سان پيو هو. انهن ٻنهي مضمونن ۾ سنڌيءَ کي ڳوڙي عربي - فارسيءَ ۽ سنسڪرت جي پرمار کان بچائڻ ۽ ٺيٺ سنڌي لکڻ لاءِ للڪار ڪيل هئي. مٿين مضمونن ۾ ٻنهي ترين جي زيادتيءَ جا نهايت مزيدار مثال ڏنل هٿا. 'جينمل صاحب' لکيو هو:

"هينئر ته سنڌي ٻوليءَ ٻڌيان، هڪ قسم جا هندو توڙي مسلمان، ڪات ڪهاڙا ڪٽي اچي پيا آهن. راجا پرت جون 'چاکڙيون' ڪڍي، ڪن مسلمانن چيو آهي ته 'جتي' وجهو! 'وچن جي پالنا' ڪڍي هروپرو 'قول جي پيروي' وجهو! چاکڙي معنيٰ جتي ته آهي ٽي ڪاڻ! وچن ۽ قول پلي ٻئي ڪم آڻجن، پر وچن کي ڪڍي چو ڦٽو ڪجي؟ ... ڏسو ته ڪي مسلمان اخبارون وغيره ٻولي کهڙي ٽيون ڪم آڻين! هڪڙي يار خط لکيو، 'ڪيترا يوم ماضي ٽي ويا آهن، پر اوهان جو خط نا رسيده' اڙي پائي، ايئن چو نه ٿا لکو، 'ڪيترا ڏينهن گذري ويا آهن، اوهان جو خط نٿو اچي'؟ هوڏانهن هندو پاڻ 'روزاني اخبار' کي هروپرو چڏي، ٽنبين 'دٽڪ پتر'! 'حق' کي نيڪالي ڏئي وجهندا 'اڏڪار'. 'جڳتر ۾ آستنتشا پيدا ٽي وئي آهي، پر تنترتا کي چڏي ستنترتا پراپت ڪرڻ گهرجي'." 'لعلچند صاحب' لکيو هو:-

"هندن کي آترويلا اها ٽي آهي ته سنڌيءَ کي شُڌ ڪريون! مسلمان چاهين ٿا ته ان کي دين جي گهوڙي تي چاڙهيون!! شل نه جائي اها شڌي ۽ تبليغ، جن رنڊڻي ۾ هيءَ رولو وڌو. هاڻي انهي ڪري سچ ڀچ ٽٽي چا پيو؟ ٺيٺ سنڌي اکر سنڌيءَ مان وجن ٿا هڪالبا، ۽ انهن جي جاءِ وجن ٿا الوٿا ۽ بيسوادي اکر پريندا ... ڏسو ته ٻنهي پاران اعتراض کهڙا پيا اٽارڻ ۾ اچن.

مسلمان چون چي اسان جا ٻار 'هندڪا' اکر 'ڪنوري' ۽ 'چاکڙي' وغيره جهڙا سمجهي کين سگهندا، ان کري انهن جي جاءِ تي 'وٽو' ۽ 'جتي' آڻيو. هندو چون حضرت محمد ۽ حضرت عليءَ ۾ اسان جو وڃي چا، جو اسان جي ڪچڙن ٻارڙن کي انهن نسبت ڳالهيون ٻڌايون ٿيون وڃن؟ ... آءٌ پڃان ٿو ته نيٺ اسان جا هي يار چاهين چا ٿا؟ ايتري به ساڃهه نٿي پوين ته انهن افعالين هوليءَ جو رس جس سمورو کديو ٿا چڌيون. هڪڙو يار ٿو انهيءَ ڏهاڙي، هڪڙي هنڌ ڪسرت جي باري ۾، ۽ اڪر ڳالهائي. چا ٿو چوي؟ 'هي پنهنجن چاترن جا پراچين ۽ اوراچين پرڪار جا ويايام ڏسي، اسان جن اکين اڳيان پراچين سميہ جو درشيہ اچيو بيهي. اسان پائشالائن جا سنڇالڪن کي ونيہ ٿا ڪريون ته اهي ويايام پنهنجن وديالين ۾ به چالو ڪن.' پڙهندڙ پاڻ نبيرو ڪري. هيءَ سنڌي آهي، سڳداسي آهي؟ ويٺو ڳڻ ڏينس، سمجهندي اٽيئي حال!"

ٻيا ٻه سٽا ساهتڪ ليکڪ هٿا: 'دوارڪا پرساد شرما' جو "سنڌي ساهت جو واتارو" جنهن ۾ ٻين هولين مان مشهور ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ساهت کي وڏائڻ لاءِ زور ڏنل هو؛ ۽ 'پروفيسر گهنشيام شوداسائيءَ' جو "سنڌي هوليءَ جا شبد"، جنهن ۾ جهونا سنسڪرت لفظ ڪتب آڻڻ ۽ نه وسارڻ تي زور ڏنل هو. ''گهنشيام صاحب' جي ليک ۾ هي ويچار ظاهر ٿيل هٿا:

"تار تار ۾ ماڻهن جا ڪي خاص ويچار ٿين ٿا يا ڪي خاص ياونائون ٿين ٿيون، يا ڪي وشيش سنسڪائون ٿين ٿيون، جن کي پڌري ڪرڻ لاءِ انهن کي پنهنجا ئي شبد ٿين ٿا. چاڪاڻ جو اهي ويچار يا اهي ياونائون يا اُهي سنسڪائون ٻين ماڻهن ۾ نه آهن، تنهنڪري ٻين ماڻهن جي هوليءَ ۾ انهن لاءِ اوس ئي شبد به ڪونہ ٿا ٿين. اهڙي پرڪار جا شبد جيڪڏهن لهه وچڙ جي ڪري هڪڙيءَ هوليءَ مان ٻيءَ هوليءَ ۾ آيا، ته انهيءَ ۾ نه ته ڪو اعتراض ڪونهي پر پاڻ انهيءَ مان لاب آهي. مثلاً اسان ۾ جيڪو مها اتر پرش ٿئي ٿو، جنهن ۾ ايشور جي شڪتيءَ جو تيج ٻهڪي ٿو، تنهن کي 'اوتار' سڏيو وڃي ٿو. عربيءَ ۾ مسلمان اهڙي پرڪار جي ماڻهوءَ کي 'نبي' ڪري ٿا سڏين. هاڻي جيڪڏهن اهو 'نبي' شبد سنڌيءَ ۾ آڻي اسين ايئن چونداسون ته حضرت محمد مسلمانن جو نبي آهي ته اهو انهيءَ کان وڌيڪ سهڻو ۽ سارٿڪ ٿيندو جو اسين چئون ته 'حضرت محمد مسلمانن جو اوتار آهي'، ڇو جو جيڪو خاص ارٿ 'نبي' مان ٿو نڪري سو 'اوتار' مان ڪونہ ٿو نڪري. اهڙي پرڪار جا شبد

جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ آيا تہ پاڻ چگو، چو جو سنڌي هوليءَ ۾ جڻ تہ نوان ويچار اچي ويا ... پر سوال آهي تہ ... سنڌي هوليءَ ۾ ڪيترا اهڙا شبد گهڙي ويا آهن، ۽ گهڙندا پيا وڃن جن لاءِ اسان وٽ ساڳئي ٽي ارٿ وارا شبد اڳ ۾ ٽي آهن جي نؤن شبدن جي گهڙڻ ڪري وڃن پيا ٽڏبا ... 'شادي' شبد ايترو تہ ماڻهن جي وات ۾ اچي ويو آهي ... جو سنڌي شبدن (وهانوَ ۽ پرٽو) کي ڏک لڳو آهي. سنڌيءَ ۾ شادي شبد ڪتب آڻڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي ... ساڳيءَ ريت 'سال' شبد 'ورهيہ' کي ڏيري ڏيري ٽڏيندو پيو وڃي ... اسان کي پراڃين سمي کان وٺي 'لائبريرون' هيون جن کي اسين 'پستڪ آليہ' چوندا هئاسون ... تہ پوءِ چو اسين سنڌي هوليءَ ۾ اهي شبد ڪتب آڻيون؟ ... اسان سنڌين جي هن ويل اهڙي اويڪا آهي جو اسين ڌارين هولين جي شبدن کي پنهنجي گهر ۾ آڻي، انهن کي سنگهاسن تي ٽا ويهاريون ۽ پنهنجن شبدن کي ٽڏي گهر نيڪالي ٽا ڏيون ... انهيءَ ڪري جڳائي تہ پنهنجي هوليءَ کي ڌارين شبدن جي ڪاهہ کان بچايون."

پروفيسر صاحب جا اهي خيال مبارڪ آهن تہ هين هولين جا لفظ سنڌيءَ ۾ آڻجن تہ پوريءَ معنيٰ سان ڪتب آڻجن ۽ خاص ڪري، ڌارين اکرن آڻڻ سان پنهنجا جهونا ڏيهي اکر پلجي نہ وڃجن. پر سندس ويچار موجب، جي 'شادي'، 'سال' ۽ 'لائبريري' جهڙا سولا سٹا اکر سنڌي ۾ نہ آڻيندا سون، ۽ سندس مثال موجب، هڪڙو ٽي شبد پيا سڃي ليک ۾ ڏهرائيندا سون ۽ 'اکر'، لفظ يا 'حرف' ڪم آڻڻ کان ڪيهائيندا سون، تہ هوليءَ جو لفظن جو خزانو ڪيئن پريو ۽ ان جو واڌارو ڪيئن ٿيندو؟ مٿيان ہ ليک ۽ 'گهنشيام صاحب' جي "هندو سنگهٹن" سڀ 1924ع ۾ چپيا هٹا. پروفيسر صاحب جو "ڪرم يوگ" (سوامي وويڪانند تان ورتل) سنسڪرت گاڏڙ سنڌيءَ ۾ لکيل هو ۽ 1922ع ۾ چپيل هو، پر وڌائي ڪتابي صورت ۾ ڪڏيو ويو هو.

"پارتواسي" جي 1924ع واري سؤراج پرچي ۾ 'سنتداس منگهارام' جو راجنيتي ليک "اتحاد" پيو هو؛ ۽ ساڳئي پرچي ۾ 'جٹرامداس دولترام' جو "سؤراج' بہ چپيو هو، جنهن صاحب جا تاريخي ڪوجنا وارا مضمون "امرڪوٹ" ۽ "امرڪوٹ ۽ اڪبر بادشاهہ" 1925ع ۾ چپيا هٹا. هين هن بزرگن جا مضمون پڻ هن مخزن ۾ پيا هٹا : 'پروفيسر شيوارام ڦيروائيءَ' جو "سنڌ جي پنگتي حالت"؛ ۽ 'محمد صديق ميمڻ' جو "ڪامل رهنما"

(حضرت محمد جا لڇ"، جي 1924ع ۾ ڇپيا هئا. 'پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ' جا تاريخي مضمون "گرنار" ۽ "جهونا ڳڑهه" 1926ع ۾ ڇپيا هئا. ڇيٺمل صاحب نوڄوان ليڪڪن کي به همٿائيندو هو؛ سو 'منوهر داس ڪوڙيمل' جا "سنڌي ڪڙم جي حالت" ۽ "هندستان ۾ طب علم" 1924ع ۾ پيا هئا؛ ۽ 'تيرٿ ويڙهومل وسنت' جا "اوندهه"، "سوجهرو"، ۽ "رت بسنت سان رهاڻ" 1926ع ۾ ڇپيا هئا، جنهن سال "پارتواسي" بند ٿي وئي.

## (6) روح رهاڻ

تنهن وچ ۾ ڇيٺمل پرسرام، ٽياساڻيءَ جي ڦهلاءَ لاءِ 1920ع ڌاري "روح رهاڻ" ماهوار مخزن چالو ڪئي، جنهن ۾ برهم ودیا يا علم الاهي، يعني مڙني ڌرمن جي مول متن جي يڪسانگيءَ تي زور ڏنل هوندو هو. اها مخزن 1924ع تائين نڪرندي رهي، پر پوءِ "پارتواسيءَ" سان گڏي ڇڏيائين. "روح رهاڻ" ۾ به گهڻا ٽٽا ڌرمي ۽ سماجي مضمون خود ڇيٺمل جا لکيل هوندا هئا، پر ڪيترا ان جو نائب ايڊيٽر 'مرزا نادر بيگ قليچ بيگ' نهايت آزاد خياليءَ سان لکندو هو. ٽياساڻيءَ جي ڪن ماهر مصنفن تان ترجمو ڪرڻ سان گڏ، نادر بيگ جا پنهنجا لکيل مضمون هئا؛ "مسلمان پاڻهي" ۽ "اهڙا ٻيا به گهڻا" (1924ع)، ۽ "اسين ۽ ٻيا"، "پار جي ترقي" ۽ "موت بعد دوزخ آهي؟" (1925ع). نادر بيگ صاحب جي موزون ۽ تنهن هوندي به نهايت سليس سنڌي، جنهن ۾ هڪڙو به ڏکيو اکر نه ملندو، ۽ جنهن ۾ هو پنهنجي والد 'مرزا قليچ بيگ' کان به گوءِ ڪٽي ويو هو، تنهن جو مثال "اهڙا ٻيا به گهڻا" مضمون مان ڏجي ٿو:

"ڳالهين ڪندي منهنجو سنگتي، ڪنهن اسان جي واقفڪار ماڻهوءَ جي گلا ڪرڻ لڳو. تنهن تي مون کيسي مان هڪڙو ننڍو ڪتاب ڪڍيو، جنهن جو نالو آهي "مرشد جي قدمن وٽ" (At the feet of the Master) جو آءُ هميشه ساڻ رکندو آهيان، ۽ ڪتاب کولي هيٺيون جملو پڙهي ٻڌايومانس، جو اصل انگريزيءَ ۾ لکيل آهي؛ 'گلا جو مندِ آهي بدخيالي، جا پاڻ هڪ ڏوهه آهي ... ڪنهن جي گلا ڪڏهن نه ڪر، ۽ جي ڪو ٻيو ڪنهن جي گلا ڪندو هجي ته تون ٻڌڻ کان انڪار ڪر.' پوءِ ڇيومانس ته؛ 'هي ڪهڙو نه عمدو خيال آهي ۽ ڪهڙي لذيذ نموني سان ڏنل آهي' ... هو چوڻ لڳو ته؛ 'ڪرشنا مورتي هندکو نالو آهي نه؟ انهن واڻين کي خدا ۽ دين جي ڪهڙي

خبر، هي رڳو پايون ۽ آڌيلا ميڙي جاڻن، ٻيو مڙيئي خير' ... ٻئي ڏينهن صبح جو دستور موجب قرآن شريف جو دؤر ڪندي اتفاق سان هيئين آيت تي منهنجي نظر پٽجي ويئي: 'اڙي ايمان وارو، ڪنهن تي شڪ نه آڻيو، جو پڪ آهي ته شڪ به ڪن حالتن ۾ ڏوهه آهي؛ ۽ نه جاسوسي ڪريو، نه پرپٽ ڪنهن جي گلا ڪريو' ... جڏهن وري منهنجو سنگتي مون کي گڏجڻ آيو تڏهن ... پچيومانس ته: 'هن آيت ۽ هن جملي ۾ جو انهي ڏينهن پڙهي ٻڌايوهوماڻ ۽ جو تو چيو ٿي ته عام رواجي آهي، توکي ڪو گهٽو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟' ... گهڙي ساعت خيال ڪري چوڻ لڳو ته" 'خدا جو سنهن، مرزا سچ ٿو چوين. ٻئي بنهه هڪ جهڙا آهن.' مون چيومانس: 'هائو ... آءٌ پانيان ٿو ته هن ننڍڙي ڪتاب ۾ اهڙا گهٽائي خيال ڏيکاريا ويا آهن، جي قرآن شريف جي آيتن سان گهٽو ڪجهه ملي ٿا اچن.' ... نيٺ ... پهرين وندر لاءِ، پر پوءِ شونق سان، هين ديني ڪتابن جي به پيٽ ڪرڻ لڳاسين. زنداوستا، پگوت گيتا، انجيل - اهي سڀ پيٽياسين. انهن مشابهتن ڪندي ته اسان کي ماڻ لڳي ويٺي. اگرچ سيني مذهبن پنهنجي پنهنجي نموني سان پنهنجا خيال ظاهر ڪيا هئا، ته به انهيءَ ۾ ته شڪ ئي ڪونه ٿي ڏئو ته ساڳيو شريعتي خواهه طريقتي، ديني خواهه دنيوي قاعدو سيني مذهبن سان لاڳو هو ... چوڻ لڳو ته: 'پاڻ جي آيتون ۽ جملا ويهي گڏ ڪيا آهن، انهي بابت مون کي خيال آيو ته جي ڪو هوشيار ماڻهو ويهي خيال ڪري ته جيڪر اصل نئون مذهب ٺاهي ويٺي، جو سيني جي دل وٺان لڳي اچي.' "

'ماسٽر عبدالله محمد قاسم' پڻ فراخدليءَ سان لکندو هو ۽ سندس مضمون "انسان يا منک" 1924ع ۾ شايع ٿيو هو. هن مضمون مان ماسٽر صاحب جي اشتقاقي ڄاڻ ۽ ٽيٽ بي تعصب عبارت پڻ پڙي آهي:- "انسان ڪنهن کي ٿو سڏجي سا ڳالهه انسان لفظ ۾ ٿي سمائي ٻئي آهي. 'انسان' لفظ جو ڏاتو آهي 'نسا' معنيٰ ڀل يا غلطي ... انسان يعني 'خطا ڪندڙ' ... پهاڪو آهي ته 'انسان خطا جو گهر آهي'. 'انسان' لفظ جو ٻيو ڏاتو (اشتقاق) آهي 'انس' معنيٰ 'پنگت'. انسان معنيٰ 'پنگت جو ياتي'. انسان کي سنگت ۽ صحبت وٺي ٿي، تنهنڪري هو گهر ٺاهي ٽکي دوستي رکي ٿو، يعني سياڻون ۽ پنچاتون ٺاهي ٿو، جاڪاڻ ته هو سياڻڪ طرح پنگت جو ڪوڏيو آهي ... منش، منک ۽ ماڻهو ساڳئي بنياد وارا آهن. انگريزي لفظ 'man' به

ساڳي سنسڪرت ڌاتوءَ مان آهي. سنسڪرت ۾ 'من' معنيٰ 'ويچار ڪرڻ'. 'منڪ' يا 'مانهو' اهو آهي جنهن کي ويچار ڪرڻ جي شڪتي آهي. اها ويچار شڪتي آهي جنهن جي ڪري انسان جو درجو جانورن کان مٿي آهي. حاصل مطلب، ته 'مانهو اهو آهي جو ويچار ۽ پوري ڳڻ ڳوت سان هلي ٿو، ۽ جيڪو آڳو پيڇو نٿو ڏسي سو ڏور آهي.'"

هڪ نوجوان ليکڪ جو پهرين جينمل جي اثر هيٺ آيو ۽ پوءِ پاڻ برڪ مصنف ٿي پيو، سو هو 'آسانند مامتورا'، جنهن جو فيلسوفاڻو ليک "حياتيءَ جي هستيءَ ۾ هيڪڙائيءَ جو راز" 1924ع ۾ ڇپيو هو.

حيدرآباد ۾ مٿيون مخزنون بند ڪرڻ بعد، جينمل ڪراچيءَ کي پنهنجي سمپادڪي هلچل جو مرڪز بنايو، جتان 1929ع ۾ "پرڪاش" اخبار جاري ڪيائين ۽ 1947ع ۾ "روح رهاڻ" وري شروع ڪيائين، جن ٻنهي جي ايڊيٽريءَ ۾ لعلچند امرڈنيمل کي پنهنجو ساٿي بنايائين. پر ڪراچيءَ مان "روح رهاڻ" جو ايڪڙ ٻيڪڙ پرچو مس نڪتو، جن مان جولاءِ 1947ع واري ۾ جينمل جو ليک "پيارو پيغمبر" ڇپيو هو. ان مضمون ۾، چاليهن سالن جي مطالع بعد، نبي سڳوري جي زندگيءَ ۽ شخصيت جي ٿا ڪندي لکيو هئائين:

"ساري قرآن شريف ۾ ڪو لفظ هندستان جي آڏو نه آيو آهي. پيغمبر صاحب جيوت ۾ ٻه دفعا چيو 'ڪهڙي نه خوشبوءِ ٿي ان طرفان اچي!'، ٻئي دفعي 'شانوري نبيءَ' ڏي اشارو ڪيائين. ڪن حديثن جاڻندڙن جو چوڻ آهي ته اهو اشارو ڪرشن ڪنهيي ڏي ڪيل آهي."

ساڳئي پرچي ۾ 'ديوان ليلارام پربهچند' جو مضمون "هم سازي" ڇپيو هو، جنهن ۾ هن سنڌي خواهه فارسي دان بزرگ، 'شيخ سعدي شيرازيءَ' جي هن نڪتي تي زور ڏنو هو ته "اهو آهي سچو ديندار جو خاوند جي خلقت، سان مٺ محبت سان ورتي ٿو، هيٺن سان همراهه ۽ مسڪين جو مددگار ٿئي ٿو." مٿين حوالن مان "روح رهاڻ" مخزن جو ترمي ايڪتا قائم ڪرڻ وارو شاندار مقصد ظاهر آهي.

## (7) ڪليلي

حيدرآباد واري "ڏيارام گدومل ڪاليج" جي سالياني انگريزي - سنڌي مخزن "ڪليلي" 1924ع ڌاري شروع ٿي، جنهن ۾ شاگردن جا لکيل سنا سنڌي مضمون پوندا هئا مثلاً 26-1925ع واري پرچي جي سنڌي حصي ۾

'رام ڪرشن آڏواڻيءَ' جو "سمراٽ چندرگپت وڪرمادتيہ" ڇگو تاريخي ليک هو، ۽ 'مُرلي مُکيءَ' جو "واليٽ وارو" ۾ خاصو مذاقي مضمون هو. پرچي جو بهترين ليک، جو تحقيق انعام کٽڻ جو لائق هو، سو هڪ شاگرد 'ڪرشن ٻاٻاڻيءَ' جو "ڪيڻي مهراڻ" هو، جنهن ۾ شڪل شڪار جو عاليشان اصطلاحي بيان ڏنل هو. هن شاعراڻي مضمون مان هيٺيون حوالو پڙهڻ کان پوءِ ڪير نہ عجب ڪائيندو تہ هڏي هونهار شاگرد جو قلم، جنهن ان کان پوءِ ضرور ترقي ڪئي هوندي، ڇو خاموش ٿي ويو آهي:

"واهوندو اڃا ٻہ وڏيو. لهرن جو زور وڌيو. ٻيڙي تمام گهڻو لڏڻ لڳي. جنهن ڏس ڏي ڏس تہ پاڻيءَ جي اڇ ٿي اڇ لڳي پئي آهي. رڳو ڏورانهان هڪ ٻيڙيءَ ڏندلي ڏيکاري پي ڏني. اهو هو اسان جو شڪارگاهہ، ڪيڻي مهراڻي – ٻيڙيءَ جي لوڏن ڪري هينئون هارجي ويو. منزل مقصد ڏسڻ جي خوشي ڪافور ٿي وئي. درياهہ ڪُن پيو ماري، چولون پيو ڏئي.

دهشت دم درياهہ ۾ جت لهر لهريون لس ليت. (شاهہ)

چولن ۽ ڇوهڪار ٻيڙيءَ کي ايترو ٿي ڏوندارڻيو جو ڪنهن ڪنهن مهل ٻيڙي ليڻي ٻنهہ پاڻيءَ سان وڃي ٿي ڇهي. پيٽ ۾ آنڊ ماندَ، مٿي ۾ ڦيري، دل ڪچي. اندر جي اندر ۾ پاڻي ٻاهر ٻاڦ نہ ڏيسين.

توڙي چڪن چاڪ تہ ٻہ آهہ نہ سلن عامر ڪي . (شاهہ)

ساهہ سڪي ويو. ڦڦڙي وٽي ويٺي. سهسين سڪائون ۽ ڏٽيءَ در التجائون ڪيونسين.

"ڪير ڪارونيار، اُڪارين احسان سين،
لڳي ڪامر لهيٽ هن غاريبي غراب ڪي."

هاڻ ڪيڻي ظاهر پي پسي، سڙهہ لاتائون. ٻيڙيءَ ڦري ڪناري رخ رکيو. مس مس لوڏو گهڻيو. پيٽ ۾ ساهہ پيو.

ثابت لنگهيا سير لهرن لوڏيا ڪين ڪي،
وڃي پهتا پار ڪي نر تون منجهان نير."

هن ڪمارين جا ليک جن کي ٻہ انعام ڏنا ويا هئا، سي هئا: 'ڪملا ڪيسواڻي' جو سهڻو فلسفاڻو مضمون "ڏوريان، ڏوريان، مَ لهان" ۽ 'ساوتري ميرچنداڻيءَ' جو تاريخي مضمون "اسان جو اتهاس" جنهن ۾ سڪندر جي سنڌ تي ڪاهہ ۽ هار بابت سٺو بيان ڏنل هو. لکڻيءَ ۾ اجايا

سنسڪرت اکر ٽنبيل هٿا، جهڙوڪ تتا، پرنتو، اڌ وغيره.

1946ع واري نمبر ۾، 'منشي پريمچند' تان، ان سال جي ايڊيٽر "اُتر" جو ترجمو ڪيل "ساهت ۽ ڪلا جو سنيهو" پيو هو، جنهن ۾ ان نئين جڳهه جي باني ساهتڪار جا حقيقت شناسيءَ وارا ادبي اصول ڏنل هٿا. هن پرچي ۾ بزرگ مصنفن جا مضمون؛ 'پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ' جو "اِستري ۽ سماج شيوا" ۽ 'پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ' جو "شاهه جي وطن دوستي ۽ عالم دوستي" پڻ پيا هٿا. هن شاگردن جا ليک به ادبي لياقت وارا هٿا؛ هڪ ڪاليجي ڪڪيءَ جو "جوش - انقلابي شاعر"، ۽ ٻيو هڪ ڪاليجي وديارٿيءَ جو "جيهي جي تيهي، ڀانهي مان هروچ جي". 1947ع واري پرچي ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو "محبوب گل" پيو هو، جنهن ۾ هن عالم ڪن شاسترن ۽ شاعرن جا مثال ڏئي ڪنول گل جي وڏائيءَ جو بيان ڪيو هو. اڳئين نمبر واريءَ گمنام ڪاليجي ڪڪيءَ ٻئي معروف اردو شاعر "غالب" تي عمدو مضمون لکيو هو. تنهن کان سواءِ سنڌي حصي جي ايڊيٽر "اتر" جا ٻه سامهيه وادي مضمون "پريم نگر" ۽ "سوويٽ يومي" به هن پرچي ۾ پيا هٿا. هن مخزن جو وڌيڪ احوال هت اچي نه سگهيو آهي.

## (8) ديش متر

1925ع ۾ هفتيوار اخبار "ديش متر" 'ڪيمچند ڀيڙارام واسواڻيءَ' جي ايڊيٽريءَ هيٺ نڪتي، جنهن ۾ پنگتي خامين دفع ڪرڻ بابت مضمون پوندا هٿا. هن اخبار جو مکيه مضمون نويس 'ديوان واڌومل گنگارام' هوندو هو، جنهن جي صاف گو سماجي نڪته چينيءَ وارن ليکن؛ عامل ۽ پائيبند اصل پائر"، "ڏرم - ڪرم (حيدرآباد واسين جا رسمون رواج)"، "پٽنچ - مکي ( انهن جو اصل نسل)" وغيره حيدرآبادي پنگت جون اکيون کولي چڏيون هيون. "حيدرآباد جي هاڪاري شهر جي گذريل صديءَ جو حال" نالي مضمون مان، ديوان صاحب جي سماجي سڌاري لاءِ اتساهه ۽ سندس خالص اصطلاحي عبارت جو مثال ملي ٿو؛

"ٻاهراڙين سان ڏاڍي عزازت جو رستو هو. شاديءَ مرادين منهه پائڻ، سانگي سان پيا ايندا ويندا هٿاسون. مزمانن لاءِ سرايون، وهت، گاهه داڻا، کارائڻ، اها وڏي هاج پٽنچن تي هئي. اڄ ڪي ڪينهي. محل موٽر واري وٽ به جي مزمان اچي ته ٽکائي ٽکائيندس. گڏجاڻي، پرچائي، منهه پهت پائڻ،

اهي صحبت محبت جون ڳالهيون ميڻي ڇڏيائون. پٽ ۾ بلين بلين هوا ۽ چا ياو پائپي هئي! جاءِ نہ لينديءِ هئي جتي ويهارجن. جي ننڍا نہ ورائن تي تہ وڏا بيهي واءُ ڪندا هئا. گهر گهٽيون ۾ هاڻ سوڙها ٿيا آهن، دل وڏي تہ سوڙهہ ڪانهي.

"ڪيڏو نہ سيٽن سان ايڇ پيڇ، آب آجيان هئي. وهت ڪجاوا گوڙ اچي گڏبا هئا. ٻڌن سهين تہ اچن ٿا. وچي دڳ جهلينداء پاکر پائي پيا وري وري پچندا، پير چمندا، جڏهن پير کچين ڳراٽڙيون ڳيتون، تہ ۾ سڪ سڃهيئي کين. آڻي پهچايائون، پوءِ تہ امان، ڏاڏي، ماسيون، ميڙ مڙي ويندا، ميڙو لڳندو. کلندي کيڪاريندي کن کي لڙڪ لهي ايندا، ڳالهيون پڇني نہ، هارن جو ناڇ، چيڇ، ڪو کلهي ڪو هنڇ، هر هر پيا تن کي ڪٽن لاهن. ايڏا جن سان ارواح سي "جيءَ" تي جواب ڏينداء ويل کين وڃائيندا ... پوءِ اماڻن اوسيرا، هنڌ خرزينون سنيرائن، جٽن منزل کان اڳ سڄ ڪني نہ ڪديءِ. اها سپ هاڄ پٽنچن پرين مڙسن تي ڪئي. رڳو تو مون جي ڪرڻ جي نہ آهي. اڄ نڪو پارو، نڪا واٽ! کهڙو پريان ايندو؟"

1929ع ۾ "ديش متر" جي انگريزي ڪالمن ۾ 'پروفيسر لالسنگهہ اجوائيءَ' هڪ مضمون لکيو هو، جنهن ۾ پنگتي خرابين لاءِ زال کان وڌيڪ مرد کي جوابدار ٺهرايو هٿائين. انهيءَ نظريي تي اخبار ۾ گهٽي ڏي وٺ هلي هئي، جنهن جي جواب ۾ اجوائي صاحب وري ۾ هڪ ليک انگريزيءَ ۾ ۽ ٻيو سنڌيءَ ۾ لکيو هو، جنهن جو سرو هو "پنگت جي خامين لاءِ زالون جوابدار آهن ڇا؟" اهو مضمون هن صاحب جي سنڌي زبان ۾ قلم آزمائيءَ جو اوائلي ۽ عمدو نمونو ٿو ڏسجي. ڪراچي ڪاليج مسلنيءَ ۽ ٻين مخزنن ۾ سندس مضمون پوءِ پوڻ لڳا.

(9) سنڌو

1932ع ۾ 'بولچند راجپال' مشهور ماهوار علمي مخزن "سنڌو" برپا ڪئي، جا راماننڊ چٽرجيءَ جي ڪلڪتي مان نڪرندڙ نامور انگريزي مخزن "ماڊرن ريويو" جي اصولن تي، باوجود انيڪ مشڪلاتن جي، پريا 15 سال چالو رکندو آيو. سنڌ ۾ پهريون "سنڌي ساهت سميلن" سڏائڻ جو شرف پڻ راجپال صاحب کي مليل آهي، جو ان مخزن جي سهاري هيٺ شڪارپور ۾ سڏايو هٿائين. هن مخزن جي اٺاهہ ادبي خزاني مان هينيان تفصيل 1940ع کان

1946ع وارن پرچن مان ڏجن ٿا. بولچند صاحب خود پنهنجن مهتمي نوٽن ۾ مؤزون اقتصادي ۽ سياسي رايا ڏيندو هو. سائنسي چٽڪا لکندو هو ۽ ڪن صوفين ۽ شاعرن جي جيون چرتر ۽ ڪلام تي مضمون به لکندو هو. سندس مکيه ادبي ليک هٿا: "درويش بيدل جي سوانح عمري" (جنوري 1942ع)، جو پوءِ ڪتابي صورت ۾ ڪڍيو ويو؛ "رامانند چٽرجي" (ڊسمبر 1943ع)؛ "روحل فقير ۽ سندس سنڌي ڪلام" ۽ "مراد فقير ۽ سندس سنڌي ڪلام" (جنوري 1946ع وارو صوفي پرچو). سندس قومي مضمون هٿا: "نئين آدرشي دنيا" (مارچ 1944ع)؛ "هندستان لاءِ مالي سڌاري جي تجويز" (مئي 1944ع)؛ "تواريخي يادگارن جو بچاءُ" (جون 1944ع)؛ ۽ "نئين سنڌ (مئي 1946ع). سندس سائي ايڊيٽر 'ماڌوداس شوالومل' پڻ ڪي ليک لکندو هو، جن مان سندس تاريخي مضمون هٿا: "مغل شهنشاهن جا تخت" ۽ "انگلنڊ ۽ هندستان جا تعلقات" (سندس جواهر لعل نهروءَ جي جيونيءَ تي ڪتاب مان).

هن مخزن جو اهم ترين مضمون نگار 'پيرومل مهرچند' هو. جنهن جا هر قسم جا ادبي، لغتي، تعليمي، تاريخي، پنگتي وغيره ليک استاد جي اپار ۽ اونهيءَ کوجنا سان پرپور هوندا هٿا. سندس مضمون اڪثر ٽن چئن قسطن ۾ پورا ٿيندا هٿا ۽ لکيل به سندس سڌي سنواڻي، ليٽ ۽ پختي سنڌيءَ ۾ هوندا هٿا. انهن مان مکيه هٿا: "شاهه عبداللطيف جو سٽر" (جنوري 1942ع کان شروع، جي پوءِ "لطيفي سٽر" ڪتاب ۾ ڇپيا هٿائين)؛ "هولي ۽ تهذيب (تاريخ جوڙڻ جي نئين وات)" (جنوري 1944ع)؛ "تاريخن ۾ غلطيون" (فيبروري 1944ع)؛ "لوڪمانيه تلڪ جون ڪيل ڪوجناڻون" (اپريل 1944ع)، "سنسڪرت ۽ ديونا گريءَ بابت ويچار" (جنوري - فيبروري 1945ع)؛ "مرزا قليچ بيگ" (جولاءِ 1945ع کان شروع)؛ "پائي دلپترام صوفي" (جنوري 1946ع صوفي نمبر)؛ "آڪاڻن شاگردن جا اهنج" (فبروري 1946ع کان شروع)؛ "ڪبير شاهه" (سنڌي شاعر - اپريل 1946ع)؛ "پائي ڪنور رام جي پڄت" (آگسٽ 1946ع)؛ "دسهڙو ۽ ڏياري" (سيپٽمبر 1946ع)؛ "حيدرآباد جا هاءِ اسڪول" (آڪٽوبر 1946ع کان شروع)؛ "سنڌو ۽ مهراڻ" (نومبر 1946ع)؛ "ترمشٽ ماءُ ۽ ڏيءُ جي ڪهاڻي" (حيدرآباد ۾ اوائلي شيخن بابت - ڊسمبر 1946ع).

ٿورو لکندڙ، پر گهڻي جاڻ رکندڙ بزرگ ادیب ۽ تعليمي ماهر 'ديوان ڏيارام وسڻمل'، تنهنجا سنڌي هوليءَ ۾ تعليم جي مسئلن تي عالماڻا ليک

پڻ "سنڌو" ۾ وقت بہ وقت پوندا هٽا: "سنڌي هولي ۽ ديوناگري لپي" (جنوري 1944ع)؛ "سنڌ لاءِ هوليءَ جون خصوصيتون" ("سنڌو ساهت کلب" ڪراچيءَ جي سهاري هيٺ ڪيل تقرير - جولاءِ 1944ع)؛ "سنڌ لاءِ جدا يونيورسٽي" (آگسٽ 1945ع)؛ ۽ "قومي هولي" ("هنديءَ ۽ اردوءَ جو معاملو" ڊسمبر 1945ع ۾) "ڏرمي تعليم" (آڪٽوبر 1946ع). ڏياراڻ صاحبن جي لغتي جاڻ ۽ سرل ۽ سپڪ سنڌيءَ جو نمونو "سنڌي هوليءَ جون خصوصيتون" مان ملي ٿو:

"سنڌي هوليءَ جي هر هڪ لفظ جي پڇاڙي هڪڙي نہ هي سر سان ٿئي ٿي، پوءِ اُهو لفظ نج يا اصل سنڌي هجي يا هيءَ ڪنهن ڌاري هوليءَ مان آيو هجي. مثال طور ڪي اسم وٺو: ڪٽ، بلادري، پٽ، زوردالو، نوڙي، شيءِ، پوڙ وغيرہ هوليءَ جِي سڃي وياڪرڻي بناوت انهن پڇاڙيءَ جي سرن تي منحصر آهي... مطلب تہ ڪو بہ لفظ سنڌيءَ ۾ اهڙو نہ ٿيندو جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ سر نہ هجي يا جو 'ساڪن' هجي. ڪيترا لفظ عربيءَ مان سنڌي ۾ آيا آهن جهڙوڪ: نصيحت، طاقت، فرياد، انصاف جائداد، روش. هن لفظن جِي پڇاڙي اصل هوليءَ ۾ ساڪن آهي، پر سنڌي هوليءَ ۾ اُنهن جي پڇاڙي سر سان ٿئي ٿي، جيئن تہ نصيحتَ، طاقتَ، فرياد، انصاف، جائداد روشن. ساڳيءَ طرح وٺو بہ چار انگريزي لفظ: بال، بورڊ، ٽڪيٽ، ٽرنڪ، جيڪي لفظ ٻين هولين مان سنڌي ۾ اچن.تا سي گهٽو ڪري پنهنجا اُچار قدري بدلائين ٿا. سنڌي هوليءَ ۾ اهائي بدليل صورت قائم هٿَ گهرجي. سنڌيءَ ۾ اهڙن لفظن جو اصلوڪو اُچار ڪرڻ ڪل جهڙو ۽ بيهودو پيو لڳي.

"سنڌي هوليءَ جو بنياد جيتوڻيڪ سنسڪرت آهي تہ بہ جنهن صورت ۾ هيءَ پرڳٽو ڪيترين صدين مسلماني ۽ انگريزي حڪومت هيٺ رهيو آهي، تنهن صورت ۾ اُن ۾ ڪٿين عربي، پارسي، انگريزي لفظ گڏجي ۽ چالو ٿي ويا آهن. اُن ۾ ڪنهن بہ قسم جو اعتراض ڪونہ آهي. سياويڪ طرح جيڪڏهن لفظ هوليءَ ۾ اچي وڃن تہ بيشڪ اچن، پر زور ڪري ڌارين هولين جا لفظ ٺنبڻ، هڪڙو بيهودو ڪم آهي. ڪيترا مسلمان صاحب تہ زور ڪري اجايا سجايا عربي- پارسي لفظ پيا ڪم آڻين. ساڳيءَ طرح ڪيترا پنڊت ۽ براهمڻ ڏکيا سنسڪرت لفظ پيا ڪم آڻين. اهڙي قسم جا ماڻهو ميار جوگا آهن. هولي پسنديءَ جهڙي اُها آهي جا سليس ۽ سُٿي هجي ۽ جنهن ۾ خيال چٽيءَ طرح ظاهر ڪري سگهجن."

بزرگ ليکڪن مان شاعر 'سويراج نرملداس' جا اصطلاحي نثر ۾ لکيل هيٺيان مضمون پيا هٿا: "ويچار وکر" (مئي 1940ع کان شروع)، "جهوڪ شريف" (اپريل 1946ع)، ۽ "سرڳواسي ڊاڪٽر هرنامداس" (جولاءِ 1946ع). 'لعلچند امرڊنيمل' جا: "حقيقت افساني کان وڌيڪ" (جنوري 1942ع)، "جن آهن؟" (مئي 1945ع)، ۽ خاص ڪري "سنڌي اخبار نويسيءَ جي تاريخ" (آگسٽ 1946ع) واهر جا مضمون هٿا. 'هيئمل پرسرام' جو، سندس دستوري فراخدليءَ وارو، هن مخزن ۾ هڪڙو ٿي ليک ڏسڻ ۾ ٿو اچي: "سري گوبند سنگهه مهراج" (جنوري 1942ع). 'نانڪرام ترمداس' جو پڻ محاوريدار سنڌي ۾ جو صاحب هوندو هو، تنهن جا هيٺيان مضمون پيا هٿا: "بادل ڏيري ڏيري جا" (جون 1944ع)، جنهن ۾ ڪاليداس جي جيوت ۽ سندس ڪوتا جو بيان ڪيل هو، "ڪائين جي پريِ" (جنوري - فيبروي 1945ع) جو گلمرگ بابت هڪ اعليٰ ويچار وارو بياني مضمون هو؛ ۽ "هار ۽ وڏو" (مارچ 1945ع). "ڪائين جي پري" مان نانڪرام صاحب جي چيدي ۽ مذاقي نوع واريءَ عبارت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

"1897ع ۾ شهر ۾ پليگ سبب پاڻ پاڻڙ پٽي هٽي. ماڻهو ڇنا ڇڏي هليا... اسين به حيدرآباد کان اٽڪل ٽي ڪوهه پري شاڪر شوري جي وس۽ ۾ ڪچيون لانديون ٺهرائي وڃي رهيا هٽاسين. پير جون ٽوٽيون ۽ ولا، ڇتيون پتيون جوئر جي ڪانن جون، جن جي وٽين منجهان سڄ چنڊ به ليڪا پيو پائي، پر وري جا پوي برسات ته چوڻڪو ٽي چڪ، هڙئي هلاڪ... واٽئي جي دڪان تي چلم بلغاري ٺهي رکي هوندي هٽي ۽ اسان جا وڏڙا ماٽ ته اُتي ڪٽن تي وينا اوياريون لهواريون ڳالهيون ڪندا هٿا ۽ چلم مان دونهان پيا ڪڍندا هٿا. اسان هارن کي ته هڪ هنڌ ويهڻ جو ٿو اچي! هٽ تي پٽسو خرچڻ لاءِ ايندا هٽاسين. ڏونگهي ۽ ڪتل وٽي وڃي حمام دستي ۾ ڪٽي ملیدو ڪري کائيندا هٽاسين. وقتي ڳڙڙا وٽي ڪٽي ڇائي اُن ۾ ڪنڊ ملائي ڦڪ پرينداهٽاسين. پوءِ هڪ ٻٽي کي چوندا هٽاسين، 'چوءِ پڦي.' آڇا کو وات ۾ ڦڪ وجهي چوندو 'پڦي' ته پگڙن جو چورو وات مان اُڏامندس. اسين اُن تي ٿهڪ ڏيندا هٽاسين. کهڙي خسيس ڳالهه ۽ ڪيڏي اسان کي خوشي ٿيندي هٽي. نندڙي ٺهيءَ ۾ نندڙيون ڳالهيون ڪيڏيون نه اسان کي رس ٿيون

ڏين، پر وڏي هوندي اُهي ٻارائيون سمجهي خاطر ۾ کين تا آڻيون. افسوس، جيڪڏهن رڳو اهو ويچار رکون ته ٻار چا ۾ تا وندرن ته جيکر کيئن نه اسين انهن جو دليون جهٽ هٽ ڪري، وقتي اُنهن جو مزاج ٽِي ڦيري مٽو ۽ منوهر ڪري ڇڏيون... پر اوڏي مهل (گلمرگ ۾) اچي ڳڙڳا پيا ۽ تختائين چت تي ٽڪ ٽڪ ايئن ٽي جٽڪ بمبازي شروع ٽي وئي آهي. منهنجي خيال جو ڪڙو ٽٽي پيو، سنيما جي فلم بيهي وئي ۽ چاليهه سال اڳ وارو زمانو وري غائب ٽي ويو... اهو خيال سو ايندو اٿم ته ماٿهو ماضيءَ ۾ وري به جِي سگهي ٿو، رڳو اُن ماضيءَ جو دروازو کولڻ لاءِ ڪو واهڻ اڳيان هجي. منهنجو واهڻ هو هڪ ڪائين جي پري."

'ڊاڪٽر چوٿرام گدوائيءَ' جو به هڪڙو مضمون "سنڌو" ۾ ڏسڻ ۾ ٿو اچي؛ "مهاتما سان پنهنجي پهرين گڏجاڻي" (آڪٽوبر 1945ع، گانڌي نمبر). 'پروفيسر لوڪومل ڪيسوائيءَ' جو "خواجه حافظ" (جنوري - فيبروي 1956ع ڪان شروع) چئن قسطن ۾ هڪ معياري ادبي مضمون هو، جو 1943ع ڪان شروع ڪيل "پارسي ساهت جو خزانو" سلسلي جو هڪ حصو هو.

'پروفيسر لالسنگهه اجواڻيءَ' ڪيترا دماغي، اخلاقي ۽ قومي مضمون "سنڌو" ۾ ڇپايا، جن مان مکيه هٿا؛ "ڪال ڪان ٻلي" (جنوري 1941ع)؛ "اسانجو ڏنڏو" (جنوري 1942ع)؛ "قوم ڪيئن چڙهندي؟" (جنوري 1944ع)؛ "نفاق جو صوف" (مارچ 1945ع)؛ "نقلي انقلاب" (آگسٽ 1945ع)؛ "مهاتماگانڌي" (آڪٽوبر 1945ع گانڌي انڪ) "هندستان جي ايڪتا" (جنوري 1946ع)؛ "سنڌ يونيورسٽي بل" (مئي 1946ع)؛ "ويهين صديءَ جو ڏرم" (سپٽمبر 1946ع)؛ ۽ سندس بهترين ليک "هندستان ۾ نئين جاڳرتي، ۽ سنڌي ٻولي ۽ ساهتي" (آڪٽوبر 1946ع) پچاڙيءَ وارو مضمون، ڪراچيءَ ۾ "هندي ساهت سميلن" تي سندس ڪيل تقرير تي ٻڌل هو، جنهن مان اجواڻي صاحب جي علميت ڪان سواءِ، سندس برجستيءَ عبارت جو پتو پڻ پوي ٿو؛

"سنڌيءَ جون خوبيون ته انيڪ آهن پر گرامر جي لحاظ ڪان هيئيون مکيه آهن؛ سنڌيءَ ۾ هر ڪنهن لفظ جي پچاڙيءَ ۾ آواز ڪجي ٿو، جنهن ڪري سڌ ٽي پوي ته جنس ڪهڙي آهي، عدد ڪهڙو آهي. ضميري پچاڙيون

ٻڌائين ٿيون ته ڪير ٿو ڳالهائي يا ڪنهنجو ذڪر آهي. فعل مجهول نهٺ جي باقاعدي ترتيب آهي. اڪرترڪ فعل جي ڪري اڻ سڌو اشارو ڪري سگهجي ٿو. بٽو بلواسط آهي جنهن ڪري آسانيءَ سان ڪم ڪندڙ ۽ ڪرائيندڙ جو پتو ٿو ڏجي وغيرهه. سنڌي هولي لفظن، پهاڪن، محاورن ۾ مالا مال آهي ۽ دنيا جي وڏين ۽ سڌريل هولين سان ڪلهو هٽي سگهي ٿي. ڪنهن هڪ جيو يا بيجان لاءِ انيڪ لفظ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا. جڏهن سنڌي هوليءَ جو مڪمل ڪوش نهي تيار ٿئي تڏهن ٿي پوري سڌ پوندي ته هن هوليءَ ۾ ڪيترو نه اٽاهه مال آهي... ڪير نه چوندو ته سنڌي هولي سهٽي ستابي هولي آهي؟ پر هڪڙي ڳالهه اسان کي وڃايو آهي جنهن ڪري سنڌي هوليءَ جو پرچار ۽ رواج، اُهو نه آهي جو ٿيڻ کپي. اسان جا انگريزي پڙهيل ماڻهو ٿنبين انگريزي لفظ جڏهن سنڌي لفظ هڪيو تڪيو هوندو، ته وري ٻيا پنهنجي علميت ڏيکارڻ لاءِ تعصب وچان وجهن فارسيءَ ۽ عربيءَ جا ڦڙڪا...

"هڪ ٽپرس ۾ وجهندڙ ڳالهه هيءَ آهي ته هن صاحبن (صلاحڪار بورڊ) هڪ ڪتاب لکندڙ کي انعام ڏنو آهي جنهن جو سنڌي هوليءَ جو علمَ هيئٽين ٽڪر مان ظاهر آهي: 'سنڌي سنسڪرت کان گهٽو فيضياب نه ٿي آهي، پر هن جو پراڪرت سان دور جو واسطو آهي. هيءَ هولي ڪنهن به حالت ۾ سنسڪرت جي احسانن هيٺ دٻيل نه آهي.'... مرزا قليچ بيگ، جنهن جهڙي شيوا ٻٽي ڪنهن به اسان جي هوليءَ ۽ ساهتيه جي نه ڪئي آهي، وڏي واڪي چيو پهرين سنڌي ڪانفرنس ۾: 'اسان جو گهٽو واسطو ٻين پرانهن ملڪن سان ڪونهي، هندستان سان آهي جنهن جو سنڌ هڪ پاڳو آهي. اسانجي سنڌي سڌي سنسڪرت مان نڪتل ناهي، پراڪرت مان نڪتل آهي، تنهنڪري سنڌي هولي توڙي شعر جي حالت پراڪرت پاشا جهڙي پي رهي آهي.'... هاڻي اسين ڪنهن تي اعتبار ڪريون، مرزا قليچ بيگ تي يا هن انعام ڪٽندڙ تي جنهنجي ليکي سنڌي هولي ۽ ساهتيه معنيٰ جو پارسيءَ ۽ عربيءَ تان نقل ٽيل يا ورتل هجي؟ جيڪڏهن ڪو وڏو سبب آهي اسان جي گراوٽ جو ته اهو آهي ته سنڌين پاڻ نه سڃاتو ۽ پنهنجو اصل نسل وساري پارسيءَ ۽ عربيءَ کي چنبڙي پيا جنهنڪري نه گهر جا رهيا نه گهاٽ جا...

'منگهارام ملڪاڻيءَ' جا سنڌي ساهت ۽ هوليءَ تي ڪي ليک پڻ "سنڌوءَ" ۾ ڇپيا هٿا: "سنڌي هوليءَ جو واڌارو" (جنوري 1941ع)؛

"سنڌي ترجمي جا ڪي اصول" (جنوري 1944ع) "حقيقي ناٽڪ جا مڪمل متا (اپريل 1944ع) ۽ "اڳرا مسئلا ادب ۾ آڻجن؟" (سيپٽمبر 1945ع).(1) سندس وڌيڪ مضمون: "سنڌي ناٽڪ جي ترقي" (جنوري 1942ع)، "سنڌي مضمون نويسيءَ جي اوسر" (جنوري 1944ع) ۽ "سنڌي تنقيدي جي اوسر" (جون ۽ جولاءِ 1946ع)، سوڌي سنواري ۽ قدري وڌائي هن ڪتاب جا ڪي باب بنايا آهن. شيوڪ پوڃراج جو هڪڙو مضمون "هريجن پاڙن جي حويليءَ ۾" (جنوري 1941ع) مٽي جاڻايل مدي اندر هن مخزن ۾ پيل ٿو ڏسجي.

راڃپال صاحب نوڄوان ليکڪن جا به ادبي مضمون وجهي ڪين همٿائيندو هو، جن مان ڪافي اوچي معيار وارا هٿا: 'ساز علي شيخ' جو "اسرار خودي (اقبال)" (جنوري 1946ع)؛ 'پروفيسر آتمارام جٽنداڻيءَ' جو "من وديا- شاهه ۽ سندس شعر" (فبروري 1946ع ڪان قسطن ۾)؛ 'ڄاڃيلعل آهوجا' جو "ڪاليداس" جي رگهوونش ۾ هندو سيتا ۽ ڪوتا جي جهلڪ" (فيبروري 1946ع)؛ 'لڇمڻ شرما' جو "ميگهه دوت" (مارچ 1946ع)؛ 'ديوت شرما' جو "شاهه صاحب تي ڪبير صاحب جو اثر" (مئي 1946ع ڪان قسطن ۾)؛ ۽ 'پروفيسر نارائڻداس پمپاڻيءَ' جو "سنڌي ساهتيه جا ٽيهه سال (1916-1946ع)" (جولاءِ 1946ع).

"سنڌو" ۾ هندو توڙي مسلم، بزرگ توڙي نونهال ليکڪن جا ٻيا به انيڪ متفرقا مضمون پوندا هٿا. جن جو تفصيلوار بيان ڪرڻ هن ڪتاب جي دائري اندر محال آهي، جنهن ڪري اُنهن جو فقط مختصر ذڪر ڪجي ٿو. تاريخي مضمون نويسيءَ جي صف ۾ 'موتي لعل بٽاڻيءَ' (هندستان جي تاريخ تي) ۽ 'چيتن ماڙيوالا' (سنڌي جي تاريخ تي) جا نالا ڪيترن ڪوجنا وارن ليکن ڪري ذڪر لائق آهن. 'مولائي شيدائيءَ' ۾ بلوچستاني ۽ سنڌي تاريخ جي ڪوجنا پريل مضمونن جي سلسلي ۾ پاڻ ڇگو موڪيو؛ بلڪ هن مسلم مصنف "ہال گنگاڌر تلڪ" تي پڻ عمدو قومي ليک لکيو هو. 'آسانند مامتورا' ۽ 'تيرٿ وسنت' ڪيترا فيلسوفاڻا ۽ ادبي مضمون لکيا، ۽ ٻنهي جي عبارت مائيدار ۽ موزون هوندي هئي. 'منورهرداس ڪوڙومل' علحدن موضوعن تي لکندو هو: اخلاقي، علمي، تاريخي، صحت ۽ سير سفر بابت.

(1) مٿيان مضمون ڪٺا ڪري ۽ اُنهن سان وڌيڪ ادبي مضمون ملائي، ملڪاڻيءَ هندستان ۾ "ادبي اصول" (1950ع) نالي ڪتاب ڇپايو هو.

'پروفيسر شيوارام ڪيرائي' بہ صحت، اسڪائوٽنگ ۽ هندو- مسلم ايڪتا تي ليک لکندو هو. 'روچيرام سڌائيءَ' اخلاقي ۽ تاريخي مضمون لکندو هو. 'پروفيسر جهامنداس پاٽيا' ۽ 'ڪيٽلداس فاني' نثر لکڻ ۾ شاعراڻي جذبات ۽ رنگين عبارت ڪم آڻيندا هئا. خوشيرام واسواڻي پنهنجي مضمون ۽ ڪهاڻيءَ واري ميل جوڙ ۾ فيلسوفاڻا ويچار ۽ شاعراڻا اُمنگ ظاهر ڪندو هو.

1934ع ۾ "ڪراچي رابندرانات ٽيگور ڪلب" جي انگريزي- سنڌي سالياني باتصوير مخزن "انڌس" شايع ٿي، جنهن جو مهتمم هيءَ بندو هو. انهيءَ سال واري پرچي ۾ هيٺيان ادبي مضمون پيا هئا: جيٺمل پرسرام جو "سنڌ ۽ سنڌي" جنهن ۾ سنڌو سيپتا جو بنياد ڄاڻايل هو ۽ اُن جي مهما ڏيکاريل هئي؛ 'پيرومل مهر چند' جو "قديم سنڌين جي لڙهه وڇڙ"، ۽ آسانند مامتورا جو "ٽيگور جو فلسفانو مشاهدو"، جن ۾نهي جا موضوع سندن سرن مان ظاهر آهن. هيرانند آڏواڻيءَ جي "نانڪي يادگيريون" ۾ هن نانڪي هدايتڪاريءَ جي زماني جي اُستاد ۽ ماهر مذاقي اڪٽر، سنڌ ڪاليج نانڪ منڊليءَ جي زماني وارا عجيب غريب تجربا پنهنجي مزيدار نوع ۾ قلمبند ڪيا هئا. هيءَ صاحب پنهنجن يادگيرين بابت وڌيڪ ليک لکي ته هوند سنڌي نانڪي تاريخ جو هڪ دلچسپ ۽ اثرائتو باب ٿي پوي. هن مخزن جي 1935ع واري نمبر ۾ پيرومل مهر چند "انڌس" نالي مضمون ۾ اُن لفظ جو اشتقاقي بنياد ۽ معنائون سمجهايون هيون ۽ اُن سان لاڳاپو رکندڙ ڪيتريون دلچسپ تاريخي حقيقتون ٻڌايون هيون ۽ ادبي حوالا ڏنا هئا. ليکراج عزيز "شعر و شاعري" تي هڪ عالماڻو مضمون لکيو هو؛ ۽ پريداس پيرومل هڪ اخلاقي مضمون "مردوُد" پنهنجي سڀڪ سنڌي ۾ لکيو هو. 'پروفيسر ڪرشن ڪرپالاڻيءَ' جو ٽيگور جي ڪوتا تان ترجمو ڪيل نظماڻو نثر "شاهه جهان" ۾ هن پرچي ۾ پيو هو. پيرومل صاحب جي "انڌس" ليک مان استاد جي اونهيءَ زبان داني جو ثبوت ملي ٿو:

"'انڌس' لفظ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ 'سنڌو' معنيٰ 'سمنڊ'، پوءِ معنيٰ 'وڏي ندي'، پڻ اُنهيءَ نديءَ جي ڪناري وارو ملڪ، جو اڄ تائين 'سنڌ' سڏجي ٿو. اڳي سنڌ جو پرڳڻو هاڻوڪي ڪان ٻيڻو هو، بلڪ وڌيڪ، جيئن چچ نامي ۽ ٻين پارسي تاريخن مان معلوم ٿيندو. انهيءَ ڳالهه جي ساک هڪ سنڌي لفظ ٻه پري ٿو. پنجاب جو ٽاڪرُو لوڻ (rock salt) اڄ تائين

'سينڌو لوڻ' يعني سنڌ جو لوڻ سڏجي ٿو. چاڪاڻ ته اهي لوڻ وارا ٽڪر سنڌ جي حد اندر هٿا. 'انڊس' يا 'سنڌو' لفظ جو ڏاتو آهي 'سيندُ' (Syand) معنيٰ 'وهڻ'. مطلب ته 'سنڌو' اها آهي جا سدائين پٽي وهي. پروفيسر مئڪس ملر... جي خيال موجب 'سنڌو' لفظ جو ڏاتو آهي 'سڌ' (Sidh) معنيٰ رکي وڻڻ، بچاءُ ڪرڻ. مطلب ته سنڌونديءَ جتان جتان وهي ٿي تن هنڌن جو بچاءُ آهي ۽ ڏڪار وغيره کان رکي وٺي ٿي. سنسڪرت لفظ 'سنڌو' جو اچار آڳاٽن ايراني لوڪن ٻيرائي ڪيو 'هڌو'... جو ايراني لوڪ عام طرح 'س' کي ٻيرائي 'هـ' ڪندا آهن... ۽ نڪ جو اچار ڪڍي چڏيائون... عيسائين جي بائيبل ۾ 'سنڌو' جو اچار 'هوڈُو' (Hoddu) آهي... قديم ايراني ٻوليءَ ۾ 'ڈ' جو اچار آهي ۽ بائيبل ۾ 'ڈ' جو اچار آهي. 'سنڌو' جو اچار پوءِ جي فارسي ۾ ڦري ٿيو 'هندو'. گهٽيءَ لڙهه وچڑ ڪري ايرانين کي پوءِ خبر پئي ته 'ن' جو اچار ڪرڻو آهي ... 'هندو' لفظ جي اصل معنيٰ هئي 'سنڌونديءَ جي ڪناري تي رهندڙ' ... پوءِ جڏهن عربن سنڌ تي ڪاهه ڪئي تڏهن 'هندو' لفظ جي معنيٰ ٿي 'براهمڻي ڌرم کي مڃيندڙ' ۽ ان جو ضد ٿيو 'مسلمان' ... آڳاٽا آريا لوڪ سنڌونديءَ جو ڪنارو امبالي کان وٺي هاٿوڪيءَ سنڌ تائين والاري ويٺا هٿا ۽ ايراني لوڪ انهن حدن کان پري ڪونہ ويا. تنهنڪري اتي جي رهاڪن کي 'هندو' ۽ انهيءَ ملڪ کي 'هندستان' (هندو + آستان) نالو ڏنائون. اهڙيءَ طرح اسان جي سنڌ کي شرف مليو جو ان جو نالو سڃيءَ هندو قوم ۽ سڃي هندستان تي پيو.

"عيسوي سن کان 330 ورهيہ اڳي سڪندر اعظم ايرانين کي شهہ ڏئي... پنجاب ۽ سنڌ تي ہہ ڪاهي آيو جو اهي پاسا ہہ ان وقت ايران جي حڪومت هيٺ هٿا. انهن يونانين 'هندو' نالي جو اچار پوءِ وڌيڪ ٻيرايو. اسانجي ماڻهن کي سڏيائون 'انڊوئي' (Indoi)، اسان جي نديءَ کي سڏيائون 'انڊوس' (Indos)، ۽ نديءَ جي ڪناري واري ملڪ کي 'انڊيڪا' (Indica) ڪوٺيائون. يونانين وٽان وري لاٽن ٻولي ڳالهائيندڙن اهي نالا ٻڌا ۽ انهن وري پنهنجي نموني نالا ٻيرايا. اسان جي نديءَ کي سڏيائون 'انڊس' (Indus)، ۽ اسان جي ملڪ کي 'انڊيا' (India) ڪوٺيائون ... مطلب ته سنڌ جو نالو يورپ تائين وڃي ويو ۽ ان جي قديم وڃ واپار ۽ قديم سيبتا جي

ساڪ ٻيا ٻ ڪي لفظ پرين ٿا. مثلاً 'سندَ' لفظ مان صفت آهي 'سندي' ۽ ان جو مؤنث آهي 'سندَڻ' جنهن جو اچار انگريزيءَ ۾ آهي 'سنڊن' (Sindon) ۽ معنيٰ اٽس 'سندَ جي' (ململ). سنگين اوڍڻ ۽ ويڑهڻ لاءِ ڪپڙو. اهو لفظ پوئين معنيٰ سان لاڙ ٻيڪن هن ريت ڪم آندو آهي:

"Wrapped in Sindons of fine Linen." Bacon

انهيءَ ساڳئي لفظ جو گريڪ يعني يوناني ۽ لاتن ٻولين ۾ اچار آهي 'سندون' (Sindon) ۽ معنيٰ اٽس 'سنگين ململ' (سندَ جي ٺهيل).

"سندَ مان ٻيو صفت آهي 'سيندَڙ'. مثلاً 'سيندَڙ اُٽ' معنيٰ 'سندَ جو اُٽ'. انهيءَ 'سيندَڙ' لفظ جو انگريزيءَ ۾ آهي 'سينڊل' (Sendal). هتي نہ رڳو 'ڊ' متبادل 'ڊ' ٿيو آهي، پر 'ڙ' متبادل 'ل' ٿيو آهي: اها قيرقار اسان وٽ عام آهي، مثلا 'ميٽ مڙهڻ' يا 'ميٽ ملهڻ' ... 'سينڊل' لفظ جي معنيٰ آهي سندَ جو سنگين ڪاڇو:

"Wore she not a veil of twisted sendal embroidered with Silk" Walter Scott.

سر والٽر اسڪاٽ جي متين سٽ مان ظاهر آهي تہ يورپي زالون منهن ڍڪڻ لاءِ ڄاري سندَ جي سنگين ڪاڇي مان ٺهيل ڪتب آڻيندیون هيون.

"Sails of silk and ropes of sendal such as gleam in ancient lore." - Longfellow.

نامور شاعر لانگفيلو جي متين مصرع مان سمجهجهي ٿو تہ سندَ جي سنگين يا وٽيل ڪاڇي مان اڇي ولايت ۾ ٻيڙين لاءِ لاڇُو يا رسا ٺاهيندا هٿا ۽ اهي انهن شاهاڻين ٻيڙين ۾ ڪم آڻيندا هٿا جن جا ريشمي سڙهہ هوندا هٿا. مطلب تہ 'انڊس'، 'انڊيا'، 'سنڊن' ۽ 'سينڊل' لفظ، جي سڀ 'سندَو' لفظ مان ٺهيل آهن، سي سندَ جي قديم سيپتا جي ساڪ پلي ۽ پت پرين ٿا."

## (10) مهراڻ

سندَ ۾ آخرين ادبي مخزن "مهراڻ" 1946ع ۾ سندَ سرڪار جي برپا ڪيل "سندي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" جي سهاري هيٺ نڪتي، جنهن جي ايڊيٽوريل بورڊ تي هيٺيان عالم هٿا: 'عثمان علي انصاري'، 'مولوي دين محمد وفائي'، 'پروفيسر هرومل سدارنگاڻي'، ۽ 'لالچند امرڏنومل'. لعلچند صاحب "مٽنيجنگ ايڊيٽر" جي حيثيت ۾ ان مخزن جو ڪاروبار هلائيندو هو، ۽ منجهس شايع ٿيل تصنيفن سندي ادب جي مڙني

شاخن کي چگي اوڄ ڏني. جنوري 1946ع واري پرچي ۾ مکيہ عمدا مضمون هٿا: 'ڊاڪٽر دائودپوٽي' جو "ادبي سنگت"، 'آغا تاج محمد' جو "باهمي اتحاد" ۽ 'شيوارام لالا' جو "روهڑيءَ جو راز - شهباز بيدل بادشاهہ". "باهمي اتحاد" مان آغا صاحب جي مذهبي توڙي عبارتي ڪشاده دلي ظاهر آهي:

"اتحاد مذهبي هدايتن موجب آهي. مسلمانن جو ڪلام پاڪ هجي يا عيسائين جو مقدس انجيل يا هندن جو ڪوبہ پوتر پستڪ: هر هنڌ اتفاق ۽ اتحاد لاءِ ڪافيءَ کان زياده نصيحت ۽ هدايت ڪيل آهي. مسلمان جن کي اهو فخر آهي تہ اسين توحيد جا پوڄاري آهيون، تن کي لفظ جي معنيٰ جي لحاظ کان ئي اتحاد سان زياده محبت ۽ دلچسپي هٿ گهرجي، جو اهو لفظ لغتي معنيٰ ۾ وحدت مان نڪتل آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ جيڪڏهن مذهبي امور سڀ ڪنهن جا مختلف آهن، تہ بہ دنيوي ڳالهين ۾ هندو خواهہ مسلمان، پارسي خواهہ يهودي ۽ ڪرستان پاڻ ۾ متحد رهن. مسلمانن جي هدايت لاءِ هي ڪافي آهي تہ الله جل جلاله پاڻ کي ٻين لقبن سان ڏڪ رب العالمين سڏايو آهي، يعني جملہ عالم جو رب. ۽ وري جملہ خلق، جنهن ۾ سڀ ڪنهن ملت ۽ مذهب جا ماڻهو اچي وڃن ٿا، سا عيال آهي الله جو. جا ڳالهہ 'الخلق عيال الله' مان ظاهر آهي پوءِ جڏهن الله آهي جملہ عالم جو ۽ جملہ عالم آهي عيال الله جو، تہ الله جي عيال مان ڪنهن کي تڪليف يا دک پهچائيندڙ، ان جي پياري مخلوق سان نفاق رکندڙ، انهيءَ مٿي مالڪ کي هرگز ڪين سيبائيندو. تنهنڪري جيڪڏهن اسان چاهيون تہ پنهنجي مالڪ کي مٿا ۽ پريتم پيارا لڳون تہ ان جي پيدا ڪيل مخلوق سان پيار ۽ پريم سان پيش اچون."

'مولوي عبدالڪريم چشتيءَ' جو "سنڌي ٻولي"، ۽ 'پروفيسر نبي بخش بلوچ' جو سنڌي لغت ناهڻ جي اصولن بابت خط، سنڌي زبان جي سڌاري ۽ واڌاري بابت سهڻا مضمون هٿا. "سنڌي ٻولي" واري مضمون مان چشتي صاحب جو 'ادب براءِ زندگي' وارو ترقي پسند اصول ظاهر آهي، ۽ سندس لکڻيءَ ۾ فارسي - هنديءَ جو ڇگو ميلاپ آهي:

"سنڌي ٻولي معمولي ۽ غير اهم ٻولي نہ آهي. هوءَ هڪ شاندار ۽ اهم لذيذ ٻولي آهي. هن ۾ نہ رڳو قديم هندستان ۽ سندس پراچين سيپتا جو

حصو آهي، نہ رڳو هندو ڌرم ۽ هندو تخليات ۽ ويدانت جو پاڳو آهي، سنسڪرت ۽ هنديءَ جو ميلاپ آهي، پر هن ۾ اسلامي تهذيب ۽ تمدن، اسلامي عقيدن ۽ اصولن جو، توحيد ۽ تصوف جو به وڏو وڏو بخرو موجود آهي ... گذريل ڏيڍ صديءَ جي عرصي ۾، موجوده زماني جي عالمگير گرفت ۽ وٽ پڪڙ جي باعث، مغربي آميزش ۽ يوربي ملاوٽ کان به گهٽو ڏک ۽ ارمان ٿيندو آهي، جڏهن ڪيترن ئي شاعرن جو شعر ڏسندو آهيان ته چشمو ۽ ابرو لاءِ وقف هوندو آهي، حسن ۽ جمال جي ساراهه ۾ ئي ختم ٿيندو آهي، منجهس هجر ۽ وصال جو ئي بيان هوندو آهي، سموري قابليت ستمگر صنم کي ريجهائڻ ۾ صرف ڪئي ويندي آهي، بت سيمين جي وصال کي دولت دوجهان تصور ڪيو ويندو آهي ... نثر نويس مصنف به گهٽا آهن جي پنهنجو علم ۽ قلم، وقت ۽ پيسو، بيهوده قصن ۽ آکاڻين ۽ واهيات بيانن ۾ صرف ڪري رهيا آهن ... اڄ ضرور آهي ته نظر خواهه نثر، قلم خواهه ڪلام، تحرير خواهه تقرير، علم خواهه عقل، قوم جي زندگي سنوارڻ ۽ بهتر بنائڻ ۾ صرف ڪيا وڃن. سڀ سعيا ۽ جهد قوم جي جوڙجڪ ۽ سڌاري جي لاءِ وقف ڪيا وڃن. هوليءَ کي بهترين اوڄ تي رسايو وڃي. ساهتيه ۽ ادب جي عملي ۽ نتيجه خيز شيوا ۽ خدمت ڪئي وڃي. انقلاب پيدا ڪندڙ شعر ۽ انقلاب آفرينڊ لٽريچر لکيو وڃي ته جيئن قوم جي مستقبل تي سٺو اثر پوي."

اپريل 1946ع واري نمبر ۾ ذڪر لائق ليک هئا، 'آغا تاج محمد' جو "اسان جي سنڌڙي"، 'عبدالڪريم چشتيءَ' جو "اتحاد جا طريقا"، ۽ 'نبي بخش خان بلوچ' جو "گمنام دهقاني شاعر" جي پهرين قسط، جنهن جو سلسلو ايندڙ پرچن ۾ هلندو آيو، ۽ اُن وسيلي پروفيسر صاحب ڪيترا ڳوڻاٽا سگهڙ شاعر ڳولي پڌرا ڪيا ۽ کين گمنامي ۾ کان بچايو. ساڳئي نمبر ۾ اداري پاران "تعليم"، "سنڌ جا نظارا (کير ٿر)"، "سنڌي ڪافي" ۽ "قلمي نسخن جي ڳولا ۾" پارا ادبي کوجنا وارا ايڊيٽوريل پڻ شامل ٿيا هئا.- جن ۾ رٽيل پروگرام، هنڊن جي ياڄ کان پوءِ جاري ڪيل ساڳئي نالي واري "مهراڻ" مخزن اڄا تائين چالو رکندي اچي.

مئي، جون، جولاءِ 1946ع واري پرچي ۾، "مهراڻ" جي اداري پاران هڪ کوجنا پريو مضمون "سنڌ جي هڪ پراڻي تاريخ جا ڪي ورق" پيو هو، جو 'صوفي قلندر بخش' جي سومرن جي تاريخ تان ورتل هو ۽ نهايت سپڪ سنڌيءَ ۾ لکيل هو. ساڳئي نمبر ۾ شاهه صاحب تي به عالماڻا مضمون،

'ديوان سويراج نر ملداس' جو "شاهہ طالب" ۽ 'مولوي دين محمد وفائيءَ' جو "شاهہ فطرتي شاعر" پڻ ڇپيا هئا.

'جناب عثمان علي انصاريءَ' جي "سنڌي نثر" تي ڪيل تقرير جو اختصار به ڏنل هو، جا هن صاحب مرڪزي صلاحڪار بورڊ جي ڪوٺايل هڪ ادبي ميڙ ۾ ڪئي هئي. سنڌي نثر جو قحط ڏيکاريندي، انصاري صاحب اُن کي ٽن دؤرن ۾ ورهايو هو: متاولين، متوسطين ۽ متاخرين- جن دقيق ڏارين اکرن جي معنيٰ سولي ۽ سنڌيءَ ۾ اوائلي، وچولو ۽ آخرين ڏسڻ ۾ ٽي اچي. باقي نثر جي چٽن نمونن: ادبي نثر، اخباري نثر، خطوطي نثر ۽ تقريري نثر جا جيڪي مثال ڏنل هئا سي نهايت ڪارگر هئا. سير سفر جا به دلچسپ مضمون به پيا هئا: 'پروفيسر نبي بخش بلوچ' جو "بلوچستان جا نظارا- لس بيلي جو سفر" ۽ 'جيٺي خوبچند جگتياڻيءَ' جو آمريڪا ۽ نيويارڪ جي زندگيءَ بابت "پٽ جو پيءُ ڏانهن خط".

آگسٽ- سيپٽمبر- آڪٽوبر 1946ع واري شماري ۾ "منشي آڏارام ٽانورداس مير چندائي" سري سان ايڊيٽري نوٽ پيو هو، جنهن ۾ سنڌي نثر جي ان جهوني عالم جي مختصر واقفيت ڪرايل هئي. ساڳئي پرچي ۾ 'ڪاڪي پيرومل مهرچند' جا به مضمو پيا هئا: "دال مصالحہ چٽنيءَ سان" ۽ "شير اندازيءَ جي تاريخ"، جن مان هن صاحب جي زباندانيءَ ۽ اشتقاقي علم جي پروڙ ٿي پئي. هن نمبر ۾ 'آوتراءِ منچنديا' جي تخلص هيٺ، 'لعلچند امر ڏنيمل' جو مضمون "سنڌ جو پهريون پهريون خود ساخته صدر منصف" ڇپيو هو، جنهن ۾ حيدرآباد جي هڪ هاڪاري ديوقد ديوان جا ڪارناما، تازيءَ تاريخ تي ٻڌل بيان ڪيل هئا، ته ڪيئن هن هڪ نقلي عملدارن جي ٽولي۽ جو مهندار بنجي، انگريز سرڪار کي ٽوٽا چهايا، پر آخر تروٽ صاحب جي سرجوشيءَ سان پڪڙجي پيو . 'پروفيسر چيتن ماڙيوالا' جي قلم مان "سنڌي ٻوليءَ جي عربي آئيوينا" تي مضمون به هن پرچي ۾ پيل هو، جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته هاڻوڪيءَ عربي- سنڌي آئيوينا ناهڻ ۾ سر بارٽل فريئر، مسٽر بي- ايچ- ايلس ۽ مسٽر نندرام ميراڻيءَ ڪهڙو ڀهرو ورتو هو. 'خوبچند جگتياڻيءَ' جو "نثر" تي مضمون پڻ ڇپيو هو، جنهن ۾ مختصر طور مڪيہ سنڌي نثر نويسن مان چگا مثال پيش ڪيل هئا. هن نمبر ۾ 'پروفيسر نبي بخش بلوچ' جي سفرنامي "هندستان کان آمريڪا تائين سفر" جي پهرين

قسط شروع ٿي ۽ ٽن پرچن ۾ سلسلو ختم ٿيو. منجهس ڪراچيءَ کان بمبئي، ڪولمبو، منيلا، سينگاپور ۽ هانگ ڪانگ کان سڀن فرنٽسسڪو تائين، سڄي دؤر مشرق جي سفر جا دلچسپ آزمودا ۽ نظارا بيان ڪيل هئا.

آڪٽوبر - نومبر 1946ع واري نمبر ۾، هيٺ اعليٰ اديبن جون ورسيون ملهائڻ جي موقعن تي ڪيل تقريرون شايع ٿيون هيون جي ڪافي معياري هيون: شاهه پٽائيءَ جي ورسيءَ تي 'جيئمل پرسرام' جي تقرير "شاهه عبداللطيف: سنڌ جو رهبر"، 'عبدالڪريم چشتيءَ' جي "شاهه پٽائيءَ جو شاهاڻو ڪلام"، ۽ 'عبدالله چنا' جي "شاهه جي رسالي ۾ حقيقت جا راز"؛ 'مرزا قليچ بيگ' جي ورسيءَ تي 'خوبچند جڳتيانيءَ' جي تقرير "مرزا قليچ بيگ: سلاست جو سائين"، 'محمد يعقوب' جي "مرزا قليچ بيگ: نثر نويس".

ڊسمبر 1946ع ۾ جنوري- فيبروري 1947ع واري گڏيل پرچي ۾ 'پيرومل مهر چند' جا ٻه مضمون پيا هئا: "سنڌيءَ جي ڏکڻائڪ حالت" جنهن ۾ هوليءَ کي سڌارڻ لاءِ عملي رٽون ڏنل هيون، ۽ "غلطيون دور ڪريو" جنهن ۾ غلط العام محاورا ڪيئن صحيح ٿا ٿين تنهنجا ڪارائتا اصول مثالن سميت ڏنل هئا.

سنڌيءَ جي ڏکڻائڪ حالت" سڌارڻ لاءِ اُستاد پيرومل هوليءَ جي لغت، صورتخطي، گرامر، ڏاتو وديا وغيره بابت وچور وار رٽون ڏسيون هيون، جن مان صورتخطيءَ سڌارڻ لاءِ ۽ لفظن کي مقرر صورتن ۾ لکڻ لاءِ زوردار صلاح ڏني هئائين:

"سنڌي ساهت کي معياري صورت ڏيڻ لاءِ اول ته صورتخطيءَ سڌارڻ لاءِ ۽ لفظن کي مقرر صورتن ۾ لکڻ لاءِ زوردار صلاح ڏني هئائين:

"سنڌي ساهت کي معياري صورت ڏيڻ لاءِ اول ته صورتخطيءَ کي صحيح بيهڪ ڏيڻ ضروري آهي، جو هن وقت تائين سنڌيءَ جو ڪو ڏڻي ڏوڻي جاڳيو ٿي ڪونهي. ساڳيا ٿي لفظ هڪڙيءَ طرح تي ٻيا ٻيءَ طرح پيا لکن. مثلا ايٽ- اٺ؛ هنئر- هينئر؛ جڏهن تڏهن- جڏهين تڏهين؛ ڏئو - ڏيو - ڏيئو؛ سڀارو- سيارو- سيڀارو؛ ڪٿو- ڪوٿو؛ ڪهر- ڪوهر؛ زالون ويٺون- زالون ويهون؛ هو آيا هئا- هو آيا هوا، وغيره". پوءِ پيرومل صاحب سنڌي درسي ڪتابن مان مثال ڏئي دليلن سان سمجهايو هو ته سبق "پندرهون" بدران "پنڊرهون" ٿيڻ کپي، "اوٽيهون" بدران "اڙيهون"، "ٻيو"

بدران "ٻيون"، چو ته ٻيو معنيٰ نرالو يا ٻيو ڪو ۽ ٻيون معنيٰ عدد ٻيون؛ "خدمت" بدران "خدمت"، جيئن خادم ۽ مخدوم ٿو چئجي؛ "انجان" يا "اڃان"؛ بدران "اڃا"؛ "چنگون"، "سگ"، "مگ" وغيره ۾ ن نه وڃجي، چو ته ڃ ۽ گ ۾ نڪ جو اچار ٻيو آهي. "هي ڳالهيون ڏيکارين ٿيون ته سنڌيءَ جي هاڻوڪي دڪدائڪ حالت مٽان وٺي سڌارڻي آهي، جو اهڙي اوندهه ۾ ڪنهن به هوليءَ ۾ ڪانهي". ڏاتو وديا تي ڪو اختياريءَ وارو ڪتاب ڏيڻ لاءِ استاد لکيو هو؛ "خود سنڌيءَ جي پروفيسرن کي جيڪڏهن اها سڌ ڪانه هوندي ته ڪيئن سنڌي هوليءَ، سنسڪرت ۽ پراڪرت واريون پيچيديون صورتون وڃائي، هاڻوڪي سادي صورت ورتي آهي؛ ۽ ڪيترا عربي لفظ، جي ڪن صدين کان سنڌيءَ ۾ چالو ٿي ويا آهن، تن کهڙن قاعدن پٽاندڑ پنهنجي اصلوڪي عربي صورت مٽائي، هاڻوڪي سنڌي صورت ورتي آهي. (مثلاً 'تفحص' جو اچار ڪري 'تپاس'، ۽ 'تعويذ' جو اچار ڪري 'تائٽ' ٿيو آهي)، ته پوءِ ڪيئن شاگردن کي سنڌيءَ جو پورو اڀياس ڪرائي سگهندا؟"

'لعلچند امرڏنيمل' جو "ساهت ۽ ادب ڇا آهي؟" ۽ 'سوپراج نرملداس' جو "سنڌي سنت سامي" نالي عالماڻا ادبي ليک پڻ مٿئين پرچي ۾ پيا هٿا. 'بيگم عبدالله چنا' جو "انصاف ۽ احسان"، ۽ 'عطا حسين موسوي' جو "ڪوڙ" پڻ سٺا اخلاقي مضمون هٿا. 1947ع واريءَ اشاعت ۾ هڪ نئين "شاهه جو رسالو" جي ابتدا "سر برووِ سنڌي" سان ڪئي وئي، پر پتو نٿو پوي ته اهو ڪنهن جو تاليف ڪيل هو. سيپٽمبر 1947ع ۾ 'پيرومل مهرچند' جو مضمون "حل طلب لاءِ حل" ڇپيو هو، جنهن ۾ هن زبان دان صاحب سنڌي شعر مان ڪيترين ڏکين مصرعن ۽ لفظن جون بنيادي معنائون، سنسڪرت ۽ پراڪرت مان ڪڍي، ڪولي سمجهايون هيون. آڪٽوبر- نومبر - ڊسمبر 1947ع جي گڏيل پرچي جو بهترين ادبي مضمون هو 'عثمان علي انصاري صاحب' جو "سرڳواسي ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جو ڇپايل شاهه جو رسالو"، جنهن ۾ هن شاهه صاحب جي اونهي اڀياسيءَ، سر مومل راڻي مان، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي شرح سان دليلن پريا اختلاف ظاهر ڪيا هٿا، ۽ پنهنجي جاءِ موجب صحيح معنائون ڏنيون هٿائين. هن مضمون ۾ "سر مومل راڻو" کان پوءِ "سر مارئي" بابت انصاري صاحب،

پنهنجي مائيدار عبارت ۾ هيٺيون اعتراض اُتاريو هو:

"هن سر ۾ جنهن ڳالهه مون کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو، سا آهي هڪ نوٽ، جو ڊاڪٽر صاحب صفحي 312 جي پيڙي ۾ ڏنو آهي. نوٽ جا بجنسي لفظ هيٺ ٽا ڏجن: 'امرڪوٽ' ملير کان پنجاهه ڪوهه پري آهي. رسالي جي سيني قلمي نسخن ۾ 'امرڪوٽ جو لفظ 'الف' ۽ نه 'عين' سان لکيل آهي؛ ۽ اهائي صحيح هِجي آهي، چو ته امرڪوٽ جو شهر پرمار گهراڻي جي راجپوت امرسنگهه اٽڪل يارهين صديءَ عيسويءَ ۾ ٻڌايو هو، ۽ عمر سومري سان ڪوبه واسطو ڪونه اٿس. امرڪوٽ يا عمرڪوٽ کنهن به ٻڌايو هجي، امرسنگهه يا عمر سومري، انهي بحث ۾ اڃٽي هلي گهڙبو. في الحال وڏي حيراني ۽ جي ڳالهه هي ۽ آهي ته ڊاڪٽر گربخشاڻي جهڙو عقلمند انسان، علمي تفتيش جي دوران ۾ هڪ اهڙو غلط بيان ڇاپي ته رسالي جي سيني قلمي نسخن ۾ امرڪوٽ جو لفظ 'الف' سان لکيل آهي، ۽ انهي سندس بيان تي سنڌي دانن جي دنيا پورا 16 سال خاموش رهي!... مون وٽ شاهه جو ڪوبه قلمي نسخو ڪونه هو... ليڪن هينئر جڏهن جو منهنجي اڳيان قلمي نسخا مؤجود آهن جن جي بنا تي ڊاڪٽر صاحب پاڻ وارو نسخو جوڙي تيار ڪيو ته ماڻ ڏسان ٿو ته هڪ به نسخو اهڙو نه آهي، جنهن ۾ اهو لفظ 'الف' سان لکيل هجي! بلڪ سيني ۾ 'عمر ڪوٽ' "عين' سان لکيل آهي... منهنجو عرض آهي ته سنڌي دان صاحب انهيءَ مسئلي تي به پنهنجا خيالات ظاهر ڪرڻ فرمائين ته انهيءَ شهر جو نالو 'امرڪوٽ' آهي يا 'عمرڪوٽ'. ماڻ/کين يقين ٿو ڏياريان ته شاهه جي پراڻن قلمي نسخن ۾ عمرڪوٽ لکيل آهي؛ پر ممڪن آهي ته انهيءَ کان ڪا وڌيڪ معتبر سند به ملي سگهي، جنهن ماڻ انهيءَ شهر جو نالو امرڪوٽ ثابت ٿئي."

ساڳئي نمبر ۾ ٻيا عمدا ليک هئا: 'روچيرام سڌائيءَ' جو "ساهتيه جو سونهن"؛ 'پروفيسر جهامنداس پاٽيا' جو "شاعر عاجز"؛ 'رامنداس لکائيءَ' جو "سنڌ جا گاهه" (64 نمونا) ۽ 'ڪشنچند جيٽلي' جو تاريخي مضمون "پٽي ۽ بلوچستان." "هندو سنسار" ۽ ٻيو ڪن اخبارن ۽ رسالن ۾. بزرگ خواه جوان ليڪڪن جا ڪي سٽا متفرقا مضمون ڇپيا هئا. جي هيٺ ڏجن ٿا:

| مضمون | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال |
|---|---|---|---|
| "هن سمي جا سوال" | منوهرداس ڪوڙومل | سستي ساهت مالا | 1941ع |
| (3 پنڪتي ۽ سيٽڪ مضمون) | | | |
| "آزاديءَ جي اوٽ ۾" | منوهرداس ڪوڙومل | سستي ساهت مالا | 1942ع |
| (3 پنڪتي ۽ تعليمي مضمون) | | | |
| "خاتمو" (چالو سائسي تهذيب جا ڪلر) | لعلسنگهه اجوائي | رتن ساهت مالا | 1941ع |
| "جيون ڪهاڻي" | رام پنجوائي | سندر ساهتيه | 1942ع |
| (ٽئگور جي جيوت مان جهلڪيون) | | | |
| "وڏوا وواهه" ۽ "سماج جو ڪارو ورق - گنهگار ڪير؟- ناري يا پرش" | نهچلداس واسوائي | پارٽ جيون | 1941ع |
| "دهليءَ جي عياش ملڪه" (رفيه بيگم) ۽ "آتشين" (وڏو سائسدان) | نهچلداس واسوائي | پارٽ جيون | 1941ع |
| "رشيا جي جيلن ۾ قيدين سان ورتاءُ" | اُتر | هندواسي | 1943ع |
| "سوويت روس جي مستقبل جا مالڪ" | اُتر | هندواسي | 1945ع |
| "هندستاني وديارٿي تحريڪ جو اتهاس" | اُتر | هندوسنسار | 1945ع |
| "سنڌ ۾ وديارٿي تحريڪ جي شروعات" | اُتر | هندوسنسار | 1946ع |
| "وجيه لڪشمي پنڊت" | اُتر | هندوسنسار | 1946ع |
| "سرحد جو گانڌي" | اُتر | قومي ساهت منڊل | 1944ع |
| "جليانوالهه جو ڪوس" | نند گدوائي | قومي ساهت منڊل | 1944ع |
| "عربي" | گوبند مالهي | قومي ساهت منڊل | 1945ع |
| (مارڪسوادي نظريو، انگريزيءَ تان) | | | |
| "دير سان شادين جو ڏکيو مسئلو" | هيرانند ڪرمچند | ستار سيا | 1946ع |
| (ڏيتي ليتيءَ جو علاج) | | | |
| "ڏکن ڏڏي ڏيوي" (نرم پتين سان اترا) | جينمل پرسرام | ستار سيا | 1946ع |
| "ساڌو هيرانند شوقيرام" | ... | | |
| (سنڌس روزنامچي ۽ خطن مان ڪي ورق) | | اڪيڈمي سيريز | 1947ع |
| "پاڪيا اسڪيم" (ڳوٺ سڌارڻ جا مقالا) | ڪشنچند بيوس | اڪيڈمي سيريز | 1948ع |

1946ع ۾ هاڪاري "هندو" اخبار "هندستان" نالي سان، 'هيرانند ڪرمچند' جي قابل ايڊيٽريءَ هيٺ ڪراچيءَ مان نڪرڻ لڳي، جنهن جي1947ع جي 15 آگسٽ واري آزادي پرچي ۾، پاڪستان ٽيڪ کان پوءِ پر هندن جي ياڄ کان اڳ، هيٺيان تاريخي ۽ قومي مضمون پيا جن ۾ ادبي خوبيون پڻ موجود هيون؛

"پرديسي راڄ اڄ ختم ٿيو" - آچاريه جيوترام ڪرپالاڻي

"ڪڏهن هي ورهايل هندستان وري هڪ ٿيندو؟" - پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي

"جهوني زماني کان سنڌ جا ياٽيبند واپار ۾ اڳرا" - پيرومل مهرچند

"سنڌ جي پراچين اتهاس ۽ سيپتا جي چمڪ" - پروفيسر چيترن ماڙيوالا

"سنڌ ڪيئن نگريزن جي هٿ ۾ آئي" - هيرانند ڪرمچند

"انگريز آيا، انگريز ويا" (بلڪ هول جي جوڻي ڳالهه) - هيرانند ڪرمچند

مٿي بيان ڪيل مخزنن جي خزاني مان ڪي ٿورا مضمون تاليف ڪري ڪن صاحبن 5-8 انتخاب چپايا هٽا، جن جو ذڪر ٻئي فقري ۾ ڪبو. پر اڄا گهڻا معياري مضمون انهن مخزنن ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. تنهن ڪري، جيتوڻيڪ هي، باب گهڻو طويل ٿي ويو آهي، تنهن هوندي به مٿيان وچور وار تفصيل انگن اکرن سميت انهيءَ مراد سان ڏنا ويا آهن ته من ڪي ٻيا سنڌيءَ جي چاهه وارا به انهيءَ اٽاهه گنج مان وڌيڪ هيرا جواهر پرکي، نرالين ترتيبن سان سوڌي، 8-10 ٻيا به مضمونن جا مجموعا شايع ڪن، جيئن اهي چڙوچڙ ٽيل گوهر گڏ ڪري هار ۾ پوئي ٻچايا وڃن ۽ سنڌي ادب جو ذخيرو وڌائين.

## داخلي يا شخصي مضمونن جا انتخاب

سنڌي ساهت ۾، نثر نوڙي نظم جو پهريون تاليف ڪيل انتخاب هو "گلدستو"، جو چالو زماني جي بزرگ سنڌي عالمن 'ديوان ڏيلورام وسڌمل' ۽ 'ديوان ليلارام پريمچند'، "سرسوتي"، "جوت"، "اخبار تعليم" ۽ "پريات" جي جهونن پرچن مان، ۽ ڪن مصنفن جي مڪمل ڪتابن مان چونڊ ڪري 1907ع ۾ چپايو هو. ڪيل پکڙيل مضمونن کي هڪڙي ٿي هنڌ ڪتابي صورت ۾ آڻي، اڻاٽ ۾ پهرين سنڌي نثر وڌائڻ جي اها اوائلي ڪوشش هئي. مخزنن مان چونڊيل ليکن جو ذڪر مٿي ڪيل آهي، باقي ڪتابن مان چونڊيل

مضمون "گلدستو" ۾ هيٺيان هٿ:

| مضمون | ڪتاب جو نالو | ليکڪ |
|---|---|---|
| "نٽرٽ" ۽ "مائٽن جا ٽي قسم" | "گل" | ڪيولرام سلامتراءِ |
| "رڇرڊ پهريون" | "انگلنڊ جي تاريخ" | بولچند ڪوڙومل |
| "ڏيرج"، "شاعر چا کي چئجي" ۽ "شاهه عبداللطيف" | "شاهه پٽائي جو احوال" | مرزا قليچ بيگ |
| "محنت" ۽ "جيمس وات" | "خوديادري" | مرزا قليچ بيگ |
| "سفر يا سير ڪرڻ" | "مقالات الحڪمت" | مرزا قليچ بيگ |
| "هيڪلائيءَ ۾ رهڻ جو سڪ" ۽ "ماٽر جو بيان" | "راسيلاس" | ساڌو نولراءِ ۽ اڌارام |
| "علم سکڻ جي ضرورت" | "پڪو پهه" | ڪوڙومل چندن مل |
| "نر ويرتا جو ڦل" | "قول مالا" | ڪوڙومل چندن مل |
| "سچي جيوت" | "ساميءَ جي سلوڪن جو ٿات پرڇ" | ديارام گدومل |
| يوگ مان فائدا" | "پاڳوت گيتا" | ديارام گدومل |
| "انگريزي راڄ جي وڏي نعمت ڪهڙي؟" | "هندستان جو ديس واسي" | تاراچند شوتيرام |
| "گورستان مان گذر" | - | عبدالحئي |

'ڏيارام وسڻمل صاحب'، 'جمناداس سڌائيءَ' سان شراڪت ۾. هڪ ٻيو ليکڪ جو سنگرهه ۾ "چونڊ سنڌي نثر" نالي 1935ع ۾ ڪڍيو هو، جنهن ۾ جهونن لکندڙن جا وسري وڃڻ ڪان بچائڻ لائق مضمون، جي مٿين تذڪرن ۾ نه اچي سگهيا آهن، سي هٿا:

| مضمون | ڪتاب جو نالو | ليکڪ |
|---|---|---|
| "دنيا جي هڻڻ يا نه هڻڻ مان ڏک" | "گل" | ڪيولرام سلامتراءِ |
| "مهارائي وڪٽوريا صاحبه جو اشتهار" | - | نامعلوم |
| سلطانه رضيه بيگم" | "تحفة النسوان" | مرزا قليچ بيگ |
| "جانورن ۾ خدا جي ڪاهپ ظاهر آهي" | "فرائض انسان" | مرزا قليچ بيگ |
| "پرائي پڇر" | "سداچار" | ليلارام پريمچند |

| مضمون | کتاب جو نالو | ليکڪ |
|---|---|---|
| "مولانا جلال الدين رومي" | "سداچار" | ليلارام پريمچند |
| "سنڌي ساهت جي اڃوڪي حالت" | "سرها گل" | عمرالدين دائودپوٽو |
| "سچل سرمست" | "سرها گل" | جيٺمل پرسرام |
| "پريم" | "پريم جو مهاتم" | پيرومل مهرچند |
| "چرخو چوري ڪت ڪا تار" | - | پرمانند ميوارام |
| "ڳوٺن وارو پٽنچائتي سرشتو" | "ڪلن مُٽ" | لالچند امرڏنومل |
| "آسمان جو نظارو" | "جان رسڪن جي ڪتاب تان" | لالچند امرڏنومل |
| "سنڌ ۽ مصر جي پيٽ" | "انتخاب تاريخ طاهري" | محمد صديق ميمڻ |
| "تالپرن ميرن جي هلت چلت ۽ پوشاڪ" | "ميرن جي پوين ڏينهن جو احوال" | آوتراءِ صاحبراءِ |
| "ميرن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي حالت" | - | ڏيارام وسٹمل |
| "1887ع جي جبليءَ واري هڪ مزيدار ڳالهه" | - | ڏيارام وسٹمل |
| "هيٺا هر ڪنهن وهيٽا" | "ڳوٺائي چهر" | نارائڻداس ملڪاڻي |
| "پڪي" | "مرڪي صاحب جي ڪتاب تان" | جمناداس سڌائي |
| "واندڪائيءَ جو وقت" | - | جمناداس سڌائي |

'ڈاڪٽر دائودپوٽي' جي "سنڌي ساهت جي اڃوڪي حالت" مان هيٺيون حوالو، سنڌي ٻوليءَ، تهذيب ۽ ادب جي ڪريل حالت جو، مائيدار پر بي تعصب زبان ۾ چتر چٽي ٿو:

"اسان جي قسمت جي ڪوتاهي آهي، جو اهڙن الماسن کان منهن موڙي، فراق ۽ ڦوڙائي جي ڳالهين ۾ قاسي ويا آهيون، ۽ وصل ۽ ميڙائي جي واڻي وسري وئي آٿون. ڪنهن زماني ۾ اسان جو ديس آريا ۽ اسلامي تهذيبن جو مرڪز هو، جتي مسلم ۽ هندو، پياري هند وطن جا تارا، ريجهه رهاڻ ۾ رهندا هٿا، ۽ جڳهه کي وحدانيت ۽ ايڪتا جو سبق سيکارينداهٿا. هينئر ته اهڙو ڪو هير ڪنبڻ جو واءُ لڳو آهي، جو ماڻهو ٿي منجي ويا آهن ... آهي مٽيادار مرڪڻ جن جي محبت رس پري هوندي هٿي، جن جي وات مان پلپل

سياڻپ جا سندر سخن نڪرندا هئا، جي چپي چپي تي پهاڪا ۽ چوٽيون ۽ سگهڙن جا قول مثال طور آڻيندا هئا. جن جي ٻاجهاريءَ ٻوليءَ ۾ نڪي عربيءَ ۽ فارسيءَ جا اڙانگا لفظ هوندا هئا، ۽ نڪي سنسڪرت جا ڳاڙهي ٽوڙ ڪلما، ۽ جن جي زبان ۾ عجيب قسم جي رواني ۽ شائستگي هوندي هئي، تن جا پويان اڄ اڪثر رڳو شيڪسپيئر ۽ شيلي جا شيدائي ٿي، پنهنجو ورثو وساري، پراون دهلن تي احمقن وانگر نچي رهيا آهن. نڪي مغربي شايستگيءَ مان هڙ حاصل ٿي اٿن، ۽ نڪي پنهنجن وڏن جي فيض مان ڪو حصو پڙ پيو اٿن؛ ۽ ڪانءَ وانگر مور جي رفتار تي موهت ٿي، پنهنجو چلڻ به ڪاري ڇڏيو اٿن. اها سڀ اسان جي بيپرواهيءَ جي شامت آهي. هينئر به جيڪڏهن ڪوشش ٿئي، ۽ هر هڪ نندو وڏو پڪو پهه ڪري، پنهنجي ابائي ميراث لاءِ واجهه وجهي، ته هوند تاريخ ۽ علم ادب جو چگو سرمايو موجود ٿي پوي."

هن مجموعي جي اها خصوصيت جا تاليف ڪيل ڪتابن ۾ پهريون دفعو نمودار ٿي، سا اِها ته ڏيارام صاحب مضمونن جي مڙ ۾ هر هڪ لکندڙ جي شخصيت ۽ سندس تصنيفن جي بابت مختصر چٽڪا ڏئي سائس واقفيت ڪرائي هئي. تنهن کان سواءِ "سنڌي نثر تي نظر" جي سري سان هڪ تاريخي مهاڳ به لکيو هئائين، جنهن ۾ پهريون ٿي دفعو سنڌي نثر جي اوسر جو مختصر احوال ڏنل هو.

'پيرومل مهرچند' پڻ هڪ سنڌي نثر جو انتخاب "گلزار نثر" (1) نالي سان 1929ع ۾ ڇپايو هو، جنهن جو مهاڳ پروفيسر لعلسنگهه اجوائيءَ لکيو هو، ۽ پيرومل صاحب خود "مضمون نويسي" جي اصولن بابت ڪارگر ليک لکيو هو. هن ڪُتڪي ۾ وڌيڪ مضمون هيٺيان هئا:

| مضمون | ڪتاب جو نالو | ليکڪ |
|---|---|---|
| "تندرستي"، "پرهيزگاري" | "تهذيب اخلاق" | مرزا قليچ بيگ |
| ۽ "خوشي ۽ غم" | "سنڌ ڪالج مسلي" | مرزا قليچ بيگ |
| "راڳ" | "گل" | ڪيولرام سلامتراءِ |

(1) پيرومل صاحب "گلزار نظم" نالي مجموعو 1909ع ۾ ڪڍيو هو، جو سنڌي شعر جو پهريون انتخاب هو.

| مضمون | کتاب جو نالو | ليکڪ |
|---|---|---|
| "سامي جا سلوڪ ڪنهن ناهيا؟" | "سامي جا سلوڪ" جو مهاڳ | ڪوڙومل چندنمل |
| "ٻاهريون ڏيک" | "ينگ بلبر" مخزن | ليلا رام پريمچند |
| "خانبهادر ميان حسن علي آفندي) | "مضمون نويسيءَ" | محمد صديق ميمڻ |
| "قلندر شهباز جو ميلو" | "سنڌ ڪاليج مسلي" | محمد صديق ميمڻ |
| "ميائي جي جنگ" | – | پرمانند ميوارام |
| "سنڌ جي ادبي تاريخ" | (سنڌ ڪاليج مسلي") | ڊاڪٽر دائودپوٽو |
| "مچي جو سير"، "حيدرآباد جو قلعو" ۽ "مارئيءَ جو ملڪ" | "سنڌ جو سيلاني" | پيرومل مهرچند |
| "شاهه عبداللطيف" ۽ "شاهه جو رسالو" | "لطيفي سير" | پيرومل مهرچند |
| "همت پريون زالون" | – | پيرومل مهرچند |
| "آزاديءَ ۽ غلاميءَ جو فرق" | – | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي |
| "منصور" | "شاهه جو رسالو" | ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي |
| "چمن هند" | "قلن مٺ" | لالچند امرڏنومل |
| "خيام جون خوبيون" | "رباعيات عمر خيام" | ڏيارام گدومل |

"قلندر لعل شهباز جو ميلو" مان 'محمد صديق ميمڻ' صاحب جي رنگين بياني طرز جو هيءُ حوالو آهي:

"اڙل جا دؤر ڪو ڏسي ميلي جي ڏينهن ۾ سجو ڪپ ماڻهن سان چانيو پيو هوندو آهي. ڪٽي ڏس ته شاهه پٽائيءَ جو راڳ پيو هلي، ڪٽي چنگ پيو چلي، ڪٽي سچل جون سڪ پريون ڪافيون پيون ڳائجن، ڪٽي نڙ پيا وڄن، ڪٽي دودو چنيسر پيو چٽجي، ته ڪٽي هير رانجهو پيو ڳائجي ... وري ڏسو ڏندِ ڏانهن ته سجي ننڍين ٻيڑين سان پري پٽي هوندي آهي. ڪن تي مهاڻا چڙهيو مچيون پيا مارين ۽ ڪن تي پاڳيا پرينءَ ۾ جو ڪير، ڏڏ ۽ مڪئ ڪنيو پيا اچن. ڪي ٻيڑيون ڏسو، ته اڙل جو ڪپ ڏيو ٻيئيون آهن، جن ۾ ڪيترا رؤنشي پاڻي ٻه ٻه ٽي پٽسا ڏيو سير پيا ڪن. مطلب ته هڪ عجيب قسم جو چهچٽو لڳندو آهي.

"پاڇولا لڙيا ته ملاکڙي جو دهل وڄو. ملاکڙو ته سيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ گهمرو اوس ڏئو هوندو، پر هن ملاکڙي جهڙو سجيءَ سنڌ ۾ ڪونه ٿو

لڳي ... وچيءَ جي نماز پوري ٿي تہ مينديءَ جي شرنائي ٿي شروع. ميلي تي ميندي سپ کنهن ڏينهن شام جو ضرور کڄندي آهي. هڪڙي وڏي ٽالهہ ۾ گڏيل ميندي وجهندا آهن، جنهن جي مٿان اطلس ۽ زريءَ جا پوش چاڙهيندا آهن. مٿانتس چوٽري پيٽي ويرندي آهي ۽ چوڌاري طائفن جو راڳ پيو هلندو آهي. مينديءَ کٽڻ مهل سرگس جهڙو نمونو ٿيندو آهي، جنهن ۾ هزارين ماڻهو، هندو خواهہ مسلمان، غريب توڙي تونگر هوندا آهن ... آخر سج لٿي مهل ميندي وجي درياهہ ۾ رکندا آهن. ٽيٽي ڏينهن ساڳيو رنگ لڳندو آهي. قلندر شهباز پنهنجي حياتيءَ ۾ شادي کانہ کٽي، مگر هن طرح هو هارهين هارهين مهيني گهوٽ ٿيندو آهي."

'حڪيم فتح محمد سيوهاڻي' صاحب جي "آزاديءَ ۽ غلاميءَ جو فرق" مضمون مان هن بزرگ عالم ۽ اديب جي اعليٰ خيالن ۽ نيار سنڌي عبارت جو سهڻو مثال ملي ٿو، جنهن ۾ مسلمانڪيءَ ۽ هندڪيءَ جو سَنڈو ٿي ڪونهي:

"بهاري موسم ۾ جڏهن چمن ۾ چهچٽو لڳندو آهي، تڏهن اتي جيٽن بلبل پير پائيندي آهي، تيٽن گلستان ڦري بلبلستان ٿي پوندو آهي. سنڊس سونهن سوڀيا اهڙي تہ وٽندڙ ۽ موهيندڙ هوندي آهي، جو انسان مٽس عاشق ٿيو پوي، ۽ کيس ڪاهيءَ ۾ ڪاسايو، ڪوڙڪين ۾ اٽڪايو، اڇيو بند ڪري ... آزاد بلبل ۽ بنديائي بلبل ۾ وڏو فرق هوندو آهي. آزاد بلبل جو سينو پر، چاتي ڪشادي، پيٽ پريل ۽ بدن ٽلهو هوندو آهي. بنديائي بلبل، حلوو ۽ مصري ڪائيندي بہ ڳريل ۽ منجهيل هوندي آهي. آزاد بلبل ڪهڙن جي پٺ ۾ رات ڏينهن گهاريندي گذاريندي بہ اڪثر امن ۾ هوندي آهي. بنديائي بلبل پجري جي محفوظ ڪوٽن ۾ رهندي، ۽ ڏارينڊ جي پهري هوندي بہ، اڪثر ڪتن ٻلن جو قوت، يا سرديءَ گرميءَ جو شڪار، يا روڳ ۽ مرض جو لقمو ٿيندي آهي. آزاد بلبل تي ڪتن ۽ ٻلن کي ڪاهہ ڪرڻ جي همت ٿي ڪانہ ٿيندي آهي، جو انهن کي بہ يقين هوندو آهي تہ آزاد بلبل قدرتي آزاديءَ جي زور تي پاڻ کي بچائڻ جي طاقت رکي ٿي. پر ويچاري بنديائي بلبل کي ڳڙڪائڻ لاءِ ڪتن ۽ ٻلن جو وات اڪثر پائي پيو ٿيندو آهي ۽ هو سدائين انهيءَ وجهہ ۾ هوندا آهن. اهوئي حال آزاد ۽ غلام قومن جو آهي. ساڳيو فرق، ساڳيو تفاوت، ٻنهي ۾ آهي."

'نانڪرام ڏرمداس' جو بہ سنڌيءَ جو پختو ڄاڻو هوندو هو، تنهن "بهارستان" ۾ "قول قليل" (1932ع) نالي ۾ انتخابن ۾ سهڻا جهونا مضمون درج ڪيا هئا، جن سان گڏ آسانند مامتورا جو "پٽ جي زيارت" ۽ خود پنهنجا ڪيترا سير سفر وغيره تي لکيل مضمون پڻ ونڊا هئائين. هن وقت جي تاليف ڪيل رسالن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته، يا ته ساڳيا جهونا شاهڪار مضمون وري وري ڇپا پوندا هئا، مثلا بولچند ڏيارام جو "تاج محل"، 'صاحبسنگهه شاهاڻيءَ' جو "وهيو"، 'پرمانند ميوارام' جا "جهنگ جو شڪل شڪار" ۽ "سارنگ سانوڻ لايا" (قليلي)، ۽ 'ديارام گدومل' جا سامين جي سلوڪن ۽ عمر خيام جي رباعين وارا مهاڳ، يا جي نوان مضمون چونڊيا ويندا هئا ته انهن مان ڪجهه عدد خود مؤلف جي مضمونن جو هوندو هو، پر جهونن ڪتابن ۽ مخزنن مان کوجنا ڪري ڪي ڇپا عمدا ليک ڪونہ وجهندا هئا. 1932ع ڌاري 'فتحچند' ۽ 'ميلارام واسوانيءَ' گڏجي "جوهر نثر" نالي انتخاب ڪيو هو، جنهن ۾ ديوان ڪوڙيمل ۽ مرزا قليچ بيگ کان سواءِ زنده ليکڪن جا مضمون بہ چونڊيل هئا.

ان بعد 'ليکراج ڪشنچند' (عزيز) ۽ 'فتحچند واسوانيءَ' گڏجي "گلستان" انتخاب ڪيو، جنهن ۾ بہ مرزا قليچ بيگ جي "پڙهڻ يا اياس ڪرڻ" ("مقالات الحڪمت" مان ورتل) کان سواءِ، ڇپا سڀ نوان مضمون چونڊي وڌل هئا، جهڙوڪ:

| مضمون | ڪتاب جو نالو | ليکڪ |
|---|---|---|
| "ڀهراڙي جي شام" ۽ "جهوپڙي" | - | اميد علي دوست علي |
| "انگريزي قوم جون ڪي خوبيون" | "سنڌو" مخزن | نمائو |
| "ڳوناڻي حياتي" | "ڳوناڻي ڇهر" | نارائڻداس ملڪاڻي |
| "ابرهام لنڪن" | "سنڌو" | شيوارام پاڳچند |
| "شان ۽ محنت" | "سنڌو" | لکيچند ڪاڪا |
| "تندرستي" | "گهرو علاج" | ڊاڪٽر هرنامداس |
| "عدالت جو وزير" ۽ "فرشتو" | "سندر ساهتيه" | ميلارام واسوانيءَ |

خود مؤلفن جا لکيل هيٺيان چار چار سٽا مضمون هن انتخاب ۾ پيا هٿا:

"اميد"، "رنگ ۽ ينگ"، "غم يا خوشي" ۽ "پڇتاءَ جا لڙ" - 'ليکراج عزيز'، ۽ "موتي ۽ سندس شڪارگاهه" ("پريم پرچارڪ" مان)، "عجيب چوري"، "محبت جي اک" ۽ "ڏيئو" - فتح چند منگترام.

1940ع ۾ 'ڊاڪٽر دائودپوٽي' "سنڌي نثر ۽ نظم جو انتخاب" نالي هڪ مجموعو ڪڍيو هو، جنهن ۾ جهونن مشهور مضمونن ڏاران، پيا عمدا ليک هٿا:

| | |
|---|---|
| "ويچار"، "حيا" ۽ "همت" | مرزا قليچ بيگ |
| "حڪومت جي ڪماليت" ۽ "ميرن جي صاحبي" | حڪيم فتح محمد |
| "سنڌ ۽ مصر جي پيٽ" | محمد صديق ميمڻ |
| "ڏک سک جي سونهن" | ليکراج 'عزيز' |
| "دل جي طلب" | ميران محمد شاهه |
| "والميڪيءَ جي وارتا" ۽ "نالندا يونيورسٽي" | ڊاڪٽر گربخشاڻي |

هن انتخاب ۾ خود ڊاڪٽر دائودپوٽي جا ٻه مشهور ادبي مضمون پيل هٿا: هڪڙو "برٽن صاحب جي سنڌي ساهت تي نظر" جو ترجمو، جنهن ۾ ان انگريزي عالم سنڌي ٻوليءَ جي واکاڻ ڪئي هئي جا پڙهندي فخر پيو پيدا ٿئي. ٻئي مضمون "سنڌ جي ادبي تاريخ" ۾ توڙي سنڌي ادبي تاريخ ڪانه ڏنل هئي. جيئن سري مان سمجهجهي ٿو، پر منجهس نايابَ قديم سنڌي ادب جي کوج ڪرڻ لاءِ للڪار ڪيل هئي. ڊاڪٽر دائودپوٽي هڪ ٻيو سنڌي مضمون جو انتخاب "سرها گل" (1934ع) نالي پڻ تاليف ڪيو هو جنهن ۾ سندس مضمون "سنڌي ساهت جي اڇوڪي حالت" پيو هو. هن ليک ۾ ٻه جيتوڻيڪ اڇوڪي سنڌي ساهت جو ذڪر ٻه سوتو پوتو ڪيو هٿائين، پر منجهس جيڪو بيان آڳاٽي زماني ۾ هندو - مسلم برادريءَ بابت ڪيل هو، سو تحسين جوڳو ۽ دل ايارينڊ هو. هن ٽنهي مضمونن مان حوالا اڃي ٿي ڏنا ويا آهن.

1944ع ۾ 'پروفيسر لالسنگهه اجوائيءَ'، هڪڙيءَ ٿي جهوني مخزن "ڊ - ج - سنڌ ڪاليج مسلني" جي جهونن فائلن مان، 1901ع کان 1942ع تائين 27 مضمون چونڊي "ويچار" نالي مجموعي ۾ ڇپايا. پڙهندڙ ڏسندا ته مٿي ذڪر ڪيل نثر جي انتخابن جا نالا گهٽو ڪري ڳڻن ڳڻ تان ڏنل هوندا

هٿا (جيئن نظر جي انتخابن جا نالا ماٽڪ موتين تان ڏنل هوندا هٿا. پر اجوائي صاحب هن انتخاب کي اهو نئون نالو ڏئي پنهنجي اصليت ڏيکاري، چو جو مضمون نويسيءَ جو بنياد ئي "ويچار" تي ٻڌل آهي. هن ڳڻڪي جا سهٽا ليک، جي ٻين مجموعن ۾ نه آيا هٿا، سي هٿا:

| مضمون | ليکڪ |
|---|---|
| "سنڌي عبارت" | پرمانند ميوارام |
| "چندول" | پرنسپال صاحب سنگهه شاهاڻي |
| "حب وطن" ۽ "درياهه جو درشن" | تولارام هالاڻي |
| "اک" ۽ "سارنگ" | پيرومل مهرچند |
| "گنجي جبل جو سير" | ميران محمد شاهه |
| "پنيور" | لالچند امرڏنومل |
| "شاهه ۽ سندس شعر" | تاج محمد پٺاڻ |
| "نفاق" | عبدالڪريم ميمڻ |
| "دوست ڏانهن خط" | پروفيسر رام پنجواڻي |
| "وقت" | پروفيسر هرومل سدارنگاڻي |
| "گيتا جي سکيا" | پروفيسر لوڪومل ڪيسواڻي |
| "غلامن جي بيڪ" | پروفيسر ڏيپچند ڪينٽرا |

۽ خود پروفيسر اجوائيءَ جا چار مکيه مضمون: "جيوت جو ٽنيو"، "جيوت جو مزو"، "هڪ عجيب لطف"، ۽ خاص ڪري نثر جي اصولن بابت ادبي ليک "نثر ۾ ڇا گهرجي؟" جنهن مان اڳي ئي مثال ڏنل آهي. (1)

1944ع کان 1945ع تائين 'پروفيسر نارائڻداس پميائيءَ' جا چونڊيل نثر ۽ نظم جا ٻه پاڳا "ادبي گلشن" نالي سان نڪتا، جن جي خصوصيت ديوان 'ڏيارام وسڻمل' جي انتخابن وانگر اها هئي جو هر هڪ ليکڪ جي ساهڪ جيوت ۽ رچنائن جو مختصر احوال پڻ ڏنل هو. جهونن لکندڙن ۽ مضمونن کان

(1) پروفيسر اجوائيءَ ساڻي "سنڌ ڪاليج مسلني" مان چونڊيل شعرن جو مجموعو "نئون دؤر" نالي سان 1947ع ۾ ڇاپيو هو.

سواءِ. انهن ٽن پاڳن ۾ نوان مضمون هيٺيان هٿ:

| مضمون | کتاب جو نالو | ليکڪ |
|---|---|---|
| "شڪلو"، "نيلگري" ۽ "ڳونن وارو پنچاتي سرشتو" | - | لعلچند امرڏنومل |
| "نيڪدل بادشاهه ۽ سچي سخاوت" | "گلشن بهار" | غلام محمد شاهواڻي |
| "ماڪ ڏڙو" ۽ "منيءَ جي ڪهاڻي" | "دانائيءَ جا سبق" | قاضي عبدالرزاق |
| "قوميت" ۽ "آرام ۽ عيش" | "ڪمال ۽ زوال" | حڪيم فتح محمد |
| قوميت کي ناس ڪري ٿو" | | |
| "نياپو" ۽ "تهنجو پلو ڪري پگهاڻ" | "ورق" | گوبند پاٽيا |
| "مان جيڪر ڪارو هجان"، "ادبي آئينو" | | ليکراج 'عزيز' |
| "مقاطعن جو نيلام" ۽ " ناول" | | |
| "تقدير" | "حياتيءَ جو پهرين ۽ ٻيو ڏور" | محمد صديق ميمڻ |
| "حڪايت" | "گلزار چنبيلي" | محمد بخش عثمان |
| "پرائي ماس ۾ ڪاتي" ۽ "نالا" | - | پروفيسر ڀيلاڻي |

ليکراج 'عزيز' جو "ناول" هڪ ادبي مضمون هو، جو ڀيلاڻي صاحب جي اصلوڪي ناول "مالهڻ" جي مهاڳ طور لکيل هو. ناول نويسيءَ جي مڪمل وصفن، حياتيءَ جي ترجمانيءَ ۽ اخلاق جو بيان ڪندي، عزيز صاحب پنهنجي ماٿيدار عبارت ۾ هي اهم اصول پيش ڪيا هٿ:

"شاندار ۽ عمدي قصي جو مدار آهي مصنف جي تنقيد تي ۽ اهڙو ڪتاب هن جي نقطه نگاهه کان حياتيءَ تي هڪ راءِ زني آهي، هو ڪڏهن اداڪارن جي واتان نڪتل چيني ڪرائي ٿو ته ڪڏهن پاڻ ڪري ٿو. هرڪو اعليٰ درجي وارو قصو زندگيءَ مان ئي ايري ٿو، زندگيءَ تي ئي دارومدار اٿس ۽ اهي شيون جي حياتيءَ سان واسطو رکندڙ آهن، تن کان لاپرواهه ٿي نٿو سگهي. سچ پچ ته افسانو انسان جي علمن جو هڪ دفتر آهي ... ناول ۾ اهو ضروري آهي ته ڪنهن نه ڪنهن مقصد کي پيش نظر رکجي ۽ اخلاق جو دامن هٿان نه ڇڏجي. مقصد ته ناول ۾ مصنف کي نه فقط بامعنيٰ، پرمراد ۽ دلچسپ آکاڻي ۾ قلم بند ڪرڻ گهرجي، پر ساڻئي وقت کيس اخلاقي اصلاح جو به خيال رکڻو آهي ۽ انسان کي حياتيءَ جي نشيب و فراز کان به آگاهه ڪرڻو آهي ته جيئن پڙهندڙن لاءِ دستور العمل جو ڪم ڏئي."

## داخلي يا شخصي مضمونن جا مجموعا

هاڻي انهن تصنيف ڪيل مجموعن جو بيان ڪبو جن ۾ مڙيئي مضمون هڪڙي ٽي لکندڙ جا هجن، جن مان ٽي مصنف جي خيالن ۽ احساسن دوران سندس شخصيت پروڙڻ جو اصول پورو ٽي سگهي ٿو، ۽ جن کي داخلي يا شخصي مضمون (Subjective Essays) ڪوئبو آهي. انهن مان پهريون مجموعو هو 'پرمانند ميوارام' جو "گل قل" جنهن جو پهريون ياڳو 1925ع ۾ ۽ ٻيون ياڳو 1936ع ۾ نڪتو. اهي ڪتاب پرمانند صاحب "جوت" اخبار جي جهونڊ فائلن مان پنهنجا بهترين مضمون ۽ ٻيڙ ڪن لکندڙن جا به ٿورا مضمون چونڊي ڇپايا هئا. هن صاحب جي اعليٰ مضمون نويسيءَ جو مثال "جوت" اخبار جي فقري هيڊ اڳيئي ڏنل آهن. ۽تي فقط "گل قل" جي پهرئين ياڳي جي ديباچي مان هڪ ٽڪر ڏجي ٿو، جنهن مان پرمانند صاحب جي مضمونن جي وسيع دائري جي پروڙ پوندي:

"ڪن دوستن جي صلاح ٽي، خاص ڪري پروفيسر ايڇ - ايم - گريخشائي ايم-اي جي، تہ "جوت" ۾ ٽيهارو ورهين کان جي طرح طرح جا مضمون ڇپيا آهن، جا اخلاقي، جا تعليمي، جا تاريخي، جا سائنس جا، جا جيتن، پکين ۽ جانورن جا بيان، جا جهونن ڏنلن شهرن جا احوال، جا سورمن ۽ نيڪ مردن ۽ زالن جا چرتر، جا جهنگ جا شڪل شڪار، جا ڏند ڪٿائون ۽ عمديون ۽ نصيحت ڀريون ڪهاڻيون ۽ نقل سي، چونڊي هڪ ڪتاب ڇپائجي." "گل قل" ياڳو ٻيون، جو گرداسمل هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر لڌارام موهنداس جي چوڻ ٽي ڇپايو ويو هو، تنهن ۾ ٻه وڳيانڪ مضمون، نقشن سميت، وڌا ويا هئا، جي 'ڪي - جي - ڪر' جا لکيل "تند بنا تار" ۽ "هوائي جهاز" هئا. (1)

1927ع ۾ 'لعلچند امرڏنيمل' جو "قلن مٽ" نڪتو، جنهن کي پرمانند جي "گل قل" کان پوءِ آڻ ٻيون نمبر عاليشان ليکن جو مجموعو سمجهندو آهيان. پر هي مضمون اڳي ٽي ڪنهن مخزن ۾ ڇپيل نہ هئا، بلڪ لعلچند صاحب پنهنجي ڊائريءَ مان چونڊ ڪري پهريون دفعو ڇپايا هئا، جنهن ڪري

(1) "گل قل" (ياڳو پهريون) تي ڪيل تنقيد، تنقيد واري فصل ۾ ڏنل آهي.

هن ڪتاب کي پهريون شخصي مضمونن جو مجموعو ڪوئي سگهجي ٿو. لکندڙ منجهس گوناگون موضوعن تي پنهنجا شخصي ويچار ۽ جذبا ظاهر ڪيا هٿا. گويا پنهنجي اندروني شخصيت تي هر پهلوءَ کان روشني وڌي هٿائين. ڪو اڻ ڄاڻو بہ لعلچند جو هيءُ ڪتاب پڙهندو تہ سندس خودمختيار خيالن ۽ مائيدار محاورن سان جهنجهيل عبارت مان، سندس هستي ۽ ذهنيت چنڊ طرح هن جي آڏو اُپيون ٿي اچي بيهنديون. مهاڳ بہ پاڻ لکيو هٿائين:

"اهي خود ڪشيدا ويچار، توڙي ٻڌلن ۽ پڙهيلن مضمونن جا سنڌيءَ بہ اختصار، مون سمجهيو تہ پنهنجي ڀاڙيءَ مان ڪڍي، ڪتاب جي صورت بہ چپائيا تہ سنڌي ساهت کي ڇگي هٿي ايندي. پڙهندڙ ڏسندو تہ هن "ڪلن مٽ" بہ قدرت جي نظارن جا بيان، اخلاقي مسئلن جي اوک ٻوک، تاريخي واقعن تي نڪته چيني، ورزش ۽ صحت تي ويچار ۽ سائنس جي ڪوجنائن تي چٽڪا، سڀ رنگ ٿي نٽين بہ اچن ٿا. منهنجي وات ٿي پنهنجي آهي. لتاڙيل سڙڪ تان آءُ هلان ٿي ڪونہ ٿو."

هن حوالي مان نہ فقط مضمونن جي گوناگونيءَ جي سڌ پوي ٿي، پر لعلچند صاحب جي خود خياليءَ ۽ دريدتا جو بہ سماءُ ٿو پوي، جنهن ڪري پاڻ تي "ڏکر" جو لقب لڳائڻ بہ بہ فخر سمجهندو هو. هن مجموعي جا گوناگون مضمون هٿا: "آسمان جو نظارو"، "پساري ۽ ڳولائا، نقاش ۽ شاعر"، "پريم"، "چمن هند"، "اڪبر اعظم"، "شواجي"، "هند جاوا! اُت ۽ اتي هار"، "نيلگري"، "ڪرشنا ڪماري"، "شاعر ڪير؟"، "جيوت، چتا پيٽين جو سلسلو"، "شاهه ۽ سچل"، "اچرج جهڙيون رسمون ۽ رواج"، "خط (سنسار جو شاندار آئيندو)"، "ٻاهر وارن سان هندستان جي ڏيتي ليتي"، "ڳوئن وارو پنچاتي سرشتو" ۽ "آڳاڻي هندستان جا وديايپيٺ يا دارالعلوم".

ڪي سال پوءِ، لعلچند "سدا گلاب" نالي سان ٽئگور جي Gardener وارن جوانيءَ جي نفيس امنگن پريل گيتن جو ترجمو، پنهنجي اصطلاحي نثر بہ ڪري چپايو هو، جن جي اوٽ تي پنهنجا بہ ڪي جذباتي ٽڪرا لکي اڻ ڪتاب بہ ملائي ڇڏيا هٿائين.

1933-34ع ڌاري، هڪ سنڌي ودوان، جو منڊ بہ سنڌ کان ٻاهر اقتصادي عالم هوندو هو ۽ آخر سياسي اڳواڻ ٿيو، سو اچانڪ سنڌي ساهت

جي آڪاس ۾ نئون ستارو ٿي ايريو. 1929ع وارين ٻوڏن ۾ ڏکر جي سمي، سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪانگريس ۽ مهاتما گانڌيءَ پاران دان (خيرات) پريا ڏوڙا ڪندي، 'پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ' "ڳوٺاڻي چهر" جا ٻه ياڳا لکي ڪڍيا، جن ۾ ڳوٺاڻن جي زندگيءَ ۽ سندن دکن سکن جو نقشو وفاداريءَ ۽ همدرديءَ سان هڪ پاسي چٽيائين، ته ٻئي پاسي ڳوٺاڻن جي چهري ٻوليءَ ۽ سندن محاورن ۽ ڪهاوتن کي ادبي مرتبو ڏئي چڏيائين. تنهن کان سواءِ، هن صاحب سنڌي مضمون نويسيءَ ۾ ان نئين دلپسند قلم کي زور وڌايو جو پرمانند ميوارام لڳايو هو، يعني مذاقي نوع ۾ مضمون لکيائين جن جي سنڌي ادب ۾ گهٽي ڪوٽ هئي. فرانسيسي عالم اناتول فرانس جو قول آهي ته، "مذاق هڪ خدائي ذات آهي جا سنسار جي لڙکن مٿان اِندلٽ جيان ڪمان ڪري ٻيهي ٿي." يعني مذاق ۽ خوش خلقيءَ سان ٿي دنيا جي دکن کي برداشت ڪري سگهجي ٿو. ملڪاڻي صاحب جي ڪهڙيءَ به ڳنڍيل موضوع تي لکڻي ۾ ٽپ ٽپ تي ٽهڪ نه، ته مُرڪ آهي ٿي آهي، جنهن مان سندس خوش مزاج شخصيت پڻي ٻکي. سندس ننڍين ننڍين جملن واري لکڻيءَ جو نوع اهڙو آهي جو پڙهندڙن سان دوبدو ٿي خانگي رهاڻيون ويٺو ڪري. خصوصاً "ڳوٺاڻي چهر" جي ٻٽين ياڳي جو آخري ليک "چريا لنڊ" پڙهندي، شرط آهي ته ڪوبه ور ور ڏئي ڪلهڪان پاڻ کي روڪي سگهي! مثال طور هيٺيون ٽڪر پڙهي ڏسو:

"موٽرون وٺي هلياسون خير ڪرڻ ... رستو ڪڏون ڪوٻا، درّا ۽ ڏٻون. اڳيان ڏنڊ، پٺيان ڏنڊ، مُنهن ۾ ڏوڙ، مٿي ۾ چاڪ. وات مڇڪاءِ ته واريءَ جي لذت پٽي اچي. موٽر ڏوڪيندي وڃي ۽ اچي جو جهوبو ته ٽينگ پيا چڏيون. ڪاردار چوي: فلاڻا جهلي ويهه، خبردار ٽڇ. هي منهنجا ڏند ڏسين ٿو؟ اڳيان ٻه آهن ٿي ڪين. هڪڙي پيري ڏوڪيندا پي وياسون. برائيور اکين سجو، سو درّي مٿان ڊوڙندو ويو، ۽ وٺي جو اچال ٿو ڏئيم ته مُنهن ٺڪ وڃي موٽر جي ڏڪ سان ... ڏسان ته ٻه ڏند پيا ڏڻن. آهين تون به سوڪيم سَرير. خير جي ڪم تي ڏند ڪين ڪڍائيندا سين. هڪڙي پيري هڪڙو واڌيو هيٺن موٽر ۾ پي ويو. ويٺو ڪين هو، ليٽيو پيو هو. وٺي جو اُڇل ڪائي ته ٺڪ نه ٿهي، ڏسي ته ڦٽو پيو آهي! بس، پوءِ ته آءٌ به پولڙي وانگر موٽر کي چهٽي

ويئس. ٻانهن کان ۾. موٽر ۾ هو کامورو، سو خلاصا ويٺا هٿاسون. هونئن نه ته پاڙي واريءَ ۾ پنج پٽيان، چار اڳيان، ۽ ٻي ٻاهران، مڙئي ڏهه ٻارهن هڪ ٻئي ۾ ٺهڪي ٺهڪي وهندا آهن. ڪن جا پير پٽ ۾، ڪن جا ٻاهر پيا لڙکن، ڪي هنڌ مٽان، ڪي هنجن منجهه، ڪي لٽڪي ٻيهن؛ ڪي چنبڙي ويهن ..."

ساڳئي مضمون ۾ هڪ قدرتي بيان ڏنل هو جو مذاقي نه، پر شاعراڻو هو ۽ منجهس سندر چتر چٽيل هٿا:

"تعلقہ ماتلي البت مٽاهون آهي. برٻٽ بيابان منجهس گهٽو. هتي رستا ڇا جا! پوئا لڳا پيا آهن. موٽر ڪٽي ڇڏ ته لاهور ميل پئي وڃي. بنا آواز، بنا ڏوڙي، ٽرڪندي پئي وڃي. پر هي ڇا! ڏس ته ساڃي پاسي پاڻي، ڪاڻي پاسي پاڻي، سامهون ۽ پاڻي. ۽ ۽ پيا ڏسجن. وٽن جا اونڌا پاڇا ۽ پيا ڏسجن، پر ماڻهو، نڪو مرون. وڃ اڏامندو، وڃ اڏامندو، پر پاڻي وڃي هٿندو. منجهند جو ٻارهن لڳا آهن. واري تَتي آهي، پٽن مان غبار پيا نڪرن. پاڻي اٽاهه لڳو پيو آهي. وٽن جي وس پئي پَسجي. پر هي وري ڇا! ٿورو ڦيرو ڪاڏوسون ته ۽ گم، پاڻي گم. واريءَ جا پٽ ۽ موٽر جي گهوگهو. خواب هو، سڀ غائب ٿي ويو! هي سڄ جو نظارو رڄ، سنڌ ۾ عربستان، قدرت جي حيرت آهي! تتل پٽ تنهن کي ۽ پنهنجو سيتل اسرار آهي."

هن ٻن مجموعن جا مکيہ مضمون، جن مان ڪي پهرئين "جوت" ۾ ڇپيا هٿا، سي هٿا" "ٻوڏون"، "غريبن جي جهڱي"، "تقاوي"، "مال جي چوري"، "پن چري"، "رسائي"، "ٻهراڙيءَ ۾ مهمان نوازي"، "بٽئيءَ جو رواج"، "تر ۾ ڏکار"، "هروچڪيون ڏاڙهيون"، "جان جو قدر ڪونهي"، "تر جو سير"، "تر جا ميگهواڙ"، "تر ۾ پوک"، "شعربازي"، "هيٺا هرڪنهن وهيٺا"، "آدا، اسان جتان آن ڪونہ ڪڍيا"، "گانڊيءَ جو قسم اٿئي" ۽ "ٻلا سائين اسان جي ۽ ٻڌو". مٿين ليکن جي نرالن سُرن مان ٿي معلوم ٿيندو ته منجهن سنڌ جي ديهاتي جيوت جي هر پهلوءَ کان چگي خاصي جهلڪ ملي ٿي. هن ڪتاب جي منڊ ۾ پروفيسر صاحب سنڌي ڳوٺاڻن جي ٻوليءَ ۽ سنڌن حالت بابت جيڪي لکيو هو تنهن مان عبرت وٺڻ ڪهي:

"آءُ خاطريءَ سان چوندس تہ هن 'ڳوٺائي چهر' ۾ هڪ به لفظ يا اصطلاح مون ڪنهن انگريزي خواندهہ کان ڪونہ جهڻيو آهي ... باقي ڳوٺن ۾ ويچارن وٽ رهي آهي سندي هولي، اُها به ڪسي ونون تہ پوءِ جهڙا پاڻ تهڙا سندن ديور. عجب تہ جيئن گهٽ پڙهيل تيئن هولي سوادي، جاهل جَٽ تہ هولي چهري. اُچار ٻيو، آواز ٻيو، نمونو ٻيو ... اسان شهر واسين کي نہ سندي هوليءَ جي سونهن، نہ ڳوٺن جي حالت جي خبر آهي ... اسين انهن 'جٽن' کي سڃاڻون نٿا، ڪاريو ٿا سمجهون، نيچ ٿا سمجهون، ڪانئن نفرت ٿا ڪاڻون. انهن جي حالت تي غور نٿا ڪريون، سائن همدردي نٿا ڪريون، چي 'اهي جٽ سڏڻ جا نہ آهن' ... 'ڳوٺائي چهر' پڙهڻ سان ڏسبو تہ اهي 'جٽ' به اسان جهڙا ماڻهو آهن، اسان وانگر ئي سُور ٿو ٿئي ۽ جوش ٿو اچي... وقت جو چڪر ڦري آيو آهي. سالها پائمال رهيا آهن، پر هاڻي اٿڻ جا سعيا ٿا ڪن. جي ڪين هٽ ڏئي تاريندا سون تہ ٻئي ڪَري پوندا سون، نہ تہ اسان کي ٻوڙي به ترندا."

پروفيسر ملڪاڻيءَ جو ٻيو مجموعو "اناردانہ" 1940ع ۾ نڪتو هو، جنهن ۾ پنهنجن اڳين ڪتابن مان چونڊ مضمون ڪٺا ڪري وري ڇپايا هٿائين ۽ اڌ ڪن ليک "ڳوٺائي چهر" مان ورتل هٿا، "ڪشمير جو سير" جو 1926ع ڌاري نڪتو هو، جڏهن پروفيسر صاحب اڃا اهڙو مشهور ليکڪ نہ ٿيو هو، تنهن مان به ڪي بياني مضمون ڪنيل هٿا، جن مان بهترين شاعراڻا ليک هٿا "افروت پريت" ۽ "مغلن جا باغ". "گجرات" ڪتاب جو 1929ع ۾ نڪتو هو، تنهن مان چونڊيل دلچسپ مضمون هٿا "گجراتي گربو" ۽ "گجراتي ناريون" ۽ "راجپوتانا" ۽ "راجپوت اڳي ۽ هاڻي" پڻ عمدا ليک هٿا. سندس ٽئين اڳئين ڪتاب "جيلي جيوت" (1933ع) مان ڪنيل فيلسوفاڻا مضمون هٿا. "جيل ڪين آشرم" ۽ "جيل هڪ آدرشي ڳوٺ". "اناردانہ" جا عاليشان ليک، جن ۾ پروفيسر صاحب وڏي آزاد خيالي ۽ حسن پرستي ڏيکاري هٿي، سي هٿا "ماڻڻ جا حق ۽ پاڙيسرين جون جوابداريون"، "سهڻو ڪير، مرد ڪي زال؟" ۽ "ڪي رهاڻيون". پهرئين مضمون مان ملڪاڻي صاحب جي سماجي طنز ۽ صاف گوئي پڌري آهي:

"آءُ پانيان ٿو تہ هڪ پاسي اسين هندستاني دنيا ۾ ڏاڍا رحمدل ۽ دياوان آهيون، ڪنهن به جيوَ کي جاڻي واڻي اهنج ڪين رسائيندا سين ۽ ٿي سگهي تہ

ايذاءَ جو علاج ڪندا سين. پر ٻئي پاسي اسين هندستاني نهايت بي خيال ۽ بي سمجهه آهيون. اسان ۾ قرب آهي، پر مرجاتا ڪانهي. رحم آهي، پر سمجهه ڪانهي. تنهنڪري اسان مهاتما پيدا ڪيا آهن، پر 'جنٽلمين' ڪين پيدا ڪيا آهن. ڳوڙهن ۽ ڳرن سوالن جا جواب ڏنا اٿئون، پر اٿ ويهڻ، ادب آداب اڪ اڳيان به نه آندو اٿئون.

"يورپ ۾ جيڪڏهن هڪ ڳالهه مون تي سڀ کان وڌيڪ اثر پيدا ڪيو ته اهو، هرڪو ماڻهو پاڻ کي تنهنجو مائٽ نٿو سمجهي، پر فقط پاڙيسري، ۽ پاڙيسري جو حق نٿو چڪي، پر جوابداريون نٿو وساري. تنهنجي گهر ۾ ٻک آهي، يا بيماري، يا موت، اُهو تون جاڻ. مڙس آهين، مڙس ٿي دنيا جي آفتن کي منهن ڏي. پر آءٌ تنهنجو پاڙيسري ٿي ڪوبه اهڙو ڪم نه ڪندس، ڪابه اهڙي ڳالهه نه ڪندس، جو توکي ايذاءَ ڇا پر اهنج، اهنج ڇا پر خفو ٿئي. تو وٽ ايندس ته چتائي ايندس، در اندر گهڙندس ته ڪڙڪائي گهڙندس، در کولي ايندس ته آهستي کوليندس ۽ وري ضرور پائيندس، ڪرسيءَ تي وهندس ته ڪرسي ڪين گهليندس، ٻيڙي چڪيندس ته توکان پڇي چڪيندس، ڪم لاهي تو وٽ ٽنگون ٽيڙي ويهي ڪين رهندس. جي پاڙيسري آهيون ته در ٻاهر ڪن ڪچرو، ڪسيءَ ۾ پيشاب، ڪُهيءَ ۾ ڪاکوس ڪين ڪندس ... تون مون وٽ ايندين ته آءٌ اڌ اڳهاڙو اڳڻ ۾ يا در ٻاهر ڏندڻ وات ۾ وجهي، لوٽو هٿ ۾ ڪٽي، رستي تي ٽڪون ٽيون ڪندو، 'جهنگل' هلندس ... مائٽن سان گڏ رهڻ يا هرڪنهن کي سؤٽ سمجهڻ جا ڏينهن لڏي ويا. هاڻي اسين فقط پاڙيسري آهيون ۽ مائٽن کي به پاڙيسري پيا سمجهون. چگو ٽيندو ته مائٽن جا حق چڏي، پاڙيسرين جون جوابداريون محسوس ڪريون."

"ڪي رهاڻيون" واري مضمون ۾ پروفيسر صاحب جي اُدارلي، انقلابي پر اعليٰ خيالن واري ڏسڻ ۾ اچي ٿي:

"هاڻي ڪن لائي ٻڌ ته آءٌ چا لاءِ ٿو سِکان: هڪ زال - دوست لاءِ. ڪنواري يا پرٽيل - مون لاءِ ذري گهٽ ساڳي ڳالهه آهي، جنهن دوست سان منهنجو سنهنڌ سياوَ، خيال ۽ آدرش تي ٻڌل هجي - ڏيل ۽ ڏيڪ جي نشي تي نه ٻڌل هجي، جنهن سان لحاظ، قياس ۽ قرب ونڊي سگهجي، پر جنهن ڏي حواسن ۽ هَوسن جي چڪتاڻ نه رڳو نامناسب پر گناهه سمجهان، اهڙي

دوستي منهنجي ياونا جو وڪاس ڪري سگهي ٿي، دنيا جي ڪمن ڪارين ۽ ڪشالن ڪوششن ۾ مون کي اُتيجت ڪري سگهي ٿي."

"اناردانہ" جو مهاڳ لکندي 'پروفيسر اجوائيءَ' هن ريت پوڳ پاتو هو:

"پروفيسر ملڪائيءَ جون اکيون سدائين سونهن کي ڳولين پيون ۽ چپ سدائين مرڪ سان پُر آهن. پر اها مرڪ بنهہ لڙڪ جي ويجهو آهي. ڪلي ڪلي روئي ٻه ڏجي، جي ٿورو خوض ڪجي ۽ باهرين مذاق جي پردي هيٺان ليئو پائجي. هونءَ ٻه جيوت ۾ توڙي ساهتيہ ۾ مرڪ ۽ لڙڪ اصل پاڻ ۾ ڳنديل آهن." پر هڪ افسوس جي ڳالهہ آهي جو هن سنگرهہ جو نالو فارسي صورت ۾ ڏنل آهي، "اناردانہ" بدران جيڪڏهن "اناردانا" ڪري ڪوئيس ها تہ ڪهڙو نہ سهڻو سنڌي نالو ٿي پوي ها!

مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب کان سواءِ، پروفيسر ملڪائيءَ ٻيا ٻه مضمونن جا ڪتاب لکيا هٿا. 1927ع ڌاري عام واقفيت جو ڪتاب "سنڌ جا هنر" لکيائين، جنهن ۾ ڳوٺائن سان سوال جواب ذريعي، سنڌ جي قديم ۽ مشهور هنرن ۽ دستڪارين جا احوال ۽ بيان ڏنل هٿا. مثلاً نٽي جون لونگيون، بوبڪن جا غاليچا، نصرپور جا ڪيس ۽ هالن جون سُوسيون وغيرہ. "مهاتما سان ڳالهيون" (1935ع) ۾ انهن ڳالهين جو بيان ڏنل هو جي هن صاحب، مهاتما گانڌيءَ سان ڪيون هيون. جڏهن هريجن دؤري تي سائس ڪجهہ وقت گذاريو هٿائين. هن ڪتاب مان سڀا مضمون هٿا: "گوري گوپي"، "سامیہ واد تي خيال" ۽ "ذات پات ۽ اڇوتپڻو" جن مان پڇاڙيءَ وارا ٻه مضمون انهن اهم مسئلن تي مهاتما جي خيالن کان واقف ڪن ٿا. 1944ع ۾ ملڪائي صاحب مهاتما جي هڪڙي ڪتاب جو ترجمو "يوگ ڪيہ جوگ" نالي سان ڪيو هو، جنهن ۾ ٻہ ان موضوع تي گانڌيجيءَ جا ويچار ظاهر ڪيل هٿا.

'ديوان واڌومل گنگارام' اهو بزرگ مصنف هو، جنهن ساري همار گوشي نشينيءَ ۾ پڙهي ۽ لکي پڻيان نُور پي نچويو، ۽ آخر زندگيءَ جي پونيارڙيءَ ۾ هڪ لکل لعل وانگر پنهنجو جوهر ڏيکاريو. ديوان صاحب جا ڪي پنڪتي ليک پهرئين "ديش متر" اخبار ۾ پوءِ لڳا هٿا، جن جي ويچارن جي سنجيدائيءَ، آزمودي جي اونهائيءَ ۽ لکڻيءَ جي بي ڊپائيءَ، سنڌي سماج جي خير خواهن جا ڏند چپن سان لڳائي ڇڏيا هٿا. خصوصاً هن صاحب جي سپڪ ۽ مجمل عبارت، ننڍين ننڍين توريل تڪيل جملن واري، جنهن ۾ گويا

ڪوزي ۾ درياهه سمايل هوندو هو، تنهن ڪري اهو ٿيٽ سنڌي محاوري جو هڳاءُ ايندو هو جو استاد لعلچند جي چيدي لکڻيءَ ۾ ملندو هو. مشهور انگريزي ادبي نڪتہ چين Sir Quiller Couch جو گفتو آهي تہ، "عبارت ۾ ٿي لکندڙ جي شخصيت سمايل ٿيندي آهي." سو ديوان واڌومل جي نہ فقط خيالن ۾، پر سندس عبارت ۾ بہ سندس جبري ۽ محڪم شخصيت ظاهر ٿي ٿئي. ديوان صاحب جون پنگتي نڪتہ چينيءَ ۽ سڌاري واريون بہ چوڪڙيون؛ "پٽنچاتي انقلاب ۽ ڏيتيءَ ليتي جو ڏوت" ۽ "اڄ ڪلهہ جي تعليم" ڪوڙومل ساهتيہ منڊل وارن اڳي ٿي ڇپايون هيون؛ جن سان هڪ وڏيڪ پاڳو "اڄ ڪلهہ جو ڏرم" ملائي، 1939ع ۾ "پنگتي انقلاب" نالي سان ديوان صاحب جي مضمونن جو مجموعو ڇپايائون، جو سڀائين سنڌي ساهت جو هڪ ڳهڻو شمارو ڪيو ويندو. هن ڪتاب جي ٿهي پاڳن ۾ مڪيہ مضمون هٿا؛ "سنڌ ۾ ساڌو سنتن جي ڪرلٽ"، "ٻاون جون اکيون ماڻهن جي مرڻ ۾"، "اڄوڪي تعليم جا نتيجا"، "پارت جو ڏرم"، "سنڌ جي اڳين حالت" ۽ "هاڻوڪي پنگتي ڏُردشا جا ڪارڻ". "اڄ ڪلهہ جَي تعليم" واري پاڳي ۾ هيئيون ٽڪر هن زماني جي پنگتي اوڻاين جي بي ڊيو اوڳهڙ ڪرڻ جو اثرائتو مثال آهي، ۽ پڻ ديوان واڌومل جي مجمل اصطلاحي عبارت جو نمونو آهي؛

"چوڪر چيڀلا، چوڪريون هيڪاري چانگ ٿيون مارين. لڄ حياءُ ويا، متان سمت بہ ڪافور ڪن؛ ٻئي ڪوڙن حرصن پٽيان شاديءَ ۽ گهر ڪرڻ کان ٿهندڙ، هر ڪنهن جي ٻڌي اها اڇي ٿي آهي تہ اُڇاترو رهجي. شادي بہ هڪ قسم جي وندر جاڻي، ڪٽين ايٽن وسهڻ بلڪ ڪرڻ پيا آهن ... جوانن جي صحبت گفتگوَ رڳو رونشو، ناٽڪ، نچاڻ ڪهڙي پچاڙي ٿئي. زالن جو مڪيہ مٽيو مڙس، سو ڪيتريون ڏينيُو ٿيون پاڻن. ناري، نر کي ڏاڍُ ڏسندي تہ هو بہ ڪيس ڏاڍ ڏسندو. اها مغرب جي ملوڪت وچي پارت ۾ جاءِ پائيندي. نہ وواهہ، نہ گهر، تہ ڪهڙا هار جمندا، نپندا يا لڇ سڪندا؟ حيوان مان انسان ٽياسون، وريو ٽا پاڻ حيوان ڪيون. ديش ۾ طلاق جو طريقو جاڻ آيو، پوءِ ملڪ ٿي ڪلبون ۽ ڪلالخانا ... هار وڏڙا نندڙا، چوڪر چوڪريون گڏ پڙهن سا ڳالهہ بہ نهي؛ پر جوان آوستا جا نر ناريون گڏ سڪيا ونن، راند روند ڪن، يا ناٽڪ سٽني ۾ ڪيل ڪن ڪلن، تنهن بہ ملڪ منجهايو آهي. جو ٻئي ساڳئي قسم جي سڪيا ونن؟ ٻنهي جو سَرير ٻيو، ٻنهي لاءِ سياويڪ ڪار

پي پي، پر به پڑهڻ ساڳيو سو ڪتي ٿهندو؟ جواني مستيءَ جي وقت ۾ ٻئي گڏ پڑهن، ڪيڏن، کلن، سو ڏاڍو اڳرو پيو لڳي ... شاديءَ کان به جواب، پرٽيل، ته مڙس زال ٻئي هڪ ٻئي لاءِ متاچرا. ٻارن کان به ٻئي چرکن، پوءِ ڪهڙو گهر ٻڌبو، ڪهڙو لڇ ليکو رهندو؟ ... جوانيءَ جو جذبو چون پريم، جنهن نر ناري ٻئي پي تاه (؟) بنائي ڇڏيا آهن ... هن مان گهٽو دک نارين کي رسيو آهي. جنهن لاءِ کابه عام ڳالهه ڪوڙي هجي يعني ساري جيوت تي داغ ڪيو اچي - نر لاءِ ايڏي کانهي. هڪ لاءِ عمر جي کارنهن، ٻئي جو کلنڪ اهڙو کارو نٽو ڏسجي. ڪيترو سارو ... وهنوار ولائتي ريت ڪيو آهي...

"ٻار ڇو بار سمجهجهي جي مڙس زال ٻئي پنهنجو پاسو پچائين لاهين؟ پر جم تي روڪ اهڙي تي وچڙندي وجي، جو ٻار جي ڪنهن کي تانگهه ٿي کانهي. ڪنواري پرٿئي، سڀ وقت سڀ لاءِ سولو رستو. انهيءَ جم تي روڪ جي سبق وڏو دنيا ۾ ڦيرو ڪيو آهي. نر ناري ٻئي وجن چتا ٿيندا. هيڪاري بيروزگاري، تنهن ۾ هرڪو انهي سکيا کي رستگاري پيو سمجهي. پلي شادي نه ڪري، ڪم سان ڪم، چا جا ٻار، چا جا گهرگهاٽ. پر اهو نٽا سارين ته اُن مان ڪيڏي لفنگائي، لنگوتارائي ٿيندي، پاپ وڌندو، بيماريون نڪرنديون، هٽ وٽي تا سَرير سان هاجو ڪن... ٻار بار پانڇجي ته پاڻ قبضو ڪجي ڪين، بي شرميون ريتيون اختيار ڪجن... پاڻ قبضي نه ڪري سگهجي ته من Safe period جي سار رکجي... انگن ڏيڻ جي مرجادا مالڪ مردن کي به بخشي آهي. اجوڪي سکيا سڃو لباس اگهاڙو ڪري ڇڏيو. جي اهي مرجادا جا خيال پڙهيلن نه پاليا ته اڄ پڙهيل ڪيئن پالينداً؟... وديا اول اهڙي هجي جنهن مان ماڻهو چتا نه ٿين. زالن لاءِ ناچ، ناٽڪ، کلبون، محفلون چڱيون. پر وقت سر ڪن، نه رڳو انهن جو اوسيڙو... جوان نر ناريءَ جو گڏ پاڙهڻ سيکارڻ، سکيا ڏيڻ لاءِ هرگز پورو رستو نه آهي. پوءِ پڙهڻ ڇڏو، من ٻڌکندو، پاڻ اٽڪائڻ جا خيال ان ۾ اٽڪ ڪندا. نوان گلفام گلفامڙيون ڪيئن نه گل سونگهيندا؟ سڀ خيالات نفس پُوجن جي... اڄ چون گهٽو پيا ته ٻار چا ڪبو، جنجال آهي. پنهنجي جيوت هٽ وٽي وهه ڪرٽي آهي. پر ياد رکجي ته اولاد لاءِ ايشور سياويڪ سڪ سڀ ۾ رکي آهي جا ڪڍهن مڻ مرڻ جي نه آهي... هٺرادو وسيلا ٻار هوسائڻ جا نه رڳو پاپ آهن، پر اهي سياويڪ سڪ جا گهاتڪ آهن. ٻار ٽي آهن جي ماڻهوءَ کي حيوان

مان انسان ٿا بنائين، انهن جي خدمت، رکيا، تات پالنا، سڀ لڇ همدردي قرباني ٿا سيکارين."

ديوان واڏومل کيترا ڏرمي کتاب پڻ لکيا ۽ ڇپايا هٿا، جن مان مکيہ هٿا: "هريءَ جو هار" (1936ع)، "جيوَ جي جنم ساکي" (آتمک سکيائون) ۽ "ويدانت مان ورق" ( 3 پاڳا - ويدانتي مسئلن جي سمجهاڻي)، جن مڙني مان ديوان صاحب جي مشرقي خواهه مغربي اٿاهه اياس جي پروڙ پوي ٿي.

1940ع ۾ 'تيرٿ وسنت' جو "چٽگون" نڪتو هو، جنهن جي مضمونن جي لکڻيءَ ۾، کتاب جي نالي مطابق، خوب آزاد خيالي ۽ زنده دلي رکيل هئي، جنهن کري انهن چٽنگن سماج ۾ چگو چوکو پنيٺ هاري ڇڏيو هو. وسنت صاحب هڪ تجربيڪار ۽ ڏهين مصنف آهي، جنهنجو زندگيءَ جو فلسفو روايت پرستيءَ کي ٽوکر هٽندڙ آهي. ان کري هر موضوع تي سندس ويچار خودداريءَ سان پريل، اختياريءَ ۽ بي پرواهيءَ سان ظاهر کيل هٿا - پوءِ کڻي انهن کي کو صحيح سمجهي يا غلط. "شاهه جو سنيهو" سندس بهترين علمي ليک هو، جنهن ۾ شاهه صاحب جي روحاني رازن کان وڌيڪ سندس "حسن پرستي، فطرت آميزي ۽ بشر دوستي" کي اهميت ڏنل هئي - جو تن ڏينهن ۾ هڪ نئون نظريو هو. شاهه صاحب جي شاعريءَ جو عملي اندازو اجهو هيٺن لڳايو هٿائين:

"منهنجي ناقص عقل ۾ سچو صوفيپڻو وحدت، ڪثرت، جزي ۽ ڪل تي وعظ ڪرڻ ۾ نه آهي، پر آدميت ۽ بشر دوستيءَ ۾ آهي. هو آهي خيال ۽ هي آهي ان خيال جو زميني زندگيءَ ۾ عمل. ٽئگور پڻ گيتانجليءَ ۾ ان جي اپٽار ڪئي آهي... اهو آهي سچو صوفيپڻو جنهن کي آدميت يا بشريت ٿو چوان. اها آدميت شاهه شعر ۾ هرجا نمايان آهي.

'ڪوڙي کايائون تنهنجون لکن لک هزار،
جيءَ سڀ کنهن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار،
پريم تنهنجا پار کهڙا چئي کهڙا چنان.'

سندس همدردي سروَ ديسي (بين القوامي) آهي ۽ جڏهن پنهنجي وطن کي آسيس ڪري ٿو تڏهن ٻين کي وساري نٿو.

'سائينم سدائين کرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد کرين.'

نہ فقط ايترو، پر کابہ جاندار شيءِ ناهي، کوبہ فطرت جو نظارو ناهي، جو کيس ڪشش نٿو ڪري. حسن پرستي تہ سندس نس نس ۾ پئي بکي...

'ڪٿي نيڻ خمار مان جان ناز ڪيائون نظر،
تارا ڪَتيون تائب ٿيا ديکيندي دلبر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪُوماڙو قمر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.'

دوستو، اها حسن پرستي ۽ بشر پرستي ۽ فطرت آميزي آهي جنهن هر رنگ جي ادبيت کي جبري تقويت ڏني آهي، ۽ سندس تهذيب کي اهو رنگ، اهو جذبو، اها حرارت ۽ جنبش عطا ڪئي آهي، جا فقط فلسفي جي نفيس نقطن ۽ اخلاقي هدايتن ۾ ٽي نٿي سگهي."

'جواهر لعل' واري مضمون ۾ ان هندستان جي محبوب اڳواڻ جي خوبين سان گڏوگڏ، سندس "هشمليٽي" منورتيءَ جو چيد پڙ وسنت صاحب ڪيو هو، جنهن ڪري پنڊت نهرو ضمير جي فڪرات ۾ مبتلا هڻڻ ڪري عمل ۾ ڪَسو ٿيو پوي. "چوڙ پلا مان چا ڪريان" سندس بهترين سماجي ۽ اقتصادي انقلاب وارو مضمون هو، جنهن ۾ چالو سرشتي کي ڌاهي نئين سماج برپ اکرڻ جي للڪار ڪيل هئي. وسنت صاحب جو بهترين سيرت نگاريءَ وارو ليک هو "نانو"، جنهن ۾ پيرسن ناني جو زبردست ڪردار اکين اڳيان ڪڙو ٿيو بيهي. "ادو عمر" ۾ به زوردار ڪردار نگاري ڪيل هئي، جنهن ۾ جواني، حسن پرستي ۽ گناهہ بابت انقلابي خيال پيش ڪيل هٿا. هن مضمون مان به هڪ فقرو پيش ڪجي ٿو:

"سخت پورهيو، ڪام جي چڪ، پيٽ جي بک، بني بشر جو ورثو آهن... پورهئي سان پيٽ پرجي ۽ پيٽ پرڻ سان ڪام ترشنا اتپن ٿئي. افسوس جو زر ۽ زن جي ڳوٽ ۾ ڪمي آهي، جنهن ڪري ان جي حاصليت لاءِ آڏا ابتا رستا اختيار ڪرڻا پون ٿا. ادو پڙ زن ۽ زر پٽيان چار دفعا ناناڻي گهر جا روٽلا کائي آيو آهي. جيل ۾ وڃڻ عيب نہ آهي. ڳوناڻا ان کي مڙسيءَ جي نشاني سمجهن ٿا. چو ڪين سمجهن؟ جڏهن قانوني حدن اندر هلت، پيٽ جي ۽ اندر جي بک نہ لاهي، تہ قدرت اوس جڙتو قانون پڇي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي. جيڪڏهن ادو انهيءَ ڪري جيل ويو تہ ان کي ڏوهي چئي نہ سگهبو... قانون يا ڪنهن به نظام جي عزت تيسين ڪرڻ جائز آهي جيسين ان قانون جي حدن

اندر هر فرد لاءِ ڪافي موقعو هجي ته پنهنجون گهرجون پوريون ڪري سگهي... جا سماج انياءَ ۽ انرٿ تي ٻڌل آهي، جنهن سماج ۾ نٿين اسرندڙ حياتيءَ کي ڦٽ ڦولڻ جو موقعو نه آهي، ۽ جنهن ۾ قانون قاعدا، ڏرم رسم، فقط ڪن ٿورن پيٽ پريلن ۽ حريفن جي حفاظت لاءِ آهن، تنهن کي ڌاهڻ ثواب آهي."

"چٽگون" جي مهاڳ ۾ 'حيدر بخش جتوئي صاحب' لکندڙ کي "مشرق ۽ مغرب جي ادبيات ۽ اثرات کان ڪافي ماهر" هجڻ لاءِ جيڪو داد ڏنو هو سو بيشڪ روا آهي. مغرب ۽ مشرق جي خيالات ۾ ماهر هڻڻ کان سواءِ، وسنت صاحب کي مشرق جي ٻن قديمي ٻولين، فارسيءَ ۽ هندي تي به چگو دسترس آهي. پر انهيءَ خاصيت مان ٿي سندس عبارت ۾ هڪ خامي پيدا ٿي ٿئي، جو فارسيءَ ۽ هنديءَ جي ڳوڙن لفظن ۽ محاورن جي ملاوٽ بعضي سندس لکڻيءَ کي دقيق بنايو ڇڏي، - جا حالت سندس همعصر فيلسوفائي مصنف آسانند مامتورا جي عبارت سان ٻڌ لاڳو آهي. تنهن کان سواءِ، اڪثر ساڳئي جملي کي اڌ فارسي ۽ اڌ هندي طرز ۾ لکيو ڇُو ڇُو جو مُربو ڪيو ڇڏي. خيالن جي اونهاڻ ڪري به سندس جملا لنبا ۽ پيچيدا بنجيو پون، جنهن ڪري مضمون جو سلسلو سمجهڻ ٿي مشڪل ٿيو پوي. مثال طور، "سنگيت سار" ۾ لکي ٿو: "چٿو اوم تت ست. اهي تارون پاروتيءَ جون نسون آهن، جن مان ڪلاونت راڳ درپن جي اپديش انوسار رس ۽ پاوَ ڪڍي ٿو ۽ پنهنجي آتش نشان فڪر ۽ اُمنگ کي لرزان آهنگ ۽ آواز عطا ڪري ٿو."

تيرٿ وسنت 1940ع ۾ "جواهر جيوني" ترجمو ڪيو، جنهن لاءِ ڪيس سرڪاري تعليم کاتي وٽان 1941ع ۾ انعام ملیو هو. هيءَ ڪتاب نه فقط جواهر لال نهروءَ جي آٽم ڪٿا هٿي، پر هندستان جي آزاديءَ جي تاريخ تي هڪ مڪمل مقالو هو. ترجمان جي عبارت به موزون ۽ پختي هٿي. ليڪن جواهر لعل جهڙي شخصيت جي ويچارن جي آزاد ترجماني ڪندي، وسنت صاحب هڪ پاسي اصلوڪي ڪتاب جي ڪيترن ٽڪرن جا اختصار پنهنجي لکڻيءَ ۾ ڏنا، ۽ ٻئي پاسي پنڊت جيءَ جي ڪن خيالن کي وڌائي پنهنجي ويچار موجب واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هٿي - جا ترتيب منهنجي نظر ۾ هڪ ترجمان جي جوابدارين کان ٻاهر هٿي. ان جي پيٽ ۾، 'پروفيسر نارائڻداس ملکائيءَ' جو ساڳئي ڪتاب جو اڪر به اکر ترجمو "جواهر آٽم

ڪتا" (2 پاڳا - 1946ع) نهايت وفادار ترجمو هو، جنهن ۾ اصلوڪن خيالن سان ڪابه هٿ چراند ڪانه ڪيل هئي، ۽ لکيل به ٺيٺ سهڻيءَ سنڌي ۾ هو. پر شايد گهٽو ڊگهو ٿي وڃڻ ڪري اهو ڪتاب اهڙو لوڪ - پسند نه ٿيو جهڙو "جواهر جيوني".

هيو مضمونن جو مجموعو جنهن لاءِ ساڳئي سال سرڪاري ادبي بورڊ جو انعام ڏنو ويو هو، سو 'ليکراج "عزيز"' جو "ادبي آئينو" (1941ع) هو، جنهن صاحب نثر ۾ طبع آزمائي ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو ته هڪ ڪامياب ناظم، ڪامياب ناثر به بنجي سگهي ٿو ۽ شاعراڻي پرواز ۽ رنگين زباني سان نثر کي به سينگاري سگهجي ٿو. هن ڪتاب ۾ عزيز صاحب پنهنجي دستوري فارسي آميز ڳوريءَ عبارت کي گهڻ دقيق بنايو هو، ۽ هر موضوع جي اُپٽار، پنهنجن احساسن ۽ جذبن ذريعي اهڙي اثراتي ڪئي هئي، جو هيءَ ڪتاب تحقيق لکندڙ جي حيثيت جو آئينو بنجي پيو. منجهس هر قسم جا بياني، مذاقي، ادبي ۽ فيلسوفاڻا مضمون هٿا، جي سڀ موزون اصطلاحي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل هٿا. عالماڻا ادبي مضمون هٿا: "شعر و شاعري"، "لطيفي لات"، "علم ادب ۽ زبان" ۽ "سامي جا سلوڪ". شاعراڻا بياني مضمون هٿا: "سهاڻي رات"، "سج جو اُلهڻ"، "بهار" ۽ "سج جو ايرڻ". فيلسوفاڻا مضمون هٿا: "ڏوريان ڏوريان نه لهان"، "جئن سو هڻ هماءُ" ۽ "سسئيءَ سُڃي سڪ". پر منهنجي خيال ۾ عزيز صاحب جا وڌيڪ دلچسپ مضمون مذاقي هٿا، جن ۾ نازڪ کل چرچو پريل هو: "مقاطعن جو نيلام"، "مان جيڪر ڪارو هجان" ۽ "منهنجي نٽين ٽوپي". هن ڳٽڪي به سنڌي مضمون نويسيءَ کي چگي اوج ڏني. "مان جيڪر ڪارو هجان" مان هيٺيون حوالو شاعر صاحب جو نثر تي ضابطو ۽ سندس مذاقي نوع ثابت ڪري ٿو:

"'ڪارو، ڪارو'، اهو لفظ عام طرح ماڻهن جي دلين ۾ ڏکار ۽ بچان پيدا ڪري ٿو. ڀڏندڙ اکيون پورينديا پاڻ ته ڪا ڏونگر جي ڏاڻ يا رڻ جي ٻانب هينئون ٿي ڏاري. آئيني ۾ اکيون کولي نه ڏسندا ته سندن منهن تي مانارو آهي يا چڏن جيڏا چڳهه. وري سڀ کان ڪلائيندڙ ڳالهه اِها آهي جو هرڪو اچي چمڙيءَ وارو پاڻ کي سهڻن جو سردار پيو سمجهندو ۽ پاڻيندو ته آءٌ ڪا املهه چيز ۽ ڏسين جو ڏيٺو آهيان. جنهن کي نه خال نه خط، نه روپ نه رنگ، نه قد نه قامت، بلڪ اڻ گهڙئي ڪاٺ وانگيان بت جي اڏاوت ٿي ڦري

پٽي هوندیس، رڳو اڇاڻ جي آڌار تي ڪريل ڪير جيان - ڦيڏڙو پيو لڳندو، ۽ سندس جاري جيڏي ڪاڏي جنهن تي هوند ڏهه ڏيٽا وانڪا رکي ٻاري سگهجن، سو به ڪاري تي ايٽن ڪاهي ايندو جيٽن ڏڳو پڳٽوءَ تي. اها خبر ٽي ڪانه پوندیس ته اڇا ڪارن جا محتاج آهن. تارن جي جوت جو مدار رات جي ڪاراڻ تي آهي. حسن جي دربار ڪارن کان سواءِ اهڙي ٻسي ۽ ڦڪي پٽي لڳندي، جهڙو گنجي جو منهن وارن بنا لڳي يا ڏاڇيءَ جي ڏاڙهه...

"مٽين حقيقتن کان سواءِ، هيءَ پوئين حقيقت ڪنهن کان به ڳجهي ڪانه هوندي ته هندن جي سورهن ڪلا سمپورڻ اوتار سري ڪرشن پڳوان کي "شيام سندر" سڏيندا آهن، ۽ حضرت محمد صلعم کي "گندم گون" (ڪڻڪ رنگو) ڪري ڪوٺيندا آهن. ٻنهي جهانن جا آڌار، اپائٿهار جا لاڏلا، اڇيءَ چمڙيءَ وارا چونه ٽيا؟ چو جو ڪارو رنگ ٻين رنگن جي عدم موجودگيءَ ۾ به قائم آهي؛ هو سيني رنگن کان نيارو آهي، ۽ ڪنهن رنگ جو محتاج ڪونهي... ڪارو رام جو پياروء، ڪنهن نه ٻڌو هوندو؟ مگر اڄ ڪالهه گرو گنجو، للو پنجو، ٽيون ٽنڊڻ، جيڪو گهران رُسي سو ڇُن جا چٽ چٽي پاڻ کي پيو اڇو بنائي. خدا داد حسن جي کهڙي نه توهين! سونهن اها جا رڳي ٽي سونهي. هڪ ته اڇاڻ ۾ سلامتي ڪانهي، جو هر ڪنهن جون لوڀ پريون اکيون منجهس ايٽن ڪتل رهن ٽيون جيٽن باز جون تتر تي، ٻيو ته وڪاد ۽ گندِ گوڙ جي جڙ آهي. انهيءَ کان علاوه ڏسندا ته ننڍي ٻار کي به ماٹ ڪنهن تي ڪارو داغ يا ليڪو ڏئي ٻاهر ڪيندا ته بدنظر کان بچاءِ ٽيس. هائي ثابت ٽي چڪو ته ڪاراڻ ۾ نه فقط امن امان آهي پر ان سان گڏ آبروءَ ۽ عزت جو به ڳاٹ اوچو رهي ٿو. سياهي سيني جو ڏڪ آهي... تڏهن ڪير نه چاهيندو ته مان ڪارو هجان؟..."

'گوبند پاٽيا' جو "ورق" ٽيون ڪتاب هو، جنهن کي ساڳئي سال (1941ع) سرڪاري بورڊ پاران انعام مليو هو ۽ 1940ع ۾ نڪتو هو. هن مجموعي جو جهڙو ٽي نالو نازڪ هو، تهڙا ٽي جوانيءَ جا نفيس اُمنگ ۽ ڪلپنائون خواهه گنبير ياوَنائون ان جي مضمونن ۾ پريل هيون، جن مان مکيه هٿ: "تنهنجو پلو ڪري پڳوان"، "نياپو" ۽ "شاعر جي ضرورت"، ۽ سڀ سليس، مٺيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل هٿا. 'موتيرام آهوجا' جي ڳٽڪي "ائين نه"، ۾ پڻ ساڳئي جذباتي نثر جي نموني وارا ننڍا ننڍا مضمون لکيل هٿا، پر "ورق"

وارن مضمونن ۾ وڌيڪ صداقت سمايل هئي.

1940ع ۾ "رتن ساهتيہ منڊل" وارن ٽئگور جو ٻال اوستا وارن گيتن جو ڪتاب Crescent Moon، 'ارجن ايسرائيءَ' جو سليس نثر ۾ ترجمو ڪيل "ٻال چندرما" نالي سان ڇپايو هو. ساڳئي سال 1940ع ۾ رتن منڊل 'منگھارام ملڪائيءَ' جو "پريت جا گيت" ڇپايو هو، جو به مها ڪوي ٽئگور جي Gardener نالي انگريزي جذباتي نثر تان سنڌي نظمائي نثر ۾ ترجمو ڪيل هو، ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ بي- اي- ڪلاس لاءِ درسي ڪتاب ڪري منظور ڪيو هو. اڳي ڄاڻايل آهي تہ ساڳئي ڪتاب جو ترجمو ڪي سال اڳ استاد لعلچند "سدا گلاب" نالي سان پنهنجي اصطلاحي نثر ۾ ڪيو هو، جو نهايت مقبول ٿيو هو. پر هن بندي پنهنجو ترجمو هڪ نئين نغمي دار نموني ۾ ڪيو هو، جنهن بابت استاد پيرومل "پريت جا گيت" جي مهاڳ ۾ لکيو هو:

"ٻولي جيڪا ڪم آندي اٿس سا ۽ روي بابوءَ جي شاعراڻي نموني آهي، جنهن کي پلي تہ کو نظم يا نثر، يا ٻنهي جو جوڙ ميل کوڻي." پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ، Gardener جي گيت نمبر 2 مان، مٿين ٻنهي ترجمن مان ساڳيو فقرو مثال طور ڏجي ٿو. لعلچند صاحب ان جو سِرو رکيو هو "آءٌ ٻار سان ٻار، ٻڍي سان ٻڍو"، ۽ ان جي شروعات هن ريت ڪئي هئائين:

"ابا شاعر، سچ ٿو لهي. مٿي جا وار تنهنجا اڇا ٿيندا وڃن. تون تہ پنهنجي منهن ڏُن لڳايو ويٺو آهين. پوءِ پرلوڪ جو ڪو پرياڻ ڪن پوي ٿو ڪين نہ؟

آءٌ اکيون پايو ويٺو آهيان تہ متان کي رولاڪ دليون نہ اچي پاڻ ۾ ملن، ۽ نينهن پريا نيڻ ڪٿي مون کي نيزاري ڪن، تہ اسان جي دل جو راز، سرود ۽ ساز ۾ بيان ڪر.

هاڻ، آءٌ جيوت جي هن پر ويهي، اجل ۽ آخرت جا ويٺو واساما ڳايان، تہ پوءِ هن دلين ۾ جي آڌما پيا اُٽن، انهن جو ذوق شوق وارو ذڪر راڳ مالها ۾ جيڪر ڪين پونئي؟"

"پريت جا گيت" مان ساڳئي گيت کي "شاعراڻو سنيهو" عنوان ڏنل هو ۽ ساڳئي ٽڪر جو ترجمو هيٺن ڪيل هو:

"اي شاعر، شام اچي اوڏي پئي اٽيئي،
وار ويا اڇا ٿي اٽيئي؛

پنهنجي ايڪانت جي سوچ ويچار ۾
ڪي آخرت جو سنيهو ٻ سڀين پيو؟
شاعر چيو: شام اچي ٿي آهي،
۽ آءٌ ڪن ڏيو پيو ٻڌان
ته ڳوٺ مان متان
ڪو ڪوئيم، توٽي آوير ٿي وئي آهي.
آءٌ غور ڪيو پيو ڏسان
ته ڪي نوجوان، گمراهه دليون متان
اچي ملن؛
۽ ٻ جوڙيون منتظر اکين واريون عرض ڪن
ته ٻيلي، ڪو گيت ڳائي
اسان جي مائڙي متائي،
اسان پاران ڳالهائي.
جي آءٌ وڃي سنسار ساگر جي پرئين ڪنڌي تي ويهان
۽ اجل ۽ آخرت کي پيو سوچان،
ته باقي بچو ڪير جو سندن لاءِ دلسوز سُر ملائي؟" (1)

سنڌي ساهت ۾ نظمي نثر ۾ لکيل پهريون ڪتاب 'ديوان ديارام گدومل' جو "چهبوڪ (من لاءِ)" (1925ع ڌاري) هو، جنهنجو ٻ پنهنجي جاءِ تي ذڪر ڪيو ويو آهي؛ پر پيٽ ڀرڻ لاءِ ان مان ٻ "سنڌڙي، سنڌڙي" گيت مان مثال ڏجي ٿو؛

"سنڌڙي، سنڌڙي، منهنجي ماتا سنڌڙي،
سنڌڙي، سنڌڙي، پيرن سنڌن جنڌڙي،
سنڌڙي، سنڌڙي، اڏيري، خضر مندري،
موڪليم ماتا دريا شاهه بندري.
سنڌڙي، سنڌڙي، منوهر سندري،
عنايت، لطيف، سامي۽ چندري.

(1) ٽئگور جو شاهڪار، "گيتا نجلي"، جنهن لاءِ ڪيس 1913ع ۾ ادبي نوبل انعام عطا ٿيو هو، تنهن جو انگريزي نثر تان سنڌي نظم ۾ ترجمو منگهارام ملڪاڻي۽ جو ڪيل، سو ٻ رتن منڊل 1942ع ۾ ڇڙو ڪيو هو. ساڳئي ڪتاب جو سڌاريل ڇاپو "هندستان ڪتاب گهر" پاران 1956ع ۾ شايع ٿيو هو.

سنڌڙي، سنڌڙي، پڇيئي نہ ٻنڌڙي،
سنڌڙي، سنڌڙي، دکيئي نہ لوڏڙي.

تنهن کان پوءِ، بحر وزن بنا، صرف قافين جي مدد سان ترنم واري نثر جو نمونو، 'پروفيسر ڪرشن ڪرپالاڻيءَ' جي ٽئگور تان ترجمو ڪيل گيت "شاهه جهان" (1935ع) مان ملي ٿو، جنهن جو ذڪر به اڳي ڪيل آهي، ۽ جنهن مان هيءَ حوالوڏجي ٿو:

"اي شاعر شاهنشاهه!
هن سنگ ۾ سانديل آهه
تو دل جي تصوير:
هي بيت بي نظير.
آهه تنهنجو نئون 'ميگهه دوت'
عجيب اڏ پوت،
جو آلاپ جي ارواح تي آهه اُسريل،
غريب ڏانهن لڙيل،
جت پياري تو وڇڙيل
آهه مليل،
پريات جي سونهري سينگار سان
سنجها جي ٽکايل هيسايل اظهار سان آهه جڙيل؛
اُت
جت چوڏس چند چلڪي
۽ ٽي چنبيلي جهلڪي،
بي بدن اوڄ جي منائي موج،
۽ اُت
جت هوليءَ وجائي
وائي؛
۽ اکيون آرزو پريون
ڦري ڦري جنهن در اڳيان نراس ٿي وريون،
حيران ويچاريون؛
هي تنهنجو سونهن جو سنيهو پاڻ پساري

ٿو ڪال جي پهري کي جڳ جڳ ۾ ٽاري،
پيو ٿو پڪاري
بن وچن ورلاپ جي وائي:
ياد آهين، ياد آهين، ياد آهين پياري!"

1945ع ڌاري "ادبي ڳنڇو" نڪتو، جو هن پروفيسرن 'رام پنجوائيءَ' ۽ 'نارائڻ داس پمياڻيءَ' جي ليکن جو گڏيل انتخاب هو. منجهس هر موضوع جا مضمون موجود هئا، جي سليس، پر تنهن هوندي به ادبي عبارت ۾ لکيل هئا. 'پنجوائي صاحب' جو "محنت" اخلاقي مضمون هو، "شعر" ادبي مضمون، ۽ سڀ کان سنو پنگتي مضمون "گناهه" هو، جنهن ۾ ان نازڪ موضوع تي فراخ دل انقلابي خيال، هن طنزي نوع ۾ پيش ڪيل هئا:

"قوي جيڪي ڪري سو ثواب آهي! ضعيف جيڪي ڪري سو گناهه،- اهي ٽي فقط به قانون آهن، انسانيت جا به اصول آهن، تارازيءَ جا به پڙ آهن؛ بس - قوي ۽ ضعيف... قوي قانون جوڙي، ضعيف سزائون پائي. قوي پنهنجي ناماچار ۽ طاقت جا اوچا منارا اڏي، ضعيف پنهنجي قبر کوٽڻ جا پهه پچائي. جو شراب قوي پيئي سو جائز، جو ضعيف پيئي سو ناجائز. جو قتل قوي ڪري سو انتقام جي شمار ۾ لکيو وڃي ۽ جو ضعيف ڪري انهيءَ جي سزا موت. ٽڪڙيءَ پوش مان انصاف جي سٹي به پار هلي وڃي، زردار تي نياءَ جو نيزو به نه پُڙي. ضعيف جهڙو بدڪار، گنهگار ڪو ٻيو ٿي سگهي ٿو؟ ڪوٽي به نه... پر اهو ياد رکڻ گهرجي ته ايمان يا وشواس ۾ به وڏو ٻل آهي. ضعيف حال قويءَ جي مقابلي جو سَت ڪٽي نه ساري سگهندو، پر سندس اندر ۾ بغاوت جا سِلا جو ايرندا ۽ وڌندا ٽا رهن؟... ڪو زمانو اچڻو آهي ۽ تمام جلد، جو ضعيف به اها بغاوت ٿهلائيندو، جو اسان جي هٿرادو سماج تبليون تبليون ٽي ويندي. نه رهندي اها خود ساخته سماج ۽ نه رهندا آهي سماج جا جڙتو ليڪيدار."

هن انتخاب ۾ 'پمياڻي صاحب' جو "عبارت" ادبي ليک هو، "نالا" خيالي ليک، "عظيم غلطي" مذاقي مضمون، ۽ سيني کان عمدا پنگتي مضمون؛ "هري" جنهن ۾ ماڻڻ جا ابهم ٻارن تي ظلم ڏيکاريل هئا، ۽ "فقيرن لاءِ قاعدو" جنهن ۾ فقيرن جي سقيم حالت لاءِ سماج کي هن ريت جوابدار ٺهرايل هو:

"ڪهڙو نه پورو سوال؟ ويچارا ڪاڏي وڃن؟ ڪير هنن کي اجهو ڏيندو!

غريب جو ڪير هاري ٿيندو!! ... غريبن دنيا ۾ برابر گند ڪيو آهي، مون دل ۾ چيو. انهن جي گدلائيءَ جو ڪارڻ سندن غريبي آهي، سندن محتاجي آهي. ان ڪارڻ جي علاج ڪرڻ بدران، هن جي مسڪين پڻي کي دُور ڪرڻ بجاءِ، اسين هن کي ڏڪاريون ٿا، ڪين سماج تي اڻ گهربل بوجو ٿا سمجهون. هن کي صفائي سيکارڻ جي بدران، اسين ان صفائيءَ جي صدقي سندن حياتيءَ جا قاتل ٿا بڻجون. غريبن جو رت شاهوڪارن لاءِ فنائيل آهي، جنهن سان هو شهر يا ڳوٺ جي گهٽين کي ڏٽاري صاف ڪن ٿا. انسان ڪهڙو نہ بيدرد آهي! غريب بہ تہ سماج جو جزو آهي، پوءِ انهن جي سڏاري لاءِ چا ٿو ڪيو وڃي؟"

1947ع ۾ 'پروفيسر خوشيرام واسوائيءَ' پنهنجن مضمونن جو ڳٽڪو "ڪلاڪار جي دنيا" چپايو هو، جن مان ڪن ۾ آڪائيءَ جو انگ پڻ رکيل هو، ۽ منجهن ڳوڙهو فيلسوفاڻا خيال موزون ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪيل هئا. انهن مان خاص سڀ مضمون هئا، "جيوت ناٽڪ"، "ننڍڙي پشپا" ۽ "ڪمل جي ڪهاڻي" جي پهرئين "سنڌو" مخزن ۾ ڇپيا هئا. تنهن کان سواءِ، واسوائي صاحب، ٽئگور جي Crescent Moon, Getanjili ۽ Gardener مان ڪيترين ڪوتائون نظمائي نثر ۾ آڻي "قليلي" ۽ "سنڌو" مخزن ۾ چپايون هيون.

## خارجي يا غير شخصي مضمونن جا ڪتاب

مضمون نويسيءَ جو ٻيو مکيہ نمونو آهي خارجي يا غير شخصي (Objective Essays) جنهن ۾ لکندڙ جي باطني خيالن ۽ احساسن تي ايڏو زور نہ ڏنل هوندو آهي جيڏو زندگيءَ جي ظاهري بيانن ۽ احوالن تي. درحقيقت، ادب جي ڪنهن بہ شاخ ۾ داخلي ۽ خارجي (Subjective and Objective) جو سَنڌو رکڻ ڪيترين حالتن ۾ مشڪل ٿي پوندو آهي، چو تہ ادب ۾ گهٽو ڪري اهي ٻئي جزا، شخصي ۽ غير شخصي موجود هوندا آهن. ادب جو بنياد توڙي زندگيءَ جي ظاهري جاچ جوچ تي ٻڌل آهي، پر ان تپاس مان جيڪي اندرُونا ويچار لکندڙ ۾ پيدا ٿين ٿا، تن جي سهڻي اظهار کي ٿي ادب چئجي ٿو. شعر ۽ مضمون جهڙين ادب جي شخصي شاخن ۾ بہ بعضي غير شخصي احوال اچي ويندا آهن، آڪائيءَ، ناول ۽ ناٽڪ جهڙين غير شخصي شاخن ۾ پڻ شخصي جذبا ظاهر ٿي ويندا آهن. تفاوت فقط اهو آهي جو داخلي

ادب ۾ شخصي ويچارن تي وڌيڪ زور ڏنو وڃي ٿو ۽ خارجي ادب ۾ زندگيءَ جي غير شخصي پهلوئن تي. تنهنڪري هن فقري ۾ انهن مضمونن جو ذڪر ڪبو جنهن ۾ لکندڙن جي شخصيتن جو انگ گهٽ آهي ۽ گهٽي ياڳي بياني، پنگتي ۽ تاريخي وغيره احوال ڏنل آهن.

(1) سير سفر جا ڪتاب

سير سفر جي بياني ڪتابن مان پهريون 'لعلچند امرڏنيمل' جو "مسافريءَ جو مزو ۽ سير جو رنگ" ڏسڻ ۾ ٿو اچي، جنهن ۾ هن صاحب دکن هندستان جي مکيه شهرن ۽ پهاڙن جا سُندر بيان ڏنا هٿا، ۽ جو پنهنجي "سنڌي ساهت سوسائٽي" جي ماهوار رسالي ۾ 1915ع ۾ چپايو هٿائين. 1923ع ۾ 'پيرومل مهرچند' جو "سنڌ جو سيلاني"، 'جيٺمل پرسرام' پنهنجي "نئين سنڌي لائبريري" ۾ چپايو هو ۽ سير سفر جو نهايت دلچسپ ڪتاب هو. منجهس سنڌ جي مشهور شهرن ۽ بزرگن، درگاهن ۽ ميلن وغيره جون حقيقتون ۽ ڪهاوتون گهٽي ڪوجنا ڪري ڏنل هيون. 'جيٺمل صاحب' هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو هو: "هن ڪتاب ۾ تاريخ ۽ جاگرافي ٻئي ڪهائيءَ جي نموني ۾ ملي، وندر ۽ هدايت ٿيون بخشين." هن پهرئين ياڳي ۾ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ضلعن جا سير سفر ڏنل هٿا، ٽر ملڪ جي سفر وارو ٻيون ياڳو الائجي ڇو نڪتو ئي ڪونہ. پيرومل صاحب 1926ع ۾ "لطيفي سير" ڪيو، جنهن ۾ شاهہ لطيف جي رسالي مان، سندس حياتيءَ ۽ سفرن جو احوال ترتيب وار ڪيڙي ڏيڪاريائين، ۽ اهو به ظاهر ڪيائين تہ شاهہ صاحب جا علحدا سر ڪهڙن وقتن ۽ هنڌن تي چيا ويا هٿا. تنهن کان سواءِ، انهن هنڌن جا تاريخي احوال ۽ قومي ۽ پنگتي حالتون پڻ شاهہ جي ڪلام مان ڪيڙي ڏيڪاريائين. هن ڪتاب جا مکيه ياڳا هٿا: "هنگلاج ڏي ويندي"، "گرنار ڏي ويندي"، "سنڌ ڏانهن موٽندي"، "مارئيءَ جي ملڪ ۾" (جيسلمير ڏي ويندي)، ۽ "ٽر جو احوال". ايڏيءَ ڪوجنا جو ڪم پيرومل جهڙو اپار عالم، ۽ خود سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جو سيلاني ئي ڪري لاتق هو، جنهن جو داد 'مرزا قليچ بيگ' هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ هن ريت ڏنو هو: "گهٽي وقت کان آءٌ پاڻ انهي پورهئي ڪرڻ جي خواهش دل ۾ رکندو آيس ۽ انهيءَ لاءِ نوٽ ۾ رکندو آيس... پر جيئين مون ان بابت موالين وانگي اڃا

خيال پي پچايا، تيسين منهنجي دوست مسٽر پيرومل اهو ساڳيو ڪم لاهي، پنهنجا سڀ ڪاغذ اوچتو آڻي منهنجي اڳيان رکيا... سچي ڳالهه اها آهي ته جهڙو ڪم آءٌ پاڻ ڪري سگهان ها، تنهن کان مسٽر پيرومل جو ڪم بهتر ڏٺم. گهڻيون ڳالهيون، جي شايد منهنجي خيال ۾ نه اچن ها، سي هن جي خيال ۾ آيون آهن ۽ انهن جي هن پوريءَ طرح جاچ ۽ کوجنا ڪري، اهي پنهنجي ڪتاب ۾ آندیون آهن."

'پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ' ٻيو سنڌ - هند جو سيلاني هو، جنهن جي ڪتابن "ڪشمير جو سير" (1926ع) ۽ "گجرات" (1929ع) جو ذڪر هن باب جي شخصي مضمونن واري فقري ۾ ڪيل آهي. هتي فقط "ڪشمير جو سير" مان هڪ حوالو پروفيسر صاحب جي بياني ڍنگ ڏيکارڻ لاءِ ڏجي ٿو. منهنجي نظر ۾ سندس "افروٽ پربت" سنڌي سير سفر جي ساهت جو سرموڙ مضمون آهي، جنهن ۾ تصوير نگاريءَ سان گڏ نفيس مذاق جي به سهڻي ملاوٽ رکيل آهي:

"برف وڻي اڇي ٽيندي ۽ نرم ٽيندي. ڏس ته چمڪي پئي، وڌ ته ڏهجي پئي. اکين ۾ ڪرامت آهي ۽ تجلو ڏسي اڌ پورجي انترڌيان ٿيو وڃن، پر پير ته نيڇ آهن ۽ بت بنهه استول سو ڪيئن هلڪو ٽئي؟... هاڻي اچو تڏين ڪلاڪ تي، جيئن ڏڏ تيئن وڌ. برف جو ڏهو اهڙو جو اکين مان جڏ پاڻي ٿو وهي. برف اهڙي پٽڑي جهڙي رب. هن پنيءَ ٻوڙ رب مان ڪيئن ڪاهجي؟ پير وڃن يخ ٽيندا ۽ پنيون وڃن ٽاڏ ٽيندیون. چا جي جتي چا جي لڏ. هت ته گوڏي جو به پتو ڪونه ٽي پيو ۽ لڏ رک ته مٽ تائين هيٺ هلي ٽي وڃي. اڳيان نهار ته جبل اڃان جبرو ٻيٽو آهي. بس عاشق واري ڪار ٽي، آه سرد و رنگ زرد و چشم تر - انتظاري بيقراري درد سر. ٽيون ڪلاڪ نبريو ته به مڪاميلو نه ٽيو. جتيون، جوراب پُسي پَٽ ٽي ويا. زبان لڳي وئي ۽ دم چڙهي ويو... ويهي ناشتو ڪيوسون ۽ سَر ڪي ساعت سَٽ ڏنوسون. پر اُڄ هٿي سو پياس ڪيئن ترپت ڪجي. برف سان مٽا ڪٽياسون، پر هيءَ چوي ته هونءَ نه پرچان، چُمر ته پرچان، هونءَ نه ڳران، چٽ ته ڳران. پوءِ ته نخريليءَ کي ويهي چٽيوسون ۽ چميوسون ۽ پاڻ ناريوسون. پر هتي ته ڏڪن مان مس ڏؤ ٽئي سو پڪون ڪيئن پوريون پون؟

"نيٺ اُٿي کڙا ٽياسين ۽ پهاڙ کي ليلايوسين ته ادا، اها ڪسوٽي اسان پياسين لاءِ بس آهي، ته اوچتو مون کي هڪ خيال اچي ويو. منهنجي اڳيان

منهنجو دوست پڻي هليو ۽ مان ان جو پيرو ويٺي. پير مٽان پير رکي پڻي هليس. ڏٺم ته ڪشٽ هن جو ته فرحت منهنجي. برف هن کان پڻي ٿهي پر مون سان پڻي نٿهي. خوشيءَ وچان اها خبر ڏنيمانس. 'ويٺي هٽي رُئي، باقي آيس پيڪس ماڻهو'. هيءَ يار امالڪ منهنجي پٽيان پٽجي ويو ۽ ڏاڍا ڏوراپا ڏيڻ لڳو. چي: هيستائين چو لڦون پيون هيءِ چا، جو ڪڇِ نٿي؟ مون به وري ساڳي ڪار سونهي سان ڪئي ۽ چيس ته مهرباني ڪري اڳيان تشريف رکو...

"ڪلان مرگ کان چڙهندي چوٽين ڪلاڪ پڇاڻان من جي مراد پوري ٿي ۽ برف جي چوٽي تي شان سان تشريف رکيسين ۽ هڪ ٻيٽاريءَ تان ويهي اڌيت درشيہ ڏٺوسون. چارئي طرف برف ئي برف وڇائي پئي هٽي. هڪ هٽي لسي، ٻيو اڇي، ٽيون نرم. ڪٽ لس ليٽ، ته ڪٽي ايي هيٽ، ڪٽي چوٽيون ٿي چُميْ، ڪٽي ڳري پئي وَهي. ڏينهن صفا هو ۽ آسمان جي نيلي گنبذ ۾ هيري جو جلوو هو. تجلي ۾ ڪٽي پٽ آرسيءَ وانگر پي ٻهڪيا، ڪٽي برفن جا برج نيلا پئي ڏٺا. دل ۾ هو ته رهجي ته هتي، سمهجي ته هتي، ڪڏجي ته به هتي. پر هن پرم ڌام لاءِ سوکيم سرير ڌارڻو پوندو. اهڙي ٺڏي جهيٽي هوا سان هيءَ جڙ بت ڪيئن سواس ڪٺندو. اهڙي نرم ڪومل بستري تي هيءَ ڪيئن چئن ڪندو ۽ اهڙي سندر شوينيڪ واسي ۾ ڪيئن ولاس ڪندو. ويناسون ته جڏو ايتري ۾ ڪڙڪ ڪنجهڻ لڳو. چي: سيءَ ٿو پوي ۽ ٽڏ ٿي وئيم. هڪ ڏينهن چا پر اڌ ڏينهن اتي آسڻ ڪريون ها ته ضرور استول مان ڦري سوکيم ٿي وجون ها ۽ جڳت جي جنجال کان آجا ٿي پئون ها. پر هن جڙ سَرير ۾ موهہ هو ۽ ديولوڪ پڌارڻ جي سڪٽي سُڌ هٽي. شاهہ صاحب کين چيو آهي ته:

"سَڏائتي سپ کا، بک نہ باسي کا،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي جنبش کانهي جاءِ،
مونسين هلي سا، جي جيءُ مٿو نہ ڪري."

سنڌ جو ٽيون ساهتڪ سيلاني 'منوهر داس ڪوڙومل' هو، جنهن (انگريزيءَ ۾ ڪشمير ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ سفري ڪتابن لکڻ کان سواءِ) سنڌيءَ ۾ باتصوير "هند جو سٽر" 1929ع ۾ ڇپايو هو، جنهن ۾ ساري هندستان ۾ ڪيل سندس سيرن سفرن جا عمدا بيان ۽ احوال ڏنل هٽا.

1938ع ۾ 'روچيرام جينڙا' "هردوار جو اتهاس" نالي مورتن سان ڪتاب ڇپايو هو، جنهن ۾ هردوار سان گڏ رشي ڪيش ۽ بدري نارائڻ جي ياترائن جو وٺندڙ ورنن ڪيل هو. 1941ع ۾ 'پرسرام مسند' "سکر سونهارو" لکيو هو، جنهن ۾ سنڌوءَ جي ڪنڌي تي آڌيل اُن سهڻي شهر جا سُندر بيان ۽ اتهاسڪ احوال ڏنل هٿا. هن وقت ڌاري 'ارجن سکايل' "ڏنڍو آدم جو اتهاس" ۾ اُن شهر جو مڪمل احوال ڏنو هو.

1942ع ۾ 'الله بچايو سمون' "سير ڪوهستان" ڪڍيو، جو نارائڻداس ملڪاڻيءَ جي "ڪشمير جو سير" کان پوءِ، سنڌي سير سفر جي ادب جو عاليشان مثال هو. هن ڪتاب ۾، سنڌ سان لاڳيتي پرڳڻي ڪوهستان جي پهاڙي نظارن، ان جي خانه بدوش باشندن، سندن مصيبت زده زندگيءَ ۽ ايمان جي سلامتيءَ جا مفصل بيان نهايت شاعراڻي ۽ همدرداني نوع ۾ ڪيل هٿا. سمي صاحب ڪتاب جي تمهيد ۾ خود چيو هو: "اسين جيڪڏهن ڪوهستاني ماڻهن جي خوبين مان ڪي پرايون ته هوند هڻا نستا، روڳي، ڪانئر فرقه پرست هرگز نه ٿيون." هن ڪتاب جي خاص خوبي لکندڙ جي نِبار، محاوريدار سنڌي عبارت آهي، جنهن بابت هن لکيو هو:

"اسان جي سنڌي مصنف پاڻرن ڪيتري ئي سنڌي زبان وساري ڇڏي آهي، جا اڄ تائين ڪوهستاني غريب، غارن ۽ چرن ۾ ڳالهائي رهيا آهن. اُها سنڌي، جنهن سان شاهه صاحب پنهنجي رسالي کي جڙي ڇڏيو آهي، عام جي اڳيان پيش ڪئي وئي آهي."

"سير ڪوهستان" مان "پاڙيسرين سان ورتاءَ" واري مضمون ۾ آيل هيٺيون فقرو، سمي صاحب جي پُر اصطلاح ٿيٺ سنڌيءَ جو نمونو آهي:

"عاقبت انديش ماڻهوءَ جو ڪم آهي ڪهي وڃي ڪلهو ڏيڻ. برادريءَ ۾ الغرضائي ۽ الڙائي ڪري ڪم کان عار ڪرڻ اهڙو آهي، جهڙو اُپ ۾ ٽڪون هڻڻ. ڪنهن جي اڳيِي سَگهِي ڪبي، تڏهن ته هو به اچي منهن تان پلوَ کڻندا. نه ته، ڪنهن کي ڪٿي پٽي آهي، جو ڪنهن جي ڪائي ڪٽي. ڪنهن کي هيٺي حال ڏسي، پگ پاهون ڪرڻ ۾ نه بندو راضي، ۽ نه خدائي خوش. ڏبو ته وٺبو، ڪبو ته ملندو. نه ته، ڪوڙو پهه. پاڙو پيغمبرن کي به پيارو هو. رِشين مُنين به ان جي رکشا ڪئي. الله کي اچن، وڃن نه مُوران. ٿوري به چٽن ڪتن سان سونهي."

سمي صاحب ٻيو سفر جو ڪتاب "سير لاڙ" ساڳيءَ طرز سان تصنيف ڪيو هو، جو به پڙهندڙن ۾ مقبول ٿيو هو، ڇو جو ان جو لکڻيءَ جو نوع به دلڪش هو ۽ عبارت پختي هئي.

1943ع ۾ "سڪ ٽرئڪٽ سوسائٽي" 'تيرٿ سانولائيءَ' جو "دؤر مشرق" شايع ڪيو هو، جنهن ۾ هندستان، چين ۽ جپان ملڪن ۾ سير سفر جا دلچسپ بيان ڪيل هئا. پچاڙيءَ ۾ هڪ جهونو سفر جو ڪتاب اٽڪائي ٿو ڇڏجي، جنهن جو ڇاپي جو سن هٿ اچي نه سگهيو آهي، اُهو هو يورپي سيلاني ڊاڪٽر برٽنير جي ڪتاب جو ترجمو، "هندستان جو سير" جو 'مڪي سيرومل ساگرائي'، "چندر ڪانتا" ناول جي ترجمان، سنڌيءَ ۾ ڪيو هو.

## (2) قومي مضمونن جا ڪتاب

سنڌيءَ ۾ قومي ڪتاب به ڪجهه نڪتا هئا جن مان، مٿي ذڪر ڪيل 'جينمل پرسرام' ۽ 'نارائڻداس ملڪائيءَ' جي جيلي جيوت بابت ڪتابن کان سواءِ، 'وشنو شرما' جو "هندستان جي پائمالي" 1927ع ۾ نڪتو، جو آزاديءَ جي هلچل بابت اُپارينڊ مضمون هو. 1933ع ۾ 'ويرومل ملائيءَ' "ديش پڳتي" لکيو هو، جو اصل واسديو آپٽي جي مرهٽي ڪتابن تان ورتل هو ۽ منجهس سنڌي ٻارن ۾ ديش پڳتيءَ جا جذبا جاڳائڻ لاءِ سليس سنڌيءَ ۾ ليک ڏنل هئا. 1935ع ڌاري هڪ مسلم لکندڙ 'غلام دستگير مرزا' "مهاتما گانڌي" لکيو هو، جنهن ۾ نهايت همدرديءَ سان گانڌيءَ جي زندگيءَ ۽ اصولن تي روشني وڌل هئي. مهاتما گانڌيءَ جي لکيتن مان چونڊيل، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب هئا: 'آنند هنگورائي' جو "هند سوراج" (1940ع)، 'ڊيچند تلوڪچند، جا "گوٽ سڌار" (1944ع) ۽ "باپوءَ جا خط" (1945ع)، ۽ 'پروفيسر گهنشيام جينانند' جو "سنڌ ڪانهن سنيها" (1946ع). 1946ع ۾ 'پروفيسر رياچند ڪيسوائيءَ' جو "ايشوري شڪتي" پارت جيون وارن ڇاپايو هو، جنهن ۾ ايشور جي هستيءَ ۾ ايمان بابت مهاتما گانڌيءَ جا "ينگ انڊيا" ۽ 'هريجن" وغيره مان ليک ترجمو ڪيل هئا. 1947ع ۾ 'رام ڪرشن آڏوائي' "پارت جو بلوو" لکيو هو، جنهن ۾ 1857ع واريءَ پهرينءَ آزاديءَ جي لڙائي جو احوال ڏنل هو.

سنڌيءَ ۾ هندو قوم جي قاعدن تي پهريون ڪتاب هو Principles of Hindu Law in Sindee جنهن جو سنڌيءَ ۾ سرو ڏنل ڪونه هو، ڪراچيءَ ۾ لِتو پريس تي 1869ع ۾ ڇپيل هو، ۽ ساڌو 'نولراءِ شؤقيرام

آڏواڻيءَ' جو لکيل هو - جنهن صاحب کيترائي اوائلي سنڌي کتاب لکي سنڌي ساهت جي شيوا ڪئي هئي. هيءَ کتاب اُن زماني جي جهوني سنڌيءَ ۽ جهوني صورتخطيءَ ۾ لکيل هو، پر ساڳيئن لفظن جون هجيئون جدا جدا هنڌن تي مختلف ڏنل هيون، جي لٽوگرافر جون چڪون ٽيون ڏسڻ ۾ اچن. هن پراڻي کتاب مان هڪ صدي آڳاٽن سنڌي هندن جي رسمن رواجن تي چگي روشني پوي ٿي، جن مان کيترا هن وقت نهايت عجيب غريب پيا ياسن، جيئن هيئين حوالن مان ڏسڻ ۾ ايندو:

(1) "ڏرم شاستر موجب چوڪريءَ جي شادي اٺن ورهين جي اندر ڪري ڇڏڻ گهرجي، پر سنڌ جي رواج موجب کا عمر ڏهرايل نه آهي. ڪن جي شادي 4 يا 5 ورهيه ۾ ٿئي ٿي. مون کي هڪڙي حالت ياد آهي، جنهن ۾ 28 ورهين ۾ هڪڙي زال جي شادي ٿي هئي.

(2) "چوڪريءَ جي مڱڻي ڪرڻ جو حق پهرين پيءَ جو آهي ۽ پوءِ ڏاڏي جو ۽ پوءِ پاءُ جو ۽ تنهن کان پوءِ چاچي جو ۽ تنهن کان پوءِ پائٽي جو ۽ تنهن کان پوءِ ماءُ جو آهي.

(3) "چوڪري اٺن ورهين جي عمر جي ٿئي تنهن کان پوءِ ٻن ورهين جي اندر جيڪڏهن کو سندس عزيز ان جي شاديءَ جو بندوبست نه ڪري تہ پوءِ پاڻ پنهنجي شاديءَ جو بندوبست ڪري سگهي ٿي." پچاڙيءَ جو فقرو ناشدني پيو لڳي، تہ اٺين ڏهين ورهين جي چوڪريءَ پاڻمرادو پنهنجي شاديءَ جو بندوبست ڪيئن ڪندي!

1923ع ۾ 'ٺهراڻ آسوديمل' "هندو قانون" ڇپايو هو، جو Hindu Law تي سنڌيءَ ۾ ٻيون نمبر ڪتاب ڏسڻ ۾ ٿو اچي، جنهن ۾ پنڪتي رسمن رواجن کان وڌيڪ قاعدن قانونن تي زور ڏنل هو. پروفيسر 'شيوارام ڦيروائيءَ' جو تعليمي ماهر هوندو هو، تنهن 1927ع ۾ "سات سکيا" نالي ڪتاب ڪڍيو هو، جنهن ۾ پنڪتي وديا (Sociology) جا اصول چٽيءَ طرح سمجهايل هئا. ڦيروائيءَ صاحب "تعليمي من - وديا" (Educational Psychology) تي به هڪ ڪارائتو ڪتاب 1937ع ۾ لکيو هو، جيڪو نئين زماني جي تعليمي سرشتي جو اهم مسئلو آهي. سندس چوپڙي "پنهنجي يونيورسٽي" 1941ع ۾ ڇپي هئي، جنهن ۾ سنڌ ۾ عوامي يونيورسٽي برپا ڪرڻ بابت رٽون ڏنل هيون - اُن وقت جڏهن بمبئي يونيورسٽيءَ کان ڌار ٿي، سنڌ يونيورسٽيءَ ناهڻ لاءِ چڪاڻ ۽ بحث هلي رهي هئي. 'منوهر داس ڪوڙومل' جنهن سنڌي ساهت

جي خدمت ۾ پنهنجي لاتق پيءُ جي رڳ چڪي آهي. تنهن 1944ع ۾ "هندستان همارا" لکيو هو، جو مشهور عام معلومات جي ڪتاب Massani's our India تان ترجمو ڪيل هو. ساڳئي سال "هاڻوڪي وديا جو انڊير" ڇپايو هٿائين، جو هنومان پرساد پودر تان ورتل هو. 1945ع ۾ منوهرداس، هڪ يوناني عورت جنهن هندو ڌرم اختيار ڪري ساوتري ديوي نالو رکايو هو، تنهنجو ڪتاب "هندو قوم کي چتاءُ" نالي سان اختصار ڪري ڇپايو، جنهن ۾ هندو جاتيءَ ۽ سنسڪرتيءَ کي بچائڻ لاءِ للڪار هئي ۽ لکيل ۽ سليس گهرو، پر پختي سنڌيءَ ۾ هو. هن صاحب 1946ع ۾ "هندتو" ڇپايو، جو هندو مهاسبا جي انقلابي اڳواڻ 'ويرساورڪر' جي ڪتاب تان ورتل هو. 1946ع ۾ "رتن ساهتيه منڊل" پاران "جئ هند" نالي ڪتاب جا ٻه ڀاڱا نڪتا، جنهن ۾ 'سياش چندر بوس' جي برپا ڪيل آزاد هند فوج واريءَ آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو دلچسپ بيان ڏنل هو. اهو احوال "راڻي جهانسي ريجمنٽ" جي هڪ دليرِ دل عورت جي ڌاريءَ مان ورتل هو، جنهن کي 'پرسرام پاٽيا' سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو. ساڳئي سال، ساڳئي نالي "جئ هند" سان، ساڳئي موضوع تي، "پارت جون ساهت منڊل" باتصوير ڪتاب ڇپايو هو، جنهن ۾ آزاد هند فوج جي تاريخ، ميجر جنرل شاهنواز، سهگل ۽ ڌِلن جي ڌارين مان ڏنل هئي. هيءُ ڪتاب منشي عبدالقدير جي اردوءَ تان 'گرداس واڌواڻيءَ' ترجمو ڪيو هو.

### (3) تندرستي تي ڪتاب

علم صحت بابت جهوني ۾ جهونا ڪتاب 'مهراج ٽوپٽلعل' جو "شارنگڌر سمهتا"، ۽ 'شمس الدين' جا "آسان علاج" ۽ "ڪليات شمسي" تا ڏسجن. تنهن کان پوءِ 'منوهر داس ڪوڙيمل' جو "ناري نروڳ جيون" 1923ع ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ هن صاحب چوڪرين ۽ عورتن کي جوڻ، سنجوڳ (ميلاپ) ۽ ماتاپڻي جهڙن نازڪ مسئلن تي ڪليون ڪلايون پر سنجيديون صلاحون ڏنيون هيون، تہ زندگيءَ جي انهن اهم موقعن تي صحت جا اهم اصول ڪيئن قائم رکن ۽ سڪ پري جيوت گهارين. منوهر داس "آيروويد" تي به هڪ ڪارگر ڪتاب لکيو هو. 'پهلاجراءِ واسواڻيءَ' جو "گهرو رواجي علاج" 1924ع ۾ نڪتو هو، جنهن ۾ عام بيمارين لاءِ سستا ۽ سولا نسخا ڏسيل هئا، جيئن ترت علاج ڪرڻ سان روڳ جي پاڙ پٽجي وڃي

۽ ڊاڪٽرن يا طبيبن جي تات نہ پٽجي. 1947ع ۾ هن ڪمائتي ڪتاب جي ٽين ڇاپي سان 'سيد عمر شاهہ' جو " گهرو حڪيم" پڻ گڏيو ويو، جنهن ۾ نهہ پهہ علاجن لاءِ خانگي نسخا ڏنل هئا. "آپگهات - آتم ويچار" ۽ "سپن دويش"، جي ٻئي ڪتاب 'ڪرشنانند گوڪلداس' ترجمو ڪيا هئا، تن ۾ نوجوانن سان ڳجهيون ڳالهيون ڪيل هيون تہ ايرندڙ جواني جي عرصي ۾ مخفي نفسي علتن تي ڪيئن ضابطو رکن ۽ برهمچريہ پالي بلوان ۽ سکي بنجن. ڪرشانند صاحب 1940ع ۾ "ناري ڌرم" هڪ هندي ڪتاب تان ترجمو ڪيو هو، جنهن ۾ زالن کي جوين ۾ اچڻ واري وقت لاءِ تندرستيءَ جون هدايتون ڏنل هيون. 'گوڪلداس پاڳيا' جو "هوميوپيٿي علاج"، 'سوامي شيوارام' جو "سنياسي نسخا"، 'ٺڪر ليکراج' جو "آيروبد رهبر"، 'ڊاڪٽر هيمنداس' جو "طبعي ترت علاج"، 'پريداس برهمچاريءَ' جو "تتو چنتامڻي" - سڀ مختلف طبي سرشتن موجب صحت تي لکيل ڪتاب هئا. 1946ع ۾ "يوگ آسڻ" جو چوٽون ڇاپو نڪتو، جو 'سنتداس پنهومل' هنديءَ تان ترجمو ڪيو هو ۽ پريداس برهمچاريءَ درست ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ تندرستيءَ ۽ وڏي جمار ماڻڻ لاءِ نيم ڏنل هئا. ساڳئي سال 'ڪشنچند ساڌوائيءَ' "ڪاڻ خوراڪ" نالي ڪتاب، رابرٽ مئڪريمن تان ورتو هو، جو 'منوهر داس ڪوڙيمل' "مڪي بگومل ساهتيہ مالا" ۾ ڇاپيو هو. هن ڪتاب ۾ ڏيڪاريل هو تہ ساري هندستان ۾ اول نمبر طاقت بخش ڪاڏو پٽاٽن ۽ پنجابين جو آهي ۽ ڪهت ۾ ڪهت مدراسين جو. هن وقت 'ايم- آر- مائيداسائيءَ' "ماتاپٽو" نالي انگريزيءَ تان ورتل ڪتاب ڪڍيو هو، جنهن ۾ عورتن جي حمل جي وقت ۾ ۽ ڀارن جي جي نيپاڻ لاءِ هدايتون ۽ پرهيزون ڏنل هيون. برهمو سماجي 'ڊاڪٽر هرنامداس' جو سالن کان اسڪولن ۽ ٻين سنستائن ۾ تندرستيءَ جي نيمن تي ليڪچر ڏيندو هو، ۽ پنجابي هوندي به چگي سنڌي سکي پيو هو، تنهن 1947ع ۾ "صحت سوکڙي" ڪتاب ڇاپيو، جو سندس هندستانيءَ ۾ لکيل ڪتاب "مخزن صحت" تان ورتل هو، ۽ منجهس ڪيترن ننڍن خواهہ وڏن مرضن کي روکڻ توڙي علاج ڪرڻ لاءِ سادا ۽ سهج نسخا ڏنل هئا.

## (4) تاريخي ڪتاب

آڳاٽن تاريخي ڪتابن مان هڪڙو، جنهن جو ذڪر پهرئين فصل ۾ ڪيو ويو آهي، سو هو 'ديوان اڌارام چانڊومل تڌائيءَ' جو "ميرن جي صاحبي جي

آخري ڏينهن جو احوال"، جنهن موضوع تي هن صاحب 1896ع ۾ حيدرآباد وڪٽوريا لائبريريءَ ۾ تقرير ڪئي هئي، ۽ جنهن لاءِ حقيقتون 'منشي آوتراءِ صاحبراءِ' ملڪاڻيءَ کان ورتيون هٽائين، جو تن ڏينهن مير صوبيدار خان جو منشي هوندو هو. هيءُ مقالو پهرئين "پريات" اخبار ۾ ڇپيو هو، ۽ منجهس حيدرآباد شهر جي بنياد، ميرن جي احوال، ۽ سندن انگريزن سان ميائيءَ ۽ ڏهي جي جنگين ۽ شڪست سان گڏ، ميرن جي رهڻي ڪرڻيءَ، ملڪي ڪاروبار، واپار ۽ رعيت سان ورتاوَ بابت تفصيل وار بيان ڏنل هٽا. تنهن کان پوءِ 'پرمانند ميوارام' پنهنجي "جوت" اخبار ۾ "ميائيءَ جي جنگ" نالي (1925ع) انگن اکرن سميت هڪ مضمون لکيو هو، ۽ پڻ ٻنهي جنگين بابت هڪ انڊي مگٺهار جا سرندي تي ڳايل بياني بيت ڇپيا هٽائين. مٿيان ٽيئي اسم گڏي، 'ديوان هوتچند چانڊومل' 1938ع ۾ "سنڌ جا ميز" نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپايا هٽا، جنهن ۾ ميائيءَ جي جنگ جو نقشو ۽ مورتون به ڏنل هيون. هن سلسلي ۾ هيو تاريخي ڪتاب 'حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ' جو "ميرن جي صاحبي" هو، جنهن ۾ هن ٽيٺ سنڌي هوليءَ جو صاحب ۽ خدمتگار، ميرن جي حڪومت جو سئو پاسو چٽي ان مان رعيت کي فائدا ڏيکاريا هٽا ۽ ان جي موٽي اچڻ لاءِ خواهش ڏيکاري هئي. حڪيم صاحب لکيو هو:

"سبحان الله ڪهڙي ڀالهه ڪجي رعيت جي! راج مهاڃ جو پاڻ ۾ جو سلوڪ ۽ سنهڻ، پريم ۽ پيار، الفت ۽ اتفاق هو، منجهن جو قرب ۽ محبت، ياري ۽ غمخواري، دوستي ۽ دلداري هئي تنهن جو ڪهڙو بيان ڪجي!... جيڪڏهن ويهي ذري ذري جو تفصيل لکان ته هوند اڃوڪا ماڻهو وسهن ٿي ڪين، ۽ هن سچي حقيقت کي به ڪوڙي ۽ جڙتو آکاڻي يا پراڻي ڏند ڪٿا سمجهن. پر خدا ڄاڻندڙ آهي ته سچ آهي جيڪي مون لکيو آهي، ۽ ڪوڙ آهي جيڪي هُلايل ۽ هُليل آهي. آءٌ ته صاف چوان ٿو ۽ پنهنجي هن سچ چوڻ تي پروسو اٿم ته ميرن جي صاحبيءَ ۾ هندو مسلمان کي سنڌ ۾ هڪڙي قسم جو سوراج حاصل هو."

مٿين ڪتاب جي جواب ۾ 'پرمانند ميورام' هڪ چوپڙي ڇپائي "ميرن جي صاحبي موٽي اچي ڇا؟"، جنهن ۾ حڪيم صاحب جي دليلن کي ردڪد ڏنل هو، ته ميرن جي صاحبيءَ ۾ ڪن فائدن هوندي به، ايتري خودمختياري ۽ زبردستي هوندي هئي جو ان جو موٽي اچڻ هاڃيڪار ٿئي ها.

1916-17ع ۾ سنڌيءَ جي جهوني ڇاڻوءَ 'ڏيارام پرسرام ميرچنداڻيءَ' "شهيد نامو" (2 پاڳا) پڌرو ڪيو هو، جنهن ۾ سڪ تاريخ جي شهيدن جون دل ڇاڻيندڙ وارتائون ڏنل هيون. 1924ع ۾ 'پيرومل مهرچند' "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راج" ڪڍيو هو، جنهن ۾ ٽر ملڪ بابت دلچسپ حقيقتون ڏنل هيون. 1925ع ۾ 'مرزا قليچ بيگ' جو "قديم سنڌ" ڇپيو هو، جنهن ۾ سنڌ جي جهونن مشهور شهرن ۽ ماڻهن جو دلچسپ احوال ڏنل هو. ساڳئي نالي "قديم سنڌ" سان پيرومل مهرچند پڻ هڪ وڏو تاريخي ڪوجنا وارو ڪتاب لکيو هو، جنهن جو بيان اڳتي هلي ڪبو.

قديم سنڌ جي بنيادي تاريخ "چچ نامو"، جو 13 صديءَ ۾ علي بن محمد ڪوفيءَ عربيءَ ۾ لکيو هو ۽ پوءِ فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو، تنهن تان سنڌي ترجمو 1923ع ڌاري 'مرزا قليچ بيگ' ٻن پاڳن ۾ ڪيو هو. پهرئين پاڳي ۾ جهونن هندو راجائن بابت چچ جي راج تائين دلچسپ احوال ڏنل هٿا ۽ ٻئي پاڳي ۾ عربن جي فتح تائين. ٻيو جهونو سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب "تاريخ طاهري" هو، جو اصل نگر ٺٽي جي مير طاهر محمد 17 صديءَ ۾ لکيو هو. ان تاريخ جو نچوڙ، 1928ع ۾ 'محمد صديق ميمڻ' "انتخاب تاريخ طاهري" نالي ڇپايو هو، جنهن ۾ سنڌي حاڪمن جي چٽن گهراڻن: سومرن، سمن، ارغونن ۽ ترخانن جو بيان ڏنل هو. محمد صديق صاحب ان فارسي تاريخ جو هيءَ انتخاب سر ايلٽ جي انگريزي "تاريخ هند" تان ترجمو ڪيو هو. هن صاحب، 'قاضي عبدالغنيءَ' سان شراڪت ۾ "سنڌ جي رنگين تاريخ" به لکي هئي، جنهن جو ٻيو ڇاپو 1932ع ۾ نڪتو هو. 1934ع ۾ 'ٽيج سنگهه سوڍلنڪيءَ' جو "امرڪوٽ اتهاس" نڪتو هو، جنهن ۾ ٽر ملڪ جي حقيقتن تي چگي روشني وڌل هئي. "تاريخ سنڌ" نالي سان ٺي ڪتاب: هڪڙو 'مولچند منگومل' جو لکيل، ۽ ٻيو 'هاسومل' ۽ 'روپچند' جو گڏي لکيل پڻ نڪتا هٿا، پر انهن جي ڇاپي جي سن جي پڪ نٿي پوي. ساڳئي نالي "تاريخ سنڌ" جا به حصا 'مولوي نورمحمد نظاماڻيءَ' لکيا هٿا، جي "مسلم ادبي سوسائٽيءَ" 1932ع ڌاري شايع ڪيا هٿا. 1936ع ۾ 'پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ' جو "ميراڻي سنڌڙي" نڪتو، جنهن ۾ ميرن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ ديس جون سياسي ۽ اقتصادي حالتون، توڙي سماجي رواج رسمون، نهايت چٽيءَ طرح ۽ تفصيلوار بيان ڪيل هيون. هيءَ سَند وارو ڪتاب ڪيترن

مغربي سيلانين: برٽن، برنس، ڪزنس وغيره ۽ جهوني معزز سنڌيءَ سيٽ نائونمل جي مشهور انگريزي ڪتابن تان سهيڑيل ڪيل هو.

تنهن کان پوءِ، ڪي اهم تاريخي کوجنا وارا ڪتاب نڪتا، جن مان پهريون هو 'دوارڪا پرساد شرما' جو "پراچين سنڌو سيبتا جو نظارو" (1943ع)، جنهن ۾ ڪيترن سَند وارن ڪتاب اپياس ڪرڻ کان پوءِ، مُهن جي دڙي کان آڳاٽن ۽ پوين ڪندرن مان ثابت ٿيل سنڌ جي شاندار تهذيب جو احوال ڏنل هو، ۽ عبارت پڻ پختي ۽ مائيدار ڪم آندل هئي. شرما صاحب ڏيکاريو هو ته، "جنهن وقت دنيا جي وڏي ياڳي ۾ جهالپت جي اوندهه ڇانيل هئي، تنهن وقت اسان جي سنڌڙيءَ ۾ هڪ عاليشان تهذيب ۽ سيبتا جو سج روشن ٿي رهيو هو، ۽ انهيءَ سج نه فقط سنڌ جي ماڙيءَ، بلڪ سڄي وچ ايشيا کنڊ کي روشن ٿي ڪيو." مهراج دوارڪا پرساد تنهن کان پوءِ هڪ وڏو کوجنا وارو ڪتاب "پراچين سنڌو سيبتا" ٻن ياڳن ۾ (1944-1943ع) ڪڍيو هو، جنهن ۾ سنڌو تاريخ ۽ تهذيب جون خوبيون وڏي پيماني تي ظاهر ڪري ڏيکاريل هيون. هن ڪتاب ۾ ويدن جي زماني کان اڳ، ويدن جي زماني ۾، رامائڻ جي دؤر ۾، موهن جي دڙي واري دؤر ۾، ۽ مهاپارت جي دؤر ۾، قديم سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جا دلچسپ وڇور وار بيان ڏنل هٿا. هيءَ ڪتاب ڇهن ياڳن ۾ رٽيل هو ۽ عربن جي حڪومت تائين ختم ٿيڻو هو، پر ٻن ياڳن کان وڌيڪ شايع ٿي نه سگهيو.

'يگوان تولاڻيءَ' جو "سنڌو هتيا ڪانڊ" به 1943ع ۾ نڪتو، جنهن ۾ سنڌ جي آخري هندو مهاراجا ڏاهرسين بابت تاريخي حوالا ڏنل، هن کي هڪ بهادر ۽ اعليٰ حاڪم ثابت ڪيو ويو هو، ۽ محمد بن قاسم جا هندن تي ڪيل ظلم ڏيکاريل هٿا. 'گنگارام سمراٽ' جو "آريا ورت" (1946ع) هڪ اونهيءَ کوجنا وارو ڪتاب هو، جنهن ۾ پارت وَرش جو قديم تاريخ ذري پرزي تفصيلوار ڏنو ويو هو، ۽ اٽلايل ڪتابن جون سَندون به منجهس سوين ڏنل هيون. ان ۾ ڏيکاريل هو ته آريه لوڪ اصل ڪير هٿا ۽ ڪيئن پارت وَرش مان وڃي سارو سنسار آباد ڪيائون. ساڳئي سال 'پروفيسر چيتن ماڙيوالا' جو باتصوير "تاريخي مضمون" پڌرو ٿيو، جنهن ۾ "جوت"، "سنڌو" ۽ "هندو" اخبارن ۾ پيل ليک ڪٿا ڪري ڪتابي صورت ۾ آندا ويا هٿا، ۽ جنهن لاءِ ڪيس سرڪاري صلاحڪار بورڊ وٽان انعام جڙيو هو، هن مضمونن ۾ سنڌ

جي تاريخ جي ڦولهه ۽ چندڇاڻ ڪيل هئي، جنهن لاءِ 'پرنسپال هوتچند گربخشائيءَ' مهاڳ ۾ لکيو هو: "پروفيسر چيتن ماڙيوالا سنڌ جي تاريخ جو اونهو اڀياس ڪيو آهي ۽ ڪن اهم مسئلن تي کوجنا ڪري نئين روشني وڌي آڻس... هرهڪ مضمون تصديق ٿيل حقيقتن سان پرپور آهي ۽ نهايت سليس مگر مائيدار عبارت ۾ لکيل آهي. ڪتاب جي پڙهڻ مان نه فقط علمي خزاني جي واڌاري ٿيڻ جو امڪان آهي، پر لطف ۽ مزو به حاصل ٿئي ٿو." (1)

1947ع ۾ 'لوڪنات جينٽلي' جو "هندو سامراجيه" (ياگو 1) نڪتو، جنهن ۾ 'شيواجيءَ' جي اڇوائيءَ هيٺ مهاراشٽر ۾ سامراج برپا ڪرڻ جي تاريخ جي شروعات ڪيل هئي، ۽ ان جي عبارت هنديءَ ڏانهن مائل هئي.

'ايم - آر - مائيداسائيءَ' هندستاني تاريخ تي به ڪتاب لکيا هٿا: "سچ به پاچا" (1944ع) جنهن ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي حڪومت هيٺ، 1857ع جي انقلاب تائين، انگريز عملدارن جي ڏاڍاين جا احوال ڏنل هٿا، ۽ "ست سورما" (1946ع) جنهن ۾ ان پهرينءَ آزاديءَ جي جنگ ۾ لڙندڙ ستن سورمن جا بيان ڪيل هٿا. اهي سورما هٿا: نانا صاحب، بهادر شاهه، زينت محل، لڪشمي ٻائي، ڪمار سنگهه، احمد شاهه ۽ تانتيا ٽوپي. 1947ع ۾ مائيداسائيءَ "مظلوم سنڌ" لکيو، جنهن ۾ سڪندراعظم جي ڪاهه کان وٺي پاڪستان ٺهڻ تائين، سنڌ جي سربستي تاريخ ڏنل هئي، ۽ دل ڇاڪائيندڙ نوع ۾ ڏيکاريل هو ته اصل کان آخر تائين، سنڌ واسين جي گهرو ٽوٽ هڻڻ ڪري ٿي سنڌ ديش سدائين ڌارين قومن جي ظلمن جو شڪار ٿيندو آيو.

سنڌي هندن جي تاريخ لکڻ جو پهريون قدم 'ڪشنچند ياتيا' ڪنيو هو، جنهن 1908ع ۾ "ياتين جي تاريخ" ڇپائي هئي، جا ڪن گجراتي تاريخن ۽ روبرو ڪنو ڪيل احوال مان ٺاهيل هئي. هن تاريخ ۾ ڏيکاريل هو ته سنڌي ياتيا اصل جادوَ ڪُل جا اولاد هٿا، جي سري ڪرشن سان مٿرا مان دوارڪا آيا هٿا، ۽ جيسلمير اچي وسايائون ۽ راجپوت جوڌا ٻڌيا، ۽ آخر سنڌ ۽ گجرات ۾ اچي واپاري ٿيا.

---

(1) هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ 1949ع ۾ هن ڪتاب جو ٻيون ڇاپو نڪتو هو، ۽ پڻ ماڙيوالا صاحب جا به وڌيڪ تاريخي مضمونن جا مجموعا "اتهاسڪ چتر" (1950ع) ۽ "وچتر ورق" (1951ع) شايع ٿيا.

'پيرومل مهرچند' سالن جي کوجنا کان پوءِ، سوين ڪتابن ۽ مخزنن مان مواد ڪٺو ڪري، "قديم سنڌ" نالي ڪتاب ٽن پاڳن ۾ رٿيو هو، پر ان جو صرف پهريون جلد 1944ع ۾ پورو ڪري سگهيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي قديم ترين زماني جي تاريخ ڏني هئي، جنهن ۾ سنڌ ديس جي جنم، موهن جي ڏڙي، ۽ رگ وير واري دؤر جي تهذيب جو ذڪر ڪيل هو - جنهن کي سنڌ جي تاريخ جو اونداهو دؤر ڪوٺبو آهي. منجهس سنڌ جي اوائلي اوڄ ۽ شاندار تهذيب جو نظارو ڏيکاريل هو. باقي ٻن پاڳن ۾ پيرومل جن کي ويدن پُراڻن ۽ تاريخ جي وچولي زماني ڪان وٺي عربن جي فتح تائين، هندن جي صاحبيءَ جي تاريخ ختم ڪرڻي هئي، پر افسوس جو اهو ڪارج پورو ڪري نه سگهيو ۽ ايڏو کوجنا ڪيل ذخيرو الائجي ڪٿي گم ٿي ويو.

آخر ۾ استاد پيرومل جي انهن اورچ ۽ اٿاهه کوجنا وارن ڪتابن جو ذڪر ڪبو، جن ۾ هن عالم سنڌ جي هاٿوڪن هندن جي تاريخ ڪٺو ڪري زنده رکيو. هن ڏس ۾ پهرئين سندس ٻه چوپڙيون نڪتيون؛ هڪڙي "هندن جون ريتون رسمون"، جنهن ۾ هڪ ٻڌوان برهمڻ سان گفتگو معرفت سمجهايل هو ته انهن جهونين رسمن جي معنيٰ ۽ مراد چا آهي، ۽ چالو زماني ۾ انهن مان کهڙيون بند ڪجن ۽ کهڙيون قائم رکجن؛ بي چوپڙي هئي "ريتن رسمن جو بنياد" جنهن ۾ هڪ وٺندڙ آکاڻيءَ جي ذريعي، جمڻ کان وٺي مرڻ تائين جيڪي هندڪيون ريتيون هلندڙ آهن تن جي بنياد جي خبر ڏنل هئي ته اهي ڪيئن شروع ٿيون. 1919ع ۾ پيرومل صاحب "عاملن جو احوال" ڇپائي پڌرو ڪيو؛ جنهن ۾ مختصر ڪتاب کي پوءِ وڌائي ۽ منجهس پائيبندن جو احوال پڻ گڏي، 1946ع ۾ "سنڌ جي هندن جي تاريخ" (پاڳو 1) ڇپايائين، جنهن ۾ الف - بي وار، آڏواٿين کان وٺي نوتاٿين تائين، ڪيترين آکهين جا شجرا ۽ مڪمل پاتين جا تفصيلوار احوال فوٽن سوڌو ڏنائين. هن پاڳي جو مهاڳ، سنڌ ۾ "هندن جي صاحبيءَ جي تاريخ" قديم تاريخ جو هڪ بي بها پاڳ آهي، جو سنڌ جي هاٿوڪين پنگتي حالتن تي به چٽي روشني ٽو وجهي. هندن جي تاريخ جو پاڳو 2، 1947ع ۾ نڪتو، جنهن ۾ باقي رهيل آکهين جا احوال، آسواٿين کان وٺي هنگوراٿين تائين، پچاڙيءَ ۾ هندن جي لڏپلاڻ سوڌا ڏنائين. هن پاڳي جو شاهي مهاڳ "آڳاٽو سنڌ سماچار" ته خود هڪ ڪتاب

ٽي ٻيو، جنهن ۾ حيدرآباد، ڪراچيءَ ۽ ٻين وڏن شهرن جون تاريخون ڏنل هيون، ۽ سنڌ جي عاملن، پائيبندن، ۽ عورتن جي ترقيءَ جا احوال خاص دلچسپ هٿا. قابل مصنف جي دعويٰ تحقيق سچي آهي تہ، "هيءَ هڪ نئين نموني جي پنگتي تاريخ آهي، جنهنجي جوڙڻ لاءِ هيتري مٽاڪٽ ڪئي اٿر. اهڙو ڪتاب سڄي هندستان ۾ بنگالين، مرهٽن، گجراتين يا ٻين اڄ تائين ڪونہ ڪڍيو آهي." هيءَ پستڪ نہ فقط سنڌي ساهت جي هن اعليٰ هستيءَ جو آخرين يادگار رهندو، بلڪ سنڌي هندن جي تاريخ کي پڻ امر رکندو، جو سنڌ ۾ شايد سگهو ٽي وسري وڃي، پر هتي هندستان ۾ وسارڻ نہ ڏيندا سون.

فصل ستون

# تنقيد جي اؤسر

سياويڪ آهي تہ ساهت جي تاريخ ۾، پهرين ڪتاب رچيا وڃن ۽ پوءِ اُنهن جي ساهتڪ ڪٽ ڪئي وڃي يا اُدبي اندازو لڳايو وڃي؛ يعني تہ تصنيف کان پوءِ ئي تنقيد جو احتياج ٿئي ٿو، جنهن ڪري تنقيد کي تصنيف جو تَتُ يا پُورڪ فن (complementary) ڪوئي سگهجي ٿو. پر تنقيد يا اُدبي نڪتہ چيني ڪندي، ساهتڪ رچنائن مان نہ فقط خامين ڪڍي ظاهر ڪيون آهن (جيئن نڪتہ چيني آکر مان مطلب ٿو نڪري)، پر خوبيون پڻ ڪڍي ڏيکاريون آهن. تنهن ڪري تنقيد جو ہڪ مقصد آهي ثواب شناسي ۽ عيب جوئي. تنهن کان سواءِ، جنهن صورت ۾ ادب جا ٻہ پهلو آهن؛ "مال" (Content) ۽ "رومال" (Form)، تنهن صورت ۾ ادبي اندازو ٻہ انهن ٻنهي پهلوئن کان لڳائڻ ڪپي؛ يعني موضوع توڙي عبارت جي مدنظر کان، تصنيفن جو خوبيون ۽ خاميون ڳولهي ڏيکارڻ ڪپن. اهڙي چوڌطرفي ڪٽ ڪرڻ واسطي، نقاد يا ادبي نڪتہ چين لاءِ اُدب جي ٻنهي شاخن نظم ۽ نثر جي مڙني صنفن؛ شعر، ناول، ناٽڪ، مضمون وغيرہ جو وسيع مطالعو، ۽ اُنهن جي علحدن اصولن جو گهِرو علم ضروري آهي. تنهنڪري منهنجي نظر ۾، نقاد جون لياقتون ۽ جوابداريون، مصنف جي فرضن کان وڌيڪ مشڪل آهن.

## اُدبي اصولن جا ڪتاب

اُدبي اصولن ۽ قاعدن قانونن بابت ڪتاب تنقيد جا بنيادي ڪتاب سمجهڻ ڪپن. اهڙو جهوني ۾ جهونو ڪتاب 'محمد فاضل شاهہ' جو "ميزان الشعر" ڏسڻ ۾ ٿو اچي، جو 1875ع ۾ نڪتو هو، ۽ جنهن ۾ شعر جي جدا جدا نمونن جون سمجهائيون ۽ مثال ڏنل هٿا. پوءِ 'مرزا قليچ بيگ' جو "انشاءِ سنڌي" نڪتو، جنهن ۾ سنڌيءَ ۾ خط و ڪتاب جي فن جا قاعدا مثالن سوتا سمجهايل هٿا. 'مرزا قليچ بيگ' جو "علم ادب" 1913ع ۾ نڪتو هو، جنهن ۾ اُدب جون مکيہ خاصيتون ڏنل هيون. 1914ع ۾ "سنڌي ساهت

سوسائٽي" جي بنيادي ساليانو جلسي تي، مرزا صاحب پنهنجي صدارتي تقرير پڙهي هئي، جنهن جو عنوان هو "سنڌي شعر جي قديم حالت ۽ پوءِ جو سڌارو". هن مقالي ۾ شعر جي مکيه وصفن، سنڌي هوليءَ جي بنياد ۽ سنڌي شعر جي ترقيءَ جو مثالن سميت، شروعات کان وٺي بيان کيل هو. جهونين پارتي هولين ۽ سنڌي هوليءَ بابت مرزا صاحب جي تحقيقات غور طلب آهي:

"هند جي اصل هولي آرين هئي جا بدلجي نيٺ سنسڪرت ٿي، ۽ آريه لوڪن جي ٻي شاخ يعني ايرانين وٽ اها ساڳي آرين هولي زنداوستا ٿي. انهن ٻنهي جا اصلوڪا گهرو لفظ وغيره هڪجهڙا آهن. اهي ٻئي انهيءَ اصلوڪي آرين هوليءَ جون ڏيئون چٽيون ۽ پاڻ ۾ ڀيٽون ٿيون. اهي ٻئي قديم هٿ ڪري پاڪ هوليون شمار ۾ آيون ۽ فقط ڪن خاص ڏرمي ماڻهن جي ڪم جون ٿيون. نيٺ انهن ماڻ وري ٻيون ڏيون ڇڏيون. هڪڙيءَ پراڪرت ڇڏي ۽ ٻيءَ پهلوي يا پارسي، جي رواجي ماڻهن لاءِ مقرر ٿيون. هند جي خاص اصل هولي برج ياشا هئي جا سنسڪرت مان نڪتل ناهي، مگر سنسڪرت جو اثر پوءِ اُنهيءَ تي پوڻ لڳو... اسان جي سنڌي سڌي سنسڪرت مان نڪتل ناهي، پراڪرت مان نڪتل آهي. تنهنڪري سنڌ جي هولي توڙي شعر جي حالت پراڪرت ۽ ياشا جهڙي پٽي رهي آهي. قديم سنڌي، ڪريل پراڪرت يا ڪريل ياشا هئي، جيئن بلوچڪي ڪريل پارسي آهي. عربي هوليءَ جو اثر نه اڳي ٿي پارسيءَ جي معرفت پراڪرت ۽ برج ياشا تي ٿيو هو، ويتر عربن جي سنڌ تي سڌيءَ فتح هٿ ڪري سنڌي هوليءَ ۾ پاڻ زياده عربي لفظ داخل ٿيڻ لڳا."

1920ع ۾ مرزا صاحب جو "علم بديع" شايع ٿيو، جنهن ۾ نثر ۽ نظم جا فارسيءَ تان ورتل قسم ۽ قاعدا، تفصيلن ۽ مثالن سان سمجهايل هئا.

## تنقيد جا اوائلي ڪتاب

نٽين سنڌي نثر جي پايو وجهندڙ مرزا قليچ بيگ کان پوءِ، ٻيو نثر جو ٿنيو 'ديوان دياراڻ گدوملڙ' هو، جنهن نثر جي نٽين پيل پائي ديوان ڪوڙيمل جي سوڊيل سامي جي سلوڪن جو مهاڳ "سامي" جي سلوڪن جو تات پرج" سري سان 1885ع ۾ لکيو هو، ۽ مرزا صاحب جي ترجمو ڪيل 'رباعيات عمر خيام' جو "ديباچو" 1904ع ۾ لکيو هو. ديوان دياراڻ جا اهي مختصر مهاڳ نه رڳو نيٺ ۽ چيديءَ سنڌي جو نمونو هئا، پر پهرين

منجهه ويدانت جو ۽ ٻئي ۾ تصوف جو حاصل مطلب نهايت مجمل، پر اثراتي نموني سمجهايل هو - جيتوڻيڪ منجهن شاعرن جي عبارت جو اندازو نه لڳايو ويو هو. "سامي" جي سلوڪن جو تات پرج" مان ديوان صاحب جي ويچارن ۽ لکڻي جو مثال ڏجي ٿو:

"ساڌ سنگت کي هڪڙي ڳالهه آهي، ساڌو ٽيئ ٻي. ساڌ سنگت کري من جا پوت کيڏي سگهجن ٿا، پر ساڌو ٽيئ کان سواءِ سائين نٿو ملي. کي ايئن پيا سمجهن، ته ساڌو اُهي آهن جن جهان چڏي فقيري جي جهولي پاتي آهي. پر جهان جي کڏن کوهن، چکڻ ۽ ترکڻن جي جنهن کي آزمائش نه هوندي، تنهن کي سچي لئو ڪڏهن نه لڳندي. جو لهرين جو لحاظ ڪندو سو ترڻ مُور نه سکندو. جو دنيا جي هوَس سان نه لڙندو، تنهن کي سورمو ڪير چوندو؟ جو ڏکن ڏاکڻن کان گيدي ٿي پجندو، تنهن کي آسماني واهر جي کهڙي خبر پوندي؟... انهي ودِيا (ويدانت) موجب ٻين جو خير پنهنجو خير آهي، ٻين جي خدمت پنهنجي خدمت آهي ۽ پگوان جي ٻانهپي، بادشاهن جي سلطاني ڪان وڌيڪ آهي. اهي آهن سبق جي ويدانت سيکاري ٿو. اها ساڳيا سبق سامي جي سلوڪن مان پرجهي سگهن ٿا."

ڏسڻ ۾ ٿو اچي اوائلي سنڌي نڪتہ چين فقط مضمون جي پهلوءَ کان شاعرن جي سرسري ڪَٽ ڪندا هٿا ۽ سندن حياتي جو مختصر احوال ڏئي چڏيندا هٿا، پر سندن هولي جي خوبين خامين ڏانهن ڏيان نه ڏيندا هٿا. 'مرزا قليچ بيگ' به 1885ع ۾ "شاهه پٽائي جو احوال" ۾ صرف شاهه صاحب جي زندگي جو بيان ڏنو هو ۽ تنقيد جي دعويٰ به ڪانه ڪئي هئي. "قديم سنڌ جا ستارا" (1923ع) ۾ به مرزا صاحب، انگريزن جي راڄ کان اڳ وارن مسلمان مصنفن ۽ شاعرن جون مختصر سوانح عمريون ڏنيون هيون. 'ديوان تاراچند شوقيرام' پڻ انڪل 1895ع کان 1898ع تائين هفتيوار پترا ڇپائيندو هو، جن ۾ شاهه، سامي، گل وغيره ۽ ٻيا سنڌي شاعرن ڪبير، ميران ٻائي ۽ سعدي وغيره جا جيون چرتر ۽ سندن شعر جي فقط معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏيندو هو، جي سڀ پترا 1939ع ۾ "ڪوڙومل ساهتيه منڊل" ڪنا ڪري "جيون ڪلواري" نالي ڪتاب ۾ ڇپايا هٿا. پر انهن جهونين ڇوپڙين ۾ ڪا باقاعدي تنقيد ڪيل ڪانه هئي، جنهن ڪري انهن کي مضمون نويسيءَ واري فصل ۾، جيون چرترن واري فقري ۾ درج ڪيو ويو آهي.

تنقيد جو جهوني ۾ جهونو مڪمل ڪتاب 'ديوان ليلارام سنگهه' جو لکيل "Life, Religion and Poetry of Shah Latif" 1890ع ۾ نڪتو هو. نئين سنڌي نثر جي اڳواڻ؛ مرزا قليچ بيگ، ديوان ديارام، ديوان ڪوڙيمل ۽ ديوان ليلارام سنگهه جي چوڻياري به تن ڏينهن مشهور هوندي هئي. جيئن انگريزي ادب جي تاريخ ۾، Shakespeare کان ڏيڍ صدي ڪن پوءِ، Dryden پهريون عالم هو جنهن هن جي نانڪن تي نڪته چيني ڪئي، تيئن سنڌ جي شيڪسپيئر شاهه جي نڪته چيني پڻ شمار ڏيڍ صديءَ بعد ديوان ليلارام سنگهه ڪئي هئي. پر سندس اندازو، جيتوڻيڪ ڪتاب جي منڊ ۾ جاڙايل اصولن موجب باترتيب لڳايل هو، تنهن هوندي به سنڌي ساهت جو پاڳو ٿي نٿو سگهي، ڇو جو اهو ڪتاب سڄو انگريزيءَ ۾ لکيل هو ۽ اڄا تائين سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪونهي. گهٽو پوءِ، هڪ انگريز ڪليڪٽر H.T.Sorley شاهه صاحب جي زماني ۽ ڪلام تي همدرديءَ پري ۽ خاطر خواهه تنقيد ڪئي هئي ۽ شاهه جا ڪيترا بيت انگريزي نظم ۾ به آندا هٿا، جنهن لاءِ هن صاحب کي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ Ph. D. ڊگري ڏني هئي. پر اهو ڪتاب "Shah Abdul Latif of Bhit" (1940ع) پڻ انگريزيءَ ۾ لکيل هڻ سبب سنڌي ادب ۾ درجو رکي نٿو سگهي. (1)

## باقاعدي تنقيد جا ڪتاب

اُهو عالم جنهن سنڌي تنقيد کي سڌريل، ترتيب واريءَ ڪڙيءَ تي آندو سو هو 'لعلچند امرڏنومل' جنهن ساهت جي هيءَ شاخن ۾ به بنيادي ڪم ڪيو هو، جيئن هيءَ هنڌ ڏيکاريو ويو آهي. هن صاحب ٿي "سنڌي ساهت سوسائٽي" جو پهريون ماهور رسالو چالو ڪيو هو؛ هن جو ٿي پهريون لوڪ - ڪهاڻيءَ تي ٻڌل ناڪ "عمر مارئي" ڪري ڏيکاريو ويو هو؛ هن ٿي پهريون سير سفر جو ڪتاب "مسافريءَ جو مزو" ڪڍيو هو؛ ۽ تنقيد جي ميدان ۾ پڻ "شاهاڻو شاهه" سندس برپا ڪيل، "سنڌي ساهت سوسائٽي" جو 1914ع ۾ ڇپايل پهريون رسالو هو جنهن ۾ خيال خواهه عبارت جي لحاظ ڪان ڪٿت ٻڌي تور ٽڪ ڪيل هئي. شاهه صاحب جي ڪلام جون خوبيون ۽ خاصيتون جدا جدا فقرن ۾ ڳولهي سمجهايل هيون، ۽ هر هڪ خوبيءَ لاءِ ڇڪل سلسليوار حوالا پڻ شاهه جي بيتن مان ڏنل هٿا، جنهن ڪري هن ڪتاب پڙهڻ

(1) تازو انهيءَ ڪتاب جو سنڌي ترجمو عطا محمد پنيري "پٽ جو شاهه" نالي سان سنڌيڪا اڪيڈمي، ڪراچي وارن شايع ڪيو آهي.

مان پهريون دفعو مغربي تنقيد جي طريقي جو ساءُ پٽي آيو. لالچند جي باقاعدي اندازي لڳائڻ جو مثال هيٺ ڏجي ٿو، جنهن ۾ بيت جي شرح ڪرڻ سان گڏوگڏ ڏکيئ اکرن جون معنائون ۽ دلچسپ نموني ۾ ڏسيندو وڃي:

"ساڳي سُر (يمن ڪلياڻ) جي ڇهين فصل ۾، ۽ برووي سنڌيءَ جي پهرين ۽ ٻئي فصل ۾، ۽ سُر ڪنيات جي پهرئين فصل ۾ ۽ ساري سُر آسا ۾ اچي جو معشوق جي مدح ۽ عشق ۽ عاشق جي بيان تي ٿو پوي، سو ته هڪڙو وس ٿو ڪري. سُر ڪلياڻ جي ٻئي فصل ۾ پاڻ چيو اٿس ته:

اسان عبادت نظر ناز پرين جو.

يعني ته اسان عاشقن جي عبادت اها آهي، جو پرينءَ جا ناز نخرا ڏسي، سدائين ان جي پيا سارهه ڳايون، تنهنجي پوري پوري پيروي هت ٿو ڪري. چي:

صورت سندين سال،

سال يعني اوجل، صفا.

صورت سندين سال، پاڻ مصاحب سپرين،
مولئ ڏنن منهن ۾ نوري نيڻ نهال؛
سندي خواب خيال، مون من مستانو ڪيو.
نظر نزديڪون، سهي نه سگهان ساعت سنڀين،
پسڻ پري سندو، آءُ نالي ڳيڙي نجهران.

ڪي شت چوندا ته هيءَ نسوري عشق بازي آهي، ۽ پچندا هن جي معرفت ٻلا شاعر ڪهڙا باريڪ ۽ بلند خيال طئه ڪيا آهن. تن کي ڪهي ته هي بيت ٽورو ويچار سان پڙهن ۽ جاچي ڏسن ته شاعر چا ٿو چوي؟

سندي خواب خيال مون من مستانو ڪيو،
پسڻ پري سندو آءُ نالي ڳيڙي نجهران.

تنهنجو مطلب هي آهي ته مرشد سڳورو اهڙو ته نور سان پرپور آهي جو آءُ خواب غفلت ۾ ٿي سُتو پيو آهيان، يعني سنسار مهاجار ۾ ٿي ڦاٿو پيو آهيان ته به سندس سهڻي صورت ۽ ناز پرين نيڻن جي رڳي خيال منهنجو من وس کان ٻيوس ڪري ڇڏيو آهي ۽ آءُ سندس نانءُ ڳڻهي پيو نجهران يعني جهوتا کان. ايجا جي سندس نج درشن ٽيم ته پنهنجي شناخت ٿي نه رهيم. رچي لال ٿي وڃان."

لعلچند جي سمجهائيءَ موجب مهڙا هزارين مجازي عشق ۽ حسن وارا

بيت شاهه صاحب پنهنجي مرشد سڳوري لاءِ چيا آهن، ۽ جيئمل پرسرام به ساڳئي خيال جو هو. پر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو رايو اوڙ هو، جو اڳتي هلي ڏنو ويندو.

ساڳئي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالن ۾ لعلچند صاحب "سونهارو سچل" (1916ع) ۽ "بيرنگي باغ جو گل سندي" (1920ع) به ڪڍيا هٿا، جي پڻ ساڳيءَ دلڪش طرز ۾ لکيل هٿا، پر منجهن ترتيب جان تان گهٽ رکيل هئي ۽ شاعر جي عبارت جو تخمينو مختصر طور ڪيل هو. آخوند گل محمد واريءَ ڪتابڙيءَ جو نالو به خوامخواهه چوڌطبقو ڪٽي رکيو هٿائين، جو پهرين ٻن جهڙو سليس ۽ منوهر نه هو؛ صرف "گل سندي" ڪوئيس ها ته بهتر ٿئي ها. ان چوپڙيءَ ۾ لعلچند لکيو هو؛ "البت لطيف ۽ سچل جي نسبت ۾، گل رڳي چاڙ ۾ چيرون هنيون آهن، ته به سندس شعر چگو لطف وارو ۽ لذت پريو آهي." "سونهارو سچل" ۾ وري شاهه ۽ سچل جي پٽ هن ريت ڪٽي هٿائين؛

"شاهه لطيف به غضب جو صوفي ٿي ويو آهي؛ پر نفس کهڙو نِپٽو آهي، ۽ ڪيئن ان کي نِهوڑجي، تنهنجو وِستار هن گهٽو ڪيو آهي. سچل نِي، نت، راز الاهي پيو ظاهر ڪري، ۽ نِجو تصوف پلٽي. شاهه صاحب شريعت کي به شرف ڏنو آهي. سچل طريقت کي به ترڪ ڪري، گهٽو ٿٽو حقيقت ۽ معرفت کي لڳي ويو آهي. شاهه لطيف شينهن وانگر ڇڙو گنيير آهي، ۽ جهنگ مايا ۾ رڳيءَ پنهنجيءَ حشمت سان نفساني جناورن تي جمايو وينو آهي. سچل شڪروشهباز آهي ۽ نِت پک پکيرڙو هوا ۾ پيو اڏامي. شاهه لطيف ڪڏهن ڪڏهن هڪڙياڻي گجگوڙ ڪري ٻڌائي ٿو ته، 'آءٌ ڪيرآهيان.' سچل نت زور شور سان سيڻيون وڄائي سڃائي ٿو ته، 'آءٌ ڇا آهيان'."

'جيئمل پرسرام' پيو نڪته چين هو، جنهن پنهنجي برپا ڪيل "نئين سندي لائبريري" ۾ "پائي ڪلاچند" (1914ع) ۽ "شاهه پٽائيءَ جي حياتي" (1915ع) ڇپايا هٿا، جن ۾ جيتوڻيڪ گهٽو زور شور شاعر جي حياتيءَ تي ڏنل هو، تنهن هوندي به سندن صوفياڻي فلسفي جي ڪجهه قدر اپٽار ڪيل هئي ۽ سندن چوند ڪلام به پڇاڙيءَ ۾ ڏنل هٿا. جيئمل صاحب "سچل سرمست" (1922ع) ۾ اُن شاعر جي، پوري فقر هيٺ باقاعدي تنقيد ڪئي، ۽ آخر ۾ سندس ڪيترو ڪلام سِرَ هيٺ ورهائي ڏنائين؛ تنهن هوندي به سندس عبارت تي گهٽ ڏيان ڏنل هو. هيٺين چوندبيل مثال ماڻ

جيئمل جي وسيع فيلسوفائي اپياس ۽ نئين زماني واري، مشابهتي تنقيد (Comparative Criticism) جو نمونو ملي ٿو:

"مٿيون رستو 'نفي' (Negation) جو آهي، مان هي نه آهيان، هي به نه آهيان، پر پوءِ پنڌ اثبات (Affirmation) جو آهي، جتي صوفي چوي ٿوته آءٌ هي به آهيان، هو به آهيان، سڀ آهيان. 'فنا' جي رستي ۾ پنڌ ڪندي، نفس ۽ من کي مارڻ ۾ جهد ۽ جفا ڪرڻي آهي، تنهنڪري طالب کي تڪليف ٿي ياسي، پر جنهن وقت هن اهو نفس ماريو، تنهن وقت هو آرام کي رسي ٿو. جيئن حضرت عيسيٰ ٿو فرمائي:

'مون به جڏهن پنهنجي من کي ماريو،
پيءُ مونکي پنهنجي تخت تي ويهاريو.'

من جي خيالات کي پڄڻ بعد ساڳئي طرح پتنجلي ٿو چوي ته، چت جي ورتين کي بند ڪرڻ بعد ساکي پنهنجو پاڻ ۾ ٿو رهي. پاڻ سڃاڻڻ جو اول رستو آهي من مارڻ يعني ڪوڙي 'پاڻ' کي وڃائڻ، جنهن طلسم کان نڪرڻ بعد جزو کل ۾ ٿو سمائجي ۽ سڀ ڪجهه 'سائين' ٿو ڏسجي. 'اسين پاڻ کون وياسين، ڪنهن ٻيءَ جاءِ پياسين'... هندو چون ٿا ته آهي ئي برهم. مسلمان چون ٿا ته هو رڳ ڪان به ويجهو آهي. سک چون ٿا ته 'سڀ آپيئي سچيار' 'حاضران حضور' آهي. هائي سوال آهي ته جي هو جتي ڪٿي آهي، ته اسين ڪٿي آهيون؟ بلڪ جاميٽريءَ جو سولو اصول آهي. ته آهي ئي پاڻ، ته به شيونساڳجاءِ ڪيئن والاريندیون. ته جيڪڏهن هو جتي ڪٿي موجود آهي ته آهي ئي پاڻ اسين آهيون ئي ڪين. تنهنڪري حضرت عيسيٰ ٿو چوي، 'اسين رهون، چُرون ۽ هستي رکون ٿا هن ۾.'... سچل به هن ڳالهه کي کوليو آهي: 'حق هويا اثبات جڏهان، تڏهان گم هويا اهو دعويدار.' زم منجهان ٿو چوي:

'مان ناهيان، ناهيان، ناهيان،
مٿنون قسم هويا سچي سائين دا...'
'اکيون اُپٽي جي ڏسين،
تان هادي آهي هر جاءِ.'
'يار رنگيلو هڪ رنگ نه آهي،
ڪوڙين سندس رنگ ڪيئي.'
'ظاهر آهي ذات تنهنجي، هٽ شهر بازار.'

'ڪاڻي هنومان ڪوڻائين،
ڪاڻي ڏهيسر ڏسائين ٿو.'

'رانجهو هير، تي ليلا مجنون، سوين نام سڏيندا،
ڪيري هوڪي صورت والي، سچو ناچ نچيندا.'

سچوءَ اهڙي سمجهي آهي جا ڪو ورلو سمجهي. اها مستي ڪهڙي آهي، اها سرمستي چا آهي، سا تہ رڳو عاشق خدا جا ڄاڻن."

1922-23ع ۾ جينمل "شاهہ جون آکاڻيون" (2 ڀاڱا) ڇپايون هيون، اُن سلسلي ۾ "شاهہ جي آکاڻين جي سمجهاڻي" 1922ع ۾ ڇپايائين، جنهن ۾ انهن لوڪ ڪهاڻين جا تمثيلي مطلب ۽ روحاني راز، شاهہ جي ڪلام مان مثالن سميت، ڏولهي سمجهايا هٿائين، جنهنڪري هن پچاڙيءَ واري ڪتاب کي تنقيد جو درجو ڏئي سگهجي ٿو. جينمل صاحب ٽياساڻي مت جي اونهي اپياس ڪرڻ ڪري، پوربي شاعرن جي ويدانت ۽ تصوف، توڙي پڇمي شاعرن جي عيسائي فلسفي ۾، ٽياساڻيءَ جا مول متا ڏسندو هو، جي پيٽ ڪري ثابت ڪري ڏيکاريندو هو ۽ سندس تحريرن خواهہ تقريرن ۾ سندس دليل اڪثر دل سان پيا لڳندا هٿا.

## سنڌي تنقيد جي ڪماليت

آخر اهو استاد اچي ويو جنهن جي هٿن ۾ سنڌي تنقيد ڪماليت جي درجي کي پهتي. 'پروفيسر هوتچند گربخشاڻي' انگريزيءَ ۾ "ڊاڪٽر" هو، فارسيءَ جو معلم هو، عربي، سنسڪرت ۽ هنديءَ جو عالم هو ۽ سنڌيءَ ۾ مصنف هو. ايترين زبانن ۾ مهارت هٿ ڪري هو صاحب علم لغت جو گهرو ڄاڻو هو ۽ سنڌ جو اهم اديب هو، جنهن کي سنڌين تي ناز آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي اوائلي ادبي خدمتن کان کي سنڌي شايد اڃ واقف هجن. اڄي عام رايو هوندو هو تہ شعر کان سواءِ، سنڌيءَ ۾ ايترو اعليٰ درجي وارو ادب آهي ئي ڪونہ، جو سال بہ سال ڪاليجن ۾ درسي ڪتابن طور پڙهايو وڃي. پر 1921ع ۾، پرنسپال شاهاڻي جي فرمائش تي، هن صاحب بمبئي يونيورسٽيءَ کي "سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود چيپل ساهت" نالي هڪ زوردار مقالو انگريزيءَ ۾ تيار ڪري موڪليو هو، جنهن جي آڌار تي ئي سنڌي ٻولي، ڪاليجن ۾ پاڙهہ ۾ آئي ۽ نئين سنڌي ساهت پيدا ٿيڻ کي هٿي ملي

وئي. اهو بيان "د - ج - سنڌ ڪاليج مسلني" جي فيبروري 1926ع واري پرچي ۾ A Brief Survey of Published Sindhi Literature عنوان سان ڇپيو هو، جنهن مان هيٺين فقري جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڏجي ٿو:

"سنڌي ڪنهن به صورت ۾، جيئن غلط سمجهيو ويندو آهي، پنهنجين پينرن ياشائن کان پنڌتي پيل ڪانهي. رچنا جو ڪوبه نمونو، نثر خواهه نظم ۾، منجهس ناموجود ڪونهي؛ ۽ دماغي هلچل جون ڪي به اهڙيون وصفون نه آهن جي منجهس درج ٿيل نه هجن. سنڌ سان چٽي سگهجي ٿو ته سنڌيءَ ۾ هر قسم جو ادب پيو آهي، جنهن جو مقدار هوند ڪنهن کي به حيرت ۾ وجهي ڇڏي، بشرطيڪ اهو ڪٿو ڪيو وجي، ڇپايو ۽ شايع ڪيو وجي. گهٽن ٽي تاريخن، گهٽن ٽي ڪوتائن، گهٽن ٽي روماني قصن جا دستخط ڪن خانگي ڪتب خانن جي تاڪن تي، اڏوهيءَ جو ڪاڄ ٽي رهيا آهن."

تنهنڪري، پرنسپال گربخشائيءَ ٽي اهو عالم هو جنهن کي باترتيب تنقيد ڪرڻ جي هر ڪامياب لياقت هئي، ۽ جنهن 1923ع ۾ پنهنجي "شاهه جو رسالو" جو پهريون جلد ڪڍي، ان سنڌي شاعرن جي سرتاج جو شاندار يادگار قائم ڪري ڇڏيو، ۽ پاڻ کي به سنڌي ادب جي تاريخ ۾ امر بنائي ڇڏيو. ڈاڪٽر صاحب سخت جاکوڙ ڪري، شاهه جي ڪلام جا مڙيئي ڇپيل توڙي قلمي نسخا هٿ ڪيا، جن مان اونهي کوجنا ڪرڻ بعد اوڻٽو شاعرن جا چگا مَنا بيت ڪڍي ڇڏيائين، ۽ هن نئين رسالي ۾ شاهه صاحب جو نِبار ۽ صحيح ڪلام درج ڪيائين. اهو چاند چوند جو نازڪ ڪم، شيڪسپيئر (Shakespeare) ۽ ٻين قديمي مغربي شاعرن جي رسالن مان به، صرف ڪي سَند وارا صاحب ٽي ڪري سگهيا آهن. ٻيو ته بيتن جي شرح ۽ سمجهاڻيون جي هن صاحب ڏنيون سي نه اوٽ تي يا ڏکي بازيءَ سان - جيئن ڪن جهونن شاهه جي رسالن ۾ ڏنل هوندیون هيون - پر ڀاشا وگيان (علم اللسان) جي ڪسوٽيءَ ڪي لڳائي ڪيترن لفظن ۽ جملن جون معناٽون بنهه نيون ڪڍيائين، جن شاهه جي ڪلام تي گويا نئين روشني اڇلي ڇڏي. ٽيون ته ڈاڪٽر صاحب اصلوڪيون لاڙي هِجيئُون ۽ اُچار قائم ڪيا، جن ۾ اصل شاهه جو ڪلام چيو ويو هو ۽ نه هاڻوڪو حيدرآبادي تلفظ. هن خوبيءَ گربخشائيءَ صاحب جي رسالي کي برابر تصديق ۽ معتبري ڏني؛ پر مون کي شخصي آزمودو آهي ته ڪيترن چگن چوکن تعليم يافتن شاهه صاحب جي

شوق وچان هيءَ رسالو هٿ ۾ کنيو آهي، پر اهو جهونو تلفظ شاهه جي ڪلام سمجهڻ ۾ رڪاوٽ ثابت ٿيو آهي ۽ مورڳو چاهه وارن کي ٿاهه وجهي ڇڏيو اٿس. منهنجو دليل آهي ته جيئن انگريزي شاعرن شيڪسپيئر Shakespeare ۽ چاسر Chaucer جي جهونين هجيئن ۽ اُچار کي عام فهم بنائڻ لاءِ، سندن شعر نئين چالو تلفظ ۾ لکيو ويندو آهي، تيئن شاهه کي عام فهم بنائڻ لاءِ پڻ سندس ڪلام نئين مقرر تلفظ ۾ ڇپائڻ کپي، جو حيدرآبادي تلفظ آهي ڇو جو حيدرآباد ئي سنڌ جو ادبي تخت گاهه آهي. (1)

هن رسالي جي مقدمه (مهاڳ) ۾ اعليٰ درجي جي تنقيد ڪيل هئي، جنهن ۾ نه فقط شاهه صاحب جي سوانح عمري (حياتيءَ جو احوال) ۽ سندس ڪلام جو روحاني مطلب ڏنل هو، پر منجهس شاهه سان لاڳو هر موضوع تي تنقيد ڪيل هئي، مثلاً "شاهه جو مذهب"، "ويدانت ۽ تصوف"، سندس "شعر ۽ شاعري"، "مضمون ۽ عبارت"، "شاهه جي سنڌي" (جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ ڏنل هئي) ۽ ان جون "نحوي بناوتون" وغيره وغيره. اهو مشهور مهاڳ (مقدمه لطيفي" نالي سان 1936ع ۾ جدا ڪتاب جي صورت ۾ ڇپايو ويو، ۽ 1940ع ڌاري ڪي الڳ الڳ سُر پڻ ٽيڪا ۽ شرح سميت ڇپايا ويا هئا. "مقدمه لطيف" ۾ آيل "شاهه جي شعر جو مضمون ۽ عبارت" واري باب مان هيئيون مثال، خود ڊاڪٽر صاحب جي عالمانه مضمون ۽ عبارت جي جهلڪ ڏئي ٿو:

"شاهه جو عاشقاڻو شعر ٻن نمونن جو آهي. هڪڙو اهو، جنهن جو مضمون نج مجازي عشق آهي؛ ۽ ٻيو اهو جنهن جو مضمون حقيقي عشق آهي. فصل پهرئين ۾ ڄاڻايل آهي ته جڏهن شاهه ڪيرو جوان هو، تڏهن مرزا مغل بيگ جي نياڻيءَ کي هڪوار ڏسڻ شرط، مٽس مفتون ٿي پيو هو؛ ۽ جيستائين ڪيس نڪاح ۾ نه آندائين، تيستائين نهايت حيران ۽ پريشان هو. انهيءَ بيقراريءَ ۽ بيتابيءَ جي حالت ۾ جيڪو شعر چيو اٿس، سو عشق سان ٽمٽار آهي؛ ۽ نوجوانن کي منجهائڻس شايد گهٽو مزو ايندو. 'سر ڪنيات'، 'سر برووَ سنڌيءَ' ۽ 'سر پورب' ۾ اها ئي لات لڳي اٿس. انهن سرن مان جتان ڪٿان حسن ۽ عشق، ناز ۽ نياز، دلڪشيءَ ۽ دلربائيءَ، مايوسيءَ ۽ مبتلائيءَ،

(1) اهڙي مقرر (Standard) تلفظ ۾، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي مهتمميءَ هيٺ "هندستان ڪتاب گهر" وارن، هڪڙي ئي جلد ۾ مڪمل "شاهه جو رسالو" بمبئيءَ ۾ 1958ع ۾ ڇپايو هو.

انتظاريءَ ۽ بيقراريءَ جي بوءِ پٽي اچي.

"سندس عاشقائيءَ نظر ۾، معشوق جي مورت ڪل مخلوقات کان سهڻي آهي. سج، چنڊ، تارا، قطب ۽ ڪَتيون، جانب جي جمال جي جوهر اڳيان جهڪا ٿيو وڃن. محبوب جي اکين ۾ اهڙو ته ناز ۽ خمار آهي، جو ڪيس ڏسڻ شرط نہ فقط ساهوارن، پر بي جاندارن کي بہ، حيرت ۽ ادب وٺيو وڃي.

ناز منجهارا نکري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،
يون پڻ بسم الله چئي، راهه چمي ٿي رند،
ايئون گهٽي ادب سين، وٺي حورون حيرت هند،
سائينءَ جو سوگند، ساجن سيئا سُوهٽو... ...

مطلب ته شاهه جي عاشقائي شعر جو مضمون پارسي غزل جهڙوئي آهي؛ پر شاهه پارسي غزل جو هرويرو تتبع نٿو ڪري. پارسي غزل ۾ صبا پيغام پهچائيندڙ آهي، پر شاهه جو سنيهو رسائيندڙ آهي قمر يا ڪنگ. ازانسواءِ، پارسي غزل ۾ شراب، ساقيءَ، مطرب، باغ راغ وغيره جي گهٽي اپٽار ڪيل آهي، مگر شاهه ۾ اهڙو ذڪر ڪو چڀو ليندو. شاهه جو طريقو هر طرح نٹون آهي، ۽ سنڌ جي حالت تي پورو. سندس اشارا ۽ استعارا، ڪنايا ۽ تشبيهون، مڪاني حالت جي مطابق آهن... جام تماچيءَ جهڙو هاڪارو حاڪم هڪ ڪڪيءَ هاڻيءَ مهاڻيءَ جي عشق جي چنبي ۾ گرفتار ٿي، سندس غلام بنجي، ڪيس پنهنجي پَٽ راڻي ڪري ٿو. نوريءَ جي صدقي پنهنجو گيرب ۽ گاءُ ٿنو ڪري، پاڻ ڪي سندس پَڊ تي آڻي ٿو... 'سر ڪاموڏ' سارو عشق جي عيش عشرت، بوس ۽ ڪنار، ناز ۽ نياز ۽ وصل جي ميٺ ۽ مزي سان پريل آهي."

ياد رکڻ ڪپي ته گربخشائي صاحب، لعلچند ۽ جينمل صاحبين وانگر، شاهه جي ساڳين مٿين سُرن ۾ آيل 'پرين' ۽ 'ساجن' مان ستگروءَ يا مرشد جي تمثيل ڪانہ ڪڍي آهي، پر ان کي شاهه صاحب جي سچي پچي محبوبا سمجهي اٿس. ڊاڪٽر صاحب مجازي عشق کي نفسانيت سمجهي ٿو ڪٽا ڪري ڪونہ ڦٽو ڪيو آهي، ويتر ان کي شاعر جي حياتيءَ ۾ جوڳي جاءِ ڏني آهي. انهن مجازي عشق جي اثر هيٺ رچيل سُرن مان چڪي تاڻي حقيقي معنيٰ نہ ڪڍي، گربخشائي صاحب وڏي فراخدلي ڏيکاري آهي. ليڪڪ جي رچنا کي سندس زندگيءَ جي واقعن سان وابستو ڪري، ان جو اندازو لڳائڻ

کي سوانحي تنقيد (Biographical Criticism) کوئيو آهي، جو سڌريل طريقو ڊاڪٽر صاحب استعمال کيو آهي.

هن رسالي ۾ ڇپيل اهي لوڪ کهاڻيون جن تي شاهه جا کيترا سُر ٻڌل آهن، مثلاً "سسئي پنهون"، "سهڻي ميهار" وغيره، سي پڻ انهن تمثيلي معنائن سوڌيون، 1933ع ۾ "روح رهاڻ" نالي الڳ ڪتاب ۾ ڇپايون ويون هيون. پر افسوس آهي جو هن رسالي جا 3 جلد شايع ٿيا، (جلد ٻيون - 1924ع ۽ جلد ٽيون - 1931ع)، باقي آخري چوٿون جلد، خود ڊاڪٽر صاحب جي شڪايت موجب، اسان سنڌين جي بي قدريءَ سبب ڇپجي نه سگهيو. ۽ سندس اوچتي فوت کان پوءِ غائب ٿي ويو! اهڙيءَ طرح سنڌي ساهت جو هيءُ شاندار شاهڪار مڪمل نه ٿي سگهيو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ 1934ع ۾ "لواريءَ جا لعل" نالي آخري ڪتاب فارسيءَ تان ورتل ڪڍيو هو، جنهن ۾ خواجه محمد زمان ۽ ٻين لواريءَ وارن بزرگن جا احوال ۽ هدايتون ڏنل هيون، ۽ اهو به سندس مثالي عالماڻي نثر ۾ لکيل هو.

## گربخشاڻيءَ واري رسالي تي مباحثو

1923ع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري "شاهه جو رسالو" جي پهرئين جلد نڪرڻ شرط، ڇيٺمل پرسرام، جو خود خيالي ۽ بيپرواهه نقاد هوندو هو، تنهن پنهنجي "پارتواسي" اخبار جي 24-1923ع وارن پرچن ۾ ان تي کيترا تنقيدي مضمون لکيا. ڊاڪٽر صاحب جي اٿاهه محنت ۽ کوجنا جو جوڳو قدر ڪندي به، ڇيٺمل هن رسالي ۾ کيترين خامين ڪڍي پڌريون ڪيون، جنهن تان هڪ گرماگرم ادبي بحث چڙي پيو هو. هن بحث ۾ پاڳ ونندڙ مشهور عالمن جون به ڏيرون ٿهي پيون. ڇيٺمل سان شامل راءِ هٽا جهونا عالم: مرزا قليچ بيگ ۽ ديوان ليلا رامسنگهه ۽ سندس مخالف ماهر هٽا: لعلچند امرڏنومل، عيدنمل مينگهراج ۽ پيرومل مهرچند جنهن هن مباحثي کي "ناپاڪ تحرڪ" ڪوئيو هو. 'ڇيٺمل' واريءَ ڏر جا مکيه اعتراض هٽا، پهريون ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي مهاڳ ۽ ٽيڪا ۾ اجايا ڏکيا عربي ۽ فارسي لفظ ۽ محاورا استعمال کيا آهن، جنهن جو حوالو "پارتواسي" 24 ڊسمبر 1923ع واري 'ڇيٺمل پرسرام' جي شروعاتي ليک "شاهه لطيف جو نئون رسالو" مان ڏجي ٿو:

"اسين هن ليک ۾ سندس (ڊاڪٽر صاحب جي) اوائلي لکيل 'مقدمه' تي ڪجهه قدر ٽيڪا ڪرڻ ٿا گهرون. پڙهندڙ پڇندا ته اهو 'مقدمه' ڪهڙي چيز آهي. عام ريت سنڌيءَ جا ڳالهائيندڙ پائيندا ته هي ڪو ڪورٽ جو 'مقدمو' آهي. پروفيسر گربخشانيءَ جي 'مقدمه' جي معنيٰ آهي 'يومڪا'. اسان جو رايو آهي ته جيتوڻيڪ پروفيسر صاحب جي لکڻ مان ظاهر آهي ته هو سولي سنڌي ۾ لکي ڇاڏي ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي ته نهايت سليس ۽ سئو لکيو آهي، ته به خبرناهي ڇو، هرويرو پارسيءَ ۽ عربي لفظن تي ڪڏهن ڪڏهن ته ازحد ڇڪ ڪئي اٿس. اسين انهن مان نه آهيون جن جو عشق رڳو سنسڪرت شبدن سان آهي، يا رڳو پارسي عربيءَ سان آهي. خود شاهه جو رسالو ٻنهي سيپتاٿن ۽ ٻنهي قسمن جي ٻولين جو ميلاپ آهي. پر اسان جو رايو آهي ته ڪابه خاص ڪوشش پارسي يا سنسڪرت لفظن جي ڏيڻ جي نه ڪرڻ گهرجي. پروفيسر گربخشانيءَ مهاڳ جا پهريان صفحا خاص ڪري بلڪل ڏکين ۽ اسان جي نظر ۾ نهايت ئي ضروري پارسي ۽ عربي لفظن سان پريا آهن... جنهن صورت ۾ انهن لفظن جي بدلي پاڻ وٽ سنڌيءَ ۾ لفظ موجود آهن، تنهن صورت ۾ اسان جي نمائي راءِ آهي ته اهي اکر وجهڻ ڪپندا هئا. مثلاً پهرئين ٽي باب جي پهرين سٽن ۾ هيٺيان لفظ آهن: 'سوانح، حوالا، ولادت، سياحت، ملاجعت، معتقد.' 'ولادت' جي بدران جم ۽ نسل جهڙا سولا لفظ ڪم آڻڻ گهرجن.

"اهڙيءَ طرح ڪيترن هنڌ اهڙي ڏکي ٻولي ڪم آندل آهي جو شاگردن کي ۽ اسان پارن گهٽ ڄاڻن کي گهڻي تڪليف ٿيندي. البت سولا اکر سنڌيءَ ۾ نه هجن ۽ پوءِ ڪٿي پارسي يا سنسڪرت مان آڻجن ته فڪر ڪونهي. باقي لکڻ ته 'مشرقي دماغ افسانه پردازي لاءِ نهايت قابل آهي'، 'سيني حوالن کي مقابل ڪري ۽ تنقيد جي تارازي ۾ توري'، 'سنڌي آگر هڪ حاذق حڪيم جيئن، نوع انسان جي طبع جي نبض شناس'، 'تلفظ جهونو اختيار ڪيو ويو آهي'، 'شيرين شمائل جي سودا' وغيره وغيره جملا گهڻو سولا ٿي سگهن ٿا. سنڌيءَ ۾ لاڳو اکر سولو آهي. پوءِ 'همدوش' جي ڪهڙي ضروت؟ شڪل يا صورت سهڻو لفظ آهي، پوءِ هرويرو 'رويا' لکڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ايئن آهي ته ڪيترن هنڌ پروفيسر گربخشاني وڌيڪ سولي ٻولي لکي آهي، ۽ ڪن ڪن هنڌ ته سندس قلم اتساهه پيدا ڪندڙ آهي... ايترو لکڻ ضروري آهي ته هن ڪتاب لکندڙ هر ڪنهن مدد جو حقدار آهي."

جواب ۾، "پارتواسي" 14 جنوري 1924ع واري پرچي ۾ 'پيرومل مهرچند' لکيو هو:

"توهان پروفيسر صاحب جي محنت کي 'تحسين جوڳي محنت' سڏيو آهي ۽ ايئن به لکيو اٿو ته 'هن کيرون لهٽيون'. پر پوءِ جو اتي ئي ويهي ابتا رايا ظاهر ڪيا اٿو تنهن جي معنيٰ ڇا؟... ڏسان ٿو ته توهان رڳو مڃيءَ مان ڪندا ڪيا آهن ۽ ٽٽولي ڪئي آهي،... اهو اصل قاعدو آهي ته هرڪو قابل ۽ سمجهو لکندڙ هميشه مضمون جي مناسبت تي لفظ ۽ جملا ڪتب آڻيندو آهي. خود رسالي ۾ ڏسبو ته شاهه صاحب 'مستزق' ۽ ڪيترا ڏکيا لفظ ڪتب آندا آهن ۽ قرآن شريف ۽ حديث مان سڃيون سڃيون آيتون ڏنيون اٿس. حقيقتاً سڄو رسالو ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن سان پريو پيو آهي... پروفيسر گربخشاڻيءَ جو رسالي جو 'مقدمه' (پرستاونا) لکيو هو تنهن مان سندس قابليت چنڊيءَ طرح پئي بکي... 'مقدمه' لفظ عام طرح پارسي ۽ اڙدو ڪتابن ۾ ڪم آڻيندا آهن ۽ اوهان اهو لفظ اڳي نه ٻڌو آهي ته لکيو اٿو ته 'عام ريت سنڌيءَ جا ڳالهائيندڙ ياڻيندا ته هي ڪو ڪورٽ جو مقدمو آهي.' هي رواجي لکڻ نه آهي پر ٽٽولي آهي جا ڪنهن به اخبار نويس جي شان وٽان ڪانهي. توهان ڪن ڏکين لفظن نسبت کي غلط ڳالهيون به ڪيون آهن. مثلاً 'مقدمه' معنيٰ 'يومڪا' جاڻائي اٿو ۽ 'همدوش' بدران 'لاڳو' لفظ ڏسيو اٿو جو بلڪل ڪين لهندو. توهان لکيو آهي ته 'پروفيسر لفظن جي اکري معنائن تي وڌيڪ زور رکيو آهي.' توهان جي اها راءِ پوري نه آهي. وڌيڪ ضرورت آهي ئي لفظي معنائن جي. لفظن جي معنيٰ ئي نه سمجهبي ته روحاني راز ڪيئن پروڙي سگهبا؟"

مٿئين مضمون ختم ٿيڻ بعد، جينمل صاحب قلم تازو ڪري اتي ئي جواب ڏنو هو:

"اسان گربخشاڻيءَ صاحب جي ڪتاب جي هر طرح قدرشناسي ڪئي، پر قدرشناسيءَ جو مطلب اهو آهي ڇا ته نڪته چيني نه ڪجي... ايترو اسين لکڻ کان رهي نٿا سگهون ته مٿئين قسم جي ڪنهن ڪنهن هنڌ ٻولي اسان لاءِ سمجهڻ مشڪل آهي، اسين گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کي رواجي پڙهندڙن جي قطار ۾ ليکيون ٿا."

جينمل جو ٻيو اعتراض هو ته هن رسالي ۾ شاهه جي ڪيترن ئي لفظن جا ڏاتو (بنياد يا اشتقاق) غلط ڏنل آهن ۽ ڪيترين سٽن جون معنائون پڻ غلط

ڪيل آهن. مثلاً "مائڪ منڊ هٽان پيتيءَ ۾ پرزا ٽيو" واري مشهور تمثيلي بيت جي مطلب تان خاص طور بحث مباحثو ٿي هئي. پيرومل لکيو هو:

"مون کي معاف ڪجو جو آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته رسالي جي هڪ بيت مان روحاني راز کولڻ جي شوق وچان توهان انهي بيت جون سڀ غلط معنائون ڪيون آهن." ڇيئمل جواب ڏنو هو: "مسٽر پيرومل چوي ٿو ته اسان واري معنيٰ سراسر غلط آهي. آمين!... اسين چوڻ لاءِ تيار آهيون ته شايد اسان جي معنيٰ غلط هجي. مسٽر پيرومل کي ڪيندو هو ته فتويٰ ڏيڻ کان اڳ سمجهائي ته ڪيئن غلط آهي."

سڀ کان اهم اعتراض اهو هو ته سڄا سارا هڪ هزار ڪن بيت، جي ديوان تاراچند شوقيرام واري سرڪاري ڇاپي (1900ع) ۾، ۽ مرزا قليچ بيگ جي سَنَد واري رسالي (1913ع) ۾ ڏنل هٿا. سي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي رسالي مان ڪڍي ڦٽا ڪيا آهن، جنهن لاءِ قوي دليل ڏنل ڪونهي. فقط ايترو ڄاڻايل آهي ته اهي بيت شاعراڻين خوبين کان خالي آهن، ۽ شاهه صاحب جا نڪي لاڻق آهن نڪي لکيل آهن. انهيءَ زورآوريءَ کي مرزا صاحب رسالي جو "ڪوس" ڪري ڪوٺيو هو، ۽ ديوان ليلارام سنگهه پنهنجي انگريزي مضمون ۾ هڪ "مصيبت" سڏيو هو. انهي آخري اعتراض تي هن مباحثي جو بهترين وزندار مضمون ڇيئمل صاحب جو لکيل "پارتواسي" 17 مارچ 1924ع ۾ شايع ٿيو هو، جو سمورو مطالع ڪرڻ لاڻق آهي ۽ هتي ڏٽي نٿو سگهجي. اهو ادبي بحث "پارتواسي" جي فائلن مان ڪڍي ڪَڍو ڪري ۽ سُوڏي، ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ ۽ ڇپائڻ لاڻق آهي ۽ هڪ معياري تنقيدي رسالو ٿي پوندو.

اسان جي ٻئي اديب 'ڊاڪٽر عمر بن محمد دائوديپوٽي' جو پڻ تنقيد جي تاريخ ۾ وڏو درجو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي شاهه جي رسالي تاليف ڪرڻ ۾ هن صاحب به وڏي مدد ڪئي هئي. پر خود سندس خاص خدمت هئي سنڌ جي ڪن ڪمر - معلوم ۽ نامعلوم شاعرن جي ڪلام کي شايع ڪرڻ. ڊاڪٽر دائوديپوٽي جو پهريون ڪتاب "منهاج العاشقين" (1934ع) هڪ ڪمر - معلوم مصنف 'مولوي غلام محمد خانزيءَ' جي فارسيءَ تان ترجمو ڪيل هو، جنهن ۾ شاهه جي آکاڻين جو تمثيلي ۽ روحاني مطلب نهايت تفصيلوار سمجهايل هو. پر ڪن هنڊ ڇڪي تاڻي ڪيل پٽي لڳو.

## دائودپوٽي جي شاھ ڪريم جي رسالي تي مباحثو

1937ع ۾ ڊاڪٽر صاحب، ميان محمد رضا جي فارسي ڪتاب "بيان العارفين" مان سوڌي، "شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" ڇپايو ھو، جنھن لاءِ ھڪ عالمائي مقدمو ۾ شاعر جي خيالن توڙي لکڻيءَ جو باترتيب اندازو لڳايو ھئائين ۽ بيتن جي وچور وار شرح ۽ ڏکين لفظن جون تر معنائون ٻه ڏنيون ھئائين. مرزا قليچ بيگ جو جھونو "رسالو ڪريمي" (1904ع) جنھن جي ديباچي ۾ جھوني دستور موجب گھٽي ياگي شاعر جي حياتيءَ جو احوال ڏنل ھو، تنھن ۾ مرزا صاحب ڇيو ھو تہ "سيد صاحب جو شعر اھڙو يا ايترو نہ آھي جنھن ڪري سندس جو شاعر چئي سگھجيس. سندس جي شاعر جي بدران ڪيس سندس جو وڏو اولياءَ ھوڻ زياده مناسب آھي." پر ڊاڪٽر دائودپوٽي قوي دليل ڏئي ثابت ڪيو ھو تہ، "مرحوم جي راءِ سراسر غلط آھي. بيشڪ شاھ ڪريم سندس جو وڏو اولياءَ ۽ صوفي بزرگ ھو، پر ان سان گڏ ھو سندس جو پھريون وڏو شاعر ٻه ھو"، جنھن ڪري سندس جو چاسر (Chaucer) ڪري ڪوٺيو ھئائين. دائودپوٽيءَ شاھ ڪريم کي شاعر جو درجو ڏنو سا ڳالھ ٺيڪ ھئي، پر سندس رسالي ۽ مرزا صاحب جي رسالي ٻنڌڻ سان ڏسبو تہ ڊاڪٽر صاحب ٻڌ (ڊاڪٽر گربخشانيءَ وانگر) شاھ ڪريم جو ڪلام سوڌيندي ۽ سنواريندي، مورڳو شاعر جا ڪيترا سھڻا ۽ منا بيت چانديءَ جڏيا آھن - خاص ڪري اھي جي ھن سماع (راڳ) جي تاثير ھيٺ يا وجد (مؤج) جي حالت ۾ لکيا ھٿا. اھي جذباتي ۽ فراخدليءَ وارا بيت ڪڍي ڇڏڻ مان ايئن پيو لڳي تہ ڊاڪٽر صاحب جي نظر ۾ صوفيائي شعر جو درجو ناصحاني ۽ مذھبي شعر کان گھٽ آھي - جو اصول ساھتڪ متن جي بلڪل برخلاف آھي. جيڪڏھن ڊاڪٽر صاحب کي ڪن بيتن کان عار ھو تہ ادبي دليل ڏئي، انھن تي تنقيد ڪري اعتراض جوڳا ثابت ڪرڻ ڪپندو ھو. باقي، ماڻ ميٺ ۾، "سندس جي پھرئين وڏي شاعر" جي ڪلام جو ڪجھ ٻه حصو ڪڍي ڏيڻ ڪرڻ ادبي خودمختياري چئبي.

1939ع ۾ 'لعلچند امرڏنيمل' پنھنجي "سندڙي" اخبار ۾، "نئون پرائو" جي تخلص ھيٺ، ڊاڪٽر صاحب کي سندس شرح ۽ اکري شناس لاءِ داد ڏيندي، ھيءَ ٽيڪا ٽپڻي ڪئي ھئي:

"دائودپوٽو صاحب "بيان العارفين" جي پارسي مصنف جي مھاڳ مان

هيءَ ست ۾ اڳياڙيءَ ۾ لکي ٿو ته شاهه ڪريم ڪفر جي ڪارنهن لاءِ ۽ اسلام جو ڏيو روشن ڪيو... منهنجو عرض آهي ته دائودپوٽي جڏهن متيون گفتو لکڻ واجب سمجهيو، ته گهٽ ۾ گهٽ شاهه ڪريم جيڪي ڪفر ۽ اسلام بنسبت لکيو آهي سو ته ڏٺي ها... مرزا قليچ بيگ صاحب هي تڪون ۾ وڌيون آهن، (1) 'گهٽي ٿي ڪافر انبيائن منجهان پيدا ٿيا آهن، گهٽي ٿي نبي ڪافرن ۾ پيدا ٿيا آهن'، (2) 'گهٽي ٿي مقام آهن جن ۾ باهه پٽي ٻري، گهٽي ٿي ڪافرن جا مساڻا آهن جن ۾ نُور پيو روشن ٿئي'. شاهه ڪريم جي لکڻي موجب ۽ ڪافر معنيٰ هندو آهي، ڪفر ۽ ڪافر جي معنيٰ عام ريت اها آهي. پر ڏسو سهڻي بلڙيءَ واري اولياءَ جي دلڙيا اهڙا وچن ڏيڻا ڪري چڏڻ سان نه رڳو دائودپوٽي انصاف ڪيا آهن، پر شاهه ڪريم سان ۽ حد انصافي ڪئي آهي!... اها منورتي آهي جا سنڌي ساهت کي پاتال ۾ وجهي رهي آهي... دائودپوٽو متين صوفين جي ڪشاده دليءَ جو قدر ڪنڊ ڪين آهي. لکي ٿو: "حقيقتن کهڙو ۽ جاهل مسلمان هوندو ته ۽ انهيءَ ۾ اسلام جي برڪت ڪري آدميت ۽ اخلاق ضرور هوندا."

پر ايترو قبولبو ته هن رسالي جي ديباچي ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽي نج سنڌي هوليءَ جي جا عاليشان ثنا ڪئي آهي، تنهن مان مسلم توڙي هندو مصنفن کي سبق پرائڻ کپي: شاهه ڪريم جي بيٽ جي هولي اڳوٽي نج سنڌي آهي، جا بلڪل صاف ۽ عربي ۽ فارسي لفظن جي آميزش کان پاڪ آهي... حقيقتاً سنڌي هولي ايتري قدر... شاهوڪار آهي، جو سواءِ ڪن جزوي ۽ عربي ۽ فارسي لفظن جي، اعليٰ قسم جا مضمون سنڌي هوليءَ ۾ لکي سگهجن ٿا... اها سنڌي جهڙي نغمي واري آهي تهڙيائي رس ڀري."

## دائودپوٽي جي "ابيات سنڌي" تي مباحثو

دائودپوٽي جو ٻيون تنقيدي رسالو "ابيات سنڌي" 1939ع ۾ نڪتو هو، جنهن ۾ هڪ سگهڙ شاعر 'خواجه محمد زمان' جا سنڌي بيت ڏنل هٿا، جن جي شرح اصل عربيءَ ۾ 'شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ' جي ڪيل هئي، ۽ ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڊاڪٽر صاحب ڪيو هو. دائودپوٽو صاحب تن ڏينهن سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي جو ڊائريڪٽر هو ۽ بمبئي يونيورسٽي جي Sindhi Board of Studies جو ميمبر هو، جنهن ڪري ڪيس شاهه

ڪريم جي ڪلام توڙي هن ڪتاب ڇپائڻ لاءِ بمبئي سرڪار کان امداد ملي هئي، ۽ هي‌ءَ رسالو بي.اي. ڪلاس لاءِ درسي ڪتاب ڪري رکيو ويو هو. تنهن تان حيدرآباد ۽ ڪراچي ڪالیجن جي شاگردن زبردست چوڌول مچايو هو ۽ اخبارن ۾ به گرما گرم بحث مباحثو هليو هو، ته هن ڪتاب ۾ هندو ڏرم تي چوهه چنڊيا ويا آهن ۽ اسلامي فرقي پرستي‌ءَ جو پرچار ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري ڪتاب پڙهائڻ کان روڪيو وڃي. "ابيات سنڌي" تي پهريون اعتراض هو ته منجهس اصلوڪي شاعر جي ڪل 84 بيتن مان 12-14 ۾ قرآن شريف جون آيتون آيل آهن، پر اهو اعتراض، پيرومل صاحب جي بچاوَ موجب، برابر زوردار نه هو، ڇو جو شاهه صاحب جي ڪيترن بيتن ۾ به قرآن جون آيتون آيل آهن، تنهنڪري شاهه جي رسالي مان اهي ڪڍي ڇڏبيون ڇا؟ وڌيڪ وزندار نڪته چيني اها هئي ته مخدوم عبدالرحيم جي شرح جو عربي‌ءَ تان ترجمو جو ڊاڪٽر دائودپوٽي ڪيو هو، تنهن جي "سِٽ سِٽ ۾ عربي ڪتب آندل آهي ۽ صفحي صفحي ۾ قرآن شريف جون آيتون ڏنل آهن... هاڻي سوال ٿو اٿي ته جنهن ڪتاب جو مول پاڻو عربي آهي، جنهن ۾ ڪتب آندل لفظن مان 40-50 سيڪڙو لفظ سنڌي ڊڪشنري‌ءَ ۾ ڪٿي ڪونهن، سو ڪتاب سنڌي ڪيئن چئبو؟" مٿيون حوالو "هندو" اخبار جي 2 مئي 1940ع واري پرچي ۾ هڪ "موڪليل" ليک ۾ پيو هو، جنهن ۾ وڌيڪ ڄاڻايل هو ته خود ڪتاب جو نالو "ابيات سنڌي" عربي آهي ۽ سنڌي‌ءَ ۾ "سنڌي بيت" ٿيڻ کپي، "بسمڪ" يا "افتتاح" بدران "ديباچو" ٿيڻ گهرجي، صفحن جا نمبر انگن بدران "از، لغ، مز، صح" وغيره عربي اکرن ۾ لکيل آهن ۽ "ان ريت سنڌي صورتخطي‌ءَ خواهه گرامر کي متائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي." تنهن کان سواءِ هي "ڪتاب ديني آهي ۽ نه ادبي، سنڌي ساهت جي اوت ۾ اسلام جو پرچار ڪيو ويو آهي... سنڌي‌ءَ کي نِهوڙي عربي بنايو ويو آهي."

ساڳي‌ءَ "هندو" اخبار جي 10 جنوري 1940ع واري پرچي ۾ 'جينمل پرسرام' جو حيدرآباد نيشنل ڪاليج ۾ سنڌي‌ءَ جو پروفيسر هو، لکيو هو: "انهي‌ءَ ڪتاب ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽي جا بلڪل اعتراض جهڙا گفتا ۽ ٽڪرا، ۽ ڪي خاص جملا صوفين تي آهن... تنهن سان گڏ سخت ڪلامي‌ءَ کي به حد ڪانهي، پر انهن پاڙهيندي به آءٌ ڪونه ڏٺس. ماستر جو ڪم آهي پاڙهڻ، خيال جي اپٽار ڪرڻ، رد ڪد ڏيڻ. مڙهي‌ءَ واري واقعي ۾ ته جوڳين کي

ڪچيون گاريون ڏنل آهن، مون ته اهي به پاڙهيون... سنڌي بيت جي پاڻ کي پڙهڻا آهن سي بي عيب ۽ سهڻا آهن، ڊاڪٽر دائودپوٽي البت انهن جي چوڌاري غلط فهميءَ جا لوڙها هڏي ڇڏيا آهن تنهن لاءِ جوابدار پاڻ آهي."

ڪراچي ڪاليج واري سنڌيءَ جي پروفيسر 'رام پنجوائي' پڻ ساڳئي پرچي ۾ ساڳيو رايو ڏنو هو: "84 بيت جي شاگردن کي پڙهڻا آهن سي تمام عمدا بيت آهن ۽ پڙهڻ جهڙا آهن ۽ نهايت سليس، پر شرح ۽ ديباچو يا جيوَن چرتر نهايت ڏکيا آهن."

آخري ۽ مڙني کان زوردار اعتراض اُتاريو ويو هو ته شاعر بابت، پر شارح جي سوانح عمريءَ تي، جا ڊاڪٽر دائودپوٽي پاڻ لکي هئي ۽ جنهن ۾ چيو هٽائين: "شيخ عبدالرحيم کي جهاد اصغر جو هميشہ شوق رهندو هو ۽ شهادت جي تمنا هوندي هيس. گرهوڙ کان ٽيهه کوهه پري خيرپور رياست ۾ هڪ مهاديوَ جي مڙهي هئي، جتي هر قسم جون بچڙايون ٽيندیون هيون، سندس آرزو هوندي هئي ته ان بتخاني کي پڄي نابود کريان... يارن کي چيائين ته هلو ته هلي بتخانو ڊاهي ناس کريون... خواجہ گل محمد کي هيئيون نياپو ڏياري موکليائين:

'جنهن کن ٽوپايا کوڙ مان، تنهن کي کجارو!
ماٿس ستاڙو، پٺس نالو کين کي.

(کوڙ وچان کن ٽوپايل جوگيءَ کي کابہ پرواهہ کانهي ته سندس پيءَ کير هو، ۽ سندس ماءُ ٻين سان ستاوڙا پئي کري.) آخر غازين وٽي هلان کئي ۽ کن ۾ بتخانو پڄي پورا کري ڇڏيائون. شيخ عبدالرحيم پاڻ نکو هٿيار هلايو نہ کو بدشد کيائين... کيس کيترا ترارين ۽ نيزن جا گهاوَ لڳا. جن جي کري گهڙيءَ ۾ دم ڏئي شهادت جو پيالو پيتائين."

مٿين بيان ۽ بيت تي اعتراض اٺاريندي "ڊيلي سنڌ نيوز" جي ايڊيٽر 'ٽي.ايل. پنوائي' 7 نومبر 1940ع واري پرچي ۾ لکيو هو:

"مٿين بيت جو مطلب کولي ٻڌائڻ سيبتا جي برخلاف آهي... اسين تا پڇون ته مڙهيءَ ڊاهڻ کي جهاد ۽ اهڙي نموني جي موت کي شهادت سڏڻ جو مطلب چا؟ چا، اها سچي شهادت آهي؟ ڏسو ته اهڙي شخص کي ڊاڪٽر صاحب کيئن نہ پڏائي ٿو... گويا ٻين مسلمانن کي اهڙن کمن لاءِ همٿائي ٿو. هن کان وڌيڪ بي کهڙي مذهبي چيڙچاڙ ٿي سگهي ٿي؟... هيءَ کتاب

کو سنڌي ساهت کي زور نٿو وٺائي، مگر هڪ خالص ديني ڪتاب آهي، سو به هندو جذبات کي نهايت آزاريندڙ ۽ مذهبي پرچار ڪندڙ."

ساڳيو مذهبي تعصب جو الزام "سنسار سماچار" جي 9 جنوري 1940ع واري نمبر ۾، 'واڌومل ايسرداس' ڏهرايو هو ۽ ڏيکاريو هو ته 'ٻيرومل مهرچند' ڪيئن مڙهيءَ ٻاهڙ واري بيان کي تاريخي حقيقت ڄاڻائي هلڪو بنايو هو ۽ ڊاڪٽر دائودپوٽي کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. واڌومل صاحب لکيو هو ته ڊاڪٽر دائودپوٽو، نه معرفت واري تصوف جو حامي آهي، پر شريعت جي پابنديءَ واري اسلامي تصوف جو، جيئن پاڻ دعويٰ ڪري ٿو ته "مسلم صوفي شاعرن جي ڪلام جي روحاني رمزن سمجهائڻ جو حق فقط مسلمان مفتين کي آهي." واڌومل آخر ۾ سوال پڇيو هو:

"مڙهين ٻاهڙ کي جهاد اصغر ڪوئي ... ۽ مڙهيءَ ٻاهڙ وقت خون ٿين کي شهادت جو جام پيئڻ ڪڙي سڏڻ به مسلمانن کي اهڙن ڪمن لاءِ پڙڪائڻ ناهي ته ٻيو ڇاهي؟... ان جو مطلب اهو ناهي ته ٻين مسلمانن کي همٿائي ٿو ته اهڙا جهاد جا ڪم ڪري اوهين به نمازي يا شهيد ٿيو؟ هن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي مذهبي چيڙچاڙ ٿي سگهي ٿي؟"

هن بحث مباحثي جو نتيجو اهو نڪتو جو حيدرآباد ڪاليج جي پرنسپال يارواڻيءَ جي درخواست تي بمبئي يونيورسٽيءَ جي بورڊ، شاگردن کي پڙهائڻ لاءِ فقط اصلوڪي شاعر جا 84 بيت منظور ڪيا ۽ ڪتاب جا ٻيا حصا رد ڪري ڇڏيا.

علم ادب ۾ مذهبي نظريو آڻڻ تي اعتراض اٺاوڻ کان سواءِ، ڊاڪٽر دائودپوٽي جي تنقيدي رسالڻ سان منهنجي خاص شڪايت اها آهي ته هو پنهنجي عبارت ۾ جيئن پوءِ ٽيئن وڌيڪ دقيق فارسي ۽ عربي لفظ، محاورا ۽ نالا استعمال ڪندو ويو، جن بدران انهن جون سنڌي صورتون ڪٽيون هيون ڇا جو ڪتب نه آندائين؟ اوائلي دؤرن ۾ جڏهن سنڌي بولي سقيم سمجهي ويندي هئي، تڏهن فارسي ۽ عربي صورتون ڪم آڻڻ علميت جي نشاني سمجهي ويندي هئي؛ پر هاڻي جڏهن سنڌي زبان خاطر خواهه ترقي ڪري چڪي آهي، تڏهن انهن ڌارين صورتن ڪم آڻڻ مان ڪهڙو سود؟ اڄي انگريزيءَ ۾ به لاطيني ۽ فرانسيسي لفظ ۽ محاورا ملائڻ جو رواج هوندو هو، پر اڄ ڪلهه ٽيڪ انگريزي اکر ڪم آندا ٿا وڃن ۽ ڌاريو محاورو کو ورلي

ملايو ٿو وڃي. ڊاڪٽر صاحب پاڻ ته فارسي عربيءَ جو استاد هو، سو اهي صورتون ۽ نالا ڪيس تحقيق عمدا لڳا هوندا، پر اسان سنڌيدانن جي نڙين ۾ اهي ڦاسيو ٿا پون ۽ ڪن ۾ ٽڪاوَ ٿا ڪن. ڊاڪٽر گربخشانيءَ به فارسيءَ جو عالم ۽ معلم هئڻ ڪري انهيءَ سقم کان آجو ڪونه هو، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر داؤدپوٽي جي "ابيات سنڌي" بدران سولو سوڌو "سنڌي بيت" چئجي، ۽ "منهاج العاشقين" بدلي "عاشقن جون رمزون" يا "روحاني رمزون" چئجي (جو ننڍو نالو ڪري ڏنل به هو) ته ڪهڙو نه سهڻو! تنهن کان سواءِ "منهاج العاشقين" جهڙن عربي نالن ماڻ ڪير سمجهندو ته اهي ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيل آهن؟ اصلوڪن ڪتابن جا عربي فارسي نالا ڪٽي ڪهڙا به هجن پر جيئن اهي سنڌيءَ ۾ آيا تيئن انهن کي سنڌي نالا ڏيئ ڪپن. ڊاڪٽر داؤدپوٽي جي علمي رغبت ڪيتري قدر عربي ۽ فارسي محاورن ڏانهن هٿي تنهنجو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو، جو سندس "ابيات سنڌي" ڪتاب جو سرورق هو، ۽ سندس مٿي ڏنل شروعاتي اعليٰ اصول جي بنهه برخلاف هو ( جو "شاهه ڪريم جو ڪلام" واري ديباچي ۾ ظاهر ڪيو هٿائين) ته "عربي ۽ فارسي لفظن جي آميزش کان پاڪ نج سنڌي" ڪم آڻي گهرجي!

## ابيات سنڌي

مصنف:

حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لواري رحمة الله عليه

شارح:

حضرت شيخ شهيد سعيد عبدالرحيم مگريو گرهوڙي رحمة الله عليه

مترجم و ممهد:

ڊاڪٽر عمر بن داؤدپوٽو، ايم - اي، پي - ايچ - ڊي.
سابق مدرس الربيهه اسماعيل ڪاليج، جوگيشوري (بمبئي)
حال مدير المعارف العموميه سند.

## اعرابن وارو مباحثو

1940ع ۾ ڊاڪٽر داؤد پوٽي تعليمي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ نوان سنڌي درسي ڪتاب ڇپائڻ شروع ڪيا، جن ماڻ ائن درجن جي ڪتابن ۾ اعرابن يا ماترائن ڏيئ جو چالو سرشتو ڦيرائي عربي نمونو ڪري ڇڏيائين، ۽

تنهن سان گڏوگڏ ڪيترن سنڌي لفظن جي صورتخطي ۽ اُچار ۾ هلندڙ نموني مان بدلائي نِجا عربي ڪيائين. هن ڳالهه تان به اخبارن ۾ بحث مباحثو چالو ٿي ويو ۽ به ڏريون ٿهي پيون. مخالفتي ڌر ، 'جينمل پرسرام' جي صدارت هيٺ، 1941ع ۾ "سنڌي ساهت سيا" جاري ڪئي ۽ 7 پترا ڇپائي وراهيا، جن جا لکندڙ هٿا: 'جينمل'، 'ديوان ڏيارام وسٹمل' ۽ 'منوهرداس ڪوڙومل' (سنڌيءَ ۾)، ۽ 'پروفيسر ڪي- ايڇ- ناگرائي' 'ڏرمديو جيٽلي' (انگريزي ۾). سيا پاران هڪ انگريزيءَ ۾ لکيل عريضو پئ سنڌ سرڪار کي موڪليو ويو، جنهن ۾ سرڪار جيڪو پريس نوٽ ڊاڪٽر دائودپوٽي جي ٻڌاءَ ۾ ڪڍيو هو تنهن کي رد ڪرڻ ويو هو. اعرابن جي مسئلي تي معاملو هن ڳالهه تان متو هو ته "اي" ۽ "او" اکرن ۾ ڪهڙن حرفن تي زير ۽ پيش ڏجي؟ يعني "اي" ۾ زير هيٺيان ڏيئي "اِي" لکجي جيئن چالو رواج هو، يا زير الف هيٺيان ڏيئي "اِي" لکجي جيئن ڊاڪٽر صاحب سڏارو ڪيو هو؛ ساڳيءَ طرح "اُو" به انهيءَ چالو نموني لکجي، يا دائودپوٽي جي راءِ موجب "أو" ڪري لکجي؟ ظاهري طور هيءَ مسئلو خسيس پيو لڳي، پر اُن جو تاريخي پس - منظر گنبير هو.

حقيقت هيئن هئي جو 1905ع کان اڳ چپيل گهڻن درسي ڪتابن ۾، عربي گرامر موجب، اعرابون حرف صحيح هيٺيان ڏيبون هيون؛ توڻي ڪن جهونن ڪتابن ۾، سنڌي گرامر موجب، پچاڙيءَ واري حرف علت هيٺان به اعرابون ڏنل هوندیون هيون. پوءِ 1905ع ۾ ڪاورنٽن صاحب جي هيٺ هڪ سرڪاري Text-book Revision Committee ٿهي، جنهن تي 'ديوان پريمچند آوتراءِ' (حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال) ميمبر هو، ۽ اُن ڪاميٽيءَ سنڌي درسي ڪتاب تيار ڪيا هٿا جن ۾ اعرابن جو جهونو عربي طريقو ڇڏي نئون سنڌي طريقو ورتو ويو هو، جنهن موجب 1939ع تائين درسي ڪتاب نڪرندا ۽ پڙهبا رهيا. پر جيئن مٿي چيو ويو آهي، 1904ع ۾ دائود پوٽي صاحب اهو سنڌي اعرابن ڏيڻ جو طريقو، پرين 35 سالن جي استعمال کان پوءِ رد ڪري، وري جهونو عربي نمونو اختيار ڪيو. هن قدم تي اعتراض اُٺاريندي ديوان ڏيارام وسٹمل پنهنجي پتري "سنڌي بولي جو روپ ۽ اُچار ڪيئن ٿا ٿيرايا وڃن!" ۾ لکيو هو؛

"سوال ٿو اُٿي ته جڏهن ورهين کان هالو چالو اعرابون ۽ اُچار استعمال ۾ پي آيا آهن ۽ اُنهن هالو چالو نمونن ۾ سڀ ڪنهن قسم جا ڪتاب، سؤن

بلڪ هزارين جي تعداد ۾ ڇپجي چڪا آهن. تڏهن مٿيان سوال ڇو اُٽارا ويا آهن؟ ڪن علمي يا ادبي سوسائٽين يا ڪن عالمن گهر ڪئي آهي ڇا تہ اعرابن ۽ اُچارن جو سوا، هٽ ۾ ڪٽجي؟... باڪٽر صاحب جو چوڻ آهي تہ ڪي بہ ڦيريون گهيريون ٽيل نہ آهن، ڪتابن ۾ ڪي غلطيون هيون جي پاڻ فقط درست ڪيون اٿس. پر عام طرح ماڻهو انهن ڦيرين گهيرين کي معمولي درستيون نٿا سمجهن. اُنهن جي خيال ۾ ڦيريون گهيريون اهڙيون ٽيل آهن جن جو چالو زبان تي گهٽو اثر پوندو... جڏهن کان وٺي 'هڪري' لفظ جي هجي زباني طرح 'ب زبر بَ، ڪ زبر ڪَ، ري زبر رَي ڪندا آيا آهيون، اُن ڪري زبر ي جي هيڻيان ٽي اچڻ گهرجي ۽ نہ ر جي هيڻيان. ساڳيءَ طرح زباني هجي موجب 'لاڏو' لکڻ کپي ۽ نہ 'لاڏو'. شايد عربيءَ ۾ اهو ڦريل نمونو استعمال ۾ ايندو هجي، پر سنڌي هولي عربي نہ آهي؛ سنڌيءَ فقط عربي نموني جي آئيوينٽا اختيار ڪئي آهي ؛ اُن جو بنياد ۽ گهاڙ سنسڪرت يا پراڪرتي آهي." اعرابن ڦيرائڻ بابت ڊيارام صاحب اهو بہ ڏيکاريو هو تہ باڪٽر دائود پوٽي لفظن جي پڇاڙيءَ وارا اکر ساڪن ڪري ڇڏيا هٿا ۽ ڪيترن ۾ جزم يا تشديد ڪم آندي هٽي، جن ۾ ورهين کان اهو دستور ڪونہ هو. ٻيو تہ باڪٽر صاحب ڪيترن لفظن جا اُچار بہ ڦيرائي عربي ڪري ڇڏيا هٿا، مثلا خَلقت بدران خلقت لکيل هو، معاني بدران مُعاني، پَهتو بدران پُهتو، تَفاوت بدران تُفاوت، اِسرار بدران آسرار، آدمي بدران آدَمي وغيره. تنهن کان سواءِ ڪيترن لفظن جون هجيئون سنڌي هوليءَجي لحاظ کان غلط لکيل هيون، جيئن تہ سمر بدران ثمر، وسلا بدران وصلا، ساهڙي بدران صاهڙي، جي بہ شايد انهن لفظن جون اصلوڪيون عربي هيون. ديوان ڊيارام جي آخري فتويٰ هٽي تہ "ڪهڙيءَ بہ هولي جو ڪوبہ لفظ سنڌي هولي ۾ داخل رواج ۾ اچي وڃي، تہ ان سان سنڌي وياڪرڻ جا قاعدا لاڳو ٿيڻ گهرجن ۽ نہ ڌاري هوليءَ جا."

هن بحث ۾ پاڻ ولنڊڙ ٻيءَ ڏر وارن 1941ع ۾ "سنڌي سڌار سيا" جاري ڪئي هٽي، جن بہ 4 جوابي پترا ڪڍيا هٿا، ۽ انهن جا لکندڙ عالم هٿا: ديوان صويراج نرملداس، لعلچند امر ڏنومل، ليکراج ڪشنچند (عزيز) ۽ پيرومل مهر چند. 'لعلچند امر ڏنومل' فقط هن عربي اعرابن جي سرشتي جي فائدي ۾ هو، پر صورتخطي ۽ اُچارن بدلائڻ جي برخلاف هو، جيئن پنهنجي نوٽ ۾ لکيو هٿائين: "ڪنهن بہ ٻيءَ هوليءَ جي لفظ کي پاڻ وٽ جاءِ ڏئي، سنڌي هولي اُنهي تي پنهنجي چاپ هٽي چوي ٿي تہ هاڻ تون منهنجو

آهين، مون کان ڏار ٿي نٿو سگهين." 'پيرومل مهرچند' هن سيا پاران ۽ چونڪيون لکيون هيون: "اعرابن تي ويچار" ۽ "اعرابن بابت مونجهاري جي سمجهائي". اول ته مهاڳ ۾ قبول ڪيو هٽائين ته "اعرابن جي صحيح استعمال ۽ لفظن جي اُچارن جي فيصلي ڪرڻ لاءِ هڪ (سرڪاري) سب ڪاميٽي مقرر ٿيل آهي، جنهن هن وقت تائين رڳو اعرابن بابت فيصلو ڪيو آهي ۽ اُچارن بابت فيصلو اڃ تائين ڪيو ئي ڪونہ اٿس." تنهن جو مطلب ته باڪٽر دائود پوٽي اعرابن جو تبديليون ڪاميٽيءَ جي منظوري سان ڪيون هيون، ۽ اُچارن جون ڦيرون ڦاريون پنهنجي روءِ سوءِ ڪيائين. تنهن ڪري ئي پيرومل صاحب پنهنجن مٿين ٻنهي ليکن ۾ فقط اعرابن بابت پنهنجو رايو ڏنو هو، ۽ اُچارن ۽ صورتخطيءَ ڦيرائڻ نسبت اکر ۾ ڪونہ لکيو هٽائين. هن صاحب عربي اعرابن کي نهايت سائتسي نمونو ٺهرايو هو ۽ تاريخي تفصيلن ۽ انگن اکرن سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته "عيسوي سورهين صديءَ کان وٺي ويندي 1852ع تائين (1853ع ۾ چالو عربي آئيوينا ٻهي هئي) جيڪي به سنڌي ڪتاب آڳاٽا عالم لکي ويا آهن، تن مان گهٽا هن وقت تائين ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. مون اُهي گهٽو ڪري سڀ پڙهيا آهن. انهن سڀني ۾ اعرابن ڏيڻ جو نمونو هڪڙوئي عربيءَ وارو هليو اچي. مسٽر جينمل کي مان ڪليو ڪلايو چٽلينج ٿو ڪريان، ته اُنهن آڳاٽن ڪتابن مان کهڙي به هڪ ۾ اعرابن جو ٻيو نمونو مون کي ڏيکاري ته انصاف ميانس." پر اُتي ئي ڪن ٿورن ڪتابن جو ذڪر ڪندي قبول ڪيو هٽائين ته رڳو ڪٽي ڪٽي 'ي' اکر جي هيٺيان زير ڏنل آهي. هي جو رڳو ڪٽي ڪٽي ڦيرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو رڳو لکندڙ ڪٽي ڪٽي لکڻ ۾ ڀل ڪئي آهي، نہ ته اعرابن ڏيڻ جو صحيح ۽ چالو نمونو هڪڙو ئي عربيءَ وارو هو، جو نہ رڳو مسلمانن پر اسان جي هندو بزرگن ... 1903ع تائين نِر سنسي پي هلايو." هاڻي، 1905ع کان اڳ اعرابن جا ٻئي نمونا چالو هٽا- گهٽي ڪي ٿوري پاڳي - سا حقيقت ته ساڳيءَ ڏر واري ديوان صوپراج به پنهنجي نوٽ ۾ قبول ڪئي هئي، پر اها ته بحث جي مڪيہ ڳالهہ ئي ڪانہ هئي. اهم اعتراض اهو هو ته 1905ع کان پوءِ، جڏهن ڪاورنٽن ڪاميٽيءَ عربي اعرابون ڦيرائي سنڌي سرشتو جاري ڪيو جو 35 ورهيہ چالو رهيو، سو هروپرو ڦيرائي جهونو طريقو ڇو وري جاري ڪيو ويو؟ هن مول اعتراض جي جواب ۾ پيرومل صاحب ٻنهي پترن ۾ هڪ اکر به ڪو نہ

ڪُڇيو هو. پچاڑيءَ ۾ ٻڌڻ ۾ آيو ته ڊاڪٽر داؤد پوٽي چيو هو ته اُهي هجيئن ۽ اُچارن جون تبديليون سڀ چاپيندڙ جون چوڪون هيون! پر تنهن هوندي به انهن درسي ڪتابن جا وٽيڪ ڇاپا نڪرندا رهيا ۽ اُهي "ڇاپي جون چڪون" درست ڪرڻ جو ڪوبه تدارڪ ڪونه ڪيو ويو.

تنهن تان 1941ع جي ناتال ۾، جيئمل پرسرام ڪراچيءَ ۾ "سنڌي ساهت سميلن" ڪوناڱيو هو، جنهن جو سياپتي "ڪوي ڪشنچند "بيوس" چونڊيو ويو هو. هن صاحب اُن شاهي جلسي تي هڪ ديريني ۽ عالماڻي صدارتي تقرير پڙهي هئي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن نئين جڳ جي باني شاعر کي نثر نويسيءَ تي به ڪيترو عبور هو. ڪوي صاحب هن مباحثي جي مڙني پهلوئن کان چندڇاڻ ڪئي- اعرابون، اُچار ۽ صورتخطي - ۽ آخر ۾ فرمايو هو: "ڪا به ٻولي ڏاڙي لفظ کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ کان اڳ پنهنجو سياڻ ۽ گڻ منجهس وجهندي ۽ ضرور وجهندي، ڇاڪاڻ ته هوءَ زندهه آهي. سنڌي ٻوليءَ جو اهو مخصوص گڻ آهي ته سندس هر هڪ اکر، اُچار يا آواز هيٺ ضرور ايندو، جنهن لاءِ جزم وغيره جي ضرورت نه ڄاڻي اُهي ڪيترو وقت اڳي ڪيڊي ڇڏيا ويا آهن... اهڙا نون درسي ڪتابن جي شعرن ۾ ڪيئي لفظ آهن جي عربي فارسي هوندي به سنڌي ٽيو وڻن. ديوان گل، ديوان سانگي، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي شعرن مان اهڙا ڪيترائي مثال مون وٽ موجود آهن جن ۾ عربي ۽ فارسي لفظ پنهنجا قاعدا وساري سنڌي ٻولي جي قاعدن هيٺ اچي ويا آهن." تقرير جي شروعات ۾ بيوس صاحب عاليشان ايپل ڪئي هئي ته "هيءَ نازڪ وقت انهيءَ قسم جي چيڑچاڙ ڪرڻ جو نه آهي. نازڪ وقت ،تحقيق بلڪل نازڪ وقت، جڏهن سنڌ ۾ منزل گاهه جي معاملي ۾ مچائي رکيو آهي... هندو مسلم سلوڪٽ جو سلو سڙڻ تي آهي. بي اتفاقيءَ جي باهه جا پنيٽ سنڌ جي آڪاس تي اڏي رهيا آهن.... اهڙي وقت هڪ ٿي ميلاپ جو ميدان، هڪ ٿي ايڪتا جو مندر، هڪ ٿي اتحاد جو عبادت گاهه (ساهت) اڃا موجود آهي، جتي ساڳيءَ ٿي بينچ تي، ساڳي ٿي سڪيا، ڪنهن به پيدياوَ کان سواءِ، مختلف مذهبن وارا شاگرد، ملڪ جي آئيندي جا ابا، گڏوگڏ وٺي رهيا آهن."

اعرابن جو مسئلو 'پيرومل مهرچند' "مهراڻ" مخزن ۾ وري اُتاريو هو، جڏهن "نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون" سري هيٺ، مارچ 1945ع واري

شماري ۾، سرڪاري تعليم کاتي لاءِ نئين ڊڪشنري جوڙڻ جي موقعي تي پنهنجا جهونا دليل ڏهرايا هٿائين. اُن تي نئين سر بحث چڙي پيو ۽ هيٺين ليکن جو سلسلو "مهراڻ" ۾ شايع ٿيو هو:

"پروفيسر پيرومل مهرچند جي سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون"

– پروفيسر يوڄراج ناگراڻي– سپٽمبر 1945ع؛

"نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون" (پروفيسر ناگراڻيءَ کي جواب)

– پيرو مل مهرچند – نومبر 1945ع؛

"اعرابن بابت منهنجا کي ويچار"

– پروفيسر منگهارام ملکاڻي – ڊسمبر 1945ع؛

"اعرابن بابت ويچار" (پروفيسر ملکاڻيءَ کي جواب)

– پيرومل مهرچند – مارچ 1946ع.

## مخزنن ۾ تنقيدي مضمون

سنڌي ساهت ۾ جيڏن تازا ڪتاب نڪرندا وڃن تيئن اُنهن تي مخزنن ۽ اخبارن ۾ تنقيد ڪرڻ جو رواج دير سان پيو. آڏ سمجهان ٿو جيئمل پرسرام جي "پارتواسي" پهرين اخبار هئي جنهن ۾ خود جيئمل ۽ سندس نائب مهتمر چتومل ٽڌاڻيءَ نون نانڪن جي نڪته چيني نهايت سڌريل ۽ موزون نوع ۾، پهريون ٽي دفعو 1923ع ۾ شروع ڪئي. 1923ع ۾ جا رابندرانات نانڪ مندلي نهي هئي، تنهن جي ڇپايل ۽ ڪري ڏيکاريل خانچند درياڻيءَ جي نئين طرز ۾ لکيل نانڪن "ملک جا مدبر" ۽ "رتنا" ۽ لعلچند امرڏنيمل جي "عمر مارئي" جي ادبي توڙي نانڪي تڪ تور چتيمل صاحب "پارتواسي" جي 1923-24ع وارن پرچن ۾ ڪئي هئي. پاڻ به درياڻيءَ جي "موتئي جي مکڙي" ۽ لاڙڪاڻي واريءَ چاندڪا نانڪ مندليءَ جي کيلن "منوهر نانگڻ" ۽ "سورداس" جو اندزو لڳايو هو، جڏهن اهي ڪوي بيوس جا نانڪ 1925ع ۾ حيدرآباد ۾ ڪري ڏيکاريا ويا هٿا. لعلچند امر ڏنيمل پڻ پاڳسنگهه آڏواڻيءَ جي "گماني گهمسان" (Othello) نانڪ جي ڪٽ 1925ع ۾ ڪئي هئي. مٿين اسٽيج تي آندل نانڪن تي تبصرن مان حوالا نانڪ نويسيءَ واري فصل ۾ ڏنا ويا آهن.

"پارتواسي" ۾ ٻين نون نڪرندڙ ڪتابن جي تنقيد به ڪئي ويندي هئي. 17 مئي 1925ع واري پرچي ۾ 'جيئمل صاحب' هڪ اوائلي مضمون

"ساهتي نڪته چيني" لکيو هو، جنهن جي دؤران ۾ پرنسپال 'تيجومل شهائي' جي "گوکلي جي حياتي" جي ڪٽ ڪئي هٽائين. اُن مضمون جي هيٺين ٽڪرن مان جينمل صاحب جي موزون تنقيدي اصولن ۽ اُنهن جي استعمال جي پروڙ پوي ٿي:-

"اسان وٽ اڃا نڪته چيني، پنڌ ئي ڪونه ڪيو آهي! ساهت تي نڪته چيني جيڪڏهن نه ٿيندي، ته نڪي ساهت وڌندو يا سڌرندو نڪي ڪا دماغي ترقي ٿيندي. فڪر نه آهي جيڪڏهن نڪته چيني ڪڏهن ڪڏهن ڏنگو رخ ۾ وڃي، ته به نڪته چيني جو هجي ئي ڪين، تنهن کان ڏنگي به چڱي. هيل توڻي جيڪڏهن کو ڪتاب ٿو لکجي ته ڏنو ويو آهي ته اخبارن ۾ يا ته هڪ ٻن سٽن ۾ رايو ڏنو وڃي ٿو، يا جيڪڏهن باريڪ نڪته چيني ڪڏهن ٿئي ئي ته ڏريون ٿيو پون . ڏريون ٿيڻ به سياويڪ آهي، ۽ ضرور ٿيندیون، اسان جو رڳو چوڻ آهي ته ڪل سنهي نه رکڻ ڪپي. نڪته چيني سخت ۾ سخت سهڻ واري ڪل ڌارڻ ڪپي. نڪته چيني ڪندڙ جي به ڪل سنهي ئي ٿئي! اُنهن تي وري جي نڪته چيني ٿئي، ته سندن ڪل اهڙي سنهي ئي ٿئي جو ڪڪ چهڻ سان رت نڪريو اچي. اها حالت اوائلي آهي، پر جڏهن نڪته چيني مان سواد ايندو ۽ اها نڪته چيني خود ساهت جو هڪ چڱو ياڳو ٿيندي.

"تازو جيڪا 'گوکلي جي حياتي' تي نڪته چيني اخبارن ۾ پئي ٿي آهي سا به هڪ نموني جي نڪته چيني آهي! ... سياويڪ آهي ته اهڙي ڪتاب تي مختلف راءِ ڏني وڃي. نڪته چيني جي ميدان ۾ به سنڌي جا بانڪا گهڙيا آهن. پهريون بانڪو مسٽر پيرومل مهرچند آهي، جنهن کي 'گوکلي جي حياتي' بلڪل ناپسند آهي. نه رڳو مضمون ۾ پر سنڌي جي عبارت ۾ پڻ. وري مسٽر لعلچند چوي ٿو ته مضمون جي ڳالهه ۾ منهنجو واسطو ڪونه آهي، پر عبارت ته چڱي آهي.

"سو ڀائي، جتي مسٽر پيرومل جهڙو هڪڙو بانڪو اٿي چوندو ته سنڌي پوري نه لکيل آهي، تتي اسين جي فتويٰ جو بوجو ڀاڻ تي ڪٽون تنهن لاءِ اهڙي ضرورت ڪانه آهي. اسان جو لکڻ آهي ته سنڌي ساهت اڃا مس ٿو شروع ٿئي، خاص ڪري نثر جي ته شروعات آهي. هولي فقط خيال جو واهڻ آهي، ۽ نثر جا عمدا ڪتاب اڪثر ڪري اُهي لکندا جن کي اڄ ڪلهه

انگريزيءَ جو چگو محاورو آهي. چگا ڄاڻو پروفيسر ساهتي، تاريخي، علمي ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکندا تڏهن سنڌي وڌندي، نہ ته سنڌيءَ جو نثر ڪهي ڪونہ سگهندو. هاڻي اها ته خوشيءَ ۽ شڪر جي ڳالهہ آهي ته ڄاڻو پروفيسرن سنڌيءَ ۾ قلم ڪنيو آهي. هو پنهنجا خيال ظاهر ڪن تڏهن سنڌ جي ماڻهن جي دماغي ترقي ٿئي... جيڪڏهن هو رواجي سنڌي لکي وڃن ته بس آهي، پر جيڪڏهن سنڌي ڪتابن کي، اوچي سنڌيءَ ۾ نہ هڻڻ ڪري قبول نہ ڪبو، ته نئين ساهت کي ڪهڙي جواب!"

"اسان جو نماڻو رايو آهي ته جيڪا مسٽر پيرومل، مسٽر تيجومل جي ڪتاب تي عبارت جي باري ۾ نڪته چيني ڪئي آهي، تنهن جي آڏو پورو پورو دليل ۽ حقيقت پريو جواب ڏئي سگهجي ٿو. مثلاً هڪ خاص گفتو جنهن تي مسٽر پيرومل کي رنج ٿيو آهي سو آهي ته مسٽر تيجومل 'من جي چاٽنڊ' ڪم آندو آهي. مسٽر پيرومل ٿو لکي ته من جي چاٽنڊ ڪيئن لکبو، تڏهن چپ جي چاٽنڊ ۽ نڪ جي چاٽنڊ ڪهڙي چئجي! جواب هي آهي ته مسٽر تيجومل جو من رڳو سنڌي ساهت سان ڪونہ پرجي ويو آهي، پر هن جو من انگريزي ساهت سان ڀريل آهي. انگريزي ساهت جو ڄاڻو 'من جي چاٽنڊ' واري گفتي کي هڪ اڪثير گفتو سمجهندو ۽ حد خوش ٿيندو، ڇو ته پروفيسر هڪ سهڻي انگريزي گفتي کي پورو پورو سنڌي لباس ڏنو آهي. انگريزيءَ ۾ گفتو آهي Threshold of Mind. انگريزي ساهت جي ڄاڻن ڀ 'من جي چاٽنڊ' ڪم آندو آهي، نڪ جي چاٽنڊ ڪونہ ڪم آندو اٿن؛ نڪي مسٽر تيجومل نڪ جي چاٽنڊ ڪم آندو آهي. مسٽر پيرومل جو چوڻ آهي ته پروفيسر جي سنڌي چگي نہ آهي، ڇو ته ڇيو اٿس 'ڏهرو درياه'. پر مسٽر لعلچند چويس ٿو ته خود شاهہ لطيف ڪم آندو آهي 'متو' يعني متارو درياه!

"اهڙي طرح مسٽر تيجومل جو من کو گجراتي ساهت سان ڀ ڪجهہ قدر ڀريل آهي، جنهن ڪري سندس لکڻ ۾ ڪٽي ڪٽي اها ڀ پٽي ٻوءِ اچي. پر انهي ڪري پاڻ سنڌي ساهت جو فائدو ڇڏبو ڪين نقصان!... قصو ڪوتاهہ، نڪته چيني پل ٿئي، اسين خوش آهيون. پروفيسر جي مضمون تي ڀ خوب نڪته چيني ٿئي ته اها ڳالهہ بهتر آهي... اسين ته ڪيس چئون ٿا ته خوب پنهنجي علميت ۽ قابليت کي سنڌيءَ جي قلم وسيلي کولي. اسان کي ته سندس سنڌي پسند آهي."

"پارتواسي" 10 آڪٽوبر 1925ع ۾، جيٺمل صاحب، 'لعلچند امرڏنيمل' جي "سون ورنيون دليون" تي هيٺين تنقيد ڪئي هئي:

"هي ڪتاب يورپ جي نهايت مشهور ناولن مان هڪڙو آهي. نالو اٿس 'هارٽس آف گولڊ'. مسٽر لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي بي.اي. اهو ڪتاب سنڌيءَ ۾ آندو آهي. ڪتاب جي جهڙي سنڌي آهي سٺي، سولي ۽ سلوڻي تهڙي آڪاڻي آهي دل ڇاڻيندڙ ۽ اُتم آدرش ڏيکاريندڙ... هيءَ نماڻي نينگر ڪامَڪ پيار کي جڏي، سچي پچي قرباني ٿي ڪري. پوءِ پاڙا ۾ اهڙا ٿا ملنس. هن جي قرباني ۽ هن جو پيار ڪيئن اڳلن ۾ ۽ سچي ساڃهه ٿو پيدا ڪري، سا ڳالهه هن ناول ۾ پيل آهي. هر هڪ گهر ۾، نينگرين کي خاص ڪري هي 'سون ورنيون دليون' پڙهڻ گهرجي."

"پارتواسي" 29 نومبر 1925ع ۾، 'لعلچند امرڏنيمل'، 'پرمانند ميوارام' جي "گل ڦل" تي هيٺيون تبصرو ڪيو هو:

"'گل ڦل' نالي ڪتاب 'جوت' اخبار جي طرح طرح جي مضمونن مان چونڊي ڇپايل مسٽر پرمانند ميوارام جو، عبارت جي لحاظ وٽان، سنڌي ساهت جو هڪ ناپيد ڪتاب ٽيندو. سنڌي نثر کي هاڻوڪو وَرُ 'جوت' واري ڏيارئو، انهيءَ ڳالهه ۾ ته شڪ ئي ڪونهي. 'جوت' اخبار کي نِڪتي 30 ورهيه ٿيا. هيترن سارن مضمونن مان، هن ۾ن سون صفحن واري ڪتاب لاءِ چگي چونڊ ڪيل آهي... پڙهندڙ هن ڪتاب جا پرت اٽلائيندو ته منجهائنس هرهڪ وٽ جو سواد وٺي سگهندو... مسٽر پرمانند ميوارام عبارت جي باري ۾ انڪل شنڪل مان ڇاڻي ٿي ڪونه. انهيءَ ڏس ۾ مرڇ مصالحي ٻُرڪڻ کان پاڻ سدائين دور رهيو آهي. سياوي جيئن اڇيس تيئن لکندو وڃي. نڪا ڪيس اها اون رهي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ کي 'شڌ' ڪريان يا ان کي دين جي گهوڙي تي چاڙهي مسلمان بنايان! سندس ويچارن سان اڳلو ڪٽي ڪٽي ساٿس مخالفت رکي ٻه، پر عبارت سندس اهڙي سليس ۽ پڪي آهي، جو خود وروڌي ٻه سندس انصاف مڃيندا آهن.

"هي ڪتاب نه رڳو واندڪائيءَ جي وندر ٿي سگهي ٿو، پر گنيئرتا ۽ سنجيدگيءَ واريءَ سکيا سان ٻه ڀرپور آهي. البت جيئن مون مٿي ڄاڻايو ته گنيئر گيان جون ڪي ڪي ڳالهيون منجهس اهڙيون اچن ٿيون، جن سان جهوني زماني وارا پيرمرد ساٿس ڪٽي شامل راءِ ٿيندا، پر نئين زماني وارن مان نه

رڳو اها اميد نہ ٿي رکي سگھجي، پر هو مرڳو ڏاڍي سندس مخالفت ڪندا. مثلاً پچاڙيءَ واري مضمون ۾ 'چينپ ۽ مار، ہار جي سنوار' وارو سياڻي سليمان جو قول، منوگياني وديا پٹاندڙ، هڪڙو اهڙو قول آهي، جنهن جي بداثر کان سيکارينڊڙ ۽ نپائينڊڙ جيترو ستت پاڻ ڪڍائي آجا ٿين اهڙو اجوکي سمي جي ابهمن توڙي انهن سيکارينڊڙن ۽ نپائينڊڙن لاءِ چگو... ڪي ڪي مضمون تہ اهڙا اثرائتا آهن، جو هنياوَ ۾ گهڙيو وڃن. جا چئجي سندن سنجيدگي، جا چئجي سندن سپڪائي! انهيءَ ڏس ۾ 'جواهرن جي موٹ'، 'گهر جي راڻي'، 'ٹنٹنڪ جهاز جي هڪ عجيب ڪالهہ'، 'سورهيائي تہ ههڙي'، 'پليگ - هڪ دک پريو احوال'، مضمون خاص پڑهڻ وٹان آهن... اميد ٿي ڪجي تہ سنڌيءَ جي پيار وارا هي ڪتاب پڑهي گهٹوئي لطف پرائيندا."

'بولچند راجپال' جي برپا ڪيل "سنڌو" مخزن ۾ بہ وقت بہ وقت، ترجمو ڪيل توڙي اصلي لکيل نون نکرندڙ ڪتابن تي ديريني تنقيد پوندي هئي، جنهن ۾ لکندڙن جا عيب ۽ ثواب نهايت همدرديءَ سان کولي ڏيکاريا ويندا هٹا. هيءَ تنقيد مهتمم پاڻ ڪندو هو يا ڪي باهريان نقاد ڪندا هٹا. ڪن حالتن ۾ تہ وڏي پيماني تي وچور وار تنقيد ڪئي ويندي هئي، جا بعضي نهايت سخت هوندي هئي، پر نہ دل آزاريءَ يا ہيڄ باهہ واري ۽ نام ڪٹين ليکڪن مان بہ ڪين ٹرندي هئي، جنهن جا ہ مثال ڏجن ٹا. 'لعلچند امرڏنيمل' ۽ 'ڊنگيمل ٹڏائيءَ' جي لوڪ - ناٹڪ "سهڻي ميهار" جي، جنوري 1941ع واري پرچي ۾، ناٹڪي اصولن جي علم مطابق، هن ريت تک تور ڪيل هئي:

"هن چوپڑيءَ تي جيڪڏهن مسٹر لعلچند جهڙي سنڌي ڄاڻوءَ جو نالو نہ هجي ها تہ شايد سمالوچنا جي ضرورت نہ پوي ها شاهہ جي رسالي مان سورمن ۽ سورمين جي عشق جو ميزان لڳائڻ مشڪل ناهي، پر انهن پاچن ۾ جان ٹوڪي، ہن ٹنگن تي سڌو سنئون بيهاري، انساني رنگت ۽ ذوق سان زنده ڪرڻ آسان نہ آهي. شعر شايد فقط صوفيائي خيال سان بہ سهڻو ٹي سگهي ٹو، پر رنگ يومي ۽ جي ويس وڳن ۾ عمل جي ضرورت آهي. ناٹڪ ۾ خيال ۽ چرتر، عمل مان ظاهر ٹيڻ گهرجي، پر هتي عمل جي اٹاٹ بلڪ عدم موجودگي آهي.

"ڪتابڙيءَ جا نانڪي 71 صفحا چٽن پاڻن ۾ ورهائي سگهجن ٿا، جن جو هڪيئي سان خاص گهرو لاڳاپو ڪونهي... ٽيون حصو ته بنهه خود ساخته، واهيات، اجوڳ ڪارروائيءَ ڪاتي آهي، جنهن ۾ سهڻيءَ جو پيرسن پيءُ، ميهار جي سابق جوان نوڪرياڻيءَ مٿل سان عشق بازي ٿو ڪري. باقي چوٽين حصي ۾ ميهار ۽ سهڻي داخل آهن. ميهار ڪير آهي، ڪيئن سهڻيءَ سان ڏيٺ ٿئي ٿي... وغيره، ڪٿي به ڪونه ڏيکاريو ويو آهي. نه رڳو ايترو، پر خود سهڻيءَ سان ڪهڙا تعلقات اٿس، ڪن ماڻهن کي ان جو پتو آهي يا نه... تنهن جو ڪوبه ذڪر ڪونهي. مورڳو جڏهن 70 صفحن کان پوءِ پهريون دفعو سهڻي غيب جي پردي مان نڪري نروار ٿئي ٿي ته هوءَ يڪدم اهڙي بي حيا، بدفضيلت روش اختيار ڪري ٿي، جا وسهڻ کان ٻاهر آهي. مان سمجهان ٿو ته فقط ليڪڪن جي شهري دماغ ۾ سهڻيءَ جي پنهنجي ٻڌي پيءُ اڳيان يار کي پاڪر پائڻ ۽ چُميون ڏيڻ جهڙو ناجائز فعل اچي سگهي ٿو... ميهار به هڪ عجيب انسان پيو ڏسجي. هو سهڻيءَ کي هٿ ڪرڻ لاءِ اهڙو آتو ڪونهي، جهڙو خواهه مخواهه پاڻ کي عذاب ڏيڻ ۽ عاشق جيوڙو ثابت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. ڪٿي به ڏيکاريو نه ويو آهي ته سندن وچ ۾ رندڪ ڪهڙي آهي ۽ اها رندڪ ڪهڙن سببن ڪري هٿائي نٿي سگهجي... هولي سٽي آهي، پر هالوچالو زماني جي نه هڻڻ سبب نانڪ جي ڏانوَ جي ناهي. ڪٿي ڪٿي ته ڦلهڙائيءَ سبب لفظ ٽهڪي نٿا بيهن. لالچند امرڏنيمل جڳتياڻيءَ جهڙي خاص جاڻوءَ ۽ اديب مان هن جهڙي خسيس نانڪي ڪتاب جي اميد نه هئي."

'ڪليان آڏواڻيءَ' جي "شڪنتلا" نانڪ جي ترجمي جو اندازو 7 آگسٽ 1946ع واري پرچي ۾، اجهو هيٺن لڳايل هو:

"اسان 'شڪنتلا' کي ور ور ڪري پڙهيو آهي. سنڌيءَ ڪي سپڪ ۽ سوادي بنائڻ جي ڪوشش ڪٿي وئي آهي جنهن ۾ ليڪڪ گهڻي قدر ڪامياب ٿيو آهي. پر ڪٿي ڪٿي بي موقائتا ۽ اڻ ٽهڪندڙ سنڌي ۽ فارسي اکر ۽ خيالن جا مرڪب ۽ استعاره موجود آهن جي هوليءَ کي ڪجسو ۽ بي رس ٿا بڻائين. مثلاً منو جنون، خوش خرام اپچراڻون، اچرج ناڪ دماغي سوجهي، راجا جي حرمسراءِ، دل و جان سان سواگت، آشرم، جشن گاهه وغيره. پستڪ ۾ نج فارسي ۽ عربي اکر جهڙوڪ: شغل، راز، حيف، عليل،

بيتاب، رخصت، دز، دستانا وغيره. يا انگريزي پاشا جا اکر جهڙوڪ: ممي(Mummy) ربن (Ribbon)، بينچ (Bench)، پوليس (Police) وغيره. يا زياده اوڪا هندي ۽ سنسڪرت اکر جهڙوڪ: ڪوتڪ، ورش، استت، اچت، الوپتا، اوک، پرتڪار، چتونا جهڙا اکر ڪم آندا ويا آهن. انهن بجاءِ جي سليس سنڌي پاشا جا دلڪش اکر ڪم آندا وڃن ها تہ ڪهڙو نہ چگو ٿئي ها... اهي خاميون جيتوٽيڪ رواجي آهن، پر تہ بہ ڪتاب جي سونهن کي جهڪو ٽيون ڪن... پروفيسر بٽيجا جو مهاڳ ڪتاب کي ڪٽي بيٺو آهي. 'شڪنتلا' هرهڪ سنڌواسيءَ کي پڙهي ليڪڪ جي محنت جو قدر ڪرڻ کپي." اهي ٻئي نانڪ استيج تي ڪڍن ڪونہ آيا آهن.

'پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي' خود بہ "سنڌو" مخزن جو زياده نويس ادبي ڪوجنا ڪندڙ ليڪڪ هو. سندس پهريان ٻہ مضمون فارسي شاعرن بابت هٿا، جي سندس اڀ چپيل ڪتاب "معروف هستيون" مان ورتل هٿا: "نورالدين ظهوري" (مئي 1940ع) ۽ "نظامي" (جنوري 1941ع). سندس فلسفائو مضمون "وايورڪي مهيني" (چرين جي اسپتال) 1943ع ۾ ڇپيو هو. تنهن کان پوءِ سنڌي شاعرن جو باقاعدي ادبي اندازو لڳائڻ شروع ڪيائين. اهي نون ۽ گوناگون موضوعن وارا مضمون هٿا: "شاهہ جي رسالي ۾ تشبيهون" (فيبروري 1944ع)؛ "سامي جي سلوڪن ۾ تشبيهون" (مئي 1944ع)؛ "شعر ۽ شاعري" (جنوري - فيبروري 1945ع)؛ "سنڌي شاعرن جو هندي ڪلام" (نيشنل ڪاليج حيدرآباد جي "هندي سرڪل" ۾ ڪيل تقرير جو خلاصو، مارچ 1946ع)؛ ۽ "شاهہ جو عاشقائو ڪلام" (سيپٽمبر 1946ع). پروفيسر آڏواڻي ادب کان سواءِ ٻين لطيف فنن تي بہ ڄاڻ وارا ليک لکيا هٿا: "عام موسيقي" (آگسٽ 1945ع) ۽ "نرت ڪلا" (نومبر 1945ع).

"سنڌو" اپريل 1942ع واري پرچي ۾، 'برڪت علي آزاد' جو تنقيدي مضمون "ادب ۽ زندگي" پيو هو، جو "ترقي پسند ادب" جي نئين ڌارا بابت پهريون ليک ڏسڻ ۾ ٿو اچي. منجهس ظاهر ڪيل هو تہ نئين زماني ۾ روايتي ادب کي ڇڏي ترقي پسند ذهنيت وارو ادب لکڻ کپي، جو پورهيتن ۽ مزدورن جي روزاني زندگيءَ جي ترجماني ڪري ۽ انقلاب ذريعي انهن جي اقتصادي حالتن ۾ بهبودي آڻي. ترقي پسند ادب جي وڌيڪ وضاحت 1945ع

ٻ 'گوبند مالهيءَ' "ساهتيہ ٻ انقلابي تحريڪ" نالي مضمون ٻ ڪٿي هٿي، جو "پرهہ ڦٽي" ڪهاڻين جي مجموعي ٻ مهاڳ طور ڏنل هٿي. مالهي صاحب لکيو هو؛

"ترقي پسند ادب انقلابي ادب آهي. ترقي پسند اديب پنهنجي زندگي عوام - جنتا جي زندگيءَ سان ڳنڍيڊي ٿو ڇڏي... عام ماڻهن جي وچ ٻ رهندي، هنن جي رنج و راحت، حسرت و مسرت ٻ ياگي ياٿيوار رهندي، هن جي احساسي طبيعت موجوده سماج جي بي انصافيءَ ٻ رياڪاريءَ کان بنا دير واقف ٻ متاثر ٿي وڃي ٿي... اهوئي سبب آهي جو هو پنهنجي جذبات جي نہ، بلڪ عوام - جنتا جي جذبات جي ترجماني ٿو ڪري... هو هڪ سڌارڪ جي طرح هن سماج کي سڌارڻ جي دعويٰ نٿو ڪري. هو تہ صحيح معنيٰ ٻ انقلابي آهي جو هن سماج کي يڪايڪ تبديل ڪري هڪ نئين دنيا اڏڻ گهري ٿو... ترقي پسند اديب طبقن جو تفاوت ميٽي، آزادي، ياٿپيءَ ٻ هڪجهڙائيءَ جي فضا قائم ڪرڻ گهري ٿو."

1942ع ٻ "جمعيت الشعراءِ سنڌ" جي سهاري هيٺ سنڌي شاعرن جو پهريون اجلاس، 'باڪٽر محمد ابراهيم خليل' جي زير صدارت لاڙڪاڻي ٻ ٿيو هو، جنهن کان پوءِ ٻين شهرن ٻ ب اهڙا اجلاس ٿيندا رهيا. انهن ادبي ميڙن جي ڪارروائي ٻ انهن ٻ پڙهيل عالماڻا مقالا رسالي "اديب سنڌ" ٻ شايع ڪيا ويندا هٿا، جنهن ٻ علحدن شاعرن جي ڪلام تي معياري تنقيد پڻ ڪٿي ويندي هٿي.

"هندو سنسار" اخبار (1942ع) ٻ، اصلوڪن ناولن تي شايد پهريون تنقيدي مضمون 'منگهارام ملڪاڻيءَ' جو هو، جنهن ٻ 'چندو لعل جٽسنگهاڻيءَ' جي "زنده دل" تي هن ريت آلوچنا ڪيل هٿي؛

"سنڌيءَ ٻ ٻين ٻولين تان ترجمو ڪيل ناول تہ گهڻائي سٺا ٻ سهٽا آهن، پر اصلوڪا لکيل ناول بنهہ ڳاڻ ڳٽيا آهن. سو شري چندولعل جو سنڌي جيوت ٻ بيهاريل هيءَ ناول ڏاڍي چاهہ مان شروع ڪيم. پر جيئن پڙهندو وڃان تيئن عجب کائيندو وڃان تہ لکندڙ ڇگا سٺا خيال ب ٻيو ظاهر ڪري، چيدن لفظن ٻ اصطلاحن ٻ، پر ان سان گڏوگڏ ڪيترن جملن جون نحوي بناوتون هر هر ٽنگ ڪٽيو ٻيهن... تنهن کان سواءِ، صورتخطيءَ جون چُڪون ب گهڻيون آهن، ٻيهڪ جي نشانين جون چُڪون تہ بيشمار آهن... ڪهڙن ب اعليٰ خيالن وارو ڪتاب ڪنهن ب ٻوليءَ جي ادب ٻ اهميت نہ رکي سگهندو

جيسين ان جي عبارت پڻ درست نہ هوندي. هائي ڪتاب جي ويچارن ۽ آکاڻيءَ جو اندازو لڳايون.

"بمبئيءَ ۽ پوني جي وچ ۾، ڇوماسي جي مند ۾، پهاڙن وچان ريلوائيءَ جي مسافري بلند خيالي سان بيان ڪيل آهي. وري مهابليشور ڏانهن ويندي قدرت جا نظارا نظماڻي قلم سان چٽيل آهن. ڪردارن جي منورتي به چٽيءَ طرح سان ظاهر ڪيل آهي... چندر ۽ سونا جي پريم جي ترقي به رفتي رفتي ۽ نهايت سياويڪ نموني ٽي ٽٽي... تنهن کان پوءِ هڪ واقعو اهڙو ٿو اچي جنهن جهڙو ڪنهن به سنڌي ناول ۾ ڪونہ پڙهيو آهي ۽ جنهن جي آڻ ۾ جرئت ڪپي... هي حادثو قدرتي حالتن هيٺ اهڙو ته سياويڪ بيهاريل آهي ۽ ان جو بيان به اهڙو ته پوشيدو ۽ نفيس نموني ۾ ڪيل آهي، جو پريمين کي ان ڏوهہ لاءِ ملامت ڪرڻ بدران سندن انساني هيڻائيءَ تي ترس پيو کائجي...

"بس، هن کان پوءِ ڪتاب جون خوبيون ختم ٿيون ٿين ۽ پچاڙيءَ تائين خامين سان ٽمٽار ٿيو وڃي، جن مان مکيہ آهن نائيڪ ۽ نائيڪا جي وچ ۾ ڪي نظارا جي نهايت اگهاڙا ۽ ناشائستا آهن. ناول جي رڳا ۾ به پچاڙيءَ ۾ ڪيترين ڇڪون ڪري، شري چندولعل نہ فقط مکيہ پاترن جو چرتر هيٺو بنائي بگاڙي ڇڏيو آهي، پر آکاڻيءَ مان جا سماجي سڌاري جي مراد حاصل ٿي سگهي ها سا به ناس ڪري ڇڏي اٽس."

"سنڌو" مخزن جي ڊسمبر 1943ع واري انڪ ۾ 'منگهارام ملڪاڻيءَ' جو ليک "هن سال جا ٻہ مکيہ ناول" ڇپيو هو، جنهن ۾ 'پروفيسر رام پنجواڻيءَ' جي "قيدي" ۽ 'پروفيسر نارائڻداس بميالءَ' جي "وڏوا" مان گڻ ۽ ڏوهہ ٻڌي ڪڍي ڏيکاريل هٿا. "قيدي" ناول جي ڪٿ هيٺين طرح ڪيل هئي.

"پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو نئون ڪتاب "قيدي" سنڌي ساهت ۾ انهن جزوي ناولن مان آهي جي اصليت جي دعويٰ رکن ٿا. لکندڙ خود سنڌ جو مشهور راڳيندڙ ۽ ڪلاڪار آهي، سو هن ڪتاب ۾ سنگيت ۽ چترڪاريءَ جا اهڙا ته اعليٰ ۽ امنگ اتارينڊڙ بيان ڪيل اٽس جن جهڙا مون ٻڌي ڪنهن سنڌي ڪتاب ۾ نہ پڙهيا آهن. آکاڻيءَ جا پريمي به ٻڌي ڪلاڪار بنايا اٽس، جن جي پريم جي اوسراہ، سنگيت جي پرياوَ هيٺ، اهڙي ته نفيس ۽ سوڪمر نموني ۾ چٽي اٽس جو منجهس نفس جو ڏنگ ذرو به نہ رهيو آهي. ڪتاب ۾ هنڌ هنڌ

فيلسوفانا نُڪتا اڇي وڃن ٿا، جن مان ظاهر آهي تہ لکندڙ جيوت جي تجربي مان ڳوڙهاڻ پرائيندو وڃي. سندس عبارت بہ چيدي، زوردار ۽ رواني‌ءَ واري آهي، ۽ رنگين شاعراڻيون تشبيهون ساري ڪتاب ۾ پلٽيون پيون آهن، جنهن مان ثابت آهي تہ پروفيسر رام پنجواڻي‌ءَ، 'پدما' لکڻ کان پوءِ ڪيتري ادبي ترقي ڪئي آهي.

"باقي هڪڙو وڏو نقص ناول ۾ رهجي ويو آهي، سو آهي 'نرتڪي‌ءَ جي آکاڻي' جنهن جو مکيہ ڳالهہ سان ڪو لاڳاپو ڪونهي، ۽ جا بنهہ ڌاري ٿي وچ ۾ پٽي لٽڪي ۽ رٽا جي ايڪتا ۾ ڦيٽاڙو وجهي... ٻيو تہ پچاڑي‌ءَ ۾ اوچتو ٿي اوچتو ناول وڃيو راڃنيتي هنسا ۽ اهنسا جي معاملي ۾ پوي، جنهن جو نتيجو توڙي ديرينو بيهاريل آهي تہ بہ پاٽجي تہ ڪلاڪاري‌ءَ وارو اوچو ناول سياسي جهڳڙن ۾ نہ گهڙي ها تہ چگو...

"'قيدي' نالو بہ پورو نہ آهي، چو تہ نائڪ اصل کان چترڪار آهي ۽ آخر بہ چترڪار رهي ٿو، قيدي تہ فقط پچاڑي‌ءَ ۾ راڃنيتي هلچل ۾ پٽي ٽوري وقت لاءِ ٿو ٽٽي... پورو نالو 'چترڪار' ٿي ٽيڻ کپندو هو، چو تہ اهوئي ناول جو مکيہ ڪردار آهي."

ساڳئي "هن سال جا بہ مکيہ ناول" ليک ۾ 'پروفيسر يميائي‌ءَ' جي "وڏوا" ناول جي ملڪائي‌ءَ هي‌ءَ چنڊچاڻ ڪئي هئي:

"شري يميائي‌ءَ بہ ناول 'پاپ ۽ پاڪيزگي' ۽ 'مالهڻ' اڳيئي ڇپايا آهن، پر هي 'وڏوا' ناول سندس بهترين ڪتاب آهي ۽ سنڌي‌ءَ ۾ جي ٿورا من - گهڙت ناول آهن تن ۾ ڪا اهميت ٿو رکي. شيوڪ موٽواڻي‌ءَ جو 'آشيرواد'، مامتورا جو 'شاعر' ۽ شريمتي سدارنگاڻي‌ءَ جو 'اتحاد' سندر اصلوڪا ناول آهن، پر انهن ۾ آکاڻي ٻين پرانتن ۾ ڪجي ٿي وڃي. هن ناول جي خاص خوبي اها آهي جو هي ٽيڪ سنڌي ناول آهي، جنهن ۾ سنڌ پوميءَ جي رسمن ۽ رواجن جو نقشو چٽي‌ءَ طرح سان ڪڍيل آهي. تنهن کان سواءِ هن ناول ۾ ڪيترا نازڪ پنڪتي ۽ گهرو مسئلا ڪُليو ڪُلايو پيش ڪيل ۽ بردباري‌ءَ سان حل ڪيل آهن مثلاً، پيار جي شادي ۽ وڏوا وواهہ، جن کان ٻين لکندڙن هن وقت تائين ڪوڙ پي ڪاڏو آهي.

"چترڪاري بہ هن ناول ۾ سياويڪ ۽ زوردار ڪيل آهي، خصوصاً ڪتاب جي نائيڪا جي صورت اهڙي دلڪش بنائي وئي آهي جو 'سونا'

سنڌي ساهت ۾ سچين سورمين مان هڪ شمار ڪئي ويندي... بيوفا مڙس جي آپگهات کان پوءِ، هيءَ نئين زماني جي آزاد خيال 'ڪنواري وڏوا' بهادريءَ سان سماج جي ٺيڪيدارن جو مقابلو ٿي ڪري ۽ هڪ همدرد لائق انسان سان وري وهاڻ ڪري ٿي ڇڏي. ناول جي نائيڪ جي سيرت پڻ بخوبيءَ چٽيل آهي... اجيت هڪ ضعيف انسان آهي جو شاديءَ ڪرڻ بعد به بيءَ هڪ چوڪريءَ کي پيار ڪندو اچي ۽ سونا کي پڇي ٿي نڏو. پر اها چوڪري آخر ۾ جواب ٿي ڏئي ته مان تنهنجي پيار سان راند ڪري رهي هيس... جنهن تي هيءَ انڏو عاشق هٿي پاڻ کي پورو ڪري ٿو ڇڏي. اها خودڪشي ذرا اسياويڪ پٺي لڳي... جهوني زماني جا روماني عاشق برابر بيدرد دلربا لاءِ به جان نثار ڪري ڇڏيندا هٿا، پر هن عقل واري زماني ۾ عشق کي به کي قدر عقل اچي ويو آهي ۽ نالائق معشوق لاءِ آپگهات ڪرڻ ناشدني پٺي لڳي... ناول جي پيچاڙيءَ ۾ به به گهمساني واقعا آندل آهن، جن هن مائيٽيءَ ۽ دلچسپ ڪهاڻيءَ کي سنسنيءَ وارو بنائي ڇڏيو آهي... سونا جي ٻئي مڙس جو دينداستي خون ٿي وڃڻ، سونا جو چريو ٿي پوڻ ۽ آخر مري وڃڻ - اها ڏکدائڪ پڇاڻي ته رڳو ڇڪي تاڻي آندل آهي ۽ ناول جي ڪلاڪاريءَ کي باهي ٿي ڇڏي، پر آکاڻيءَ جي حاصل مطلب کي ڏڪ هٿي ٿي ڇڏي. هيءَ ناول وڏوا وواهه جي فائدي ۾ آهي، جنهن ۾ وڏوا جي وري وواهه ڪرڻ لاءِ ڪافي سبب جاڙايل آهن ۽ ان وواهه کي سڪي ڪرڻ سان ٿي آکاڻيءَ جو مطلب چٽندو. پر جيڪڏهن ڪيس وواهه ڪرائي به، لکندڙ آخر ۾ اوچتي ڏڪ سان وڏوا جو سڪ چني ورتو ۽ ڪيس وري ڏکي بنائي ڇڏيو، ته اهو ته وڏوا وواهه جي برخلاف لکڻو ٿيو، نه ان جي فائدي ۾...

"ڪتاب جي ٻولي سهڻي ۽ موزون آهي ۽ ڏکيا ويچار آسانيءَ سان چونڊ لفظن ۾ ظاهر ڪيل آهن. ڪيترا سٽا پهاڪا، ڪيترين وٽندڙ تشبيهون به جائز جڳهين تي ڏنل آهن، پر ڪن ڪن هنڌ خاص ۽ عام پهاڪن ۽ تشبيهن جي هڪٻئي پٺيان ڏمر لڳي پٽي آهي... جڏ ته لکندڙ پنهنجي سموري جاڻ هڪڙي ٿي پيري سان ظاهر ڪرڻ ٿو چاهي. سنڌي لفظن جون هجيئون ڪن فارسي ۽ اردو نمونن ۾ لکيل آهن. مثلاً حڪايت بدران 'حڪايت'، ساهري گهر بدران 'صاهري گهر'، وڏوا بدران 'ودوا' ۽ همٽ بدران 'همّت'... سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي جزم ۽ تشديد جون نشانيون ٿين ٿي ڪين. نمائي سنڌي

شدمد مان جائي ٿي ڪانه."

'جڳت آڏواڻي' ڪان پوءِ جڏهن "ڪهاڻي" مخزن جي سهيڙ 'ايم.آر. مائيداساڻي' ڪندو هو، تڏهن ان جي سيپٽمبر - آڪٽوبر 1944ع واري نمبر ۾، "سندر ساهتيه" رسالي ۾ڇپايل ناول "سماجڪ بلوو" تي ڪڙي نڪته چيني ڪئي وئي هئي. اهو ناول 'شرت چندر چٽرجي' جي ڪنهن ناول تان 'ميلارام منگترام' سنڌي جيوت ۾ ڀلٽو ڪيو هو، پر ان ۾ آندل پيار جي بيانن کي مائيداساڻي صاحب "بيحيائيءَ" ۽ شرارت جو گندو ذخيرو" ڪوئي خوب نٿديو هو، ۽ شڪ ظاهر ڪيو هو ته اهڙو ناول شرت چندر جهڙي نامر ڪٿئي ليڪڪ جو هوندو ئي ڪونه. ساڳئي ناول بابت "هندو سنسار" جي 8 جنوري 1946ع واري پرچي ۾ "نه گهرجي اسان کي اهڙو ساهت" سري سان 'اُتر' تنقيد ڪئي هئي:

سچ پچ اهو سماجڪ بلوو نه هو، پر منووگيان(نفسيات) خلاف بلوو هو، جنهن ۾ حقيقتپٽي جو خاتمو ڪيو ويو هو... نه هئي منجهس نواڻ ۽ تازگي! نه جوش نه جذبات، جو ڪنهن سندر ڪاريه لاءِ اتساهت ڪري."

حيدرآباد نيشنل ڪاليج مان، 'پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ' جي رهبريءَ هيٺ، "لطيف ڀاري" نالي باتصوير مخزن نڪرندي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي تنقيدي مضمون پوندا هئا، جن مان گهٽا ٽٽا خود آڏواڻي صاحب جي عالماڻي قلم مان نڪتل هوندا هئا. 1944ع واري شماري ۾ سندس "سر سهڻي (سهڻيءَ جي بيان ۾)"، "سر مومل راڻو" ۽ "ويدانت ۽ تصوف" عنوان سان مضمون ڇپيا هئا. 'مرزا قليچ بيگ' جو "شاهه جو شعر" ۽ هن پرچي ۾ پيو هو. هن مخزن جي شاگرد - ڪارپرداز 'ارجن جهوڙيلائي' جو "شاهه ۽ شيڪسپيئر" به هڪ نٿديو پر چگو ادبي پيٽ وارو مضمون هو. 1945ع واري نمبر ۾ پروفيسر آڏواڻيءَ جو ليک "سامي جا سلوڪ" پيو هو. 1946ع واري پرچي ۾ آڏواڻي صاحب، شاهه جي سورمين جي سيرت نگاريءَ جو سلسلو جاري ڪندي، "نوري"، "مارئي" ۽ "ليلا" تي ليک وٽا ۽ "شاهه جو مجازي شعر" ۽ شايع ڪيائين. پروفيسرآڏواڻيءَ جي فارسي آميز، پر تنهن هوندي به سهج - فهم عبارت جو مثال ۽ مخصوص شرح ڪرڻ جو نمونو پچاڙيءَ واري تنقيدي مضمون مان پيش ڪجي ٿو:

"شاھ جو عاشقائو ڪلام بن نمونن جو آھي؛ مجازي ۽ حقيقي. نوجوانن جي طبيعت کي وٺندڙ ۽ خوش ڪندڙ، سندس مجازي شعر آھي، جو پاڻ ۾ جواني ۽ جي وقت ۾، مجازي عشق جي خمار هيٺ چيو هٿائين. ان کان سواءِ، هر هڪ سُر کي، حقيقت سان گڏ، مجاز جي ۾ چٽ ڏني اٿس. سيني شاعرن جو شروعاتي شعر، مجازي رنگ جو آھي؛ ۽ شاھ سان ۾ اهو قدرتي قانون لاڳو آھي. هاڻوڪن مجازي شاعرن جي شعر ۾ ۾ حسن جون وارتائون ٿي آھن، پر انهن ۾ ڪابہ تازگي ۽ نواڻ ڪانهي. البت، جهونين ايراني تشبيهن جي ڪمي ڪانهي، جن کي پڙهڻ سان، مورڳو طبيعت تي پريشاني چانٽجيو وڃي. شاھ، معشوق جي اکين، زلفن، پيشاني، صورت، گفتار ۽ پاڻهه کي، اهڙي جادوءِ پرئي نموني ۾ بيان ڪيو آھي، جو ان کي پڙهڻ سان، جيڪر مرده دل انسان ۾ هڪواريءِ حسن ۽ عشق ڏانهن مائل ٿئي... 'سُر ڪنيات' ۾ شاھ، ساجن جي صفاتيءِ جي ثنا ۾، مبالغي کان ڪم ورتو آھي. جهڙي صفائي، صبح جي وقت، سهيل تاري ۾ هوندي آھي تهڙي ٿي محبوب ۾ آھي. لالن جو لقاءِ ڏسي، چنڊ تارن سميت، آسمان ۾ پيهي غائب ٿي ٿو وڃي.

'اونداهي اڌ رات ۾، پري پسايو پاڻ،
چند ڪتن سان، پيهي ويو پرلاوَ ۾.'

'تارا تيلي روءِ، لٽا لالن! ايرين،
جهڙي تو صبوح، تهڙي صافي سڃڻين.'

"سونهن رڳو زلفن، اکين، پيشاني ۽ نڪ ۾ ناهي؛ نڪي ظاهري سينگار ٿي، ان ۾ اضافو آڻي ٿو. جيڪڏهن جسماني سونهن سان گڏ، ميناڻ وارو گفتار ۽ ناز واري رفتار ناهي، تہ اها آدرشي سونهن نہ چئبي. مٺي گفتار چا کي چئجي، سو شاھ، سسئيءِ جي مٺي آواز جو بيان ڪندي سمجهايو آھي. سسئيءِ جي آواز کي، ڪوئل جي ڪُوڪ، چتوءِ جي چانگار، ڪونج جي ڪرڪ ۽ سارنگيءِ جي ساز سان مشابهت ٿو ڏئي. سسئيءِ، بريٽ جهاڳيندي، عشق جا نعرا هٽندي پٺي وڃي؛ ۽ شاھ سندس شيرين ۽ خوش آواز جو وستار هيٺن ٿو ڪري:

'رُجن ۾ رڙ ٿي، ڪَر ڪُرڪي ڪونج
نعرو منجهہ نڪو نج، اي تان آھ عشق جي.'

'رڄن ۾ رڙ ٿي، ڪر چتون، جي چانگار،
اي عشق جي اپڪار، نعرو آهه نيهه جو.'

'رڄن ۾ رڙ ٿي، ڪر سارنگي ساز،
اي عشق جو آواز، ماڙهو رکن منڌ تي.' (سُر معذوري) (1)

"لطيف ٻاري" جي 1946ع واري آخري پرچي ۾، ڪاليجي شاگردن مان ارجن جهوڙيملائيءَ جو "شاهه جو سنيهو" چگو مختصر مضمون هو؛ ۽ 'ايچ.ٽي. دادلائيءَ' جو ""شاهه جا سورما" ان نئين موضوع تي سهڻو ليک هو، جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته شاهه جون عاشقيائيون اعليٰ آهن، پر عاشق اڪثر ڪري خام آهن.

سرڪاري صلاحڪار بورڊ جي "مهراڻ" مخزن ۾ لعلچند امرڏنيمل جي ايڊيٽريءَ هيٺ، وقت بہ وقت تازن نڪرندڙ ڪتابن تي تنقيد ٽيندي هئي. جنوري 1946ع واري عدد ۾ 'آسانند مامتورا' "نئون ادب" جي عنوان سان، ترقي پسند اڪائين جي مجموعي "ريگستاني قول" تي تنقيد ڪندي لکيو هو؛

"ڪهاڻين جا سڀ لکندڙ ايا ڳيرو جوان آهن، ۽ منجهن اُسري ڪنهن ڪمالیت کي رسڻ جا آثار چٽا پيا ڏسجن. ڪٽي ڪٽي رٽا جو ٽورڙو نقص يا ميلوبراما (سنسني) جو رنگ، يا پرچار جي مقصد ڪري مبالغو نظر اچي ٿو... پر سمي پٽي، استعمال ۽ فن جي بهتر جاڻ سان، اهي سقم پاڻ ٿي الوپ ٿي ويندا... سنڌ جي جيوت ۾ نئين دور جي ويچارن ۽ امنگن ماندائي وڌي آهي ۽ اسان جي اقتصادي ۽ معاشرتي زندگيءَ ۾ تبديليون ٿين پيون. انهيءَ الٽ پلٽ جي زماني ۾ ڪيترائي نوجوان، نوَن ويچارن جي اجهل اثر کان، نئين ساهت (جڙواد جي لحاظ کان حقيقت شناسيءَ تي ٻڌل ادب) جي پلٽ پيا پلٽين... جي انهن ۾ مشاهدي جي وسعت، نئين زندگيءَ جي رٽا ۽ سندرتا جو موزون ميلاپ هوندو، ته پوءِ اهي رچنائون نہ رڳو دل ۽ دماغ ۾ انقلاب آڻيندیون، پر روح کي راحت رسائي، ان ۾ پائيدار جاءِ جوڙي

(1) پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جا اهي "لطيف ٻاري" وارا ۽ "سنڌو" مخزن وارا اوائلي مضمون، سندس ٻبڙيءَ ۾ ڇپايل ڪتابن؛ "شاهه" (1951ع)، "سامي" (1953ع)، "سچل" (1954ع) جو بنياد سمجهڻ ڪپن.

ويهندیون." سنڌي ساهت، ۽ خاص ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ جي هن آزمودگار ليکڪ جا مٿيان همت افزائيءَ ۽ هدايت پريا لفظ نونهال ليکڪن لاءِ غور طلب آهن.

"مهراڻ" جي ساڳئي پرچي ۾ 'آغا تاج محمد خان'، 'پروفيسر نارائڻداس ڀميائيءَ' جي "پاپ ۽ پاکيزگي" ناول تي تفصيلوار تنقيد ڪئي هئي، جنهن جو مکيه اعتراض هو ته هن ڪتاب ۾ هارڊي صاحب جي نامياري ناول Tess جو نه فقط ترجمو ڪيل هو، پر تنبيت يا گوديلو (اُلٿو) ڪيل هو، يعني ته انگريزي حالتن کي، ڏيهي رسمن رواجن ۾ بيهاري جي ڪوشش ڪيل هئي - جنهن ۾ بنهه ناڪامياب ٿيو هو. تاج محمد صاحب ان نقص جا ڪيترا مثال ڏئي ثابت ڪيو هو ته هن ناول جا ڪردار "نه سنڌي يا هندستاني ٿا معلوم ٿين ۽ نه يورپي، نه مسلمان ٿا معلوم ٿين نه ڪرستان. اهڙي عظيم غلطي يا ته هن سبب ڪري قابل مصنف کان ٿي آهي ته ڪيس مسلمانن جي سوشل حياتيءَ جي بلڪل ڄاڻ کين آهي يا ڪيس تنبيت جو هنر نٿو اچي."

تنهن کان سواءِ نقاد صاحب ڀميائيءَ جي هوليءَ ۽ لکڻيءَ جون ڇُڪون به اڪيچار ڪيي ڏيکاريون هيون، جن مان ڪي دل سان لڳيون ٿي، پر نه سيئي. ساڳئي نمبر ۾ پروفيسر ڀميائيءَ جي تاليف ڪيل "ادبي گلشن" (3 جلد) تي به آغا صاحب نڪته چيني ڪئي هئي، جنهن ۾ به صورتخطيءَ، محاورن ۽ معنائن جون ڪيتريون ئي غلطيون ڪڍيون هٿائين، مثلاً 'طرقي' (ترقي)، 'تريقي' (طريقي)، وغيره. پر هن قابل نقاد تي، هن بندي جي تنقيد اها آهي ته خود سندس استعمال ڪيل ڪيترا فارسي عربي لفظ اسان جي ناقص سمجهه کان ٻاهر آهن، مثلا تنبيت، عحلت، انشاپردازن، مخرج، متن، تصحيفي وغيره وغيره.

"مهراڻ" جي 1946ع واري سيپٽمبر، آڪٽوبر ۽ نومبر نمبرن ۾ استاد پيرومل مهرچند' جو تنقيدي مضمون "اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ غلط معنائن جو ڦهلاءُ - سنڌي هوليءَ جي ستياناس ڪرڻ جون واٽون" پيو هو، جنهن ۾ ڀئ هن صاحب پروفيسر ڀميائيءَ جي "ادبي گلشن"، ۽ 'قاضي عبدالغفور هالائيءَ' جي تاليف ڪيل "ديوان گل" مان ڪيتريون صورتخطيءَ جون ۽ معنوي غلطيون چنڊچاڻ ڪري سمجهايون هيون.

## تنقيدي ڪتاب - سنڌي نظم تي

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي "شاهه جو رسالو" کان پوءِ، سنڌ جي ٻئي نمبر اعليٰ شاعر سچل جو رسالو نڪتو، جو 1933ع ۾ 'آغا غلام نبيءَ' "سچل سرمست" نالي سان ڇپايو هو. هن رسالي ۾ شاعر جي سوانح عمري ڏنل هئي ۽ سندس ڪلام جي شرح ڇڪي ڪيل هئي، پر ٻي ڪا ادبي تنقيد ڪانه ٿيل هئي. جهڙي تنقيدي خدمت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ شاهه صاحب جي ڪئي هئي، تهڙي سنڌ جي ٻئين مشهور شاعر ساميءَ جي به، سنڌ ۾ هجڻ تائين، ڪنهن عالم ڪانه ڪئي.(1) ساميءَ جي سلوڪن جا 3 پاڳا جيڪي ديوان ڪوڙيمل سوڊي ڇپايا هئا، تن ۾ ديوان صاحب جي ننڍڙي مهاڳ ۽ ديوان ديارام جي تات پرج ۽ اوڪن لفظن جي ارٿ ڌاران، ڪا تفصيلوار تنقيد ڪانه ٿيل هئي. نڪو، جيئن شاهه جو ڪلام سُرن ۾ ورهايل آهي، تيئن ساميءَ جي ڪوتا پورن ڪاندن(بابن) ۾ ورهايل هئي. جنهن ڪري ساڳي موضوع وارا ڪي سلوڪ ڪٿي ته ڪي ڪٿي، ٽڙيا پکڙيا پيا هئا ۽ پڙهندڙن گويا ابوبحر ۾ غوطا پٽي ڪاڍا. آخر سامي صاحب جي هڪ سڪ پرٿي ايپاسيءَ، 'ماسٽر واڌومل مولچند' چندڇاڻ ڪري، ڪل 2050 سلوڪن مان فقط 650 "ساميءَ جا چونڊ سلوڪ" جدا جدا موضوعن هيٺ ڪاڍي، 1938ع ۾ ڇپايا ۽ پهريون ٽي دفعو ساميءَ جي سلوڪن کي ڪا ترتيب ڏني. هن ڪارگر منتخب ۾ هر سري وارن سلوڪن جو اختصار ۽ معنيٰ پڻ سمجهايل هو، پر ٻي ڪا ڪٽت ٻڌي ادبي ڪٽ ڪانه ڪيل هئي. 1938ع ۾ 'پروفيسر مولچند نڪر'، سنڌ جي ٻئي نمبر هندو شاعر جي سنڌيءَ ۾ لکيل ڪوتا سڌارا سنواري، "صوفي دلپترام جا سنڌي سلوڪ" نالي ڪتاب ڇپايو هو. هن رسالي ۾ به ڪويءَ جو ڪلام موضوعن موجب چونڊ ڪري ترتيب وار وڌو ويو هو ۽ تنهن کان سواءِ مهاڳ ۾ دلپت جي سلوڪن ۾ سمايل تصوف جا اصول، ٻين سنڌي صوفي شاعرن سان پيٽ ڪري سمجهايل

---

(1) ٻئي ۽ مان پروفيسر 'يوجراج ناگراڻي' ساڳئي پيماني تي "سامي جا سلوڪ" (3 پاڳا - 1955ع، 1958ع ۽ 1967ع) پڌرا ڪيا آهن ۽ آخري پاڳو تيار ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ پڻ پروفيسر 'جهامنداس پاڻيا' اهڙي قسم جو ڪم ڪري رهيو هو، پر افسوس جو اوچتو سرڳواس ٿي ويو. هاڻي اهو ڪم سنڌي ادبي بورڊ جي نگراني ۾ تڪميل جي مرحلي ۾ آهي.

هٿ، پر باقاعدي تنقيد کانه کيل هئي. 1940ع کان 1942ع تائين 'گدومل هرجائيءَ' سنڌ جي ٽئين معروف مسلمان شاعر "بيدل جو رسالو" ٻن ڀاگن ۾ ڇپايو، جنهن ۾ شاعر جي زندگيءَ جي حقيقتن ۽ شاعراڻين خوبين تي هڪ موچارو مقدمو پڻ لکيل هو ۽ ڏکين اکرن جون معنائون به ڏنل هيون. پر هرجائي صاحب، بيدل فقير لاءِ بيحد سڪ ۽ شردا وچان ٿنا جا ڏڪ ڀريا هٿ ۽ موزون ادبي تنقيد کانه ڪئي هئي.

1937ع ۾ 'محمد صديق مسافر' پنهنجي استاد ۽ سنڌ جي جديد شاعر فاضل شاهه جو "ديوان فاضل" ڪٺو ڪيو هو، جو مسلم ادبي سوسائٽيءَ شايع ڪيو هو. ان ڪتاب ۾ شاعر جي ڪلام ڏيڻ کان سواءِ، مسافر صاحب، استاد جي زندگيءَ ۽ سندس وقت جي شاعرن جو احوال ڏيڻ سان گڏوگڏ، سندس ڪلام تي پارکو تنقيد ۽ شرح به ڪئي هئي، جنهن ڪري هي، رسالو ادبي نڪته چينيءَ ۾ چگي جڳهه والاري ٿو.

1944ع ۾ شاهه لطيف تي باتصوير تنقيدي ڪتاب 'پروفيسر نارائڻداس ڀمبائيءَ' جو "شاهه جون سورميون" نڪتو، جنهن ۾ هن صاحب شاهه جي عورتن جي چترشالا (آرٽ گئلري) ۾ گهڙي، سندن سيرتن جي ڄاڻ ۽ پيٽ ڪئي هئي؛ ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو هو ته اهي شيڪسپيئر جي سورمين جهڙيون ئي اعليٰ ۽ علحده سيرتن واريون هيون ۽ ته "سيني ڪهاڻين جا مڪيه اداڪار گهٽو ڪري عورتون آهن ۽ نه مرد، سواءِ امام حسين ۽ راءِ ڏياچ جي." هن ڪتاب جي ديباچي ۾ ڀمبائي صاحب کي نُڪتا پيش ڪيا هئا، جن مان سندس شاهه جي اپياس ۽ موزون عبارت جو پتو پوي ٿو:

"شاهه صاحب ڪهاڻين جو منڊ، وچ ۽ پچاڙي ٽئي نٽو ڏئي. 'سر مومل راڻو' ئي آهي جنهن ۾ ڪي قدر تفصيل سان آکاڻي ڏنل آهي. پر ٻيا سڀ سُر وچان شروع ٿا ٿين ۽ شاهه چوندي چوندي صرف اهي واقعا ڏنا آهن جن دواران (وسيلي) سورمين جون سيرتون چٽي سگهيو آهي. سورمين جي سوال سان واسطو رکندڙ هڪ مسئلو آهي جنهن پڙهندڙن جو ڌيان لهڻو. مڙني ڪهاڻين جي مطالع مان معلوم ٿئي ٿو ته عورت ئي آهي جا مرد جي تلاش ۾ وڃي ٿي. شاهه حياتيءَ ۾ ڏٺو ته عورت مرد جي ڳولا ۾ رهي ٿي ۽ نه مرد عورت جي. عورت جي زندگي کانڌ لاءِ جستجو آهي؛ ان جستجو ۾ هوءَ پرواهه نه ٿي ڪري جي خود پاڻ ۾ ناس ٿي وڃي. شاهه جا طالب سورميون آهن، نه سورما...

"شاهہ هر ڪنهن آڪاڻيءَ ۾ ڪو نہ ڪو اهم ويچار رکيو آهي. هر ڪنهن ڪهاڻيءَ جي رٽا علحده آهي. ڪن جي پچاڙي دردبل دکياري آهي تہ ڪن جو هرڪ هلاس واري. مگر مڙني مان هڪ جنڊار شخصيت جي بوءِ اچي ٿي... شاهہ جي سيني ڪهاڻين جي اصلي مراد هڪ آهي. جهڙيءَ ريت انبلڪ جي ستن رنگن جو ڪاڻ سفيد روشني ٿئي ٿي، تهڙيءَ ريت شاهہ صاحب جون نظمي وارتائون سندن ئي شخصيت مان ايرن ٿيون؛ سيني ۾ پاڻ پيو وَسي. ڪهاڻين جي بيهڪ هڪ ٻئي کان علحده آهي، پر انهن مڙني جي تهہ ۾ ويچار جي هيڪڙائي نظر ايندي. آڪاڻين جي ڪثرت ۾ خيال جي وحدت قائم رکي اٿس. انسان جي زندگيءَ جي مراد آهي ڏٺي جي حاصلات... شاهہ عبداللطيف جي ڪهاڻين جو حاصل مطلب بہ اهوئي آهي. سندس سورميون ان روحاني تلاش ۾ رڌل آهن. طالب کي مطلوب جي پراپتيءَ(حاصلات) ۾ ڪَٺين تڪليفون آڏو اچن ٿيون، جن کي ڪيس صبر سان منهن ڏيڻو آهي. شاعر انهن مشڪلاتن جو پڻ بيان ڪري ٿو... اهو ظاهر آهي تہ جي خاصيتون، شاعر موجب، سالڪن ۾ هڻڻ گهرجن، سي سڀ پنهنجين سورمين ۾ وڌيون اٿس...

"شاهہ پنهنجيون گهڻيون سورميون حياتيءَ جي هيٺين درجي مان چونڊيون آهن... سورمين جي اهڙيءَ چونڊ ڪرڻ سان شاهہ ڪهڙي راز سلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ دنيا جي اونهي آزمودي مان ڪيس اها جاڻ پئي تہ غريبي گڻن جي ڪاڻ آهي. جيڪي ڏٺيءَ جا تلاشي آهن تن کي گهرجي دل جي صداقت، بلند خيال، نٿرت، قرباني؛ اهي صفتون شاهوڪارن کان وڌيڪ هن کي غريبن ۾ نظر آيون. غريبي معنيٰ غربت. جيڪي دنيوي خيالن کان مسڪين نظر اچن ٿا، سي روحاني دولت ۾ مالامال آهن؛ سندن دلي دنيا دائما آباد رهي ٿي. جيڪي دنيا کان پري، سي ڏٺيءَ کي اوري. شاهہ صاحب ڏٺو تہ دولت ۾ ناز آهي، غريبيءَ ۾ نياز آهي؛ ۽ مالڪ وٽ نياز ڪنڊو، نہ ناز... شاهہ صاحب جون بہ سورميون ليلا ۽ مومل، وڏ گهرائيون آهن، ۽ اهي ٿي ٽاڙجن ٿيون. ليلا لاءِ شاعر چوي ٿو:

'ٽڙڪي پسي ٽوڪ، ترکي تکبر ۾ پئي'

ليڪن ٻين سيني جون سيرتون بي داغ آهن ۽ اهي آهن پڻ غريبن جون جايون. ليلا ۽ مومل جهڙا ڪم نہ ڪيا سهڻيءَ، نہ سسئيءَ، نہ نوريءَ، نہ

مارئيءَ. ڪڪاين جھوپڙين ۾ رھندڙن کي ڪھڙي خبر تہ چترائي چا ٿيندي آھي؟"

1946ع ۾ 'پروفيسر لوڪومل ڪيسوائيءَ' "سنڌي شعر جي ڪسوٽي" ڇپايو، جنھن ۾ پھريون دفعو بيدل فقير جي شاعريءَ جو تنقيد جي سڌريل مغربي اصولن موجب موزون اندازو لڳايو ويو ھو. استاد پيرومل ھن ڪتاب جو مندِ لکندي ھن ريت مصنف کي دل کولي داد ڏنو ھو:

"پروفيسر ڪيسوائيءَ کيرون لھٽيون جنھن شاعر بيدل فقير جي ڪلام مان انتخاب ڏئي، ھرھڪ ڳالھہ تنقيد جي تارازيءَ ۾ توري نھايت عالماڻي نموني پڙھندڙن جي اڳيان پيش ڪئي آھي. ھي صاحب ھن نامڪنئي درويش جي ساراھہ ۾ ڪونہ اڇي ڇنڪيو آھي، پر سندس شعر جون خوبيون توڙي خاميون پڙھندڙن اڳيان چٽيءَ ريت پيش ڪيون اٿس. ھن قسم جا ڪتاب فقط اھي لکي سگھندا جن کي تنقيد جي اصولن جي سُڌ ھوندي ۽ ڳالھہ جي چنڊچاڻ ڪرڻ جو پورو پورو ڍنگ ھوندو. اھو قابلن جو ڪم آھي ۽ پروفيسر ڪيسوائيءَ ھي ھڪ سؤ ڪن صفحن جو مضمون لکي پنھنجي قابليت جو ثبوت ڏنو آھي."

ڪيسوائي صاحب جي تنقيدي قابليت، آزاد خياليءَ ۽ ادبي محاورن جي ايجاد جا مثال ھيٺ ڏجن ٿا، توٽي سندس فارسيءَ ۽ ھنديءَ جي چوٽ ميلاپ واريءَ لکٽيءَ ۾، وڏي دم (Full Stop) بدران جھونن ڪاتبن واري ليڪ ڏنل آھي:

"فقير بيدل بہ عشق ۽ معشوق ۾ الله ڏنو... زاھدن ان عشق کي خوب نديو آھي- شايد انھن مجازي عشق جي پھلوءَ تي جلھہ ڪئي آھي- مگر صوفين جي سڌانت انوسار مجاز ٽي حقيقت جو مارگ آھي... ھاڻي ويچار ڪرڻ کپي تہ مجازي عشق ڪمائڻ مناسب آھي يا نہ- حقيقت شناسيءَ لاءِ اھو ھڪ لازمي ڏاکو آھي؟... مجاز جو ساڌن ھڪ ترکٽو ڏاکو آھي- جسماني حسن تي محبت جي ڪام ترشنا (حوس جي بُک) جو سَروپ وٺي خطرناڪ ٽي سگھي ٽي- پوءِ عشق مان فسق ۽ زناڪاري پيدا ٿيو پوي- رواجي لاعلم انسانن لاءِ اھو طريقو جوڪائتو آھي. البت پاڻ سنيارجي تہ حقيقي محبت جا گھٽا لڇڻ اتان يعني ان آزمودي مان ٽي آسان طرح پراپت ٽي سگھن ٿا- نياز ۽ نماڻائي، شيوا جو انگ ۽ خود نثاريءَ جي خوبي، مجازي عاشق پنھنجي سنساري ساجن مان ٽي پائي سگھي ٽو- پر من کي اھڙي عشق ۾

ساوتان (خبردار) ۽ سڌير رکڻ، سخت ساڌن جي تقاضا ٿو ڪري- گهٽي ٿي عاشق محبوب جي ملڻ سان گمراهه ٿيو وڃن... بيدل ۽ سچل جهڙا صوفي سالڪ ان ساڌن ۾ پاڻ سنياڻي سگهيا ۽ ڪين پروڙ هٿي ته مجاز ڪيئن ڪمائجي جيئن بت پرستيءَ جي عيب کان آجو رهجي ۽ آخرڪار جزوي ۽ انفرادي عشق مان ڪُلي ۽ عالمگير عشق وڃي هٿ ڪجي...

"سنڌس ڪلام ۾ لطف، جذبو ۽ جوش، مؤج ۽ مستي موجود آهن. هولي به نزاڪت کان خالي ناهي. پر اها نزاڪت ڪنهن حد تائين آهي. شاهه لطيف ۾ جا نظر جي صنعتگيري ۽ شبد پندار يعني لغت ۽ وسعت عيان آهي ۽ جا شعر جي سوڪيم سويا سنڌس شعر ۾ سمايل آهي سا بيدل جي شعر ۾ گهٽ موجود آهي- امنگن جي اڇل عيان آهي، اجهل آهي- شاهه پنهنجي امنگ کي ڪنهن ضابطي ۾ رکيو آهي. مگر سچل ۽ بيدل، ان اندر جي مؤج کي آشڪار ڪرڻ ۾ ڪابه رڪ رکاوٽ نه ڪئي آهي، دهلن دمامن سان عشق جو آلاپ اچارن ڪيو اٿن- لوڪائي لڄ لاهي 'هليا هن ويڑ عشق ۾ ڪاهي'-... پوءِ ته وقتي ساهت جي ٻنڌڻن جا بند به ٻڪا اٿن ۽ بحر وزن جا قانون به نظرانداز ڪري چڪا آهن. علم عروض ۽ وياڪرڻ جي نيمن کي به بيدل سائين گهٽي ٿي دفعا النگهن ڪيو آهي، جنهن ڪري ادب جا استاد سنڌس ڪلام کي نقص کان آجو ٿڌا سمجهن-... بيدل سائينءَ جي هولي وٽندڙ ۽ رس پري آهي ۽ وقتي سهٽا جهلڪا ڪڍي اکين کي آنند ٿي عطا ڪري. عشق جي سوز ۾ رنگجي باقي به مڏر ۽ موج افزا ٿيو پوي- ليڪن اڪثر ڪري سنڌس سنڌي غير رواجي آهي- سرائيڪي، لاڙيچڪي، پنجابي، هندي، اردو، پارسي، عربي، سيني هولين جا شبد آزاد نموني ۾ پنهنجي شعر ۾ ايڪاگر ڪيا اٿس... اهڙيءَ طرح... نج سنڌيءَ کي هڪ رنگارنگي روپ ڏنائين، هڪ غير رواجي سنڌي هولي رَچي ان ۾ پنهنجي ڪلام کي قلمبند ڪيائين- ان ڪري سنڌس سنڌيءَ کي هڪ نرالي چهر ۽ دلچسپي آهي-..." (خود پروفيسر ڪيسوائيءَ جي هولي به اهڙي ٿي آزاد نموني جو غير رواجي ميلاپ آهي - مر.)

"ادب سان عرض ٿو رکان ته بيدل سائين جي ڪلام ۾ هڪ اوٽائي عيان آهي جنهن کان نظرانداز ٿيڻ ادبي قصور ٿيندو- اها آهي وچترتا جي ڪوتاهي يا مختلف رنگيءَ جي غير موجودگي (Lack of Variety)- اهو

نقص پورب جي اڪثر ڪوين جي ڪوتا ۾ پرسڌ آهي... آسپاس سنسار ۾ جيڪي وَهي واپري پيو ان جو ورنن وستار سندن شعر ۾ گهٽ سمايل آهي- بيروني نگاهه (Objective vision) گويا هوٽيل اٽن... ساڳي ساڳي آتر ڪتا، ساڳي تان ۽ سُرن ۾ پٽي رينگٽ ڪري- ساڳيا ساڳيا احساس ۽ ويچار، جدا جدا شبدن ۾ ڦيرائي ڦيرائي، شاعر ڪڪ ڪيو ڇڏي ۽ من موڳو ڪيو ڇڏي... وشيه جي وارڦير ۽ نقش نگاريءَ جي مٽ سٽ جيڪا دلچسپي ٽي پيدا ڪري سا شاعر جي يڪرنگ بات ۽ هڪسريءَ لات ۾ گم ٽيو وڃي ۽ پوءِ ڪوَتا بيرنگي ۽ بيسواد ٽيو پوي- مگر جيئن عرض رکيم ته اهو نقص بيدل سائين جي ڪلام تائين محدود ناهي؛ اهو يڪسريلائي يا سمروپتا (Monotony) جو قصور شلوڪن، غزلن، ۽ ڪافين ۾ عام طرح پرسڌ آهي- پورب جو انتر اپياسي (Subjective) ڪلام ان جي وچترتا جي مرض ۾ مبتلا آهي. شاهه لطيف ان عيب کي هڪ رمز سان لڪايو آهي جو تصوف ۽ عشق جا ويچار ۽ امنگ عشقي انسانن ۽ لوڪپسند قصن ڪهاڻين جي صورت ۾ مجسم ڪيا اٽس... بيدل، سچل ۽ روحل (۽ سامي) ۾ اها بيرنگ کي رنگين بنائڻ جي رنگت ڪانهي."

پروفيسر ڪيسوائيءَ هن ڪتاب ۾ نوجوان سرڳواسي شاعر 'نرمل جيوتائيءَ' جي ڪوَتا جي به ڪٽ ڪٽي هٿي، پر ان جو نوع جذباتي وڌيڪ ۽ دماغي گهٽ هو.

ساڳئي ڪتاب "سنڌي شعر جي ڪسوٽي" ۾ 'ڪماري ڪملا ڪيسوائيءَ' جو پنهنجي پروفيسر والد ڪان سنواريل مضمون "ليکراج ڪشنچند عزيز" جي شعر تي تشريح ۽ تنقيد وارو پڙ ڏنل هو، جنهن ۾ به ادبي نڪته چينيءَ جو اوچو معيار رکيل هو ۽ جو هڪ زنده شاعر تي هڪ عورت جو لکيل پهريون تنقيدي مقالو هو. ڪماري ڪيسوائيءَ، عزيز صاحب جي شعر جو اونهو اپياس ڪري، ان جون خوبيون ۽ خاميون، سڌريل ترتيب وار مثالن سميت ڏنيون هيون ۽ سندس عبارت ۾ به سندس پتا جي چڑواڳ فارسي - هندي گاڏڙ طرز جو پڙاڏو هو، جنهن ۾ به وڏي دم جي نشاني عدم پيدا هٿي؛

"عزيز صاحب سنڌي هوليءَ ۽ اصطلاح جو سئو ڄاڻو آهي - هن جي لغت (شبد پندار) وسيع آهي ۽ تلفظ ۽ هِجي تي پڪو ضابطو آهي - لفظن

جي ڪوٽ وٽس ڪانهي - پارسيءَ ۽ عربيءَ جي به چگي جاڻ آهي. پارسي هوليءَ ڏانهن ته خاص رغبت اٽس ۽ ان هوليءَ جا نمونا، اصطلاح، تشبيهون ۽ تڪلفون ذرا بيحد ورتائي پنهنجي نظم ڪي وقت تي سخت ڳرو ۽ دير هضم بنايو اٽس-... 'ديوان (ڪليات) عزيز' جي پهرين پاڳ ۾ عربي ۽ پارسي جهجهي وزن ۾ ٻُرڪيل آهي - 'يک مشت نمونه خرار' جو طريقو وٺي هڪ اڌ مثال پيش ڪنديس - ڏسو رديف الف جو پهريون غزل، بيت ٻيو؛

عيان رخ آتشين پنهنجو سر محشر ڪريو چو ٿا -
قيامت ۾ قيامت جي تپش دلبر ڪريو چو ٿا -

صفحو 47 -

ڏسي همٽ ٿي حاسد راه صحرا تنگ چشميءَ کان -
اسان کي ليليءَ مقصد تي مجنون وار شيئدا ڪر -

فعل سو سنڌي صورت ۾ آهي باقي هولي ته فقط ايرانين جي ملاحظي جي قابل آهي- منهنجو پتا ۽ مان پاڻ ان مرض ۾ مبتلا آهيون جو پارسي سان پريم اٽئون - اسان ٽنهي کي علاج جي ضروت آهي -...

"ٻيو نقص جو ليکراج صاحب جي نظمي ذخيري ۾ عيان آهي سو اهو ته ڪيتري قدر شبد رس جي پرک ۾ ڪوتاهي ٿو ڏيکاري- ڪوتا جا شبد يعني شاعراڻي لغت (Peotic Diction) جي مٺي ۽ موج افزا نه ٿي، ته شعر جي شيرينيءَ ۽ لطافت، ڪوَتا جي مدرتا ۾ وگهن پٽجي ويندو... هڪ هنڌ شاعر ٿو چوي؛

زبان ۾ چا چپن ۾ پٽي، پيرين هٿن ۾ لڦ -
چني توکي، لکي هرهر، رلي پاتم پٽن ۾ لڦ -

وري ڏسو

چيم دلڙي! پٽي ٿي يار جي پيزار ۾ تون ڦٻ -
ڪجل ٿي پؤ اکين ۾ ۽ ڦٽي ٿي وار ۾ تون ڦٻ -

(لڦ لڦ) ۽ ڦٻ ڦٻ جا وزن ۽ ستيون ڪيٽن نازڪ معدي ۾ ڦٻنديون.

"ٽيون نقص جو مسٽر عزيز جي قلم ۽ ڪلام ۾ عيان آهي سو هي جو هن جو نقطه نگاهه، هن جي ويچار جي اورتي، باهرين قاعدن قانونن ڏانهن سخت متوجه آهي- هو پورو انترمکي (Introspective) ناهي- هن جو هڪ لاڏلو پيمانو، ساهت جي ڪٽ ڪرڻ نسبت، اهو آهي ته هولي بلڪل صحيح

هجي، منجهس کا غلطي نہ هجي- ٻيو، بحر ۽ وزن ۾ ڪو قصور ۽ ڪچائي ڏٺائين تہ وهلور پيو ويندو... ٻيون شاعرائيون خوبيون نظرانداز ڪري، شدمد سان پيو اهي ويچار 'واڌرائيندو' تہ هن نظم يا نثر ۾ هيتريون چُڪون، هت وزن اٽپورو، هت عبارت جي وهڪري ۾ ڪڏ وغيره وغيره- ڪيس سنڌي ٻوليءَ ۽ اصطلاح تي چگو ضابطو آهي، پر جن لفظن، اصطلاحن يا محاورن کي هو غلط ٿو سمجهي سي لفظ سنڌ جي ٻين پاڳن ۾ ورتل ۾ ايندا هجن... ٻيو تہ اهو پڌ ڪوئي درست ٿيو تہ شعر بي عيب ٿيو... گهٽي ٿي چُڪون هجن پر جي حسن ۽ نزاڪت جون خاصيتون، ڪلپنا جي آتمتا ۽ سوڪيمتا، ڪوتا ۾ جهجهي قدر ۾ پرويشڪ آهن تہ اهي چُڪون ان ڪوتا جي سوڀيا ۽ رنگت کي جهڪو ڪري نہ ٿيون سگهن... پر جي ويچار ۽ ڪلپنا مڈم ٿيا، تہ ٻولي، وياڪرڻ، بحر وزن کيترا ٻہ ٽيڪ ٽاڪ هوندا، تہ ٻہ شعر بلند پائي جو شان پائي نہ سگهندو- خرار جل اطلس بيوشد خدامت - مسٽر ليکراج جي ٻولي ۽ اصطلاح، بحر ۽ وزن بيشڪ درست، مگر شعر جو حقيقي لطف، مؤج ۽ مستي سدائين منجهس موجود ناهن- هو صاحب پيچيدن، چڪي تائي اتپن ڪيل ويچارن تي ٻَلهار پيو ويندو آهي-... منهنجو رايو آهي تہ منجهس اها عالمگير بلند پروازي ڪانهي، جا زندگيءَ جي ذاتي يا بنيادي مسئلن تي اتساهہ اٽاريندڙ خيال يا احساس عيان ڪري- انهيءَ آدرش کان هو گهٽو گهت آهي...

"جي اسان جو عزيز بي عيب ناهي تہ گڻن جو پنڊار ٻہ آهي - جي اول درجي جي شاعرن ۾ ناهي تہ ٻہ هڪ لائق ۽ ماهر نظم نگار ۽ نثر نويس آهي... تن تپائي، تنگ ڏٺي لکڻ جي بجاءِ، سياويڪ ۽ قدرتي روانيءَ سان جڏهن ڪلڪ راني ٿو ڪري تڏهن سندس شعر ۾ سواد ۽ سوڀيا چگائي تا پيدا ٿين- وقت تي پريم جي پلٽ ٻہ پيدا ٿي ٽٽيس ۽ شعر رونق افروز ٿو ٽٽيس- سندس علمت وارو غزل 'ڪنئي' تي منهنجي هن ويچار جو ساکي آهي... اسان جو عزيز آهستي آهستي منو ٽيندو پيو وڃي- سواد وڌندو پيو وڃيس-... مگر سندس 'ڪليات حصو اول' ۾ خاص سينگار هڪ مربع آهي جنهن منهنجو من خاص طرح موهيو آهي- وري وري پڙهڻ سان ٻہ مؤج نٿي گهٽجيم- ٻولي سليس، مٺي ۽ رنگ آميز. نانا روپي نقش ڪن دلفريب نظارن جا واهہ جا چٽيا اٽس- سوز ۽ سڪ ٻہ منجهس مجسم ٽيل آهن- آخر ۾

شاعر هڪ سهڻو حقيقي سبق هن نظر ۾ سمائي شعر کي رونق افروز ڪيو آهي-... سندس سِرو آهي 'پرين جي ڳولا'-

ڏکي ڪفني فقيرن جان هليس غمخوار جي خاطر
1 دکايم جوڳي ٿي دل ۾ دونهي، دلدار جي خاطر ...

سداء درد فراقت کان وهي هليا ٻئي نارا
2 پريندي سرد آهون ٿي سڃيون راتيون تکيم تارا ...

گهمي مسجد، مڙهي، مندر ۾ بت خانو ٽکس اکثر
7 ويس ڪعبي ۾ ڪاشيءَ ڏي، مگر حاصل نہ ٿيو دلبر
نظر دل جي چمن ۾ جان ڪيم ويهي 'عزيز' آخر
لڏم تنهنکي رليس جنهن يار گلِ رخسار جي خاطر.

"مثنوين ('ڪليات عزيز' ياڳو 2) کان پوءِ مسٽر عزيز جو شعر رفته رفته رسيلو ۽ وڌيڪ لوڪ پسند ٿيندو رهيو آهي - ميناج، سوکيم نزاڪت، سهڻا سولا سهج سياءَ اتپن ٽيل اصطلاح، محاورا ۽ لغت، تشبيهون ۽ استعاره، ان پوءِ جي لکيل شعر کي فرحت انگيز بنائي رهيا آهن- ان مان ظاهر آهي ته شعر جهجهو ۽ ان جو چگو ياڳو قابل تحسين لکيو ائس- ڪمي ڪاستيءَ کان ڪنهن صاحب ادب جو ڪلام خالي ناهي- مگر جيئن مون اڳئي نرنيءَ کيو آهي تيئن فقط غلطين تي زور رکي ڪنهن بہ تصنيف جي ڳهڻائي ڪرڻ هڪ غلط طريقو آهي- ڏسڻ کپي ته منجهس خوبيون ڪهڙيون آهن، جوهر ڪهڙو آهي ۽ نقطہ نگاهہ بلند آهي يا پست، اوچو يا نيچو - انهيءَ ڪسوٽيءَ سان ٿي شعر جي ڪٽ ڪٽڻ مناسب ٿيندو - ۽ شاعر عزيز ان پريڪشا (پرک) ۾ جَسُ سان ڪامياب ٽيل آهي."

"سنڌي شعر جي ڪسوٽي" تي، "سنڌو" مخزن نومبر 1946ع ۾، 'ديوان ڪرمچند هنگورانيءَ' ۽ 'جڳتراءِ ايسرداس' سهڻي تنقيد ڪئي هئي، جنهن مان هيٺيان فقرا ڏجن ٿا،

"سنڌي ساهتيہ ۾، مغربي پيماني واري ادبي تنقيد، يعني دماغي رچنائن جي باريڪ ڪسوٽيءَ سان ڪٽ ڪرڻ جو طريقو اڃا چالو نہ ٿيو آهي. يورپ ۾ اهو تنقيد جو طريقو عام طرح ڦهليل آهي. اتي ڪو نئون ڪتاب پڙهو مس ٿئي، ته مٽس بنا دير ٽيڪا ٽپڻي ڪري، سندس خوبيون ۽ خاميون

شايع ڪيون ويندیون آهن. ڪهڙو به ڪٿي اوچي درجي وارو ليکڪ هجي، ته به نڪته چين فقط سندس ساراهه جون ڳيتون نه پريندو آهي پر عيب ۽ ثواب نقش ڪري، ان علمي رچنا جي هو ٺيڪ طرح ڪٽ ڪٽيندو آهي؛ پر سيڪنهن جا رايا پنهنجا پنهنجا هوندا. بعضي بعضي وڏن شاعرن ۽ ليکڪن جي به حد کان باهر نڪته چيني ٽيندي آهي... سنڌ ۾ اسان جي سرتاج شاعر شاهه لطيف جي شعر تي ٿي فقط تعريف ۽ تحسين جا وسڪارا ٿيا آهن. سچل، روحل، سامي، بيدل ۽ بيڪس، خواهه هين زنده شاعرن تي نڪته چيني هن وقت تائين، شايد ڪنهن به ڪانه ڪئي آهي. ان ڪري پروفيسر ڪيسوائيءَ ۽ سندس سپتريءَ ڪملا ڪيسوائيءَ کيرون لهڻيون جو سنڌ جي ٽن شاعرن؛ بيدل، نرمل ۽ عزيز جي شعر تي، ادبي تنقيد جي مغربي ريت مروج ڪري، سندن ڪلا تي پنهنجن خيالن موجب راءِ زني ظاهر ڪئي آهي ۽ گڻن سان گڏوگڏ سندن اوڻاين ڏانهن اشارو ڪري ان تي پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا اٿن. انهن راين تي اختلاف ٿي سگهي ٿو، مگر جنهن منطق ۽ ترتيب انوسار پروفيسر ڪيسوائي ۽ ڪماري ڪملا ڪيسوائيءَ پنهنجي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي سا تحسين جوڳي آهي ۽ سنڌي ساهتيه ۾ هڪ نئون رواج چالو ڪرڻ جي دعويٰ رکي سگهي ٿي.

"بيدل صاحب سنڌ جو هڪ نامور ڪٿيو شاعر آهي، پر بلڪل اعليٰ درجي جو درويش پڻ آهي، تنهنڪري سندس ڪلام جي تورتڪ، اهي ٻئي ڳالهيون خيال ۾ رکي ڪرڻ واجب آهي... پروفيسر ڪيسوائي سندس سنڌي نظم تي پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن. شاعر جي ٻولي غير رواجي آهي، اگرچ شيرينيءَ ۽ امنگ ۾ ڪوتاهي بلڪل ڪانهي؛ ان ڪري ڏيرج سان پڙهڻ سان ٿي ان جو ارٿ پرسڻ ٽيندو ۽ پوءِ منجهس جيڪو احساس، ويچار، عروج ۽ ادبي نزاڪت جو جوهر سمايل آهي، سو پروڙي سگهبو. شاعرن جا ڪلام هرويرو اهڙا سليس نٿا ٿين، جو هڪ دفعي رواجي پڙهڻ سان جو لطف منجهن مخفي آهي، سو محسوس ڪري سگهجي. خاص ڪري بيدل جهڙي اعليٰ درويش جي ڪلام ۾ اهي خدائي راز رکيل آهن جي شايد انهن جو رچيندڙ ٿي پوريءَ طرح سمجهي سگهي، يا ڪو درويش شاعر جو ساڻيءَ منزل تي پهتل هجي. انهيءَ ڪري ٿي آهي جو پروفيسر ڪيسوائيءَ بيدل صاحب جي وحدانيت جي ڪلام تي شنڪا اٿاري آهي.

"نرمل جيتوائيءَ تي پروفيسر ڪيسوائيءَ جو مضمون هڪ مرثيو ۽ محبت جو اظهار آهي، جو پريم ۾ رنگيل آهي. ان ڪري سندس شعر ۾ ڪابه ڪوتاهي چاهي هجي يا نه هجي، پر گهٽ نه ڪٽي وڻي آهي ۽ سندس ڪوتا جي مدرتا ۽ سندرتا تي گهٽي پريم جي پلٽ پرسڌ آهي. مگر ان ڪوتا کي جو داد ڏنو ويو آهي، تنهن جو نرمل جيوتائي هر طرح اڌڪاري آهي... سندس شعر ۾ نظم جي عارضي قاعدن جي لحاظ کان ڪو قصور هجي به، مگر شعر جو درست پيمانو ۽ حقيقي جوهر مدِنظر رکڻ سان پتو پوندو ته نرمل واهه جا سليس، سُندر ۽ سوز پري ڪوَتا مٺن لفظن ۾ رچي پڌري ڪئي آهي.

"ڪماري ڪملا ڪيسوائيءَ اسان جي هردلعزيز 'عزيز' شاعر بنسبت پنهنجن خيالن موجب، ان جي شعر تي ٽيڪاٽپڻي ڪئي آهي، بلڪ ان جي شخصي زندگيءَ بنسبت پڻ ڪي رايا ظاهر ڪيا آهن، جيڪي ڪنهن به حالت ۾ ضروري نه هٿا. عزيز جا پهريان شعر جيڪي ديوان (ڪليات) عزيز ۾ لکيل آهن، تن ۾ برابر پارسي ۽ عربي ايتري ته ڪم آندل آهي، جو رواجي پڙهندڙ ته دنگ اچي ويندو؛ پر سندس شعر جيڪو پوءِ جو لکيل آهي، تنهن ۾ هن ڪوشش ڪري سليس ۽ صاف سنڌي لکي آهي... ايئن هجي به ته ڪي شعر هروپرو انهيءَ عروج جا نه به هجن پر انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته عام طرح سندس خيال اوچا ۽ امنگ عمدا آهن. سندس شعر جي ڪٽ شاعر طبع ٽي پوريءَ طرح ڪسوٽيءَ تي لڳائي سگهندا... مس ڪملا ڪيسوائي اسان جي خيال موجب پورو پورو داد اسان جي شاعر کي نه ڏنو آهي؛ پر ان ۾ شڪ ڪونهي ته هن شاعر جا خيال پنهنجي دماغي ڪسوٽيءَ تي آندا آهن ۽ وٽيڪ ڪوجنا ڪرڻ جو مصالحو ڏنو آهي.

"ٽيڪاڪارن جي لکٹيءَ جي طرز رنگين ۽ عالماڻي نموني جي آهي. البت پارسيءَ جو پڙڪو منجهن جهجهو آهي، ان ڪري مذڪوره رسالو عام لوڪن لاءِ جيڪي سو ديرهضم آهي. چگو ٽٹي ها جي لکندڙ سليس سنڌي هوليءَ ۾ پنهنجا خيال ظاهر ڪن ها ۽ سنڌي ڪتاب لکندڙن لاءِ هڪ مثال ٽين ها... هن قسم جي ادبي نموني کي همٽائڻ سان، اسين سنڌي ساهتيه ۾ هڪ نئون ورق ورائيندا سين."

"سنڌي شعر جي ڪسوٽي" جي جواب ۾ 'محمد ابراهيم خليل' "ڪيسوائيءَ جي ڪسوٽي" 1947ع ۾ چپايو، جنهن جي هڪ حصي ۾

"عزيز" ۽ "بيوس" جي ڪيترن ساڳين موضوعن تي لکيل شعر جهڙوڪ: "برسات"، "بهار"، "پکيءَ جي پڪار"، "همالیہ"، "تاج محل"، "مزورڻ" ۽ "مزدور" جي وچ ۾ موازنو (پيٽ) ڪري ڏيکاريو ويو هو تہ، "بيوس" جي شعر ۾ خيال جي چٽائي، ۽ وزن ۽ ٻوليءَ جي پختائي ڪانهي، پر "عزيز" جو شعر ويچار خواهہ بحر وزن ۽ عبارت ۾ برجستو ۽ بهتر آهي:

"بيوس صاحب شعرن لکندي سنڌيءَ جون بيشمار غلطيون ڪيون آهن... عزيز صاحب جو جيڪو اعليٰ شعر آهي تنهن سان بيوس جو شعر پيٽي نٽو سگهجي، چو جو بيوس صاحب ۾ نہ اها قوت خيالي آهي، نہ رنگيني، نہ نفاست ۽ نہ معنيٰ آفريني." ڪتاب جي ٻئي حصي ۾، ڪملا ڪيسواڻيءَ جي لکيل شاعر عزيز بابت مضمون تي، خليل صاحب جي تنقيدي جواب جا نمونا پيش ڪجن ٿا:

"سنڌي شعر جي ڪسوٽيءَ، جي پهرين صفحي کان وٺي پوئين صفحي تائين زبان هڪڙي آهي ۽ ڪملا ڪماريءَ ۽ سندس پيءُ جي زبان ۾ ذرو بہ فرق ڪونهي... تنهن کان سواءِ جيڪي بہ مثال ڪملا ڪماريءَ ڏنا آهن تن جو سندس پتا ڪيسواڻي صاحب (هڪ خانگي گڏجاڻيءَ ۾) اڳي ئي عزيز سان ذڪر چوري چڪو هو. ان مان ثابت آهي تہ تنقيد پيءُ جي لکيل آهي ۽ نہ ڏيءُ جي- هاڻي ثابت ٿي چڪو تہ ڪيسواڻي صاحب زنانو جامو پائي عوام ۾ جلوه افروز ٿيو آهي، تنهن ڪري هن کان پوءِ فقط ڪيسواڻي صاحب ڏي مخاطب ٿبو... ڪيسواڻي صاحب ڏيءُ جي آڙ ۾ لکي شڪار کيڏيو آهي. ڪهڙي نہ بي حياڻي!" (ڪماري ڪيسواڻيءَ پنهنجي مضمون جي مهاڳ ۾ لکيو هو: "منهنجي پتا ان تحرير ۾ قيرقار ڪري ڪيس سڏاري ان کي جيڪر نئين رنگت ڏني آهي... مگر بنيادي طرح هي مضمون منهنجي قلم راڻيءَ جو نتيجو آهي." - م)

"پروفيسر صاحب پهرياڻين 'هيرآباد' تي چيل عزيز صاحب جي قصيدي کي نظر ۾ رکيو آهي ۽ ان بابت چوي ٿو: 'اسان جي شاعر بہ هيرآباد جي نزاڪت نقش ڪرڻ ۾ پاڻ موکيو آهي. اگرچ تصوير نگاريءَ ۾ مبالغي جي ڪوتاهي ڪانهي.' حالانڪ شعر لاءِ مبالغو اهڙو ضروري آهي، جهڙو طعام لاءِ لوڻ ۽ وڻ لاءِ پاڻ... قوت مبالغي جي شعر لاءِ وڏي زينت آهي، پر اسان جي سنڌ ۾ اهڙا بہ ڪي بصرن جا يوڪ پيا آهن جن کي سائياڻيءَ وانگر گلن

جي ڪاريءَ مان مٽي جو سور ٿو پيدا ٿئي، ڇو جو انهن احمقن جي مغز ۾ ڪاريءَ مڇيءَ جي ڪک ويڙل آهي...

"ڪنهن به شاعر تي تنقيد ڪرڻ وقت ٽيٽ سنڌيءَ يا مغلق سنڌيءَ جي الزام هيٺ سندس شعر جي رتبي جو فيصلو ڪرڻ نه فقط انصاف جو خون ڪرڻو آهي، پر پنهنجي جهالت جو به ثبوت ڏيڻو آهي... سنڌي زبان ايتري ڪشادي ڪانهي جو وسيع مضمون چيدن ۽ مائيدار لفظن ۾ سمائي سگهجن، ۽ اڪثر جتي نوان نوان خيال پيش ڪرڻا پون ٿا، اتي هولي ڪٽل لڳي ٿي، جنهن ڪري ڪنهن قربدار هوليءَ کان مدد ونڊي پوي ٿي. ان ڪري سنڌي لغت ۾ به اضافو هڪ طرف ٿئي ٿو ته خيال کي لفظي جامو ڏيڪاڻ ۾ سهوليت ٻئي طرف. نه ته بلند پرواز شاعر جو خيال دلي مفهوم ظاهر ڪرڻ کان عاجز ٿيو پوي. خود پروفيسر صاحب معترض ٿي، عزيز تي تنقيد ڪرڻ وقت ڪيترا فارسي ۽ سنسڪرت لفظ استعمال ڪيا آهن... ان کان سواءِ ڪيترائي ڪلائيندڙ لفظ جوڙيا اٿس، جيئن: طبع جي هر هنرائي (هر فن مولا)، پربور، ڪن ڏنو (ناگوار يا نامانوس) وغيره... ان کان سواءِ سنڌي مضمون لکندي ڪيترا انگريزيءَ ۾ رايا پيش ڪيا اٿس، جا سندس هڪ بيهودگي آهي... وري انگريزي شاعريءَ ۽ سنڌي شاعريءَ جي پيٽ ڪرڻ هڪ ٻي مورکائي آهي...

"پروفيسر صاحب، عزيز جو هرهڪ بيت ڏٺي راءِ ڏني آهي ته سندس شعر ۾ رواني کانهي ۽ تنگ ڏٺي شعر لکيو اٿس. پروفيسر صاحب کي شايد خبر کانهي ته رواني ڇا کي چئبو آهي. ۽ تنگ ڏٺي شاعر ڪيتري منزل ماري سگهندو. پهرياٽين سوال آهي ته پروفيسر صاحب شعر ۾ رواني سڃاڻي سگهي ٿو؟ مون کي پڪ آهي ته هن صاحب کي روانيءَ جو رڳو نالو اڇي ٿو باقي سڃاڻپ کان صفا ڪورو آهي. روانيءَ جي معنيٰ آهي ته شعر پڙهڻ وقت زبان مان ايئن پيو نڪري جيئن نيسر مان پاڻي ۽ پڙهندڙ کي تعقيد يا اٽڪ نه ٿئي. اها راءِ فقط اهو ناقد ڏئي سگهندو، جو لفظن جي تلفظ جو پورو واقف ۽ لفظن جي بندش جو پورو ڄاڻو هوندو ۽ معنيٰ پڙهڻ مان سمجهي ويندو. پر جيڪڏهن مت موڙهو ناقد ڏکين لفظن ۾ اٽڪي پوندو ته اهو ڪيئن نڪته طرازي ڪندو!... پروفيسر علي الاطلاق سيني شعرن ۾ رواني کانه ٿو پسي. انهيءَ جو سبب رڳو اهو آهي جو هن اهڙا شعر پڙهيا آهن جن ۾ ٽڪ

ٽڪ ۽ وات ڪڙڪي کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي. سر حروف جي صنعت سبب سمجهندا آهن تہ واهہ جو شعر آهي. بندش چست چا کي چئبي آهي، تنهن کان پروفيسر صاحب اهڙو واقف آهي جهڙو جيوڻ جت! مثال:

'رعد رڙڪا گوڙ گڙڪا خوب ڪڙڪا ٽو ڪري' (بيوس)

هڏ انهن شعرن جو پورو چٽبو آهي. يعني اهڙائي شعر بي معنيٰ ۽ بي مغز چٽبا آهن. وري عجب جو پروفيسر صاحب اهڙن شعرن تي ايئن مست آهي جيئن چري هار تي. رواني بہ اهو شاعر رکي سگهندو جنهن کي صحيح تلفظ ۽ چست بندش ۽ وزن جي پوري ڄاڻ هوندي... پروفيسر ڪتاب ۾ عزيز صاحب جي شعر ۾ رواني ڪانهي جي ٻاڪار لائي ڏني آهي، مگر هڪ بہ مثال اهڙو پيش ڪونہ ڪيو اٿس جنهن ۾ پڙهڻ سان تعقيد پوي ۽ چٽجي تہ روانو شعر ڪونهي. ٽلهو چٽو وجي گهٽو...

"عزيز صاحب جي جنهن مربع ۽ "دواڪ " واري شعر تي پروفيسر داد ڏنو آهي سي تہ عزيز صاحب جا ابتدائي شعر آهن. پلا پروفيسر صاحب ۾ اعليٰ شعر سمجهڻ جو مادو هجي تہ قدر ڪري سگهي... پروفيسر ڪيسوائي صاحب عزيز جي هن بيت تي اعتراض ڪيو هو، فعل سو سنڌي آهي باقي بولي سا فقط ايرانين جي ملاحظي جي قابل آهي. هن مان ظاهر آهي تہ پروفيسر صاحب بيت جي معنيٰ کانہ سمجهي آهي جا سندس سمجهڻ لاءِ ڏني وجي ٿي." (اتي انهن اعتراض ورتل بيتن ۾ آيل ڏکين فارسي لفظن ۽ محاورن جون معنائون ۽ بيتن جي شرح ڏنل آهي.) "سچ تہ هيئن آهي تہ جيڪڏهن شعر سمجهہ ۾ نہ اچي تہ پاڻ ۾ جهالت محسوس ڪرڻ کپي ۽ نہ شاعر تي ويهي اجائي تنقيد ڪجي."

هن تاريخ لکندڙ کي خليل صاحب جو مٿيون دليل عجيب ٿو لڳي. جيڪڏهن کو شعر نہ فقط عام پڙهيل ڳڙهيل ماڻهوءَ کي، بلڪ پروفيسر ڪيسوائيءَ جهڙي فارسيءَ ۾ تعليم ورتل ۽ تعليم ڏيندڙ، پڙهندڙ کي بہ سمجهڻ ۾ نہ اچي، تہ اها پڙهندڙ جي جهالت ٿي! باقي تڏهن شعر سمجهڻ وارا بچيا ڪير؟ مون کي انديشو آهي تہ اهڙا دقيق شعر عزيز صاحب کان ڪجهہ گهٽ معيار وارا شاعر بہ شرح کان سواءِ ڪين سمجهي سگهندا ۽ صرف لکندڙ ٿي پنهنجو شعر سمجهڻ لاءِ رهجي ويندو! منهنجي نظر ۾ اهو شعر، جنهن جي سمجهڻ لاءِ تعليم يافتہ پڙهندڙن کي بہ شاعر وٽان شرح جي

محتاجي کڏڻي پوي، سو خود عيبدار آهي، جنهن لاءِ نہ پڙهندڙ، پر لکندڙ قصوروار آهي. تنهن کان سواءِ "کيسوائيءَ جي کسوٽي" ۾ کيسوائي صاحب تي کيل سخت کلاميءَ مان ۽ عزيز صاحب جي ٿنا ۾ مٿي ڏنل مثالن مان، خود عزيز صاحب جي عالمائي عبارت ۽ تحرير جي نوع جي بوءِ پٽي اچي. جي خليل صاحب کي پڪ آهي تہ "شاعر ليکراج ڪشنچند عزيز" واري تنقيد ڪماريءَ ڪملا نہ، پر پروفيسر کيسوائيءَ ڏيءُ جي آڙ ۾ لکي ڪئي آهي، تہ هن لکندڙ کي شڪ آهي تہ "کيسوائيءَ جي کسوٽي" واري تنقيد خليل صاحب نہ، پر عزيز صاحب پنهنجي دوست جي آڙ ۾ لکي ڪئي آهي. آخري فيصلو سمجهدار پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي. "سچ کوڙ سچائيءَ جو ٿو ڄائي ڄاڻڻهار."

1947ع ۾ 'پروفيسر جهامنداس پاتيا' "سائين قطب شاهہ" نالي سان، حيدرآباد واري ان ڪامل صوفي فقير جي زندگيءَ جو احوال، سندس ڪرامتن ۽ بين روايتن سميت، تفصيلوار ڏنو هو ۽ سندس ڪجهہ ڪلام جي مشابهت شاهہ، سامي، سچل، بيدل ۽ بين صوفي شاعرن جي ڪلام سان ڪئي هٿائين. پروفيسر صاحب جي لکڻيءَ جي طرز جذباتي، لئہ پري ۽ قافيہ دار هئي، جنهنجو هيٺيون مثال ڏجي ٿو:

"قطب شاهہ جو ڪلام، عام جي اوٽ کان علحدو، بي رنگ، بي مجاز نظر ايندو. ان جي ڌار ۽ تار، وهڪ واحد واري نياري نظر ايندي. سندس رواني ۽ راز، اڌاريءَ ۾ الاهي عشق، رنگت ۾ رونق رانول سندي، ويڪر بي ڪنار، نهار اپار، ڪجهہ سندي ڳالهہ، ٻڌي سونهال، سدا بحال، ملڻي تي راضي، ڪڏهن نہ نمازي، نام جي لاڙي، سدا پرينءَ جي پناري جون سُرڪيون اوتيندو ٿو رهي. مجازيءَ جي مؤج ۽ اوڄ کان آزاد هڻڻ سبب سندس ڪلام انهي لاڙي ۽ لام کان آجو آهي. برهہ جو جيتوڻيڪ سُريلو باجو، تہ بہ انهيءَ برهہ ۾ بوندون بهاريءَ جون آهن. سيڪ بہ اهوئي آهي، جو سيتل ڪندو رهي...

"عشق ٻڌو احرام، عاشق گيت اناالحق ڳائن ٿا
طالب مرد مذڪر اصلي، پاڻ وڃائي پاتائون تسلي،
اهو سندو احڪام..."

"سندن هولي سادي، هدايت واري، سڌي سنئين آهي. منجهس نہ آهي علم جي اڌاري، نڪي آهي منجهس مان مالڪيءَ جو. نياز ئي سندن ناز هو، جوئي سندن ساز هو، جنهن مان ويهي روحاني راز سرايو اٽن. شاعراڻو سون ترڪ ڪري هن فقيراڻو نوع اختيار ڪيو، جنهن ۾ پنهنجن پنڌن ۽ هنڌن جا ڏس، رس ۽ ڪس، گس ۽ وس ويهي وستار ڪيا اٽن. حقيقيءَ جو ڏونڪو، سڌو سنئون ڪنهن سالڪ چڊو وڃايو آهي. هولي مٽي، ڪنڊ ۽ هڪل ۽ هدايت سان پريل، ڪٽ ڪٽ سرائيڪيءَ جي لفظن سان سينگاريل آهي؛ تہ بہ سنڌيءَ جو حصو جان تان جهجهو ٿي اٽس."

## تنقيدي ڪتاب - سنڌي نثر تي

مٿين فقرن ۾ سنڌي نظم تي تنقيدي رسالن جو احوال ڏنو ويو آهي؛ هاڻي سنڌي نثر تي تنقيدي ڪتابن جو ذڪر ڪبو جو ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌ ۾ نڪتا هٽا. اهڙو پهريون ڪتاب جو منهنجي نظر هيٺ آيو سو 1936ع ۾ "مسلم ادبي سوسائٽي" جو پڌرو ڪيل، 'محمد صديق "مسافر"' جو "قرب قليچ" هو، جنهن ۾ هن بزرگ شاعر، سنڌي هوليءَ جي استاد ۽ سنڌي ادب جي بهترين خدمتگار مرزا قليچ بيگ جي حياتيءَ جي سراسر ۽ مستند احوال تصويرن سميت، ۽ سندس سوين تصنيفن جون وچوروار ياداشتون ۽ ڪارائتا تذڪرا ڏنا هٽا. هن ڪتاب ۾ مرزا صاحب جي ڪن ٽورن مڪيہ نظم ۽ نثر ۾ لکيل ڪتابن جو اندازو پڻ لڳايو ويو هو ۽ فارسيءَ تان ورتل نثر نويسيءَ جا ڪي اصول پڻ ڏنل هٽا. مرزا صاحب جي "مقالات الحڪمت" تي "مسافر" صاحب هيءَ تنقيد ڪئي هئي:

"هن ڪتاب جو مضمون آهي اخلاقي فلسفو. اصل انگريزي ڪتاب جو مضمون اهڙو ڳوڙهو ۽ هولي اهڙي دقيق آهي، جو اڄ تائين سندس ڪيترن ٽڪرن جي درست معنائن ۽ شرح تي انگريزي پاڙهيندڙ پروفيسر متفق راءِ نہ آهن... جنهن زماني ۾ سنڌي هولي سيکارڻ وقت اسڪولن ۾ پهاڪا اصطلاح ۽ تمثيلات، جي هوليءَ جو تمام ضروري ياڳو آهن، تن تي ڌيان ئي ڏيڻ ۾ ڪونہ ايندو هو، نڪو انهن بابت سنڌي هوليءَ ۾ ڪو ڪتاب ئي شايع ٿيل هو، تنهن زماني ۾ پهاڪن اصطلاحن ۽ تمثيلات پريل بافصاحت سنڌي هوليءَ ۾ اهڙو بي نظير ڪتاب لکڻ ڏيکاري ٿو، تہ نثر نويسي خدائي ڏات طور

ڪچيءَ کان ٿي مرزا صاحب مرحوم کي عطا ٿيل هئي... هن ڳالهه ۾ شڪ ڪونهي، ته لاردِ بيڪن جو اصل ڪتاب به فصاحت ۽ بلاغت جو سرچشمو آهي، پر انهيءَ فصاحت ۽ بلاغت کي اهڙي لباس ۾ پيش ڪرڻ، جو سيڪو صحيح ڪري نه سگهي ته 'مقالات الحڪمت' انگريزيءَ تان ترجمو ٿيل آهي، يا مرزا صاحب جو خود ساختو، سا قابليت مرزا صاحب مرحوم کي ٿي خدا بخشي هئي." (1)

1938ع ۾ 'پروفيسر شيوارام ڦيروائيءَ'، سنڌي ساهت جي ننڍي آڳاڻي شيوڪ 'ديوان ديارام' بابت "راج رشي ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چرتر" لکيو هو ۽ ديوان تاراچند شوقيرام ڇپايو هو. هن تصويرن سان سينگاريل ڪتاب ۾ ديوان ديارام جي اصل نسل ۽ جنم کان وٺي سندس آخري ايڪانت ۽ ديهانت تائين وچور وار جيون چرتر ڏنل هو ۽ آخر ۾ سندس ڪيترن انگريزيءَ خواهه سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتابن جي عمدي تنقيد ڪيل هئي. تنهن کان سواءِ، ديوان صاحب سان سنڌنڊي اعليٰ هستين جهڙوڪ ساڌو نولراءِ ۽ هيرانند، پائي ڪلاچند، ديوان بولچند ۽ خانچند، مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙومل ۽ تارا چند وغيره سان هن ڪتاب ۾ چگي واقفيت ڪرايل هئي. ڦيروائي صاحب جي عبارت به سليس پر پختي ۽ موزون هئي. "چابڪ (من لاءِ) ۽ رهاڻ" جي نازل ٿيڻ بابت پروفيسر صاحب لکيو هو:

"ڏنو اٽڪون ته 27 جولاءِ 1923ع کان وٺي ڏيارام پنهنجو آتمڪ انيؤ (Spiritual Experience) سنڌي شعر ۾ به هر روز لکندو رهيو... نالي جي هيٺان لکيل آهي ته اهي ڊينڪ داخلاڻون آهن ويچار، پرارٿناڻون، سوتر ۽ انيؤ، هڪ نمائي جا، گرو گرنٿ صاحب کي اريل. لکيو اٿس ته 'چار ورهيه اڳي، اصل پوري تاريخ ڏني ته 21 جولاءِ 1923ع کان وٺي، اوچتو ٿي اوچتو مون تي اچي گروءَ جي ٻاجهه ٿي، سچ ڀچ مان اچي بيٺ ۾ چٽڪيس ۽ صبح جو جهنجهڪڙي ۾ ۽ ٻين وقتن تي به جيڪي بيت خودبخود اندر ۾ ايندا رهيا سي لکڻ شروع ڪيم. مان اوندهه ۾ ٿي پينسل سان لکندو ويندو هوس ۽ پوءِ ڏينهن جو اهي پڙهي صفا ڪري لکندو هوس. مون ۾ جڏڪ کا نئين آتما

(1) مرزا قليچ بيگ کان پوءِ سنڌي ساهت جي ٻئي جهوني خدمتگار ديوان ڪوڙيمل جو جيون چرتر ۽ سندس مڪيه تصنيفون ۽ انهن جو اندازو، ديوان صاحب جي لائق فرزند منوهرداس هڪ ڪتاب "ساهتڪ پشپ" ۾ ڏنو هو جو هندستان ۾ ساهتيه اڪيڈمي 1962ع ۾ شايع ڪيو هو.

اچي ڪر ڪرڻ لڳي. اهي بيت ۽ گيت جڏهن ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پڙهي ڏسندو هوس، تہ مون کي ايئن ڪين لڳندا هٿا تہ اهي ڪي منهنجا لکيل آهن.' ... ڏيارام جي چت جي چٽسالي جنهن کي چگيءَ طرح سمجهڻي هجي ان کي هي 'چهوبڪ (من لاءِ) ۽ رهاڻ' ڏيان سان ۽ سانت ۽ ايڪانت ۾ پڙهڻ گهرجن. سڄي عمر جي اڀين، ڏيان ۽ اپياس مان جيڪي سٹي کان سٹو هن کي هٿ آيو سو هن ۾ درج ڪيل آهي. آهي الهام، پر آهي سندس اندر جو آئينو، جو هين جي پلاٽيءَ لاءِ بيتن ۾ ظاهر ٿيل آهي... 68،67،66،65 داخلائن ۾ ايئن پيو ڏسڻ ۾ اچي تہ پنهنجي آتر انيڙ سان پيو لکي، پنهنجي رام کهاڻي پيو ٻڌائي:

لوڪ چون مون پت گوائي،
پت ويل جي تو پنڇ رکائي.
پت وڃڻ سان سمجهه من ۾ آئي،
نڪري ويئي بدنام بلائي ...
ايمان آيس تہ مان اڪامي،
ڪام نهوڙئس آيس بدنامي...
بدناميءَ ڪئس سچو اڪامي
هڻميءَ نواري، تون ٽينڙس ڪامي."

مٿين ٽن ڪتابن کان سواءِ، سنڌي نثر جي ٻئي دؤر جي اڳواڻن؛ پرمانند ميوارام، حڪيم فتح محمد، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، پيرومل مهرچند، هيئمل پرسرام ۽ لعلچند امرڏنيمل جون جيونيون ۽ سندن ادبي خدمتن جي جائزي وارا رسالا نڪري پون تہ انهن عالمن جا يادگار ۽ قائم ٿي پون.

## ادبي تاريخ تي مضمون ۽ ڪتاب

سنڌ ۾ سنڌي ادب جون ڪي تاريخون پڻ شايع ٿيون هيون، جن ۾ تاريخي احوال ڏيندي، مڪيہ مصنفن ۽ سندن تصنيفن تي ڪي قدر نڪتہ چيني ۽ ڪيل هوندي هئي، جنهن ڪري اهي ۽ تنقيد جي ترقيءَ هيٺ آئي سگهجن ٿا. انهن مان پهريان ۽ ننڍا ڪتاب وري ۽ 'مرزا قليچ بيگ' جا هٿا: هڪڙو "سنڌي زبان جي مختصر تاريخ" جو 1908ع ۾ نڪتو هو؛ ۽ ٻيو "سنڌي شعر جي قديم حالت ۽ پوءِ جو سڌارو" (1914ع) جنهن جو مضمون نويسيءَ واري فصل ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

1925ع ۾ 'پيرومل مهرچند' "سنڌي بولي" ڇپايو هو جنهن ۾ سنڌي بوليءَ جي بنياد ۽ واڌاري جو بيان ڪيل هو. "مسلم ادبي سوسائٽي" جي سالياني رپورٽ (32-1931ع) ۾ جناب 'محمد صديق ميمڻ' جو "ادبي تحفو" (نثر جي بهار) پڌرو ٿيو هو، جو هن وقت تائين هڪڙو ئي پروسي جوڳو مقالو مون کي هٿ چڙهيو آهي جنهن ۾ سنڌي نثر جي واڌاري جو شروعات کان وٺي چڱو چوکو احوال ڏنل هو. 1937ع ۾ ساڳئي سوسائٽيءَ ميمڻ صاحب جو سَنَد وارو رسالو "سنڌ جي ادبي تاريخ" (جلد 1) شايع ڪيو هو، جنهن ۾ برٽش حڪومت کان اڳ وارن مشهور توڙي معمولي شاعرن جو بيان ڏنل هو. هن ڪتاب ۾ نه رڳو حقيقتن کي ڪڍ لاءِ گهٽو ڪشالو ڪيل پڌرو هو، پرڪيترن مڪيه شاعرن، جهڙوڪ شاهه ڪريم، شاهه لطيف، سچل ۽ سامي جي مضمون توڙي ڪلام ۽ عبارت تي حوالو ڏيئي، رٽائتي تنقيد ڪيل هئي. پر ان زماني ۾ نظم جهجهو هو ۽ نثر نهايت ٿورو ۽ دير سان پيدا ٿيو هو، جنهن ڪري نثر جو احوال به جيڪر ميسر هو سو ڏنل هو. سنڌي ادبي تاريخ جو هيءُ پهريون ۽ بنيادي ڪتاب هو. ميمڻ صاحب جي عبارت چيدي ۽ ٽيڪ هئي جنهن ۾ فارسي عربيءَ جا دقيق لفظ ۽ محاورا ڪم آڻڻ کان ڪنارو ڪيل هو. (1)

1935ع ۾ 'ديوان ڏيارام وسڌمل' پنهنجي چوند "سنڌي نثر" واري انتخاب ۾، مهاڳ طور هڪ مضمون "سنڌي نثر تي نظر" وڏو هو، جنهن ۾ نثر جي شروعات ۽ اڳسر تي مختصر پر ڪارگر روشني وڌل هئي. 1937ع ۾ 'م-ج-شهائيءَ' "سنڌيءَ جو رهبر" نالي چوپڙي ڪڍي هئي، جنهن ۾ سنڌي بوليءَ ۽ آڏوڻا جي بنياد، ۽ نثر ۽ نظم جي تاريخ تي مختصر مضمون ڏنل هٿا. جي باڪٽر گربخشائيءَ ۽ پيرومل مهرچند جي ڪتابن مان چونڊيل هٿا. ساڳئي سال 'آسانند چتارام' به چوپڙيون: "علم عروض" ۽ "هندي پنگل" نالي ڪڍيون هيون، جن ۾ فارسي شعر ۽ هندي ڪوتا جا مڪيه قانون آسان نموني ۾ سمجهايل هٿا. مٽيون ٽٽي چوپڙيون شاگردن کي نهايت ڪمائتيون ٿيون هيون، چو جو 1937ع ۾ ڪاليجن جي سيني ڪلاسن لاءِ

(1) هن رسالي جو جلد 2 پاڪستان ٽيڪ کان پوءِ 1951ع ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ برٽش حڪومت کان وٺي سانگي، قليچ دؤر تائين، سنڌي نظم خواهه نثر جي تفصيلوار تاريخ ڏنل هئي.

سنڌي منظور ٿي هئي، ۽ آءُ پاڻ پروفيسر پيرومل مهرچند جو همڪار ٿي، تن ڏينهن ڪراچي ڪاليج ۾ سنڌي ۾ پاڙهيندو هوس ۽ انهن مضمونن جي مدد ونندو هوس.

1941ع ۾ 'پيرومل مهرچند' جي "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" پڌري ٿي، جو هن ڏس ۾ پهريون ٿي اٽاهه آزمودي، اپياس ۽ کوجنا وارو رسالو هو، جنهن ۾ چٽيءَ طرح سمجهايل هو ته قديم زماني کان وٺي سنڌ جي تاريخ جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي، ۽ ٻوليءَ جو اثر سنڌي ساهت تي ڪهڙو ٿيو آهي. پيرومل صاحب جي دعويٰ سورنهن آنا سچي هئي ته "هن ڪتاب ۾ ٽي تاريخون آهن: سنڌ جي تاريخ، ٻوليءَ جي تاريخ ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ." هيءَ عالم اونهو لسانيات جو ماهر هو ۽ هن رسالي ڪري سندس درجو، ٻوليءَ جي تاريخ جي لحاظ کان، اهڙوئي اوچو رهندو، جهڙو ميمڻ صاحب جو ادبي تاريخي جي لحاظ کان ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو تنقيد جي لحاظ کان.

1943ع ۾ ادبي تاريخ جو سنڌ ۾ نڪتل آخري رسالو 'جناب لطف الله بدويءَ' جو "تذڪره لطفي" (جلد پهريون) شايع ٿيو ، جنهن ۾ صرف سنڌ جي شاعريءَ جي مفصل تاريخ ڏنل هئي ۽ بيحد جاکوڙ ڪري، مڪيه خواهه معمولي، مسلم خواهه هندو، سنڌي شاعرن جو بيان ڏنل هو. هن ڪتاب ۾ تاريخي پس - منظر ڏيڻ جي نئين طريقي تي تمام زور ڏنل هو، پر تنهن هوندي به بيشمار شاعرن جي ڪلام جو جائزو ٺيڪ طرح ورتل هو ۽ سندن ڇڄ ڪلام انتخاب طور درج ڪيل هو. (1) پروفيسر بدويءَ کي فارسي آميز سنڌيءَ سان گڏوگڏ، هندي-سنڌيءَ تي به ڇگو عبور هو، جا هن صاحب هندو يا هنديءَ ۾ لکندڙ شاعرن جو بيان ڪندي فراخدليءَ سان ڪتب آندي هئي ۽ اهڙن هنڌن تي سياوي ٿي لڳي. مٿين ڪتاب مان ان جو هي حوالو ڏجي ٿو:

"روحل صوفي پنهنجي وقت جو وڏو صوفي بزرگ هو. هو جتي عربي ۽ پارسي ڄاڻندو هو، اتي هنديءَ جو به بيحد ڄاڻو هو. جوانيءَ ۾ هن جوڌپور جي پنڊتن سان بحث ۽ مباحثا ڪيا هٿا. اڄ به ماروائڙي هن جي درگاهه جا جهجهي انداز ۾ مريد آهن... هندي زبان ۾ سندس مشهور ڪتاب 'من پربوڌ'

(1) "تذڪره لطفي" جو جلد ٻيون ۽ ٽيون پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ 1953ع ۾ شايع ٿيا هٿا، جن ۾ سنڌي شعر ۽ شاعريءَ جي تاريخ، برٽش حڪومت ۾ مير حسن علي تالپر تائين آندل هٿا.

۽ 'پريم گيان' ۽ 'انيؤ' جي نالن سان آهن، جن ۾ ويدانت يا تصوف تي گهڻو لکيو ائس... هن هيٺ روحل فقير جي 'من پربوڌ' مان ٽکرو نموني طور ڏجي ٿو:

اٺ ڪيوتن رهاء
پريو جي مٺن شرن تمهاري آيا
من ۾ ممتا رهي نه ڪائي درد مٽيا سڪ پايا...

شايد سنڌ ۾ رهيل هڪ روحل صوفي ٿي ڪوي آهي جنهن شڌ هنديءَ ۾ طبيعت جو زور ڏيکاريو آهي. ڪوبه سنڌ جو شاعر سائس هنديءَ جي گهري واقفيت جو مقابلو ڪري نٿو سگهي... روحل جي ٻاڻيءَ کي پڙهي ميران ٻاڻي ۽ ڪبير جي ٻاڻين کي پڙهو. اهوئي ويدانت جو مزو، اهوئي پريم جو پرڪاش...! روحل هندي چند جي سيني قسمن: دوهي، چوپائي، جهولڻي، انتره ۽ خدا ٻاڻي ڪهڙين ڪهڙين طرزن تي طبع آزمائي ڪئي آهي... امڪان آهي ته ڪو وقت اڃي جو هنديءَ وارا هن انمول رتن جو ملهه سجاڻن ۽ هنديءَ ۾ ڇپائي وجهن."

اِتي ورهاڱي تائين "سنڌي نثر جي تاريخ" ختم ٿي ٿئي.